نڙجا بيت

سانوڻ ۽ سندس ساٿياري

لوڪ ادب سلسلي جو اوڻيهون ڪتاب

نــڙ جا بيت

سانوڻ ۽ سندس ساٿياري

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ.

سـنـڌي ادبـي بـورڊ
ڄامشورو، سنڌ

چاپو پهريون	آگسٽ ١٩٧٠ع	تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو	مارچ ١٩٩٥ع	تعداد ٻه هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق واسطا قائم]



ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه چڀيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ،ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

مهاڳ

سنڌ جي "لوڪ ادب" کي سميڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سنہ ١٩٥٥ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" جي سامهون رکي وئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سميڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ "لوڪ ادب" جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، ڀيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻہ سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سميڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون؛ مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو؛ ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو ڪشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪني. ان سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٿئين

سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻولي جي عام ادب جون اهي جملي جنسون جڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي "لوڪ ادب" جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيڪ اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ "لوڪ ادب" جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل "لوڪ ادب" کي بعينه، "فوڪ لور" (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن، يا "معياري ادب" جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي "لوڪ ادب" ۽ "معياري ادب" جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري سگهجي ٿي. ٻيو ته هن تجويز ذريعي "لوڪ ادب" جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي: ان سڄي کي سهيڙڻ ڄڻ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي هيڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه مواد گڏ ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد ته آئيندہ ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

لوڪ ادب تجويز جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ني مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته "سنڌي ادبي بورڊ" جي ميمبرن کي جن جڳائي جن هن تجويز کي سنه ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا

توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساٿن ڪچهري ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هيءُ ڪتاب "لوڪ ادب" سلسلي جو **اوڻيهون** ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد ڊسمبر ١٩٥٨ تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي ترتيب ڏيئي، جون ١٩٦٢ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ جنوري ١٩٦٣ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

ڪتاب جي ڇپائي ڪافي وقت ورتو، پر ان هوندي به هن کان گهٽو اڳ ان کي شايع ڪرڻ جو انتظام ڪيل هو، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب تجويز کي پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي وئي. ٢٥-اپريل ١٩٦٨ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب (تمغهء پاڪستان) جي سفارش تي سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايهء تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي.

جون ١٩٦٨ع کان ڪم شروع ڪيو ويو، پر چئن مهينن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. ١٨ جون ١٩٦٩ع تي بورڊ لوڪ ادب تجويز کي عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن کان خط پهتو ته دوباره ڪم شروع ڪيو وڃي. باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿيون ۽ جيڪي راقم کي پڻ "لوڪ ادب" جي خدمت ڪندي سَهڻيون پيون آهن، بنده هيءَ ڳرو بار ٿيون پيرو پنهنجن ضعيف ڪُلهن تي کنيو، انهيءَ لاءِ ته سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي پورو

ڪجي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد بچل هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسوده تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري ستاءِ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم
نبي بخش

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد
٢-جولاءِ ١٩٧٠ع

فهرست

١. سانوڻ خاصخيلي	٣-١٨٠
سسئي	١٢
مومل راڻو	٥٥
مارئي	٧٤
ليلان چنيسر	١٢١
سهڻي ميهار	١٢١
ليلي مجنون	١٢١
پورب	١٢٨
مورڙو	١٣٤
ساموندي	١٣٧
رامڪلي	١٤٨
سارنگ	١٥٩
ڪارايل	١٥٩
متفرقه	١٦٠
جمڙما سلطان	١٦٧
معجزو نبي صلعم جو، هرڻي وارو	١٧٤
٢. مولابخش خاصخيلي	١٨١-٢٢٨
سسئي	١٨٣
مارئي	١٩٦
رامڪلي	٢١٢
٣. محمود شيخ	٢٢٩-٢٦٧
سسئي	٢٣٠
مارئي	٢٣٢

سهڻي ٢٣٤
هير رانجهو ٢٤١
جمجما سلطان ٢٤٢
يوسف زليخا ٢٤٤
ليلي مجنون ٢٥٢
سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال ٢٦٤

٤. بچايو فقير رند ٢٦٨-٣٣٣

ساراهه ٢٧١
معجزو نبي صلعم جو، محسن اصحابيءَ وارو ٢٧٦
معجزو نبي صلعم جو، آڻ وارو ٢٧٨
معجزو نبي صلعم جو، هرٽيءَ وارو ٢٨٠
بادشاهه پير جي ساراهه ٢٨٣
معجزو بادشاهه پير جو ٢٨٤
حج تي وڃڻ جي سڪ ٢٨٨
مرشد جي ساراهه ٢٩٠
جمجما سلطان ٢٩٤
سسئي ٢٩٩
مومل راڻو ٣٠٩
مارئي ٣١٢
ڪيڏارو ٣٢٥
رامڪلي ٣٣١

٥. الهڏنو نوناري ٣٣٤-٣٥٠

ساراهه ٣٣٥
معجزو حضرت موسيٰ عليه السلام جو ٣٣٨
معجزو بادشاهه پير جو ٣٤٥

٦. جمعو پارچ ٣٥١-٣٨١

سارا ھ ٣٥١

معجزو بادشاھ پير جو ٣٥٣

سنڌ جي ولين ۽ درويشن جي سارا ھ ٣٦٠

مارئي ٣٦٤

جمجما سلطان ٣٧٠

ست سرو ٣٨٠

٧. مدد علي عرف مدو فقير نظاماڻي ٣٨٢-٤١٨

نصيحت ٣٨٢

سسئي ٣٩٠

مومل راڻو ٣٩١

مارئي ٤٠٢

گهاتو ٤١٠

آمر ليلا لسان ماتمنّيٰ O فلله الآخرة و الاولىٰ

مقدمو

'بيٽ' سنڌي شاعريءَ جي بنيادي صنف آهي، جنهن جي ابتدا ۽ ارتقاءَ، هيئت ۽ سٽاءَ تي هن سلسلي جي اهرئين، ۽ لوڪ ادب تجويز جي ارڙهين، ڪتاب جي مقدمي ۾ روشني وجهي آيا آهيون. هن جلد جو خاص موضوع آهي بيت آهن جيڪي اڪثر نڙ ۽ ڪاليءَ تي آلاپجن ٿا، ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي شاعري ۽ ادب ۾ 'لوڪ گيتن' جو درجو رکن ٿا. اهي بيت عموماً 'نڙ جا بيت' سڏجن ٿا، حالانڪ 'نڙ-بيتن جي ڪچهرين' ۾ انهن کي صرف 'بيت' (يا عرف عام ۾ 'بيٽ') سڏيو وڃي ٿو. اهي ڊگها بيت 'عام سنڌي شاعري' جو اڃ ۽ نادر اهونو آهن، جن ۾ عوام جي شاعرن ٻهنجي ٻهراڙيءَ جي عام فهم مگر شاهوڪار ٻوليءَ ۾ عوامي زندگيءَ جي هر پهلو کي گايو ۽ هر موضوع کي ورجايو آهي.

'نڙ جا بيت' اڪثر ڊگها سنڌي بيت آهن. 'بيت' جي تاريخي ارتقاءَ جي لحاظ سان، 'وصف ۽ بيان' جي تقاضا کي پوري ڪرڻ لاءِ 'ڊگهي بيت' جي ضرورت پئي؛ پر اها ضرورت پوري نه ٿي سگهي ها جيڪڏهن شاعرن جي زبان ۾ 'بيان جي قوت' ۽ ٻولي ۾ 'بيان جي وسعت' پئي همدوش نه ٿين ٿا. 'سنڌي شاعري' توڙي 'سنڌي ٻولي' جي ارتقاءَ جي لحاظ سان بارهين صدي هجري جي آخر ڌاري اها ضرورت پوري ٿيڻ لڳي: 'شاه لطف الله قادري' ۽ 'ميون شاه عنات جي ڪلام' ۾ اهڙيون ڀيرو سٽن ۽ انن ٻاڪ ڏهن سٽن وارا بيت اهودار ٿيا، ۽ اوه ديني عالمن جي منظوم سنڌي ڪاوشن ۾ 'ڊگهن بندن' جي استعمال سان ۽ شغلن ۾ مداحن ٻڙهڻ جي عام رواج سان، 'ڊگها سنڌي بيت' عام شاعريءَ جو جز بڻيا، ٻاڪ نڙ جي لئي تي آلاپجڻ لڳا

ڊگهي سنڌي بيت جو ارتقاء.

شيخ المشائخ شاه لطف الله قادري (١٠٢٠-١٠٩٠هـ) جو مقصد هو 'سلوڪ' يا 'طريقت' جا ڳوڙها مسئلا سمجهائڻ ۽ اها سمجهائڻي نئين بيتن ۾ ادا ٿي نٿي سگهي. شاه لطف الله سالڪن جي سلسلي ۾ تمثيل طور 'سامونڊ بن' ۽ 'جوڳين آدبسين' جو ذڪر آلدو، جنهن لاءِ قدري 'تفصيلي بيان' جي ضرورت هئي جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ 'بيتن' جي سٽن کي وڌائڻو پيو. شاه لطف الله، سنه ١٠٧٨هـ ۾ ڪتاب 'منهاج المعرفت' لکيو ۽ غالباً ان کان پوءِ سگهوئي پنهنجو 'سنڌي بيتن وارو رسالو' جوڙيائين. سندس ڪتاب 'منهاج المعرفت' ۽ سندس 'رسالي' ۾ پهريون ڀيرو اسان کي ٻه بيت ڇهن سٽن وارا (١) ۽ ٻي بيت سٽن سٽن وارا (٢) مان ٿا. مثلاً:

نڪا صورت سرير جي، نڪو قيلُ نه قال
سي وجودان وهي وِنا، جن ڏٺو ٻيريَ جمال
تيهي ظرافت ذات جي، تهو حسن ڪمال
تيهي تجلي تام سڄڻين، تهو ضوءِ زوال
تيهي لطافت لطيف سو، تهو خوبيءَ خال
تيهو ذوق زينت ٻيريَ جي، تهو خاص خيال
سڀ سيوئي حال، ٻيهي ڪن ٻروڙئو.

مقصد هو 'حقيقي حسن ۽ جمال' جهڙي ڳوڙهي ڳالهه جي سمجهائڻي ڏيڻ، جنهن لاءِ مختلف اصطلاحن ۽ تشبيهن جي ضرورت ٿي، ۽ انهيءَ تفصيل کي هن سٽن سٽن واري بيت ۾ سموهيو ويو. اهڙيءَ طرح 'سالڪن' جي سلسلي ۾ تمثيل طور جوڳين ۽ فقيرن جي ڳڙهين ساڳن جي ٻارن ٻنن ڏيڻ لاءِ شاه لطف الله کي لازمي طور 'بيت' جي سٽن جي سلسلي کي ڊگهو ڪرڻو پيو، جيئن ته:

---

(١) ڏسو 'سنڌي رسالو ۽ منهاج المعرفت مان بيت'، مطبوع سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، ١٣٧٨/١٩٦٨ع، ص ص ٦٤ ۽ ١٠٢.
(٢) ايضاً، ص ص ٣٦، ٩٢ ۽ ١٠١-١٠٢.

ڪي هلنا 'هرمج' ڏوله، ڪي 'پرتڪال' پرڻ
ڪنيي ڪوڏ 'ڪنيات' جو، ڪي مٿي گنگا گجن
ڪي وهيٽا 'ونڪوٽ' ڏونه، ڪي 'لنڪا' سير لمڻ
ڪي 'گوٽي' گنگا ڌري، ڪي 'ڪواس' وجن
ڪنيي 'اڏمر' ڪاپڙ پين، ڪي بازارين وهن
ڪن ڌارڻا ڏنڌ ڪيرا، ڪي واسيلين وِنڊرن
آءٌ گهورنو سٽان تن، جي ٻهي وِڻا ٻاڻ ٻه.

اڻڙيءَ طرح يارهين صدي هجري جي آخر ڌاري هڪ طرف صوفي سالڪن، درويشن ۽ عالمن، توحيد ۽ طريقت، اخلاق ۽ شريعت جي بنيادي اصولن ۽ باين کي 'بيتن' ۾ ٻڌي وهڪايو ورجايو، تہ ٻئي طرف قديم روايت موجب عوامي شاعرن (مڱڻهارن، ڀالن، چارڻن، سگهڙن) عام قصن ۽ ڪهاڻين، جنگين ۽ واقعن کي 'ڳاهن' ۾ ٻڌي ڳايو. ميون شاه عنات (١٠٣٠/١٠٣٥ - ١١٢٠/١١٢٥ هـ) ٻهريون سالڪ شاعر هو جنهن ٻنهنجن بيتن ۾ انهن ٻنهي روايتن کي ڪٺيو ۽ ملايو، ۽ سلوڪ جي نڪتن بيان ڪرڻ لاءِ عام قصن ڪهاڻين کي قالب بنايو(١).

سنڌ جي مشهور داستانن ۽ سلوڪ ۽ طريقت جي عنوانن هيٺ ميون شاه عنات جي چيل بيتن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙا 'بياني' جن ۾ قصي يا داستان واري ڳالهہ جو بيان آهي، ۽ ٻيا 'سلوڪي ۽ پيغامي' جن ۾ راه طريقت ۽ اخلاقي قدرن بابت سمجهائي ڏنل آهي. ميون شاه عنات سنڌي لغت جي وسعت کان ڪم ورتو ۽ 'وصف ۽ بيان' جي رواني سان بيتن جي ڊيگهہ ۾ اضافو ڪيو. ميون شاه عنات جي ڪلام ۾ ڇهن ۽ ستن ستن وارن بيتن کان سوا چار بيت اٺن ستن وارا(٢) ۽ هڪ بيت ڏهن ستن وارو ملي ٿو(٣)، جي

---

(١) ڏسو "ميون شاه عنات جو ڪلام" (مطبوع سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٣ع) مقدمو ص ٨٠.

(٢) ايضاً، ص ص ٥٢-٥٣، ٩٢-١٩٣ ۽ ١٩٤.

(٣) ايضاً، ص ٢٢٢.

اڳين مڙني شاعرن جي بيتن کان ڏيکهه ۾ سوايا آهن. مثال خاطر هيٺيان ٻه بيت توجهه طلب آهن:

کيهه، ڪوڙي، ڍهه مڪئي، جت ڳاڳيون ڳم ڳنڍيرَ
پيريو، پُرتَ، پچئي، سيڙهن سنجهه سليرَ
هُلرو، لَلرو، لَنب، لاٽي، هنجن واچوٽو وِهر
ڍهيي، ڍامڻ، ڍَڪٽي، ڪانئو، ڪِرٽو، ڪَرهر
سڻ، سيارچ، ساڏوهيون، ساريان سنجهه سريرَ
تن کي واحد سيهه ٿَن وسائيا، ٿاهَرِ ٿا ٿر ڌِيرَ
سيڌ چئي، سائيهه جي کهر، ڪئيرين ڪيرَ
ثابت رکي سيرَ، هرچي اوه هندوار سين.

—

سوداگر سمونڊ جا لاجو لال وَٽيج.
اچا اولا عاج جا، چڳا چٽائيج.
سڙهه سيئي سقلات جا کوها خوب کٽيج.
سٽ سکاڻ سر ڪري، ڇهه ڇڇهريون آڏيج.
هارهن، تيرهن، ٻڌرهن، سترهن سينگاريج.
ساري سُٽ، سيد چئي، هوري ٻُجائيج.
ملاح معلم خبرون، ٻچي هروڙيج.
"وسڻهم رهم شراباً طهوراً"، ٻاڻي ٻاڪ ٻڌيج.
جنهن کي سکي سيڪو، هرين سو ٻسيج.
لڙ ۾ ڪين لڏيج، ته سُٽڙ سامونڊي ٿين.

حضرت شاه عبدالطيف جي رسالي ۾ ڇهن سٽن وارا بيت عام ملن ٿا، سٽن سٽن وارا بيت اڌ درجن کن موجود آهن، هڪ بيت اٺن سٽن وارو(١) ۽ ٻه بارهن سٽن وارا آهن جي هيٺ ڏجن ٿا، جن مان هڪ ۾ الله لوڪ درويشن جون صفتون بيان ڪيل آهن. ته ٻئي ۾ سارنگ جي

(١) "حڪم ٿيو ٻادل کي، سارنگ سات ڪجن ـ الخ" (سر سارنگ)

سُاڪاڻ سڪ وسڻ جا اهڃاڻ ڏنل آهن؛ اهي ٻئي ڏکيا بيت وصف ۽ بيان جي ضرورت ٻوري ڪرڻ خاطر سٽيل آهن؛

مولا طُور سيني، سندا سناسين،
سجدي ۾، سيد چئي، ڪوڏا ڪوڙين،
'الله ولي الذين آمنوا يخرجهم من الظلمات
إلى النور' اهڙي ٻر ٻرن
'خرّ موسى صعقا'، جوڪي جُنگ جلن
'ما زاغ البصر و ما طغى'، اهڙي رَوِش رَوَن
'كُلُّ مَنْ عليها فان' ٻاقي ڪين ٻچن
'فكان قاب قوسين أو أدنى'، ٿا ناڪا ايئن نمن
مشاهدو محبوب جو، آني اديسين
'بي يُبْصِر و بي يَسْمَع'، ٻي وصال وهن
'بي يَمْشِي بي يَنْطِق'، اهڙي چال چلن
سيد چئي سندين، ڪلّ ٻُجين تون ڪهڙي!

—

سوني مالدائن جي، واري ڪيائين وار
وجون وسڻ آئيون، چڪي پَٽ چوڌار
ڪي آئيون استنبول تي، ڪي مڻيون مغرب ٻار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقند سار
ڪي رَمي وهيون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قندار
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي ڪُڙن مٿي گرنار
ڪن جنبي جيسلمير ڪان ڏنا ٻيڪالير ٻڪار
ڪنهين پُڄ پيچائيو، ڪي ڍٽ مٿي ڪن ڍار
ڪن اچي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار
سائين! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

ميين شاه عنات واري دؤر ۾، اندازاً بارهين صدي هجري جي بالڪل پڇاڙي ۽ ٻارهين صدي جي شروع ڌاري، هڪ اهم علمي ۽ درسي تحريڪ شروع ٿي، جنهن جي زير اثر 'بيت' جي منظوم مصراعن ۾ ويتر وڌيڪ اضافو ٿيو. سنڌ جي عالمن فاضلن، علمي ۽ فقهي مسئلن کي آسانيءَ سان سکڻ ۽ سيکارڻ خاطر پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ منظور ڪري 'درسي ادب' جو بنياد وڌو. انهيءَ لئين علمي تحريڪ جي بنياد جو سهرو ٿئي جي روشن دماغ عالم ابوالحسن بن عبدالعزيز جي سر ٿي آهي.

ٿي سگهي ٿو ته اهو سلسلو اڳ شروع ٿيو هجي، مگر نماز جي مسئلن بابت علامه ابوالحسن جو ڪتاب 'مقدمة الصلواة' سنڌي زبان ۾ ٻهرئين قسم جي تصنيف هو، جو 'درسي ڪتاب' طور اڙهايو ويو، ۽ انهيءَ ڪري ئي 'ابوالحسن جي سنڌي' جي لالي سان مشهور ٿيو. هيءُ ڪتاب جيڪو علامه ابوالحسن غالباً ٻارهين صدي هجري جي بالڪل شروع ۾ تصنيف ڪيو(١)، سنڌي علم ادب ۽ تعليم جي تاريخ ۾ هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. نماز بابت فقهي مسائل ۾ هيءُ 'رسالو' هڪ مختصر مگر جامع ۽ اعليٰ علمي ڀاڱي جو آهي؛ سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي شروعات ئي هن ڪتاب سان ٿي، ۽ سنڌي نظم جي تاريخ ۾ اڻ هي منظوم سنڌي ڪتاب هڪ خاص اهميت رکي ٿو. علامه ابوالحسن پنهنجي نظم جي شروعات 'ن' جي قافيي سان ڪئي، ۽ قافين جي مٿ ست سان هن پنهنجي نظم ۾ تنوع ۽ شاعرانه رنگ پيدا ڪيو. هيئت جي لحاظ سان، علامه ابوالحسن هن 'منظوم سنڌي' ۾، ڪانئس اڳ واري روايت موجب، 'دوهي' مثل ٻن هم قافيي مصراعن وارا بند توڙي لنڊا بيت استعمال ڪيا؛ سندس ڪتاب جو وڏو حصو ٻن مصراعن وارن بندن تي ئي مشتمل آهي. مگر مسئلن جي 'بيان ۽ سمجهائي' جي تقاضا کي پوري ڪرڻ لاءِ علامه ابوالحسن مصراعن جي عدد کي

---

(١) بنده راقم وٽ سنه ١١١٥هـ جو لکيل قلمي نسخو موجود آهي

رڌائي سنڌي نظم ۾ 'ڊگهي بند' جو ٻاڻو وڌو. هيٺين بند ۾ مصراعن جو عدد چئن - پنجن کان وڌي ڏهن مصرعن تي پهچي ٿو.

ٻُنو ٻَهرو ٻابُ اڻي، جو وضوءَ غسل جو
هاڻي ٻڙهه نماز جو ٻهڪن! ٻاب ٻُنو
تہ ليُ نورَ نمازَ جي اندر سَهائو
تيهن سَهائي راهہ لهن سين ٻريان لوءَ
جَنهي نيهُن نمازَ سين هنيان هيجُ ٿُنو
مُنهن تَن جو مولو ڪندو چوڏهين چندر جهو
ڪرنو نيهن نماز سين ڪاهلَ ڪيم ٿيو
طالب ۾ توفيق سين آيائي آهيو
پوري ڪندو ٻاتشاهہ آسون مَ لاهيو
شال ڇُٽندا مومن ميڙئي، ڪلمون جَن چيو.

هيٺين بند ۾، جنهن جو ٽافيو ٻہ قدري انوکو آهي، سڄيون ساريون چوويهہ مصراعون آهن:

مَٽي مُونن هٽڙا نيٺي نرتا ڏيج
ڪري ڪُشاديون آگريون مَحڪُمُ پَرِ ٻَڇيج
ٻر آگريون عوراتن ڪي تيئن مَ آپنائيج
رکن مَرُ لَڳ ڪري، ساري سيکاريج
ٻانهون ساري ٻُني سي، مونا مَ موڙيج
ٻورو مَٽو ٻُٽ سين، جوڙا جوڙ ڪريج
مَ آچو جهاڄُ آٽ جيئن، مَ رِڍَ جيئن لاڙيج
جيئن رَڪيئو ٻاڻي نہ رڙهي، اِن ٻر ٻُٽ جهليج
پَر ٻُٽهون عوراتن ڪي اُئين مَ آڏائيج
مَرُ نائين ٿورڙو، ساري سمجهائيج
ترُي پيرا تسبيح ڪي ڪُجهو ۾ ڳٽيج
پنجون ٻُٽيون پيرن جون، نظرُ نيهاريج

تان ۾ ٻي ڳيرا تن جا ريڙهي ٻئي لائيج
اي ٻئن آهي اڳري، سنت سا جائيج
ساڻ صحيح قول ڪتاب ۾، هين ٻئي ٻروڙيج
جيئن لائن ڳيرا ٻان ۾، ڪراهت سمجهيج
سي ٻئي حال رڪوع جي سورا ۾ جوڙيج
چئين آگرين جو ناصلو ٻنهي وچ رکيج
'قيام' ۽ 'سجدي' ۾ ٻن ٻهي ٻئي ٻاريج
ڇون اکيون ٻڌرهون، سڌيئن ڏوم ڪريج
ٻئي ڏوماڻ ٿي سجود ڏانهن سڌين ٻني وڃيج (١)
ستان رڪوع ٻئو ٿهي، لائي ٻٽ ۾ نيج
جيڪين ذڪر جيئهين، سو تيئهين ٻڌائيج
هيڪڙي جو هنڌ ٻي، نيئي ۾ رسائيج

علامه ابوالحسن جي منظوم سنڌي ڪتاب 'مقدمة الصلواة' بعد ٻين عالمن ٻڌ علمي، تاريخي، فقهي موضوعن ٻاڻ ٻنهنجا ڪتاب سنڌي ۾ منظوم ڪيا ۽ انهن ۾ 'ڊگهن ٻندن' عام طور استعمال ڪيا. 'مخدوم ضياءالدين جي سنڌي' ۽ مخدوم محمد هاشم جي متعدد تصنيفن هن 'منظوم سنڌي' صنف کي عام مروج ڪيو ۽ مختلف قافين جي استعمال سان ان ۾ قدري شاعرانه رنگ پيدا ڪيو. ڪانئن ٻوه ڪيترن ئي مصنفن 'منظوم سنڌي' صنف ۾ ڪتاب لکيا؛ جن کي 'قافيي' تي الٽ ڪيت دسترس هئي تن 'الف اشباع' جي آسان قافيي جي استعمال سان مختلف موضوعن ٻا عنوانن تي ٻنهنجون ٻوريون تصنيفون منظوم ڪيون. ڪنج جي عالم مولانا عبدالله ۽ ٻين بزرگن جيڪي ڪتاب تصنيف ڪيا، سي سڀ هن صنف جي 'ڊگهن ٻندن' ۾ چيل آهن. ٻالاخر هن 'منظوم سنڌي' صنف جو ڪمال مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي منظومات ۾ نظر اچي ٿو جن جي مجموعي کي "سنڌي

---

(١) ڏوماڻ ٿي = "قيام" بعد.

آساس الفرائض" يا عرف عام ۾ 'گرهوڙي صاحب جي سنڌي' سڏيو ويو. ڪم ازڪم ڏهن مختلف موضوعن ۽ عنوانن (١) ڪي گرهوڙي صاحب هن 'منظوم سنڌي' صنف ۾ ورجايو. 'حقيقت محمدي' بابت سندس نظم 'الف اشباع' جي قافيي تي هڪ 'ڊگهي بند' جي صورت ۾ رچيل آهي جنهن ۾ ٢٧٦ سٽون آهن؛ 'بسم الله' ۽ سورة فاتحه' بابت سندس 'منظوم بند' 'ن' جي قافيي تي چيل آهي جنهن ۾ ٤٦٧ سٽون آهن؛ 'ڪلمه طيبه' جي سمجهائڻي بابت 'واو' جي قافيي تي چيل بند ۾ ٨١ سٽون سمايل آهن (١).

جدا جدا قافين تي گرهوڙي صاحب جا چيل 'منظوم بند' نه صرف ڊيگهه ۽ وڌايا پر شاعرانه خوبين سان ٻڌ مالا مال ٿيا. 'حقيقت محمدي' وارو موضوع خصوصاً 'مداح' طور مخصوص لئي ۾ آلاپجڻ لڳو ۽ مولودن جي شغل جو جُز بڻيو. اهي ڊگها منظوم بند ۽ شُغان ۾ انهن جو مداح طور لئي سان پڙهجڻ جو رواج، اڳتي هلي ڊگهن سنڌي بيتن ۽ ڪچهرين ۾ انهن جي سُرسان آلاپجڻ جي رواج لاءِ پيش خيمو بڻيا.

سيد عبدالرحيم گرهوڙي سنه ١١٩٧هـ/١٧٧٨ع ۾ وفات ڪئي. لسبيلي جو شاعر شيخ حمر سندس همعصر هو، جنهن جا چيل بيت ڊيگهه ۾ ارڙهن سٽن تائين پهتا، ۽ اڻ مارڪن ۾ آلاپجڻ لڳا. مثلاً:

سن ملاقات سپرين، آهن محب منهينجي سن
راتو ڏينهان روح ۾ ٿا اچيو گهٽ گهڙن
اهل انوءِ ٻار جي، ڇڏيا تان لا چَن
سونهن سيڄائين اڳري، آهي ويتر ڪان وڃن
اهڙو آب اکين ۾ جنهور جيئن جهرڪن
جَر ٿَر ڏِيا جهيا، ڪاجا ٻيانِ ڪن

(١) ڏسو ڪلام گرهوڙي يعني "سنڌي مرحوم مغفور شهيد عبدالرحيم گرهوڙي جي"، مولف شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤد پوٽو، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي، ١٣٧٦هـ/١٩٥٦ع.

صورت پريا سپرين تا سنهن جهليو مرڪن
موتي ڪولہ مست ٿيو سندي ڏِٺ ڏنڊن
ڀير ٻتائين اڳرا جيئن تجلو ڪيو تارن
عجب جهڙيون اڳريون ٿو ٿيمي نور ننهن
سرهو ڳالهاءُ سڄڻين تا ڪٿوريءَ ڪيلن
تن کي ٻريون ٻسڻ آئيون، ٿيون وَءِ ٻيو واجهن
حورون حيرت ۾ ٻيون ٻسي سونهن سنڌن
عجب انهيءَ ڳالهہ جو ڪيو مجرو ملوڪن
عبوسان ٿي اڳرو آهي ڀنيو ڀير ڀرن
سنهي ليڪ سيمني تان ٿي سونهي سپرين
ڏريو لَڪ نراڙ ۾ تا چٽونءَ چهنب چون
جا ٻيشاني پرين، تنهن ٻيو مڙوئي مات ڪيو.

شيخ حمر ڪان ٻوءِ سندس ٻٽ شيخ ابراهيم (اندازاً ١١٧٠-١٢٤٠ھ) وڏو شاعر ٿيو، جنهن جو همعصر سنڌ جو مشهور شاعر سيد ڪبير شاهہ هو، جنهن بہ ٻوءِ وڃي لسبيلي کي وسايو. شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جا بيت ڏيکهہ ۾ ويهن سٽن ڪان ويندي چوويهن ٻاڪ چونيهن سٽن تائين وڌيا (١)، ۽ ٻڻ ڪچهرين ۾ سر سان آلاپجڻ لڳا. لس، ملير ۽ ساڪري طرف ١٩٥٠ع-١٩٦٥ع واري عرصي ۾ ڪچهريون ڪندي، شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جا 'ساڪي بيت' (٢) ملوڪن ڪان اسان ٻاڻ ٻڌا. شيخ ابراهيم جي ٻيٽ ۾ ڪبير شاهہ جا بيت سنڌ طرف گهڻو مشهور ٿيا ۽ لاڙ توڙي ناري طرف (٣) لڙ جي لئي تي آلاپجڻ

---

(١) ڏسو بندہ راقم جو مرتب ڪيل ڪتاب 'ٻيلاين جا ٻول' ٻيو ڇاپو، ص ص ٩٣-١٠٢ ۽ ٻڻ ص ص ٢٥٦، ٢٦٨، ٣٢٠، ٣٤٠، ٣٥٢، ٣٥٥، ٣٦٠ ۽ ٣٦١. ڪبير شاهہ جو هڪ بيت ٽيهن سٽن (ص ص ٩٤-٩٥) ۽ ٻيو چونيهن سٽن (ص ٣٦٠) جو آهي؛ شيخ ابراهيم جو ڏکهي ۾ ڏکهو بيت چوويهن سٽن جو آهي (ص ٩٣)

(٢) بيت آلاپڻ جي هڪ خاص لئي جا لسبيلي ۽ ڪوهستان طرف مقبول آهي (ڏسو هيٺ، مقدمو).

(٣) 'لاڙ' ۾ ٺٽو ۽ حيدرآباد ضلعو، ۽ 'ناري' ۾ ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ ضلعا انهن ضلعن ڪان سوا نوابشاهہ ۽ دادو ضلعي جي ڏاکڻين پاڳن ۾ ٻڻ 'ناري' جي لئي تي آلاپجڻ لڳا

لڳا ۽ اسان ٻاڻ ملوڪن کان ٻڌا. خاص ڪري ڪبير شاه جو هيٺيون بيت اسان سنڌ ۾ 'نڙ بيتن' جي اڪثر ڪچهرين ۾ پڙهي ٻڌو آهي ته:

ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي، آءٌ چاڙهه مڙيئي چڙهنديءَ
منهنجو ٻول ٻروچ سان، آءٌ ٻيرن ٻنڌ ڪنديءَ
ٻيرن ٻنڌ ڦٽو ڪيو، آءٌ ٽنگن سان ترنديءَ
ٽنگن ترڻ ڇڏيو، آءٌ گوڏن ڀر گهنديءَ
گوڏن گهڻ ڇڏيو، آءٌ چيلهه ڀر چڙنديءَ
چيلهه چڙڻ ڇڏيو، آءٌ سيني ڀر سڙنديءَ
سيني سڙڻ ڇڏيو، آءٌ ٻانهن سان ٻرنديءَ
ٻانهن ٻرڻ ڇڏيو، آءٌ هٿن سان هلنديءَ
هٿن هلڻ ڇڏيو، آءٌ سيسيءَ ڀر سرنديءَ
سيسيءَ سرڻ ڇڏيو، آءٌ چونيءَ ڀر چرنديءَ
چونيءَ چڙڻ ڇڏيو، آءٌ اکين سان ايندياس
بيمانت جي ٻر ۾ ٻاس نه ٻاسيندياس
ٻڪين ۾ ٻڪي ٿي، واهڻ ووڙيندياس
ميرن ۾ ميرون ٿي، سر به سوجهيندياس
ماڻهن ۾ ماڻهو ٿي، گهرگهر ڳولينديءَ
اها سُنڌ سجاز جي ويهي نه وجائينديءَ
ڪيچين لاءِ 'ڪبير شاه' چئي، ولدر ووڙيندياس
پوءِ چوڻ اهو چولدياس، ته آهيان ڪهوري ڪهوت ٻنهل جي(١).

مطلب ته ڪبير شاه جا بيت سنڌ ۾ انتهائي مقبول ٿيا ۽ سنڌ جي ڪن نالي وارن شاعرن سان سندس تتبع ڪيو، جن ۾ خاص طرح مريد پالاري ۽ سانوڻ جي بيتن ۾ اسان کي ڪبير شاه وارو رنگ نظر اچي ٿو. ڪبير شاه ۽ سانوڻ جي بيتن جي مطالعي سان هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته سانوڻ جو حقيقي اُستاد ڪبير شاه ئي آهي.

---

(١) انهيءَ بيت کان سوا ڪبير شاه جا ٻيا بيت ٻڌ سنڌ ۾ مشهور ٿيا هيٺيون بيت ٻڌ اسان ڪيترين ئي ڪچهرين ۾ ٻڌو ته:

'ٻاري ٻلوچن جون هيون اوڙهن ويهون انن' ـ الخ.

هن سڄي بيت لاءِ ڏسو 'ٻيلاين جا ٻول' (ٻيو ڇاپو، ص ١٥٧).

لسبيلي جي شاعر شيخ ابراهيم بيت چيو تہ:

محبت سائي ڪين قطر ٿئي، جا لئون لماڻ لائي هئي(١)

الهيءَ بيت جي پران ڪبير شاه بيت چيو تہ:

آڳ اندر جي ڪين آجهامي، ٻاروچل جا ٻاري هئي(١)

ڪبير شاه جو هيءُ بيت مشهور ٿي وڃي ۽ سنڌ ۾ 'لڙ بيتن' جي ڪچهرين ۾ هليو. سائوڻ هن بيت کان متاثر ٿي بيت چيو تہ:

آڳ اندر جي ڪيئن آجهامي جا باهہ ٻاروچل ٻاري هئي
ڪهل ڪوهيا ريل ڪانہ ٻيئي شت ڏوهڻ ڏي جا ڏاري هئي
ڪڏ سُٽي هئي جوڙ جانب سين اولين ڪين آڻياري هئي
ننڊ لياڳي ليو نهوڙي چانسگن تي نہ تہ چاري هئي
اڏيءَ رات آئسي ويسا، آسور ۽ اونڌاري هئي
ڏوهڻ اٿي ڏوڙ سٿي ۾ وسائي ات واري هئي
لينهڙو لاسو اکيون اڙاسو چپر ۾ جا چاري هئي
حال محرم هوت سٿي جو سائي ڳالهہ سنڀاري هئي
ننڊي هوندي لينهن لڳو ٻار ٻنهون سان ٻاري هئي
چپر ۾ آءٿ چولون ٿيس ڪا لڪئي جي لاچاري هئي
سرهي ڪريوها، سائوڻ چئي، نہ هي خان اوهان سان ڪاري هئي
ٻير ٻيادي ٻنڌ گهٽو ٻيو منزل جما هي ماري هئي
جبل سان سان جاڙون ڪيون ذات زوراور زاري هئي
سڪ ٻئي سون سڳ ڪيو لہ تہ اولين جا اختياري هئي
ٻنهل ڳالهہ ٻاري هئي، ٻر ڏيرن منهنجو ڏک رهي وڃو.

انهن بيتن جي مطالعي سان ظاهر آهي تہ سائوڻ جو حقيقي آستاد ڪبير شاه آهي.

سائوڻ ۽ سندس سانڀاري

مٿئين مختصر جائزي ۾ اسان 'ڊڪهي سنڌي بيت جي ارتقاء' جي سلسلي تي آڳاٽي دور کان وٺي سائوڻ تائين، مختصر طور روشني

(١) ايضاً ص ص ٩٣-٩٥.

وڏي آهي. سانوڻ ۽ سنڌس سائيارين ڊگهي بيت جي صنف کي نباهيو ۽ واه جو نباهيو. سنڌ ۾ سانوڻ جي اسلوب بيان جو گهڻن شاعرن تي اثر ٿيو. صديق خاصخيلي (١)، توڏو فقير سري (٢) ۽ ٻيا سنڌس ٻالڪا هئا. مولابخش خاصخيلي سؤ فيصدي ڪانئس متاثر ٿيو ۽ سنڌس شاگرد ي قبول ڪيائين. ٻچائي فقير رند تي به قدري سانوڻ جو اثر ٿيو حالانڪ هو سانوڻ جو مدمقابل سائيياري ۽ ٻاڻ ٻنهنجي سر نامور شاعر هو. مدد علي عرف مدو فقير نظاماڻي ٻڻ سانوڻ ۽ ٻچائي فقير جي صحبت مان (گهڻو ٻوه) شاعر ٿيو. سانوڻ جي سائارين مان البت الله ڏني لوناري ۽ محمود شيخ ٻنهي ٻنهنجو ڪس ورتو: اڪثر قصا منظوم ڪيائون، جنهنڪري بيتن ۾ سنڌن 'اسلوب بيان' اثر واري سٽاءُ کي وڏيڪ ويجهو هو.

سانوڻ، مولابخش خاصخيلي، محمود شيخ، ٻچائي رند، الله ڏني لوناري جي بيتن کي هن جلد ۾ انهيءَ ڪري ٻيش ڪيو ويو آهي جو ١٩٢٠ع کان وٺي نڙ-بيت جي ڪچهرين ۾ سنڌن بيت گهڻو ڪري گڏوگڏ هليا، ۽ انهيءَ لحاظ سان 'نڙ جي بيتن' جا چڻ هو نمائندا شاعر هئا. انهن 'وڏن' شاعرن جي ٻيٽ ۾ جمعو ٻارچ ۽ مدو فقير نظاماڻي چڻ ٻئي درجي جا شاعر هئا. سنڌ اندر بيتن ۾ سانوڻ جا همعصر شاعر ٻيا به گهڻائي هئا، جن ۾ ٻاهڙ دل (ٻيروڙ جو)، غلام حسين مغل (سنڌڙي، تعلقي ڪپري جو)، طيب خاصخيلي (ٽنڊي غلام علي جي ٻاسي جو)، مريد ٻالاري (ڪوهستان جو)، گل محمد ڪوسو (ڪوسن جي ڪيٽي، تعلقي سجاول جو)، شادي ۽ شاد سان سري (تعلقي ڪپري جا)، مرزو نوحاڻي (ڊگهوي طرف جو)، منو چانڊيو (موري تعلقي جو) ۽ ٻيا مشهور هئا جن جا بيت سنڌن ٻنهنجي تڙ ۾، ۽ آسپاس هليا (٣)؛

---

(١) ڏسو متن ص ١٠

(٢) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو 'ارڙهون ڪتاب'، س ص ٣٨٩-٣٩٢.

(٣) انهن مان گهڻن جو مختصر احوال لوڪ ادب سلسلي جي ارڙهين ڪتاب (بيت) ۾ ڏنو ويو آهي.

مگر لڙ-بيتن جون اهي وڏيون ڪچهريون جن جو مرڪز ڀٽائي صاحب جو ميلو هو، تن ۾ سانوڻ ۽ سندس مٽي جاڻايل ساٿيارين جي ڀيٽ ۾ ٻين شاعرن جا بيت نسبتاً گهٽ هليا، ۽ الهيءَ ڪري مشهوريءَ جي لحاظ سان 'نڙ جي بيتن' ۾ سانوڻ ۽ سندس ساٿيارين کي ڄڻ مرڪزي حيثيت حاصل ٿي.

سانوڻ ۽ ٻين جي سوانح حيات .بابت جيڪي معلومات ملي سگهيا تن کي هر شاعر جي بيتن کان اڳ هن ڪتاب اندر قلمبند ڪيو وبو آهي. البت انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي وڌيڪ ڳالهه ۽ اهڃاڻ مليا آهن سي هيٺ ڏجن ٿا.

سانوڻ. هڪ روايت موجب سانوڻ جي ٻيءَ جو نالو ڪارو هو، جو تعلقي بدين ۾ 'ڪَيڊڻ' لڳ 'ٻَني' جو وڻل هو. ٻيءَ روايت موجب سانوڻ، جيئو، جلال ۽ سيڏو ٻاڻ ۾ چار ڀائر هئا. اوائلي دؤر ۾ سانوڻ تيرهن سال ڳوٺ مراد علي خان ٽالپور ۾ شاعر محمد خان ٽالپور وٽ وڻل هو. مرحوم ٻنگل فقير لغاري (وڻل لڳ ٽنڊي غلام حيدر، تعلقو ماتلي) اسان کي خاطري سان خبر ڏني ته: سانوڻ، ڳوٺ سعيد خان جمالي (تعلقي ماتلي) ۾ خود سعيد خان جي اوطاق تي وفات ڪئي. قاضي الله ورايي جي روايت موجب 'فتح باغ' (تعلقي ماتلي) ۾ وفات ڪيائين. وفات بعد سندس پنهنجي وصيت موجب سندس جنازو ڪٽي وڃي 'اوني وارن ڀيرن جي مقام' (ماتلي ۽ ٽنڊي غلام علي جي وچ ۾) ۾ دفنايائون، جتي سندس قبر موجود آهي. سندس وفات اندازاً سنه ١٩٣٥ع ڌاري واقع ٿي.

ٻنگل فقير لغاري خبر ڪئي ته: سانوڻ ڀڪو مڙس هو جو شاعر ٿيو: ڪي ڪي اڃا به هئس. چيائين ته، علي خان ڪورائي (وڻل ڪوراين جو ڳوٺ، شهر ٽنڊي باگي کان هڪ ميل اتر طرف)، عرس ٻاڻ (وڻل شهبازي نوتڪائي، تعلقو ماتلي) ۽ خيرو لغاري (وڻل آچاري جو، تعلقو ٽنڊو باگو) اڳ بيت ڏيندڙ هئا ۽ علي بخش جسڪاڻي سائن ڪاني وڃائيندو هو. سانوڻ جڏهن شاعر ٿيو ته انهيءَ ٻاريءَ سان

گڏ ٻنهنجا بيت ڏنائين. ٻوءِ علي خان ڪورائي ۽ ٻين سانوڻ جا بيت ڏنا. انهن مڙني ۾ علي خان کي سانوڻ جو گهڻو ڪُن ياد هو.

زندگيءَ جي ٻوئين دور ۾ سانوڻ سان موسو ٻٽ ڪلو خاصخيلي (ويڙل 'ڪنڊڙي'، تلهار ڪان ٻه ميل اوپر، نصير واهه جي ڪاري موري لڳ) ڪاني وڃائيندو هو. موسو ڪچهريءَ جي نڙ ۽ ڪاني جو ملوڪ هو. نڙي اهڙي تہ مٺي ۽ سُر ۾ هئس جو 'نڙ' جهلي ٻ نڙيءَ سان 'ڪُر' پورو ڪري ڇڏيندو هو.

سانوڻ جا بيت محض بياني لا آهن، مگر ٻيان سان ڪڏ اهي سندس ٻنهنجي سوز ۽ جذبي جي ترجماني آهن، ۽ انهيءَ ڪري ئي سامعين تي سانوڻ جي بيتن جو وڏو اثر ٿيو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌ ۾ اندازاً ١٩١٥ع کان وٺي ١٩٥٥ع واري دور جي نڙ-بيتن جي ڪچهرين ۾ سانوڻ ۽ سندس بيتن جي هنڌوماڳ هڪل ۽ هونگار هئي. سانوڻ پاڻ ٻنهنجا بيت وڏي سوز سان ڏنا. بيتائي ڏاڙهون جوڻيجي (ڳوٺ جعفرخان لغاري، تعلقو سنجهورو) چيو تہ: 'سانوڻ کي اندر ۾ آڳ هوندي هئي. ٻوهہ جو مهينو ۽ سخت سيارو هو جو بيت پئي ڏنائين؛ اسين هولڳاري وارا پئي ٽڙڪياسون، ۽ سانوڻ جي لوڻ لوڻ سان پئي پاڻي ڪيرپو.' سانوڻ جي ٻالڪي رمضان عرف توڏي فقير مري سان تاريخ ١١-آگسٽ ١٩٤٩ع تي اسان جي ڪچهري ٿي. چيائين تہ: سخت سيارو هو، ۽ منهنجي مڪان تي ڪچهري هئي. سانوڻ اهڙي تہ جوش سان بيت چيا جو ٻگهر پئي وڙهس؛ مون کي وري وري پئي چيائين تہ: 'ادا توڏا پاڻي وراءِ.' بيت ڏيئي پاڻي جا ڍڪ پري ٻيو چوي تہ: 'هاءِ ڙي هاءا'. توڏي فقير چيو تہ: 'سانوڻ، محمد فقير ڪنياڻ کي چيو تہ: 'سور توکان وڌ اٿم، ۽ چيرپون ڪونہ ٻڌم.'

سانوڻ جا بيت سنڌ ۾ ايترو تہ مقبول ٿيا جو هن وقت ٻہ وچولي ۽ لاڙ ۾ بيت ڏيندڙن سان ڪو ورلي اهڙو هوندو جنهن کي سانوڻ جو بيت ياد نہ هجي. مگر سانوڻ جا بيت جيترو وڌيڪ زبان زد عام ٿيا

او تروئي بيت ڏيندڙن جي پڙل ۽ وڏسر توڙي سندن ٻنهنجن اضافن سببان انهن ۾ گهٽ-وڌايون ٿيون. اسان کي سندس ڪي ٿورڙا اهڙا بيت مليا جي ان جدا بيت ڏيندڙ راوين هوبهو ساڳيءَ طرح ٻڌايا هجن؛ گهڻو ڪري سانوڻ جا اڪثر بيت جدا راوين وٽان جدا نموني ۾ (سٽن جي اڙهڻين ۽ ڦيرگهير، اڳ پوءِ، يا گهٽاوڌيءَ سان) مليا. هن ڪتاب لاءِ سانوڻ جي بيتن جو متن اسان ٽن مکيه راوين جي اڙهڻين مطابق قائم ڪيو آهي. ١. سانوڻ جي مکيه راوي علي خان ڪورائي جي روايت جا محترم محمد طالب لوهار، خود علي خان ڪورائيءَ کان قلمبند ڪري موڪليا؛ ٢. حسين فقير هڪوري جي روايت جا هن کي سانوڻ جي شاگرد شاعر مولابخش خاصخيلي کان ملي؛ ۽ ٣. لاڙ (ٺٽو و محمد خان) جي سگهڙ الله ورائي نظاماڻي جي روايت. اهي بيت جيڪي سگهڙ الله ورائي نظاماڻي کان مليا سي وڏيڪ ڏکها هئا، ٻيو جيئن ته الله ورايو نظاماڻي پاڻ سگهڙ شاعر آهي، الهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو ته بيتن ۾ ڪن سٽن جو هن پاڻ ٻنهنجي طرفان اضافو ڪيو هجي. بهرحال اسان ڪوشش ڪري، مختلف راوين کان سانوڻ جا گهڻي ۾ گهڻا بيت ڪڏ ڪيا آهن (١)، ۽ ان مختلف روايتن کي پيٽي حتي المقدور بيتن جو صحيح متن قائم ڪيو آهي.

مولابخش خاصخيلي. مولابخش جي سوانح سندس راوي حسين فقير هڪوري جي زباني لکي وئي آهي (٢). مولابخش، سانوڻ کان گهڻو متاثر ٿيو، ۽ سانوڻ وانگر مولابخش جا بيت ان سندس ذاتي جذبن ۽ احساسن جو آئينو آهن: هو قصو ڳائيندي ڳالهه ٻنهنجي ٻيو ڪري، بلڪ ٻئي ٻرائي سور ٻنهنجا ٻيو روئي. 'مارئي' جي بيتن ۾ مولابخش

---

(١) هن کان اڳ سانوڻ جا 'جمجما ساطان' بابت بيت، لوڪ ادب سلسلي جي چوٿيهين ڪتاب «مشهور سنڌي قصا ٧: ٻاهريان قصا ۽ عشقيه داستان» (ص ص ٥٥-٦٣) ۾، ۽ مورڙي بابت بيت لوڪ ادب سلسلي جي چوٿيهين ڪتاب «مورڙو ۽ مانگرمچ» (ص ص ٤٧-٥٠) ۾ ڇپجي چڪا آهن.

(٢) ڏسو ص ص ١٨١-١٨٣.

مارن جي رهڻي ڪهڻي جا سڀ سڳي سوڌا ٻار ڏنا آهن، ۽ سارنگ جي سر ۾ ملڪ جي مختلف ماڳن ۽ پاڳن ۾ مينهن جي ماڻڌائن، ۽ سانگين ۽ سنگهارن جي خالد بدوش زندگي جا ذري ٻرزي ٿاٿا ۽ اهڃاڻ ڏنا آهن. مولابخش جي ٻيتن ۾، هر سُر جي مضمون جو تفصيلي بيان ۽ ان سان گڏ سندس پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو سمان سماهل آهن.

محمود شيخ. محمود شيخ، ڳوٺ ڪرم خان لغاماڻي (تعلقو هالا) لڳ زندگيءَ جو گهڻو عرصو گذاريو. نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار هو. مڙس قد جو ننڍو هو، ۽ آواز گهڻو هوش، ۽ وڏا جا بيت ڏيندو هو. راضي فقير لاشاري مرحوم پنهنجي راءِ ڏيندي چيو ته: "سانوڻ سو سيني ۾ گهڻو هو، باقي ٻئي نمبر ۾ محمود شيخ ٻيتن جو وڏو شاعر هو". راضي فقير غالباً محمود شيخ جي سُر رامڪلي مان چيل هڪ بيت جون هيٺيون سٽون مثال طور اسان کي ٻڌايون ته:

هنگلاج هلڻ جا سامين ڪيا سعيا
جاما پنهنجي جان تي جن پاڪ ڪري پايا
لاهوتين لاهيا، آسانگا ارواح جا.

هن مقدمي لکڻ وقت البت اسان کي پنهنجي آڳاٽي قلمي يادداشت مان محمود شيخ جا هيٺيان بيت ملڻا جن سان ظاهر آهي ته فقير رامڪلي جو سُر واه جو گاهو.

١- هاليا ها هنگلاج ڏي پسڻ ٻار ٻرينون
محبت جون محمود چئي، ڪليون بهشت درينون
لهي وينون لاهوتين تان جي هيون پل پرينون
جيجان تن جوڳين جي ڪڙي ڳالهه ڪرينون
ٻئي ٽي شمع ٻرينون، اڪيون آدينين جونون.

٢- ڪڙا جوڳي جوڳ جا، ڪڙا جوڳين جُنگ
ڪڙا سامي سنرا، ڪڙا سامين سُنگ

نشا ٻيتالون نينهن جا، دارون ٻيٽون ڏنگ
محبت جي، محمود چئي، هنن روئي گهري رُنگ
لاهوتي سي لُنگ، ٻولائي ٻڌي وڃا.

محمود جو خاص ٻالڪو ۽ راوي جمعو شيدي (ويٽل ڳوٺ ٻاقر خان لطاماڻي تعلقو هالا) هو جو ڪچهرين ۾ خاص سندس بيت ڏيندو هو. راضي فقير چوي ٿو: جمعو شيدي خاص طرح 'پوري' ۽ 'سيف الملوڪ' جي سرن مان محمود شيخ جا بيت ڏيندو هو.

راضي فقير جي بيان مان معلوم ٿيو ٿو ته محمود شيخ 'سر پوري' مان ٻڌ بيت چيا، پر اسان کي اهي سر دست ملي نه سگهيا. جمجما سلطان، يوسف زليخا، ليلي مجنون، سيف الملوڪ ۽ مورڙي بابت محمود شيخ جا چيل بيت اسان آڳاٽو گڏ ڪيا، جي لوڪ ادب سلسلي جي 'چوٽيهين' (١) ۽ 'ڇٽيهين' (٢) ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ ٻين قصن ۽ داستانن بابت سندس چيل بيت ٻڌ ڏنا ويا آهن مگر باوجود الهيءَ جي محمود شيخ جا ڪيترائي بيت دستياب نه ٿي سگهيا آهن.

ڇاپو فقير رلد. ڇاڻي فقير جي حياتيءَ جو احوال اسان خود ڇاڻي فقير جي ٻنهنجي زباني سنه ١٩٥٢ع ۾ قلمبند ڪيو جو اندر ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي(٣). ٻه سال پوءِ سنه ١٩٥٤ع ۾ ٨٢ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. ڇاپو فقير ڪچهريءَ جو مور هو. سندس بيتن جو اسلوب بيان سادو سان ملندڙ جُلندڙ آهي. ڇاڻي فقير ٻنهنجا بيت ڇپايا هئا ۽ اهو اصل ڪتابڙو اسان کي ڏنائين ۽ ٻڌ ٻين بيتن جا اضافا

---

(١) "مشهور سنڌي قصا-٧: ٻاهريان قصا ۽ عشقيه داستان" (ص ص ٣٩، ٤٢، ٩١، ٩٩، ٣٨٧، ٤٩٩ ۽ ٦٥٩-٦٦١).

(٢) "مورڙو ۽ مانگرمچ" (ص ص ١٣٥-١٣٨).

(٣) ڏسو ص ص ٢٦٨-٢٧٠.

مشهور شاعر بچايو فقير رند بيت ڏيئي رهيو آهي.

١. بيتن جو شاعر عبدالرحيم فقير ڏاهري (سڄي طرف)
٢. بيتن جو شاعر لعل خان لغاري (کڻي طرف)

بيتائي حسين فقير هڳورو

بيتائي علي محمد بهراڻي (سال، تعلقو ٺٽو



بيتائي سجنو پاڙهو (ڏيپلو)

حسين فقير هڳورو بيت ڏيئي رهيو آهي، آدم ۽ سنگهو خاصخيلي نڙ وڄائي رهيا آهن

ڪيائين؛ انهيءَ ڪري ڀڳائي فقير جي ٻيٽن جو گهڻو ذخيرو هن ڪتاب ۾ شامل ٿي سگهيو آهي(١).

الله ڏنو نواري. سندس سوانح حيات، اندر ڪتاب ۾ سندس ٻيٽن کان اڳ ڏني وئي آهي(٢). هن ڪتاب لاءِ الله ڏني جا ٻيت اسان کي ٿورا ملي سگهيا آهن؛ سندس ٻيت گهڻا آهن جي ڪچهرين ۾ هان ٿا.

جمعو ڀارچ. راضي فقير مرحوم سنہ ١٩٥٠ع ۾ اسان سان ڪچهري ڪندي خبر ڪئي تہ: 'سندس نالو جمعو ٻٽ ڀارچ جو، ۽ ذات جو خاصخيلي هو. حيدرآباد کان ايرندي طرف جو وڻل هو، ۽ سنہ ١٩٤٧ع ۾ اسان ڏٺو هو. عمر جو ڪرڙاٽ هو. ٻيت ناهيائين تہ ٻنهنجي ٻيءَ ڀارچ جو نالو وڌائين. محبوب سبحاني جي ٻيڙي واري معجزي ٿي چڱا ٻيت چيائين. ٻاڻ ٻيت ڏيندو هو ۽ چڱا ڏيندو هو. ا. هـ:

هن ڪتاب لاءِ جمعي جا ٻيت اسان کي ٿورا ملي سگهيا، ۽ جيڪي مليا سي سندس راوي ٻچي ڪور کان سنہ ١٩٥٨ع ۾ ملڻا.

مدو فقير نظاماڻي. مدد علي عرف مدو فقير نظاماڻي سان اسان جون مهربور خاص ۽ ٻٽ شاهہ تي ڪچهريون ٿيون. مدو فقير ٻنهنجي ڀاڙيسري ڀڳائي فقير رند کان متاثر ٿي ٻيت چيا ڪچهرين ۾ اسان کي سانوڻ ٿوڙي ڀڳائي فقير جا ٻيت ٻڌايائين. اسان سندس وفات جو ڪونہ ٻڌو آهي، ۽ شايد حال حيات هجي. ٻٽ شاهہ تي مدو فقير ٻنهنجا ٻيت اسان کي ٻاڻ ٻڌايا، ۽ اسان سندس ٻنهنجي زباني قلمبند ڪيا. 'ناري جي آئل' بابت سندس ٻيت، لوڪ ادب سلسلي جي ڇٽيهين ڪتاب "سورڙو ۽ مانگرمچ" ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

---

(١) هن ڪان اڳ ڀڳائي فقير جا ڪن واقعن بابت ڇيل ٻيت لوڪ ادب سلسلي جي نائين ڪتاب "واقعاتي ٻيت" (ص ص ١٨٢ ۽ ٤٦١-٤٦٣) ۾، ۽ 'جمجما سلطان' بابت ڇيل ٻيت لوڪ ادب سلسلي جي چوٽيهين ڪتاب "مشهور سنڌي قصا ـ ٧: ڀاهريان قصا ۽ عشقيہ داستان" (ص ص ٤٣-٤٩) ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

(٢) ڏسو ص ٣٣٤.

انهن کان سواءِ ٻيا بيت جي اسان کانئس ٻڌا سي هن کتاب ۾ ڏنا وڃا آهن.

ٻيتن جي ڪچهري جو ساز نڙ

سنڌ ۾ ٻيتن جي ڪچهرين جو اڳاڻو ساز نڙ آهي، جيتوڻيڪ هن وقت ڪوهستان ۽ لسبيلي طرف سرندي جي لئي تي، ۽ ٿي ۽ حيدرآباد ضلعن جي ڏاکڻين پاڳن ۾ ٻينن جي وچت تي ٻڌ ٻڌ ڏين ٿا(١). تاريخي لحاظ سان، نڙ ترڪن ۽ ٻلوچن جو قديم قومي ساز آهي. اندازاً هڪ هزار ورهيه اڳ هيءُ ساز سنڌ جي ٻاڙيسري ملڪ ٻلوچستان ۾ ٻلوچ قبيلن جي مستقل طور رهائش سان عام رائج ٿيو، ۽ اتان کان سنڌ جي سر زمين ۾ داخل ٿيو ۽ سنڌي ثقافت جو جُز ٿيو. ٻلوچستان جي قديم ٻلوچ قبيلن، خصوصاً مَرين ۽ ڪڪٽين، جن آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي اترين سرحد سان لاڳيتو سڪونت اختيار ڪئي، تن جو عام مقبول ساز نڙ آهي جنهن کي هو 'ڪيرَوِ' سڏين ٿا. ترڪن جي قديم 'قبچاق' قبيلن جي ٻولي ۾ هن ساز جو نالو 'تُرَي' آهي. 'ڪيرو' ۽ 'تُري' ٻئي اصل ۾ هڪ آهن ۽ رڳو لهجي جو فرق آهي. سنڌ جي نڙ جي اصولي ۽ بنيادي وڃت جو نالو، جنهن کي 'ڪُرُ' چئجي ٿو، سو به غالباً 'تُرَي' ۽ 'ڪيرَو' جو لغوي يادگار آهي. انهيءَ لفظ سان سنڌ ۾ نڙ جي ساز جي قدامت ۽ ان جو ٻلوچن ۽ ترڪن جي نڙ سان تاريخي لاڳاپو ظاهر ٿئي ٿو. ڀٽائي صاحب ٻڌ 'نڙ' کي ٻلوچن جي همسايه قبيلن 'جتن' جو ساز ڪري سڏيو آهي: "جا وڃائن جتڙا نه تنهن نڙ جهڙي."

سنڌ جي عوامي روايت موجب نڙ سڪ ۽ سوز جو ساز آهي. چون ٿا ته بيبي زليخا، حضرت يوسف کي سڪ سان سارينڊي وڻو ڪندي هئي جو انهيءَ ٻانهيءَ سان 'ڪنگور' جو پوڙو ڦٽو جنهن سان

---

(١) لاڙ ۾ ٻينن جو رواج پوين ويهن سالن اندر پيو. جڏهانڪو نڙ وڃائيندڙ ٿورا ئي وڃا.

نڙ ٿيو. ٻيءَ روايت موجب، چون ٿا تہ جڏهن شمس تبريز جي ڪل لهرائي وئي تڏهن ماڻهن کان منهن موڙي جهنگ جي گوشي ۾ وهي نڙ وڃائين ۽ ان ۾ ٻنهنجي درد جون آهون ۽ دالهون ڀرائين. شمس تبريز تُرڪن جي 'تَجاق' قبيلي مان هو، ۽ مولانا رومي جو پير ۽ مرشد هو. ٽين روايت موجب، نڙ جي وڃت ۾ درد انهيءَ ڪري سمايل آهي جو 'ڪنگور' جي ٻوڙي مان هڪ سهڻي سائي شاخ کي وڍي ٻين سائي لامن کان ڌار ڪيائون؛ ٻوءِ ان جا سهڻا ساوا ٻن سويائون ۽ الدران ان جو ڳپ ڪيي ان کي ٻورو ڪيائون؛ ٻوءِ ان جي مٿان اڳڙيون وڙهي ان کي باهہ ۾ لوسائيائون ۽ ٻوءِ سيخ تپائي ان ۾ سوراخ ڪيائون. اهڙن ايذائن سببان نڙ جي ڪالي ٻنهنجي سائي شاخن ۽ ساون ٻنن کي ساريندي، ساهہ ۾ سڙندي لوسائيندي، درد ڀري آواز مان دالهون ڪيون. مولانا رومي 'مثنوي' ۾ چوي ٿو تہ:

بشنو از نئي چون حڪايت مي ڪند
از جدائيها شڪايت مي ڪند.

يعني تہ: "نڙ ڪان ٻڌو تہ ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪري؛ هو جدائي جي (درد جي) داڻهن ٿو ڪري؟" ٻئي صاحب تصديق ڪندي، ڪالهہ جي سائيي ٻوڙي مان وڍيل ڪانيءَ بابت چيو آهي تہ:

جئن ما ڪاني ڪانهہ، لوسيندي لاتيون ڪري
تئن اچي ٻئي اوچتي، درد ٻرهان جي داڻهہ.

۽ اڻ چيائين تہ:

'وڍيل ٿي واڻون ڪري، ڪنڊل ڪوڪاري
هن ٻَن ٻنهنجا ساريا، هي هنجهون هڏن لئي هاري.

نڙ جي لئي تي ٻيٽن کي انهيءَ ڪري آلاپيائون جو نڙ هڪ دردياو ساز آهي، ۽ نڙ جو آلاپ جڻ وچوڙي جو آواز آهي؛ ٻئي طرف 'ٻيت' ۾ عاشق-شاعر جي مجازي محبت جي درد ۽ فراق جي داڻهن آهي: جڏهن اها درد جي داڻهن، وڍيل جي واڻي سان گڏجي ٿي

تہ ٻئي درد ٻلا آواز ٻنهنجي ساڳي لئي ۾ فطري طور ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. ٻلوچستان ۾ مجازي 'داستان' (داستانڪ) نيڙيءَ جي ترانم سان نڙ تي ڳائجن ٿا، تہ سنڌ ۾ وري 'بيت' سُرٻلي ۽ درد ڀريي آواز سان نڙ جي لئي تي آلاپجن ٿا. سنڌ اندر 'نڙ-بيت' جي ڪڇهرين جي ميلاڻ ۽ مقبوليت جو راز محبت ۽ مجاز جي الهيءَ سوز ۽ درد واري سمان ۾ سماهل آهي.

نڙ-بيت جي ڪڇهري جي لئين ٻڌندڙ کي شروع ۾ سمجهه ۾ ئي ڪونہ ايندو تہ بيتن جي آلاپ ۽ نڙ جي لئي ۾ ڪهڙي مناسبت ۽ هڪجهڙائي آهي! آخر ڇو بيتن جي الهيءَ وڏي سڏ چوٽ آواز لاءِ نڙ جهڙو ڪهري وجت وارو ساز چونڊيو ويو. لئين ٻڌندڙ کي ائين معلوم ٿيندو تہ جڻ بيتن جو آواز الڳ آهي تہ نڙ جي وجت جو انداز جدا آهي، ۽ حقيقت ۾ اهي ٻئي لئي ۾ هڪ آهن. جيئن تہ ٻئي درد ۽ فراق جون دانهون آهن، الهيءَ ڪري ٻنهي جو هڪٻئي سان گهاڻو تعلق آهي، مثلا اهڙو ئي تعلق اٿن جهڙو سانوڻ جي گوڙ ۽ مينهن جو: نڙ جي وجت جڻ هلڪي هلڪي گوڙ آهي جا ٻنهنجي مسلسل ڌڌڪارن سان، بيتن واري ڪي آياري، دل ڳاري، سندس زبان سان بيتن جي آلاپ جا اهي تہ وڏ ڦڙا وسائي ٿي جو ٻڌلدڙن جون دلون ڀيجيو ويون؛ يا ائين ڪئي چئجي تہ انهن جو تعلق واءَ ۽ ٻاهه وارو آهي: نڙ جا سٺا سٺا ٻول وڃٽي جي هلڪي هلڪي واءَ وانگر، بيت-ڏيندڙ جي درد جي دونهين کي ٻيا دڪائيندا ۽ جهڙڪائيندا، تان جو بيتن جا پڌنيت پڙڪي ٻاهر نڪرندا. مطلب تہ ٻنهي جو لاڳاپو فراق ۽ سوز جي مناسبت وارو آهي: نڙ درد جاڳائي ٿو جو بيت ڏيندڙ جي دل ڀرجي ٿي ۽ زبان ٻي اختيار ٿي بيت چوي ٿي.

نڙ سان، نڙ وڄائيندڙ جي نيڙي ٻڌ شامل آهي. نيڙي، نڙ جي لئي کي سهڻو ڪري ٿي؛ ۽ الهيءَ ڪري نڙ جي لئي ڪوٻا خود انسان جي آواز جي لئي آهي، ۽ اها لئي، 'بيت ڏيندڙ' جي لئي سان

نهايت گهڻو ئي مناسبت رکي ٿي: قابل ٻيت ڏيندڙ، مٿين ميندين ۽ سُرڪن سان ٻنهنجو آواز نڙ جي لئي ۾ ٻوڙي، نڙ جي وچ سان ملي هڪ ٿي ويندا آهن.

ڏيکهه ۽ ڏول جي لحاظ سان 'نڙ' ٻن قسمن جو آهي، وڏو ۽ ننڍو: وڏو ڪانو جو اندازاً ٻن نوٽن کان ٽن نوٽن تائين ڏکهو ۽ ويڪري گهيري وارو ٿئي، تنهن کي عام اصطلاح ۾ 'نڙ' چئبو: اندازاً سوا نوٽ کان ٻوٽا ٻه نوٽ کن ڏکهي ۽ گهيري ۾ ننڍي کي 'ڪاني' يا 'نڙاڻي' چئبو. 'ناري جي نڙ' جون مکيه وڃتون جي ٻيٽن جي لئي سان شامل ٿين ٿيون سي ٻه آهن: هڪ 'ڪُرُ'، ٻي 'ڦُوڪ'. سهوليت ٽوڙي لئي خاطر، ڪُر گهڻو ڪري ڪاني ۽ تي وڃندا ۽ ڦوڪون وڏي نڙ تي. جيئن اسان مٿي چئي آيا آهيون، 'ڪُر' سنڌ جي نڙ جي بنيادي ۽ قديم وڃت آهي جنهن جو سلسلو بلوچي ۽ سُرڪي نڙ سان ملي ٿو. 'ڪُر' جي وڃت جو مقدار 'ڦُوڪن' جي مقدار کان ننڍو آهي؛ ٻيو ته 'ڪُر' جڻ جدا جدا قسم جا سُر ۽ آلاپ آهن جن ۾ ڪو به 'ٻول' ڪونهي. ڦوڪن ۾ اکر، جملا يا ٻولون (ٻڌين جون) آهن. ڦوڪون 'ڪُرن' کان ٻوءِ نسبتاً ٻوٽين ويجهي دؤر ۾، سنڌ جي نڙ وڄائيندڙ ماهرن جوڙيون.

'ڦوڪون' جڻ مجازي محبت جا سڏ ۽ پيغام آهن، يا وري محبت واري رهاڻ جا چيدا چيدا جملا آهن، جن کي نڙ جي وڃت ۾ ادا ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي عوامي روايت موجب، محبت وارو ميڙو نڙ سي کان اول ساهڙ جام نڪامڙي، سهڻي جي سڪ ۾ وڄايو. سنڌ ۾ اڳين دؤر جي ناڙين سڪ ۽ سوز جون 'ڦوڪُون' ناهيون ۽ وڄايون، ۽ ڪن 'ڦوڪن' ۾ اڳين عاشقن جا نالا مثال طور آلدائون. آتر جي هڪ آڳاٽي ڦوڪ جا اجان تائين وڄائجي ٿي، تنهن جو ٻول هي آهي:

رانجها چور، دليان دا چور

رانجها چور، دليان دا چور

هن ٻولين ۽ ٻجهي ڏور ۾، ٻهرام جمالي (ويڙل تعلقو سانگهڙ) لڙ جو ماهر ۽ لڙ جي ڦوڪن جو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن ٻنهنجي معبود 'صابل' کي مخاطب ڪندي ڦوڪون جوڙيون جي 'صابل جي ڦوڪن' جي نالي سان مشهور ٿيون ۽ 'ناري جي لڙ' (١) جو لاڳاپا اشان ٻڌيون. 'صابل جي ڦوڪن' مان ڪن جا ٻول هي آهن:

[١] ٻيرڙا ڏي!
ڙي صابل! ڦيرڙا ڏي!

●

[٢] صابل سائو چولو ٻاهه!
صابل ڳاڙهو چولو ٻاهه!

●

[٣] موت سگهو!
دلڙي موت سگهو!

●

[٤] تو ڏيو لاتي
ڙي صابل!
ڇو ڏيو لاتي؟

●

[٥] سهڻي ٿور تنهنجي
ڀلي ٿور تنهنجي
منهنجي مور صابل!

لڙي ناهڻ ۽ لئي ٻڌڻ خاطر، نڙ-ٻوٽن جي ڪچهري، جي شروع ۾، لڙ تي ٻهريائين 'ڪُر' ۽ ٻوه 'ڦوڪون' وڃائينداسين.

---

(١) يعني 'اُيرندين ناري' واري طرف جي نڙ جي لئي جا سانگهڙ، ۽ سنجهوري تعلقن جي نڙ وڃائينڙن ايجاد ڪئي، ۽ 'ناري جي نڙ' جي نالي مان مشهور ٿي.

'ڪُڙ' ۽ 'ڦوڪون'، 'ناري جي نڙ' جي لئي جا به بنيادي 'ٻولو' آهن. 'لاڙ جي نڙ' جي وچ ۾ 'لهرا' ٻڌ هڪ ڪم لئي آهي. 'ڇپر' يعني ٿلي ضلعي جي ڪوهستاني پاڳي واري نڙ جي وچ جو نالو ئي 'ڇپر' آهي جنهن ۾ 'سعذور' جي لئي ۽ 'وصال' جي لئي جا اهڃاڻ نمايان لڳن ٿا. اٿر توڙي لاڙ ۾ 'ٻنن' جي وچ تي ٻڌ ٻنن جون ڪچهريون هلن. ڇپر (ڪوهستان) ۽ لس ٻيلي طرف 'ڪالي ۽ دنبوري' توڙي 'سُرندي ۽ دنبوري' جي لئي تي بيت چون. ٻچائي گوندر جي ڪالي ۽ ڏني مڪٿهار جي دنبوري جو جوڙ واه جو هوندو هو ۽ اڃان تائين ٻيو ڳائجي.

ٻنن جي ڪچهري ۽ ٻنن ڏٻڻ جي 'ملوڪت

'لڙ-بيت' جي ڪچهرين ۾ 'ناڙ ٻن' يا نڙ وڄائيندڙن جي ملوڪت ڪان. وڏيڪ 'ٻيٽائن' يعني بيت ڏيندڙن جي لياقت ۽ قابليت درڪار آهي. ضروري آهي ته بيت ڏيندڙ جو آواز سُريلو ۽ سٺو هجي، سندس ٻول چٽو هجي، ۽ هو لئي ۾ ٻورو هجي. 'بيت جي ڏيڻي' ڇهن پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿي: (١) بيت جي (شروع واري) ڪٿي (٢) بيت جي (وچ واري) ڏيڻي؛ (٣) بيت جي (آخري سٽ کان اڳ واري سٽ آلاپڻ سان) لاهڻي؛ (٤) بيت جي (آخري سٽ جي آلاپ واري) اونائي يا ورائي؛ (٥) بيت جو هونگارو؛ ۽ (٦) بيت جي ٻچاڙي واري سٽ جي اٿلائڻي. ملوڪ ٻيتائي اهو چئبو جو بيت کي لئي ۾ سٺو ڪري ڪٿي، سولو ڪري ڏئي ۽ نباهي، اٿر ۽ انداز سان لاهي، سينڌن سُرڪن واري اونائي سان اهڙي طرح واري ۽ ڌاري جو لڙ جي لئي ۽ هونگاري ۾ ٻڌي وڃي؛ هونگاري کان پوءِ ٻچاڙي ۾ بيت جي ٻوئين سٽ کي سوز ۽ اٿر سان اٿلائي. سهڻو ٻيتائي اهو جنهن جون موڙون مڻيون هجن. ڪي ٻيتائي بيت ڏيندي 'اڙي' يا 'اڙي ادا' چوندا پر اهي لفظ ڪارا آهن. ٻيو ڙي، اي ادا، منهنجا جاني، سجڻ سائين، جاني يار، ۽ ڌولڻ جهڙا اضافي الفاظ وڏيڪ پيارا آهن.

گهٽ آواز واري ٻيتائي کي گهرجي ته وڏي نڙ تي ٻيت ڏئي. هيٺين گرام ۾ ساهيءَ سان ٻيت سٺو ڪري ڏيڻ هڪ ڪاريگري آهي. ڪاليءَ تي ٻيت ٻڌي هلندو، ۽ تيڪائي ۽ تڪڙائي سان ٻيت ڏيندي ٻيتائي اڪثر ٻڙبو ڪوا.

نڙ-ٻيت جي ڪچهري لاءِ ڪم از ڪم چار ساٿي ضروري آهن: ٻاڙي، ٻيتائي ۽ ٻ هُونگاري وارا. 'هونگارو' اها وڏي سڏ واري 'ها' آهي جا ٻئي چٽا ڪڏو ڪڏ ٻوري لئي ۽ آواز سان ڪٽن، يعني ته جڏهن ٻيت ڏيندڙ ٻيت کي وراڻي ڏيئي ٻنهنجي لئي کي ڍاري ته هونگاري وارا سندس لئي جو جهلاءِ ڪن ۽ ڍرندڙ لئي کي ٽيڪ ڏيئي مٿي ڪري اوه هونگاري جي آخري هاڪي ڍار سان وڃي ڍارين. هونگارو ٻيت جي ڇالو آهي. هڪ ساٿي ٻ هونگارو جهلائي سگهي ٿو، بشرطيڪ ٻيت ڏيندڙ جي 'ها' ٻ 'هُونگاري' جو ڪم ڏئي، ۽ انهيءَ حالت ۾ ٻيت ڏيندڙ جي آواز تي وڏو ٻار اوي ٿو جهڪو ڪي ٿورا ڪٽي سگهن ٿا.

ضروري آهي ته نڙ-ٻيت جي ڪچهري ٻڌائيندڙ ساٿين جي ويهڻ واري سٺاءِ ٻ سهڻي هجي: هڪٻئي ڏي مُنهن ڪري نه ويهن. ۽ ڪچهري ٻڌندڙن کي سامهان ٿي ويهن: ٻيت ڏيندڙ جي ڪپي پاسي لڳو لڳ ناڙي ويٺل هجي، ۽ سڄي طرف ڪُلهي ڪان ويجها ۽ سوڙها هونگاري وارا ٻ ساٿي ويٺل هجن. ٻيت ڏيندڙ ٻاڻ ٻلٽي هٿي ويهي، يا هيٺان ٻيڙهو ڏيئي اوڪڙو ٿي ويهي؛ ۽ سندس هٿ ٻئي چٽل هجن، جن مان ڪهو وقت سر ڪپي ڪن تي رکي آواز کي چوٽ تي چاڙهي، باقي سڄي ڪي ٻيت جي ٻولن جي وهڪائي خاطر ٻيو ناز ۽ انداز سان ڇڪيڙي ۽ موڙي، ڪٽي ۽ ڍاري. راضي فقير مرحوم، سالون جي 'ڏيٽي' جي ساراهه ڪندي چيو ته: "ٻيت ڏيڻ وقت سانون سڄي ٻانهن کي واسينگ وارا ور ويٺو ڏيندو هو، ۽ ٻيت جي وراڻي تي ٻئي آگريون ڪنن ۾ وجهي، ٽٽڪندو ٽٽڪندو، نڙ واري جي مٿان چانوَ ڪري وڃي ٻيت لاهيندو هو."

لڙ سان آواز يا نڙي جي ملائڻي، بيت جي ڪٽڻي، ڏيڻي، ورائڻي ۽ هوليڪاري جي اسلوب ۽ اسلوبي جي لحاظ سان اتر، وچولي، لاڙ، ڪوهستان ۽ لس ۾ 'بيتن جي ڏيڻي' جي لئي جدا جدا نموني جي آهي. اتر ۾ جيڪب آباد طرف، 'بلوچي نڙ ۽ داستان سرائي' واري لئي جو اثر رهيو آهي. سکر ضلعي جي روهڙي ڊويزن واري اصلي لئي مطابق ٽئين آواز ۾ بنا ڪنهن خاص ميند ۽ موڙ جي هر هڪ مخصوص ڍار سان لسو بيت ڏيندا. هوئين ويجهي دؤر ۾ البت انهيءَ طرف ٻڌ 'وچولي جي لئي' جو اثر وڌيو (١). نواب شاه واري تر ۽ ان کان مٿي اتر ڏانهن، بيتائي اڪثر ڪچهري ۾ اڳي ٻهي بيت ڏيندا. انهيءَ رواج کي بيتائي ميان ڏني زرداري ٻوئين ويجهي دؤر ۾ زور وٺايو. گاجي شاه جي ميلي تي انهيءَ نئين رسم جي شروعات ڪيائين. وچولي (سانگهڙ، نواب شاه، حيدرآباد، ٿرپارڪر، دادو) جي لئي، جا دراصل 'لاري جي لئي' آهي سا بيت جي ڏيڻي، لاهڻي ۽ ورائڻي ۾ ميندن ۽ مُرڪن سان مالا مال آهي. ڪوهستان ۽ لس ٻيلي طرف لسا بيت بنا هوليڪاري جي هڪ خاص ڍار سان ڏيندا. سندن 'ڏيڻي' ۾ هڪ قسم جي ڍار بيشڪ آهي، مگر ميندون ۽ موڙون، اٿلون ۽ ورائيون ڪين آهن. سندن مخصوص لئي جي لحاظ سان، ڪوهستان ۽ لس وارا ٻنهنجن بيتن کي 'ساڪيي بيت' (يعني 'ثابت بيت' بنا ڪنهن ميند مرڪ جي) سڏين، ۽ سنڌ (وچولي) جي لئي مطابق بيتن جي ڏيڻي کي 'لوڙائو بيت' ڪوئين. ڪراچي ۽ ميرپورساڪري تعلقن تائين اها لس واري لئي رائج رهي؛ حالانڪ هن ٻوئين ويجهي دؤر

---

(١) اهو اثر خاص طرح فريد خان گڏائي جي ذريعي وڌيو. فريد خان هن وقت بالڪل پيرمرد (عمر ٩٥ سال) آهي مگر هو پنهنجي جواني واري دؤر ۾ نڙ ٽوڙي بيتن جو ملوڪ ۽ روهڙي ڊويزن طرف 'نڙ بيت' جي ڪچهرين جو اڳواڻ هو. اسان جون سائس سنہ ١٩٥٨ع کان وٺي ڪچهريون ٿيون، ۽ 'ناري واري لئي' ۾ بيت ٻڌايائين.

۾ بنگل خان مَروئي (بلوچ) 'ناري جي لئي' کي سير ۽ رساڪري طرف اُلڏو. اسان انهيءَ لئي ۾ سندس ڪچهريون ٻڌيون؛ هن سانون جا بيت ڏنا ۽ واه جا ڏنا!

بيتن جي لئي جي انهن مخصوص قسمن کان سواءِ، هر خيطي جي لئي جا جدا جدا انداز آهن، ۽ اُن هر بيت ڏيندڙ جي پنهنجي چَوَڪ ۽ پنهنجي پَڌَري آهي. 'وچولي واري لئي' ۾ به هڪ انداز اهو آهي جنهن موجب بيت 'تمکو' هلندو، ۽ ان جي برعڪس ٻيو انداز اهو آهي جنهن ۾ بيت جُڻ ته 'ساهي ٿي' هلندو. انهيءَ جو هڪ سبب، ڪنهن حد تائين، خود 'بيت جي منظوم سٽاءُ' آهي: يعني ته جي بيت جون سٽون ڊگهيون ۽ لئر واري اسلوب ۾ هونديون ته بيتائي اڪثر انهن کي ڊيگهه ۽ ساهيءَ سان ورجائيندو. انهيءَ ڪري ئي ڪچهري وارن جو چوڻ آهي ته "جهڙي بيت جي ليمير، تهڙي بيت جي چوٽي"، يعني جهڙو بيت جو نمونو؛ تهڙي ان جي ڏيڻي. مسلسل قصن (سيف الملوڪ، جمجما سلطان وغيره) وارا بيت اڪثر ڳالهه طور هلندا. سانون بيت تيکو ڏيندو هو؛ ۽ محمود شيخ مهنڊ ۽ مياج سان جُڻ لفظن ۽ سٽن کي وڌائي ڊگهو ڪري بيت ڏيندو هو. بيتائن ۾ هڪڙا 'ٻڙڙا' جي مٿي بيت ڏين ۽ ٻيا اهي جي هيٺين آواز ۾ ڏين. سانون، محمود شيخ، سليمان ملاح ۽ مورهو خاصخيلي مٿي بيت ڏيندا هئا.

بيتن جي شاعرن ۽ سندن راوين جو نظام

غالباً سنڌ ۾ عربن واري دور حڪومت کان وٺي عرب 'شاعرن' ۽ 'راوين' جي نظام جو اثر سنڌي شاعرن تي اُن ٿيو. ۽ هڪڙا 'شاعر' ٿيا جن شعر چوا ۽ ٻيا سندن خاص ٻالڪا يا 'راوي' ٿيا جن سندن شعر پڙهيا. سومرن ۽ سمن جي دور ۾ قصه خواني ۽ داستان گوئي جي ذوق هن رواج کي وٺي وڌيڪ فروغ ڏنو؛ شاعرن قصا جوڙيا، ۽ ڳائن چارڻن ۽ مڳنهارن اهي ڳايا. غالباً ڪلهوڙن جي دور کان وٺي ڪي ٻالي وارا 'سکهڙ' ساماڻا جن جدا جدا شاعرن جي شعرن توڙي ٻين سهڻن گفتن ۽ ٻولن کي رهاڻ خاطر ياد ڪيو.

'بيتن' جا هڪڙا 'شاعر' ٿيا جن 'بيت چيا'، ۽ ٻيا سندن 'ٻالڪا يا راوي' ٿيا جن 'بيت ڏنا'. اهڙيءَ طرح هڪڙا بيتن جا 'چونڊڙ' (شاعر) ته ٻيا بيتن جا 'ڏيندڙ' (بيتائي) ٿيا. ڪچهري جي دانائن ڪن ڪري چيو ته: بيت ڏيندڙ (راوي) کي گهرجي ته بيت انين ڏئي جيئن چونڊڙ (شاعر) چيو هجي. سڄاڻ سگهڙ ٻيگوءَ جي قول موجب:

جئن ٿا چيندڙ چيڻ، تئن جي ڏيندڙ ڏيڻ
ته بيتن کي 'ٻيگو' چوي هوند ڪڪر ڪيڻ، ٻيڻ.

سنڌ ۾ 'شاعر' ۽ 'راوي' غالباً اڳاڻي وقت کان وٺي هلندا آيا، پر نسبتاً پوئين وڃجي دور ۾ بيت چونڊڙ شاعرن جا ٻالڪا يا راوي سامائا جن نه فقط انهن شاعرن جا بيت ياد ڪري زباني چئي ٻڌايا پر هو 'بيتائي' بڻيا، يعني ته نڙ-بيت جي ڪچهرين ۾ لئي سان ٻڌجي استاد شاعر جا بيت ڏنائون. سانوڻ بيتن جو غالباً ٻهريون شاعر هو جنهن ڪچهرين ۾ پاڻ ٻڌجا بيت ڏنا؛ ڪانئس پوءِ اهو رواج شروع ٿيو ۽ سانوڻ جي مڙئي سائيارن (مولا بخش خاصخيلي، محمود شيخ، ڀچائي رند ۽ الله ڏني اوناري) پاڻ ٻڌجا بيت ڪچهرين ۾ ڏنا، باوجود الهيءَ جي جو منجهائن هر هڪ کي ٻڌجا ٻالڪا يا راوي هئا جن پڻ سندن بيت ڏنا. سانوڻ جا ٻالڪا گهڻا هئا پر سندس مڪيه 'راوي' علي خان ڪورائي ٿيو جنهن سانوڻ جا بيت سولا سوڌا ۽ سهڻا ڪري ڏنا، ۽ انين ئي ڏنا جيئن سانوڻ پاڻ چيا. مولابخش خاصخيلي جو مڪيه راوي حسين فقير هڪورو آهي. محمود شيخ جا ٻالڪا ٻيا به هئا پر سندس خاص راوي جمعو شيدي هو. ڀچائي فقير رند جو راوي مدو فقير نظاماڻي آهي. الله ڏني اوناري جا بيت سندس پٽ حاجي، سهراب ڪلوئي ۽ ٻين ڏنا، پر سندس سڪ راوي عرس ماڪوڙاڻي ٿيو. جمعي ٻارچ جو خاص راوي عبدالله پنيرو (ريلڻ گوٺ مارڪ پنيرو، تعلقو شهدادپور) هو، حالانڪ ڀچي ڪور کي پڻ سندس گهڻا بيت ياد هئا. مدو فقير نظاماڻي پاڻ پڌجو راوي آهي. انهن کان سواءِ ٻين بيتائي شاعرن جا پڻ پڌجا پڌجا

راوي هئا ۽ آهن. شاعر حڪيم ڏاهري (وفات ١٩١٠) جو راوي عثمان ڀٽي (عمر ٨٥ سال) اڃا زنده آهي؛ تر ڏانهن ڏيپلي تعلقي جي مشهور بيتائي شاعر مرحوم ڪلو ميائي جو راوي مجنو ڀاڙهو (سمو) هو(١)؛ ۽ موجوده دؤر جي شاعر فقير عبدالرحيم ڏاهري (وينل لڳ ڀانڊي، ضلعو نواب شاهه) جا راوي قادربخش رند ۽ ڦتو ٽالپور آهن.

مشهور بيتائي

سنڌ ۾ نڙ-بيت جون ڪچهريون ڪافي آڳاٽي وقت کان ٿيل هليون. لس طرف شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه جي بيتن جا مارڪا آڳاٽو شروع ٿيا. سنڌ ۾ ٻن سانوڻ واري دؤر کان اڳ جي شاعرن جا بيت نڙ-بيت جي ڪچهرين ۾ عام رائج هئا. بچائي فقير رند چيو تر: اسان کان اڳ ڀانڊي ٻنهور جا بيت هلندا هئا، پر اهو اسان کونه ڏٺو. ا. هـ. بچائي فقير جي زباني موجب اهو اندازاً سنه ١٩٠٠ع ۽ ۽ ان کان اڳ وارو دؤر هو، جڏهن بيتائي ڀانڊي ٻنهور جا بيت ڏيندا هئا. ٻن لاڙ ۾، سانوڻ جي شاعريءَ کان اڳ، علي خان ڪورائي، عرس ٻناڻ، ۽ خيرو لغاري بيت ڏيندا هئا. سنڌ ۾ سوين قابل بيتائي ٿيا، ۽ آهن، پر اهي بيتائي جن جي اسان واڪاڻ ڪئي ۽ ٻيا اهي جن جون ڪچهريون اسان-ڀاڻ ڪئيون، تن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

● پير پيربخش (ڏنڊي تعلقي بدين جو) ۽ سنگواڻو، ١٩ صدي جي آخر ۽ ٢٠-صدي جي شروعاتي دور (١٨٨٠-١٩١٥) جا وڏا ڪاريگر بيتائي هئا، ۽ ان دؤر ۾ جهڙن ڪونه ٿيو.

● انهيءَ اوائلي دؤر ۾، ٽنڊي باگي-ڏکهڙي واري ٻاسي تاجو ٿون (وفات ١٩١٥ع ڌاري) ۽ ٻدر سينهڙو بيتن جا سدا ملوڪ هئا. تاجو ڀاڻ شاعر هو. ٻدر سينهڙو بيتن جو وڏو گوهر هو ۽ ڪيس گوهن شاعرن جا بيت ياد هئا.

---

(١) ڪلو ميائو اصل وينل ڪنجروڙي جو ۽ پوءِ اچي (ٽنڊو) (لڳ جهڻن تعلقو ڏيپلو) ۾ رهيو، سندس راوي ٻمجني ڀاڙهي، سان اسان جون ڪچهريون ٢١-٢٢ آگسٽ ١٩٥٣ع ۾ ڏيپلي ۾ ٿيون. ان وقت سندس عمر ٧٠ ورهيه ڪن هئي.

● ٽنڊي باڪي طرف علي خان ڪورائي ۽ سندس ساٿي عرس ٻنان ۽ خيرو لغاري موجوده صدي جي شروعاتي دور جا قابل بيتائي هئا. علي خان ۽ عرس ٻئي پير ٻير بخش جا ٻالڪا هئا. علي خان ڪورائي، سانوڻ جو سڪ راوي ۽ لاڙ سجي ۾ لالي وارو بيتائي ٿي گذريو آهي.

● سانوڻ ٻان سدا ملوڪ بيتائي هو ۽ جذبي ۽ جوش سان ٻنان ڪنهن جڏيل جهولڻي جي، مٿي تکو بيت ڏيندو هو. سجي ٻانهن ۽ هٿ جي ورن ۽ اشارن سان بيت کي واه جو وهڻيندو هو. راضي فقير چيو ته: 'اسان ڏٺو ته ڪچهري ۾ سانوڻ سجي ٻانهن سان واسينگ وارا ور وٺو ڏيندو هو'.

● طيب خاصخيلي سانوڻ جي ساڻياري شاعرن مان هو ۽ بيتن جو سهڻو شاعر هو. ڪچهرين ۾ ٻاڻ ٻنهنجا بيت ڏنائين. هن وقت سندس ٻٽ مٽو (ويڙل دمابالو لڪ ٽنڊو غلام علي) ٻنهنجي ٻيءَ طيب جا بيت ڏئي ٿو، ۽ هن دور جي ملوڪ بيتاين مان آهي.

● مولابخش خاصخيلي سهڻو جوان ۽ سدا ملوڪ بيتائي هو: ٻهريائين ڪافي وهڻيندو هو ۽ سانوڻ جا بيت چوندو هو: ۽ ٻوه ٻاڻ شاعر ٿيو ۽ ٻنهنجا بيت چيائين. مارئي جي سر کي واه جو گايائين. اڪثر ايرلدي طرف (مارئي جي ملڪ ڏي) منهن ڪري وهي بيت ڏيندو ۽ اهڙي ته سهڻي رمز سان ڏيندو هو جو جڻ ڪلي وهڻو. نيماڻو بيت مولابخش جهڙو ڪنهن ٻئي ڪونه ڏٺو.

● حاجي رمضان عرف ٽوڏو فقير ٻٽ ملوڪ سري (ويڙل مشائخ هوتي، لڪ آڏ برو لال) سانوڻ جو صحبتي هو ۽ ٻالڪو هو، ٻر نولاري جو ٻڻ لحاظ رکندو هو. فقير کي سوز ۽ درد هو ۽ سوز مان بيت ڏيندي روئي ڪٽي ماڻ ڪندو هو. تاريخ ١١- آگسٽ ١٩٤٩ع تي اسان جي ساڻس آخري ملاقات ۽ ڪچهري ٿي.

● لاري واري طرف، ساماري تعلقي ۾ عثمان حجام (ويڙل ٻڌزيو) ۽ ڪانيو سنهڙو (ويڙل ڪنري ڪان اوپر ڊوري جو گهيڙ

'تانگهور') سانوڻ جي وقت جا هئا ۽ سانوڻ جا بيت واه جا ڏنائون. دودو ۽ ٻچو خاصخيلي (ڪنجهيجي جا) ٻئي دؤر جا بيتائي ٿيا جن ١٩٥٥ع تائين ڪچهرين ۾ بيت ٻئي ڏنا. هن ساڳئي دؤر ۾ ساماري تعلقي جا ٻيا قابل بيتائي، ڏنو ڪوسو، بهار ڪوسو ۽ حاجي ابراهيم پرڳڙي هئا جن مان حاجي ابراهيم مرحوم سان سنه ١٩٥٧ع ڌاري اسان جي ڪچهري ٿي.

● سانوڻ واري دؤر ۾، ٻاري طرف، ٻاهڙ دل (برهوڙجو)، غلام حسين مغل (سنڌڙي جو) ۽ عالم ٻلي (عمرڪوٽ جو) بيتن جا شاعر هئا، جن مان هڪ روايت موجب ٻاهڙ دل ۽ غلام حسين مغل ٻنهي غلام شاهه جي ميلي تي بيت ڏنا، ۽ مغل انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ٻاهڙ کي ٻڌيو.

● ٿٽي ضلعي ۾، ٻين ساڳن کان سوا خاص طرح درياءَ جي ڪنڌيءَ سان لڳو لڳ ٻنهي پاسي لڙ- بيت جون ڪچهريون هليون. گهوڙا ٻاري- سجاول تعلقن واري تڙ ۾ شهمير اوڏو، ڏنو اوڏو ۽ علي محمد اوڏو مشهور بيتائي ٿيا. ڪانئن ٻوه ٻئي دؤر ۾ حيات اوڏو ۽ ڏورو اوڏو بيتائي ٿيا جن مان ڏوري سان سنه ١٩٦٢ع ۾ (جڏهن سندس عمر ٥٥ سال) اسان جون ڪچهريون ٿيون.

● سجاول تعلقي ۾، چوهڙ جمالي کان ڏهه ٻارهن ڪوهه ڏکڻ طرف، 'ڪاري' ۾، 'جيئند' جي ڳوٺ جو دودو زلمگيجو (١٩٦٢ع ۾ عمر ستر سال) هن صدي جي ٻهرئين دؤر جو بيتائي هو. سجاول تعلقي ۾، ٻيگن ٻارڻ ۽ هڪ سمون اوڏين ٻئي دؤر جي بيتاين مان هئا. ١٩٥٧ع ۾ ٻيگن زنده هو جو اسان کي معلوم ٿيو ته وڏس سانوڻ جا بيت ججها آهن ۽ ٻاڻ به بيتن جو شاعر آهي.

● ميرپورساڪري تعلقي ۾، پوئين ويجهي دؤر جو بيتائي بنگل خان مرڙوئو بلوچ ٿيو جنهن 'وچولي واري بيتن جي لئي' کي ميرپور ساڪري طرف مشهور ڪيو. ١٩٥٠-١٩٥٥ع ۾ ميرپور ساڪري طرف اسان جي ڪچهرين (ڳوٺ حاجي محمد سوڍو اڳواڙ ۽ وڻجي تمي

ڳوٺ حاجي ڪرمي) ۾ بنگل خان سالوڻ جا بيت مٺين آواز ۾، لهايت سٺي سينڌي، جهيل ۽ جهاڻ واري هونگاري سان ڏنا ۽ واه جا ڏنا! بنگل خان حال حيات آهي.

● ٺٽي تعلقي ۾، شيخ تراب جي درگاهه جو مجاور، پيرل فقير هڪ وڏو ملوڪ بيتائي هو. آواز چڱو ۽ سٺو هوس. ان کان اڳ ٺٽي تعلقي ۾ آدم ترڪ (ويڳل هيلابا، جهم-نير کان اپرندي) وڏو قابل بيتائي هو، جو پيرل فقير بہ سندس نيڪي ڪندو هو. سنہ ١٩٤٤ع ۾ لاڙي بنگل چنهواڻ اسان سان خبر ڪئي تہ: 'سون آدم ترڪ ڏٺو هو. جهونو مڙس هو. ڪچهري ۾ ناڙي کان هتي ٻري ٿي ويهندو هو، ۽ اتان هوليڪارو ڪري نڙ جي لئي ۾ ملي ويندو هو.'

● تعلقي ميرپوربٺوري ۾، ميرو ۽ صديق لاشاري (ٻيٽي پاٽر ويڳل درياءَ جي اپرندي ڪنڌي سان، 'دڙي' جي شهر لڳ) هن پوئين ويجهي دؤر جا چڱا بيتائي ٿيا ۽ پندرهن سال اڳ سندن ڪچهريون هلندڙ هيون. چار سال ٿيا جو گذاري ويا.

● الله ڏنو نوناري (ويڳل هوسڙي) حيدرآباد واري تر جو مشهور شاعر ۽ سانون جو سڏيارو هو. ان وقت حاجي اونناري (هوسڙي) بہ شاعر هو. الله ڏنو ۽ حاجي ٻيئي ملوڪ بيتائي هئا. ڪانئن پوءِ الله ڏني نوناري جي بيت الله ورايي ڪچهرين ۾ بيت ڏنا.

حيدرآباد تعلقي ۾، نوناري کان پوءِ واري ٿهيءَ جا مشهور بيتائي اسحاق هاليپوٽو ۽ اچو ڪور (ٽنڊي قيصر جو) هئا. اچو ڪور، جمعي پارچ جو راوي هو. ٥٨-١٩٥٥ع واري عرصي ۾ اسان جون سائس ڪچهريون ٿيون. ١٩٦١ع ڌاري گذاري ويو. اسحاق هاليپوٽو حال حيات آهي ۽ گهڻو موٽيل مڙس آهي. پندرهن سال اڳ تائين اسحاق جي پل پٽلان هئي. سانون جا بيت چيائين ۽ واه جا چيائين. سانون وانگي سٺي تکا بيت ڏنائين. ڏاڙهون جوڻيجي خبر ڪئي تہ: پٽائي صاحب جي ميلي ڪي بيتن جي ڪچهري مٽل هئي جو اسحاق هاليپوٽي کي ارهاڻ ايندو ڏسي ڪنهن چيو تہ "ٻيلي! بيتن جو 'ڪارو واڻ' اچي ويو."

● تعلقي ٽنڊي الهيار ۾، عمر هڪورو (ويٺل ٻنيسُو) هن پرئين ويجهي دؤر جي ملوڪ بيتابن مان هو. حسين فقير هڪوري جو همعصر هو، اٺ-ڏهه سال ٿيا جو گذاري ويو.

● هالا تعلقي جو مشهور شاعر ۽ بيتائي محمود شيخ (ويٺل ڳاهڻ جو، لڳ ڳوٺ باقر نظاماڻي) هو. محمود شيخ ڪاڻي، تي مٿي بيت ڏيندو هو. سندس پالڪن مان سندس پاڻيجو يوسف شيخ ۽ جمعو شيدي (ڳوٺ باقر خان نظاماڻي) هالا واري تر ۾ ناميارا بيتائي ٿيا. راضي فقير چيو ته: 'اسان جمعي شيدي کي پيتائي صاحب جي ميان ۽ جمعن تي بيت ڏيندو ٻڌو. 'پوري' ۽ 'سيف الملوڪ' جي سُرن مان محمود شيخ جي بيتن کي ڪچهرين ۾ لوليون ڏيئي ڇڏيندو هو. بيت کي اهڙي ته تبي ڏيئي ڇڏيندو هو جو واه واه! ٻانهن کي مٿي اچل ڏيئي، وري هٿ کي ورائي اچي بيت کي لاهيندو هو ته بس ماري وجهندو هو.'

● هالا تعلقي جي سانهون درياهه جي پار مانجهندن واري تر ۾، سالار فقير وڙپائي (مانجهندن جو) پاڻ شاعر توڙي بيتائي هو. احمد ماچي (ويٺل 'پنڊ' تعلقو هالا) مٿو بيتائي هو ۽ سڀ سر چوندو هو. اوباهيو مانجهند (ويٺل لڳ مانجهند) شاعر حفيظ جي مومل-راڻي جي سُر جا بيت واه جا ڏيندو هو. ان کان پوءِ الله بچايو تنگهياڻي ۽ الله واڻيو تنگهياڻي (پٽي ويٺل لڳ مانجهند) بيتائي ٿيا. ڪانئن انڊو ميهار مانجهند هو جنهن سان ١٩٤٩-١٩٥٥ع واري عرصي ۾ اسان جون ڪچهريون ٿيون. ميهار 'وچولي واري لئي' ۾ مٿي ۽ تکا پر مٿا بيت ڏنا. سنه ١٩٦٢ع ڌاري وفات ڪيائين.

● ڪوري تعلقي جو مشهور بيتائي بهار خان رونجهو (ويٺل لڳ ڏلهڏيون) هو. ڪچهرين ۾ موربي جي چيل سسئي جا بيت ڏنائين ۽ واه جا ڏنائين. صوفي فقير صاحب، علي خان ڪورائي کي بهار خان رونجهي جي مقابلي لاءِ گهرائي گڏ بيت ڏياريا. ٻئوري جي ميلي کي بهارخان رونجهي پنهنجو مرڪز بنايو جتي سندس هاڪ پڌي ڪيترن ئي

بيتائن هاڻي اچي سانس ٻيٽ ڏنا. ڪپري تعلقي ۾، موريو خاصخيلي (وينل لاڪاڻي) مشهور بيتائي ۽ شاعر ٿيو، مٿي تڪا بيت ڏنائين. سنه ١٩٦٥ع ڌاري گذاري ويو. سندس ٻالڪو علي ڏين خاصخيلي آهي. محمد هاشم ٻٽ سارو (سري بلوچ، وينل ڪنڊيءِ تعلقو سانگهڙ) هوئين ويجهي دؤر جي ملوڪ بيتاين سان آهي. هن وقت سندس عمر ٥٨ سال ڪن آهي. ڪپري تعلقي جي شاعر مرحوم شادي مري جو مڪيه راوي آهي. وڏو خوشطبع ۽ ڪچهري جو مور آهي. علي خان ڪورائي واري طرز جو مٿس اثر ٿيو. چيائين ته ١٩٣٠-٣٥ع ڌاري مون علي خان ڪورائي کي بيت ڏيندو ٻڌو هو ۽ موڪي سندس ڏيٽي وٺي وئي.

● تعلقي سانگهڙ سان هن هوئين ويجهي دؤر ۾ حسين فقير هڪورو (اصل وينل مڪيءَ ۾ 'هرڻي واري پٽ') ٽالي وارو ۽ مشهور بيتائي ٿيو: حسين فقير هڪورو حال حيات آهي ۽ سندس عمر ٦٥ سال ڪن آهي. هو مولابخش خاصخيلي جو مڪيه راوي آهي پر سائوٽ جو به گهڻو ڪن ياد اٿس. ٻئوري جي سولي تي مشهور بيتائي بهار خان رونجهي سان ٻيٽن ۾ سندس ڀيٽيون ٿيون. ٻنهي مرزي جمالي جي نڙ تي بيت ڏنا، ۽ بهار خان به حسين فقير کي سڃيو. هن هوئين پندرهن سالن واري دؤر ۾ آدم ۽ منگهي خاصخيلي جي نڙن تي حسين فقير بيت ٻڌي ڏنا آهن. حسين فقير، آدم ۽ منگهي جي سنگت سان ئي اسان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 'نڙ بيتن جي ٻهرين ڪچهري' شروع ڪرائي. حسين فقير جو آواز چٽو ۽ سٺو آهي ۽ سندس ڏيٽي لماڻي ۽ سهڻي آهي. تازو (آڪٽوبر ١٩٧٠ع) حسين فقير، آدم ۽ منگهي جي سنگت سان ڪراچي سان ٻهريون پيرو 'ٽيليويزن پروگرام' ۾ نڙ بيتن جي ڪچهري جي شروعات ٿي آهي: سانگهڙ تعلقي سان، حسين فقير هڪوري جا همعصر، ۽ شاعر مولابخش خاصخيلي جا ٻالڪا، مراد علي ڪيريو ۽ لولگ انڙ (وينل منگلي شاخ) ٻئي ساوڪ بيتائي جي گذاري ويا آهن.

● تعلقي نواب شاهه ۾ جام ڏاتار جي درگاهه ۽ ميارو لڙ-بيت جي ڪچهرين جا مرڪز رهيا. گذريل دؤر ۾ مصري وسطڙو (وبئل جام ڏاتار) ٻنهنجي وقت جي وڏن بيتابن مان هو. شاعر حڪيم ڏاهري، جو هو خاص راوي هو.

● تعلقي شهدادپور جي آڳاٽن بيتابن مان دريا خان وساڻ هو. بيتائي عثمان پٽي اسان کي ٻڌايو تہ: 'آءٌ ننڍو هوس جو دريا خان کي مون جام ڏاتار جي ميلي تي بيت ڏيندي ٻڌو. ٻاڻ شاعر هو. چوٽي سهڻي هنس ۽ بيت جي ورائي واه جا ڏنائين.' حسين فقير هڪوري ٻڌايو تہ: دريا خان وساڻ ڪوٽ 'بيرچن' جو وبئل هو. آءٌ عمر ۾ ڪڇو هوس جو مون کيس (سنہ ١٩١٥ع ڌاري) بيت ڏيندو ٻڌو. وڏو ملوڪ بيتائي هو. هيٺ ڪنڌ ڪري بيت ڏيندو هو، ۽ ورائي تي جڏهن ڪنڌ مٿي کڻي آئي بيت وارينڊو هو تہ بس ساري وجهندو هو. ا. ه.

ان کان پوءِ واري دؤر ۾، الله ڏني نوناري جو راوي عرس ماکوڙائي (ٽنڊي آدم جو) ٻنهنجي وقت جو مشهور بيتائي ٿيو. سندس ٻڌڻي واه جا هئي! سورهن-سترهن سال اڳ اسان کيس بيت ڏيندو ٻڌو. ان وقت سندس اچي ڏاڙهي هئي پر آواز مٿي ۽ منو هوس. پنج-چهہ سال ٿيا جو گذاري ويو. اسحاق هاليپوٽي ۽ عرس ماکوڙائي جون بيتن جي ڪچهرين ۾ پيٽون ٿيون. محمود شيخ، جمعي شيدي ۽ عرس ماکوڙائي ٻڻ پاڻ ۾ بيتن جي ڪچهرين ۾ هڪٻئي سان چوٽون ڏنيون. ساڳئي وقت 'لنڊي' جي طرف جو ميان ڏتو زرداري ملوڪ بيتائي هو. گاجي شاهہ جي ميلي تي بيتن جي ڪچهرين کي مچايائين ۽ اٿي بيهي بيت ڏنائين. ڪچهري، ۾ اٿي بيهي بيت ڏيڻ جو رواج ميان ڏتي زرداري وڏو. نواب شاهہ جي تر ۾ ۽ مٿي اتر طرف اجا تائين اهو رواج آهي. ميان ڏتي جو پاڻ محمد زرداري موجوده دؤر جو مشهور بيتائي آهي. وتس ڪن ڪهڻو آهي ۽ ڪچهري، جي لحاظ سان بيت ڏئي ٿو. گذريل دؤر ۾، سليمان بٽ ٻاجهوءِ جو ملاح (وبئل ملدسي) چڱو شاعر ۽ ملوڪ

ٻيتائي هو. محمود شيخ جو ٻالڪو هو. ١٩٥٥-١٩٥٩ع واري دور ۾ اسان جون سائس ڪچهريون ٿيون. سيد محمد شاهه سٽائي جي مارجڻ تي ٻنهنجا ٻيت ٻڌائين، جي اسان کي نڙ جي لئي تي ٻڌايائين. شهداد پور تعلقي جو ٻيو مشهور ٻيتائي عمر هرڙو (ويڙل ڳوٺ وداڻي) آهي جنهن جي عمر هن وقت سٺ ورهيه ڪن آهي. گذريل سال (١٠- آگسٽ ١٩٦٩ع) اسان ڪچهري ۾ سندس ٻيت ٻڌا ۽ واه جا ٻيت ڏنائين. موڙن ميندن سان، ملوڪري ساهي سان ٻيت ڏين جي ڪيس رمز ياد آهي.

● تعلقي سنجهوري ۾ اڳين دور جي ٻيتائين مان عثمان ٻٽي (ويڙل ميڊ جمڙ ٿو) حال حيات آهي. عمر اسي سال ڪن اٿس، پر اڃان ٻ ٻيت ڏئي. صوفي فقير صاحب ڪيس ڪچهرين لاءِ سڏ ڏيندو هو، ۽ اسو جبل طرف شڪار واري سفر ۾، ڪيس سان ايندو هو. اڳين شاعرن مان حڪيم ڏاهري جو راوي آهي ۽ وٽس حڪيم جا سورڙيي جي قصي مان چيل ٻيت مڙيئي محفوظ آهن. ٻوئين دور ۾ هن ڇائي رند جا ٻيت ڏنا ۽ سندس ٻالڪو سڏايائين. تعلقي سنجهوري ۾ ڏاڙهون جوڻيجو (عمر ٦٥ سال، ويڙل ڳوٺ جمفر خان لغاري) محمود شيخ جي ٻالڪن مان آهي. سندس ملوڪت اها جو ميندن موڙن ۽ سهڻي وراڻي سان ملو ٻيت ڏئي. ٻنهرهن-ويهه سال اڳ جڏهن اسان سندس ٻيت ٻڌا تڏهن سندس چوٽي واه جا هئي. الله رکيو سينهڙو (اصل ويڙل جهول تعلقو سنجهورو) هن ٻوئين ويجهي دور ۾ حسين فقير جي صحبت مان ٻيتائي ٿيو ۽ ساڳي حسين فقير جي چوٽي سان ٻيت ڏئي ٿو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نڙ-ٻيت ڪچهرين ۾ سندس نالو داخل آهي.

نڙ-ٻيت جي ڪچهرين جو ذوق شوق

گهڻي وقت ڪان وٺي 'هيڻين وچولي' ۽ 'لاڙ' جا ميلا نڙ-ٻيت جي ڪچهرين جا وڏا مرڪز ٻڌي رهيا آهن، جن مڙئي ۾ ٻيتائي صاحب جو ميلو مڪيه ۽ مشهور مرڪز ٿي رهيو آهي. براج واهن

جي نڪرڻ (١٩٣٢ع) کان اڳ هران ۽ ٻارن تي ڪچهرين جا منڊل منڊل هوندا هئا. درياءَ جي ڪنڌي سان ۽ ٻاري جي ٻاسي جتي ٻه- چار پاڳيا ۽ پاڻ هوندا هئا تہ اتي نڙ-بيت جون ڪچهريون لڳي ويندڙ هيون. سرند سائهن سان جيڪي نڙ-بيت جي ڪچهرين جا ڪوڏيا هئا ۽ جن ٻاري ۽ لاڙ طرف انهن ڪچهرين کي زور وٺايو تن سان هيٺين جا ٻالا مشهور آهن، حالانڪ اهڙا ذوق وارا ڪي گهٽا ئي گذريا پر سندن ٻالا اسان کي معلوم نہ آهن. فقير حاجي محمد صوفي (ڪوٽ صوفي، ڊورو ٻارو)، سهراب خان مري (پٽ پائٽي تعلقو ڪپرو)، اڪبر خان چانڊيو (ڊيهہ ساڌئو، تعلقو سالڪوٽ)، وڏيرو عمر ٻهوڙ (ڊيهہ جيٺائو تعلقو ڪپرو)، پير علي بخش شاهہ پٽائي (پٽ شاهہ)، پير ڏنل شاهہ (ڊنڙو- تعلقو شهداد پور)، مير عبدالله خان ٽالپور، هالاري وارو (ٻلنگو، تعلقو ميرپور خاص)، سيد علي بخش شاهہ وهٽائي (ٽنڊو باگو- ٻدين)، جام ملوڪ (جامن جو ڪوٽ تعلقو سنجهورو)، رڪيل خان مري (ٻانويون، تعلقو سنجهورو)، وغيره. انهن سان صوفي فقير، مير عبدالله خان، جام ملوڪ ۽ رڪيل خان مري نڙ-بيت جي ڪچهرين جا وڏا مربي هئا، ۽ سفر ۾ ٻہ نڙن بيتن وارا پاڻ سان ڪنيو گهمندا هئا.

ٻاڳين جي ٻائن، هرلن ۽ ٻارن، ٻيرن فقيرن جي درگاهن ۽ ڪن ذوق وارن زميندارن جي اوطاقن تي وقت بوقت نڙ-بيت جي ڪچهرين جي چهچٽن، ٻاڙين توڙي ٻيٽائن کي همتايو ۽ هنن ٻنهنجي هنرمندي، جا جوهر ڏيکاريا. سنڌ جي هر تعلقي ۾ ٻاڙي ۽ ٻيٽائي سماڻا جن ڪچهرين کي مچايو ۽ عام خاص کي وندرايو. غالباً انين چوڻ صحيح ٿيندو تہ ١٨٧٥ع کان ١٩٦٠ع تائين اٽڪل سئني سؤ سال وارو دؤر نڙ-بيت جي ڪچهرين جو سوهاري دؤر هو حالانڪ نڙ-بيت جون ڪچهريون اڄا تائين قائم آهن، ۽ اميد تہ سدائين قائم رهنديون.

ن. ب.

متن

نژ جا بیت

سانوڻ خاصخيلي

سانوڻ فقير گهڻو ڪري سجيءَ سنڌ جو سير ڪيو هو، ۽ سڀني ميڙن ملاکڙن تي وڃي بيت چيائين. انهيءَ ڪري ڪيس تمام گهڻن ماڻهن ڏٺو، ۽ سائس رهاڻيون ڪيون، جن مان اڄ به ڪيترائي حيات آهن. ان هوندي به سندس مڪمل سوانح معلوم نه ٿي سگهي آهي، فقط ڪن ٿورن روايتن کان سندس سوانح جا ڪي ٻهلو معلوم ٿي سگهيا آهن.

سانوڻ فقير، ذات خاصخيلي، اصل ۾ نندي شهر (تعلقو بدين) کان چار ميل اتر طرف ڳوٺ شهداد خاصخيلي جو ويڳل هو*. اندازاً سنہ ۱۸۷۵-۷۰ع ڌاري ڄائو. سانوڻ مهيني ۾ جمڻ ڪري، سندس نالو "سانوڻ" رکيائون. پنهنجي ڳوٺ ۾ "حافظ ڪبير" وٽ قرآن شريف پڙهيو، ان بعد سال چارڻ لڳو.

نندي هوندي کان ئي "نڙ-بيت" جي ڪچهرين سان چاهه هئس. ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا بيت ياد ڪيائين، جي پنهنجي منهن جهونگارينده رهندو هو. هڪ روايت موجب علي‌خان ڪوراڻي، جو پوءِ سانوڻ جا بيت چوڻ لڳو، تنهن شروع

---

* حاجي عمر چانڊيو، ويڳل سانگي ڦرهو، لڳ خيرپور ڪنبو، تعلقو ٽنڊو باگو جي روايت. مولوي گل محمد خاصخيلي، ويڳل بدين جي روايت موجب، سانوڻ فقير، ڳوٺ ڀائي خان، ديهه ڪالهيرو، تپو مرزالپور، تعلقي بدين ۾ ڄائو. قاضي الهورائي، ويڳل تعلقي ماتلي جي روايت موجب، سانوڻ فقير، مائڪ واهه جي ڪاري ڦڙدي کان هڪ ميل اوڀر طرف "ڪٽڪائي سيڏن" جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ان بعد "ٻنو حاجي عبدالله شاهه" ۾ به وڃي رهيو، جنهنڪري ڪس "سانوڻ ٻنائي" به سڏيندا هئا.

۽ "سانوڻ" کي نڙ تي بيت چوڻ جو گس ڏنو*. اهڙيءَ طرح، سانوڻ ڏينهن جو مال چاريندو هو ۽ رات جو ڪچهرين ۾ ٻين شاعرن جا بيت چوندو هو، پر اڃا پنهنجا بيت نه چيا هئائين. سانوڻ فقير جي شاعريءَ جي شروعات بابت ٻڌ مختلف روايتون رائج آهن، جن مان هڪڙين مطابق ويجهن عزيزن جي وفات جي غم سببان سانوڻ بيت چيا ۽ ٻين مطابق ڪيس مجاز جي مهميز آئي ۽ سندس شاعري شروع ٿي.

حاجي عمر چانڊيي چيو ته: مون تاجي خان چانڊيي کان ٻڌو ته سانوڻ فقير، ڇپني واري ڏڪار جي ٻئي سال (۱۸۵۷ سنبت ۾) مال چارڻ ڇڏي، جهڏي کان اٽ ميل ڏکڻ-اولهه طرف، ڳوٺ فضل خاصخيليءَ ۾ وڏيري کهڙ آڏيجي وٽ ٻني ڪئي، ۽ وڏي بيماريءَ (سنه ۱۹۱۸ع واري وبا) واري وقت تائين اتي ئي رهيو. هڪڙي ڀيري ڳوٺان آئي ڪجهه ڏينهن ٿيا هئس ته نهايو آيس: زال بيمار ٿي پئي اٿئي، منهن ڏسڻو هجئي ته سانجهيءَ آيو گهرجين. چيائين ته: صبح جو ويندس. وري صبح جو سج اڀرڻي ماڻهو آيس ته: ٻه ڀائر، ٽي زال، وبا ۾ گذاري ويا. خبر پڌڻ شرط هوش خطا ٿي ويس. ڀائرن ۽ زال جي فراق ۾ اتي جو اتي بيت ڏنائين ته:

۱- سانوڻ تنهنجيءَ سڪ منجهان، آديسي آيو،
ٻانهيءَ ڇيو ٻانهي ڪي، ويندل ورايو،
مومل توکي ميم ۾، آهي سامي سڏايو،
تنهنجي ڏسڻ جو آهي، راٽي ڪي رايو،
آسيءَ آکايو، سڀين ڏينهن صبح جو.

* تاجو خان چالڊيو، وڏل سانگي ڦرهو، لڳ خيرپور ڪنبو، ذات ڪور، اصل وڏل ڪورواهه، حال ٽنڊو نيصر جي روايت موجب، سانوڻ فقير جا عزيز وبا ۾ مري ويا، ان بعد اراڙ ڪنهن دوست وٽ وهو، اتي عشق جي لٽون لڳس. ٻهرون بيت چيائين:
"ماڙي چڙهي مارئي... الخ"

٢- ستين ڏينهن صبح جو، ڪڍي سج ڪني،
آيا مرد الله جا، ڪٽي سرڪ سنهي،
روندين رڙندين ڪيترو، اچي ٻندا توتي ٻني،
مون کان سڳ چني، لاهوتي لڏي ويا.

سندس شاعريءَ جي شروعات انهن بيتن سان ٿي.

سانوڻ فقير جي شاعريءَ جي شروعات بابت ٻيون روايتون جي هيٺ ڏجن ٿيون، هن طرح آهن:

(١) سندس سؤٽ گل محمد خاصخيلي جي روايت موجب: سانوڻ فقير نندي هوندي پيءُ کي ماني ڏيڻ ويو. موٽندي اها ٽالهي وڃائي آيو، جنهن ۾ ماني ڪٽي وبو هو. ٽالهي نئين هئي، تنهنڪري ماڻس "مرادي" گهران تڙي ڪڍيس. ان موقعي تي بيت چيائين ته:

مرادي ڪنيو موچڙو، پئي ڪني ڪاهي،
سجو ڏينهن سانوڻ کي، ٿي ڍنڍ ۾ ڊوڙائي،
الله ٽالهي ليائي، نه ته ڪونهي آسرو سانوڻ جو.

۽ اهو ٻهريون بيت هو جو سانوڻ چيو.

(٢) گل محمد خاصخيلي ۽ مبارڪ چانڊيي جي روايت موجب: سندس پاءُ وفات ڪئي، جنهن جي فراق ۾ ٻهريان بيت چيائين ته:

١- لڏي ويا چڏي، ڪري آنڻ اولاڻو،
پيڙي دل پرزا ڪري، گهمائي ويا گهاڻو،
سورن ۾ سانوڻ ڇڏي، وتان ويڳاڻو،
آيل اولاڻو، ڏيئي ويام ڏهاڳ جو.

٢- سامونڊي سنبهيا، وڃهي ڏيل ڏجي،
تکي سير سمونڊ جي، اکيان ويم وهي،
سڄيءَ جو سانوڻ ڇڏي، نڏو روح رهي،
رکي سر ڳهي، واريان تن وٽجارن کي.

٣- سامونڊي سنبهيا، ساوي وڃن جام،
ٻڙا ٻڌائون ٻيٽ تي، غوراٻن گدام،
سودي ستيون سور جون، سفر سنبريام،
پکين ٻرڏيهين جا، ڪهڙا مڙهه مقام،
جتي ماريا، آتي ڪاڏا، ٻيا ڪنهن جا ڪرسام،
سڪان ٿي سانوڻ ڇڻي، ويا هوت وٺام،
ڇڻي ائين ڇڪام، اسان جو اجڻ ايترو.

هيٺين روايتن مطابق سندس شاعري مجازي بيتن سان شروع ٿي:

هڪ روايت موجب، سانوڻ فقير جوان هو، ڪوٽ ڀائي خان جي پرسان سامين جي هڪ لڏي اچي ڍاڍو ڪيو. انهن ۾ هڪ سامياڻي مائي تمام سهڻي هئي، ۽ سانوڻ مٿس عاشق ٿي پيو. ۾ سامي لڏو ڪٽي هليا ويا ۽ سانوڻ فراق ۾ هي بيت چيا ته:

"سامي سفر هليا، آيا ڪي آڪنڊ - الخ"

--

"سامي سفر هليا، ڏيئي سورن سور - الخ"

مگر زياده صحيح روايت هي آهي ته هڪ ڏيٽياڻي مائيءَ سان سندس نينهن لڳو، ۽ محبت جي حجت سان پهريائين هي بيت چيائين ته*:

ڏاهي ٿي ڏيٽياڻي، توکي چڱا چون چار،
ڪالهه رکيامئين ڪيترا، بارانا ۽ بار،
سؤ سؤ پيرا سينڌ جا، تو وٺي ڏنا ٿي وار،
اردائي تو اسڻيءَ کي، ڪرڻ ناهي ڪار،

* قاضي الهورائي نظاماڻي، هن تسر جا ٿي ٻيا مسلسل بيت ٻڌايا، پر قاضي الهورايو پاڻ سڪهڙ شاعر آهي ۽ غالباً اهي بيت سندس اضافو ڪيل آهن. اصل واقعي وارو بيت اهوئي هڪ آهي جو هيٺ ڏنو ويو آهي.

اسين هڪل ڪنداسون هيبت ڪي*،
جنهن جو ڏيهن ۾ ڏهڪار،
زالن جيڏي زال آهين، نڪا آهين ٻار،
دانهه پنهنجيءَ دل ۾، ويهي ڪر وپچار،
نه تہ ساري سڀ چمار، ڳائيندو سئين ڳوٺ ۾.

سانوڻ شڪل جو ڪوجهو هو. ڪوڙي تي وڏو رم هئس، بدن تي وارن جا مچ هئس. اکيون ڳاڙهيون ۽ ٻاٽائيون هئس. قد جو ٻندرو ۽ ٽڪل هو، ۾ جوش جا جبل هئس. سانوڻ فقير کي عشق جي باهه اندر ۾ ٻئي پڙڪي. سياري توڙي اونهاري فقط صدري پائيندو هو، سا به بيتن ڏينهن وقت بت تان لاهي ڇڏيندو هو. سخت سرديءَ ۾ به بيت ڇئي، مٿان پاٽيءَ جو گلاس پيئندو هو. اهڙيءَ طرح پڙيءَ تي ويٺي دلا پاٽيءَ جا ٻي ويندو هو، سندس بدن مان ٻگهر ريلا ڪري پيو نڪرندو هو. آخري عمر ۾ اندر جي باهه ڪافي وڌي وئي هيس، جو پاٽيءَ سان گڏ مصري جو به اضافو ڪيو هئائين. مصريءَ جي ڳڙي کائي، مٿان پاٽيءَ جو گلاس پيئندو هو.

بيت چوڻ وقت گوڏا ڀڄي آيو ٿي ويهندو هو. ٻئا سدائين اگهاڙا هوندا هئس. بيت ڏيئي يڪدم پرسان رکيل پاٽيءَ جو ڪوزو ڪٽي وات ۾ اوتيندو هو يا ڊڪ پرينندو هو. بعضي ڪوزو هٿ ۾ جهلي پيو جهولندو هو، ۽ سڙن تي هٿ ويٺو هٽندو هو. بيت نهايت درد مان ڏيندو هو، ۽ اشارن سان پوري تصوير آڻي اکيان بيهاريندو هو. بيت چوڻ وقت ڪن ۾ هٿ وجهي ويهندو هو، جنهنڪري ڪن ڇڪجي، هيٺ لڙي پيا هئس.

---

* درويش هيبت فقير جمالي جي مزار نندي شهر کان ڏکڻ-اوپر ۾ الڪل ايائي ڪوهه ٻري، ۽ ٻراڻ کان الهندي، الڪل هڪ ميل ڪن ٻنڌ تي آهي.

سانوڻ فقير، نماز جو پابند هو. سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ وظيفو پڙهندو هو. هڪ دفعي رمضان جي مهيني ۾ بيت ٻڌي ڏنائين ۽ پاڻي به پيتائين. ان تي ڪنهن چيس ته: سانوڻ! تنهنجا بيت ته پلا، ۽ نماز به پڙهين ٿو، پر روزو چو نٿو رکين؟ ان تي هٿ ٻڌي چيائين ته: سائين! آءٌ گنهگار آهيان، ۽ هي بيت ڏنائين ته:

آءٌ گبڙو، آءٌ گولاڙو، آءٌ بي پيٽو بي پاڙو،
من جي مرادن کي، آءٌ ڪريان ڪچاڙو،
آهيان هٿين خالي، مون وٽ پيتو نڪي پاڙو،
ڏسي دؤر دنيا جا، مون کي سرس لڳو ساڙو،
هيءَ حد چڏي هن حد ۾، مون ڏن
ڏسي هنيو ڏاڙو،
صوفي جو "سانوڻ" چئي، لٿو من تان مونجهارو،
جڏهن ترندو تراڙو، تڏهن پوندي سڏ سچائيءَ جي.

سانوڻ فقير جي ڪچهرين بابت پڻ ڪيئي ڳالهيون هلندڙ آهن. مثلاً—

(١) هڪ دفعي ڪرهيي پانڌاريءَ جي ميڙي تي "سمون شيخ" به آيو. هو نڙ تي بيت ڏيندو هو، ۽ ان تي فخر ڪندو هو. سانوڻ فقير به ان ڪچهري ۾ آيو، جتي سمي شيخ بيت ٻڌي ڏنا. هن سانوڻ کي بيتن ڏيڻ لاءِ چيو. فقير جي طبيعت ان وقت بيتن چوڻ تي نه هئي، تنهن چيو ته: آءٌ بيت ٻڌڻ آيو آهيان. آخر سمي شيخ جي هوڪارن تي فقير بيت ڏنا. سمي شيخ وٽ بيتن جو پانڌارو ڀريل هو، پر ان وقت چڻ ته سڀڪجهه وسري ويس. فقير جي سامهون سڄو بيت ڏيئي نه سگهيو. پوءِ پشيمان ٿي هن کان معافي ورتائين.

(٢) سانوڻ فقير، پيرو لاشاريءَ جي پرسان شاهه، گهريبي جي ميلي ۾ ويٺي بيت ڏنا، ته محمد ڏالپور به اچي ويٺو. سانوڻ فقير بيت ڏيئي مٿي نهاريو، ته ماڻهن مان ڪنهن رهيو ته ڪنهن

آنو ڏنس. اها طمع واري ڳالهه محمد کي نه وٺي، جنهن تي چيائين ته: سانوڻ!

ٻڌي ٻي ٻولي، هليا هيٺ زمين،
رکيو دل دنيا سان، ٿو دعويٰ رکين دين،
ٻئي گدرا مٽ ۾، ڪنهن پر ايندا ڪين،
ٽيءَ ڳالهه جو "ٽالپر" چئي، ٿالاهوتي ليکين،
ستين سمنڊ اورانگهيو، اٽين عرش آيين،
لاهيو ڪڙا ڪوٽ جا، ٿا پوريل در پٽين،
تن ۾ گهڙيو گاروڙي، وڃيو لقاپور لٽين،
انهيءَ ڪان به پري ٿيا، "محمد" ملڪ مٽين،
ات ٿا ورد وٽين، جت جماعت حضرت عشق جي.

اتي سانوڻ چيو ته:

داتا جي دربار مان، هنيو گاهوڙين ڪات،
ڪٽي خزانا خوش ٿيا، پيٽ ڪيائون پرڪات،
هليا وڃن حضور ۾، ڳوڏا واريو ڳات،
هليا وڃن حضور ۾، جو ڳي جهليو جات،
هليا وڃن حضور ۾، وڃئون وٽيو وات،
مرد موڙيا ڪينڪي، ڪنهن دوزخ جي دونهات،
لتاڙيائون لتن سان، لطيفائي لات،
اها سچاڻان ڏٺو، سانوڻ چئي، فقيراڻي فقرات،
سا ٻڪر ۽ ٻوسات، وئي ڦٻي فقيرن کي.

جسم منهنجي جان کي، لڳو جائي جمندي جيرو،
الست ارواحن تان، انهي فيض ٻڌو ڦيرو،
ماڻهن ليکي آدمي، پر هئو ات لعل اڏيرو،
وڃي ويٺو وجود ۾، اتي دمائي ديرو،
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت ڪان ٿيو
مٿي مهنديرو،

لنگهي ويس لاهوت کان، دور اڏيم ديرو،
هن صوفيءَ تان، سانوڻ چئي، پيچي ويهه م پيرو،
نينهن جو نبيرو، ميثاقان مهند هو.

سانوڻ فقير جي بيتن ۾ سوز هو، تنهنڪري عام ۾ سندس بيت نهايت مقبول پيا. هو بيت ڏيندو هو ته ماڻهن جا ميڙ لڳي ويندا هئا. جيئن ته سڄيءَ سنڌ جو سير ڪيائين ۽ ميڙا پيتيائين، تنهنڪري سندس بيت به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتا، ۽ هن وقت تائين عام ڪچهرين ۾ چيا وڃن ٿا. سندس بيت گهڻو ڪري سنڌ جي سيني ڀاڱن ۾ ملن ٿا، البت مڪاني طور ۽ راوين جي ڪچائيءَ سبب انهن ۾ قدري اختلاف آهي.

سانوڻ فقير جي شاگردن مان مولا بخش خاصخيلي مشهور ٿيو، جنهن پوءِ پنهنجا بيت چيا. سانوڻ فقير جڏهن حضرت پير سائين پاڳاري، شاهه مردان شاه "ڪوٽ ڏٿي" جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ته مولا بخش اتي ڪيس مليو ۽ سندس شاگرد ٿيو. سندس ٻيو شاگرد صديق فقير، ويٺل گهوٽ غلام حسين جمالي، تعلقي بدين جو هو، جو سنه ١٩٥١ع ۾ گذاري ويو. صديق فقير ٻڻ سانوڻ جي پيروي ڪندي بيتن ۾ اڪثر هيءَ چوٽي ڪم آندي آهي ته "مون سڄيءَ جو صديق چئي." بچائي فقير رند تي به قدري سانوڻ جو اثر پيو؛ حالانڪه بچايو فقير پنهنجي سر هڪ نامور شاعر هو. توڏو فقير مري (ويٺل اڏيرو لال) سانوڻ جو خاص خدمت ڪندڙ ۽ سڪ وارو فقير هو. توڏي فقير آخر عمر ۾ پاڻ پنهنجا بيت پڻ چيا. علي خان ڪورائي، سانوڻ جي بيتن جو وڏو راوي هو؛ ٻه-ٽي سال ٿيا جو وفات ڪري ويو. هن وقت حسين فقير هڳوري ۽ ٻين گهڻن بيتن ڏيندڙن وٽ سانوڻ جا بيت آهن، جي هو ڪچهرين ۾ ڏين ٿا. تاجي خان چانڊيي جي زباني آهي ته: سانوڻ فقير سان بيتن ڏيڻ وقت ڪاني

وڃائيندڙ سلسليوار هن طرح هئا: (١) موسو خاصخيلي، ويٺل گهوٽ ڪنڊڙي، لڳ راڄو نظاماڻي، تعلقو ٽنڊوباگو. (٢) حسين خاصخيلي، ويٺل گهوٽ ڪنڊڙي. (٣) ڪپڙ خاصخيلي، جو اڪين ڪان انڌو هو، ويٺل سينهاڻو، تعلقو ٽنڊوباگو. فقير گلو اوناري، ويٺل بدين، جو سانوڻ جو ساٿاري هو، ان جي روايت موجب، سانوڻ فقير وفات ڪان اڳ يارن دوستن کي چيو ته: ادا! هاڻي ساري سنگت سائين کي پرتي آهي. هاڻي ڏينهن اچي ڀريا اٿم. ائين چئي، بيت ڏنائين ته:

"اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ گهاٽي - الخ"

سانوڻ فقير جو دستور هو ته ساڳيو بيت وري نه چوندو هو، پر اهو بيت ورجائي مٿان چيائين ته:

سسئي سڪي شهر جي، تو چلا ڪاٽيا ڇو؟
توکي ننڊ نياڳ جي، گنگا ڪٽي ويئي گوءَ،
ساري رات "سانوڻ" چئي، هل هنگامو هوءَ،
پرهه ڦٽيءَ ڪان پوءِ، هاڙهو هوت هٽي ويا.

اها سندس موڪلاڻي هئي. ان بعد جلد ئي وفات ڪيائين.

سسئي

١- سرتيون پرتيون رب ۾ ڪي، آءٌ جا هلڻ هاري *
قسمت واڳون ڇڪيون، آءٌ وڃڻ واري
جيڏيون منهنجي جان ۾، برهه لڳو باري
عشق جي عذاب ڪان، منهنجو جانو ۽ زاري
ساجن سُتي سُور جي، مونکي پينگهي ۾ پياري
ساجن ستي سور جي، منهنجي هڏن تي هاري
ٻاهر ٻاڦ نه نڪري، اندر ڪانَ ڪٽاري
دڪيا داغ دل تي، چِڪيا چَهڪ چوڌاري
باهه منهنجي بخت لاءِ، اها ٻاروچل ٻاري
هڪڙيون پَٽيون پنڌ جون، ٻي ڪڙهي ٽيس ڪاري
هڪڙيون پَٽيون پنڌ جون، ٻي برهه بيماري
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، ٻيو ڏونگرن ڏاري
لٽاڙيم لٽن سان، وندر جي واري
هاڙهي، وندر وچ ۾، توبه ٻي زاري
سڳ نه منهنجو سڦرو ٿيو، جو ڏيءَ هيس ڏاري (١)
منهنجا ڪم ڪريم تي، ڪندو مرشد موچاري
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، آجهو ٿيندم آري
جنهن پنهون ٿي پاري، آهو ڪوهيارو ڪيچ ويو (٢)

٢- سرتيون پرتيون رب ڪي، آءٌ هت اجوڪي

---

* هيٺ ڄاڻايل راوين ڪان ملهل بيت، بنيادي روايت طور متن ۾ رکيا ويا آهن. هڪ ڪان وڌيڪ روايتن جي حالت ۾ اختلاف حاشيه ۾ ڏنا ويا آهن: (١) الهورايو نظاماڻي (تعلقو گوني) روايت "ظ"؛ (٢) محمد طالب لوهار (تعلقو ٽنڊو باگو) روايت "ل"؛ (٣) حسين فقير هڪورو (تعلقو سنجهورو) روايت "هم".

[١] ظ، ل ۽ هم. (١) ل: سفر نوتي سڳ ڪيئون، ڏوهڻ ڏيءَ ڏاري.
(٢) هم: هيءَ جا منزل ماري، سا تادر ڪيچ رسائيندو. [٢] ظ، ل ۽ هم.

قسمت مونکي قيد ڪري، رات هتي روڪي (١)
سج لهي سانجهي ٿي، ڪئي چنڊ به چاندوڪي
مُرڪي ڏينم ميهڻا، اها تار به تو ڪي
ڪلهي ڦاٽم ڪنجرو، ٻڌان ڪيئن ٻوڪي (٢)
ڇوڙيان ڪيئن ڇپر ۾، ڪمر ڪالهوڪي
سُڄي ٿي، سانوڻ چئي، اڄا منزل مهندوڪي
پنهل پاڌوڪي، وڃي ٿيو وڻڪار ۾.

٣- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، پنهنجي وات وٺو
بيگاني پنهور ۾، ساڄن ڪين سٺو
ڪين گهران پنهنجي ڪانڌ جي مَيَن ڪي مَٺو
جيءُ تہ منهنجو جيڏيون! گونگن ساڻ گٺو
اندر اُلنيا عشق جا، جيئن ٻَري باهہ بَٺو (٣)
ڏاگهن هو ڏيکاريو، مون ڪُوڙيءَ ڪي ڪٺو (٤)
سارو ڏينهن، سانوڻ چئي، مونکي پاڻي آنّ پٺو
آري اُبٺو، سات جهليو ٿو سڏ ڪري (٥)

٤- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، اڏيون ڪريو نہ ارمان
آئين سڀ وري وڃو، آءٌ ڪڏهن ورنديس ڪانہ
آريءَ جي عشق ۾، منهنجي جلي ويئي جان
آءٌ ٻانهي ٻاروچل جي، هو آري آهي اڳوان
پٿون ڪنديس پاڻ ڪي، ڪسي ٿينديس قربان
”ونحن اقرب اليه من حبل الوريد“ ٿيندو مالڪ مهربان
پڙهنديس وڃي پرت مان، فائق جو فرقان
سٽي سڏ، سانوڻ جا، غم لاهيندو غفران
تار منجهان طوفان، لنگهائيندو لطف سان.

٥- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، آئين وڃو سڀ وري

(١) ل: ڀاليان پنهنجي ڀاڳ، ڪڏن، رات آهيان روڪي. (٢) ل: ڪلهي لاهي ڪنجرو، ٻڌم جا ٻوڪي. [٣] ظ، ل ۽ هم. (٤) هم (٥) هم: وندر ۾ وٺو، قرب تن ڪيچين جو. [٤] ڪان [٧] ظ.

آءٌ جاليان ڪيئن جدائي ۾، منهنجي ساجن ري نه سري
ساهه ته منهنجو سرتيون، ويو ڳٽين منجهه ڳري
هاڻي ڪٿي ڪشالا ڪيچ جا، ويندي منڌ مري
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، ٻي برهه جي ڀري
ڦاٽي من ڦارون ٿيو، ڏکن منجهه ڏري
واهون ڏيان پئي وندر ۾، چانگن ڪيس چري
ڪيچين ڪين قبوليو، تڏهين ٻارڻ ويا ٻري
ڏيئي ويا آڳ اندر ۾، جيئن دوزخ جي دري
سورن ۾، سانوڻ چئي، ويا اٿم ٽپ ٽري
جي پنهل سان پت پري، ته سونهان سرتين وچ ۾.

٦- سرتيون پرتيون رب کي، ڪريو سڀ سُجوتي
نڪي پنهون پرڻيو، نڪا ٻيس پوتي
آءٌ ساري مند سورن ۾، ڳيرو تان ڳوتي
سُتي انهيءَ سور جي، مونکي آريءَ جام اوتي
جليو جانب جت لاءِ، آءٌ وتان رائي منجهه روتي
من منهنجي محبوب کي، آءٌ ملان ماڳوتي
”سلامن قولا من رب الرحيم“، ٻلي فوت ٿيان فوتي
ماڻهو ڏيندم مهڻا، آهين نار نانگوتي
ماڻهو ڏيندم مهڻا، آهين لَنڊي لانگوتي
سورن جي، سانوڻ چئي، مون چاڙهي آهي چوتي
جيئن تنواري طوطي، تيئن ٿي ٻوليان ٻاروچل لاءِ.

٧- سرتيون پرتيون رب کي، مُئيون چڏيو مانگ
ڪانه هلندي ڪيچ ڏي، لُنگ ٻڌي ڪا لانگ
مون ڪميٽيءَ قبول ڪيو، ساهه پريان جي سانگ
انهي مارگ جي ملڻ جي، آهي طلب اندر ۾ تانگ
پهرين ويندس پنهون ڏي، پُونگو ڪري پانگ
ٻلي ڪائين مون ڪاڻيءَ کي، ننگ پٽيان ئي نانگ

پلي پيرا ڪائين ٻانيڻ جا، ڪيچ سندائي ڪانگ
سورن لاءِ، سانوڻ چئي، آڏيو اٿم آجهانگ
عليءَ جي اورانگ، آءٌ مري مانءَ موچاري ٿيان.

٨- سسئي شهر پنيور ۾، پئي سارو ڏينهن سنبر
ڪم نہ ايندئي ڪانڌ ري، گهوڙا ۽ گهر
ڪٽ جانءُ ڪنب، ڏي جانءُ ڏر، وچ جانءُ وَر،
ٽيڪ جانءُ ٽر
انڌي چڏ آرس ڪي، آٽي ۾ اوجهر
ليلهايو لڪن ۾، ڍرڪيو ڏئين ڍر
پڙهيا چام پنهل جا، تو ڪي هرتالي هنر
پڙهيا چام پنهل جا، تو ڪي البيلي اکر
وَريو اچين وات تان، هل سٽيو هونگر
هلندي هاڙهي سامهان، ويا آٽ ڏيندي اوگر
اٿن اوٽيڙن جا، اٿئي نالا نيشانبر
سنجهي ويا اٿئي، سانوڻ چئي، هوت لنگهي هن ڍر
پيو ڪيچين کي ڪٿر، ڪو پرٽي رات پنهونءَ جي.

٩- سسئي شهر پنيور ۾، تون ڪپ نڪي ڪيچ
هلي هوت پنهونءَ کي، آٽ ڏوراپو ڏج
جتائي ذات سان، تون ڪاوڙ ڪيم ڪج
جتائي ذات سان، تون ويم ڪيم وجهه
جتائي ذات سان، تون سينو نہ ساهج (١)
جتائي ذات سان، تون نينهن نہ نبيرج (٢)
جتائي ذات ڪي، پلئو وڃي پائج (٣)
جتائي ذات ڪي، روئي ريجهائج (٣)
جتائي ذات سان، منهن نہ متائج (٣)

---

[٨] ظ، ل ۽ هم. [٩] ظ، ل ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو هالا).
(١) ظ (٢) ل (٣) ظ

جتائي ذات سان، تون ٻاڙو نہ ٻولج
جتائي ذات سان، تون ڪلي ڳالهائج
سيڻ تنهنجا سسئي! آهن نوراني نج
"والسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ" تونءَ انهي راهہ رمج (١)
سورن جي، سانوڻ چئي، هلي ڪورٽ اتي ڪج
هوندو ٻاروچاڻو ٻج، تہ ڪوئي نيندئي ڪيچ ڏي.

١٠- سسئي شهر پنيور ۾، تون رڙ نڪي رو (١)
بيگاني پنيور ۾، تون ڇلا ڪاٽين ڇو
پاڻهي ڪيئي پاڻ سان، اها تعدي تو
توکي نند نياڳ جي، تو سمجهيو نڪي سو
توکان آٽ اتي ويا، گونگا ڪٽي گوءِ
سُتي هئينءَ سيج تي، جت ڇڏي ويا جوءِ
ڇو سُتي هئينءَ سيج تي، لاهي لعل ليوءِ (١)
هوت تنهنجيءَ هنج مان، وهاڻيءَ ويو (٢)
سارو ڏينهن، سانوڻ چئي، هتي هل هنگامو هو
بخت تنهنجي پُل ڪئي، ناهي ڏيرن جو ڏوهہ
ڪٽي پير پنهل جا، وڃي رندن مٿي رو
سيڻ تنهنجا سسئي، اجهو هو ٿا وڃن هو
پرهہ ڦٽيءَ ڪان پوءِ، هاڙهو هوت مٿي ويا (٣)

١١- سسئي شهر پنيور ۾، تنهنجو سات بہ سنيوڙل
صبح تنهنجي سر تي، آهن ڪيچين جا ڪرڪل (٤)
جتن مون سان جاڙون ڪيون، تون آهين پهر پُل
جتن مون سان جاڙون ڪيون، اتي هاڙهي هل
جتن مون سان جاڙون ڪيون، تون آهين وڇوڙل

[١٠] ظ ۽ ل. (١) ظ. (٢) ظ: پنهل بنا پوءِ ڏيندينءَ باهہ پنيور ڪي.
(٣) ل. [١١] ظ ۽ هم. (٤) ظ.

سرتيون منهنجي سور جي، ڪنهن ڪي نہ آهي ڪل
وهيو پون وڇوڙي جا، ڳوڙها مٿون ڳل
منهنجا ڪم ڪريم تي، جو آهي ميز مدني مل
نيئي پنهنجي نيات سين، مونکي ڏيئندو مرسل
”بل هو قرآن مجيد في لوح محفوظ“ اهي جيءَ ۾ اٿر جل(١)
آءٌ برهمڻ بچڙي، منهنجو ڪيچي يار ڪنڊل(٢)
آءٌ برهمڻ بچڙي، منهنجي اڳيان نہ آهي آچل(٣)
سورن لاءِ سانوڻ چئي، مونکي پرٽيو جام پنهل
لهندي ڍت مٿان ٿي ڍل، جڏهن ايندو سات سيّد جو.

١٢- سسئي! شهر پنيور ۾، ڪج نڪي تون ڪام
بانهي ٻاروچل جي، گولي ٿي ڏيکام
تو ۾ ساهه، سانوڻ چئي، جيڏي تون جيتام
ويهه مٽي ساٿ ڪري، ربّ سچائي رام
جان هلي وچ هوت ڏي، جان پرزو لک پيغام
جان پڪي ٿي پنهون ڏي، آئي تون آڏام
جان صدقو ٿي سيّد تان، جو مير مدني جام (٣)
جان پٽون ڪر پاڻ کي، جان ڪهي ڪر قتلام
تہ سسئي تنهنجي سر تي، ٿين ميڙا ۽ مقام
رسولا ٿي راهه تي، اوليا ٿي اگهام
خوشيءَ مان، خاصخيلي چئي، تو کي جنت ملندو جام(٤)
سوين ڪن سلام، اچي پنهون پڻ پير پري.

١٣- سسئي شهر پنيور ۾، پوري ڦٽئي پاڳ
نند نہ ڏين ها نيٽن کي، جيءَ ۾ وجهين ها جاڳ

(١) ظ. (٢) هم: هاڙهي وندر وچ ۾ - الخ. [١٢] ظ ۽ ل (٣) ل:
ڪاهي هل اوڏانهين. جيڏالهن مديني جو جام
جان ٿي صدقو سجڻ تان، مر پنهنجيءَ ماڻ
(٤) ل. [١٣] ڪان [١٦] ظ.

سُنيئ انهيءَ سوز مان، تڏهن ڏکي آيئي ڏهاڳ
اهو ٻاروچل ٻاري ويئي، ڏئي اندر ۾ آڳ
هاڻي ڪاهي ڀڄ تون ڪيچ ڏي، وار وندر ڏي واڳ
من پتو ڀونئي پنهل جو، جبل وڃي تون جهاڳ
گهوريٽي تنهن گهوٽ جي، اهي مڙهيون چڏي ماڳ
ڪوهيارو ڪهي ويئي، دل کي ڏيئي داڳ
هاڻي واري جا وندر جي، تنهن جو لٽن کي ڏي لاڳ
تہ سڃاڻي، سانوڻ چئي، مَن سسئي ڏينئي سهاڳ
جنهن سان چري! هو ئي چاڳ، سو آري آٽ ڪٽي ويا.

١٤- سسئي شهر ڀنبور کي، تون چوري ڪٽي چڏ
نند پرايئي نياڳي، سُتي سُوئي نہ سڏ
ڏاڏي ٻوٽي هجين ها، تہ گولي نينئي ها گڏ
هو ڏاڙو هٿي ويا تو ڏاريءَ کان، رکي ليڙن تي لڏ
سُتي هئينءَ جنهن سيج تي، سا ڪاٺي هٿين ها ڪڏ
مَهارون جهلين ها مَيَن جون، تہ هاجو نہ ڪنئي ها هڏ
هو آڏيءَ آٽ آٽاري ويا، ڏيئي توڏن کي تڏ
سورن جا، سانوڻ چئي، هاڻي آڏاٽا ويئي آڏ
ڪري مڙهيون ماڳ مڏ، رس ڪاهي ڪيچ کي.

١٥- سسئي شهر ڀنبور ۾، تون مُئي ڪر ماتام
تون جاڳين ها جتن لاءِ، ڇو اِنڌي ڪيئي آرام
اوٺي آٽ اٽاري ويئي، هٿي ڪرهي کي ڪام
هاڻي روندي رت رندن تي، تون گس جهليو گام
سڙي انهيءَ سور ۾، پيئي ڪوري منجهه ڪام
ڪڻ پير سويرا سسئي، پيا اٿئي سور پکي ۾ سام
سسئي سانگا، چڏ آسانگا، آٿي تون آڏام
سسئي سهاڳ ڏک ڏهاڳ، جبل ڏيندئي جام
پرهه پڪارون، ڪر ڪوڪارون، اٿئي پنهل جا پيغام

پرهه پوڪارون، ڪر ڪوڪارون، لڪ جهلي تون لام
محبن ميلا، وجهه مر ويلا، من اگهين وٽ امام
لج لاهي، ڪيچ ڪاهي، محبن پچ مدام
سورن جا، سانوڻ چئي، هو دل هٿي ويئي دام
پوءِ آرياڻي انجام، پارج پول پنهون سان.

١٦- سسئي شهر پنيور ۾، تون هنبس چڙهاڻ
ستي هئينءَ سيج پلنگ تي، ڪري وهاڻا وچاڻ
انهيءَ ننڊ نياڳي، تنهنجا وڍي چڙيا واڻ
جڏهن ڏمرڏنو هوئي ڏيرن ۾، تڏهن ڏينهاڏاگهن ڪي ڏاڻ
جاڳئين ڪين جتن لاءِ، تون انڌي ٿئين اٽڪاڻ
سنبري آيا هٿا سات ڏئي، جو ڪانه ڪڍياڻون ڪاڻ
"الم يجعل كيدهم في تضليل و آرسل عليهم"
پروڙين ها پاڻ
ڏئي ويا اٿئي ڏکن جا، اهي ميا پري ماڻ
تڏهن وڃڻ توکي واجب ٿيو، آٿي پنڌ پلاڻ
سورن جي، سانوڻ چئي، وڃي ڪروندر منجهه واڪاڻ
اهي سور ڪٿي ساڻ، وڃي گهوري ٿي گهوٽ جي.

١٧- سسئي شهر پنيور ۾، لڌيون لڪئي جون لانئون
چنگهن ڍگها، وجن سگها، ليڙا ڏين لاهون
پڳي گوري، اٽ بهاوري، ڍرياڍوري، چانگاڏيئي چاهون
بغدي برهي، نندئي نرهي، سسئي سرهي، هانيڻ هڏ هانهون
برهمڻ پوري، لڳس لوري، ڪري هوري،
درد مان دانهون
مٿي موڙ، پائي ڍوڙ، هٿي لوڙ، وڃي موڙ، آٽ به اورانهون
سسئي ويچاري، محبت ماري، بي سواري، ڏي
وندر ۾ واهون
ستي سيج، ڪري هيج، ڏکيءَ ڏيج ڏناڻون

[١٧] ءَ [١٨] ل.

جتن جوش، نيس هوش، توڏن تونس، لاهين غوث،
برهم جون باهون
آري آئي، پلئو پائي، بيٺي بخشائي، گولي گناهون
سنجهي ويا اٿئي، سانوڻ چئي، ٿي وير نه ويساهون
سسئي صلاحون، هٿي هوتن ڏي هلڻ جون.

١٨- سسئي شهر سيوهڻ ۾، جڏهن ٿي چاڙي
پيءَ پنهنجي ڏيءَ لاءِ، وڃي پوٽي پٽائي
پوٽي پٽي برهمڻ، ساري ڳالهه سڻائي
تہ نکيو انگ مسلمان سان، جتن سان جائي
تڏهن پيءَ پنهنجي ڏي لاءِ، صندوق سنبرائي
ٻانيڻ ٻيٽي پنهنجي، وڃي لڙ ۾ لوڙهائي
سورهن ڏينهن سمونڊ ۾، اهتندي آئي
ڏوهي ڏوئيندي ڪپڙا، ڪتي ڪٽائي
اڄ نندي، سيان وڏي، اچي سسئي سامائي
خبر خان پنهل کي، وڃي ٻاپيهل ٻڌائي
سورن ۾، سانوڻ چئي، نندي نپائي
ڪئي ڪيچين ڪچائي، بر ۾ برهمڻ سان.

١٩- سرتيون پرتيون ربّ کي، ڪيچ هلي ڪام
ٻاروچل ٻڌايم، ڪو عشق جو احرام
آءٌ هندواڻي هوت جي، هو ربّ منهنجو رام
ويندس پٽيءَ پنهونَ جي، وٺي نانڪ نام
ڪنديس ڪيچ ڏٺين کي، آءٌ هتان ڏي هرنام
آءٌ ٻانهي ٻاروچن جي، گولي آهيام غلام (١)
"تبارک الذي بيده الملک و هو علي کل شي قدير" آءٌ
سنجهي صبح ڪنديس سلام (١)
جي ڪنديءَ سڏ، سانوڻ چئي، تہ ڏوران ايندائي ڏام (٢)

[١٩] ظ ۽ ل. (١) ظ (٢) ظ: سورن ۾، سانوڻ چئي، ڏيهي ملندم ڏام.

آءٌ برهمڻ بچڙي، هو وندر جا وريام (١)
جي ڪندا مهر مٿام، تہ ڪرسگ نہ چينو سڄڻين (٢)

٢٠- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، وڃو جان وڙڪو
مون ڪان آٽ آٽي ويا، پينر ڏيئي پڙڪو
ڪين ٻڌم ڪو ڪرهن جي ڪرڳل جو ڪڙڪو
سور مون سڙيءَ ڪي، اوهين پيون ڇو ٻڙڪو
هن سڄيءَ جو، سانوڻ چئي، ويا ڦٽائي ڦڙڪو
ڏارينءَ ڪي دڙڪو، هو آصل آريءَ جام جو.

٢١- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، وڃو مڙ موٽي
ڇو ٿيون ڪريو ڇپر ۾، هن ڪاڻيءَ ڪي ڪوٽي
آءٌ اوهان ۾ آهيان، ٿنهين ۾ ٿوٽي
ڪنهن سان پري ڪينڪي، ٻانيڻ جي ٻوٽي (٣)
چڙهي ڏونگر ڏاڪئين، جهلي چاهم منجهان چوٽي (٤)
مران تہ ملوڪ ٿيان، ڏونگر تان ڏوٽي (٤)
سورن سان، سانوڻ چئي، مون جنگ اچي جوٽي
ڏير ڏاڏي پوٽي، وڃي پرٽائيندا پنهونءَ ڪي.

٢٢- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، منهنجي اٿو جيئري جدائي
آئين موڪلائي موٽي وڃو، ڪريو ورڻ جي وائي
آءٌ پير ڪٽان ٿي پنهل جو، جنهن سان لنڌون اٿم لائي
دردن منهنجي دل تي آهي دونهين دُڪائي
برهم باهون، ڪريان دانهون، جن اٿم جان جلائي
رٽي گس، ڪنديس وس، ڪر توڪل توائي
پنهل ڳورينديس، سر گهورينديس، من بخشي خاوند خطائي

(١) ل. (٢) ظ: پوءِ ڪندو مهر مٿام، سو ڪامل ڏٺي ڪيچ جو.
[٢٠] ظ، ل ۽ صالح محمّد سمون (ڪراچي). [٢١] ظ ۽ ل. (٣) ظ:
ڪتا ڪين مرڪيچ جا، مون ٻانيڻ جي ٻوٽي. (٤) ظ.

پنهون پڇنديس، ڪيچي لاءِ ڪُسنديس، وجهي ويا
فڪر جي ڦاهي
ڌار ڪري ڏڪي ويا، آءٌ هيس ڪن ڄامن جي ڄائي
تڏهن روئندي وتان رندن تي، ڪندي گسن تي گدائي
هي روئندي وتي رندن تي، اڄ ٻانيڻ ڏيءِ ٻائي
سورن ۾، سانوڻ چمئي، آهي سسئي سامائي
انهي ننگ بہ نمائي، ڪئي ٻانيڻ هوت ٻروچ سان.

٢٣- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، اديون الله توهار
سچ ڪري ويا سسئي سان، وٺي پوريءَ جو پٽار
ويهڻ مئيءَ جو وهم ٿيو، ڏڪي ڪيائون ڌار
هاڻي گهوري ٿيان ٿي گهوٽ جي، ڪڍي پنهل جا پار
ڏاتر ڏيکاري مئيءَ کي، من ڪيچين جي قطار
پٽون ڪنديس پاڻ کي، ٿينديس گس انهيءَ تي گار
توکل ٻڌي ترهو، وڃان پئي آريءَ جي آڌار
مانَ قبولي ڪيچ ڏٺي، ڏيئي سسئي کي سينگار
مانَ قبول ڪيچ ڏٺي، لاهي اندر جو آزار
مانَ قبولي ڪيچ ڏٺي، مديني جو مهندار
جهلي داوَن دستگير جي، آزيون ڪنديس اپار
وڻ ڏيکاريا وندر جا، مونکي لڪئي جي لاچار
سوڙهي ۾، سانوڻ چئي، اچي سيّد لهندم سار
نرمل ڪري نهار، اچي هوت رکندم هڙا.

٢٤- سرتيون پرتيون ربّ ڪي، مونکي تل نہ ترسايو
ڏهاڳ مون ڏکيءَ کي، اهو اوچتو آيو
پنهون وٺي ويا پاڻ سان، ڪري سسئي جو سعيو
هيءَ نياڳي ڇڏي نند ۾، ويا ڪرها هتان ڪاهيو
ڏکن سندم ڏيل تي، آهي دونهون دکايو

[٢٢] ڪان [٢٨] ظ.

سورن مـــون سڙيءَ تـي، آهي ماتم مچايـو
تڏهن ڪڍيو پار پنهل جا، وڃان لڪن مان ليلهايو
اهو قلم منهنجي قسمت ۾، آهي واحد وهايو
باهه لڳيم تڏهن برهه جي، جنهن ڪوري منجهه ڪاپو
دردن منهنجي دل تـي، آهـي ديـرو دڪايـو
سورن جو، سانوڻ چئي، مون پيچ پنهل سان پايو
تڏهن ڏکن ڏکايو، جگر مـون جڏيءَ جو.

٢٥- سرتيون پرتيون رب ڪي، ٿي درد منجهان دانهي ڙي
پاند ته منهنجو پنهونءَ سان، اديون! اٽڪيو آهي ڙي
حُب حبيب هوت جـي، رنگ چڙيو راهي ڙي
سور ته سڄڻ يار جي، گهور وڏو آهي گهائي ڙي
سمهڻ منهنجو سيج تـي، پوءِ نينهن ته ناهي ڙي
پنـيءَ رات پڄي ويـو، لئون پـاروچو لائـي ڙي
گهمي ڏس گهوت ڪي، جبل ڏي تـون جائڙي
ڪڍيو پار پنهون لاءِ، هي پانيڻ ڏيءَ پاهي ڙي
ڪري ويم ڪيچ ڏٺي، وندر منجهه واٽڙي
جنهن جي سڪ اٿم، سانوڻ چئي، سوشل محي‌الدين
ملائي ڙي
آري جام آئـي ڙي، ڏٺـي لهندم ڏکڙا.

٢٦- سرتيون پرتيون رب ڪي، نه ڏيو موڻڻ سندي مت
ڏيئي ويا ڏهاڳ ڏکيءَ ڪي، تڏهن روئان ويٺي رت
پنهون وٺي ويا پاڻ سان، اهو جاني منهنجو جت
چوريءَ رات چڙهي ويا، مون سان ڪيچين ڪئي ڪپت
"ثم لايموت فيها و لا يحيي" قهر ڪيـو قسمت
هاڻي ڪنديس ڪشالا ڪيچ جا، پهڻ لتاڙي پربت
منزل ڪندي مري وڃان، شل پري پنهل سان پت
سوڙهيءَ ۾، سانـوڻ چئي، شيريـن پياري شربت
پاڙي جي پورهيت، من ڪامل ڪري ڪيچ ڏٺي.

۲۷- سرتيون پرتيون رب ۾ کي، هاڙهي ڪيم هلو
پاڙهي ڄام پنهون ويو، مونکي عشق جو الو
ڏاڪهن ۽ ڏيرن لاءِ، ڏنم وندر منجهه ولو
مون نياڳيءَ جي نصيب ۾، اچي ٻريو جرجلو
سورن جو، سانوڻ چئي، ڪاهي ويا قافلو
منهنجا ڪم قادر تي، ڪندو ڀاون پير پلو
پينر پرجهلو، آري ٿيندم اڳ جو.

۲۸- سرتيون پرتيون رب ۾ کي، هتي منهنجو ڪجاڙو
آڏي آٽ آٽاري ويا، هٽي ڏوهڻ کي ڏاڙو
اوٺي آٽ آٽاري ويا، طاق پڄي تاڙو
گولي گهگهيري، چني چوري، ڏنئون سورن جوساڙو
وندر ويندس، ڪين وهندس، ڏسندس پنهل جو پاڙو
آءٌ ٻانهي هيس ٻاروچل جي، ٻوليم ڪونه ٻاڙو
پر سنبهي صلاحون، ڪري ڪاهون، هوت لنگهياهاڙهو
ڪيچي قطاري، مٺي ماري، ڪيائون لڪن تي لاڙو
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، پيو ڪيچين جو ڪاڙهو
ڇڄي پير ڇوتا ٿيم، اٿم مٿو اگهاڙو
پيرين پيادي پنڌ نه ٿئي، هاٿي ڪريان ڪجاڙو
جبل جاڙون، ڪري ڪارون، ڇڪم اچي چاڙهو
سورن مٺي تي، سانوڻ چئي، اچي آڏيو اوتارو
روج ڪري راڙهو، ڇلي پيس ڇپرين.

۲۹- هٿ ڪٽيو هلڪون ڪري، ڏي آيل آڇنگارون
سپ مڙهايان سون مان، ڏونگر تنهنجون ڏارون
تائب لنگهيا تو وٽان، ڪري ڪيچي قطارون
سُيم ڪين ساٿيڙن جون هڪلون هونگارون
هلندي هوت پنهون جون، مونکي مارين ميارون

[۲۹] ظ ۽ ل.

ڪيڏو پار پنهون جا، ڪري ٻانيڻ ٻاڪارون
"آولائڪ الذين حبطت آعمالهم في الدنياوه الآخرة"
ڏيندو درد سندو دارون
منهنجا ڪم ڪريم تي، لهندو سوڙهيءَ ۾ سنيارون
سورن ۾، سانوڻ چئي، ڏيندو عاشق اوتارون
ڏوهڻ تو ڏارئون، آءٌ ڇُلي پيس ڇپرين.
٣٠- هٿ ڪٽيو هلڪون ڪري، ڏسي پنهون جا پيرا
ڇو ڇڏي ويا ڇپر ۾، مونکي ساٿي سويرا
حال مون هيٺيءَ جو، ڏسو اوهين ڏيرا
آءٌ اوهان جي آهيان، گولي گهگهيرا
مون ڏکيءَ تي ڏمريا، وڏڻ جا ويرا
مون کان پيريءَ ۾ پنڌ نه ٿئي، ڇو ڇپر ڏيو ڇيرا
روئي ويٺي رندن تي، اڄ پب ڏسيو پيرا
مون سڄيءَ کي، سانوڻ چئي، ڏنا جام پنهون ڇيرا
ٻانيڻ جا ٻيرا، شل ڪانگ ڪائين ڪيچ جا.
٣١- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، سڻ صاحب رب ستار
لطف سان ليائيين ڪيچاڻي قطار
وندر پاس وڃائيا، مون ميا آٽ متار
ڇڏي ويا ڇپر ۾، گونگا آٽ گينوار (١)
چوري رات چڙهي ويا، سي ڏاگها مون ڏيکار (٢)
مون پيادي کان پنڌ نه ٿئي، آهيان برهمڻ بيڪار (٢)
مون ولهيءَ کان وک نه پوي، آءٌ آهيان عيبدار
ڪڏهن ملندم ڪيچ ڏٺي، ساٿ پنهون سردار (٢)
ڪنين ٻڌم ڪانه ڪا، تن گونگن جي گفتار (٢)
مون سڄيءَ تان، سانوڻ چئي، لاهي ڏک ڏاتار
منهنجي ياڳ پتار، ويجهو ٿيندو ولهو.

[٣٠] ظ ۽ هم. [٣١] ظ ۽ ل. (١) ر: مون ولهي کان ور وٺي ويا، گونگا اٽ گينوار. (٢) ظ.

٣٢- هٿ کٽيو هڪلون ڪري، وڻ ڏسيو ٽي وڃڙ
ڏونگر ڏکوين جي، ڇپر ڇڏ تون ڇيڙ (١)
منزل ساري، بر باري، ڪس نه ڪوئي گهيڙ (٢)
آڏي ڏئي اٽي ويا، پيو ڏاگهن منجهه ڏڦيڙ (٣)
لتاڙي لڪ چـــڙهيا، ميا، اُٿ مَوپڙ (٤)
هل تہ پرچايون پنهون، ساٿهو وٺي ميڙ (٥)
هن سچيءَ جو، سانوڻ چئي، هٿ ڪڙم نڪو ڪيڙ
هوندو ٻاروچاڻو ٻيڙ، تو ڪي ڪوئي نيندو ڪيچ ڏي.

٣٣- هٿ کٽيو هڪلون ڪري، ور جاني منهنجا جت!
ڪاف ڪشالا ڪيچ جا، مونکي ڪرڻ پيا ڪٺرت
لتاڙيـــم لتن ســـان، پهڻ وڏا پـــربت
ماري ويا معذور ڪي، آءٌ روئان ويٺي رت
مون پيادي ڪان پنڌ نہ ٿئي، آءٌ نماڻي نِست
مون پيادي ڪان پنڌ نہ ٿئي، نہ تہ اچان ها اَچَت
مون پيادي ڪان پنڌ نہ ٿئي، اهو قهر ڪيو قسمت (٦)
پُسي پنهنجي پگهر ۾، آءٌ پيچي ٿيس پت
قادر مونکي ڪيچ رسايين، پرور! رکج پت (٦)
آءٌ ٻانهي ٻاروچل جـــي، گولي غـــريبت (١)
"ويدخلهم الجنة عرفها لهم" پرور رکندو پت (٦)
سڪان پئي، سانوڻ چئي، مون ۾ پنهل ناهي ڇت (٧)
هاڻي پڳي هوت حجت، آءٌ ڇپر ۾ ٿي ڇوتا ٿيان.

٣٤- هٿ کٽيو هڪلون ڪري، لفظ پڙهيو لاالله (٨)

---

[٣٢] ءَ [٣٢] ظ ءَ ل. [٣٤] ظ، ل ءَ صالح محمد سمون (ڪراچي).
(١) ل: جبل منهنجي جان سان ـ الخ. (٢) ظ. (٣) ل. (٤) ل: وندر پاس وڃائيا، مون ـ الخ. (٥) ظ: ڪيئن پرچائيان پنهونءَ ڪي، آءٌ مهندان وٺي ميڙ. (٦) ظ. (٧) ل:
مون سچيءَ تي، سانوڻ چئي، رک هادي پنهنجو هٿ
هـن سـچيءَ جـي سٿ، ويجهو ٿـي وٺڪار ۾
(٨) ظ: سرتيون پرتيون رب ڪي ـ الخ

ڏاگها ڏيــرن هٿ ۾، ويــا آتــاري اولا
هادي پنهنجي حق سان، مونکي ميڙئين تون مولي
هادي پنهنجي حق سان، مونکي ميڙئين ڪنهن قولا (١)
بچاءِ هن بدو کان، جيت نانگ پٽون نيلا
هاڙهي، وندر وچ ۾، پيا ويچاريءَ ويلا
هن سچيءَ جا، سانوڻ چئي، سوڻ ٿين سولا
ڊوڙي ڪنهن ڊولا، پچان جاءِ پنهل ڪي.

٣٥- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، روئي زاروزار
جليو جــانب جت لاءِ، پيٽيو ڪڍي پــار
پنهل! آهيان پرٽي، هوت پنهنجو حق سنيار
مون ڪميٽي قبول ڪئي، پل گهگهيلا ڏبو گار
رلائي رڻ ۾، مون مٽيءَ کــي مــار
پهٽن پير پــٽــون ڪيا، نــرمل ننگ نهار
آري تنهنجي اچڻ لاءِ، مون وچايا آهن وار
مون سچيءَ کي، سانوڻ چئي، تڙهي پنهنجي تار
آءٌ تنهنجي آڌار، ڪا ٻاروچل ٻاجهه پوئي.

٣٦- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، ٻرو چــا بيا
آڏــن ۽ اوٺين جــا، اٿئي سانگ سيا
آڏــن ۽ اوٺين جــا، مــونکي پــور پيا
آڏــن ۽ اوٺين جــا، اٿئي تپ تيا
آڏيون جهليو ٿي آجهڙين، توکان وهاڻيءَ ويا (٢)
سيڻ بہ تنهنجا سسئي! نڪي ننڊ نهوڙيا (٣)
سيڻ بہ تنهنجا سسئي! رکــي رنــج ويــا

(١) ظ: قادر پنهنجي قدرت سان، مونکي ميڙيندو مولي. [٣٥] ظ ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي). [٣٦] ل، عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو) ۽ رانچند (تعلقو ڄاڄرو). (٢) ر: اڙون جهليو ٿي اوجهرين، توکي ويساهي ويا. (٣) ر: تون نياڳي ننڊ ۾ رهين. توکان ويساهي ويا.

سُتي هُئين سيج پلنگ تي، لاهي لعل ليا
توکي سڏ، سانوڻ چئي، بيٺي ڪوهياري ڪيا
ٿانيڪا ٿيا، وڃي جت پنهنجي جُوءِ ۾.

٣٧- هت ڪٽيو هڪلون ڪري، پير ڏسيو پاڻا
ڏونگر ڏکوين سان، تون خلل ڇڏ ڪاٽا
پير تنهنجا پدمڙا، تو ڏونگر ڏکاڻا
مري ويندين اِن ماڳ تي، آءٌ ٽڪي ڪري ٽاڻا
سون پيادي ۽ ڪان پنڌ نه ٿئي، وڃن اَٽ اَڏاڻا
اڳ نه ڏنل هئم اوني، پر هاڻي سات ئي سجاڻا
آءٌ ڪميٽي ڪيچين جي، نينهن نتي ڄاڻا
اڳيان سجهن ٿا، سانوڻ چئي، جوڳ به جتاڻا
پنهل پڇاڻا، ڏنم ڏينهن قيام جو.

٣٨- هت ڪٽيو هڪلون ڪري، جر وهن جاري
آئين^ ورڻ واريون، آءٌ نه ورڻ واري
آئين ورڻ واريون، آءٌ جا هلڻ هاري
آئين سمهڻ واريون، آءٌ منزل جي ماري
اڳيان پٽيون پنڌ جون، بر سجهن باري
اڳيان پٽيون پنڌ جون، پي واٽن تي واري
اڳيان پٽيون پنڌ جون، ڳٽنين آهيان ڳاري
ڪيئن پهچان پنهل کي، مرض آهيان ماري
"والله غفورالرحيم" آهي انهي اختياري
"والله عليم حڪيم" آءٌ تڳان انهيءَ تاري
سورن ۾ سانوڻ چئي، ڪندو پنهل پوڻواري
لڪئي جي لاري، پيئي پنهون جام سان.

٣٩- هت ڪٽيو هڪلون ڪري، جهڄي منجهه جهوري
پَڌي ثمر سچ جو، تون پچ هتان پوري

[٣٧] ڪان [٤١] ظ.

ڏيئي باهه ينيور کي، ٽي گهوٽ سندي گهوري
ڇو سٽينءَ سيج تي، تون ناحق ندوري
تڏهن ڪانڌ تنهنجي ڪچ مان، چاڙهي ويا چوري
سسئي تنهنجي سير تي، حشر ٻي هوري
هن جتائي ذات سان، تو ڪيئن لئون لاتي لوري؟
ساري عمر، سانوڻ چئي، تون هئينءَ ماءُ پيٽان موري
ناحق ندوري، ٿئين ڪڙي پنهنجي ڪانڌ سان.

٤٠- هٽ ڪٽيو هڪلون ڪري، ڪري درد منجهان دانهون
گهوڙن هنئي سيڪا، ميَن مٽي آءٌ
ڪاتيءَ ڪٽي سيڪا، قرب ڪٽي آءٌ
پيڻ ڀاڄائي نه ٿيس، ڪا اولين جي آءٌ
وٽي ٻانهن ٻانهي ڪري، ڇپر ڇڏيائون
گولي هيس گهگهيرن جي، جو رندن روليائون
مٽن کي نه مارجي، اهي آهن جيئرن سان جاتائون
نيها انهيءَ ننگ جا، سيئي ڇڪي ڇنائون
تڏهن رلي هيس رندن ۾، اوٽين لاءِ آءٌ
"و آمّامن خاف مقام ربه" انهيءَ آسري ۾ آءٌ
منهنجون خان پنهل سان آهن لڳئي جون لائون
سورن ۾ سانوڻ چئي، ڏونگر ڏيج ڏنائون
موٽ پنهل پاهون، اڳيان ڏونگر ٿو ڏڙهيون ڏئي.

٤١- هٽ ڪٽيو هڪلون ڪري، منهنجو ڏوڙي ناهي ڏٽي
سير جا سور سسئيءَ کي، اِها واحد کي وٽي
ڏونگر ڏکوين سان، تون خلل ڇڏ ڪٽي
جبل! تنهنجي جُوءِ ۾، آءٌ آهيان هڪ ڇٽي
مار نه معذور کي، ڪر نه پهڻ پٽي
هيا! پنهنجي حال جي، مون توسان ڳالهه ڪٽي
آءٌ ڪيئن پهچان قافن مان، هيڏا پنڌ هٽي!

”وما ارسلو عليهم حافظين“ اٿم حسب گهڻي
هن سڄيءَ جي، سانوڻ چئي، اِها توکي وات وڻي
هتان ڪالهه ڪيچ ڏٺي، لنگهيا آهن لڪن مان.

۴۲- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، جبل آءٌ جڏي (١)
عشق منهنجو آب وڃايو، گوندر آءٌ گڏي
عشق منهنجو آب وڃايو، توڏن آءٌ تڏي
مون پيادي‌ءَ ڪان پنڌ نه ٿئي، وري نه وک وڏي
جاني جت وٺي ويا، ڪري رات رڏي
دعويٰ جا دوستيءَ جي، ڇپر مون نه ڇڏي
برهه جي بار جي، اٿم مٿي تي مڏي
هٿين پيرين هوت لاءِ، آءٌ وڃان لعل لڏي
سورن لاءِ، سانوڻ چئي، آهيان ساجن يار سڏي
آري ڄام اڏي، ڪا مڙهي منهنجي موت جي.

۴۳- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، منهنجو ڏٺي نه ڏوڙي
منهنجا ڪم ڪريم تي، ڪندو سيڌ سجوڙي
قسمت ڪان ڪيڏانهن وڃان، لڪئي آهيان لوڙي (٢)
پهچان ڄام پنهون کي، ڪنهن ڊول منجهان ڊوڙي
لڪ جهليو پيئي ليلهايان، جهليو پنهل جي پوڙي
قادر من ڪيچ رسائي، ته جلد ملي جوڙي
سورن ۾، سانوڻ چئي، اٿم ساهه مٿي سوڙي
اها ننگ سندي نوڙي، اٿم ڄام پنهونءَ سان.

۴۴- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، هوتن کي هاڻي (٣)
عشق منهنجو آب وڃايو، نه ته هيس راڻين جي راڻي

---

[۴۲] ظ، ل ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي). ل: عشق منهنجو آب وڃايو، جبل آءٌ جڏي. [۴۳] ظ، ل ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو هالا). (١) ل. [۴۴] ظ، ل، عبدالرزاق (تعلقو روهڙي) ۽ عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو). (٣) ظ: سرتيون پرتيون رب کي، منهنجي آئو موڪلائي.

عشق منهنجو آب وڃايو، هيس ڏرئون ڏوپياڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، وتان ويگاڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، جوڀن ۽ جواڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، ڪوجهي ٿيس ڪاڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، سڪي ٿيس ساڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، آهيان جيجل جو گيڙاڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، آءٌ وندر وڪاڻي
عشق منهنجو آب وڃايو، ٿيس نڏر نماڻي
هوت ڇڏي ويو نند ۾، ڪري پنهل پڇاڻي
هوت ڇڏي ويم هيڪلي، مونکي ڄاڻي سڄاڻي
ڪوهيارو ڪيچ ويو، ڪري ڇپر ڇناڻي
ڪلهي ڦاڻو ڪنجرو، ٿيم پوتي پراڻي
جتي پيئي پٽ تي تتي وهاڻي
روئان رتيون رت جون، ڏونگر ڏيهاڻي
سورن جي، سانوڻ ڇڏي، من تي ماندائي
سيڊ ٿيندم ساڻي، پوندم ساهه سريرم.

٤٥- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، دران ٿيڙم دور (١)
آئن اوٽيڙن لئي، وڃان ٿي وهلور
آئن اوٽيڙن جا، مونکي ڏس پون تا ڏور
آئن اوٽيڙن جا، مونکي پلپل پون پور
آئن اوٽيڙن لاءِ ڪامي ٿيس ڪور
جبل منهنجيءَ جان تي، ڪڍيا عشق انگور
ڪئين ڏينها، ڪئين ڏاريون، ڪئين پڻ پانڌوڙ
ڪي پڇي پراڻا ٿيا، ڪن ڀج جهليو، ڪن ٻور
ڪي ڇڏيو پون ڇاتيءَ تي، ڪريو اوگهه اوڙ

[٤٥] ظ، ل ۽ غلام قادر (تعلقو ڏوڪري). (١) ظ: سرتيون پرتيون رب ڪي. مونکي سهمان نه ڏيو سور.

نـپـوڙيو نـانـگ جيئن، گهٽيو وجهـن گهُـور
پـايـو وتـان پـيـٽ ۾ پـنـهـل لاءِ پُـور
ٻاهر ٻـاڦ نـہ نڪري، انـدر ڪُن ۽ ڪُـور
هـلان تـہ جـلان، ويـهـان تـہ وهـلـور
سمهان تـہ سڪ نـہ اچـي، آٽيـان تـہ آنـبـور
ويلن مـون سـان ڪين وڃايـو، آءٌ جا ڀرپور
ويلن مـون سـان ڪين وڃايـو، آءٌ جا غرقور
سڄي آهيان: سانوڻ چئي، چوٽيءَ تـائين چـور
عقل، مـت، شعور، ٽيئي گونـدر گـم ڪيا.

٤٦- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، اٿم اندر منجهه آڪير
لـيـڙا لال لـڏي ويـا، بـودا آٽ بَـهـير
ڪٽنديس پـير پنهون جا، نـيـٽـن وهـائـي نـير
جتن مون سان جاڙون ڪيون، اها توڙئون لـڪي تقدير
جتن مون سان جاڙون ڪيون، ساڙي ويـا سـريـر
سورن جي، سانوڻ چئي، لـڳي هـيئين اندر هـير
پنهون جهڙا پـير، ٽـيـا صـلاح ۾ سسئي جـا.

٤٧- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، آهيان سورن سميٽي
پنهون جـام پيريءَ ۾، آءٌ نـنـديـ جـا نيٽي
هـوت مـئيءَ ڪـان هـٽـي ويـا چپر ۾ چيٽي
مـون ڪيـٽيءَ ڪانہ ڪئي، ڪا نينهن نڪيٽي
سفر منهنجو سگـ ٽيو، آءٌ جا ٻانيڻ جي ٻيٽي
پسان جـام پنهون ڪـي، ڪاهي منجهه ڪيٽي
هلندي هـوت پنهون ڏي، رچـي ٽـيـان ريـٽـي
مـرشـد منهنجي مـن تـان، مـدي سڀ ميٽي
ڏيـان ساهہ، سانـوڻ چئي، آءٌ لـڪن تـان ليٽي
پينرا! مـون پيٽي، پيشانـي پنهون جـام جـي.

[٤٦] ۽ [٤٧] ظ.

٤٨- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، پرينءَ ڏنم پٽ
پرديسي پنهون لئي، ڪامي ويم ڪٽ
پرديسي پنهون لئي، منهنجي جيءَ اندر جهٽ
پرديسي پنهون لئي، ڦٽيا آهن ڦٽ
پرديسي پنهون لئي، ويٺي گهوليان وَٽ
سورن ۾، سانوڻ چئي، سڙ جي ڏنم سٽ
پرين ڄاڻي پرٽ، سٽي لوڪ لڏي ويا.

٤٩- آڳ اندر جي ڪيئن آجهامي، ٻاروچل جا ٻاري هئي
ڪهل ڪوهيارل ڪانهپئي، شٽ ڏوهڻ ڏيءَ ڏاري هئي
گڏ سٽي هئي جوڙ جانب سان، اونين ڪين آٽاري هئي
نند نياڳي نيس نهوڙي، چانگن تي جا چاري هئي
آڏيءَ رات آٽي ويا اوٽي، سا آسر ويل انڌاري هئي
سُر پُر ڪانه سٽي مون سيٽن، نيٽن نند خماري هئي
ڏيءَ ڏوهڻ جي ڪيچين لاءِ ڪوهيارل ڪاري هئي
ڏوهڻ آتي ڏوڙ مٽي ۾، وسائي جا واري هئي
سڪ پئي مون سگ ڪيو، نه تہ اونين ڇا اختياري هئي
نينهڙو لايو اکيون اڙايو، ڇپر منجهہ جا ڇاري هئي
حال محرم هوت منهنجو هو، سيڌ گهالهہ ساري هئي
نندي هوندي نينهن لڳو، ڪايار پنهون توسان ياري هئي
پيرين پيادي، پنڌ گهٽو، منزل انهي ماري هئي
ڇپر ۾ ٿي ڇو تا ٿيس، ڪا لڪئي جي لاچاري هئي
جبل مون سان جاڙون ڪيون، ڪاذات زوراور زاري هئي
سڙهي ڪر، سانوڻ چئي، ايءَ هوتن تي حقداري هئي
پنهون پٽ پاري هئي، پرمنهنجو رهيو ڏڪ ڏيرن تي(١).

---

[٤٨] صالح محمد سمون (ڪراچي). [٤٩] ڪان [٤٢] ظ ۽ ل.
(١) ر : پنهون پٽ پاري هئي، هن کي قادر ڪيچ رسائيو.

۵۰- آڳ اندرجي ڪنهن نہ آجهائي، ٻاروچل جاٻاري ويا (۱)
سُتي هيس سيج پلنگ تي، ڪاري رات قطاري ويا
ستي هيس سيج پلنگ تي، ڏوپو ڏيئي ڏتاري ويا
جتن مون سان جاڙون ڪيون، وندر منجهہ وساري ويا (۲)
جتن مون سان جاڙون ڪيون، ڏاڍو ڏک ڏيکاري ويا
ڪاف ڪشالن ڪُٽي آهيان، ميزل سان مونکي ماري ويا
ڪاف ڪشالن ڪُٽي آهيان، ٻاروچل ٻُهاري ويا (۲)
بهشتي باغ بلوچا آيا، چانگن کي سڀ چاري ويا
ساري عمر، سانوڻ چئي، مونکي خاڪ مٿي کان ڪاري ويا
غازي گڏ گذاريا ويا، ڪامل ڏٺي ڪيچ جا.

۵۱- آڳ اندرجي ڪيئن اجهامي، جيڪائون ٻاروچولائي ويو
سُتي هيس سيج پلنگ تي، جانب ڪين جاڳائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، رهبر روهہ رلائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، هاڙهي منجهہ هلائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، ساڄن سور سلائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، گهورن سان دل گهائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، ڦيريدار ڦٽائي ويو
پنهل ڏاران پنڌ نہ ٿئي، مانجهي دل مٽائي ويو
عشق جنهين جي اولون ڪيس، سومون ڪان سُنهن مٽائي ويو
ساري عمر، سانوڻ چئي، مونکي ور ويساهي ويو
پينرا! رات پلائي ويو، ڪامل ڏٺي ڪيچ جو.

۵۲- جاڳيئن ڪين جتن لاءِ، سُتي نہ سار ٿي
ڪامڻ سان قضا جي، هي ڏوهڻ ڏار ٿي
نت نهاريو، هنجهون هاريو، پڇي پنهون جا پار ٿي (۳)
سڄڻ چڏي سانگ ويا، هُو واجهائي وڻڪار ٿي

(۱) ل: آڳ اندر جي ڪيئن آجهامي- الخ. (۲) ل. (۳) ل: لت نت لياز سان - الخ.

پنهون وٺي ويا پاڻ سان، هي برهمڻ جا بار ٿي
چڙهيو ڏونگر چوٽئين، نڪريو ڪري نهار ٿي
چپر توڪي ڇا ڪندو، اِهو ڏونگر جو ڏهڪار ٿي
سر سيڊ تان صدقي ڪر، سؤ پيرا سؤ وار ٿي
وٺي راه رسول جي تون نينهن پٺيان نروار ٿي
طالع ڪٿي تنهنجو، تون گس انهيءَ تي گار ٿي
سيل رکي، سانوڻ چئي، تون حق پٺيان هوشيار ٿي (١)
ڪيچ وڃڻ ڪار ٿي، پٺيان چاڻ پنهون جي.

٥٣- اُٿن ڪٺن، مٿن موڏن، توڏن روڏن، اونڙن گونرن،
ڏونرن چونرن، چانگن چڙ چوري هئي
سُر پُر سيم، حب به هيم، پر ڏيرن هٿ جا ڏوري هئي
پنهل پانجي، چڏيس وانجي، پر هوتن گهرجا هوري هئي
لڪن لڏيائون، چپر چڏيائون، پاچائي هيءَ پوري هئي
پرت پنهون جي، سورسڄڻ جي، جهڄڻ رات جهوري هئي
عشق اوسيڙي، چڏيس پيڙي، ڪامڻ رات ڪوري هئي
گڏني گاري، چڏيس ماري، گهوٽ پٺي جا گهوري هئي
بس برهمڻ، لڳي ڪامڻ، ستي نند نندوري هئي
ڏيرن پاچائي، ڪين جا گائي، جت پنهون سان جوري هئي
سب گڻ ڪيائين سيڻن سان، ڪا محبت منجهه نه
موري هئي
سڪ سيڊ جي، سانوڻ چئي، مونکي اندر منجهه آتوري هئي
لڪي لال لوري هئي، پانيڻ هوت پروچ سان.

٥٤- ٿنگن ڍ گهاه، وڃن سگهاه، جن جي سُڄي ڪوهن تي قطار
آٽ اڙانگا، ڏا گهاڏنگا، چرن چانگا، موڙيو ميندي ڏار
بڪا باري، هلن هزاري، وندر واري، لنگهي ٿيا لهوار

(١) ل. [٥٣] ڪان [٥٦] ظ.

آٽ اونرا، ڏنگا ڏونرا، چرن چونرا، گڙن گونرا،
توڏن ڪج تنوار
گلم گاشا، متن خاشا، توڏن تماشا، ڪڏيوڪن ڪڏڪار
پچ پوري، ٽي گهوري، چڙهيا چوري، هو هاڙهي ويئي
هيڪار
گونگا گسڪي، روڏا رسڪي، ويا ڪسڪي، اڳيان
نيش نيهار
چپر چڏ، ٽي وچ گڏ، سسئي سڏ، توڪي ڪالهه
ڪندي ويا ڪوهيار
چڏ ڏمر، ڪڻ ثمر، ٻڏ ڪمر، وڙڙ وڃي وٽڪار
ڪاهي ڪيچ، ٻڏ پيچ، نينهن نيچ، وڃي ور وار
وندر ويندئي، ڏس پوندئي، اڳيان ايندئي، آري ٽي آڌار
چڏ مڪر، چڏ فڪر، ڪر شڪر، ويهي پرين جي پچار
مطب ڪندو، رب ٿيندو، سبب سندو، هوندئين جي حقدار
نرمل نوري، حُب حضوري، ڪندو پوري، سانوڻ،
سڪ سچار
ڪر ڪلمي جي پچار، تہ پهچين پنهون جام ڪي.
٥٥- تنگن ڍگها، وڃن سگها، روڏا وڃن رئي
حڪمؤن هليا، مونن جهليا، چانگا چليا، توڏا رکي تئي
جهلي مُهارون، ڪير ڪارون، پنهل پارون، پرتئون
ڪين پئي
اونين اڄ، پيئي پچ، چڏي لڄ، ويا روم رئي
جتن جڏي، چپر چڏي، ورک وڏي، ڪاڻ آٽ ڪنئي
گونگن گسان، رڙهي رسان، پنهل پسان، وڃي پٽ پئي
هوت هاڪاري، هليا ناري، منزل ماري، ڪيائون
ڍينگاڻ تي ڍئي
آٽ اوڏا، ترسيا توڏا، رڙهي روڏا، ليڙا ڏس لئي
نيئير نوت، ڏيئي جهوت، اٿئي هوت، هاڙهي منجهه هئي

پنهل پاڻ، سسئي ساڻ، ڪيا ڳالهاڻ، چڙهيو ائين چئي
تہ وٺي راہ، ڪيچ ڪاهہ، ٿيندئي شاهہ ڪندئي
معاف مڙئي
سرهي ڪر، سانوڻ چئي، ڪا ٻانهين ڳالهہ ٻڌئي
قادر پير ڪندئي، ڪو ميلو محبوبن سان.

٥٦- رات وهاسي ڏينهن ٿيو، آيل آپريو آهي نـي
نڪو گوڙ گوڙنرن جو، نڪي جت بہ جاءِ نـي
اها آتش ڪين آجهاسي، ويا مچ مچائي نـي
سُتي چڏي، گوندر گڏي، ويا رڻ ۾ رُلائي نـي
هلي ڏسان هوت ڪي، وجهان پلوُ پاند پائي نـي
پرچي شال پريت سان، منهنجو پاڳ پڙائي نـي
سڏ ٻڌي، سانوڻ چئي، من آگو عرض اگهائي نـي
آري جام آئـي نـي، آءٌ ڪيرون ڏيـان خلق ۾.

٥٧- ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهٽي، جتي گار ٿين گـلا
درد بنا دانهن نہ نڪري، منهنجي آلا ڙي آلا
ڪوهيارل ڪُهي ويو، مون سان ڪري ڪربلا
ڪوهيارل ڪُهي ويو، مون سان ڪري واويلا
آٽ تہ آريءَ جام جا، آپياريم اولا (١)
ٽڪيءَ ڪي ٿرن ۾، هئـا سورن جا سـلا
هاڙهـي وڏـــدر وچ ۾، ڏنـم ويهـہ وَلا
آريءَ جي آڻن ڪي، ڏينديس وندر منجهہ وَلا (١)
”سبع السمٰوات طباقـا“ ڪـٿيـم قـــافـلا
پونئي ننگ نمائيءَ جو، مونـکي جبل ڪيا جـلا
آءٌ وَر ڳوليان پئي وندر ۾، مونـکي محب مـلا
سورن جا، سانوڻ چئي، آهن ٻانهيءَ تي ٻيلا (١)
سورن جا، سانوڻ چئي، آهن ٽڪيءَ تي ٽلا (١)

[٥٧] ڪان [٥٩] ظ ۽ ل. (١) ل.

سورن جا، سانوڻ چئي، آهن ڪوڙا ڪونسلا
حُسن ۽ حوصلا، پنهون وٽي ويو پاڻ سان.

٥٨- ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، جيت جبل گهونا گهون
ڏسيو ڏيهاين ڪي، مونکي پاڻا اچيو پوُن
”قل يا ايها الڪافرون“ ڪتي ڪوهيارل، ڪتي
”ڪُن فيڪون“
ڏسيو ڪشالا ڪيچ جا، روڏا اتي روُن (١)
اتي پنڌ نه پيچرو، ميا مريو پوُن
هڪڙو رائو رچ جو، پيو زيرا ٽين زبون
وندر جي وات جو، مارگ ڏنو مون نه
ڪوهيارو ڪري ويو، مونکي نينهن نابوُن (٢)
ڪانڌ تہ ڏيندئي ڪينڪي، ڪنهن پَر ڪنهن قانون
سيڌ جا، سانوڻ چئي، مَر هٿ مون تي هوُن
ملي من مضمون، جيڙي مونکي جت جو (٣).

٥٩- ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، اگيان سرنگ سَنُون (٤)
آڏيم آريءَ جام لاءِ، ڇپر ۾ ڇنون
پاڙهي ويون پنهون ڪي، ريب رکي رَنون
چُڻ پُڻ ڪري پاڻ ۾، دکايو دشمنون
چڙهيو گهوت گهوڙي تي، وجهي هوت هنون
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، ڪينوائي ڪنون
پڳئين تي پالن سان، ڪفارن جو ڪُنون
”يا ايهاالذين آمنوا و عملوالصالحٰت“ سورن جو
سانوڻ چئي، پڙهان ڇا پَنون
ٻاروچل پَنون، واري ويم وندر تان.

(١) ر: اڪيون آريءَ جام ڏانهن، ٽيون راتو ڏينهن روُن. (٢) ر: چڏي ويا چوريءَ کي ڪري الخ. (٣) ظ: هي ڳالهه آهي گهونا گهون، جنهن جو پَرو پوي تو ڪونه ڪو. (٤) ظ.

٦٠- ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، ميا منزل ڪن
جبل ٿو جاڙون ڪرين، آءُ ڏڏي ساڻ ڏڪن
پهڻن پير پٿون ڪيا، ريلا ڪيا رتن
ناحق مون نياڳيءَ سان، ڪئي جاڙ جتن
سچ ڪري ويا سسئي سان، هئي ٻانهي ٻاروچن
تڏهن روئندي وتي رندن تي، گولي منجهه گسن
هيس جو گيائي جن لاءِ، ماريس محبوبن
ڪيٽ چائي، ڪيٽ نپائي، ڪيٽ رُلي منجهه رڻن
اها برائي بخت جي، ڪونهي ڏوهه ڏيرن
پنڌ ڪندي پساهه ڏيان، آءُ اڳيان عجيبن
"من الذين آمنوا سبيلا" من سڳ به سچائن!
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، هوت به هٿ رکن
سي ڪيئن سک سمهن، جيڪي گهوريون گهوٽ
پنهونءَ جون.

٦١- ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، پيا واٽن ۾ ٽي ور
پنهون وٽي ويا پاڻ سان، ڪري سانگ سفر
هيٺ چوري چڏي، گوندر گڏي، ويا ڪري ڏير ڏمر
هاڻي ڪيئن پهچان پنهونءَ کي، اڳيان باري سجهن بر
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، پيا چوتا ڪندو چپر
ڪنديس ڪشالا ڪيچ جا، گهوري پنهل تان گهر
آءُ پٽون ڪنديس پاڻ کي، مون سان ساڻي ناهي ثمر
جبل ٿو جاڙون ڪرين، تون ڪهڙي انگ اکر
مونکي ناهي سانگو ساهه جو، ويندس دوست
پنهونءَ جي در
ڏونگر ڪير ڏوري، پر آيو الاهي امر
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، لهندم خان پنهون خبر
ڦوڙائو فکر، ڏيئي ويا اٿم ڏيج ۾.

[٦٠] ۽ [٦١] ظ.

٦٢- ستي خواب خيال ۾، آڏيءَ جو آيو
پساهه پرين پيٽ ۾، ساهه ڪيو سعيو
لڳي ڪنجي قلب کي، ٿيو روح سندو رايو
اڄ بـ، عجيبن جـو، نياپو نـ آيو
مديني جي مير کي، مون اکين اکايو
مديني جي مير ڏي، مونکي هادي هلايو
مديني جي مير جي، مونکي چانئٽ چمايو
پاڙي پاڪ رسول جي، مونکي پانڌي پهچايو
ويهي ڪيئن وڃايان، هتي عمر اجايو
پاڙي واريون پاڻ کي، مور نه لڃايو
عاشق منهنجي اچڻ لئي، قاصد پڃايو
سوال منهنجو، سانوڻ چئي، ڪيو سائين سڃايو
واڃٽ وڃايو، پنهون جي پرٽي جو.

٦٣- پنهون توکي پرتي آهيان، هوت! تو ۾ حقدار
ڪامل ڏٺي ڪيچ جو، تون آهين دنگ به دنيادار
پنهون تنهنجي پاڙي ۾، پورهيا ڪنديس پار
پنهون تنهنجي پاڙي ۾، ٿينديس پانهي پهاريدار
ڏيئي بک پنيور ۾، مون مٺيءَ کي نه مار
تو وٽ خزانا خير جا، تون سدا شاهوڪار
تو وٽ خزانا خير جا، تون اڙين جو آڌار
تو وٽ خزانا خير جا، تون ڏيهن جو ڏاتار
تو وٽ خزانا خير جا، صوبو تون سردار
تو وٽ خزانا خير جا، آهين سخي تون سالار
هاڙهي وندر وچ ۾، تنهنجا وڻج هلن واپار
سون رُپي جي، سانوڻ چئي، تو وٽ پُرس! وهي ٿي پار
مون اگلي کي آجار، نيئي پاڙي ڇڏ پانهنجي (١).

[٦٢] ظ ۽ ل. [٦٣] ظ ۽ هم ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي). (١) هم: نيئي مون اڙيءَ کي اجار، پاڙي پاڪ رسول جي.

٦۴- محبت جي مرض جي، پيلي ناهي پُڪي
سورن سانگهيڙا ڪيا، هيئين تي هٿڪي
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، پيو چوٽو پيم چُڪي
جانب ڏني جان تي، بُک سندي بُجڪي
داڻا هن درد جا، ملڻيا متقي
هول جي هيئين جا، سي آٿيا آڏڪي
هاڙهي وندر وچ ۾، لڳي پئي لُڪي
سورن ۾، سانوڻ چئي، ويو ساهه سُڪي
محبوبن مُڪي، ڪا مهماني موت جي.

٦۵- سنجهي سات لڏيائون، مون ڏاڳها ڪين ڏنا (۱)
مون پيري مات ٿيا، هو ڪٽڪيا ڪين ڪُٽا
لڏيندي ليڙن ڪي، پيا بَرن منجهه بَٽا
هٿون جنين^ هوت ويا، سي پلي پٽين منهن مٽا
مون تي سور، سانوڻ چئي، آهن وِهائيءَ وُٽا
اديون! اڻ ڏٺا، مون ستي سور پرائيا.

٦٦- سنجهي سات لڏيائون، پينر! ڏيئي پيرو
آڏيءَ آٽ اٿي ويا، ڏيئي فڪر جو ڦيرو
هينئون منهنجو هن لاءِ، ڪامي ٿيو ڪيرو
ويو ڍاهي هوت هٿن سان، مون ڏڪيءَ جو ڏيرو
هاڙهي وندر وچ ۾، ڏسان پنهونءَ جو پيرو
سڙان ٿي، سانوڻ چئي، منهنجو جلي ٿو جيرو
سو ساجن سويرو، مونکي هوت ملندو حب ۾.

٦٧- سنجهي سات ڪٽي ويا، هو لنگهي وئڙا لَڪ
سسئيءَ ڪي سج ۾ ٿيا ٻ-ڏي ٽاٽا ٽَڪ
عشق منهنجو آب وڃايو، هئم ويران :ويـر وڏڪ

[٦۴] ظ، ل ۽ عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو) [٦٥] ۽ [٦٦] هم ۽ محمد جمن (تعلقو ميرپور خاص). (۱) ر: ليڙا رات لڏي ويا، مون- الخ.
[٦٧] ل ۽ محمد بچل (تعلقو حيدرآباد.)

پسان پاڙي وارين کان، ڏکن مٿي ڏک
ميڏي هوت ڪري ويا، هاڃي هٿي حق
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، ٻي اندر ۾ آڏک
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، ٻي آءٌ نماڻي نندڪ (۱)
هڪڙيون پٽيون پنڌ جون، ٻي جا ڊوڙ ڊک
ساهه تي، سانوڻ چئي، پوري ناهي پک
ڦوڙائي جا ڦڪ، ڏيئي ويو هوت هٿن سان.
۶۸- سنجهي سات ڪٽي ويا، هو پهر نه جاڳيا پل
هلندي ڪا هوت پٽيان، جهاڳي جر جبل
سورن جو، سانوڻ چئي، تون هاڙهي سامهين هل
ڪيچين جا ڪرڳل، سسئي تنهنجي سر تي.
۶۹- هٿي هئي هيئن نه جاتم، ته هڙي ڪندا جت
چڏيندا چپر ۾، سمهڻ جـــي ساعت
ماري مونجهه من کي ٽي عشق جي البت
ويهڻ منهنجو وهه ٽيو، آٽڻ نه آٽت
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، پُران ڪهڙيءَ پت
سورن جو، سانوڻ چئي، ايڏو نه هئم آت
هاڻ برهه جي برڪت، ملان مانَ محبوب کي.
۷۰- پنهونءَ جي پرٽي جا، آيا خلاصا خط
پنهون جي پرٽي لاءِ، روئي ويٺي رت
جادو جنهن جي جان ۾، جڙ هٿي ويو جت
سسئيءَ کي، سانوڻ چئي، ٽيا سورهن ڏينهن ست
وڃڻ وائي وات ۾، ٻي ڳالهه نڪا ڳت
مديني جي مير ڏي، منهنجي قادر ڪر قسمت
پٽيان ويندس پنهونءَ جي، اجاري امت (۱)

(۱) ر: مران ته مرچاري ٽيان، آءٌ— الخ. [۶۸] ل. [۶۹] محمد عمر "معمور" يوسفاڻي (تعلقو عمر ڪوٽ). [۷۰] ل. (۲) ر: پٽيان ويندي پنهونءَ جي، هن اوجاري آمت.

جنهن جو نينهن نبيءَ سان، سچي سيل سنگت
اهو سات سلامت، قادر ڪيچ رسائيين.

۷۱- ڪيچئون آيا ڪيچ ڏٺي، جت زوراور ذات ميان
ٻي ڀڃائي، آيا ڪاهي، ويا چوري ڪري چات ميان
ٽي نه پروڙيم ٻولي، سندن بلوچي برو 'ڦازان' بات ميان
چوٽين چوري، ويا زوري، ساٿي ڏوري ڪيچين
لاءِ قلات ميان

پنجين روڍو رند نهاري، هنڌ پسي پريات ميان
ڇهين ڇلي، ڇپر هلي، جنهن کي رڻ پئي رات ميان
ستين سور، سڄ ۾ روح، پسي ورونهه، ڏير ڏيئي
ويس ڏات ميان

آٺين اوري، ڏنئين ڏوري، ساٿي وڙي، ڪيچين
لاءِ ڪريو رات ميان

نائين نهاري، هنجهون هاري، ووءِ ووءِ ڪري وات ميان
ڏهين ڏکوئي، محبت موهي، جنهن من ماري
ڪيو مات ميان

ڪارهين ڪهي، سا ڪيئن رهي، جنهن کي سائيهه
ٿيو سوالات ميان

ٻارهين ٻاروچا، ڳوليئين پنهنجا، آهن آهنجا، لڪ
لڪيون لڪات ميان

تيرهين تاٿي، هلي نه چاٿي، جنهن کي ڪيچي
چاڙهي ويا ڪات ميان

چوڏهين چاڙيڪا، ڏنئين آڙيڪا، سڀ ساريڪا،
سڏ ڪري سڪرات ميان

پندرهين هوت، گڏيس بلوچ، جنهن ننگ سڃاتس
ناتہ ميان

پاؤ هيس پاڪ ميان، سورهينءَ جو، سانوڻ چئي.

[۷۱] ظ.

۷۲- هت نہ ڳول هوت ڪي، مُٺي نہ وچ مهند
تو بري بنائيو، ڇپر ڏسي ڇند
پڇيائين پئي پنهون جا، ڪهڙا پار پنڌ
پوري رک پرينءَ سان، سندي طلب تند
تو ۾ ديرو دوست جو، توڪي خلقيو خاوند
سچائيءَ ڪي، سانوڻ چئي، پري ناهي پنڌ
ڪيڏي غير گند، پوءِ پڇاءِ پنڌ پرين جو.

۷۳- پنهون مونکي پرٽجي، لاٽي جت جڪي
مهند هيس مائٽن ۾، سورن ڪان سڪي
ڪا ڪيڏن ڪونہ پرايم، آهيان ڏينهون ڏڪي
ڪانڌ بنان ڪافن ۾، آءٌ رلي ٿيس رُڪي
حيف منهنجي حال ڪي، ڏيرن آءٌ نہ ڏڪي
سورن ۾، سانوڻ چئي، پيا داڳ دڪي
پنيوران بُڪي، شل ڪيچ ڏي ڪام ۾ وڃي!

۷۴- بولو هوند پڇان، مونکي ڏانوڻ نٽا ڏين
هاڃي ۾ هٽيو ٿا پارس پنهون نين
ڪيچين گڏيس ڪينڪي، من گهگهيريون گڏين
هن سڃيءَ ڪي، سانوڻ چئي، ٿا وهاڻيءَ وڍين
اوڏا مانَ اڏين، تہ اڳڻ ڏسان انهن جا.

۷۵- بولو هوند پڇان، مونکي جهالر ٿي جهوري
گهہ پائينديس ڪينڪي، آريچن ڪان اوري
دعا ڪريو ڙي جيڏيون، تہ ڏونگر ڏسان ڏوري
سر بہ صدقو، سانوڻ چئي، گهوٽ مٿان گهوري
گهٽين ڏينهن ٿوري، لڏي وڃان ڏيهہ تن جي.

[۷۲] هم. [۷۳] ل. [۷۴] ل ۽ قاضي نورمحمّد (تعلقو هالا). [۷۵] ۽ [۷۶] محمد عالم "شور" خانپوري (تعلقو ميرپور ماٿيلو).

۷۶- بولو هوند پيجان، ڪاوي منجهه ڪٽي
ويا ميخ محبت جي، اڄ هينڙي منجهه هٽي
پنيا وار ڪلهن تي، اڄ چوٽا پيم چٽي
ٻارينديس ٻاروچل لئي، برڪوڻ باهه ڪٽي
تن سنگهارن جي، سانوڻ چئي، مون ويهي ڳالهه ڳٽي
ٻه ٽي پير ڪٽي، مان تڏي وڃان تن جي.

۷۷- بولو هوند پيجان، ڪريان ڳهه ڳارا
هڪڙي آڳ اندر ۾، ٻي ٻري ٻاهرا
خاطر پڙهڻ ختما، قرآن سيپارا
سڀ رڳايم، سانوڻ چئي، ڪيچين لئي ڪارا
هاڻي اوڻي اوپارا، رات نه رهن هڪڙي.

۷۸- بولو هوند پيجان، ڏيان موتيءَ ڏند
ٻانهيون ٻيڙا ٻاريان، چنان بازوبند
انهيءَ ساهه ۾، سانوڻ چئي، رويو پڃان رند
پري ڪري پنڌ، هاڃو هوت هٽي ويا.

۷۹- انئي پهر آداس ۾، دل سڪي ۽ ساري
تازا پير پنهونءَ جا نڪريو نهاري
سوڙها لڪ، سانوڻ چئي، مونکي آري آڪاري
مديني ماري، پيرانڊي پرين جي.

۸۰- انئي پهر آداس ۾، جئي جت لاءِ جلي
ڏينهن تتو ڏونگرين، هيٺي ٿيو هلي
اهي سور، سانوڻ چئي، ڪنهن سان ڪين سلي
ميلي سا ملهي، پوري بلوچن کي.

۸۱- انينءَ رات اٿي ويا، ڪئي ڏيرن ڏنگائي

[۷۷] ۽ [۷۸] قاضي نورمحمد (تعلقو هالا). [۷۹] ۽ [۸۰] ل.
[۸۱] صالح محمد سمون (ڪراچي).

ڪين مٽيءَ جي ڪن پئي، تن جي وڃڻ جي وائي
جيڪا سيٽ سٿي آيا، ڪيئون پوري سپ سائي
مون سڙيءَ ڪي، سانوڻ چئي، ساري حدائي
جيڪا سير آئي، سا مٽي ڪري مان پانيان.

۸۲- عشق منهنجو آب وڃايو، هئس اڳي البيتي
ڪانڌ ڇڏي ڪانه ڪا، مون ۾ سرت سچيتي
مروڻي محبت، ڪيس نينهن نبيتي
مون ڪاڻيءَ ڪان ڪيتي، ڪهڙي ٿيندي ڪيچ ۾.

۸۳- سسئي جي سر جا ٿيا، ڪيچ ڏڻي ڪانڌي
عين ڪان آجي ٿي، وهمن ڪوڻ واندي
پسڻ خاطر پير ڏي، منڌ گهٽي ماندي
سورن ۾ سانوڻ چئي، هيءَ ايرادي آندي
پنهل پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿئي.

۸۴- هئي هئي هيئن نه ڄاتم، ته هيڏي هوت ڪندا
ڪري قصد ڪمينيءَ ڪان ليڙا لڏيندا
آٽن جهلون لاڪ جون، ويا ٿوئرن ساڻ ٿلندا
سار نه ٿي سسئيءَ ڪي، ويا جڳ ڪي جاڳائيندا
تاڙون تن توڙن جون، ويا چپر ۾ چلندا
پيهر ٻاروچا اچي ڪٽياڻي ڪٽندا
پاڻ اچي پڙهندا، جاسين جت سسئي تي.

۸۵- الف اڪر هڪڙو، سسئيءَ ڪيو ٿمر
ٿي گهوري گهوٽ جي، ڪشي ٻڌائين ڪمر
پيرين اگهاڙي پنڌ گهٽو، ٻيو سٽاڻو سفر
روئندي رتيون رت جون، ڪندي ويئي هل حشر
محبت هيس من ۾، ڪين ڇڏيائين پنهون جي پچر
"و هو خير الحاڪمين" اهو آگي جو آمر

[۸۲] ل. [۸۳] محمد حسن "مشتاق" (تعلقو ٻنو عاقل). [۸۴] محمد عمر "معمور" يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ). [۸۵] ڪان [۱۰۷] ظ.

سورن جا، سانوڻ چئي، هئس دل مٿي دفتر
ڪندي ڏيرن تي ڏمر، وئي پٽيان جام پنهونءَ جي.

٨٦- بي ٿون بلوچ ويا، مون سان ڪئي برائي بخت
ور وٺي ويا ولهيءَ ڪان، تاج منهنجو تخت
چوريءَ رات چڙهي مون ڪان، ويا ڪهڙي وقت
ڪيچي قطاري هليا، ڪرها منجهان ڪست
سڌ پوي ها سور جي، تہ ڪريان ها بندوبست
لکيو هو لوح محفوظ ۾، اِهو انگ الست
عشق آريءَ جام جي، مونکي ڪيو مست
سورن جا، سانوڻ چئي، چڪيا چهڪ چست
هي دڙا ۽ دشت، مونکي بخت ڪئي پيٽائيا.

٨٧- تي ٿون هليا تڪڙا، توڙا تنواري
سسئي چڏي سچ ۾، ويا مٽيءَ کي ماري
بغدي اٺ بلوچن جا، ويا ڪرها قطاري
محبت مچ مجاز جا، پارڻ ويا پاري
هٿي نائڪ نينهن جي، ويا ڏکن ۾ ڏاري
ڪس پڇيو گولي، پيئي پانيءَ پاڪاري
نڪا واٽ وندر جي، هنجهون روز هاري
"والله عليهم بذات الصدور" ترهي انهيءَ تاري
حسن مير حسين جي، آءٌ پونديس پناري
واعدو "والسَوف" جو، من پنهل پنهنجو پاري
سوڙهي ۾، سانوڻ چئي، ايندو ننگ به نهاري
هيءَ گوندر گذاري، ٿيندي هيڪاندي هوت سان.

٨٨- ٿي ٿون تنهن سسئيءَ کي، سنجهي ٿيا آهن سور
ڪيچي آٺ ڪاهي هليا، ماري ويا معذور
آڏيءَ اٺ اٿاري ويا، مونکي پلٽي پيا آهن پور
پنهل وٺي ويا پاڻ سان، ڏُران ڪيائون دور

هاڻي ڪيئن پهچان پهنل ڪي، ٿيو ڏسڻ ڪان ٿي ڏور
مون پيادي ۽ ڪان پنڌ نه ٿئي، آءٌ چُڪي ٿيندس چور
پهٽن پير پٿون ڪيا، ڪيچين ڪيو ڪلور
سورن جا، سانوڻ چئي، مونکي اندر منجهه انبور
هوتاڻو حضور، ڪامل ڏسان ڪيچ ڏٺي.

۸۹- جيم ٿون تن جتن لاءِ، ڪريان هُل حشر
پنهون نيائون پاڻ سان، ڪهڙي سانگ سفر
چوري ڪري چڏي ويا، هو آڏي ۽ رات اسر
هاڻي پيرين پيادي پنڌ گهٽو، ڏسڻا پيا ڏونگر
واقف نه آهيان، ڪيئن وڃان، آيو مون تي آمر
مون نياڳي ۽ جي نصيب ۾، لکيو انگ اکر
مري مان موچاري ٿيان چوتا منجهه چپر
سورن ۾، سانوڻ چئي، منهنجو جلي ويو جگر
دوست پنهون ۽ جو در، ڏسان تہ ڏک لهي.

۹۰- حي ٿون هاڙهي هليا، مونکي ڪانہ پيئي ڪل
پنهون نيائون پاڻ سان، منهنجو پڌي ويا پاروچل
چوري ۽ رات چڙهي ويا، ڪري هلو هل
وهايان پئي ورهه جا، ڳوڙها متئون ڳل
قاڻي من قارون ٿيو، جي ۽ ۾ اٿم جل
اٿم آس الله ۾، من پنهون ملي پل
سورن جا سانوڻ چئي، اٿم سيني منجهه سل
ننگ سڃاڻي نرمل، قادر مونکي ڪيچ رساءِ.

۹۱- خي ٿون خبر پئي ها، هوتن جي حقيقت
تہ مهارون جهلي ويهان هامين جون، پرمون ڪان ويئي مت
پنهون نيائون پاڻ سان، جيڏيون! منهنجو جت
چوري ۽ رات چڙهي ويا، ڏيئي ليڙن تي لت
هاڻي ڏسيو پير پنهون ۽ جا، روئان ويئي رت

آءُ ٻانهي هيس ٻاروچل جي، ڪا پاڙي جي پورهيت
قادر مونکي ڪرائي، ڪيچين سان قربت
”اطيع الله واطيع رسول لعلڪم ترحمون“ منهنجي
پري اچي پت
روضي پاڪ رسول جي، روز وسي رحمت
سچي اٿم، سانوڻ چئي، پنهنجي نبيءَ ڏي نيت
مان وڏي محبت، هلي ڏسان هوت پنهون کي.

۹۲- دال ٿون منهنجيءَ دل تي، دود پيا دکن
لڳو پاند پنهون سان، تڏهن ڏکويس ڏکن
سسئي سور پرايا، ڪئي بُرائي بلوچن
پنهون نيو پاڻ سان، جاني منهنجو جتن
هاڃي منجهه هٽي ويا، چهڪ پيا چڪن
ڪيئن ڳوليان ڪانڌ کي، اڳيان جبل جاڙون ڪن
پيرين اگهاڙي پنڌ گهٽو، پيا ويري وات وڙهن،
اٿم آس الله ۾، ٿيان هيڪاندي هوتن
”اِن عصيت ربي عذاب يوم عظيم“ ڪندو ميلو محبوبن
سڪ ۾ اٿم، سانوڻ چئي، ٿيان اوڏي عجيبن
سؤ ڪوهه تي سُجهن، پڪا پنهونءَ جام جاه.

۹۳- ذال ٿون ظلم ڪري ويا، ڪيچي مون سان ڪال
ڏيئي باهه ٻنيور کي، مڏيون ساڙيان مال
ٿيان ٿي گهوري گهوٽ پنهون جي، هيڻو وٺيو حال
سا رڙهي چڙهي روهه تي، جر وهائي جال
روئندي وتي رتيون رت جون، زاريون ڪندي زال
قادر مونکي ڪيچ رساءِ، پلا! ڪر ڪو پال
منجهي من ماندو ٿيو، جيءَ پيو اٿم جنجال
نڪا وات وندر جي، اگيان سجهي مرن جي مقال
سڙي مران، سانوڻ چئي، مون سان قدرت ڪيو ڪمال
جلوو ۽ جمال، پنهون وٺي ويو پاڻ سان.

٩٤- ري ٿون روچ مچائيو، سسئي سويرو
پنهون وٽي ويا پاڻ سان، ڦند ٻڌي ڦيرو
ور وٽي ويا مون ولهي جو، گهوٽ ڏيئي گهيرو
هاڻي ڏهاڳڻ سڏيس ڏيهه ۾، منهن ٿيم ميرو
سينو مون ڏکيءَ جو، جلائي ويا جيرو
ڏکن منهنجي ڏيل تي، دردن ڪيو ديرو
ڪيئن ڏونگر ڏوريان، پنهون جو پڳ ناهي پيرو
مرون انهيءَ ماڳ جا، ڪيندا مون ٻانيءَ جو ٻيرو
"اِنڪ علیٰ صراطٍ مستقيم" ڪندو پرم سندو پيرو
سڙي مران، سانوڻ چئي، ڏيئي ويا ڇاتيءَ تي ڇيرو
مون ڏهاڳڻ جو ڏيرو، ڪامل وسائيندو ڪيچ ڏڻي.

٩٥- زي ٿون زور ڇڏي ويو، منهنجا هيڻا ٿيا هڏ
پنهون وٽي ويا پاڻ سان، ڏيئي توڏن کي تڏ
پنهون وٽي ويا پاڻ سان، رکي ليڙن تي لڏ
پرهه پوڪارون، ڪيم ڪوڪارون، ساجن سُئو نه سڏ
مونکي ڇڏي ويا ڇپر ۾، گولي نه نيائون گڏ
آءٌ جيئري ناهيان جهان ۾، جهڙو مُئل مڏ
روئندي وتان رندن ۾، هٽي ويا ڪاٽيءَ کي ڪڏ
جبل مون جڏيءَ جي، تون ڇيڙ ڪٽي ڇڏ
سورن جي، سانوڻ چئي، آجها پنهنجي آڏ
لاڳاپا لاهي لڏ، ته سيٽن پهچين سسئي.

٩٦- سين ٿون مون سسئي جو، سانگو نه ڪيو سيٽن
گهوڙا گهوٽ وٽي ويا، نيٺ ٿمايان نيٽن
هاڻي ڏهاڳڻ ٿيس ڏيهه ۾، ماريو انهن مهڻن
ڦاٽي من ڦارون ٿيو، منهنجو نيو لعل پنهون ليڙن
ڏونگر وٽان ڏوريندي، پيس ڏکن ۾ ڏيڙن
سڏ ناهي سسئي کي گهٽن ۽ گهيڙن
سورن ۾، سانوڻ چئي، پيئي جهڪي منجهه جهيڙن
منتون ڪندي ميڙن، اگهان در عجيبن جي.

٩٧- شين ٿون شڪ پوي ها، تہ پنهون ويندم پري
تہ ڪين سمهان ها سيج تي، سرتيون! سڪ ڪري
ويساهي ويا وِلهيءَ ڪان، جت بہ جاڙ ڪري
آڏيءَ آٽ آٽاري ويا، ڪيچي قهر ڪري
هاڻي جيڙو مون جڏيءَ جو، ٻاروچل لاءِ ٻري
وساري ڪيئن ويهان، منهنجي ساءت ڪين سري
ڪري ڪشالا ڪيچ جا، ڀلي مندڙ مري
”تعبدون مِن دونِ الله“ اچي ويس ازل جي آري
آءٌ ڪاهيو وڃان ٿي ڪيچ ڏي، من اچي پنهون پير پري
مون سڄيءَ تي، سانوڻ چئي، من ڪيچي ڪهل ڪري
هيءَ ڪٿين منجهہ ڪري، هوري هوت پنهون جي.

٩٨- صاد ٿون منهنجو سينو، ويا جت بہ جلائي
پنهون وٺي ويا پاڻ سان، منهنجو ور بہ ويساهي
پنهون وٺي ويا پاڻ سان، هت منهنجو چاهي
ستي هيس سيج تي، پيچ پنهل سان پائي
منهنجو ٻاروچل ٻڏي ويا، لاڳاپا هتان لاهي
بغدي اٽ بلوچن جا، ويا ڪرها هتان ڪاهي
هٿي نائڪ نينهن جي، ويو لئون ٻارچو لائي
ڪيئن ويهان ڪانڌ ري، سينو هت ساهي
ڪريان ٿي پنڌ پنهون لاءِ، آءٌ وندر واجهائي
”و من يطِيع الله و رسولَه“ من محب ملائي
سورن جو، سانوڻ چئي، ويا آهن دود بہ دڪائي
وڏي ننگ بہ نمائي، ٻانهيءِ هوت ٻروچ سان.

٩٩- مونکي عين اندر ۾، ڪوهيارو هٿي ويو ڪير
روئان ويٺي رتيون رت جون، نيٺين وهايو نير
وندر ويو اٿم وَلهو، هٿي چهڪ اندر ۾ چير
ٿيندس جو ڳياڻي جتن لاءِ، ڦالون پائي فقير

روئندي وتان رندن ۾، دانهون ڪندي دلگير
اٿم حب هينئين ۾، پنهون ملائيندم پير
”اِن ربڪ يعلم انڪ تقوم ادنيٰ“ توڙ پڇائيندم تقدير
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، سيڌ لنگهائيندم سير
هي نينهن سندا نظير، آءٌ چونديس جام پنهون ڪي.

١٠٠- غين پئي غمن ۾، آءٌ غريب ٿيس غرق
پنهل سان پاٿم پيچ، ويم ڪيچ، واري هتان ورق
ڏيندس باهم پيور ڪي، تاڙا ڏيئي ترڪ
دوا انهيءَ درد جي، ڦڪي ڪري نه فرق
واري جا وندر جي، ڪاري آهي ڪرڪ
سورن ۾، سانوڻ چئي، آهي مرڻ منهنجو مرڪ
برهه ٻاري برق، جيجل! تن جتن لاءِ.

١٠١- في ٿون آهيان فڪر ۾، اٿم آري جي اداس
ڳري انهيءَ ڳٺيءَ ۾، مون ماري چڏيو ماس
چڏي ويو چپر ۾، ڪونه ڪيائون قياس
ساري ويو معذور ڪي، پنهون ڏيئي پياس
هي بندري روهي برن ۾، ويو لالڻ ڏيئي لباس
هيس راڻي راڄن سندري، پر نينهن ڪيس نراس
”و نحن لدٌ مسلمون“ مونکي برهه لڳي باس
ڪڏهن ملندم ڪوهيارو، تن جي لهندي تاس
سورن ۾، سانوڻ چئي، آءٌ نندي ٿي نپياس
جاڳي آءٌ جاياس، تڏهن لڪيو انگ آري سين.

١٠٢- قاف ٿون منهنجي ڪيچين سان، اچي دل اڙي
جيڏيون! جانب جت سان، هيم جيءَ جڙي
چڏي ويا چپر ۾، گهاريان ڪيئن گهڙي
چڏي ويا چپر ۾، آءٌ ٿيس ڪيچين کي ڪڙي
چڏي ويا چپر ۾، آءٌ روئان رت رڙي

منهنجو ڪوهيارو ڪيچ ويو، آءُ ويندس چوٽ چڙهي
چڙهي ڏونگر چوٽئين، ويندس لڪن تان لڙي
”يٰس والقرآن الحڪيم“ منجهان پرت پڙهي
پنهون ساريندي پنڌ ۾، ڳوڙها پير ڳڙي
سڄي عمر، سانوڻ چئي، آءُ رهيس سورن منجهه سڙي
اهي ٻول ٻڙي! مون ٻڌا هئا ٻاروچل سان.

١٠٣- لاهر وتان ليلائيندي، آءُ لڪ جهليو لامون
سيڻ سنيري هليا، هٽي ڪرهن ڪي ڪامون
چپ ڪري چڙهي ويا، نڪو هُل هنگامون
ڏيئي ويا باهم برهم جي، هاڻي ڪوري منجهه ڪامون
جي ٿين پر پنهل لاءِ، ته آيل آڏامون
بلائون ڪائين برن جون، آءُ تائب ٿيان طعامون
سڙي مران، سانوڻ چئي، اهو سور ٿيم سامهون
هن هيئين سنديون هامون، ڪين پلجن پنهون ري.

١٠٤- ميم ٿون ساري هليا، رکي من سدي
ڪانڌ نيائون ڪچ سان، منهنجو ٻاروچل ٻڌي
چڏي ويا چپر ۾، گولي هيءَ گندي
جتن سون سان جاڙون ڪيون، ڏکن آءُ ڏڌي
پوي ڏس پنهل جو، ته وجهان وک وڌي
ساري ويا معذور ڪي، ڪري ريءَ ردي
ڳوڙها وهي پيا ڳلن تان، ڪري نهيڻ ندي
”الم يجعل ڪيدهم“ ڪيائون ڪانه ڪنڌي
اهي سور، سانوڻ چئي، پيا انهي باب بندي
پوءِ ڪيچين لاءِ ڪندي، واڪا وندر وچ ۾.

١٠٥- نون ٿون مون نصيب ۾، لڪيو الستي انگ
مونکي چڏي ويا چپر ۾، دوست ڪري دنگ
چڏي ويا چپر ۾، چاڙهي مونکي چنگ

چڏي مونکي ڇپر ۾، ڏيـر هٽي ويـا ڏنگ
تڏهن روئندي وتان رندن تي، مونکي وِرہ وڏا ونگ
آءٌ روئندي وتان رندن تي، مون سان جبل نہ ڪر جنگ
آءٌ پورهيت هيس پنهل جي، پر نينهن نہ سڃاتو ننگ
ماري ويا مسڪين ڪي، هٽي تـراڙيون تفنگ
چانگا چاري، ڪرها قطاري، ٻڌي ويا توڏن تي تنگ
ميـا مهري، پيـا پهري، روڏا ڪري رنگ
آءٌ واجهايان پئي وٽڪار ۾، جهليو پنهل جا لنگهہ
آءٌ سڙي مران، سانوڻ ڇئي، پلي ڪارا ڪائين ڪنگ
ٻاروچل سان ٻنگ، منهنجو مڙهيو ڏينهن ميثاق جي.

١٠٦- واو منهنجي وجـود ڪـي، ذوق لڳـو ذاتـي
لڪيو انـگ ازل ۾، تڏهن لئـون پنهل لاتـي
سـتـل چڏي سيج تـي، ويـو پنهل پرياتـي
هـٽـي ويـو هيئين ۾، قـرب سندي ڪاتـي
جيرا وڍي مـون جڏيءَ جا، چني ويـو ڇاتـي
جيئري نـاهيان جهان ۾، جهڙي مـئـل مماتـي
ڪيئن ڳوليان ڪانڌ ڪي، مون سان پيڙو ناهہ ڀاتي
"والله خير بما تعملون" اٿم صورت سڃاتـي
سـوڙهـي ۾، سانوڻ ڇئي، ٿيندم هوت حماڻتي
جيئري جماعتي، ٿيندس پورهيت ڄام پنهل جي.

١٠٧- يهي ٿون ويٺي يـاد ڪريـان، جنهن جـي آهي
هاڙهي منجهہ هاڪ
ٻـاروچـل ٻـڌي ويـا، مـن ٿـيـم مشتـاق
پنهون نـيـائـون پـاڻ سان، تـاڙا ڀڄي طـاق
انـدر منهنجو اڌ ٿيو، چوري ويـا آهن چـاڪ
لـڳو مـونجهارو مـن ڪـي، دل ٿـيـم دردناڪ
ننڍي هونـدي نينهن لـڳـو، ڦٽيس انهي فـراق

سو ڪڏهن ملندم ڪوهيارو، پهرائيندم پوشاڪ
آءٌ گهوري آهيان گهوٽ جي، جنهن ماڻيو لولاڪ
"والله هوالغني الحميد" پرور ميڙيندم پاڪ
سير ڪرايو سبحاني، عاشق ٿي افلاڪ
سردار چڙهي سوار ٿيو، بهشتي مٿي براق
اهو موت ٻيٽو آهي مٿي تي، ڏيو واعدي جا واڪ
ساري دنيا، سانوڻ چئي، خالق ڪندو خاڪ
رازق رب رزاق، ڏيندو ڪلمون ياد قلب ۾.

مومل راڻو

١٠٨- ساراهيان سچو ڏٺي، هادي منجهان هڪ (١)
نبي پنهنجي نور مان، خلقيو سو خالق
منهنجا ڪم قادر تي، رحم ڪندو رازق
بخشيندو بدڪار کي، چارئي پاؤ چڪ
تنهن سيد ڏي، سانوڻ چئي، سچي اٿم سڪ
اکين جي عشق، جانب ڏسان جيئري.

١٠٩- هلي ويو حب مان، جوڳي سو جابر
مرد مڙندا ڪينڪي، بابو بهادر
راجا وڃي روبرو، چيو منهن مقابر
پيٽيون راجا پوج جون، ستئي چٽيون صابر
مومل جا سين ۾، هئي عورت اڪابر
مومل جا مڙن ۾، هئي زور ڀري زابر
مشهور هئي ملڪ ۾، نامڪئي ذاتر
پرديسي پٽ ڪيا، تنهن ماري مسافر
سا سوين ڪندئي، سانوڻ چئي، خلق اندر ڪير
سامي نيندا سر، پيٽيون راجا پوج جون.

[١٠٨] ڪان [١١٦] ل. (١) هڪ: سڪ، محبت.

١١٠- پٽي راجا پوڄ جي، ديکي تو نہ دونست
پرديسي پٽ ڪنڊئي، سامي جهلج ست
جڙي ٿي جهان ڪي، اتان ويراڳي وٽ
مومل ماري مٽ ڪيون، چارئي درسيون چٽ
دود ڪري ٿي دغا سان، ناتر ڄاڻي نٽ
جوڙي ڇڏيائين جادو سان، ڪئين ڪريبيون ڳ ڪٽ
آديسي ادب سان، پير پائج پٽ
سوين هلن ٿا، سانوڻ چئي، ات ڪلون ڳ ڪوڪٽ
ماڙي آهائي مٽ، ويراڳي ويرين جي

١١١- ويراڳي ويرين جي، ڏيا تو نہ ڏئي
ٿي ماري معشوقن ڪي، محبت ڏيو مئي
ڄاڻي ڄاموين جا، ٿي اکر آستي
سڄي ٿي، سانوڻ چئي، ڪا ناتر نامڪئي
چاندي توتي چئي، متان پوي مومل جي.

١١٢- متان پئي مومل جو، ڪو پڪو پرديسي
سائو تنهن سڏ ڪري، چيو جابر ڪي جيسي
ڪتان آئين ڪاپڙي، تو ڪٽ رکيو ڪيسي
آهيان سامي سچ آيار جو، منهنجو اچڻ ٿيو ايسي
مومل چيو سومل ڪي، هل پسون پرديسي
آيو آديسي، ڪو سامي سچ ايار جو.

١١٣- سامي سچ ايار جو، آيو ڪهي ڪاپڙي
سناسي صورت جو، هو ٻاڻهو ٻڙي
پرديسي پهه ڪري، آيو لاهوتي لڙي
عاشق لنگهيو اوڏڙو، وٽي وات گهري
سون رُپي سان، سانوڻ چئي، ڪا پورل هئي پري
ويس اک اڙي، مورت ڏسي ماڙيءَ مر.

١١٤- مورت ڏنائين ماڙي تي، ڪا ماڻهو جي مثل

اٿي ويٺي ان تان، ڪا دوست سندي دل
سرد ٿڙيو ڪينڪي، ٿتي ويو مَل
ٻيٽيون راجا پوج جون، ڏيون آهن ڏُئل
سومل، سومل، صحت، سليمت، نامڪئيون ناميل
تن سوڊين اڳيان، سانوڻ چئي، خوب به ٿيو ڪِل
سامي ويو سِل، تڏهن ناندر ڏٺئين نينهن ۾.

١١٥- سومل جي ماڙيءَ کي، وڃي راٿي هنيو رند
جڙون اندر جيءَ ۾، تارون لڳي ويون تند
وه ٿيا ويچاريءَ کي، هندورا ۽ هنڌ
پسائي ٻيٽي پار ڏي، اکيون آسروند
لائي وئين لڏڻ کي، تون ڦوڙائي جا ڦند
ڪاهي انهيءَ ڪاڪ تي، جت حور نهاري ٿي هنڌ
سومل سير مينڌرا، ڇيڙي انهين ڇند
ڦيڪائي ڦٽو ڪيو، جنهن ٻولو بازو بند
ڪنواري ڪاڪ ۾، رڙهيو وٺي رند
سورن لاءِ، سانوڻ چئي، خلقي آهي خاوند
اکڙيون آسابند، راٿا! تنهنجي رهاڻ لئي.

١١٦- راٿو رنج رکي ويو، ڪالهه ڦٽائي ڪاڪ
سومل محلاتن ۾، سوهي منڌ فراق
دوست ڪارڻ دانهون ڪري، ڏکي چڙهيو ڏاڪ
اکيون آسروند حون، ڪامي ٿيڙيون خاڪ
ڪري پيا ڪامڻ جي، چولي تي چُونٽاڪ
جهڄي من جهوري ٿيو، جيئن موتي وسن ماڪ
سورن جو، سانوڻ چئي، ڪهڙي چڳيلائي چاق
هن لاڪيٽيءَ لاءِ ڪر، آيو ڏينهن ڏهاڳ جو.

١١٧- سومل چيو سومل کي، تون اٿي ڌارو ڌار

[١١٧] ل ۽ عبدالحڪيم پلي (تعاقو ڪيرو).

اڄ اڇوڪي ڏينهن جي، ڏي ڪاٽي! خبر چار
اڳ نہ ٽڪي ايترو، منهنجو سوڍل سعيدار
ديــر لڳي دلبر ڪي، ويــڙو ڪهڙي وار
لوڏي لوءِ لڙي ويــا، ڪتيون ويون ڪاپار
نڪو اٿ اوري ڇڪ ۾، نڪو ڪو اونــار
رويــو رويــو ربّ ڏي، هٿ ڪٽي هيڪار
تن سورن جو، سيانوڻ چئي، وري من وينجهار
سينڌ، سرما، سينگار، ڪنهن لئي ڪنديس ڪاڪ ۾.

١١٨- مومل چيو سومل ڪي، رات نــه آيــو راڻو
پــره ڦٽي پريات ٿــي، ٽري ويــو ٽاڻو
ڪونہ پسان ٽي ڪيرري تي، نيرو نماڻو
لڳس واءُ فراق جــو، ڪاڪ بــه ڪماڻو
درد وندي جي دلڙي، ڪسي ويــو ڪاڻو
منجهہ گهڙيو محلات ۾، ڏئي عشق اولاڻو (١)
سورن جو، سانوڻ چئي، هي ڪو سوڍو ساماڻو
منڊل مانڊاڻو، ڪنهن لئي ڪنديس ڪاڪ ۾.

١١٩- مومل چيو سومل ڪي، ويــو رنج رکي راڻو
ڪڇيو پڇيو ڪينڪي، ۽ نڪي ڳالهاڻو
موتي هليو مــاٽ ڪــري، ڇــڏي ڇانڊاڻو
واتان مــون نــه وڃايو، ڇا تان رنجاڻو
اهو سور، سانوڻ چئي، وڃي لوح ۾ لکاڻو
پوءِ منڊل مانڊاڻو، ڪنهن لئي ڪنديس ڪاڪ ۾.

١٢٠- ڪانڌ مونکي ڪل نہ پئي، تہ ڪيئن رٿين راٿا!
ڏيان ها اوجاڳو اکين کي، جي آءٌ اها ساعت سڃاٿا
ماري ويو آهين ميندرا! ڪري دل ستي داٿا

[١١٨] ظ، ل، فتح محمد (لاڙڪاڻو)، صالح محمد سمون (ڪراچي)، عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو) ۽ قاضي نور محمد (تعلقو هالا) (١) ظ: منجهہ رٿان معشوق لاءِ، ڏنو عشق اولاڻو. [١١٩] ل. [١٢٠] ۽ [١٢١] ظ.

جانب تنهنجي جدائيءَ جا، آهن گهايل کي گهاٽا
ويهڻ مونکي وه ٿيو، پرين! تو پچاٽا
کاڪ ڪڙهي ڪاري ٿي، ڇڏ مومل سان ماٽا
پيسا ڏيئي پانڌيڙن کي، مُکم توڏي نول ڀري ناٽا
هاڻي هوڏ ڇڏي هلي آءُ، آءُ ٻي ڄاڻ نٿي ڄاٽا
سورن جا، سانوڻ ڇئي، مونکي ڏنا عشق اولاٽا
دونهان دُکاٽا، ڪانڌ تو ريءَ ڪاڪ تي.

١٢١- ڪاڪئون قاصد آئيو، ڪو مومل جو ماڻهو
نه وري آءُ وطن تي، ٿيءُ سوڍل! سياڻو
موٽي اچ مينڌرا! ڪري چڙهي چانڊاٽو
پانڌي اچي ٿو پنڌ ڪري، جنهن کي ڏنم نول ڀري ناڻو
رنج ڪڍي اچ روح مان، آءُ پلئي وجهئين ٿي پاڻو
نڳي چئهي چغلن جي، تون ڇو آهين ڇناڻو
آءُ ڪيئن سمهان سيج تي، ڏيئي ولها وهاڻو
نڪٽ سڀ نمي ويا، ٿري ويو ٿاڻو
ساريندي توکي سوڍا! آهي ڪاڪ به ڪوماڻو
ڄاڻي ڄمايو اٿئي مومل ڏانهن، حرف حقاڻو
من تو لئي مينڌرا! اج وٽي منهنجو ويڳاڻو
"اذا جاء و ترک قائما"، اهو گهمي پيو گهاڻو
سڙيءَ جو، سانوڻ ڇئي، ڪر نه مومل سان ماڻو
اهو امڙ اولاڻو، ڏنو مونکي ڏهاڳ جو.

١٢٢- مومل مري مٿا ڏي، نٿو ٿڪ ٿري
وڃي تون ويهي رهيون، هڪڙي پڪ ڪري
هيڪر چيم هلي وڃان، کي ماڻهو ميڙ ڪري
پر ماڻهو مُنجان ماڻهن پئين، آيي ڪُڏ ڪري

[١٢٢] عبدالحڪيم ٻاڻي (تعلقو ڪپرو).

جهڄڻ ۽ جهوريءَ ۾، اڳئي ماڻهو ڪونه مري
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، پيئي ساعت سري
سڙيءَ جنو، سانوڻ چئي، من ڪا پت پري
اِن گهٽيءَ منجهه گهري، متان راڻو رنج رکي ويو.

١٢٣- راڻا! تنهنجي رسڻ جا، لڳا چوڙيليءَ کي چڪ
جانب! تنهنجي جدائيءَ جا، اٿم جيءَ اندر ۾ جڪ
سگهو چڙهي آءُ چانگي تي، آءٌ ويٺي نهاريان لڪ
ڪانگ اڏايان ڪاڪ جا، تاڻا نهاريو ڏڪ
توکي ڪٿر پيو ڪاڪ تان، تہ پڇي ڪر تون پڪ
عيب ڏسين ها اکين سان، تہ تڪ ڏئين ها ترڪ
جواب ڏيڻ جوين کي، ناهي مردن جو مرڪ
آءٌ مري ويندس مينڌرا، ڇو سون مان ڪانڌ ٿيو آهين ڪڪ
هن سڙيءَ تي، سانوڻ چئي، ڏولياا! ڪرڪو ڏڪ
نہ تہ هيءَ غمن ۾ غرق، هوندئي مرڻ سوڌي مينڌرا!

١٢٤- راڻا! ريت رسڻ جي، دغا ڇڏ دولاب
مناسب ناهي مردن کي، ڏيڻ جوين کي جواب
سوڌا! توکي ساريندي، رڳون ٿيم رباب
سومل تو لئي مينڌرا! ڪُسي ٿي ڪباب
وهيو پئي ولهيءَ کي، اکين منجهان آب
دلاسو ڏيڻ دلگيرن کي، سوڌا اٿئي ثواب
اِها سومل شل سڙي مري، جنهن ڪاڻي ڪيئي خراب
ڇاڻي جٽ نہ ٿي، هيڏو ڪر نہ حجاب
اڳيان سجهي ٿو، سانوڻ چئي، حميراڻو حساب
اِها سومل مهڻي هاب، جيئري ڪر نہ جيڏين ۾.

١٢٥- راڻا! ريت رسڻ جي، توکي سوڌا! ڪنهن سيکاري

[١٢٣] ۽ [١٢٤] ظ. [١٢٥] ظ ۽ ل.

لَهه لڳي لوڪ جي، پٽبن ڪاٽيءَ سان ڪاري
مومل مير ميندرا، تنهنجي ميارن ماري
ڏيئي وئين ڏکيءَ ڪي، ڏورئون ڏيکاري
نڪو سنيهو سور جو، نڪو سلام سوپاري
نڪو دلاسو دلگير ڪي، نڪا دلداري
هڪجيڏين ۾ هيٺي ٿيس، نه ته هيس سوڌا سوپاري
عشق پنهنجي اڳڻ تي، تو صحبت نه ساري
سورن ۾، سانوڻ چئي، ڪڙهي ٿيس ڪاري (١)
ڏيءَ پسيو ڏاري، موٽيو وڃين ميندرا!
١٢٦- راٺا! ريت رسڻ جي، بنه بات وسار
ميندي هن مي ڪي، چندن پڄي چار
ڪرهي جون ڪاڪ تي، هلي واڳون وار
تو جي بول بهون ڪيا، سي پرين پنهنجا پار
هاڻ گهڙي هت نه گهار، هلي سرتين ساڻ سچي ٿيان.
١٢٧- راٺا! ڇڏ ماٺا، اٿم طلب اندر ۾ تار
ڪتياسون ڪاڪ تي، ڏينهن ڇڳا ڪي چار
مٿي ويو آهين مومل تان، ڇو اڳوٽو آر
ڦري پيئي فراق ۾، ڇهليو ڪاڪ ڪنار
نماڻيءَ جي نڪ ۾، بولي ڪيو آهي بار (٢)
سڏي ڏنائين سومل ڪي، هس ڪڙولا هار
منديون وڌائين مچ ۾، ٻانهيون، پيڙا پار
سڪان تي، سانوڻ چئي، اچي مئيءَ کي منهن ڏيکار
هاڻي سرماءِ سينگار، ڪنهن لئي ڪريان ڪاڪ ۾.
١٢٨- راٺا ڇڏ ماٺا، آءُ ته چانگي تي چڙهون
ساريو تو سوڍل ڪي، راتو ڏينهن رڙون

(١) ظ: سڪ تنهنجي لاءِ، سانوڻ چئي، ٿي آهيان ڪڙم ۾ ڪاري.
[١٢٦] قاضي نورمحمد (تعلقو هالا) [١٢٧] ظ، ل ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي). (٢) ظ: نماڻيءَ کي لصيب ۾، اج بشر ڪيو آهي بار [١٢٨] ظ ۽ ل.

مينڌرا تنهنجي محبت جي، قرب منجهه ڪڙهون
سبق تنهنجي سور جا، پرهه تائين پڙهون
ميخون محبت جون، هٿي ويو آهين جيءَ منجهه جڙون
ڪهي ويو آهين ڪاڪ تي، ڪري ترت تڙون
نهاري پئي نماڻي، جهليو عشق آڙون
سورن جون، سانوڻ چئي، ڏيئي وئين هينئين منجهه هڙون
ساريو توکي سڙون، هاڻ واجهائيندي ولها.

١٢٩- راڻا! چڏ ماڻا، توسان ٻالجتيءَ جو ٻنگ
ڏمر چڏ، ڏاهو ٿي، نام سچائج ننگ
سچٽن کان سيکي ٿئي، دشمن وجهن دنگ
جيارئين تہ جيئان، نہ تہ جيءَ سان اٿم جنگ
سومل پنهنجي ٿمر ۾، ڏمر هٿي ٿي ڏنگ
ويٺي رات وهائي، روئندي ڏسين ها رنگ (١)
سوڍا! تنهنجي سور، مونکي وره وڏا ونگ (١)
ماري وئين ميارن سان، چاڙهي مونکي، چنگ (١)
مون سڙيءَ کان، سانوڻ چئي، موڪل ۾ منگ (٢)
ڪاڪ رڙندئي ڪنگ، هت مئي سٽندين مينڌرا!

١٣٠- راڻا! چڏ ماڻا، توکي ڪهڙو په پيو
جيڙي هن يتيم کي، ڏولائو ڪين ڏيو
ڪلهي ڦاٽم ڪنجرو، نڪي لڳن تي ايو
ڀٽي وٽان ٻرم ۾، آءٌ اچا اوڏيو
مٺو پائين نہ مينڌرا! مون توکي چڳائي جو چيو
ڪاوڙجي ڪست مؤن، تو ڪنيي اٽ ڪنيو
ڏس تنهنجو ڏيپلي، وڃي تر ٿيو
موچاريءَ مومل سان، تو راڻا رڻ ڪيو

[١٢٩] ظ، ل ۽ عبدالحڪيم ٻلي (تعلقو ڪپرو) (١) ظ (٢) ظ: سورن ۾، سانوڻ چئي، موڪل مون کان منگ [١٣٠] ۽ [١٣١] ظ ۽ ل.

اهو سور، سانوڻ چئي، مونکي وسري ڪونہ ويو (١)
ڪهڙي نيم نيو، منهنجو راڻو رنج رکي ويو.

١٣١- راڻا! ڇڏ ماڻا، تون آٽ اوري . آڻ
چڙهي اچ چانگي تي، وجهي پوش پلاڻ
ڪاهي آ ڪاڪ تي، ڏيئي توڏن کي تاڻ (٢)
اچي لهہ لداڻي ۾، ڏيئي ڏاگهي کي ڏاڻ
من اچي مومل کي، تنهنجي آٽ منجهان اوساڻ
سوڍا! تنهنجي سور ۾، هينئون ٻڌي ويم هاڻ
ڪسي تنهنجي قرب ۾، گهڻو ٿيو آهي گهاڻ
ڪهڙيءَ ريت رٿين، ڪٿيس تنهنجي ڪاڻ (٢)
ڪڍ سَنائي من مان، تہ پرچي ويهون پاڻ
ڏيئي هٿ هٿن ۾، ڏي جڏيءَ کي جيئڏاڻ (٢)
مومل سان ميڙ مينڌرا! هيڏي نہ ڪر هاڻ
"اِن" يوم الفصل ڪان ميٿا قا يوم" تنهنجي ولها
ڪنديس واڪاڻ
ساعت گهڙي، سانوڻ چئي، آهي مومل هت مهماڻ
اچي ڪج اوسراڻ، اهي مدايون سڀ مومل کي.

١٣٢- راڻا! ڇڏ ماڻا، تون اڳڻ منهنجي آءُ
قربان وڃان قدمن تان، تون پير پلنگ تي پاءِ
هينئڙو منهنجو هولن ۾، جيئڙو ناهي جاءِ
ڏيئي ويو آهين ڏهاڳ جون، بديون بيگناهہ (٣)
ڪونہ ڏسان ٿي ڪاڪ ۾، تو کي ويهاري هٿي واءُ
سورن جي، سانوڻ چئي، هي مومل ڄائي ماءُ
خان هلي ڪاءُ، مزماني تنهن مومل جي (٤).

(١) ساري عمر، سانوڻ چئي، لنگهندي ڪين لڙيو. (٢) ل. [١٣٢] ظ ل ۽ قاضي نور محمد (تعلقو هالا) (٣) ل : تون بديون بي وڙاءِ. (٤) ل: سوڍا! توسين ساهہ، لہ تہ راڻا گهڻا راج ۾.

١٣٣- راٽا! چڏ ماٽا، تون جاني اسان وٽ جَٽ
لَهه لڳي لوڪ جي، تون محبت مور نه مٽ
سوڻا! مون صحيح ڪيا، تنهنجا وَر ۽ وٽ
مومل جي ماڙي تي، ڪوڙ نڪو ڪوڪٽ
راٽا! تنهنجي رهاڻ لئي، رڙان جهنگ پٽ
ٻالي ڏينهن حياتي جا، اچي ڪاڪ مٽي ڪٽ
ڪسي دل ڪٽي وئين، ڏيئي چانديءَ جي چٽ
سورن جو، سانوڻ چئي، گهوڙا ڪيئي گهٽ
لَنديءَ جا لولهٽ، مڃ ڪٽي تون مينڌرا!

١٣٤- راٽا! چڏ ماٽا، تون سينو ڪير سهاءِ
مومل ليکي مينڌرا، تون آهين بي بهاءِ
نڪي وجهه ويلو وچ تي، نڪي رات وهاءِ
ڪاهي ڪرهو ڪاڪ تي، ڪج لڏاڻي تي لاه
سانولي ات سينگار ڪري، ڳوري پائي ڳاه (١)
ڪَٿي ويٺي ڪوڏ مان، ارٿ پوٽيون پاءِ
سڳ وراڪو، سانوڻ چئي، تون چني ڪندين چاءِ
انهين لڏاڻي تان لاه، ميو موڙي اچ مينڌرا!

١٣٥- راٽا! چڏ ماٽا، تون موتاءِ نه وچ ميو
بيٺو آهين باغ ۾، تون ليڙي ڪي ليو
منٿ مَڃ مينڌرا! ڪر مون چَريءَ جو چيو
اِهو انگ ازل کان، مون لاءِ واهڙ اچي وهيو
مَهنڌوڻو مومل تان، تو ڪيئن خيال ڪنيو
سٽان ٿي، سانوڻ چئي، تو وڃي ڏٿ ڏيو
ٻڌان ٿي ٻيو، ڪو سوڍي سر چتائيو.

١٣٦- راٽا! چڏ ماٽا، اهو ڦورو تون نه ڦول

[١٢٣] ل ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي). [١٣٤] ل. (١)سليها ڪريو سانولي، ڳچيءَ ڪري ڳاهه. [١٣٥] ۽ [١٣٦] ظ ۽ ل.

راڻا! رانوڙين سان، ٻاڙو تون نہ ٻول
تڏي آهيون، تنهنجي، ڍنگهر تنهنجي ڍول
سوڍا! اچي ساهہ پيئون، آجهو تون اول
پيتيون راجا نند جون، راڻا! تون نہ رول
ڪانڌ ڪيئي ڪچهريون، سي تاڻا ڏس تون تول
ڪانڌ تو لئي ڪپڙا، سي رڳياسون رتول
سرهي ڪر، سانوڻ چئي، تون ڪڍ پنهنجا ڳول
مينڌرا! مَ ڪول، ڳالهيون ڳجهہ اندر جون.

١٣٧- راڻا! چڏ ماڻا، آءٌ هت راتو ڏينهن روئان
تون وَڃ، تون ولهو، آءٌ تنهنجي سٽ سونهان
جانب! تو جاڳايا، درد جا دونهان
ڪڏهن ايندين ڪاڪ تي، پريين پَريُونئان
سورن ڪان، سانوڻ چئي، شل حياتي نہ هئان
مومل جي مُهان، مُهي وسرندين مينڌرا!

١٣٨- راڻا! چڏ ماڻا، آءٌ چانگي تي چڙهي
برهہ باهون ٻاريون، آءٌ ڪاري ٽيس ڪڙهي
سوڍا! تنهنجي سور ۾، آءٌ ساجن ويس سڙي
"هذه جهنم التي كنتم توعدون" اهو پنو ڏس پڙهي
جانب تنهنجي جدائي ۾، آءٌ گهاريان ڪيئن گهڙي
لڪئي جو لاهوت ۾ پنهنجو ويو انگ اڙي
سُڃي پئي آهي، سانوڻ چئي، مومل جي مڙهي
راڻا! تو لاءِ رڙي، مُنجهي من ماندو ٿيو.

١٣٩- راڻا! راضي ٿيءُ، تون آٿ ٻہ اوري آڻ
تہ چاريان چندن ڪاڪ جا، ڏيئي ڏاڳهي ڪي ڏاڻ
مومل روئي ٿي مينڌرا، ساريو روح رهاڻ
ماري ويو آهين مومل ڪي، هئي ٻالاپڻ جو ٻاڻ

[١٣٧] ڪان [١٥٢] ظ.

هٿي ميخون محبت جون، وڍي ويو آهين واڻ
رِيجهي جِت رهاڻيون ڪيئي، سي ولها ٿيا وٿاڻ
اِها سومل شل سڙي مري، جنهن ڪانڌ وڌي توسان ڪاڻ
سڌ نہ پير سور جي، تہ ڪو ٿيندين ڄاڻي تون ڄڻاڻ
وجهہ وڃايو اٿئي وِلها! هاڻي تندو تون نہ تاڻ
جڏهن مٿي آيو هئين محلي ۾، تڏهن صورت ويهي سڃاڻ
تہ آهي منهن مِهري جو، ڪي مرد پريو ٿي ماڻ
سڌ پونئي ها، سانوڻ چئي، هئي سومل ستي مون ساڻ
انهيءَ هاڃي منجهہ هاڻ، مري ويندي سئين مينڌرا!

١٤٠- راڻا! چڏ ماڻا، تون انگل چڏ امير
ڪڏهن ايندين ڪاڪ تي، وري ولهيءَ جا وير
توڏي ماڻهو موڪليم، پانڌي ڪري پير
نهاريندي مون نماڻيءَ ڪي، نيڻين وهيا نير
پلنگ پراڻا ٿيا، پيا لٽا ٿيا آهن لِير
راڻا! اچ راج ۾، تہ آءٌ ڪِلي پيان ڪير
سرهي ڪر، سانوڻ چئي، تون ڦري اچ فقير
تن اندر تڪبير، ڪانڌ وجهي وئين ڪاڪ تي.

١٤١- راڻا! چڏ ماڻا، تون اوڻي آٽ اُڏار
هٿي ڪاڻ ڪرهي ڪي، تون مِيو نہ مار
وَڍي ڏي وَلها! هِن ڪي ڏاڙهون سندا ڏار
سومل ڪان سواءِ مينڌرا! گهڙي ايڏهين نہ گهار
اِهي حرف حساب جا، ٿِڪي مون تان تار
سورن ۾، سانوڻ چئي، مُٺيءَ ڪي نہ مار
نہ تہ دانهياڻي دربار، سومل ٿيندئي مينڌرا.

١٤٢- راڻا! چڏ ماڻا، تون تندا تاڻ ۾ تنج
چڏ ڏمر ڏاگهي تان، سوڍا لاهي سنج
پرڻئي ٿيا پاڻ ڪي، پورا ڏينهن پنج

اِهي پيڙا، اِهي ٻانهيون، اِهي ڪُهنبا اِهي ڪنج
وري اچ وَلهاا! روح مان ڪيڏي رنج
”ومن عصاني فانڪ غفورٌ رحيم“ مونکي گوهر
ميلن گنج
سورن جا، سانوڻ چئي، مونکي ڏئي ڪهڙا ڏنجهه
لڳو موت فراق جو، اٿئي مومل مرڻ منجهه
هوت سمهاري هنجهه، اکيون جهل عجيب جون.

١٤٣- راڻا! ڇڏ ماڻا، تون سوڍا سگهي اچ
ڏيئي باهه برهه جي، من تي ٻاريئي مچ
آءٌ سوڍا ڪين سمجهان، ته ڪا مون ڪانڌ ڪئي ڪچ
وري اچ ولها، ڪريون روح راضي رچ
ساري عمر، سانوڻ چئي، پيو پريت انهيءَ ۾ پچ
اچين ته اچ، نه ته مري ويندي سئين مينڌرا!

١٤٤- راڻا! ڇڏ ماڻا، تون ڪورٿ اچي ڪَرا
راجا رنج رکي رات وئين، مون تي ڳڻ ڳَرا
دلبر دهلجي وئين، ڏسي چانگي جا چرا
سومل ستي هئي سيج تي اچي پيڻ مون پَرا
مونکي قسم آهي ڪريم جو، ميان مير مينڌرا!
آءٌ رنج ڪيڏي روح مان، نه ته ٿي ميير مران
اگڻ ايندس تنهنجي، آءٌ ڪوني ڪيترا
ميڙون تنهن مومل جون، واري ڪين ورا
سوڍا! تنهنجي سير تي، آهن مڙيئي مامرا
سورن جون، سانوڻ چئي، ڏيئي وئين جيون ۽ جَرا
دوست تنهنجي درا، موتي اچان مان لهي.

١٤٥- راڻا! ڇڏ ماڻا، تون مدي ڏسي نه موٽ
وَرُ منهنجا ولها! ڏيئي چانگي کي چوٽ
ڏياري طعنا تنهنجا، مونکي ور ۾ ڪيم ولهوٽ

سوڍا! تنهنجي سر ٿان، آءُ گهورون گهوريان گهوٽ
پهرائي پٽ پريت جو، سگهي سيج سهوٽ
مومل ليکي مينڌرا، تون آهين ڪاڪ مٿي ڪوٽ
آءُ اگڻ منهنجي البيلا! ڏيئي ڏاگهي ڪي ڏوٽ
سٽي سڏ، سانوڻ جا، تون مرشد اچي موٽ
الله تن عاشقن تي، پرور ڪندو پالوٽ
راڻا! ڪندي سئين رپوٽ، ملڻ ڏينهن مومل سان.

١٤٦- راڻا! چڏ ماڻا، تون هيڪر آءُ هلي
مومل ماري مينڌري، جيئري ويئي جلي
ليئا پايو ليلهايان، گوليان پيئي گلي
پلؤ وجهئين ٽي پير جو، وچ مومل سان ملي
"ثم لتر وَنتها عين اليقين" خوش ٿي ويهان ڪلي
مون سڄيءَ جي، سانوڻ چئي، سيڌ ڪندو سولي
پينر آءُ پلي، تڏهن ڪيهون ڪريان پئي ڪاڪ م.

١٤٧- راڻا! چڏ ماڻا، تون هيڪر هلي آءُ
نه تم گهري انهيءَ گڏتيءَ م، منهنجو سڪي ويندو ساهه
سيکاري چڏيو هو سومل کي، مٿيءَ منهنجي ماءُ
وڃي رُسائي آءُ راڻي کي، ته سوڍو مٿي ساءُ
خبر انهي خلل جي، مونکي ڪل نه پيئي ڪاءُ
ته راڻو ايڏو رڻ ڪندو، مون سان ويو وڃاءُ
ته سمهان نه ها سيج تي، هو جاگڻ مون جڳاءِ
ڪاٽيان ها قلب م "ولهم عذاب" اوجاگهو اکين لاءِ
هاڻي ڪونج رڙي پئي ڪاڪ م، جنهن لاءِ
ماتم مينهن وُناءِ
سورن م، سانوڻ چئي، ويندم پڄي پساهه
پوءِ ڪارا رڙندئي ڪانءَ، ڍوليا! انهيءَ ڏيت تي.

١٤٨- راڻا! ڇڏ ماڻا، راڻيون ڪر نه رن
سوڍا! ڳالهيون سور جون، تون سڄ هيئن جي من
ڪوڙيون ڳالهيون ڪاڪ جون، تون آڻج نه ڪن
مرد پنهنجي مان لاءِ، ٿا سوين. سور سهن
تو کي ڪٿرپيو آهي ڪاڪ تي، منهنجي دل تي دود دکن
ساري من سڙي ويو، تو لئي منهنجو تن
حسن. منهنجو هليو ويو، جاني تو لئي جوبن
ساري عمر، سانوڻ چئي، تنهنجي ڏکويس ڏکن
پوءِ راڻا! تنهنجي رسامن، منهنجو جيءَ جڏو ڪيو.

١٤٩- راڻا! ڇڏ ماڻا، رسڻ جي ڇڏ راند
ڪٿر تنهنجي قلب تي، وڙو ڪنهن وڙواند
ليلڻ ڪارڻ لنديون، پيون تنهنجي پاند
سرهي ڪر، سانوڻ چئي، ڪڙو بول نه ڪاند
پناهه جو پلاند، ٻر لاهج مئيءَ تان.

١٥٠- راڻا! ڇڏ ماڻا، سڻ ضعيف سندي زاري
ميو تنهنجو مويڙ هو، جيئن باز چتي بهري
تل به ترسيو ڪينڪي، نڪا ڏئين ڏيکاري
لتاڙي لڪ چڙهيو، متو مهاري
نڪا رڙ روڏن جي، نڪو آٽ اوٽاري
تون وساري ويهي رهئين، آءُ پلپل پچاري
ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، مون تي چور گهمن چاري
آءُ ته پرچون پاڻ ۾، رکي حرف هزاري
مون سڄيءَ کي، سانوڻ چئي، آهن ڪانَ لڳا قهري
موتائي آءُ مهري، ڪرهو پنهنجو ڪاڪ تي.

١٥١- راڻا! ڇڏ ماڻا، سوڍا سٽ تنهنجي
زار زار ٿي زاريون ڪريان، مڃ منٽ منهنجي
هوت تنهنجي هٿ ۾، آهي قرب جي ڪنجي

ڦري وئين فقير ڪري، دلبر دل منهنجي
رات ڏينهن اٿم روح ۾، طلب تات تنهنجي
هينئون منهنجو حيران ٿيو، پيو من منجهي
سڙي مران، سانوڻ چئي، توکي پير ڪري پونجي
اڙي دل آهنجي، سا مور نہ چڏي ميندرا.

١٥٢- راٺا! چڏ ماٺا، مومل کي نہ مار
موتي اچ مير ميندرا! گهڙي مون وٽ گهار
نہ تہ ڏهاڳڻ سڏجان پئي ڏيهہ ۾، برهہ ٿئي پيا بار
دکن دونهان، سور سونهان، ٿيا هينئين منجهہ هزار
هيڪرآءُ هلي، جيرا ويم جلي، لاهي وچ مومل تان ميار
اهي مدايون مڙيئي مون کان ٿيون، بخش ڪٽي پٽار
"لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم" ننگ پنهنجو نهار
نہ تہ مري ويندي سئين ميندرا، اچي جڏيءَ کي جيار
سورن ۾، سانوڻ چئي، ڪوماڻي وتي ڪنوار
اچي پيرو ڪر پٽار، نہ تہ قبر ڏسندين ڪاڪ ۾.

١٥٣- راٺا! ڪر نہ ماٺا، تون هئين چٽاڻو چٽ
مڙس ڏٺو هئي مومل سان، تہ ماري ڪرين ها مٽ
هت لڄايئي ڪاڪ کي، هٿ لڄايئي ڏٽ
لاهي لنگيون، ٻڌ ڏوتيا، پهرين چو ٿو پٽ
تن سورن جو، سانوڻ چئي، گهوڙا ڪيئي گهٽ
هاڻ ساهمي، توراڙو، هٽ، مرڪ تنهنجو ميندرا!

١٥٤- راٺا! تنهنجي رهاڻ جي، مونکي تن اندر ۾ تار
سوڻيا! تنهنجي سور ۾، مون ساڙيا سڀ سينگار
ٻانهيون، ٻيڙا مون ٻاري ڇڏيا، هس، ڪڙولا، هار
تون ڪيئن رئين راٺا! واڳ وطن تي وار
سورن ۾، سانوڻ چئي، مومل کي نہ مار

[١٥٣] ل. [١٥٤] کان [١٥٦] ظ

ڏينئي سوڀ ستار، مينڌرا! ملي وڃ مومل سان.

١٥٥- راڻا! تنهنجي رهاڻ جي، مون طلب اندر ۾ تانگهه
وار نه مئيءَ جا ولها، تون ليڙي متي لانگ
سامهون ويهو سوڍن کي، تون پهران ڏئين ٻانگ
اڄ به تنهنجي اچڻ لاءِ، مون ڪوڙين اڏايا ڪانگ
ڪامي آءٌ خاڪ ٿيس، سڄڻ تنهنجي سانگ
مون سڙيءَ جو، سانوڻ چئي، تون آٿڻ ڪيم اولانگ
نينهن مثل آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪان پوي.

١٥٦- راڻا! تنهنجي رهاڻ لئي، اٿم قلب اندر ۾ ڪير
ڪامي من خاڪ ٿيو، پيا چهڪ اندر ۾ چير
اچي مل مير مينڌرا! مونکي اندر منجهه اکير
رسڻ جي راڻا توکي، ڪيئن مت آئي مير
عقل ۾ اکابر آهين، پوءِ هيڏي ڪر نه حير
منت مجي موڻي آءُ، هي دانهون ڪري پئي دلگير
آءٌ رکيو آس الله ۾، پوجان ويٺي پير
جياري وڃ مون جڏيءَ کي، نه ته آيم وقت اخير
نه ته قبر ۾ ڪاٽيارو ڪندي سئين، اڳيان منڪرنڪير
سُجهي ٿي، سانوڻ چئي، اڳيان قيام ڪبير
جت سختي لڳندي سير، ات شل ڪاٽيارو ڪوم ٿئي.

١٥٧- راڻا! تنهنجي رهاڻ لئي، آءٌ آهيان پرين پياسي
جيئري تو جانب لاءِ، منهنجو هينئون اداسي
ڪونڌ ويٺي هئي ڪاڪ تي، مومل مواسي
پيٽي راجا پوڄ جي، چاندي چڪاسي
پرور منهنجون پوريون ڪندو، اميدون عاصي
نڪو قاصد آيو ڪاڪ تان، نڪا خبر آئي خاصي
سُڪا تولئي، سانوڻ چئي، مون بيشڪ آهي باسي

[١٥٧] ظ ۽ ل.

سـويل سناسي، تـون هليو اچـج حُب سـان.

١٥٨- راڻـا! تنهنجي رهاڻ لئي، آءٌ ور ڏيو واجهايـان
مدايون مڙيئي معاف ڪر، آءٌ ٿي پاند ڳچيءَ پايان
تون راجا آهين روح جو، توسان سينو ڪيئن ساهيان
اهو لـکيو هو انگ ازل ۾، تڏهن پئي خطائون ڪايان
نصيب ڦٽو مون نپاگيءَ جو، تڏهن در در پئي دانهيان
مِل اچي تون مينڌرا! تہ آءٌ ڪس قلب جي لاهيان
"جنات تجري مِن تحتها النهار" ڪاڄ اهو ڪايان
تو ڪي ڪٽرپيو آهي ڪاڪ ڪان، آءٌ هت جاياءَ سيئي پايان
سگهو اچ، سانـوڻ چئي، تہ آءٌ ڇـنا سڀ ڇايان
نينهن نـپـايـان، تـوسان مـرڻ سـوڏو مينڌرا!

١٥٩- راڻـا! تنهنجي رهـاڻ لئي، تـي اندر ۾ اداس
انهيءَ مونجهاري ماري آهيان، منهنجو روح نہ آهي راس
ڪٽيءَ ۾ ڳري، ويندس مري، وڪوڙيس وسواس
اندر اداسي، آهيان پياسي، ڏاڍي تـانگهہ تلاس
وِجهُلي تـولئي ولها، مـون ماري ڇڏيو مـاس
ڪنهن ڪي سور سڻايان، هي ڪو پرديسياڻي جي پاس
"وفي انفسڪم آفلاتبصرون" ڪر نفس ڪي ناس
سوڻي آءٌ مينڌرا! ڪر ڪانڌ مئيءَ تي قـياس
تہ سيئي سور لهن، سانوڻ چئي، پچي اندر جي آس
چندن جي چاس، تـوان ميرا اچي ٿي مينڌرا!

١٦٠- راڻـا! تنهنجي رهـاڻ لئي، ٿيس جـانب جو ڳياڻي
نہ آهي محرم مئيءَ جو، ڪنهن سان ڪريان ڪهاڻي
تنهنجا سـور اچـي سـامهان ٿيا، ڏک بہ ڏهائي
رات تـولئي روئندي، مـونکي ولـهـا وهـائي

[١٥٨] ڪان [١٦٠] ظ

آءٌ سيتل آهيئين سوڌا! ننگ پري نياڻي
اِها مهٽا ڏيئي نہ مار، هي بيحد بنديائي
"جف القلم بِماهو قائما" نہ تہ هبس سرتين ۾ سمائي
هائي ڪيئن ڪنڌ ڪٽان هن ڪاڪ ۾، ٿيس هڪ
جيڏين ۾ حرفيائي
اِهي لِيها مون تان لاهي وڃ، نہ ٿيندي سئين دستگير
اڳيان دانهيائي
سردار اڳيان، سانوڻ چئي، جتي ٿرندا ڏوهہ ڏوهاڻي
جتي سين ڪي سچائي، حرف ملندا حق جاءِ

١٦١- راڻا! تنهنجي رهاڻ لئي، خاڪ ٿيس ڪامي
سڙي تنهنجي سڪ ۾، ويس وڪامي
مڃ منهنجي مون تي، ڪي آٿيا آڏامي
ڪين آئين قول تي، تون هئين انجامي
روئندي گذاريم راتڙي، ويئي وِهامي
سارو لوڪ نندون ڪري، آءٌ نہ آرامي
وڃي پيس وهلور ۾، چڏي سانگ سلامي
سائين لڳ، سانوڻ چئي، هيڪر ٿي حامي
متان مري مقامي، ملڻ ڪان نہ مهند ٿيان.

١٦٢- الف اکر هڪڙو، آهي توڙان ئي تڪ
مونکي انهيءَ ماهيت جي، پهريان آهي پڪ
ملان مسيتن ۾، بيٺو بڪئين بڪ
ورق جي وصال جا، ڏول مڙيئي ڏڪ
سچائي، سانوڻ چئي، ٿي ان متي عاشق
حميرائا حق، پارڻ ڪوڻ پري ٿيا.

[١٦١] ع [١٦٢] ل

مارئي

۱۶۳- ساڙيءَ چڙهيو سارئي، ڏي ڪوٽن مٿي ڪن
ٿليون، ٿوڻر، گهنگهرا، واڄت ڪيو وڄن
گهيتا پاس گهرن جي، ولر ڪيو وڙڪن (۱)
وڃن ويڙهيچن جا، ڇيلا وٽيو ڇن
"الذين ينفقون اموالهم في سبيل الله" اهو سانگ بهسنگهارن
متر تن مارن جا، ٿا هينئڙي منجهه هرن (۲)
جن ري ساعت نه سري، تن ري پڇجو پهر وڃن (۲)
ڏينهن ڪٽيندي سومرا، مونکي چليو چنڊ وڃن (۲)
مون جيڏيون ملير ۾، آءٌ ڪسان منجهه ڪوٽن
اٿم آس الله ۾، منهنجا مارو من موٽن
ڪل نه لڌي قيد ۾، منهنجي وري ويڙهيچن
وساري ويهي رهيا، آءٌ هت ستايس سورن
ڪيو ويس وچينءَ جو، گهرن پاس گهمن
سک تني جا، سانوڻ چئي، مونکي ويل نٿا وسرن
سي محب پرين ملن، سانگي ماڻهو ساٿيهه جا (۳).

۱۶۴- ساڙيءَ چڙهيو سارئي، ٿي نيٽن وهائي نار
ڪرڙ ڪڪوريا، ڪنڊا موريا، ٿوهن ڪڍيا تار
ٿڌي هير، ڪنڊيون ڪشمير، ٿي چنن ۾ چنڪار
ٿليون ٿوڻر، پڻڪن پوڻر، ڪيا گولاڙن گلزار
ميها موهر ۾، ونگا وَر ۾، لنگي ڏس ليار
سانگي منهنجا سنمک سهڻا، ڍلڪن ڍلي ڍار
هتن ڪهاڙيون، ڳنن ڳاڙهيون، ٿليو وڍين تار
سانگي سويلا، چوڙين چيلا، ٻڪر سي ٻنيار

[۱۶۳] ظ، ل، هم، بچوڪور (تعلقو حيدرآباد) ۽ احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ). (۱) ل. (۲) ر. (۳) ل: شل وجان ويڙهيچن، وطن تي وسون ٿيون. [۱۶۴] ڪان [۱۶۸] ظ، ل، هم ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد)

جهانگي جهڻ تي، ڪٽين ڪڻ تي، اچو جن اوتار
ڪڙمي ماڻهو ڪک چرو، جن جو وڻن سين واپار
پرين پهريا، وتن گهريا، ڪٽيءَ جي بہ خمار
لٽڪيو لڪن ۾، گهيتا گهٽن ۾، گنهيو ڪن گٽڪار
وجن وڙهي، اچن ميڙي، ڏوٽي ڏونرن ڏار (١)
پيني ءِ پٽي، ڪنين سٽي، هت ٽئي ڪونجن جي ڪٽڪار
نبي سر جون نار ڪٽيون، هت سوديون ڪن سينگار
هيءَ ڪوهه ڪنگالڻ قيد ڪيئي، جنهن جي مالي نامقدار
ٽوڙي آندئي ٽولي ماڻ، هيءَ گولي گنهگار
سا ڪيئن وساري قيدن ۾، پنهنجا ڏوٽيڙا ڏيهدار
عمر ساري، ويٺي ويچاري، چاريـن هيٺ چمار
جيڏين بنا جاڙ جيان، مونکي ساڙين ۾ نہ مار
مري ويندس ماڙين ۾، هٽ چيچ پکا چوڌار (٢)
سٽي سڏ، گولي گڏ، تون هاديءَ لڳ حبدار
هيءَ سوالڻ، سانوڻ چئي، تون والي وطن ڏي وار
اي سومرا سردار! آءٌ باب نہ هيس بند جي.

١٦٥- ساڙيءَ چڙهيو مارئي، بيٺي ڏسي اباڻا
پکا تن پهنوارن جا، آءٌ سيئي سجاڻا
هو پنگا، هو پيٽيون، هو ٽاڪ، هو ٽاڻا
هو ٽر، هو ٽوهر، هو ملڪ، هو موهر، هو ڪٽ
هو ڪوهر، جت ڪن ٻنيون ٻاباڻا
هو وانديون، هو ويڙها، هو مندل، هو ميڙا، هو
آهن ماڳ بہ ماڻتاڻا
هو پکا هو پيهيون، هو مال هو مينهيون، هو
پٽون هو پاڻا
آءٌ ڪريان پيٽي ڪوٽن ۾، رويو راماڻا

(١) ل. (١) ر: اچن وهايو، ڏين اوٽايو ..... الخ، (٢) ل.

بگيون تن جون برن ۾، ڏين اچيون اولاٽا
اچن وهايو، ڏين اونايو، جن جا دڪن تي داٽا (١)
منگهه ولوڙيو، منڌيون موڙيو، ڪين چوڙيليون چاٽا
جهڙ تي جهانگي، سونهن سانگي، مونکي ساهه ۾ سيهاٽا
پرين پلاٽي، هليا ساٿيهه، اترئون آٽي، ڪيا مينهن ماندٽا
ڏسيو برساتيون، لڳن ڪاتيون، نٽا وٽن وهاٽا
عمر جام! تنهنجي سام، اچي پيا آهيون غريب غيباٽا
عمر جام! تنهنجي سام، اسين آهيون نڌڪ نماٽا
تن سنگهارن جا، سانوڻ چئي، مونکي سور به ساماٽا
وس ڙي مهراٽا! ته مارو اچن ملڪ تي (١).

١٦٦- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، تي ڪري ڪيهون قربين
ڪرڙ ڪڪوريا، ڪنڌا موريا، ڦر جهليا ڦوڳن
ڪونيٽ، ڪيريون، ٻاوَرَ، ٻيريون، وڻ چانيا ونگن
چيڙ وليون، ٿيون ڀليون، پٽ وٽيو پکڙن
راجا رانيو، ملڪ چانيو، ڪڙي ڪاٽونين
گرڙ گوساٽا، ٿيا گهاٽا، جتي منڊل ڪيا ميهن
ٿيا ٿرن ۾، باغ برن ۾، منهنجون ساتاريون سونهن(٢)
وُني ويچاريون، چاپن چاريون، لَس لياريون لهڪن
ويڙها ولين چانئيا، گس به گولاڙن
لَلر لائي، پلر پاٽي، پٽ پهنواريون پين
ٿر ٿوهر، ملڪ موهو، اٿئي ساٿيهه سنگهارن
گذر جني جو گوڙ تي، سي ساڳ متي سرچن
ڪيون ڪينجهر ڪنڌئين، وانديون ويڙهيچن
جهانگين متي جهڙ ڦڙ لائي، آڻي اوهيرن
مون ليکي مري ويا، نه وريو ڪو منجهان ويڙهيچن
سڪ جني جي، سانوڻ چئي، سي مارو مانَ ملن

(١) ل. (٢) ل : ٿيون ساندارون سونهن. هم : ٿيون سانگياٽيون سرچن.

هيت ڏاهيون ڏک ڏسن، هُت ستيون سڪن سهاڳ ڪي.

١٦٧ـ ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ٿـــي گهيڙ نهاري گهٽ
وسن مينهن، تپن ڏينهن، ات گوڙون ڪن گهو گهٽ
مينهن وسايو، ڪاهون ڪاهيو، پلر پريا پٽ
ڪک ڪُنداريون، مال چاريو، ٿيا گاهن جا گهاگهٽ
رنين رايون، چـــرن سايون، ديوليون مٿي ديٽ
سرڪن ماڻون، ميڙين پولهايون، نُوڄڻ پايو نٽ
لوڻ لڳايو، ڪنيون ڪايو، هٿن جهڻ منجهان سي جهٽ
پارڻ پاريو، گيهه پگهاريو، هليو وڪڻن مٿي هٽ
گهه جوڙايو، ڪچيءَ لايو، ڪن چلن جا چا نُوٽ
سيٽ ملايو، تـــڙ ڪرايو، لڳن لاهين لـــٽ
وار وڙهايو، سرما پايو، سرتيون ڪن سلهٽ
جاڻان پايو، تلڪ لڳايو، پٽن چوڙيليون چٽ
تن سنگهارن جا، سانوڻ چئي، آءٌ سور نه پانيان مٽ
جيئن پيرَ وڃائين پٽ، تيئن سوال ڪريئين ٿي سومرا!

١٦٨ـ ماڙيءَ چڙهي مـــارئـــي، ڏي مارن ڏي موڙا
ڪوٽ چڙهيو ٿي ڪوڪرا ڪري، گهر ڏسيو گهوڙا
ونهين ويڙهيچن ڪي، تـــڙائج نـــه، توڙا (١)
ونهين ويڙهيچن سـان، وجهج ڪـــم وچوڙا
ونهين ويڙهيچن جا، اٿم اندر ۾ اوسيڙا (٢)
ڪري پيا ٿي ڪونج ڪي، گهـــل مٿان گوڙها
پلي سور سرڪن ماڻين ٿي، جي وجهن ولوڙا
ڪير ولوڙين ڪٿيريون، ڏين سنڌين ڪي سوڙا
ڪُنڪو رڳين ڪپڙا، ڏيـــو پانهياريون پوڙا
سور ٿي جا، سانوڻ چئي، آهن قلب ٿي ڪوڙا
ڳاڙيندي گوڙها، سونڪي رات وهامي ڏينهن ٿيو.

(١) ل. (٢) هم.

١٦٩- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڏسي ماڳ مانجهاندا (١)
سڄا سنگهارن ري، مونکي وڻن ڪين واندا
لڏي لاڏاڻو ڪري، ويا هليا هيڪاندا
سکيا ڏينهن سانگين جا، عمر مون آندا
مون سڄيءَ لاءِ، سانوڻ چئي، مارو آهن ماندا
پهنوارين پاندا، مونکي پينگهن منجهه پياريا.

١٧٠- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڪري بيٺي قيام
ڪٿي ڪفن پائيان، جا ڏوتي ڏيج ڏيندام
مرڻ ويل مليم، سا اچي اوڏيندام
ڪانڌي تي ڪلهن تي، ڪٿي جهانگي جهليندام
سرهي ڪري سومرا، مديني موڪليندام
آءٌ اڳاي آهيان، پر هت نه چڏيندام
محابي مارو مير جي، اتي نه پوريندام
محابي محمد مير جي، اتي نه پوريندام
"الله نورالسمٰوات والارض" اهو ڏکيندام (٢)
پيراندي پهنوار جي، وڃي لاشو لٽيندام
سائين لڳ، سانوڻ چئي، بديون بخشيندام
اتيئي پوريندام، جتي ملڪ مارو مير جو.

١٧١- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڏسي طرف اباڻو
پريو ويٺا آهن پاڳيا، جهليو ملڪ مهراڻو
منڌ سڙي ٿي سڪ ۾، ڏٺين چڙهندي چانداڻو
ته ڪيليان خوشيءَ مان، وڃي ملڪ مائٽاڻو (٣)
پڇي پيو آهي پٽن ۾، مُرٽ ماندڙاڻو

[١٦٩] ظ، ل هم ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي). (٠) ل. مارو نهنجي ملڪ ۾، ڪن ماڳين مانجهاندا. [١٧٠] ظ، ل، هم ۽ رائچند (تعلقو ڄاڄرو) (٢) ظ ۽ هم. [١٧١] ڪان [١٧٢] ظ، ل ۽ هم (٣) هم: ڪلي خلق سان، مون ڏٺو ملڪ مائٽاڻو.

ڪاڻي اتي ڪاهڙ ۾، ڪيو آهي پرين پراڻو (١)
ويچاريءَ جـــو وطن لاءِ، هيت جيءُ بہ جلاڻو
قسمت آنـديس ڪوٽ ۾، نہ تہ ٿر هئم ٿاڻو
تـون سمو، تون سومرو، تـون راجا، تون راڻو
تـون حاڪم، تـون حميرو، تـون سالڪ سياڻو
مارو منهنجا مسڪين آهن، جن وٽ دڪو ناهي داڻو
ري گناهہ غلوبين تي، توکي حڪم نہ هلاڻو
ڏوٿين تنهنجي ڏيهہ ۾، ڪيو سانگ بہ سٽاڻو
اهـو سگ، سانوڻ چئي، ڪيئي ٻاڻ ٻاٻاڻو (٢)
ٻول بہ ٻاراڻو، سو پڙي مان پهنوار سان (٣)،
١٧٢ـ ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڏسي وطن سندا وڻ (٤)
رهن ٿـــاريلا ٿر ۾، هـــو سـانگي سيڻ سجڻ
آءٌ انهن جي آهيان، جيڪي جهانگي پين جهڻ
تن سانگين ۽ سنگهارن جي، سرهي آهي سانجڻ
ڪيئن سمهان تنهنجي سيج بندن تي، اوڍيان ڪيئن اوچڻ
بنگلن تنهنجن باهہ ڏيان، ڪيس ڪٽون سپ ڪڻ (٥)
آءٌ آهيان تو وٽ، ڏي اچوڪي رات بہ وهامڻ
هن ستيءَ سان، سانوڻ چئي، تون هوڏ بہ نہ هڻ
آءٌ گـولي آهيان غـــوث جـــي، گجر غلامڻ
مـــرشد منهنجي مـــن تـــي، قادر وڏا ڪڻ
مونکي ڪاڻ ڪريم جي، مون بوليا ڪين ٻانڌڻ
قسمت آندم ڪوٽ ۾، آهيان ڏکي ڏهاڳڻ (٦)
روضي مهندان رسول جـــي، ٽيج پيتي اٿم ٽڻ

(١) هم: ڏوٿي آيا مين ڏيهہ ۾، اسان جو ساهہ بہ پراڻو. (٢) هم: اهو سگ، سانوڻ چئي، توکي ٻانڌڻو نہ ڪرڻو هو ٻاٻاڻو. (٣) هم: ٻول بہ ٻاراڻو، سو پارير ڪونہ پهنوار سان. (٤) ل: مارو مت ملير ۾، آهن منهنجا سيڻ. (٥) ل. (٦) ظ: ڪيئن ويهان تنهنجي ڪوٽ ۾، آءٌ آهيان ڏيءَ ڏڻ.

آنيهن جـــيءَ آتڻ، اچـــي ويندس آجـــري.

١٧٣- مـــاڙيءَ چـــڙهيو مـــارئي، بيٺي ڪٽ ڪٽي
عمر اسان جـــي ڏيهه ۾، ڪپهه ڪونه ڪٽي
سدائين سنگهارن جـــا، آهين لـــڏا لڪ مٿي
آئين چـــاڙهين ســـومـــرا، ڦـــڙي ڦڪ مٿي
آئين چـــاڙهين سومـــرا، ڏونـــرن ڏٽ مٿي
آئين چاڙهين سومرا، جن جا جهوپا جهڪ مٿي (١)
آئين چـــاڙهين ســـومـــرا، چـــرون چڪ مٿي
آئين چاڙهين سومرا، ڪينجهر ڪپ مٿي (١)
ڪـــاهـــڙ پاسي ڪوڙيائون، مٿهن مٿڪ مٿي
مَرُ نه سهان مارن جو، آءٌ نماڻي نڪ مٿي (٢)
سدائين، سانوڻ چئي، هـــو آهن ٿاڻي ٿڪ مٿي
جيڪي هونديون حق مٿي، سي ثابت ويندیون سومرا.

١٧٤- مـــاڙيءَ چـــڙهيو مـــارئي، ٿـــي ڏسي اباڻا
مـــارو مٽ ملير ۾، ٿـــي سانگي سچاڻا (٣)
ڏکـــڻ سندي ڏس ڏي ٿـــي ڏوٿي ڏاڏاڻـــا
ڪينجهر سندي ڪنڊ تـــي، اٿم مـــارو ماماڻا
ڪعبي سندي ڪنڊ تـــي، آهن نبي ناناڻا (٤)
رکـــن روزا، پـــڙهن نمازون، ريلن ۾ راڻـــا
ٿوهر ٿـــرن ۾، بدو برن ۾، نيڪ بـــ نماڻا
چيلا چرن ۾، گهيتا گهرن ۾، ويٺا وٽن ۾، اڏي پڪڙ ابراڻا
آءٌ انهن جـــي آهيان، هـــو مَر پيا ڪن ماڻا
راجـــا منهنجي روح کي، اهـــي سانگي سيباڻا
راجـــا منهنجي روح ۾ آهـــن اولاڻـــا
ڏسان تـــن ڏيهاين کـــي، پير پـــري پاڻـــا

(١) ل. (٢) ل. [١٧٤] ظ. ل. صالح محمد سمون (ڪراچي) ۽ قاضي نور محمد (تعاقو هالا). (٣) ل. (٤) ل:
قطب سندي ڪنڊ تي منهنجا عمر اباڻا.
راجا انهيءَ رخ تـــي، منهنجا نبي ناناڻا.

وڃوڙي جا وجود ۾، گهمن پيا گهائا
ميکهن ۽ مينهن جا، ٿيا مٿن مانڊاڻا
سائيهه ۾ سڪار ٿيا، پڪا مرت مانڊاڻا
ڪائي تن ڪاهڙ ۾، ڪيا پرين پراڻا
سيجن ۽ سينگارن مان، آءٌ جٽي ڇا ڄاڻا
منهنجا سوال، سانوڻ ڇئي، وڃي عرش اگهاڻا
منڊ ٻڌ، سائٽاڻا، سهج مائيندي: سومرا (١).

١٧٥- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڪري نِڌَڪ نڪاهون
سدا وسن سيٺن جا، پڪا من پاهون
اصل ابائن جون، ٻرن ٻر مٿي باهون
وس وڃڻ جون ويڙهيچا، ڪن سانگي ستائون
ڪُسان پئي قيد ۾، ڪريان درد منجهان دانهون (٢)
ڪسان پئي قيد ۾، منهنجي ڪل نه لڌائون (٢)
ڪسان پئي قيد ۾، مون تان لاڳاپا لاٿائون (٢)
سنيهڙو سانگين جو، اڄ آيو اناهون (٣)
اڄ سپائي، سانوڻ ڇئي، هو ڪاهيندا ڪاهون
مڙ نه مڪائون، هو وساري ويهي رهيا (٤).

١٧٦- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ٿي ڪري هُل حشر
منهنجا سانگي اچن سيگهه مان، جي پري ٿيا پهنوز
ڏنم مينهن ماڙيچن تي، ڪالهونڪر ڪکو
لڳي هير هينئين ڪي، مونکي ڪوٽين ڏني خبر
نيٽين نند ڦٽي، سڻي سائين جا سانيهر
وِٽا مينهن ملير تي ٿيا آب وڏا آنڌڙ

(١) ر: مرن مدعي مائٽاڻا، ته سيج ماڻين سومرا. [١٧٥] ظ، ل، صالح محمد سمون (ڪراچي) ۽ رائچند (تعلقو ڄاڙو) (٢) ظ. (٣) ر. (٤) ل: ٻنهور پرانهون، اڏي مان اوڏا ٿين. [١٧٦] ظ ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد).

ملڪ مڙيئي مجر ٿيو، پـريـا پٽ پلر
ڪيهه، ڪرسڻ، ڪانهه، ڪلورو، پيا ساوا ٿيا سو
ڏنوهي، ڏنگٽي، ڏير، ڏاڪر، ڇانگون چرن ڇپر
مُرٽ، مڪٽي، مرگهه، مانڌاڻو، ٿيا پٽن پاسي پر
پرٽ پڇٽي، ڪيرول، ڪتوري، پيا لوٽڪ ٿيا لڙ
سـر، سانئون، ساوڙي، ٿـسي منديـري مجر
لنب، لاٽي، ڪوتڪ، ڪرانجهڙو، ٿياڪنڊيءَ پاس ڪپر
ڪيسر، ڪنڙو، ڪونيٽ، ڪامهي، ٿياڪاري منجهه ڪلر
نير، نانگلي، اهريو، اڪڙي، سي ڦٽيو جهلين ڦر
پڇر، پنير، پڪن، پاوري، ٿيا ٿوهر مٿي ٿـسر
پاچي، پنگريو، ڦاڙهه، ڦڪريو، ٿيا ڏورين منجهه ڏير
مـوٽ، مـريـڙو، مـانجهلي، سنا ۽ سينور
ڏم، ڏامڻ ڳاڳيون، ڳنديـر، پسيون ڪين پهنور
ڦـوڳ ڦني پيا ڦاروا، پيا گـوڙ مٿي ڳگر
واهون ولهيون، ٻُوهه، ٿوهه، اتي بهون پڪي پاجهر
ڪنيون، ڪتونبا، پڪا، پيرون، ٿيا مڳ مٿر
چونـرا، ڏونرا، ڪير، ڏونرو، اٿيو پـن آسُر
آءٌ مـاڪيان مٿا پانئيان، سي ساٿيهه جـا سگر
چارين چوڙيليون، ٻڌيو ٻيلون، ويڙهه مٿي ولـر
ڪارا ڪرا، ڪڪا، لمان، پيڪون ڪن پڪر
پورا، پولا، ڪتا، ڪجلا، ڪن ڪڏڪارون ڪينجهر
چڏ تـه وڃي ڇيلا چاريان، ادا جـام عمر!
عدل ڪر، عادل ٿـي، ڪر نماڻيءَ تي نظر
"ليس الله باحكم الحاكمين" ڏاڍو اٿئي ڏاتر
جي نبي هئا نالي مٿا، سي به مڃي ويا آگي جو امر
جن دورا ڪيا هن دنيا تـي، لاءِ وڻي لشڪر
تن ڇڳيرن تي پئي ڇت جهڻليا، هئن نـالا نشانير
سي سڀ مـري، ويـا گـري، ٿيا قبوت قبر

ڪر ڪو خوف خداء جو، بندا ڪر نہ بانور
مڃي منٿ مارئي جي، ڪيہ نمائي جا نيئر
تہ وڃي ڪيرون ڏيان ڪاهڙ ۾، هڪ جيڏين ڪي هيڪر
سٽي سوال، سانوڻ جا، تون بديون بخش ڪر
داند! تنهنجي در، هي پيئي ستائي سومرا.

١٧٧- ساڙيءَ چڙهيو مارئي، ڪري سانگياڻي ستا
پڪا تن پهنوارن جا، هٿا چوڙيلين چتا
چوڙيا هئم چنن ۾، ڪري ڦر ڦتا
گهمندي تن گهرن ۾، مون ڏوٿيڙا ڏٺا
ڪالهونڪر ڪاهي ويا، ملڪ مينهن وڻا (١)
آءٌ سڪان ٿي، سانوڻ چئي، مونکي وساري ويٺا (٢)
هيئين جي هيٺا، ميٺي هيس مارن ڪي.

١٧٨- هاڙيءَ چڙهيو مارئي، ڪري نيڏڪ نهار
اچي ويٺم ويجهڙا، پري پٽ پهنوار
پهہ ڪري هليون پاڻيءَ تي، ڪري ڪونجن جيئن قطار
چوٽا تن چوڙيلين جا، آهن تيل منجهارا تار
هڪ صورتون سهڻيون، پيا واڌو سندن وار
ڪٿيريون خوشيءَ مان، ڪليو ڪن ڪينڪار
سيني ۾، سانوڻ چئي، ڪا مارئي هئي مهندار
لڏڻ ڪي لاچار، چني ويا چانگ مان.

١٧٩- ماڙيءَ چڙهي مارئي، ڏٺئين پيلو ۽ پنهنوار (٣)
آئي آب اکين مان لڙڪ ٿين لهنوار
پڌان نہ پاپائن جا، هتي هل هونگار
نڪو جانب جوءِ ۾، نڪو تڙ تنوار

[١٧٧] ل، رائچند (تعلقو ڇاڇرو) ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي) (١) ل. (٢) ر: سدا مند، سانوڻ چئي، آهنم وساري ويٺا. [١٧٨] ڪان [١٨٠] ل. (٣) پيلو ۽ پنهنوار = تعلقي ڏيپلي ۾ تڙن جا ٽالا.

پڇي ويا پؤ ڪان، پٽ ڇڏي پهنوار
اوڏا هئا تہ آئيا، شت اڪري ويا اونهار (١)
آءٌ سڪان ٿي، سانوڻ چئي، جو آيو ڪونہ اوڏيار
ويچارا وانديار، ڪنون پاس ڪٿي ويا.

١٨٠- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڏئي ڏسڪيو ڏيکاريون
ڏنم ڏوٽيڙن جون پڌ ۽ پاتاريون
چرن چوٽ چانڊاڻ تي پوريون پٽاريون
ڪينجهر پنهين ڪنڌئين، ٿيون سرڪن ميهاريون
ڦوڳن هيٺ ڦرڙا، ٿيون پڌن پانهياريون
سڪ جئي جي سومرا، سي من لهان لوياريون
سائين لڳ، سانوڻ چئي، من پرچن پهنواريون
گڏجي گذاريون، حال حياتي ڏينهڙا.

١٨١- ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ٿي آپي اوساري
منهنجا مارو مير ڪي، ڏجئين سنيهڙا ساري
هڪڙو ڪوٽ ڪئي آهيان، پيو وڃوڙو ماري
سنگهارن جي، سانوڻ چئي، هو گهنگهور ويٺي گهاري
وڃيم جي واري، تہ گڏجي گوندر لاهيون.

١٨٢- مارو مٽ ملير ۾، سانگي سرت سجان،
ڏوٽي پنهنجي ڏيهہ ۾، ٿا سرڪن وڏي مان
وٽ ۾ ويڙهيچن جا، عمرا! تون امتحان
سانگي منهنجا سنڪ سهڻا، ٿر جنين جو ٿان،
جهڻ ڀين، جهنگل رهن، جن جو گوڙ مٿي گذران
آءٌ صدقي وڃان سومرا! تن ڪونجن تان قربان
سي سنيوڙيون سگر تي، گاڙها پڌي گهان
سي سنيوڙيون سگر تي، جامان پائي جان

(١) اونهار= اونهن تڙن وارو حصو، نگر پارڪر وارو حصو.
[١٨١] ر. [١٨٢] ڪان [١٨٤] ظ ل ۽ هم.

سي سنيوڙيون سگر تـــي، مـور وٽي ميدان
ڏؤنري ۽ ڏت جـــا، آڻـــي ڪيائون ارزان
ڏؤنري ۽ ڏت جـــا، سين ڪيا ســـامـــان
سانجهي آيا سومرا! منهنجي مارن وٽ مهمان
مون ڪٽي ڪين قبوليا، تنهنجا ڪٽ خزان
مون ڪٽي ڪين قبوليا، تنهنجا موتي ۽ مرجان
مون ڪٽي ڪين قبوليا، تنهنجا پلنگ پـان
عمرا! منهنجي اکين کان، پري ڪر پڪوان
ڪنهن نه ويهاريون ڪوٽن ۾، ٻايون ڪري ٻان
مَن منجهي ماڙين ۾، حال بـــ ٿيم حيران
ساڻ نه هلندئي، سانوڻ چئي، اهي ماڳ مڪان
منهنجو ميڙائو مـــانَ، ٿئي مـــارو مير سان.

١٨٣ـ مـــارو مٽ ملير ۾، سڪر ڏينهن ســـاريـــن
آئين. چـــاڙهين ســـومـــرا، آنَ نـــ آڌارين
ڪارهين قادر محي‌الدين جي، هو وڌايو وارين
آءٌ انهن جي آهيان، مونکي ويل نـــ وسارين
مونکي ماروڙن جـــون، ٿيـون ميارون مـارين
پَليون وس پاڳين جي، هـــو ڏٺيو ٿي ڌارين
ڪينجهر تان ڪاهه ڪريو اچو ڍٽ متئون ڍارين
تن سنگهارن جون، سانوڻ چئي، ڳالهيون ٿيون ڳارين
هو چڙن سان چارين، ساٿيهه ۾ سانگ ڪيو.

٢٨٤ـ مارو مٽ ملير ۾، مونکي ڳٺنين جون ڳاريون (١)
ڇيلا پـــاس ڇنن ۾، وَلـــرڙا واريـــون (١)
بـــريـــون بـــرن ۾، پـــوريـــون پٽاريـــون
گريون گسن تـــي، ٿيون مچي متاريـــون
ڇاريون‌ويچاريون ڦٽي ڦڙين تي ڪنڊيون ڪنڊاريون

(١) ظ.

ويهن واداريون، ڪن ڪچن ۾، سڻيون سانداريون
تڙن تي تساريون، مڙن مهنداريون، پرين پاريون
پوريون پٽاريون (١)
ڏهيوڏهرن ۾، پين پنهواريون ڪنديون ڪانگهاريون
ڍنگر ڍاريون، ويهن وانديباريون، ڪن ڪچهاريون
سانديين سنگهاريون، ڳچيءَ ڳاريون، ڪري زاريون
سورن جو، سانوڻ چئي، آهن دل ۾ دوناريون
ٻڌم ٻيلاريون، ڪي وڻي ويڙهيچن جون.

١٨٥- مارو مٽ ملير ۾، شل سانگي سرها هُونِ (٢)
سنجهي سمهن ڪينڪي، وچين ويٺا هون
مقالون مينهن جون، چارڻي پهر چُون
ڏوٽي منهنجا ڏور ٽيا، گهر جنين جا گهُون
عمر! اچان اکين سان، مارو ڏٺا مون نه
ونهين ۽ ويڙهيچن لاءِ، مست آهيان مجنونَ
ونهين ۽ ويڙهيچن لاءِ، ڪپي ٽينديس خون (٣)
سدائين، سانوڻ چئي، منهنجا سانگي مسافرُون
ڪِلن جي روُنِ، تہ بہ موت تن جي مٽي تي.

١٨٦- مارو مٽ ملير ۾، عمر! جي آيا
مندر جي مهراڻي جا، آهن وري وسايا
سانگي منهنجا سنمک سهڻا، سونهن سوايا
پڪا تن پوشيدن جا، بوندن برسايا
وُٺا مينهن مارن تي، ڪنوٽن ڪيڏ مچايا (٤)
آءٌ سڪان ٿي سومرا! هو نياپي نه آيا
آءٌ سڪان ٿي سومرا! ڏوٽين ڏينهن لايا (٥)

(١) ر: چرن چانڊاڻ تي، پوريون پٽاريون. [١٨٥] ظ، ل، رانچند (تعلقو چاچرو) ۽ قاضي نور محمد (تعلقو هالا). (٢) ظ. (٣) ر. [١٨٦] ظ ۽ ل. (٤) ظ.

دردن منهنجي دل تي، آئي دود دکايا (١)
سُور تني جا، سانوڻ چئي، سرجي سامايا
لڪئي لوڙايا، نيرَ نماڻيءَ کي.

١٨٧- مارو مِٺ ملير ۾، تنهنجي پوءِ پڳا
ڏنم ڏوٽيڙن جا، وڃي پير پڳا
هڪڙا ڏوٽي ڏونجهه تي، پيا جي لير لڳا
لاکيون لال ڪُلهن تي، ڪن ٽيليدار لڳا
سانگي سنمک سهڻا، پائين ويس وڳا
سانگي سنمک سهڻا، چارين ڊور ڍڳا
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، حُسن جا هُڳا
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، پوريون ڪن پُڳا
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڇاٽيو اچن ڇُڳا
جهڻ پين، جهنگل رهن، ڪن تنهن تي تڳا
هن سڄيءَ ڏي، سانوڻ چئي، اچي پيغام پڳا
راجا سائين رڳا، تنهنجي جهٽڪن ڪٽي جهيٽا ڪيا.

١٨٨- مارو مِٺ ملير ۾، عمر! چوُنم آءُ
ساريو سنگهارن کي، سڪي منهنجو ساءُ
لڳي هيرِ، ٽي اکير، وريو وطن واءُ
بت بيراڳي بند ۾، جيڙو ناهي جاءِ
ڪٿون ڪهنبا ڪائيان، ڇيٽين ڪربان ڇاءِ
مارو ڏينندم مهڻا، ويڙهي چوندم واءِ
منهنجو روح ريهون ڪري، عمر انهن لاءِ
سيڪو پرائي ساءِ، منهنجي ساه سور پرائيا.

١٨٩- مارو مِٺ ملير ۾، آهن عمر !اجاتي
آئين چاڙهين سومرا! هو ڪاج ٻه، خيراتي

(١) ظ. [١٨٧] ۽ [١٨٨] ل. [١٨٩] ظ.

آئين چاڙهين سومرا! پيڙا ٿيو پاتي
تن ونهين ويڙهيچن سان، اٿم سڳ سڳاوتي
تن ونهين ويڙهيچن کي، آءٌ ملان مندائتي
آئشي پهر اُداس ۾، اٿم جهنگل ڏي جهاتي
ميان! ڪيئن موتائيان، ڪاهڙ جا خاطي؟
سجهن ٿا ساڻيهه ۾، وارث ولاتي
حسن مير حُسين جي، پاڪر مون پاتي
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، ٿيندا مدد مماتي
آهيان آساتي، مديني جي مير جي.
١٩٠- هو ملير آءٌ ماڙئين، مونکي ڄاڻ نه ڪيائون ڄاتي
پيئي آهيان پرديس ۾، آءٌ غريب غيباتي
وساري ويهي رهيا، مون ناحق نماتي
آءٌ ته هيس انهن جي اِيل ۾، پر نه آيا سيل سجاتي
ماڙيون ڏسي ڪيئن مٽيان، آهي پريت پراتي (١)
عمر! تنهنجي اگن جو، آءٌ پيان نه پاتي
ڪيئن آندئي قيد ۾، ڪوئي ڪڙمياتي
ناحق آئي نيئر ۾، ڪيئي قيدياتي (٢)
تنهنجي بادشاهيءَ کي باهه ڏيان، جا ناهي مون ماتي
منهنجا ڪم ڪريم تي، ٿيندم سوڙهيءَ ۾ ساتي
سٽج سڏ، سانوڻ جو، سچا سهواتي!
سرور! سانگ رسائيين، آهيان چانگئون چناتي
مونکي سڪ سومرا! اڄ ڪا آهي اباتي
منهنجو سڳ سنگهارن سان، آءٌ مارو مٽياتي
وري ويندس ويڙهه ڏي، اها پهري پراتي
ونهين ويڙهيچن جي، اٿم سير تي سُهجاتي
هُتي حرفياتي، متان ٿيان ماروئڙن سين.

[١٩٠] کان [١٩٢] ظ، ل، هم، ۽ بجو کور (تعلقو حيدرآباد).
(١) ر: ماڙيون ڏسي موتي ويا، ڪئي پرين پچاتي. (٢) ر.

١٩١- هو ملير آءُ ماڙئين، ڏس مون ڀُليءَ سندو ڀاڳ،
قضا آنديس ڪوٽ ۾، نهوڙي نياڳ
قضا آنديس ڪوٽ ۾، ملڪ ڇڏي ۽ ماڳ
مارن تي مينهن وُٺا، مون ڏڪيءَ ڏينهن ڏهاڳ
ويڙهيچن تي وَسون ٿيون، ٿيو سَت پَتيرو ساڳ
لُلر لاٽي، پَلر پاٽي، ڪڍيو مربڙي مُهاڳ
رڌين ڏاڍيءَ ريت سين، ڏيو دودِ يريون داڳ
ماڪيان مٺو پانئيان، سو لوڻڪ سندو لاڳ
رويو رفيقن جا آءُ مال ڏسان ميهاڳ
سٽي سڏ سانوڻ جا، جيلاني! تون جاڳ
گيلاني! تون غور ڪر، توتي ڪُل پيرن جي پاڳ
منهنجا ڪم ڪريم تي، من وطن واري واڳ
مون نماڻي نصيب ٿئي، موڻي مديني جو ماڳ
روضي اڳيان رسول جي، آءُ چُمي ڪريان چاڳ
سَتيءَ کي سهاڳ، ملندو ڏينهن محشر جي.

١٩٢- هو ملير آءُ ماڙئين، منهنجي ڪل لڏائون ڪين
پيئي آهيان پرديس ۾، مسافر مسڪين
ميڻي مڪَ ملير جي، چوڙيليون چونڊين
مون جيڏيون ملير ۾، پيون ڦوڳن هيٺ ڦَڪين (١)
وندين ورچين پاڻ ۾، مون ڏي مُٺ نه موڪلين
آڏيو آسروند ڪي، ڏوڻي نتا ڏين
اهي حرف حساب جا، تن ٿاريلين تي ٿين
بند بندي آهيان، ٻي ڪنڌي ساريان ڪين(٢)
پج ڪڙولا ڪوٽ جا، تون ڀلا بهاءالدين!
اٿم سچي سڪ، سانوڻ چئي، توڏانهن يار يقين
ميران محي الدين! مونکي ڀلا ميلج ڀرم سان.

(١) ل: چوڙيليون چيٽ ڪربو، ڏيون ڦوڳن هيٺ ڦَڪين. (٢) ل.

١٩٣- هو ملير، آءٌ ماڙئين، اڄ لاڳاپا لٽا (١)
قسمت آنديس ڪوٽ ۾، پنهوارن پٽا
ڏوٽي هليا ڏٽ تي، ڪٽي ڪرڙ ڪٽا
پڳا پاڙيچين جا، ڏهرن منجهه ڏٽا (٢)
وُٽا مينهن ملير ۾، ٽيا ساٿيهه منجهه سٽا
متو آنّ سوهر جو، ڳاهيو ڪن ڳٽا
آءٌ سڪان ٿي ڙي سومرا! مونکي مارو نين نٽا
سُرهي ٿيندي سانوڻ چئي، حاڪم تو هٿان
آئي مُند مٿان، ٻارن جي موٽن جي (٣)

١٩٤- هو ملير آءٌ ماڙئين، مونکي اچي نٽو آرام
مٽن ماروئڙن جي، هئين لهي نه هام
ڏوٽين ڏني ڏينهن ٽيا، ڪي ورهيه پيا وچام
سرتين ساهيڙين لئي، هينڙو مست مدام
هٿ ڏونرا پڪا ڏيهه ۾، ڳجرين ڪيا گدام
وڻن ڪين وجود ڪي، تائب تنهنجا طعام
قسمت آنديس ڪوٽ ۾، اچي سرڻ پيس سام
قسمت آنديس ڪوٽ ۾، پنهنجا گهر ڇڏي گام
آءٌ انهن جي آهيان، ڪوٽي ڪوهه ڪندام
آءٌ انهن جي آهيان، هو سڳا سيڻ سندام
آءٌ انهن جي آهيان، سي ڏوري اچي ڏسندام
آءٌ انهن جي هٿن جي، ڪا ڄاول هيس ڄام
حَسن مير حُسين جي، آءٌ داوَن پيس دام
سدائين سانوڻ چئي، جيڏيون ساريون جام
منهنجو مڙهه مقام، آني سَتين پُرئين انئي سومرا!

---

[١٩٣] ظ، ل، هم ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي). (١) ل: ڪٽي وطن، ڪٽي ويڙهه، ڪٽي لاڳاپا لٽا. (٢) ل. (٣) ل ..... آڏائين جي آنّ جي. [١٩٤] ظ، ل ۽ هم.

١٩٥- هو ملير آءٌ ماڙئين، ڏس آگي جي عبرت
مُنڊ ڏسيو ماريئي، روئي ويئي رت
نڪو اوئي آئيو، نڪا خبر خط
نڪو اوئي آئيو، نڪا ڪوٽ قرابت
نڪو اوئي آئيو، نڪا عدالت
نڪو اوئي آئيو، نڪا ميڙ منٽ (١)
ونهين ويڙهيچن کي، ننگ نه ننگاوت
ونهين وبڙهيچن کي، سگ نه سگاوت
انهي مرم ماري آهيان، مهڻ ملامت
سام پرتئي، سانوڻ چئي، هي پاڙي جي پورهيت
سومرا! سنَت، شايد منهنجي ناهي مارن تي.

١٩٦- هو ملير آءٌ ماڙئين، ڪئي الله ڪيس اِيئن (٢)
هو پيرا ڏين پيئن، سون حال وڃايا هيئن
نڪو آيو پيغام پرين جو، نڪو نيا پو نينهن
نڪو سلام، نڪا سوڪڙي، نڪا سوپاري سينيهن
مارو مال ڪاهي ويا، شل خير هجين ڪيئن
تن ونهين ويڙهيچن تي، وُنا ميڙائي جا مينهن
آهي نه اوکيءَ ويل ايندام، اڻ ڪونيا اِيئن
منهنجي دل مارن ڏي، مَن کو پرو ڪن پيئن
عمر! منهنجو پاءُ ٿئين، تون هاڃا ڪر نه هيئن
ڏوٽي منهنجا ڏور تيا، سانگي ويا سيئن
هو ڪالهوڪا ڪاهي ويا، پاڳيا چڏي پيئن
مون سُڃيءَ سان سانوڻ چئي، تو ڪلفت وڏي ڪيئن
ڳٽيان ويئي ڏينهن، مارن جي ملڻ جا.

---

[١٩٥] ظ ل ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي) ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي). (١) ر.
[١٩٦] ظ هم، بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد) ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو هالا).
(٢) هم: هو ملير آءٌ ماڙئين، مون سان الله ڪيو ايئن.

١٩٧- هو ملير آءُ ماڙئين، قادر! پيچ ڪڙيون
وڃي ڪايان ڪٽيرين سان، ڳاڳين جون ڳڙيون
ٻوڃاڙيءَ جو پٽن تي، چينگهارين چڙيون
ساريو سانگيڙن کي، منهنجو ڪري روح رڙيون
سدا سنگهارن جون، وسن ماڳ مڙهيون
سدا سنگهارن جون، وسن وانڍيڙيون
سرتين سان سانوڻ چئي، پنهنجون ڳجهيون ڳالهڙيون
ڳهاريندي گهڙيون، ويٺي وهامي راتڙي.

١٩٨- هو ملير آءُ ماڙئين، ڪريان زبانان زاريون
ستئي پيڙهيون سومرا! منهنجون ڪجا نا ڪاريون
آءُ بي وسيلي بند ۾، هو وسيلن واريون
سونهن مارو ملير ۾، پکي پنهواريون
ڪالهونڪر ڪوٽن ۾، ڪريان ڪوڪاريون
سڏ منهنجا سانوڻ چئي، من ٻڌن ٻانهياريون
ساريندي سنگهاريون، مري ويندس ماڙئين.

١٩٩- هو ملير آءُ ماڙئين، ڪهڙو ڏٺي ڏوهه ڪلام
پريءن ڏاران پرديس ۾، اچي نه آرام
ٻڌنديئي ٻول ٻري ويا، ڪئين مچ مقام
سوز ساڙي، آهيان ماري، دل تي داغ دڪيام
چهڪ چوري، هليا پوري، ڪوري اندر ڪام
ڏوٽين جي ڏوراپي ڪان، موڪل ڏي پنهنجي ماءُ
هي جا ڪٽي، پيٽي سٽي، اچي سومرا! تنهنجي ساءُ
سونهن ڪين سنگهارن سان، منهنجا رنج رساءُ
نبي سر جون نام ڪئيون، دائيون سُجهن دام
"انعمت عليڪم و اني فضلڪم علي العٰلمين" ڪندو
مهر مقام
سٽج سڏ، سانوڻ جا، تون عالي شير امام!

[١٩٧] ع [١٩٨] ل. [١٩٩] ع [٢٠٠] ظ.

ستان محشر ستئين، آءُ لڳيس تنهنجي لاءِ
مونکي محمد چاءِ! ڪلمي ساڻ ڪوٽائين.

٢٠٠- هو ملير آءُ ساڙئين، ڪير ٿيندم ڪانڌي
عمر اونسي آئيو، اڄ پرين جو پانڌي
ڪل ابائي پار جي، اصل تنهن آندي
ٿيم تانگهه تن ۾، آهيان مارن لاءِ ماندي
لاهي نيڙ مون نماڻي تان، والي! ڪر واندي
ميندي جا ملير جي، مون هٿن تي آندي
سا پوڙيان ڪيئن پوڙ ۾، لهي جا ويندي
اٿم آس الله ۾، تہ وطن آءُ ويندي
ڪانونبا ڪاهڙ جا، ڪلي سا ڪيندي
وڃي پاڙي پاڪ رسول جي، پيراندي پوندي
"فقال لهم رسول الله ناقة الله" وڃي
چوڙيلين چوندي
سچو هٿ، سائوڻ چئي، وڃي ڏاڏن ڏيندي
سا هٿ ڪيئن ڪٽيندي، جنهن ڪاهڙ ۾ ڪيٽ پڪا.

٢٠١- اڏ لوئيءَ جو انگ تي، اڏ ۾ خان ڪڙيو
ونهين ويڙهيچن سان، منهنجو آلاڪو اڙيو
ونهين ويڙهيچن سان، منهنجو جيءُ جڙيو
مرت، ماندائا، مڪئيون، آئين چوڙيليون چڙهيو (١)
ڏوٽي آئين ڏٽ کي، چنديو ۽ چڙيو
ڏسيو ڏيهاين کي، ڪوڙها پون ڪڙيو (١)
ويٺي آهيان وجود ۾، اهو گهاٽ گهڙيو
سانگين ۽ سنگهارن لاءِ، آءُ روئان رت رڙيو (٢)

---

[٢٠١] ظ، ل، هم، صالح محمد سمون (ڪراچي) ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي). (١) ل. (٢) ظ.

تن سنگهارن مان، سانوڻ چئي، لنگهندي ڪونه لڙيو (١)
پنهوارن پڙهيو، مون ڪاٽيءَ سندو ختمو.

٢٠٢- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ اوڙڪ
ڏوٽي آڻين ڏٽ ڪي، هٿيو ڏٽولي ڏڪ (٢)
مارو وڃن مال سان، ميڙيو اچن مڪ
آڻين چاڙهين سومرا، چوڙيليون هٿن چڪ (٣)
آڻين چاڙهين سومرا، هو ڪاٽين بلاشڪ
آڻين چاڙهين سومرا، ڦيريو هٿن ڦڪ
آڻين چاڙهين سومرا، ڪريو جوڙجڪ
ڪتي پڪا ڪتي پنهوار، ڪتي تڙ ڪتي تنوار،
ڪتي سانگي ڪتي وانگي، ڪتي جهانگي ڪتي جهوپا،
ڪتي پيٽون ڪتي پونگا، ڪتي ٽاٽا ٽڪ (٤)
وڙهه وڃڻ جي سومرا! مونکي تڙ جي آهه تڪ
مارو رهن ملير ۾، نڪو ٽاٽو نڪا ٽڪ (٥)
ساهه تي سانوڻ چئي، مونکي پوري ناهي پڪ
حميراٽا حق، پارڻ ڪان پري ٽيا (٦).

٢٠٣- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ ڪچيءَ ڳاٽي
ڪلهي ڦاڙو ڪنجهرو، ڦوندا ٽيو ڦاٽي
آڻين چاڙهين سومرا، ڏٽ منجهان ڏاٽي
آڻين چاڙهين سومرا، ٻاجهه ٻري ٻاٽي
آڻين چاڙهين سومرا، لڙلر ۽ لاٽي (٧)
آڻين چاڙهين سومرا، پاڇي نه ڪن پاٽي
آڻين چاڙهين سومرا، جهڻ پين گهاٽي

---

[٢٠٢] ڪان [٢٠٤] ظ، ل ۽ هم. (١) ل: هين سڄي ڏي، سانوڻ چئي، لنگهندي ڪونه لڙيو. (٢) ظ: منهنجا مارو وڃن مال ۾، اتي هٿن ڏاريون ڏڪ؛ ر: مارو وڃن مال سان، ڏوٽيو هٿن ڏڪ. (٣) ر. (٤) هم. (٥) هم. (٦) ر: اهي حاڪيماٽا حق، ڏيندين ڏينهن تيام جي. (٧) هم.

آٿيـن چاڙهيـن سومـرا، ڪَنچوئي چپائي(١)
جهانگي رهن جهڻ تي، آءٌ آهيان سورن سوراتي
تن سنگهارن جي، سانوڻ چئي، هڪ منڌي ٻيي ماتي
آئي آڳاتي، ڪا تار انهيءَ جي تڙ تان (٢)

٢٠٤- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ ڪن ڀُرٽ ڀڙو
ڏنم ڏوٽيڙن جـو، مُرٽ مـٿـي ميڙو
ڇا مُلهه، ڇا محنت، ڇا پنڌ، ڇا پانڌيڙو
قيدن ڪئي آهيان، ڪيو سورن سانگهيڙو
قيدن ڪئي آهيان، لهي بـنـد بڪيڙو
قيدن ڪئي آهيان، وڏو اٿم ويرين وڇوڙو
ڪسي هن ڪوٽن ۾، منهنجو حال ٿيو هيڙو
سنگهارن جو، سانوڻ چئي، ڇُٽي من ڇيڙو
جهانگين سان جهيڙو، وڃي ڪنديس ويڙهه ۾.

٢٠٥- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ ڳچي ڪن ڳاني
موڪل ڏي ملير وڃان، جـتـي منهنجا جاني
ونهين ويڙهيچن لاءِ، آهـيـان ارماني
ونهين ويڙهيچن جي، ٿـي موڪ هلي ماني
ونهين ويڙهيچن جي، مونکي قرب هنئي ڪاني
ونهين ويڙهيچن جي، آهيم سير ٿـي سهڃاني
ونهين ويڙهيچن مان، آندئي ٻانَ ڪري ٻانهي
ونهين ويڙهيچن جـو، آهـي حـرف حقاني
آءٌ انهن جي آهيان، هو منهنجا شريڪ شاني
آءٌ انهن جي آهيان، هو منهنجا جگر جاني
مون ڪئيءَ ڪين قبوليا، تنهنجا ڪهنبا خزاني(٣)

---

(١) ظ: ماهيو ڪن مڪڻ تي..... الخ. ر: ..... چونگي چپائي.
(٢) ر: جيڪا آئي آڳاتي، سا واري موڪل ويڙهه ڏي. [٢٠٥] ڪان
[٢٠٦] ظ ۽ ل. (٣) ل: ڪهنبا خانداني.

مون ڪٿي ڪين قبوليا، تنهنجا مٽيا مرجاني
مون ڪٿي ڪين قبوليا، تنهنجا ڪوٽ ڪفراني
سٽي سڏ، سانوڻ جا، تون جاڳج جيلاني!
تون آهين گيلاني، مونکي جيئري گڏين جيڏئين.

٢٠٦- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ گوڏ غريبت
جهڻ پين، جهنگل رهن، ڪن گلا نه غيبت
سچي اتن سومرا! پنهنجي نبيءَ ڏي نيت
ڪين اچي ٽي ڪوٽن ۾، منهنجي جيءَ کي جميعت
ساهه منهنجو ساٿيهه ۾، هتي مڙهه ميت
ڏوٽي منهنجا ڏهيرا، هلن حال حليمت
پيئي آهيان پرديس ۾، تون ڏي واليي وسعيت
سام پرتئي، سانوڻ چئي، ڏس شرع شريعت
تون راجا، اسين رعيت، اهو سگ نه سونهي سومرا!

٢٠٧- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ چيڙ چوندين
ڏوٽي وڃيو ڏٽ تي، سي ڪاٽونبا ڪين
اٿيو آڏيءَ رات جو، مونکي سرتيون ئي سڏين
آءٌ ستي آهيان ڪينڪي، ستي سڏايان ڪين
آءٌ ستي ناهيان سومرا! ستي ناهي زمين
آءٌ ستي ناهيان سومرا! مونکي نال نتا نين
ماروئڙا ملير ۾، مونکي ڏاري ڪيو ڏکين
مارو مونکي ملير ۾، چوري ڪيو چنين
مارو مونکي ملير ۾، لنڊي ڪريو ليکين
ماروئڙا ملير ۾، مونکي ڪٿي ڪيو ڪوٽين(١)
ماروئڙا ملير ۾، مونکي ڏک ڏوراپا ڏين(١)
آءٌ به آهيان انهن جي، مونکي چڏينداٿي ڪين
"لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم" من سگ
به سچاٿين

(١) ل.

محابي ماروءَ جي، مونکي مانَ مرهين (١)
سورن جا، سانوڻ چئي، مون تي عيب اوڏين (٢)
اوءِ ننگ پريون ٿانين، آءٌ بي ننگي آهيان بند ۾.

٢٠٨- اڌ لوئي جو انگ تي، اڌ مولهاڻو مٿي
آئين چاڙهين سومرا، ويهن کرڙ کٿي
ڏوٽي وڃن ڏٽ تي، اچن آڏي آلٿي
ڪُل وڏائون ڪانبن ۾، سائو سگر سٿي
مارئي لاءِ ماتام هو، سانجهيءَ سج لٿي
ڪٽي آئين کوهه تان، راجا تون رٿي
وَٽ پرائي ڏيهه جي، ايندئي ڪم ڪٿي
ڇڏ تہ ڇيلا چاريان، منهنجو جيءُ جٿي
سام پرتئي، سانوڻ چئي، منهنجي لج مٿي
لوئي پاند لٿي، متان ٿيان ڪاٺياري ڪوٽ ۾.

٢٠٩- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ آڪاهه
آئين چاڙهين سومرا! سيل وڏي ساڃاهه (٣)
ونهين ويڙهيچن جو، آهي ويس مٿي ويساهه
ونهين ويڙهيچن جو، آهي پوش پناهه
ڏوٽين کان جا ڏيج ملي، سا لوئي تون مَ لاهه
ڏوٽين کان جا ڏيج ملي، سا سانگي ڏيندم ساهه (٤)
ڪٿيءَ جو، خاصخيلي چئي، شرم رکندو شاهه
عمر! پايان اکين تي، مونکي مارن ڪئي مباح
سوڙهي ۾ سانوڻ چئي، ٿيندو حامي حضرت شاهه
جنهن جو پکن منجهه پساهه، سا ڪين ويهندي ڪوٽ ۾.

٢١٠- اڌ لوئي جو انگ تي، اڌ ۾ ڪانبا ڪيائون
سانگي منهنجا سڪيا ٿيا، مڃر ميڙيائون

(١) ر. (٢) ر: سڃيءَ جو، سانوڻ چئي، هت ڪندو عدالت امين.
(٣) ظ. (٤) ل. [٢١٠] ظ، هم ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد).

ٻيني رات ٻٽن تان، ڇيلا ڇوڙيائون
سنت پاڪ رسول جي، پڙهي پاريائون
حسن ۽ حسين کي، سنجهي ساريائون
ٻڪر ٻاهاڙن جا، ولر واريائون
ڏوٽين ڏاڍا ڏينهن لاٽا، مونکي ماريائون
سڙي مران، سانوڻ چئي، سڳهي نه ساريائون
ڪُنن ڪاڙهيائون، هُو پتيون ورهائين پاڻ ۾.

٢١١- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ڪري نه ڄاڻا
ساڳين سنگهارن کي، آءٌ صحيح سڃاڻا
ساڳين سنگهارن جا، آهن واريءَ وڃاڻا
ساڳين سنگهارن جا، آهن ٿر مٿي ٿاڻا
ساڳين سنگهارن جا، آهن ٻٽن مٿي ٻاڻا
ويڙهيچن وسائيا، ٻڌ ٻه پراڻا
مون ڏي مارن موڪليا، سلام ساڳوڻا (١)
مون ڏي مارن موڪليا، پيرون پراڻا (١)
مون ڏي مارن موڪليا، ڪي دعا سندا داڻا
سور تيني جا، سانوڻ چئي، منهنجي ساهه کي سيباڻا (٢)
مونکي ماڻتاڻا، سڪ نه وسرن سومرا!

٢١٢- اڌ لوئي جو انگ تي، اڌ انگيائون انگ
مون جيڏيون ملير ۾، هٿن دوديريون دنگ
مکڙيون، مرٽ، مانڌاڻا، ساوا جهلين سنگ
وڃن ٿا وجود ۾، چڙا چوڏس چنگ
ڪينوٽن ڪيڏ مچائيا، راول رتا رنگ
ماروڙن ملير ۾، مونکي ورهه وڏا ونگ
سورن جا، سانوڻ چئي، ڏي ۾ ڏکويل کي ڏنگ
نيرن لٽي ننگ، آءٌ آجاريندس ابائن جا.

[٢١١] ل ۽ هم. (١) ر. (٢) ر: سوال منهنجا، سانوڻ چئي، وڃي عرش اگهاڻا. [٢١٢] کان [٢١٥] ظ.

٢١٣- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ پيرون آئين پهنوار
ونهين ۽ ويڙهيچن تي، منهنجي رهي ميار
اباڻن جي آسري، هي نرمل ڪري پئي نهار
قسمت آڻي ڪوٽ ۾، ڏکي ڪيس ڌار
منهنجا ڪم ڪريم تي، جو آهي مديني ڏئي مهندار
حسن مير حسين ۾، آءٌ آهيان طمعدار
قادر ڪيندم ڪوٽ مان، لاهي بدين سندا بار
سوڙهي ۾، سانوڻ چئي، پرور آڪاريندو پار
جن کي ڪلمي جي پچار، سي مڙيئي لڪيون لنگهندا.

٢١٤- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ سڪر ۽ سائون
ڪُل وِجهي ڪانبن ۾، ڪنا ڪيائون
مِني مَڪ ملير جي، چڙهي چونديائون
چيلا پاس چنن ۾، ولر واريائون
وُنا مينهن مارن تي پلر پيتائون
ويڙهيچا وطن ۾، هيت هيڪلڙي آءٌ
ڇڇي آيس ڇانگن مان، تڏهن ڪريان درد
منجهان دانهون
"الست بربڪم قالوا بلي"، لڪي لڪيائون
قسمت قيدالماءُ، ميثاق واري مَس نہ ميٽيائون
تن سنگهارن سان، سانوڻ چئي، آهن جيئري جتائون
اهي رب" جون رضائون، نہ تہ ڪير اچي ها قيد ۾.

٢١٥- اڌ لوئيءَ جو انگ تي، اڌ ۾ گولاڙا ۽ گاهہ
ماروئڙا ملير ۾، جن کي ساري پيو ساهہ
ننديو ڪري نپايو، مونکي چوڙيلين ڏئي چاهہ
ساري پيو سنگهارن کي، منهنجو ادا ڙي! ارواح
ڪيڏ بنديائي بند مان، نہ تہ ڳري ٿيندس ڳاهہ
ڪيڏ بنديائي بند مان، نہ تہ پچي ويندم پساهہ
ڪيڏ بنديائي بند مان، آءٌ پيڻ تون پاءُ

موڏي وڃان ملڪ تي، اٿم آس الله
"الحمدلله رب‌العالمين" هادي ٿيندم همراهه
ڪين سمهان سيج بندن تي، ڏيان بنگلن کي باهه
مارن تي آهن مينهن وٺا، پربائون تڙ تلاءُ
تن سورن جي، سانوڻ چئي، ڏينديس دستگير کي دانه
پوءِ شرم رکندم شاهه، محابي محمد ميرجي.

٢١٦- اڌ لوئي جو انگ تي، اڌ ۾ ڏوٽي ڏيج ڏيندا
مرڻ ويل مليرم، عمر اوڏيندا
ڪري پونديس ڪلهن تي، مونکي جهانگي جهليندا
سيرانڊي سردار جي، منهنجو لاشو لٽيندا
سرهي ڪري، سانوڻ چئي، مونکي نيڙ ڏي نيندا
اتي لوڙهه به لٽيندا، جتي ملڪ محمد ميرجو.

٢١٧- موڪل ڏي تم مليرم وڃان، ڍري ڏسان ڍات
ملڪ سارو ميرجو، لڪپت ۽ لاڪات
ملڪ سارو ميرجو، سُٽيارو سيڪات (١)
سانگي منهنجا سنمُڪ سهڻا، ٿهيو ڪن ٿا نات
جويون جيسلمير جون، آهن ڪُل ڪنوات
تبيسر جون نام ڪٿيون، ٿيون نڱ پريون ڪن نات
چولا تن چوڙيلين جا، آهن ٿونر ٿيڪن مان ٿات
گهٽي لوڏ لوياريون ۾، ٻي سونهن وڏي سمات
چڙهيون چوٽ چانڊاڻ تي، ڪُل ڪري ڪڙپات
هٿن ڪاريون، پڇن ڏاريون، مير گهيون ڏين موڙات
جت ڪيريون پيريون پاوريون، پيا پوهن جا پيلات
ڏس قوت ڪنوارين جي، جي منگهه ولوڙين مات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ڪيرن جا ڪڙات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ڏونرن جا ڏوڏات

[٢١٦] ر. [٢١٧] ظ. ل ۽ هم. (١) ر.

ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ڇيرين جا ڇٽات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن چڙن جا چونگات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن ٻڪرن جا ٻيڪات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهن گهيٽن سندا گهات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ٻوريون ڪن ٻُٽات
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، چتَن جي چيهات (١)
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڏُکن ٿا دونهات
سدا سند سانگين جا، گهاگين سٿي گهات
پائي پانند ڳچيءَ ۾، مون لڪين ڪيا لولهات
پسي سونهن، سانوڻ چئي، تون عمر نه ڪر اوراٽ
پائي گل گچيءَ گهات، وڃي ملان مارو مير کي.

٢١٨- موڪل ڏي ملير وڃان، عمر ادا ڙي!
ڪٽي آئين ڪوهه تان، چوڙيلي چاڙهي
ڪنواريءَ کي ڪوٽن ۾، ڇڏيئي نيرن ۾ ناڙي
ساريو سانبيڙن کي، ڳوڙها ويٺي گاڙي (٢)
پلنگ تي پار ڪيو، سائي پسو پچاڙي (٢)
سنگهارن جي سومرا! ڏج هنيئي ڏاڙي
هن سچيءَ جا سانوڻ چئي، شل عيب نه اگهاڙي
پنهوارن پاڙي، مٿي لٿي ماتام ٿيو.

٢١٩- موڪل ڏي ته ملير وڃان، اول ڇڏ ادا!
ونهين ويڙهيچن کي ساري ساهه سدا
سهڻا سنگهارن لاءِ، مون لوهن منجهه لڏا
خاصا ڪاج ڪيئن لاءِ، منهنجي رفيقن رڏا
آهي اوراڇو ادا، مون لاءِ ملير ۾.

٢٢٠- موڪل ڏي ته ملير وڃان، عمر! ڇڏ ارڙا
ونهين ويڙهيچن جا، گهمي ڏسان گهرڙا

(١) ر. [٢١٨] ظ ۽ ل. (٢) ر. [٢١٩] ۽ [٢٢٠] ل.

ونهين ويڙهيچن جا برن ۾ برڙا
چاريان چوڙيلين سان، ڦوڳن ۾ ڦرڙا
چنيو ڏين چيلين کي، هت سرتيون سگرڙا
ڀهريو پون پنهواريون، وٺيو ولرڙا
منجهه ملير، وهن وير، ڪسيون ڪپرڙا
ڪنڊيون ڪشمير، ٽڏي هير، ٿمان ٿوهرڙا
نيسري نروار، ٿيا هيڪار، ساٿيه ۾ سرڙا
ڪيڙيائون ڪيٽ، پوکيائون چيٽ، هارين ٻڌا هرڙا
جهڙ تي جهانگي، سونهن سانگي، وٺيو پٽن جا پرڙا
ماکيان مٺا پائيان، ڳاڳين جا ڳرڙا
ڪوٽ منهنجي ڪرم ۾، ڪيا نازل نيرڙا
وڻن ڪين وجود کي، زيتونن ذرڙا
سام پرتاسين، سانوڻ چئي، اسين عمر اپرڙا
قيد لاهه ڪرڙا، موڪل ڏي ته ملير وڃان.

٢٢١- موڪل ڏي ته ملير وڃان، موهر پاسي مان
سچي پچي سومرا! مونکي ڪوٽ ويهڻ جي ڪانه
راٺيون سونهن محلن ۾، شاه وڏي شان
آءٌ ٺاريلي ٿر ۾، آهيان گولن جي غلام
واري چڙ وطن تي، مون ڪٽيريءَ کي خان
چاريون ڏڻ، پيون جهڻ، ڪريون غاريبو گذر ن
مٽي ماٺاريون، ڪن پاٺاريون، جيڏيون اني جام
ڪلن ڪيڙيون، ٿين پيڙيون، چوڙيليون چوغان
ڏسيو ڪس، ويهن وس، چارين هيٺان چام
لويون لالون، مٽن ٺالون، چولن تي چٽام
جيڏانهن نهارين، تيڏانهن مارين، ڪلندي ڪن خنام
جيڏانهن نهارين، تيڏانهن مارين، قهري چٽا ڪان

[٢٢١] د. [٢٢٢] ۽ [٢٢٣] ظ. ل ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد). (١) ل.

سؤٿون ماساتون، سؤڻن ويلي، مرڪيو بيهن مٿان
اچو مورون، ڪن گهورون، تيز وڏي طوفان
گلا تن غريبن جي، آءٌ ڪنين سڻان ڪانه
آءٌ ٿي پٽان پرم ۾، امن ساڻ ايمان
مر جان جائي نه مارئي، جنهن وڏو مارن ۾ ماتار
مون جائي مارن ڪي، تيا اوسيڙا ارمان
مون جائي مارن ڪي، ٿيا وڏا غير گمان
مدد ٿيءُ مسڪين سان، مير مديني جام
سرتين جا سلام، اج آيا عمرڪوٽ ۾.

٢٢٢- زمر زخرف سومرا، الحمد پڙهيو هُنين
پنهور تنهنجي پاڙي ۾، آهن مارو مومنين (١)
پنهور تنهنجي پاڙي ۾، آهن مارو مسڪين
پنهور تنهنجي پاڙي ۾، آهن مارو مسلمين
اڏ لوئيءَ جو انگ تي، عمر سي اوڏين
ڏوٿي ڏين ڏيج ۾، تنهن کي ڪٿي ڪريو ڪوٽين
"والشمس والضحيٰ وليل" پڻ نٿا پهرين
نڪي ڪنيائون خوف ڪان، نڪي ڏينهائين ڏين
ميان ماروڙن کي، آهي آفرين
مون سڄيءَ جو، سانوڻ چئي، آهي آجهو عالمين
عمرا! ٿيندين امين، جيت حرف پڇندئي هڪڙو.

٢٢٣- زمر زخرف سومرا، حمد جنين جو حق
"اهدنا الصراط المستقيم" ايها پنهوارن پڪ
"انعمت عليهم" ڏٺي ميٽين ڏڪ (١)
ڪاڏو ٿي ڪٿيرين سان، نماڻي نمڪ
لٿو لوياريون تان، شاهه تنهنجو شڪ
تن سنگهارن ڏاران، سانوڻ چئي، ناهي صبر سڪ
آءٌ لنڊي ڪري ليڪ، ويندس ويڙهيچن ڏي.

(١) ل: .....؛ ڏٺي ميٽ نه ڏڪ.

٢٢٤- زُمير زُخرُف سومرا، "الحمد" پڙهيائون هيل ڏوٽي پنهنجي ڏيهه ۾، پيا ڪائين تمر تل دنيا ڪان دور تيا، رڪيائون ديـن متي دل تن سنگهارن تي، سانوڻ چئي، آهي واءُ نڪا و ل جا انهن وٽ اگهائل، سا ڪيئن ويهندي ڪوٽ ۾.

٢٢٥- زُمر زخرف سومرا، "الحمد" پڙهيائون هيج "اِهدنا الصراط المستقيم" اِهو پنهوارن پاريج سُڄي ڏسي سومرا، حڪم نه هلائيج عمرا! منهنجو ڀاءُ ٿئين، تون پيٺ ڪري پانئيج مارو منهنجا مسڪين آهن، سومرا! مر ستائيج (١) سدائين سانوڻ چئي، تون نالو نام ڏيج حق متي هليج، تو ڪي ناحق نه گهرجي ناميا!

٢٢٦- زمر زخرف سومرا، "الحمد" پڙهيائون هير هو اگهئين ڪان اگرا، تن ۾ فرق نه پانئيج ڦير مُڪائون ملير مان، لڪي زبر زير مُڪائون ملير مان، سوغانون سوير (١) پرزا جي پريـن جا، ڪاغذ پڙهندو ڪير تن سنگهارن، سانوڻ چئي، شت مون سان وڌا وير تنهنجي پلنگن تي پير، ڏيان تان ڏوهارڻ ٿيان.

٢٢٧- زمر زخرف سومرا، قوت جنين جو ڪاف چڙهيا انهي چاڙهيءَ تان، سگر ڪائي صاف (٢) مڃيائون امر الله جو، ٿيو موت انهن تان معاف پڙهيو ڏينهن پناهه جي، ويڙهيچن وَضاف ساهه پرتئي، سانوڻ چئي، عمرا! تي اشراف انهن جا اصاف، ڪيئن ويهي وڃايان ڪوٽ ۾.

[٢٢٤] ڪان [٢٢٧] ظ ۽ ل. (١) ظ. (٢) ل.

٢٢٨- زمر زخرف سومرا، لحم جنين جي لاس
ماروئڙا ملير ۾، مرڪيو ڪائين ماس
انهن کي آن جي، بوءِ نه وٺي باس
اوڍين ٿا انگ تي، لوئيءَ جو لباس
جهڻ پين، جهنگل رهن، ٻي مڏي نه ميراث
پرور! تون پوري ڪر، اڙيا تن جي آس
ونهين ويڙهيچن جي، وائي نڪا واس
ونهين ويڙهيچن جي، مون چڙهي ڪي چڪاس
تن سنگهارن جي، سانوڻ چئي، مونکي تانگهه، تلاس
ڪج هيڪر حق تپاس، پوءِ مرضي مالڪ تنهنجي.

٢٢٩- زمر زخرف سومرا، قل جنين جو ڪرم
جهڻ پين، جهنگل رهن، ڪن ڏاريليون ڏرم
قسمت آنديس ڪوٽ ۾، ڪو جو واءُ وريم
ونهين ويڙهيچن جو، مونکي ماري ٿو مرم
عمرا! ادو تون ٿئين، توکي ناءي شاهه شرم
سار پرتئي، سانوڻ چئي، چڏ ڪوڙائيءَ جا ڪرم
پونگين جو ٻرم، ڪونه وڃائيندس ڪوٽ ۾.

٢٣٠- الف اکر هڪڙو، مڃيو ملوڪن
عين اکر انهين کي، سٽيو سنگهارن
مارو ميرين ڪپڙين، آهي ميم جني جي من
"والشمس والضحيٰ والليل" ويندس ويڙهيچن
"لم يڪن الذين ڪفرو من اهل الڪتٰب" اهو
فقر فقيرن
سانگي سنمک سهڻا، ويران ويهر وڏن (١)
سانگي سنمک سهڻا، مان وڏي مرڪن

[٢٢٨] ل، هم، ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد). [٢٢٩] احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ) [٢٣٠] ظ ۽ ل. (١) ل.

سانگي سنمک سهڻا، ڪوڙ نہ ڪنهن سان ڪن (١)
سانگي سنمک سهڻا، اهــو لائق نــہ لاڪيڻن
سانگي سنمک سهڻا، پـٽـن ۾ پـٽـڪـن (١)
سانگي سنمک سهڻا، لــويــن ۾ لـيـٽـن (١)
سانگي سنمک سهڻا، ماڻين تــي مرڪن (١)
تن سنگهارن جا، سانوڻ چئي، مون تي هٿ هجن
هو ٿا ويڙهہ وجن، مون ڏکيءَ ڪهڙا ڏوهہ ڪيا (٢)

٢٣١- اوّل هين اڪــر ڪــي، مـجـيـو مـلـوڪن
وُٽا مينهن ملير تـي، ڪيا گُل بـہ گـولاڙن
وُٽا مينهن ملير تـي، ٿـيـا پـيـوُن پـوُج پـٽـن
وُٽا مينهن ملير تـي، ڪيون ساوڪون سبزين
ڪيہ بنديـاڻـي بـنـد مـان، ڪـٽـي آهيان قيدن
سا لـوئـي ڪيئن لـڄـايـان، جـا ڏنـي ڏاڏاڻـن
شـرابـاً طـهـورا، ٿـا پـلـر پـاڪ پـيـن
سـدا سـاهيلين لاءِ، ٿـيـون اڪـيـون آج مـرن
راتـيـان ڏينهان روح ۾، ٿـي ونجهل ويـڙهيچن
مولي! مـونـکي ميڙئين، ڪـٽـي مـنـهـن مـاروئـڙن
چـمـان چانئٽ رسول جي، ٿيان پيراندي پـرين
مرڻ ويل مسڪين ڪي، ڏج ڪلمون منجهہ قلبن
سـٽـج سـڏ، سانـوڻ جا، تون مولي ڏٽي مـلـڪن
اهي مارو شال ملن، جن جي سچي سڪ سرير ۾.

٢٣٢- عـمـرا! اوٿـي آئـيـو، قـاصـد هـتـي ڪـال
ڪينئن جون ڏنئين خبرون، ڪيئين ڳوٺاين جي ڳال
ڪـٽـيـرين جـي خـيـر جـو، هـي ڏنـائـيـن حـال
چـڱـا پـلا سـپـريـن، چـڱـي سـنـدن چـال

(١) ل. (٢) ل: ڏاهيون ڏک ڏسن، ستيون سڪن سهاڳہ ڪي.
[٢٣١] ع [٢٣٢] ل.

ملڪ مارو مير جو، بيحد آ برحال
وُنا مينهن مليم تي، ڦوڳ ڦٽي ٿيا ڦال
آءٌ سڪان ٿي، سانوڻ چئي، ساٿيه ڏني ٿيم سال
شاهه ڪري شال! منهنجو ميلو ماروڙن سان.

٢٣٣- عمر! اسان جي ملڪ ۾، چڱي آهي چال
سُڻ تہ سڻايانءِ سومرا! ويڙهيچن جو حال
جهڻ پين، جهنگل رهن، مارو چارين مال
غاريبائي حال تي، آهن ڏوٿيءَ نهال
ڪٽي آئين ڪوهه تان، ويڙهيچن جو ٻال
موڪل ڏي تہ ملير وڃان، تون نيرَ ڦٽا ڪر نال
مديني جي مير کي، آءٌ سدا ڪريان سوال
مديني جي مير جا، مون وٽ آيا احوال
اهو سڳ، سانوڻ چئي، تو نہ ٿيندو بحال
ڪالهوٽي ڪال، هئس سڳر پيڙي سومرا!

٢٣٤- عمر! ابائي پار ڪان، جهانگي آيو جهلڪي
عمر! ابائي پار ڪان، آيو ٿولي مان ٿلڪي
عمر! ابائي پار ڪان، ماڻهو آيو مُلڪي
سچي پچي سومرا! تو ڪاهڙ تي ڪيل ڪي
ڏوهه ڪنهن جو ناهه، منهنجي پاڳ ڪٽي پُل ڪي
تو جا هڪل ڪي، چرڪ منهنجي چاتيءَ تي.

٢٣٥- عمر! اسان جي ڏيهه ڏي، چرخو نا چوئي
آئين چاڙهين سومرا! ڏونرن جي ڏوئي
آئين چاڙهين سومرا! ڪن گڏجو گاوئي
آئين چاڙهين سومرا! چڙيو چنڊيوئي
سنگهارن جي، سانوڻ چئي، اٿم لڳن تي لوئي

---

[٢٣٣] بچو ڪو ر (تعلقو حيدرآباد). [٢٣٤] خليفو احمد فقير (تعلقو ٽنڊو با گو).
[٢٣٥] احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ).

ڪٽي خرچيندس ڪينڪي، اٿم ڍت منجهان ڍوئي
مونکي ڏنـي ڏاج ڪري، ڏنارن ڏوئي
اکيون رت روئي، ماندين ٿيون مارن لئي.

٢٣٦- عمر! اسان جي ڏيهه:ڏي، دکو نه ٿئي داڙو
سانئهين ۽ سگر جو، ڇٽي پيو ڇاڙو
نئون جن کي نصيب ۾، اهي پاڇي ڪن نه پراڙو
سام پرتئي، سانوڻ چئي، اٿئي گام به گيباڙو
پوءِ موت پڇاڙو، منهنجي مارن تان معاف ٿيو.

٢٣٧- ماڙيون موت پائيان، ڪوٽ پايان ڪُول
سک نه اچي سومرا! مونکي ماڙين منجهه مُول
نٽ نه وجهان نڪ ۾، باهه وجهان بُول
رُپو منهنجي روح کي، سون نه اچي سول
ڪٽون کهنبا کائيان، تنهنجا تخت ۽ طول
لڄون لاکيٽن جون، تون ڏاڍا ڪر مَ ڏُول
عمر! منهنجو پاءُ ٿئين، تو کي ڪيئن ڪريان قبول
سوڙهيءَ وقت، سانوڻ چئي، رسج تون رسول
ڪٽي آهين ڪارڙي! مولي جا مقبول
نيڙ، ڪڙيون نُول، مولي مون تان معاف ڪرئين.

٢٣٨- تون سمون آهين سومرا! عورت آءٌ آستي
ڏسڻ کان ڏور ٿي، منهنجي مڙهه مٽي
ڦوڙائي فراق ۾، ڦري ٿيس ڦٽي
سنگهاري هيس سومرا! ڪا چنڊ کان به چٽي
حسن مير حسين جي، منهنجي قلب تي ڪٽي
ساري عمر، سانوڻ چئي، مون سولي گالهه سٽي
جين پنهوارن پٽي، سي دعا گو دور ٿيا.

---

[٢٣٦] عبدالرزاق (تعلقو روهڙي). [٢٣٧] کان [٢٤٠] ل.

٢٣٩- ڀارهين مونکي ياد پيا، هينئڙي ۾ هُٽڪي
مارن مونکي موڪلي، ڪا چٽيءَ جي چُٽڪِي (١)
ساري رات سومرا! آءٌ ڀتن ۾ ڀُٽڪِي
ڀڪر ڀاڀاڻن جا، ويا چنن ۾ چُٽڪِي
گهيٽا پاس گهرن جي، ويا لاڪيٽا لُٽڪِي
تن سنگهارن جي، سانوڻ چئي، تو ڪمائي ڪُٽڪِي
گوندر جي گهُٽڪِي، ماري ٽي ماڙين ۾.

٢٤٠- آءٌ نه ستِي سومرا! نه، ستِي منهنجي ماءُ
ستِي ڪيئن سڏايان، ٽي ڊڄان تنهنجي ڊاءِ
ستين ڪي، سانوڻ چئي، تون اِت نه آزماءِ
ستِي سڏجي ساءِ، جنهن جو مانُ ملير ۾.

٢٤١- واءِ لڳو مند ٽِي، سِگُر ڪِڍي ساڪ
ڏوٽي وڃن ڏٽ تي، لاهيو اچن لاڪ
مارو منهنجا ملير ۾، پين ٽا پاٽياڪ
ڪٿون ڪهنبا ڪايان، ڪيس هندورن هلاڪ
تون ته ساماڻين سومرا! مون لئي موت ملاڪ
سورن جا، سانوڻ چئي، چڪن پيا چاڪ
جن جي سيّد رکندو ساڪ، سي مرڪنديون ملير ۾.

٢٤٢- ساراهيان سچو ڏٺي، جو رب آ ساٿي
مارئي پنهنجي ملڪ تي، سدا سياٿي
ماٽا ڪيئين مائٽن سان، ڏوٽين وٽ ڏهاٿي
ننڍي ٽي نپني، سڪي ڏي ساماٿي
واهه مٿي، سانوڻ چئي، ڀريو پوجاڙيءَ پاٿي
هاڻ راءُ سجاٿي راٿي، عمر چاڙهي اٺ تي.

---

(١) ر: پڙهي تو نه پروڙي، چوڏس جي چٽڪي. [٢٤١] ل.
[٢٤٢] قاضي نور محمد (تعلقو هالا).

٢٤٣- الف ٿون اکر هڪڙو، بي ٿون بسم الله (١)
لکيائون ٽي لوئيءَ تي، الحمد لله (٢)
ونهين ۽ ويڙهيچن جي، ڪنديس ڪانه ڳلا (٣)
تن ونهين ۽ ويڙهيچن سان، آندوئي ڪيئن الا
تن ونهين ۽ ويڙهيچن جا، آهن ڪينجهر منجهه ڪيلا
تن ونهين ويڙهيچن جا، ٿا پرجن ڪيئر دِلا
ونهين ويڙهيچن جا، اهي باب بلا
اباڻن جي آسري، آهي بنيو بيت الله
پڙهن ٿا پرت مان، رکيو ڪلام الله
پڙهن ٿا پرت مان، ڪن ٿا دور دليا
رسول جي رهاڻ ۾، پڙهيائون هو الله (٤)
سرهي ڪري، سانوڻ چئي، مارن ساڻ ملا
توڪي تهدِليا، بيٺي پهنوارن ڪيون پارتون.

٢٤٤- تي ٿون طلب تن ۾، آهيم اباڻن اڪير
ڪيڏ بنديائي بند مان، مديني جا مير
"ولقدر خيره و شره من الله تعالىٰ" ڪلي پيان ڪير
هت ساريو سنگهارن ڪي، نيٺين وهايان نير
ويڙهيچن جي وڃڻ جا، اٿم چهڪ اندر ۾ چير
قلم منهنجي قسمت ۾، نه ته آءٌ پيان پاڪ پنير
آءٌ ملان تن مارن ڪي، جن لاءِ لتا ٿيا اٿم لير
سڻندو سڏ، سانوڻ جا، دليئون دستگير
ٿيان مقامي منجهه ملير، پيراندي پاڪ رسول جي.

٢٤٥- ٿي ٿون ويٺي ساريان، صاحب ربّ ستار
اپت ڪپت آن جي، ڪسب ري ڪنيار

[٢٤٣] ظ ۽ ل (١) ظ ۽ ر: اڌ لوئيءَ جو انگ تي، بي جا بسم الله.
(٢) ظ. ل.: لکيائين لوح قلم تي... (٣) ظ: ڏوٿين ڏهابن جا.
(٤) ر. [٢٤٤] ظ. [٢٤٥] ظ ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد).

عمر آنـــدي مارئـــي، ٻيـل ڪٽي ٻڪرار
سهسين ڪيائين سيگهه مان، ڪارڻ ڪوڏ ڪنوار
اچڻ سان ارزان ڪيئين، ٿيا تهتا طعام تيار
ڪٿون خوب خوشيءَ سان، هگوريون هزار
طـــول وهاٽا تن تـــي، هٿا سيج بندن سينگار
سهسين وڇائيون سوڙيون، بوين ســـان بسيار
ارزان ات عنبير ڪيا، هـنـڌن تـــي هيڪار
ڪپڙا آندئون قيمتي، ٻيون ذاتيون زريـــدار
پٽ پٽيهر بـــانتا، سير سالون پيا سينگار (١)
روا پيريئين روح تـــي، ٻيا سوٽا ۽ سالار (١)
ڪچ ٻانڌڻو، ڪان پيرو، اکر ڪي ڪاروڪار
مينهن ٻُر، مورپڪ، منجهن ٻگهه، پسي سوڌار
اڪ ڦـلـڙي آورنگي، رنگ ڪمانگر ڪار
پاڻويـــا اکـــر مـٿـي، چنڊوليون چـــوڌار
راس رتيون هيون ريٿيون، آهن هالاريون هزار
خاصي اکر ڪينهوڙو، اکر ڪار ڪي ڪار
پـــوشيدا پـنـج ڳلا، سنجهي ٻـــڌ سينگار
ٻـــڌ ٻهون پيا ٻـــانڌڻا، آهن گج ۾ گلزار
هڪڙا گل گلابي پٽ جا، پيا اچا ڪاٽا ڪار
ڦڪا نيلا پـــڌرا، آهن ســـاوا ســـال سينگار
سيبو سبڻ واريـــون، ملوڪليون مـــوچـــار
ڪوڏ پريائون ڪنجرا، ٻيون چوليون چهريدار
سائيون، ڳاڙهيون، سڦريون، ڇيٿون ڇڳيدار
صوفن سونهن سامان ڪيا، ڏٺيئون ڏوڻرسار (٢)
زوري هن ڪي زربفت ڳٽايا، آئي عمر اپار
هڪڙو ڳاڻيٽو ڳهن جو، ٻيو ليکو ناهي شمار

(١) ر. (٢) ر: سهج سامان ڪيا، ڏٺين اوڏيا ڏوڻرسار.

زيور ذات پتيلا، آهن واهه گهڙيا وينجهار
هسيون، دهريون درس هيون، پيا چوڪا چندن هار
ڪنمالون سندن قيمتي، پيا تائٽ تنهين ڪان ڌار
نٽ، بولو بي بهاء، ڍولڻ چڱي ڍار
لڙڪا ڏهلا، ڏرپچا، پيون نسبيون ٽيون نروار
واهه جي والا گهڙيا، جهومڪ ۽ جهالار
سونيون سنگهرون سينڌڦل، پي چلن جي چمڪار
هتين مٺڍيون حڪمتي، ڪنگڻ منگليون موچار
چوڙو آندو چوڙوي، ويڙهه وايولا ڌار
سڳيون آيون سهج مان، پي پوپٽن جي پچار
پانهين آندئون پانهن رکي، پيا ڪتريا ڪهڙي ڪار
بيشڪ آهن بازوبند، پيا چوٽيءَ ڦل چوڌار
اٿوٽ آڳوٽيون هيون، پيا نورا، ڪڙيون ڪار
مور نه پائي مارئي، توڙي هون ٽول هزار
سي هنڌ پسيو حيران ٿئي، جنهين جو وٽن سان واپار
قيد نه ٿئي ڪنهن جو، پيهر شل ڪو پار
اوڍينڌڙ انهين جا، ساٿيون سڀ چمار
سا ٿي آزيون ڪري عمر کي، رويو زاروزار
مونکي سندي مارئين، آهي تن ۾ تات تنوار (١)
تون ڪر ڪو خوف خدا جو، جو رازق رب جبار (١)
تون حاڪم آهين انهي هنڌ تي، دنيا ديريدار
راجا تنهنجي روح ۾، ڪا آهي پرٽي پهه پچار
تو کي سوين آهن، سانوڻ چئي، سوڍيون منجهه سينگار
بخشيندو بخشڻهار، ڏيئي پاند پناهه جو.
٢٤٦- جيم ٿون پڙهي جاڳيا، سٽا ڪين سنگهار
ونهين ويڙهيچن کي، سنجهي نه ٿي سار
ڏوٽي هليا ڏٽ تي، وڏي ڪنهن ويچار

(١) ر. [٢٤٦] ظ ۽ ل.

قسمت آنديس قيد ۾، آءٌ نماڻي نار
قسمت آنديس قيد ۾، مونکي تون نہ مار
قسمت آنديس قيد ۾، واڳ منهنجي وار
مڙئي مون تان معاف ڪرين، بند بوجا سڀ بار (١)
آءٌ انهن جي آهيان، هو پنجئي منهنجي پار
حسن مير حسين جي، مونکي پلپل آهي پچار (٢)
مديني جي مير جا، آيا ڪي اخبار
ڪٽنديس سنهن ساٿيهہ ۾، ترت پڙهي تبار
ڏينديس ڏوٽيڙن کي، اهو وڃي اعتبار
تہ عمر منهنجو ڀاءُ ٿئي، سائين لڳ ستار (٣)
وڳر ۽ ولر کان، لنگهي پونديس پار (٣)
هن سڄيءَ تي سانوڻ چئي، ڪٽي ڀرم ڪندا ڀار
ويچارا پنهنوار، عمر منهنجي آسري.

٢٤٧- ماروئڙن جا من ۾، حي ٿون ٿيم هنبس
آءٌ ڪسان پيئي قيد ۾، هت ويڙهيچن تي وس
باهم ڏيان تنهنجي بنگلن کي، مونکي اچي چيڙن چس
مارن ۾ ماتام ٿيو، ڏسي ڪرن جا ڪس
هو نبي سر جون نامڪيون، جن گجرين ٻڌا گس
ڪڍ بنديائي بند مان، تون رسول اچي رس
"جف القلم بما هو کائن" مالڪ ميٽيندو مس
تن سنگهارن وٽ، سانوڻ چئي، لئر پڪا لس
اهو ڏاڏاڻن جو ڏس، مونکي سهڻي ۾ ملیو سومرا.

٢٤٨- خي ٿون نالو خدا جو، ادا ڙي عمرا!
منهنجا ڪم ڪريم تي، ڪندو پيٽي پر
اکيون تن عجيبن لاءِ، ٿيون جال وهائين جر
ساٿيهہ ۾ سڪار ٿيا، وُنا ڪي وڏُر
ميگهن ۽ مينهن جا، آهن اوهيرا آپر

(١) ل. (٢) ظ. (٣) ل. [٢٤٧] ظ. [٢٤٨] ظ ۽ ل.

"يٰايُّهاالذين اٰمنو و عملوالصّٰلحٰت" سوين
سجهن تا سر
ملڪ مارو مير جو، تورو نہ پانيان تر
ملڪ مارو مير جو، وسيو ڪل وڳر (١)
ملڪ مارو مير جو، پڪو جهنگ جهر
ملڪ مارو مير جو، پڪو پارڪر
آئين چاڙهين سومرا، منهنجا ميڙيو مَڪَ مَڄَر
آئين چاڙهين سومرا، منهنجا بدون وٽي بر
آئين چاڙهين سومرا، سائو ساڳ سگر
آئين چاڙهين سومرا، اها پنهوارن جي پر
ڪتي ٽيون محل ماڙيون، ڪتي ٽيا ڪينجهر
ڪتي آئي آهيان ڪوٽن ۾، گهوڙن :سندا گهر
توبه توبه ٽي ڪريان، هادي حمد شڪر
توبه توبه ٽي ڪريان، منهنجي توبه تنهنجي در
سنگهارن تان، سانوڻ چئي، آيو ڪو اوسر
آءٌ مران مر، شل ڏوٽين تان ڏڪار لهي!
٢٤٩- دال ٿون درد دل ۾، مونکي اباڻن جو آهي
سوال ڪريئين ٽي سومرا، سو سٽي عمر آنائهي
ڪڍ بنديائي بند مان، هي لوهم چڙ لاهي
آءٌ پاؤ وجهئين ٽي پير جو، مونکي چڙ وطن ورائي
"ولا يحض علي طعام المسكين" اهي ڪاج
سيئي ڪائهي
وُنا مينهن مارن تي، چڏيائين پلر پلٽائي
مارو رهن ملير ۾، هتي منهنجو چاهي
ڪڍ نمائي نيرن مان، وچي ڳڻ تنهنجا ڳائي
چيلا پاس چنن ۾، وچي ولر ورائي
سوال منهنجو، سانوڻ چئي، من آگو اگهائي

(١) ل. [٢٤٩] ڪان [٢٥٦] ظ.

آءٌ مليو ملهائـي، ثـابت ويندسئين سومـرا!

٢٥٠- ذال ٿون پنهنجي ذات جـو، ظاهر ڪريان ذهن
ننگ ڇڏيـائون نيـرين، من ڪـا ٻاجهه پئين
ڪربلا جـي پڙ ۾، مون رات ڏني جا رئين
ڪربلا جـي پڙ ۾، هـئا حسن ۽ حسين
پيـڙو تن پـلارن سـان، هـو آذر علي عين
چوٿون محمد مصطفيٰ، آهـي نوري سندس نين
مون سڄيءَ ڪـي، سانوڻ چئي، ڦٽي ويـا فين
پڙهي حج حرمين، آءٌ عيين ڪـان آجي ٿيان.

٢٥١- ري ٿون پنهنجي ربّ ڪي، آءٌ سڪيو ڪريان سوال
تہ ڪڍ بنديائي بند مان، پـلا ڪر ڪو ڀال
ڪڍ بنديائـي بند مان، جا جـر وهائي جال
سـاريـو تن سنگهارن ڪي، پئي لڙڪ وهائي لال
آءٌ بنديائـي بند ۾، هت مـارو چارين مال
سگر سيڪيو سرتيون، ڪن ڳاڳين سندي ڳال
ساري عمر، سانوڻ چئي، چو ڪي چوڙيلين جي چال
مـارن وٽ مقال، منهنجي سدائين اٿئي سومرا!

٢٥٢- زي ٿون ضد نہ ڪر، آءٌ ٿي زاري ڪريان سانڻ زبان
موڪل ڏي تہ مليو وڃان، رک مارئي جو مان
ڪڍ بنديائي بند مـان، ادا عمر! ڪـر احسان
ڪٿي آئين ڪوهہ تـان، ڪري ٻانهياري ٻـان
ساٿيهہ سونهنديس، وطـن ويندس، هت ڪڏهن
ويهنديس ڪانہ
ڪين وٽن ٿا ڪوٽن ۾، ري ڀهنوارن پڪوان
سرتين جـي سور ۾، منهنجي جلي ويئي جان
ڪر ڪو خوف خدا جو، اڳيان اٿئي محشر جومڪان
"و من يعمل مثقال ذرة شر يره" اهو فائق جو فرمان

جت ڪورٽ ٿيندي ڪريم جي، اهو تل نہ ڇڏيندو تان
مهابي محمّد مير جـــي، ڇنندو جڳـــ جهان
پڙهي ڏس پرت مـان، اهو ”فاذڪروني“ فرقان
سوڙهي ٻر، ساڏـــوڻ ڇئي، شرم رهـــي شان
ٿـــي ميـان مهربان، تـــ ملڪ پهچي مارئي.

٢٥٣- سين ٿون سنگهارن جـــا، اٿم سيني منجهہ سيل
ڪٽي آئـيـن ڪـوهہ تـان، ڪري ٻانهياري ٻيل
باندي وڏئـي بند ٻر، سـا ڊوڙي پيئي ڊيل
مون ڪئـيءَ ڪين قبوليا، جيئري تنهنجا جيل
هت وٺـــا مينهن ملير ٻر، ڪنوڻن لايـا ڪـيـل
پـلـر پـالوٽـون ڪيون، وٺـــو وڇيءَ وبل
وڙهيچن تي وسون ٿيون، گولاڙن ڪئي گيل
پيرون آئين پـانـد ٻر، پـڌيـو چوڙيليون چيل
سي ڪريـو ويس وڏانـدرا، طـرح مڪين تـيـل
تن سنگهارن سان، سانوڻ ڇئي، محمّد ڪندو ميل
هت ڦند ڪرين جي فعل، سي سڀ ڇڏيندين سچ ٻر.

٢٥٤- شين ٿون شرم بچاءِ، تـہ شڪر ڪريان شادي
ڇني آئين ڇانگ مان، مون بند ڪيئي باندي
موڪل ڏي ملير وڃان، تـون بادشاهہ بنيادي
اٿم سڪ سنگهارن جي، آهيان مارن لئي ماندي
سـتـي رات سهڻي ٻر، آيـو پهنـوارن پـانڌي
خبر تنهن ڪـاهڙ مـان، ابـاڻـن جـي آنـدي
تـہ وٺـا مينهن مـلـير ٻر، ٿـي عمـر آزادي
ڪي بنڌياڻـي بند مـان، تـون حيدر پير هادي
آءٌ مران وڃي مـارن وٽ، قريب ٿين ڪانڌي
پاڙي پـاڪ رسول جـي، وڃي پـوان پيراندي
سٽي سـڏ، سانـوڻ جا، والـي ڪندو وانـدي

ٿيان هٿي هيڪاندي، وڃي مارن وٽ ملير ۾
٢٥٥- سڻ صادئون صدائون، تون صاحب سڳهيرو
موڪل ڏي ته ملير وڃان، هت دردن ڪيو ڏيرو
موڪل ڏي ته ملير وڃان، هت جلي ويو اٿم جيرو
مارن ۾ ماتام هو، ڪو صبح سويرو
سانگي منهنجا سنمڪ سهڻا، ڏين ڦڙيءَ مٿي ڦيرو
ڪيلندم ڪاهڙ واريون، هتي منهن ٿيم ميرو
سورن مٿيءَ تي، سانوڻ چئي، اڏيو آهي آڪيرو
پيرم سندو پيرو، ڏوتي ڪندم ڏيهه ۾.
٢٥٦- ضادئون مونکي دل ۾، آءٌ وڃان شال وطن!
قيد مونکي ڪنبايو، آءٌ وڃان ويڙهيچن
سڪ به اٿم سومرا، مونکي ساريو سنگهارن
وٺا مينهن ملير ۾، ٿيا پلر پهنوارن
ٿي ساوڪ ساٿيهه ۾، ڪڙيا ڪاتونبن
پڪا ڏؤنرا ڏيهه ۾، ٿيو ڏٺ به ڏاڏاٽن
ملڪ مڙيئي مجر ٿيو، ڪڍيا گل به گولاڙن
"إن الذين ڪفروبعد ايمانهم" اهو توڻ توشوڪن
ٻي ملڪيت ناهي مارن وٽ، اهو روز به رفيقن
قادر منهنجي قسمت ڪر، الله اباٽن
روضو پاڪ رسول جو، آءٌ چمان ساڻ چشمن
سچي سڪ، سانوڻ چئي، وڃي ٿيان اوڏي عجبين
ڏولڻيا ڏڪ ڏهن، مرڻ ويل ملير ۾.
٢٥٧- عمر عين اڪير، اٿم ونهين ويڙهيچن جي
ويندس ويڙهيچن ڏي، پيچي ڪوٽ ڪبير
برهه جي بوندن جي، هينڙي لڳم هير
لوڻن لوڏي آهيان، واءُ چڙهي جيئن وير

[٢٥٧] ظ ۽ ل.

ڪوٽ جهليندم ڪينڪي، تنهنجا زيـل زنجير
نيـر ويندا ناس ٿـــي، ڪندو محي‌الدين ميـر
سُڄي ٿـــو ساٿيهه ۾، پنـهـوارن جـــو پيـر
ملنديس مـاروئـڙن ڪـــي، مـيـان! منجهه ملير
ڏيندو سوپ، سانوڻ چئي، مونکي فتح ساڻ فقير
مونکي حب حمير، آهي مـديـني جي مير جي.

٢٥٨- غين ڏون :مونکي غـمـن، آهي مارن جـي ماريو
جن سان هيـج پـائي هليس، سرتيـن تن ساريو
چيـلا پـاس چَنـن ۾، اچـن ولـرڙا واريـو
ڀڪر پـاپـاڻن جـا، اچـن چـوڙيـليـون چاريـو
موهر ملڪ مارن جـو، اڏـئـي نـمـائي نـهـاريـو
روئـان ويـئـي رت ڦڙا، هَنـجهون هِت هـاريـو
قيـدن منهنجي قـلـب ۾، ٻارڻ آهـي ٻاريـو
ڏوٽين ڏني ڏينهن ٿيـا، هت گهنگهر مون گهاريو
سورن مونکي، سانـوڻ چئي، آهـي سبق سيکاريو
مونکي ڏاتـر ڏيکاريـو، روضـو پاڪ رسول جو.

٢٥٩- في پـئـي فڪر ۾، مـون مـاري ڇڏيـــو ماس
مارن جـي مـلـڻ جي، مونکي انـدر منجهه اداس
لاهيان ڪيئن لـڳن تـان، لـوئـيءَ جـــو لباس
ويـڙهيچا وطـن ۾، وٽـــن وٽـــن جـــو واس
انّ جـي انـهـن کي، بـوءِ نـه وڻـي بـاس
جهڻ ڀين، جهنگل رهن، جن وٽ مڏي ناهي ميراث
جـڙي تـن لاءِ جـنـت ۾، روضـو ٿـيـو راس
قادر ڀيندو ڪوٽ ڪڙا، تن جـا نير ٿيندا ناس
مون سڙيءَ جو سانوڻ چئي، تو ڪيو ڪونه قياس
اڏـم تانگهه تـلاس، وطـن جـي وڃڻ جي.

٢٦٠- قاف ڏون هت قيدن ۾، آءٌ ڪڙهي ٿيس ڪاري

[٢٥٨] ڪان [٢٦٢] ظ.

ڦٽو نصيب مون نياڳيءَ جو، ٽڏهن بند پيم باري
عطر ڪان آچي پائيان، آءُ وطن جي واري
ٽڏا ريٽ ٿرن جا، هت تنهنجي بنگلن باهه ٻاري
وڻن ڪين وجود ڪي، تنهنجا هنڌ هيڪاري
بيگناهه بنگلن ۾، هيءَ مسڪين اٿئي ماري
هٽ وٽا مينهن مارن ٿي، ڪئي بادل بهاري
ساڻيهه ۾ سڪار ٿيا، ڪئي مينهن ملاري
ڏوڏرا پڪا ڏيهه ۾، ڪئي گلن گلزاري
موڪل ڏي نه ملير وڃان، ڪر صاحب سرداري
ڇيلا پاس ڇڏن ۾، ٿا ڇڙن ڇوڏاري
"فمن يجادل الله عنهم يوم القيٰمة" ڪر ترت تياري
ڪر ڪو خوف خدا جو، ظالم ڪر زاري
جت ٿيندي ڪورٽ ڪريم جي، ايندا سمن سرڪاري
خزانا ويندئي خاڪ ۾، اهي ڪوٽ ڪفاري
سڪ اٿم، سانوڻ چئي، ڪندو محمد موچاري
سڀ هيرا هزاري، سڙي ويندئي سومرا!

٢٦١- لام سٽي لٽولهٽ، ڪر مون بنديءَ جو بلو
قبر ڪاري، آهي انڌاري، اتي هلندين هيڪلو
اها آهي راهه رباني، جت هلو ڙي هلو
ڏن ڇڏيندين ڏوڙ ۾، جنهن جو اٿئي ناٿ ٿلو
"المال و البنون زينة الحيات الدنيا" ڪم نه ايندئي
ڪوٽ قلعو
سورن جو، سانوڻ چئي، جت ٿيندو زلزلو
جهانگي ٿيندم جهلو، اچي ساڻيهه منجهه سومرا!

٢٦٢- پيم ٿون ماروئڙن جا، چڙي پيا آهن چاڪ
چو باري وڏئي بند ۾، تاڙا ڏيئي طاق
هت ڳري، ويندس سري، هينئون ٿيم هلاڪ
پيو ولوڙو وجود ۾، ڦٽيس انهيءَ فراق

ڪڍ بندبائي بند مان، سچائي رب رزاق
گجرون پنهنجي گام ۾، پلر پين پاڪ
سنگهارن جي، سانوڻ چئي، هاڙهي منجهه هاڪ
هٿ ويندئي هارجي، ميان! ڪر نه مذاق
ڪرڪو خوف خالق جو، جيت ٻرور پچندو پاڪ
هٿ لالڻ ماڻيو لولاڪ، سو سچائي نيندم سومرا!

٢٦٣- ويندس ويڙهيچن جي، نون ٿون نياپي
ڏيل ته منهنجو ڏهرو، ڏاڍو نه ڏاپي
آءٌ مارو مير جي ڏنگيس ڏوراپي
ميان! مارو مير جي، لڳيس لاڳاپي
نالو هن نماڻيءَ جو، چڏيائون چاپي
نالو هن نماڻيءَ جو، ملڪ ويا ماپي
هن ميڙيءَ جي، سانوڻ چئي، من صورت سچاپي
جائي ڪا مر چاپي، مون جهڙي ملير ۾.

٢٦٤- واو منهنجي وطن جو، وانگي ڪونه وريو
ساريو تن سنگهارن کي، وچان ماڳ مريو
ساريو تن سنگهارن کي، پوي ڏيل ڏريو
لکيو انگ ازل جو، نيٺ پنهواريءَ تي پريو
مون نياڳيءَ جي نصيب ۾، اهو هارڻ اچي ٻريو
سورن ۾، سانوڻ چئي، ڪهل مٽيءَ تي ڪريو
دستگير ڏريو، هٿ مون هيٺيءَ تي.

٢٦٥- ٻي ٿون مونکي ياد پيا، ڏنار ڏٿولي
جن نپاڻو نماڻيءَ کي، ڏيئي لاڏ منجهان لولي
ميٺي تن مارن جي، لڳي ٻانهياري ٻولي
آءٌ ٻانهي تن ٻانهيارين جي، گجر آهيان گولي
ڪنجرا تن جا قيمتي، ٻي چٽن سان چولي

[٢٦٣] ل ۽ احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ). [٢٦٤] ۽ [٢٦٥] ظ.

قسمت آڻي قيد ۾، هيءَ رندن ۾ رولي
قسمت آڻي قيد ۾، هيءَ ٽولاڪن ٽولي
ڇڏ تہ وڃي ڇيلا چاري، هيءَ ڀٽن تي ڀولي
سورن جي، سانوڻ چئي، مون جهلي آهي جهولي
جيئن ڏکون ڪري ڏولي، تيئن آءٌ ساريان
سنگهارن کي.

ليلان چنيسر

٢٦٦- عجب رنگ الله جا، سڀ ڏينهن ڏٺم سيئي
دانهيندي درٻار ۾، مونکي وهامي وبئي
ڪونهي ڏوهہ ڪونرو جو، قسمت جا ڪيئي
سورن جي، سانوڻ چئي، پيتان آئون پيئي
اٿئي معلوم مڙيئي، تو دليون پرکين داسڙا!

سهڻي مهار

٢٦٧- گهڙو ڪٽي هلي گهيڙ تي، وڌس نينهن ۾ نهوڙي
وڏي دؤر درياءَ ۾، بيٺي ٻانهياري ٻوڙي
ڪيائين گڻ غريب سان، ڇڏيائين ڇتڙا ڇوڙي
ڏيو ور ولين تان، تي ڊيل آيي ڊوڙي
سينڌ پٽيون، سانوڻ چئي، تي جانب لاءِ موڙي
تڏهن منهن موڙي، جڏهن لڳيس ناوَ ڪے نينهن جي.

ليلي مجنون

٢٦٨- ليلي اچي لاڏ سان، مجني کي موهيو
پلنگ پٽراٽيون پٽ جون، ڊيل اچي ڊوهيو

[٢٦٦] ل. [٢٦٧] صالح محمد سمون (ڪراچي).: [٢٦٨] ۽ [٢٦٩] ظ ۽ ل.

وڃائي ٿــي وقوف سان، عطر مشڪ اوتــيــو
پڇائي ٿــي پــريــن لئي، پڪوان پوهــيــو (١)
ڪٽيو اچــي خــوشــيءَ مان ڳڙ ڪنڊون ڳوهيو
ڪارائــي ٿــي ڪتائيءَ ڪي، ليلي پــاڻ لــويــو
هيرو مــوتــي هــار ۾ پــائــي ٿــي پــويــو
حور ويهي ٿي هنج ۾، ڪونج ڳچي ڪوبو
ٿــول پــائــي، ٿــنــڊ ڪري، سينڌ پٽيون ســويــو
صدقي وڃان، سانوڻ چئي، تن کي ڏيٽين ڏکويو
ٿي رنج ڪيدي رويو، پيا وڃوڙا ورهــن جــا.

٢٦٩- الله آنــدئــي عــرب مــان، محب مستانا
دائــي سونهان تنهنجي در جــي، دلبر ديــوانــا
قيس! مــون قــبــوليــا، تنهنجا طــالــع تــي طعنا
ســويــن سلم سير تــي، تنهنجا بــديــون بهتانــا
سانولي سينگار ڪري، پــيــو ڳچيءَ پائي ڳانا
ماڻهو شهر مصر جــا، تــو پيلي سونهن ٻانها
واهڙ ڪٽين وهي ويــا، مــون جڏيءَ تــان جانا
گهوري توتان سير گهوريان، ڪريان نيڻ نذرانا (١)
سورن جا، سانوڻ چئي، توتي منهنجا حرف حقانا
ڪيس قــربــانــا، نينهن ۾ تنهنجي نــام تــان (٢).

٢٧٠- مجنان شــهــر مصر ۾، هڪ نــار آهــي نــامــي
ڏيءَ قاضي قمر جــي، آهــي مينهن سندي مامي
ڪيئي آهــن ڪيترا، ان جــا ســويــن ســلامــي
ڪيئي آهــن ڪيترا، ان جــا ڪامــورا ڪامي
منهن مــثــل مهتاب جــي، هٿ ۾ خنجر خنــامــي
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، ٿيندو حضرت پير حامي
ويندا عاشق اگهامي، مڙي محمد جام جي (٣).

(١)ظ. (٢) ل. [٢٠٠] کان [٢٠٧]ل. (٣) ر : ويندا عاصي اگهامي... الخ.

٢٧١- حور کٽي حيران ڪي، قيس ڪاريگر
پرياڻي ٿي پرينءَ کي، لالڻ ڏيو لر
ويهي اچو وبجهڙي، پورل وٽيو پر
پڙهائي ويٺي پرت مان، ڪونج ڪبوتر
سيکاري ٿي، سانوڻ چئي، عاشق کي اکر
مجنان مسافر، توکي الله آندو عرب مان.

٢٧٢- ليلي ڏٺو لال کي، اينڌو اچ اوري
ماڻڪ موتي محب تان، گهورون بيٺي گهوري
پلي آئين مجنا! تون ڏيهه ڏسيون ڏوري
ساري آهيان مجنا! تنهنجي هول انهي هوري
پرين! پهچان ڪينڪي، تنهنجي هڪ ٿوري
چڙهي ويهه چاڳلا! وڃن هور به هندوري (١)
سدائين، سانوڻ چئي، تنگ هيس تو ري
چند هٽي چوري، ٻڌو رب راڻي سان.

٢٧٣- ملي حور مجني کي، ٻج نندي کا ٻور
ڏيءَ ته حافظ قمر جي، منڌ سُجي ٿي مُور
مُڪياڻي مصر جي، توڏ مثل آهي تور
بڪائي ٿي باهه جيئن، ديد اهڙي دستور
مجنان! اڏئي مشهور، ليلي شهر مصر ۾.

٢٧٤- قاضي چيو قيس کي، توکي شاهه هجي شابس
لٽين ڪين لچائيءَ تان، تنهنجو گهر اهوئي گس
مونکي مرگو مجنان! توکان بکيا آهي بس
لڪيو ٿو ليلي سان، تون گڏ ڪرين گوپس
ڏاريا! منهنجي ڏيءَ سان، ڪاڻا! تون مر کس
هت ويٺي، حافظ چئي، راهه نه هلندو رس
وٽيو وڃان ٿو وس، ليلي پنهنجي لڏ سان.

---

(١) ر : چڙهي ويٺي چاڳ مان، حور به هندوري.

٢٧٥- قاضيءَ چيو قيس کي، مجنا! شال مرين
مونکي شهر مصر ۾، ڪارو ٿو ڪرين
ليلي ڏٺون توسان، پورا! پاڪرين
موٽيو منهنجي منهن تي، ڪوهه ٿو ڪوڙ ڪرين
طالع تتا توکي، ڪنيو پادرين
اچين ٿو استاد سان، نياڳا نرين
لڏي آءُ ويندس، صبح ساڳهرين
سامهون اچيو سانوڻ چئي، ورنديون ڏيو ورين
قيس ڪوه ڪرين، توسان ڪانهي پهچ پچڻ جي.

٢٧٦- نينهن ۾ تنهنجي نام تان، چوري ڪيس چري
جنهن کي مچ مجاز جا، ٻيٽا ويا تہ ٻري
ڏري ما فقير تي، وادوڙيل وري
عطر تنهن عاشق تي، ٿي نائي ناز ڀري
چٽ هٿيو ٿي چانوَ ڪري، پرڏيهي تي پري
ٿول وجهيو ٿي ٿنڊ ڪري، هٿيو تيل تري
ليلي توتي لائق ڪيا، ڪي مجنان مادري
سٽج سڏ، سانوڻ جا، تون ڪن ڏيئي قادري
دستگير دري، تون آپتي ڏي احسان جي.

٢٧٧- ريب ڪري راڻي سان، لڳي ڪيائين لٺهي
ڦري ٿو فقير ٿيو، وٺيو گوٺ گهلي
پنيئين پاند پناهه جو، ڏنس انت علي
پٽ پري پرديسي جي، محي الدين مٺي
ملي تنهن مڙد کي، پيٽي کا پلي
گنجر پائي گلي، ملي حور مجني سان.

٢٧٨- سٽهي رات سهٽي ۾، ٿيس ليلي جو لڦا
مجنون اتي مست ٿيو، لڳس پار پڪا
حُسن ڏسي تنهن حُور جو، وريس نينهن نڪا

[٢٧٨] ڪان [٢٨٦] صالح محمد سمون (ڪراچي).

آڻي ڪٽيس عشق جي، جنهن دل ۾ ڪيس ڏڪا
مڪو چڏي مجنون هليو، پنهنجا سيڻ سڏڪا
جيئري وڃي جاني ڏسان، ناهي بندي جو بقا
ماس گهري محبوب لاءِ، ٿيس پيو پڙڪا
سورن جا، سانوڻ چئي، مونکي ڏنا دائيءَ ڏڪا
ڪري ڪانَ ڪڙڪا، ستيا تنهن مجني کي.

٢٧٩- مڪو چڏي هليو مجنون، جنهن کي لڳي ليلي جي لغار
قدم کڻي قرب مان، هلو نيڻين ٿمائي نار
اچي مصر پهتو مجنون، ڪيائين دلبر جو ديدار
ليلي ڏٺائين لاڏلي، جنهن جي رمز پري رفتار
سرو قد سهڻي هئي، ڪونج گهچي ڪلتار
سا قمر ڏيءَ قاضيءَ جي، هئي سرت پري سينگار
مجنون آيو مڪتب ۾، ڪيائين پڙهڻ جي پچار
سبق سکيو سُلڪٽا، نقطا سڀ نروار
"طٰه، يٰس، تلڪ" رکي تن ۾، حيلم پڙهي ٿيو هوشيار
بخرو پيتائين بحر جو، مجنون ٿيو مختار
سڄي عمر، سانوڻ چئي، هئس طوطيءَ جي تنوار
ساري سڀ چمار، منهن نه مٽيئين محبوب کان.

٢٨٠- مجني کي مجاز جو، ذوق لڳو ذاتي
لڳس لئون ليلي سان، ڏٺائين صورت صفاتي
اماڻ ڪيائين عشق کي، ٿيو جانب جماعتي
مشهور ٿيو ملڪ ۾، مجنون تائين مماتي
دلڙي دردوندن جي، اچي فڪر منجهه قاتي
وڌائين وڍ وصال جا، ڪٽي قرب سندي ڪاتي
سورن جي، سانوڻ چئي، اها پاڪر مون پاتي
پوءِ صورت سڃاتي، مجني گڏجي محبوب سان.

٢٨١- مصر آيو مجنون، ساري پنهنجو سبحان
محبت جا مجني کي، لڳا قلب اندر ۾ ڪانَ

محبت جا مجني ڪي، نينهن ڪيا نيشان
قاتل ڪين ڪڙهيو، اتي هرڪو ٿيو حيران
زهر پيتو ٿي ذوق مان، مجنهي ٿي مستان
سو ميلو لڳو ماڪيءَ ڪان، ٿيو عشق جو امتحان
لڪ پيرا ٿي ليلي ٿئي، تنهن ڪامل تان قربان
جسم ٻنهي جو هڪڙو، روح گڏين رحمان
جيئن ڪعبو پيتين قرب مان، تيئن مجنهي پيتيو مڪان
"لولاڪ لما خلقة الافلاڪ" پرين پسايو پهلوان
مالڪ بخشيا محبت سان، تنهن سورهيه ڪي سامان
سڙي مران، سانوڻ چئي، ڏسي عاشق جو ايمان
آدم جهڙا انسان، تنهن عشق ڪٽي آجاريا.

٢٨٢- مصر پهچي مجني، ڪئي مانجهي ملاقات
پڙهي پئي پرت مان، ليلي ڪريو لات
مجني آئي رڪيون مهندا، سو ڪڙيون ۽ سوغات
عشق آئيو آڏما ڏئي، ڪٽيو ڪهاڙا ڪات
گڏيا گل گلابي، پئي صورت پريا صفات
ڪتابين وچي خار مان، ٻري مچائي بغات
قاضي :قبيلو گڏ ڪري، ضد ڪيو ظلمات
پر عاشق کي اصل ڪان، ملي ڏاتر وتان ذات
زهر پيتائين ذوق مان، سو ماڪي ٿيو ميوات
اهڙا سچا عاشق، سانوڻ چئي، هون هميشه حيات
نينهن چڏايو نيات، مست پنهنجي مجني ڪي.

٢٨٣- ليلي جي لڏڻ جي، پئي قيس کي ڪل
رنو رت گاڏئون، ڳوڙها مٽئون ڳل
لڙڪ هاري ليلي، اچي موڪلايو ڪان مل
قسمت واڳون ڇڪيون، پريين پيارل
جانب تنهنجي جدائيءَ جا، جيءَ پر اٿم جل
آءٌ بيوس وچان بند پر، هلٽو اٿي تہ هل

سا روئي روانـي تـي، ڪر ڪٽي ڪونجل
لڳو پٽ ليلان جـي، گهوٽ مجنون گهايل
پنڌ ڪري اچي پهتو، پَهر انهيءَ پيل
بيهاري ڇڏيائين بر ۾، ٿيو درخت جيئن داخل
اٿـي بيٺو ادب ۾، ترسيو هڪڙو نه تيل
ڪڙهي اتي ڪارو ٿيو، جيئن ڪوري اندر ڪاڻل
سورن جا، سانوڻ چئي، ٿيس سيني اندر سَل
نيڻ ڪنيو نـرمـل، بيٺو محرم نهاري مجنون.

٢٨٤- محرم نهاري مجنون، جنهن جو آٽڻ آجهاڻو
ليلي لـڏي، ويئي ڇـڏي، گهمائي گهاڻو
بيهاري ويئي بَر ۾، هيءَ سُڪي ٿيو ساڻو
لُڪن لوسائي، ڇڏيو ٻوسائي، قيس ڪوماڻو
ورهيه گذريا وڇوڙي ڪي، هيءَ ڪوري منجهه ڪاڻو
”ترڪ الدنيا واجب“ اِهـو سفر سٽاڻو
پڪين تنهن پرديسي تـي، اچي آڏو آڏاڻو
مادر مرڪي مجني جي، جنهن جو سورهيه پٽ ساماڻو
سورن جـو، سانوڻ چئي، ڏنس عشق اولاڻو
ڪنيو نيڻ نماڻو، بيٺو محرم نهاري مجنون.

٢٨٥- محرم نهاري مجنون، بيـٺـو ٿـي منجهه بَر
جيئن قطب بيٺو ڪنڊ تي، تيئن قيس ڪنيوئي ڪر
نيڻ وهيا نـار ڪري، جيئن آسمان منجهه آبر
هن ڪي بيهاري ويئي بر ۾، جنهن جو ساٿي نه سگهر
پڪي گهمن پـاڻ ۾، ويـڙهـا ڪيو ولـر
ڏسي حـال حيوانن جـو، جانب وهايا جـر
ڏڪـن ڏيـل ڇـنـو، جـيـرا جيئن جگر
اهي آگـي انگ لڪيا، دائـم منجهه دفـتـر
پرديسيءَ جـي پڪين سان، واليءَ ڪئي وندر
وُنـا مينهن مصر تـي، پـريـا پٽ پَلر

وَلهين ويــڙهه وڏا ڪيا، ڏيئي وراڪا ور
سورن سان، سانوڻ چئي، ٿيو غريب جو گذر
عــاشــق منجهه امــر، محرم بيئو مجنون.

٢٨٦- قاضي اٿــي قسمت مان، وِرهه چاڙهيو ويــر
سوٿ ماٺات سڏائــي، آنــدائين ڪل امــير
پر پڇي ويا پوءِ ڪان، دانهون ڪري دلگير
مست آيــو مجنون، پــرس سنڀالــي پــير
زهر پيتائين ذوق مان، پــر اڃان سڌ سريــر
سو مٺو ٿيو ماڪيءَ ڪان، عشق ڪيو اڪسير
ليلي پنهنجي لعــل تــان، فــدا ٿــي فقيــر
سوءِ پــيــرا صدقي ٿي، منڌ مٿائي ميــر
قربان ٿــي قيس تــان، هٿ ٻڌي سا هــيــر
سورن جا سانوڻ چئي، ٿيس چهڪ اندر ۾ چير
نيٺين وهائي نــيــر، محرم پنهنجي مجني لاءِ.

پورب

٢٨٧- ڪانگل ڪل ڪيهي، تــو آنــدي عجيبن
منهنجو جــيءَ جــڏو ڪيو، پيچ وجهي پرين
منهنجو جــيءَ جــڏو ڪيو، عشق جي اَلَنيَن
منهنجو جــيءَ جڏو ڪيو، پرين جي پرتــون
منهنجو جــيءَ جڏو ڪيو، انــهــن اَهــجاڻــن
پڳو سجو نــه ٿــئي، مــوتــي تــوڙي مــن
ڏيئي ريهه رُپــي جــو، جــي ڳنڍيو صرافن
ته به وچان سنڌو سور جو، ميٺيو نه ملوڪن
عقل جــي آچــار سان، ڪٽي جــوڙيــو جــانبــن

[٢٨٧] ظ. ل. عبدالحڪيم ٻلي (تعلقو ڪپرو)، قاضي نورمحمد (تعلقو هالا) ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي).

مون پانيءُ پيرو ڪندا، پر ميلو ٿيو مهينن
وڃي سوگها ٿيا، سانوڻ چئي، هو وڏي وقوفن
ڪانگل قربين، مون تان ڦيرو ڪٽي ڦٽو ڪيو.

٢٨٨- ڪانگل ڪلالن جا، ٿون هلي آئين هير
لوڏي ڪڍي لوڪ مان، ڪانگل توکي ڪير
چڙهي ويهه چانئٽ تي، پَسي ڇانُو ڇڳير
پکي پرين جي سُٽاءِ، دانَهه ڪر نه دير (١)
ڪڏهن ايندم اڳڻ تي، پرين پري پير؟
خبر ٻڌاءِ ڪيانتا، ساجهر ٿون سوير
سُٽي مانَ سَگهي ٿيان، مَن تان لهي ميرِ
"في احسن تقويم" آءٌ پڙ سڃاڻان پير
سور سيئي، سانوڻ چئي، آءٌ وندڻان انهيءَ وير
اچي ڦڳ ڦير، مون جڏيءَ جي جان ئي.

٢٨٩- ڪانگا ٿيندئي ڪانه ڪا، جيسين نه وٺندين پاڻ
هيڪر حبيبن کي، هلي ڪر ٿون چاڻ
اچڻ وس عجيبن جو، ڇوڻ ٿو جڳاڻ
ماري ڪٽهي پاڻ کي، ڪير رَٽوچاڻ
منهنڊوڪي محبت لاءِ، هٿ به هڻندا هاڻ
مون سڃيءَ ڪان، سانوڻ چئي، ٿون پرين نه پلاڻ (٢)
ڪهڙي ڪرين وا ڪاڻ، ڪانگا قربين جي.

٢٩٠- ڪانگا ڪهڙيءَ ڪنڊ تي، منهنجا سيڻ سجهن؟
آءٌ مران ٿه موچاري ٿيان، هو حياتي هجن
آهُون عاشقن جون، آڏيءَ رات اٿن

---

[٢٨٨] ظ، ل، عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو) ۽ عبدالرزاق (تعلقو روهڙي).
(١) ل: پکي آهين پرينءَ جو، منجهه منهنجي دانهه آهي دلير.
ر: ٿون پکي پرينءَ جي پار جو، آءٌ تنهنجي دائي دلير.
[٢٨٩] ڪان [٢٩٣] ظ ۽ ل. (٢) ظ.

جيئري جانب يار کي، پساهه وڃي پهچن
سپرين منهنجا، سانوڻ چئي، ٿا گهڙيءَ ۾ گهرجن
نينهن نياپن، ڪانگا منهنجي ڪانه ڪيئي.

٢٩١- ڪانگا قربن ڪان، تو آندو ڪجاڙو؟
مونکي ڏيئي ويا مون پرين، سورن سو گاڙو
اٿم آديسيءَ جو، من تي مونجهاڙو
اچي ويهندم اوڏڙا، ڪٿي ڪات ڪهاڙو (١)
محبن ڏني معاف ٿئي، لهي دردن دونهاڙو
آءٌ ساريان ٿي، سانوڻ چئي، جيئن تنواري ناڙو
پرين جو پاڙو، آهي ڪانگا ڪهڙيءَ ڪنڊ تي؟

٢٩٢- ڪانگا قربن ڪان، تو آندي ڪل ڪيهي (٢)
مونکي ڏيئي ويا مون پرين، اهجاڻ اهيئي
دلبر منهنجي دلڙي، آهي قوڙائي قيهي
دلبر منهنجي دلڙي، آهي رمل سان ربهي (٣)
دلبر منهنجي دلڙي، آهي چرين سان چيهي (٤)
دلبر منهنجي دلڙي، وڏي ڏس وبهي
دلبر منهنجي دلڙي، ڪا ڪٽهي سان گيهي (٥)
ڪتي هوندي ڪانگا، مٺي مون جيهي
الله اگ ۾ آٿئين، پرين پرڏيهي
سور تني سان، سانوڻ چئي، وندياڻ هوند ويهي
اسان ڪان سيئي، لاڪيٽا لڏي ويا (٦)

٢٩٣- ڪانگا قربن جي، واٿئون چڏ واٽي

---

(١) ل: وڃي ويهان ويجهڙي ..... الخ. (٢) ر: ڪانگا قربن جي، ٿو ڳالهه ڪربن ڪيهي. (٣) ر: ..... رندن تي ربهي. ظ: ..... رمزن سان ربهي. (٤) ر: چيتن سان چيهي. (٥) ر. (٦) ر: ڏٺل سي ڏيهي..... الخ. ظ: مون وٽان ويهي... الخ.

هو پلاڻي پرڏيهه هليا، ٽيا راتوڏا راهي (١)
عجين جي اچڻ جو، ناهي ڀروسو ڀائي (٢)
هو وساري ويهي رهيا، مونکي آڪنڊ اجائي
حقيقت حال جي، حبيبن کانه هلائي
نکا خبر آندي کيانتي، نکا وصل واڌائي
سورن ۾، سانوڻ چئي، من ٿئي ثابت سچائي
هر هر هلکائي، وڃڻ در دوستن جي.

٢٩٤- آءُ ڪانگل تو ڏيان، پريان ڏي پيغام
آڏامي، وهج اوڏڙو، لمي مٿي لام
کيانتا ڏي خبرون، اکين اچي آرام
قيدي بنائي ويو قرب ۾، دل کي هٽي دام
عشق آهي اڙانگو، نينهن سندس نام
سچائي جن سوگهو ڪيو، سي اصل هٿا امام
"شرابًا طهورا" اهو جلد پيتائون جام
سڄي عمر، سانوڻ چئي، سي طلب نه رکن طمام
ڪامل ڏينهن قيام، ڪجان پوئواري ٻرديسين جي.

٢٩٥- خبر ڏي کيانتا! ڪانگل مونکي ڪل
لئه لاتيون ڪري، ڏي واڌيون وَل
سگهي ايندم سپرين، کي لائيندم پهر پل
ڏي دلاسو دلگير کي، اچي گچيءَ پائي گل
جانب جي جدائيءَ جا، جيءَ ۾ اٿم جل
سي ڪيئن وساري ويهان، ٽيا اٿم هيئين ۾ هل
لکيم پيغام پرينءَ ڏي، سا ته چئي ڪئي چل
دانهن ڪري در تي، وڃي پولج ٻاهيهل

(١) ظ : اهرائي ٻريات جو، رات ٽيا راهي. (٢) ل. (٣) ل : ساربان تنهن سڄڻ کي، جنهن جي آڪنڊ اجائي. (٤) ظ. (٥) ل.
[٢٩٤] کان [٣٠٠] ظ.

سورن جا، سانوڻ چئي، مونکي سيني اندر سل
مِلڻو هوئي تہ مِل، نہ تہ ساهہ ڏيندي سئين سِڪ ۾.

٢٩٦- ڪانگل قريبن جا، تو ڪل آندي ڪيئن
آئمي پهر آداس ۾، اکيون منهنجون اِيئن
ساريو تن سجڻن کي، روئان راتو ڏينهن
دانهون ڪريان درد مان، جيئن پکي ڪري پيهن
ٻاڀهو پاڻ ۾، جيئن چتون ڪري چيهن
هيئون منهنجو هولن ۾، جان وڃائين جيئن
سجڻ چڏي سانگ ويا، اٿم تانگهہ تيئن
آءٌ جهجان ويٺي جهوريءَ ۾، جيئن موتي وسي مينهن
ماڻهن ليکي موت، پر لڳو نڍيڻ جو نينهن
مران تہ موچاري ٿيان، لهن ڏولائي جا ڏينهن
منهنجا ڪم ڪريم تي، شرم رکندو شينهن
اوٺي تن عجيبن کي، چئجان سچ سريهن
سورن جا، سانوڻ چئي، ڪانَ هٿي وٺين ڪيئن
هوند نہ ٿيس هيئن، ڪل نہ لڏائون ڪڏهين.

٢٩٧- ڪانگل قريبن جا، توکي آندوئي آلڻ
پڇيو پکيئڙن کان، خبرون خير صلاح
ڪريو پوي قدمن تي، پايو پاند پلاءِ
سٽي مانَ سگهي ٿيان، آهي مون ڪئيءَ سان ڪربلا
پٽي وتان پؤنر جيئن، وٽيو ڳوٺ ڳلا
چٽي پيئي چاتيءَ جي، قوت سڀ ڪلا
قيريدار ڦٽا ڪيا، لاهي چير چلا
ڪونجن وانگي پٽي ڪٽڪي، ڏيو ولر لاءِ ولا
لائق تون لڄ رکجان، پاون پير پلا
اجهي تنهنجي آهيان، ڪجئين پيرو پرجهلا
سورن جي، سانوڻ چئي، حقيقت هلا
محي الدين ملا! آءٌ مٽ نہ آهيان محبوب جي.

٢٩٨- ڪانگل قريبن جا، ڪيانتا ڪٽي وچ خط
ويلو نہ وجهجانءِ وچ ۾، ڏجان سڄڻ ڪي ستت
تہ پڙهائي ڏسن پروانو، جانب منهنجا جت
سڄڻ ڪهڙي سانگ ويا، آءٌ روئان ويٺي رت
پرين رهيا پرديس ۾، آءٌ ڪنهن سان هلان حجت
واٽون ڏيو واجهائيان، آءٌ نيٺ ڪٿيو نت
ڪڍي رها قرب سان، منهنجي من سندي مت
آءٌ پلاؤ وجهئين ٽي پير جو، منهنجي زور نہ آهي زُريت
اهي سڏ سٽي، سانوڻ جا، تون پرور رکجان پت
دل سندي دقت، مِل تہ معاف ٿئي.

٢٩٩- ڪانگل قريبن جا، وڃي لمي ڪر لاتيون
تہ سڄڻ تنهنجي سڪ ۾، پيا روئن سڄيون راتيون
اهي ميخون محبت جون، مون پرين توسان پاتيون
هٽي ويو آهين هيٺين ۾، قرب سنديون ڪاتيون
دلڙيون دردوندن جون، آهن ڦاهيءَ ۾ ڦاٽيون
عجيب، ڪنهن سان اوريان، اهي بره سنديون باتيون
ڪٽيو نيٺ نهاريان، آٿم اکيون آساتيون
سورن ۾، سانوڻ چئي، ڇڄي ويون آهن ڇاتيون
اهي ننگ سنديون ناتيون، مڙهيون ڏينهن ميثاق جي.

٣٠٠- ڪانگل قريبن جي، خبر ٻڌاءِ خاص
آيا ڪي ايندا، پرين منهنجي پاس
اڏامي ويهہ اوڏڙو، آءٌ وٺان تنهنجو واس
محبن جي ملڻ جي، اٿم اندر ۾ اداس
ڪنپ ڪيانتا تنهنجا، جهڙو لالڻ جو لباس
"قدمدم عليهم ربهم" مونکي بوءِ وٺي ايءَ باس
سٽائي حقيقت حال جي، آءٌ رچي ٿيان راس
ڦاٽي من ڦارون ٿيو، نينهن ڪيس نراس
سٽي سڏ، سانوڻ جا، ڪامل ڪر ڪو قياس

جن لاءِ مري ٿي مياس، سي ئي سڄڻ ساريان.

٣٠١- ڪانگل چڻج قريب ڪي، تون گڏ ويهي گوڏي
پرزو ڏج پرينءَ ڪي، تون ڪنڙين مان ڪولي
عرض منهنجو الله لڳ، چهنب چورج چولي
بندو تو بندگيون ڪري، گوندر ۾ گولي
سڪ تنهنجي سوراخ ڪيا، تون ڦڙ ڏس ڦولي
جيڪي ٻاجهه مان ٻولي، سي اچي ڏج ڪيانتل خبرون.

٣٠٢- آندي عجيبن ڪان، تو ڪانگا ڪل ڪيهي
دلبر منهنجي دلڙي، تو رندن تي ريهي
دلبر منهنجي دلڙي، تون وڏي ڏس ويهي
دلبر منهنجي دلڙي، تو چرين سان چيهي
ڪڏهن ڏسنديين ڪانه ڪا، مٺي مون جيهي.
الله آڻيندين اگڻ اسان جي، پرين پرڏيهي
سور تني سان، سانوڻ چئي، وندهان هوند ويهي
مون وٽان ويهي، منهنجا لاڪيڻا لڏي ويا.

مورڙو

٣٠٣- مورڙو مڃ لاءِ، سورهيه سامهاڻو
ڪاهي پوندو ڪُن ۾، رَڃ ڪٽي راڻو
پوندو منهن مڃ جي، اڏيو مڃ بہ ماندڙاڻو
جگر جيرا وڍيندو. گهمائي گهاڻو
سورن ۾، سانوڻ چئي، ملاح مهاڻو
آيو سالڪ سيانو، مورڙو انهيءَ ميان تي.

٣٠٤- مورڙو آيو ميان تي، پڌي سو انجام
نڪي مارڻ مڃي، نڪي پاڻي منجهه پيام

[٣٠١] قاضي نورمحمد (تعلقو هالا). [٣٠٢] عبدالرزاق (تعلقو روهڙي).
[٣٠٣] ڪان [٣١٠] ظ.

نڪي مون جنگ جوڙي، نڪي منهنجو نام
مهاڻيون مياڻ جون، ٿيون طعنا ڏين تمام
مهاڻيون مياڻ جون، آهن حسن پريون هام
مهاڻيون مياڻ جون، ڪن صورت پريون سلام
مهاڻيون مياڻ جون، وجهن دوديريون دام
پائڙ منهنجا پڙ هئا، قابل سي ڏي قيام
ماريو اچن مڃي، مونکي ادا ڏين انعام
سوڙهيءَ ويل، سانوڻ چئي، آءٌ ويهان ڪيئن وريام
سيرهين سڏ ڪيام، ادا گهر نه آئيا.
٣٠٥- ادا گهر نه آئيا، مورڙا! مانجهي ٿيا مهمان
آيس پيغام پرين جو، پڌائين بات بيان
ويهڻ جنهن کي وهه ٿيو، ڪاج نه ڪائي خان
اوپائي ان سان، هئا ڪيا نسورا نقصان
آنا پڳا اوپائي، ڪونه ڪيائين ڏيان
ڏڻ واري ڏنو پئي، مٿان رب رحمان
سور مڃ ڪي، سانوڻ چئي، هئا قهري اندر ڪانَ
مڃ سندو مڪان، رهيو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.
٣٠٦- ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، آهي غازي گراگر
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، آهي جوڌو جناوَر
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، آهي مڃ وڏو مانگر
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، وڏي سان وگر
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، ڪري پيلائي پهڪر
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، گجري ٿو گينوَر
سجهي پيو، سانوڻ چئي، نالي نشانبر
سو واري ڪيئن وگر، جو واگون وڏو وات ۾.
٣٠٧- واگونءَ وڏا وات ۾، وڏي ڏگ به ڏمايو
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، ويٺو مڃ به مچايو
اوهين مهاڻا مياڻ جا، هلي سنيوڙو سنيايو

اوهين مهاڻا ميان جا، هلي رچ بہ رمايو
سپڙ سڏي چيو، اوهين پير ايڏانهن نہ پايو
ڪونڌر ويندا قوت ٿي، اڳيان آڻو مچ بہ مهمايو
سڄي عمر، سانوڻ چئي، متان وڃي پيڙهي پڻايو
پوءِ اشارو آيو، مچ جي مارڻ جو.

٣٠٨- مچ جي مارڻ جي، ويٺو ڳالهہ ڪٽي
ڏنائين دانهن دلوراءِ کي، اهو گهاءُ گهڙي
ڏينہ اوزار رڪ جا، چڏ ڪائي منجهہ ڪڙي
وڙهان وڃي واڳونءَ سان، متان چوٽ چڙهي
ڪانهي ننڊ نار کي، سيرهين پئي سڙي
ڪانهي ننڊ نار کي، ادا آيل ڙي
سورن ۾، سانوڻ چئي، منهنجو ساهہ سڙي
شل ڏي قادر پير ڪڙي، ماريان انهيءَ مچ کي.

٣٠٩- ماريان انهيءَ مچ کي، پر مچ بہ مهمايو
ڪونڌر ڪئين ڪُهي ڇڏيا، وڃي خان بہ ڪپايو
قادر جي قدرت جو، انت ڪنهن کي نہ آيو
عاشق عزازيل هو، جنهن کي تڪبر نڙايو
سورٺ سڙي مئي، جنهن کي آب اکين آيو
سورٺ هئي سورن ۾، جنهن کي تندن تپايو
ليلي ڏنا مجني کي، وهہ وڻا پايو
اچان گهوٽ پيو گهري، ڪاج سيئي ڪايو
سيل جهليو عمر سومري، جنهن هو پيڻ ڪري پانيو
سسئي سُتي سيج تي، جنهن کي جتن نہ جاڳايو
بوبنا جراڙ جو، لنڌو لڪئي لايو
بديعل بر ۾، هو سيفل کي روهہ رلايو
گندري چوڻ گناهہ ٿيو، جنهن کي جام چُمي چايو
حسن مير حسين جو، ٿيو سودو سجايو
حسن مير حسين کي، هو نانيي نپايو

ٿيو قضيو ڪربلا ۾، ويا پاڪر گهوٽ پايو
چريو ٿيو چنيسر، جنهن جهيڙو جاڳايو
سڙي مران، سانوڻ چئي، مون ڪونهي ڪمايو
جن رام ريجهايو، سي تري لنگهندا تار مان.

٣١٠- اوپائي جي اولاد کي، پيئي سيرهين سڏ ڪري
اوپائي جي اولاد لئي، پئي گهٽين منجهه گهري
پيس وڍ وڇوڙي جا، پيئي ماڳ مري
آءٌ به مارينڊس مڇ کي، ٻه ڏي پير ڀري
مارينڊس انهيءَ مڇ کي، ڪهڙي ريت ڪري
مارينڊس انهيءَ مڇ کي، وڏي دل ڪري
منهنجو ننگ نتگيءَ تي، من منهنجي پت ڀري
ڏيانس انبوري اوچتي، ڪلين منجهه ڪري
وڃي وڍيان ماس مرونءَ جو، مٿي رت تري
وجهي واجهه ڪڍن ۾، آيس ٻڌي ٻان ڪري
گهوڙيون گهوٽ گڏ ڪيون، ٻڌي قر پري
ڇڪي ويس ڇوهه مان، ڪڍي قيد ڪري
سورن ۾، سانوڻ چئي، ويا نالو نام ڌري
ڪلمون پاڪ پڙهي، جنهن ماريو وڃي مڇ کي.

سامونڊي

٣١١- سامونڊي سنيوڙا، جاوي وڃن جام
ٻيڙا ٻڌل ٻيٽ ۾، غورابن گڏام
سودي سٽيون سور جون، سفر سنيوڙام
هلن هارا سپرين، پرهه پنڌ پوندام
وري وڻجارن کي، آيل! دل آڪنڊيام

[٣١١] ظ ل، صالح محمد سمون (ڪراچي) ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو هالا).

پرين ٿي پرديس ويا، تن کي روئي رات رنڊيام
هول جي هنئين جا، ويهي ڇوهه ڇنڊيام
کامي من خاڪ ٿيو، ويا وڻجارا وٽام (١)
ويچارا وڻجارا ويا، ڇني سگهه سندام (٢)
ڏاڍا جي ڏکن جا، تن سان گهڻيا گهنڊيام (٢)
پکين ۽ پرديسين جا، ڪهڙا مڙهه مقام
سور پرهان سين، سانوڻ چئي، وهاڻيءَ وندياه
ائين چئي چڪام، تنه اسان اچڻ ايترو.
٣١٢- سامونڊي سنيهو وڙا، وڻجاران ويندان
مادر مڃيائون ڪينڪي، مون منٿ ڪئي مهندان
بتلجي بيهي رهيا، نه ڪري نادان
سودي سنيري هليا، شيد وجهي شيطان
سڃا سامونڊين ري، ملڪ مڙئي ميدان
پکين پرڏيهين جا، ڪهڙا مڙهه مڪان (٣)
جس تن جهونجهارن کي، شرف انهن جي شان
سودي سٿيون سور جون، مون وهايون وٽان
ڇڪي پيا ڇوهي ڀر، ٻيو وڻو مينهن مٽان
ٻيڙا ٻاون ويرجا، دهيا ڪنهن دُوفان
رسيو رفيقن کي، ات نند منجهان نقصان
آءٌ آسروندڙي آهيان، موتي اچن مان
وري تن وڻجارن لئي، آيلون آڪنڊيان (١)
جن سان نينهن نباهيون، سي پرين ياد پيان
مون نُنهن سين نپائيا، آءٌ پير ڪريو پُوچيان
ثابت سين، سانوڻ چئي، شل اچن ساڻ آمان (٤)
جيڪي جاوي ويا جوان، سي ڪيلهي ورن خير سان.

(١) ظ. (٢) ل. [٣١٢] کان [٣١٤] ظ، ل ۽ عبدالحڪيم ٻلي (تعلقو ڪپرو). (٣) ل. (٤) ظ: سامونڊين جا، سانوڻ چئي، مونکي آهن نٽيي هوندي ايشان.

٣١٣- سامونڊي سنيوڙا، ملين ڪاري ڪيرايون
رڪيم رفيقن جون، وٽي واڌايون
مٽ مون معذور ڪي، ڪو ڏس ڏيو ڏاهيون
هلڻ هارا سپرين، ڪن وڃڻ جون وايون
بلڪل بيهندا ڪينڪي، تن ڪي تل به ترسايون
بهران وبهي بيڙن جي، پهرا هلي پايون
سي مهندان ملاحن جي، آس ڪري آيون
ننگ وجهي نابود ڪري، ان ڪي لج وجهي لاهيون (١)
پر ڏسي ڏکوين ڪي، هنن ڪشتيون ڪٽي ڪاهيون
دنگ وجهي دور ٿيا ننگ نه نباهيئون (١)
آڏي ڏيئي اجهائي ويا، بندر تان باهيون
پرين پرئين پار ڏي، واڳون ورايون
وڃن ٿا وڻجارا، هوت ڪري هايون
ڪيم ڪاڃاين سان چيلي چڱايون
مڃڻ وارا مري ويا بيحد پلايون
رلي انهيءَ راهه تي، سوين ساڳايون (٢)
ساب وجهندو سانوڻ چئي، منهنجون قادر ڪمايون
جن جون جاوي منجهه جايون، سي ورڻ ڪان وڏا ٿياه

٣١٤- سامونڊي سنيوڙا، منهنجا ويراڳي ويا
نڪا باهه بندر تي، نڪي ڏسجن ڏيا
جاني جنهن جهاز ۾، سي پيڙائي پيا
ويري ڪنهن ولات جا، هي سامونڊي نه سيا (٣)
نه مٽ مون معذور جا، هي ٿياڪر ٿيا (٤)
آيل عجيبن ڪي، ڪي ڏڏي ڏينهن ٿيا
پينر پلي آهيان، ڏسي لوڏ ليا
جني ساڻ جيڏيون، مون ٽي ڪوڏ ڪيا

(١) ر. (٢) ل. (٣) ر. (٤) ظ: ماري وبا معذور ڪي، ٿيلي منجهه ٿياو

وڇوڙي ۾ وڻجارن جا، ڪڙڪي ڪانَ پيا (١)
ڪشتيءَ ڪارونيار جي، نهوڙي نيا
سورن جا، سانوڻ چئي، اچي پلٽا مون پيا (٢)
وڻان مون ويا، سوداگر سموندن جا.

٣١٥- سامونڊي سنيوڙا، گهڙيا گهوناگهون (٣)
ماريو تن ملاحن کي، ڪارو ڪري خُون
ڪُن ڪارونيار جا، جتي اونهان آونهه
جهجهي دهشت درياءَ ۾، اتي پڙلا پُون
وِهه انهيءَ جي وات ۾، ڪيا زهر زبون
سامونڊي، سانوڻ چئي، بيٺا منجهه باتون
حيف مونکي هونِ، اچان پئي جيان جن لئي (٤)

٣١٦- سامونڊي سنيوڙا، سي نڪري ٿيا نروار
منتون ڪير مهراڻ تي، ۾ بندر ڪنياٽون بار
ڪٽي سانياهو سڄٽين، ڪٽي سير اپار
ڪٽي سودو سونَ جو، ڪٽي ويا وڻجار
نڪا سڌ سامونڊين جي، نڪا خبرچار
ڪٽي نميا ناڪٽا، ڪئي اونڌي انڌوڪار
وريا ڪين وڻجارا، لهسيا ڪنهن لاڇار
ٻڌي تن ٻيٽن ۾، غوراب ٿيا غار
ٻيڙو منهنجو ٻاجهه سين، الله تون آڪار
مون سڄيءَ ڪي، سانوڻ چئي، نڙ مڙيئي تار (٥)
متان ڦٽي ٿئي ڦار، تان هلاڪي هرج پوي (٥).

٣١٧- سامونڊي سنيوڙا، ڪري آنر آور
چڙهيا چڱيءَ چال سان، گهوت ڪري گهُور

(١) ظ. (٢) ظ: ..... اچ چڪي چهڪ پيا. [٣١٥] ڪان [٣٢٠]
ظ ۽ ل. (٣) ل: گهاتو گهڙيا گهيڙ مان، جتي گهوناگهون. (٤)
ل: ..... جن لاءِ، جڳ ۾. (٥) ل.

سوڏي سڙهه سنيائيا، پريان پريا پور
هيڙا پري هاجهه جا، ڪٽي ٻار بهور (١)
سجڻ هجن سامهان، دشمن هجن دور
ڪاچي سنديءَ ڪنڊ تان، ڏائي هليا ڏور
ٻڌي ٻيڙياتي سان، دل ڪنهين دستور (٢)
هينيون تن هوتن لاءِ، منهنجو ڪامي ٿيو ڪوڙ
سڙي مران، سانوڻ چئي، مون سان ڪري وڃا ڪاور
ساموندين جا سور، مون پينگهي منجهه پرائيا.

٣١٨- ساموندي سنيوڙا، وجهي ڏيل ڏهي
هيڙا هاون ويرجا، چٽا منجهه، چهي
تکي سير سموندجي، ٻي ٽي ويرو وهي
نڪا سڌ سموندجي، نڪو ڪنگ ڪهي
ڪٽي بار بندر وڃا، نڪا باهه بهي
"اذا جاء اجلها" نٿو ساهه سهي
واريان وٽجارن کي، رکي سر گهي
سڙيءَ جو، سانوڻ چئي، نٿو روح رهي
ٻيو لوڪ ته لک لهي، پر جاني ناهه جهاز ۾.

٣١٩- ساموندي سنيوڙا، منهنجا ٻوڙيا ڪهڙيءَ ٻوڏ
آيل عجيبن جي، لک سجاڻان لوڏ
ڪڪيا ڪينجهر ڪنڊئين تڙن متي توڏ
منهنجي لڄ لاکي تي، آءٌ اگلي اوڏ
نڪا باهه بندر تي، نڪا ڪينجهر ڪوڏ
نڪي سڌ ساموندين جا، نڪا رڙ سجي روڏ
سورن مئيءَ سان، سانوڻ چئي، هاڻي ٻڌي هوڏ (٣)
ٻڌي گوندر گوڏ، ويندس پار پرين جي.

(١) ظ. (٢) ل. ظ: دلڙي دردوندن جي، اٽڪي ڪنهن دستور.
(٣) ل: مون سجيءَ جي، سانوڻ چئي، هلي نٿي هوڏ.

٣٢٠- سامونڊي سنيوڙا، ناتنگ هٽي نارو (١)
وڻجارن وڃڻ جو، وري ٿيو وارو
ڏاڍو مون ڏکيءَ سين، مادر ڪيئون مارو
آئٽي پهر اوڏانهين، آهيم اکين جو آرو
آئٽي پهر آداس ۾، آهيم من تي مونجهارو
مون سڄيءَ جو، سانوڻ چئي، وٺي ويا وڻجارو
پيو لوڪ آيو سارو، منهنجو جاني ناهه جهاز ۾.

٣٢١- سامونڊي سنيوڙا، وجهي ڏنگيون منجهه درياهه
وٺي سير سموند جي، هو رميا انهيءَ راهه
نڪو نيشان ناتارين جو، نڪا بندر مٿي باهه
ناکٽا ويا نڪري، نڪا سڏ سماءِ
وڻجارن کي وڃڻ جي، آهي ڪاهوڪاهه
تار انهي طوفان مان، آئينندن الله
عجيب اينندا اڳڻ تي، موٽي هت ملاح
تن سامونڊين تان، سانوڻ چئي، آءٌ صدقو ڪربان ساهه
اندر منهنجو ارواح، سڪي سامونڊين لئي.

٣٢٢- سامونڊي سنيوڙا، ڪيائون سفر جا سعيا
گوها چڪي غورواب جا، اٿن سڙهه به سنپايا
ڪٽي ننگر ناکٽا، هُني ونجهه به ورايا
ڪٽي بار بندر تان، اٿن آڏيءَ آنايا
ڏنگيون نيئي درياهه ۾، تن پڳهه پهرايا
اج نڪا تنوار تڙن تي، آءٌ پُٽي پٽڻ پچايا
وڻجارا ولايت ويا، منهنجي لالڻ ڏينهن لايا
جيجل جيءَ جلي ويو، منهنجا آيل ڪين آيا
ٽاڻا تن جا ٿري ويا، آهن دردن دود دکايا
پرين پرڏيهه ويا، مون جيڪي ننڍڙا نپايا

(١) ل: نر هٽي نارو. [٣٢١] ڪان [٣٢٩] ظ.

سور تني جا، سانوڻ چئي، مونکي سنجهي سمايا
آءٌ ويٺي واجهايان، واٽون تن وٽجارن جون.

٣٢٣- سامونڊي سنيوڙا، جاڙ پيا جوڙن
پيا وڍ وڇوڙي جا، ماريس ملاحن
ناهي ننڊ نيڻن کي، اٿم اوجاڳا اکين
اج سچا سامونڊين ري، ٿيا منهن ماڙيچن
پلؤ وڌم پير جا، ڪري پيس قدمن
منهنجي رنڊڻي ڪين رهيا، ساڙيس سامونڊين
هاڻي گس نهاريان غورابن جا، موٽي مان ملن
ڪٿي اچن خير سان، منهنجا وٽجارا وطن
"ڪل شيءٍ وَ اِليه ترجعون" انهيءَ تڙ ترن
اهي سڏ، سانوڻ چئي، وڃي آگي وٽ اگهامن
هي جيءُ جيارهو جن، سي سامونڊي سفر وياه.

٣٢٤- سامونڊي سنيوڙا، جنهي ڪيئن ڇڏيم
آيل عجيبن جو، پتو نکو پير
نکو سڏ سمونڊ ۾، نکا وائي ويم
نکا ڪوڪ ڪينجهر ۾، نکا غازين گير
نکو هڳاءُ حُسن جو، نکا ڇمڪي ڇير
نکا ٻولي ٻاڀهل، نکا جهڳاءُ جهير (١)
نکي چتوڻءَ چڻڪو، نکو ڀڻڪوئي پير
غورابن گم وڙا، شڏ وجهي شير
نکي نظر اچن ناکٽا، نکي اٽن پٽ مٽي پير
دانهون ڪندي دلبر لاءِ، مونکي مس مٽي هئي مير
ڪهڙي ڪبوتر ڪي، دانه لڳي ديم
سڄڻ ساريم ڪينکي، جي ماريا مرگهه مٽير
سورن جون، سانوڻ چئي، ڦڙيون ويئي ڦير (٢)

(١) ل. (٢) ڦڙيون ڦيرڻ = ڪير ولوڙڻ (تر).

هينڙي متي هير، اچي گوندر لايا گسڙا.

٣٢٥- سامونڊي سنيوڙا، آڏي ڪٽي اسباب
هليا سي هنگلاج ڏي، ڏيئي جنگ جواب
ڏسي سير سمونڊ جي، مون اکين وهايا آب
سامونڊين جي سور ۾، آءٌ ڪُسي ٿيس ڪباب
"فهو في عيشة الراضية" آهن برهه منهنجي باب
سوداگر سمونڊ وبا، غار وجهي غوراب
چورنگيون چٽن سان، رسيون ڪيائون رباب
مادر ماري هليا، ڪٽي دنگيون منجهه دولاب
ڪڏهن ايندا ڪُنن مان، ڏسان ڪوها منجهان خواب
ملاح جي مهراڻ جا، شل سؤدو پوين ساب
سامونڊين جا، سانوڻ چئي، اٿم اندر منجهه عذاب
من جيئي جا محراب، آءٌ نه جيئندي آن ري.

٣٢٦- سامونڊي سنيوڙا، ويا گهايل ڪي گهائي
مادر ماري هليا، سونڪي جيجل جلائي
ٻيڙا وجهي ٻار ۾، هليا لاڳاپا لاهي
وٽي سير سمونڊ جي، هليا آڏيءَ آنائي
ناتاريون ڪٽي ناڪٽا، هليا ڊونڊيون ڊوڙائي
ڪوها خوب خوشيءَ مان، ويا جنسون جوڙائي
وڻجارا ولايت ويا، سفر سنيائي
منزلون مهراڻ جون، ويا ٻانڊيون ٻرائي
جن جو سودو سمنڊ ۾، سي شل والي ورائي
موتي اچن مان گهرين، ته وجهان عطر ارتائي
اهي سوال، سانوڻ چئي، من آگو اگهائي!
بندر برسائي، ايندم ٻيڙيانا ٻاجهه سين.

٣٢٧- سامونڊي سنيوڙا، ڪيئون وڃن جي وائي
ٻيڙا وجهي ٻار ۾، رات ٿيا راهي
ڇا پڌ سامونڊين ري، آهي آيل اونداهي

سوداگر سمنڊ جا، ويا ڪري جيڙي جدائي
دنگيون نيائون درياهه ۾، مهراڻ موج لائي
مانَ اچن مان گهرين، ڪري سودو صفائي
ڪٿي اچن خير سان، ڪري ڪامل ڪمائي
سورن ۾، سانوڻ چئي، ويئي عمر اجائي
دردن دکائي، دلڙي مون دلگير جي.

٣٢٨- ساموندي سنيوڙا، ڪٿي مون اکهيءَ تان آهو
وڻجارن وڃڻ جو، ڪيو سانجهيءَ سانباهو
زاريون ڪيم زبان سين، پاتم ڪچيءَ ڪراهو
ناڪٿا نيٺ نه رهيا، ويا ٿيٺ پيچي ٿاهو
پينرا! انهن پيٽين تي، اڄ پڻ اونداهو
پٽيان پرديسين جي، ڪير ٿئي ڪاهو (١)
ڏنم ڏهاين لاءِ، ڪوئي راتاهو (٢)
سورن جو، سانوڻ چئي، اچي ڏنئون ڏيکاهو
هاڻي مولي ميڙائو، وري ٿيندو ورهين تي (٣).

٣٢٩- ساونڊي سنيوڙا، وٽي ڪنڊي ڪنارو
ڪٿي بار بندر تان، ويا ڪري مٿيءَ سان مارو
وڻجارا ولايت ويا، ڪري آتر ابارو
اڄ نڪا باهه بندر تي، آهي آبل انڌارو
جيجل جيءَ جلي وبو، ساموندين لاءِ سارو
آءٌ آسروندي آهيان، والي ڏينڌم وارو
پيڙا وجهي ويا آهن پار ۾، سي ڪيلي ايندم ڪارو
هينئون ڏيان هنڌ ڪري، اکيون اوتارو
سٽي سڏ، سانوڻ جا، ڪيم محي‌الدين موچارو
اچي وطن وڻجارو، سٽي مان سرهي ٿيان.

٣٣٠- ساونڊي سنيوڙا، هٽي نينهن نڙو

(١) ظ. (٢) ر. (٣) ظ: ..... قادر مٿيءَ سان ڪندو. [٣٣٠] ل.

اڄ پـــڻ عجيبن کـــي، ٿـيـم ڏسڻ ڏاکـڙو
ڪاهيائون ڪارونيار ڏي، وڏائـون پٽ پـڙهـو
سنبري هـلـيـا سودي تـــي، ڪوئي ڪانڌڙو
جي سدا مسافر سپرين، تن جي چئي ڪيم چڙهو
مات ڪريـو مانَ اچـــن، روئـــو ڪين رڙو!
هن سڄيءَ جو، سانوڻ چئي، ويا ڪري جيءَ جڙو
منهنجو هـو هڪڙو، سو بہ وڃارا وٺـــي ويا.

٣٣١- جتان گهيڙي گهل، اتان نـمـج نـاکـئـا!
مـتـان اچـئـي اوچـتـي، رکـــي آر آٽـل
تکي سير سوندڀ جـي، ڏئي آڏيءَ رات آچل
ڪشتيون ڪارونيار ۾، ٿـيـو ٿـيـــن ٿـــل
ماري تـن مـلاحـن جي، ٿو ڪارو لاهي کـــل
جـتـي هـونـگ، هـوڪا، رڳـــو هـلـو هل
سامـــونـــڊي سـمـونـــڊ ۾، ڪئـين ور ول
بـــابـــو تنهنجي بـــار ۾، آهـن ڪي آمُل
ساموندي سانوڻ چـئـي، وڃي مک پنهنجا مل
آتي پوندئي ڪل، جتي سودو آهي سون جو.

٣٣٢- جت ڪنڌي ناهي ڪشتين جي، آت پڌ ناکئا نوڙ
نوان اولا عاج جـــا، نـــوان ڪوها ڪوڙ (١)
نوان اولا عاج جـــا، نـــوان پٽ پـنـجـوڙ
سينگاري سنئين ڪري، تون مکي مڪري موڙ
گـوهـا جـــي غوراب جـــا، ڏڪ نڪي ڏـوڙ
تنهنجو قرب ڪشتيءَ سان، تون مُرڪي ميندا موڙ
ڪئين نَن تـــري ۾، ڪئـيـن قـــوٽ قوڙ
ساري رات، سانوڻ چـئـي، ڊونڊيون وجهن ڊوڙ
جتي ٿيندي سوڙهه سڪوڙ، اتي جو ڪو نہ ٿئي جهاز ڪي.

٣٣٣- آيـــا مـــور مـلاح، مـٿـي تـــڙ تـــلا

[٢٧١] ۽ [٣٣٢] ظ ۽ ل. (١) ظ [٣٣٣] ڪان [٣٣٦] ل.

پڳا پرجهلا، ڪوڙا ٺاهه، ٺلها
بيهاريائون بندر تي، ٺهڪائي ٺلا
هن سڄيءَ جي، سانوڻ چئي، ويندي بندر تي بلا
جتي الله هي الله، اتي واڻي وڻجارن جي.

٣٣٤- متان هلاڪي هرج پوي، غوراب ٽين گم
هلئين پنهنجي هوڏ تي، آڏي ڪري آم
تنهنجو سودو سون جو، تون گهڙي گهڙي پيو گهم
ماڻڪ تنهجي مال ۾، ٻيا رتا ڪي رم
تون هلين هيڪلو، جهاجهه ڪري جم
موتي جي مهراڻ جا، وڃي چارئي چم
تون وڻجارو ويهائو، توکي ميڙ معلم
سورن جو، سانوڻ چئي، تون سڪ ڪين سم
جتي دڙ ڏم، آتي ڪنڌي ناهي ڪشتين جي.

٣٣٥- لڏو لاٽائون بندر تي، ڪيائون آرو آر
اکيون انهين آسري، ٽيون روئن زاروزار
سامهان ڪانڙ سرير مان، اندران آروپار
سرتين ساهيڙين جي، مون تي مارومار
سدائين، سانوڻ چئي، تون ڪو سولو ڍارو ڍار
اڻن وارو وار، ته گڏجي گوندر لاهيان.

٣٣٦- سنجهي صلاحون ڪيائون، صبح ٻڌم سڙ
چڙيا چين بنگال ڏي، چوريائون ايءَ چڙ
اوڏا ٽيا الف ڪي، ڏڪي ويڙا ڏر
ڪاهي پيا ڪين ۾، جتي ڪڻي نه ڪڙ
ماڻڪن ۽ موتين جي، ڦولهي ڪيائون ڦڙ
سامونڊي، سانوڻ چئي، آيا لٽي لقاڙ
جيڪي گهرڻو هجئي سو گهڙ، مهندا ملندئي مان سان.

رامڪلي

٣٣٧- لاهوتي لڏي ويا، منهنجا جاني ويا جاتي
ويا نصيبئون نڪري، وريا نه ولاتي
عاشق ڏي اچ ڪان، ڪياٿون بنهه بلاتي
ڏکن ڏاري آهيان، تن جي سورن سجاتي
قاصد آيو ڪونه ڪو، خط ڪٽي خاطي
وڇوڙي جي وجود ۾، پاڪر مون پاتي (١)
جو ڳي ويا هن جڏيءَ کي، هٿي قرب جي ڪاتي (٢)
هٿي هٿي تن جي هجر ۾، ساڻيم مماتي (٣)
سگهي ورندم، سانوڻ چئي، جي هوندن حياتي
پوريءَ جا پاتي، خالق آڻيندن خير سان.

٣٣٨- لاهوتي لڏي ويا، منهنجا ڪاپڙي ويا ڪيئن
پرين وڃي پرديس ۾، ڏاڍا لايا ڏينهن
ورهه وکوڙي آهيان، حسن وڃايم هيئن
آڏي سند ملڻ جي، وٺا ميڙائي جا مينهن
ڪڏهن روح راڳن ۾، ڪڏهن آهيان ڪيئن
ڪڏهن من ماکوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن
سورن جو، سانوڻ چئي، مون تاحق اڙايو نينهن
پوءِ اوٺي ايندي ائين، تو ڪي ڪنهن پاڙيچي پڪو ڪيو.

٣٣٩- لاهوتي لڏي هليا، ڪنڊن منجهان ڪال
ڪن ڏوتا ڪپڙا، ڪن رڳيا پئي رومال
مڙهين ۾ ساتام ٿيو، مونکي سڪندي ٿيا سال
سامي سفر هليا، آءٌ جر وهايان جال

[٣٣٧] ظ، ل ۽ محمد عمر "معمور" بوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ). (١) ظ
(٢) ر: ساڻو وڻ وڍي ويا، جيئن قرب هٿي ڪاتي. (٣) ر. [٣٣٨
ظ ۽ ل. [٣٣٩] ظ ۽ صالح محمد سمون (ڪراچي).

آءڏڪي ڪنهن سان ڏوريان، ڪجهه اندر جي ڳالهه
سورن ۽، سانوڻ چئي، منهنجا هيٺا ٿيا آهن حال
لهي سڌ سنيال، ايندا ويراڳي وطن تي.

٣٤٠- لاهوتي لڏي ويا، خيما سڀ ڪٽي
بک وڏائون بگرئين، پينسي پنج ڪٽي
ڏاڳا ڏوپ واسيا، چتا پين چٽي
توڪل توشو جن جو، تن ڪان ناهي ڏار ڏٽي
لڳي ويئي لاهوتين کي، عشق جي آٽي
طالب ٿي تحقيق ۽، هنيائون گهٽ گهٽي
اها رمز رندن جي، ويئي واحد کي وٽي
سورن جي، سانوڻ چئي، مون ويئي ڳالهه ڪٽي
پورب ڪري پٽي، لاهوتي لڏي هليا.

٣٤١- لاهوتي لڏي هليا، چوٽائي چوڙي
ڏيو وراڪا ويڙهه ۽، هي ڏيل پيئي ڏوڙي
چوٽا وٽپو چاهه مان، جانب لاءِ جوڙي
مڙهين ۽ ساتام هو، پلي لالڻ پٽي لوڙي
تيل مکيو، تار ڪريو، پٽي ٻانهياري ٻوڙي
سنياسين جي سور ۽، وندر پيئي ووڙي
من اچي مڙهين ۽، پنهنجا خيما ٿي کوڙي
سينگار سپئي، سانوڻ چئي، راٽي پيئي روڙي
جو ڇڏيائين منهن موڙي، نظر اسان جي نينهن تان.

٣٤٢- لاهوتي لڏي هليا، ڪيائون وڃڻ جي وائي
پرين هليا پرديس ڏي، رات ٿيا راهي
مون ٻاڙو ڪونه ٻوليو، قرب نڪا جي ڪچائي
منهنجي پوري هئي پرين ڏي، ڪا صحبت سچائي
ساري عمر، سانوڻ چئي، هير آڪنڊ اجائي
پوءِ هر هر هلڪائي، وڃڻ در دوست جي.

[٣٤٠] ڪان [٣٤٥] ظ.

٣٤٣- لاهوتي لڏي هليا، سفر ويا سامي
ڏاڪا ڏوڙ پڪليا، خاڪ ٿيا ڪامي
هليا ويا هنگلاج ڏي، ٿيا مڙهين مدامي
پورب ڏيهه پرديسين جو، ٿيا ڪينجهر قيامي
سي ڪاپڙي ويا ڪابول ڏي، ٿيا آديسي آرامي
ملڪ مڙيئي معاف ٿيو، آديسين انعامي
جڙين جاءِ جبروت ۾، ٿيا عاشق آسامي
سوڙهيءَ ۾ سانوڻ چئي، هادي ٿيندن حامي
سي طالب تمامي، هاتڪ پنهنجي حق سان.

٣٤٤- لاهوتي لڏي هليا، محب ٻڌي مٿوڙا
ڪڍيا ڪونج ڪنن مان، ڪي جهمڻين جا جهوڙا
ڀڄي پوري ڇڏيا، ڪي چوڙيليءَ چٿوڙا
سي سنياسي، سانوڻ چئي، ٿيا قولن جا ڪوڙا
جي سنجهي سنيوڙا، سي لاهوتي لڏي هليا.

٣٤٥- لاهوتي لڏي هليا، منهنجا ويا ويراڳي
الڪي آديسين جي، آڻ آيل اوجاڳي
سرتيون، مون سک ڦٽايو، جوڳين لاءِ جاڳي
پرين پرديس ويا، آڻ ڏکن ڏهاڳي
آڳهي انگ لڪيا، تڏهن ٿيس نندڻ ۾ نياڳي
ڏيئي ويا ڏهاڳ جي، مون ولهيءَ کي واڳي
سورن منهنجي، سانوڻ چئي، آهي دل سڄي داڳي
ڪٿي بار بيراڳي، منهنجا لاهوتي لڏي ويا.

٣٤٦- لاهوتي لڏي ويا، ايندا ڪي آڳند
وڃڻ ويراڳين سان، پورب ٿيندو پند
ڏسيو پونگا پيٽيون، ويٺي آهيان آسروند
پاڳ مون پوريءَ جو، ڪو وقت هو بلند
سورن ۾، سانوڻ چئي، آهي خلقي تنهن خاوند
دوست دلپسند، سي لاهوتي لڏي ويا.

[٣٤٦] صالح محمد سمون (ڪراچي).

٣٤٧- سڌ بہ ساميڙن جي، مونکي ڪانہ پيئي (١)
ڪهڙي سانگ سناسي ويا، سيءُ منهنجا سيئي
نهاريم نينهن جا ٽڪاٽا ٽيئي
جيئري جوڳي ويڙا، مونکي ڏولائو ڏيئي
ڪري ويا ڪاپڙي، سير هي سپيئي
سگ جني سان، سانوڻ چئي، سا وِٽ مون ڪان ويئي
پاڙي جن پيئي، سي لاهوتي لڏي ويا.

٣٤٨- سامي سفر هليا، رسيا وڃي روم
"حافظ" جي حال جي، مولي کي معلوم
سنياسين جي، سانوڻ چئي ڪالهہ گڏي هئم قوم
نڏي هوندي نينهن لڳو، مومل هئي معصوم
دانهون ڪندي ڏوم، ويئي ويراڳين پنيان.

٣٤٩- چنگ وڳا چپ ٿي، ڪين سٽان ٿي ڪڙڪ
آيل آديسن جي، پولي ناهي پڙڪ
هو سنجهي ٿي سمهي رهيا، هام پٽلي هڙڪ
سي سنياسي، سانوڻ چئي، آهن عليءَ جي اڙڪ
ڇڏي ڦاهيون ۽ ڦڙڪ، هو آڏيندڙ اٿي ويا.

٣٥٠- نماڻيءَ کي نازل ٿيون، پورب اچي پٽيون
دوا منهنجي درد تي، لڳي ڪانہ لٽيون
سمهڻ نہ ڏيئن سرتيون، ڦوڙائي جون ڦٽيون
فقيراڻي فيض لاءِ، مون پيتيون وِهہ وٽيون
بيوسيءَ جون بند ٽيون، گهوڙا سپ گهٽيون!
محبوبن جي ملڻ لاءِ، جهاوا ڏنم جهٽيون
جوڳي ويا جَوءِ ڇڏي، سنجهي ڏنم سٽيون
"وصدق بالحسنا" مون ڪان ڇو مٽيون

[٣٤٧] ظ ۽ ل. (١) ل: سِٽ بہ ساميڙن جي مونکي پهرئين ڏينهن پيئي.
[٣٤٨] ۽ ل. [٣٤٩] ۽ [٣٥٠] ظ.

سي سنياسي، سانوڻ چئي، لٽي ويسر لٽيون
جن لاءِ ڪيف ڪٽيون، سي ڪرمين ملندا ڪاپڙي.

٣٥١- ڪرمين ملندا ڪاپڙي، آءٌ گهمان ٿيو گهوري
ڏيئي حام جدائيءَ جو، لائي ويا لوري
سوگهي آهيان سورن ۾، سونڪي جهوري ٿي جهوري
وينئي فالون پائيان، ٿيو چنئي ۽ چوري
ڪڏهن ملندا ڪاپڙي، هت ڏڪن آهيان ڏوري
روئان رڙان، جهڄان جهرَان، چاڪن آهيان چوري
سجڻ ڏاران، سانوڻ چئي، پٽان ٿيو پوري
غور ڪري غوري، ملندا سگها مون پرين.

٣٥٢- ملندا سگها مون پرين، واري وصل جو وارو
حبيبن جي هجر جو، آهي من اندر مارو
وچوڙي ۾ واجهو جهي، ٿيو قلب ڪڙهي ڪارو
ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، چلي نٿو جارو
گذري وقت غمن ۾، ساريندي سارو
ائين وهي آب اکين مان، جيئن گوني جو گهارو
سجڻ ڏاران، سانوڻ چئي، مونکي ٻارڻ ۽ ٻارو
ڪٽيون ۽ ڪارو، آهي اوک اندر ۾.

٣٥٣- آهي اوک اندر ۾، جهڄان ٿيو جهيٽي
وڏي ورونهه، وهلو رچڙهيا، هجر ڪيس هيٽي
اٽلي فوج فراق جي، ٻاري سا ٻيٽي
قسمت قيد قلم جي، ڪئي قابو ڪميٽي
سورن ماريس، سانوڻ چئي، آهيان وصل وهيٽي
رکي ڦٽن تي ڦيٽي، محب اچي ملم ڪندا.

٣٥٤- پهرين رات پلٽيا، مونکي سنياسين جا سور
ڪاپڙي ويا ڪابول ڏي، مڙهيو چڏي مور

[٣٥١] ڪان [٣٥٣] محمد عمر "معمور" يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ)
[٣٥٤] ظ.

پردیسي پرڏيهه ويا، ڏسڻ کان ٿيا ڏور
هليا سي هنگلاج ڏي، ماري ويا معذور
اگم منهنجي تان آديسي، درئون ٿيا دور
مون ويس سيئي ويران ڪيا، چوڙا ڪري چور
تن سنياسين جا سانوڻ چئي، پلٽيا اٿم پور
اهي ڪٽاريون قرب جون، هٿي ويا اندر منجهه انبور
گهايل ساريس گهور، آيل تن آديسن جي.

٣٥٥- لڳم لاهوتين جو، پيجهيءَ رات پاڻ
وتان ويراگين لئي، هئي هئي ڪندي هاڻ
آديسي اندر جا وڍي ويا واڻ
ڏيئي ويا، ڏکن جا، مسافر پري ماڻ
جيجل جيءَ جلي ويو، آءُ ڪامي ٿيس ڪاڻ
جن سان سگ اٿم، سانوڻ چئي، الله سي مون وٽ آڻ(١)
جن سان روح رهاڻ، سي آديسي اٿي ويا.

٣٥٦- ٿيءَ رات نه ٿڪيا، هليا گودڙيا گرنار
هليا ويا هنگلاج ڏي، واسي پنهنجا وار
چتا چوڙي چڏيائون، سگا سهيليون سي سينگار
مڙهيون، مالها، مرليون، نڪا تند تنبوريءَ تار
صبر پڏائون سندرو، ڪنبي پر قهار
تن سنياسين لاءِ، سانوڻ چئي، سون نيٽين وهايا نار
ڪري گودڙيا گرنتار، سي لاهوتي لڏي ويا.

٣٥٧- چوٿين رات چلي ويا، هٿي تنبن کي تان
ناسور ڪري نڪتا، ڪاپڙين جا ڪان
مرلين ڪين ميٽيا، نفيلين جا نيشان
هليا ويا هنگلاج ڏي، سامي ڪٽي سامان
پورب پنڌ پڙيا، رضا وٺي رحمان

٣٥٥] ظ ۽ ل. (١) ل: سناسي سانوڻ چئي، الله مون وٽ آڻ.
٣٥٦] ڪان [٣٥٩] ظ.

ڪٽ ڪاپڙي، ڪٽ ڪابول، ڪٽ ماڳوتي مڪان
سورن ۾، سانوڻ چئي، آءٌ راتو ڏينهان روئان
من جنيين لاءِ سستان، سي لاهوتي لڏي ويا.

٣٥٨- پنجينءَ رات پُوري هليا، جو ڪيئڙا جايون
ڪٽي سڳيون سهيلهون، ڪيائون وڃڻ جون وايون
لُنگ ڪڍي لال ٿيا، ڪابول ڏي ڪاهيئون
ڏياريون آيون، ڪين ڏسجن، بيراڳين جون باهيون
چتا چوڙي، جاما جوڙي، نانڪ سِر نمايئون
گود ڙيا ويا گرنار ڏي، وڃي رام ريجهايئون
تن سنياسين جون، سانوڻ چئي، قبول پون ڪمايون
وصل واڌايون، موڻي اچن مان گهريون.

٣٥٩- ڇهين رات چتن ڪي، ڏنو ويراڳين واس
پورب ويا پرديسي، ڪونہ ڪيائون قياس
جوڳي ويا جُوءِ ڇڏي، مونکي بوءِ اچي نہ باس
رهجي ويئي روح ۾، آديسين جي آس
گيڙو رڳيائون گود ڙيون، ريٽا ڪيائون راس
ڏسيو آسڻ آديسين جا، ڳٽين ۾ ڳريا س
سورن لاءِ، سانوڻ چئي، جيجل آءٌ جياس
آءٌ ادب ۾ آپياس، آيل آديسين لئي.

٣٦٠- ستين ڏينهن صبوح جو، ڪڍي سج ڪني
سناسين جي سور ۾، آءٌ راتو ڏينهن رُني
آيو اجل اوچتو، ڪٽي سِرڪ سنهي (١)
روئين جي رڙين، بندا تنهنجي باب بني
مرڻ نہ آهي مهڻو، جيئن گهري پج ٻني
سورن ۾، سانوڻ چئي، آءٌ ننڍي ٽي نپني
ساجن سڳ چني، منهنجا هوت لڏي ويا.

٣٦١- انينءَ اوتارا، ڏنم خالي ڪاهوڙين جا

[٣٦٠] ظ ۽ ل. (١) ل: آيو موت مٿي تي... الخ. [٣٦١] ڪان [٣٧٣] ظ

جوڳي پسان نہ جوءَ ۾، هو ويا ويچارا
آديسين جا اندر ۾، آهن مون ٻانهي ڪي ٻارا
اهي ڪنهن ڪي سور سٽايان، نيڻ وهن نارا
سي ڪٽو سرتيون! مون بيڪس جا ٻارا
هينئون ڏيان هنڌ ڪري، اڪيون اوتارا
سي سنياسي سانوڻ چئي، ٿيا مون مٿيءَ جا مارا
جي هئم جيءَ جا جيارا، سي هليا ويا هنگلاج ڏي.

٣٦٢- نائين رات نهاريا، مون گودڙين جا گس
نڪي قنديل ٻرن ڪاپڙين جا، منهنجو هينئون ڪري هنبس
هليا ويا هنگلاج ڏي، هو لڏا ڪٽي لس
بار ڪٽي ويا بيراڳي، ڏنئون ڪونہ ڏس
جوڳين جيءَ جلايو، ناهي مون ولهي جو وس
ميٽيان ڪين من تان، ڪاپڙين جا ڪس
هن سڄيءَ ڪي، سانوڻ چئي، سور ڏنائون سرس
توڙ ڪنان ٿي ترس، سنياسي ڪين سڪيا.

٣٦٣- ڏهينءَ رات ڏڪ لڳو، آديسين جو اچي
ڪڏهن ڪيم ڪانہ ڪا، ڪاپڙين سان ڪچي
سناسين جي سور ۾، آءٌ پختي ٿيس پچي
هڏ وڍي هيٺا ڪيا، آءٌ بيراڳن لاءِ بچي
محبت رکي من ۾، ڪئي ساڏن ڳالهہ مچي
لاهوتي لامڪان ۾، ويا رمز منجهہ رچي
سنياسين لاءِ سانوڻ چئي، آءٌ آهيان نينهن نچي
انهيءَ ناڳ مچي، هو هليا ويا هنگلاج ڏي.

٣٦٤- ڪارهين رات ڪاپڙي، هٿي ويا قرب جا ڪير
ڏسي آسڻ آديسين جا، مون نيٽين وهايا نير
جوڳي جيءَ جلائي ويا، تڪي هنيائون تير
پورب ويا پرڏيهي، مونکي رهي اندر منجهہ آڪير
ڪنهن سان ڪري ڪاپڙين جا، هيءَ نماڻي نظير

آديسين جي آداس ۾، آءُ پوچان ويٺي پير
تيرٿ ڪيائون تڪيو، سچ مٺي ٿي سير
سورن جا، سانوڻ چئي، مونکي زلف وڏائون زنجير
دل ٿيم دلگير، سناسين جي سڪ ۾.

٣٦٥- سٺان ڪين سناسين جي، ٻارهين رات ٻولي
هليا ويا هنگلاج ڏي، ٿولاڪن آءُ ٿولي
رهجي ويم روح ۾، لاهوتين جي لولي
سناسين جي سور جي، خبر مون نه ڪولي
ڪڏهن ايندم ڪاپڙي، هي گس نهاري گولي
جڏهن ڏک ورهايا ڏيهه ۾، تڏهن مون جهلي
هتي جهولي
ٻين کي دڪا ساسا درد جا، مونکي ملي ڏکن
جي ڏولي
سڄي عمر، سانوڻ چئي، آءُ رمز انهيءَ رولي
هي پرهم پتولي، هو سنجهي سڄ ڪري ويا.

٣٦٦- تيرهين رات تن ۾، مونکي دود اچي ڏکيا
ڏيئي باهم بوهم جي، چاڙهي ويم چڪيا
پيوت ٿي ٻيراڳي، سٺا تن مڪيا
ولهيءَ کي وڇوڙي جا، آيا ڏينهن ڏکيا
ڏاڪا ڏوئي ڏڙڪيون، راول تن رکيا
"عظيم يوم يقوم الناس لرب العلمين" بابو ڪن بڪيا
اهي انگ ازل کان، هئا لاهوتين کي لکيا
سورن جا سانوڻ، چئي، اهي سبق مون سکيا
آيلي مون آ ڪيا، سي لاهوتي لسڏي ويا.

٣٦٧- چوڏهين رات چڪي ٻيا، مونکي فراقي ڦٽ
جوڳي ويا جوءَ چڏي، لهس اڏامي لٽ
آهن خالي ڪاهوڙين ري، پڙيون سپٽي پٽ
ويس مٽائي واسيا، جهالون جهوڙا جهٽ

ڪَن پَٽ، ڪاپڙي، ڪَنوٽيا، ٿيا پيوتي پَٽ
مون جهليا، ڪين پليا، مونکي گهاءُ ڏنائون گهٽ
سناسين جي سور ۾، آءٌ چڪي ٿيس چٽ
گنگا نميا گودڙيا، مهر هٽي مٽ
”وصدّق بالحسنيٰ“ اهي ناز ڪيائون نٽ
سي ڪڏهن ايندا ڪاپڙي، ڏول منهنجي ڏٽ
سورن جي، سانوڻ چئي، سڄي عمر پڙهنديس سٽ
ڪچيءَ پائي ڪٽ، پيئي ليلهايان لاهوتين لئي.

٣٦٨- وجهي پيچ پنڌرهين، جوڳي چڏي ويا جاءِ
هٽي ڪير قرب جا، ويا لئون مونکي لائي
ڏيئي ڦوڪ فراق جي، ويا جيءَ کي جلائي
وجهي وڍ وڇوڙي جا، هليا دود دکائي
گهوڙا تن گهوٽن لئي، هنبس ڪريان هاءِ
ساز ڪٽي سرندڙا، هليا واجٽ وڄائي
بر جهاڳي بيراڳي، هليا پورب پڇائي
اگر اچن آديسي، واڳ وطن تي ورائي
اهي سوال، سانوڻ چئي، منهنجا آگو اگهائي
محبت ساڻ ملائي، جوڳي مون جڏيءَ کي.

٣٦٩- سورهينءَ مون سڏ ڪيا، آيو ڪونہ لاهوتين مان لڙي
جيجل تن جوڳين ساڻ، منهنجي دل اڙي
ڪاپڙي چڏي ڪابول ويا، آءٌ روئان رت رڙي
هٿي نيلون نينهن جون، ويا چوٽ چڙهي
جوڳين جي جدائيءَ ۾، آءٌ گهاريان ڪيئن گهڙي
ڪاهوڙين لاءِ خاڪ ٿيس، سورن منجهہ سڙي
سورن جا، سانوڻ چئي، اهي پنا ڏس پڙهي
جن سان جيءَ جڙي، سي لاهوتي لڏي ويا.

٣٧٠- سترهين ساريم سناسي، سي ارڙهين ڪين آيا
آوٿهين رات اُلڪي ۾، وريهين ورهہ وسايا

جوڳين جي جدائيءَ ۾، مون روئي پٽ پسايا
جٽيا پائي جان تي، لاهوتين لنگ لڳايا
وٺي گس گنگا جو، ڪياڻون سنان جا سعيا
تنبا ڪٽي طلب جا، ويراڳين وڃايا
بک وجهي بگرئين، لاهوتين ڏينهن لايا
سورن جا، سانوڻ چئي، مون پيچ تنين سين پايا
لڪئي لوڙايا، انگ تن آديسين جا.
ايڪيهين رات آديسين، مون سان ٻاويهن ٻڌا ٻول
تيويهين مون ڪان ٽٽي ويا، چوويهن چڙهي چوڏول
گيڙو سندن گودڙون، ريتا ڪياڻون رتول
بيک وڏائون بگرئين، جوڳين ٻڌا جهول
پنن ڪين پنجڪٽي، مست ڪيا مخول
”اِن الله غفور الرحيم“ آهو اجهو سندن اول
ماري تن مسڪينن کي، تون راول ڪيم رول
سورن جا، سانوڻ چئي، ڦٽ اندر جا نه ڦول
تون ڍت ڏٽي آهين ڍول، آءٌ بيراڳڻ بڇڙي.
پنجويهين پرديس ۾، مونکي چويهين چڏي ويا ڇو
ويراڳين جي وڃڻ جو، مون ستاويهين ڪين سئو
اٺاويهين ڪين آئيا، مون ڪيو ڪهڙو ڏوه
اوڻتيهين اداس ۾، تون ويٺي سڄو ڏينهن رو
گنگا مٽي هليا گودڙيا، تون ٿي جوڳن سندي ڏوه
نه لهر لڳئي لولاڪ جي، دل تان لهئي دوکو
سورن ۾، سانوڻ چئي، گاروڙي ڪٽي ويندئي گوه
اها طلب ڪئي نه تو، تڏهن لاهوتي لڏي ويا.
تيهين رات تمڪي، اچي بيراڳين جي باهه.
آديسين جي اوسيڙي ۾، ٻُنو پورو ساهه
آيا منهنجي اڳڻ تي، سي راول وٺي راهه
عجيب آيا عيدون ٿيون، سرهو ٿيم ساهه

"إن الله علي کل شيءٍ قدير" اها وسيلي جي واهه
سڪ جني جي، سانوڻ چئي، سي آندم پرين الله
گهايس جني جي گهاءُ، سي پرين پاڪ ميلياءُ

سارنگ

٣٧٤- ڏينهن تتو جهڙ پائيان، تتو ڏينهن آسمان
سارنگ سٽاڻون ڪيون، تيو آت کي ايمان
آت سندي آسري، چتو جڳ جهان
ڪنوڻ ڏسي خوش ٿيا، لتو غير گمان
گڙي گجي آئيو، جنهن جي ڪل پوي ٿي ڪانه
ڪڪر ڪارونيار جا، نڪري ٿيا نيشان
وسيو ولهارن تان، اچيو ملڪ پرين ميدان
برڪت بهاؤالدين جي، ٿيا گاهن جا گهمسان
ساروُ ڏڻ ڏاروُ، ڪن گاءُ متي گذران
جوبون جيسلمير جون، وڏي ديڏ ڏهان
وچينءَ جو ويس ڪريو، ڪن شهر اگيان شيلان
سانگي منهنجا سنمک سهڻا، وٺا مينهن مٽان
اڄ سڪان ٿي، سانوڻ چئي، وريو ڪونه وٺان
هيءَ ڪا مور منجهان، قضا آندي ڪوٽ پرء

ڪارايل

٣٧٥- اچي ڪي لڙ ڪيو، ڪنڪن ڪلالي
زرن زور هاريو، رهيا بڳا پلالي
ٿر ۾ پکي هڪڙو، رهيو هنجهه هلالي

---

[٣٧٤] ل، عبدالرزاق (تعلقو روهڙي) ۽ قاضي نورمحمد (تعلقو هالا).
[٣٧٥] ۽ [٣٧٦] قاضي نورمحمد (تعلقو هالا).

ماري ميرا ڪپڙا، آهيس هٿ ۾ دنالي
ڪونج رهندي ڪينڪي، مارينڊو ملهالي
سوڙهيءَ ۾، سانوڻ چئي، واهر ٿيندو والي
ڪڏون ٿينديون خالي، هنجهه نہ رهندو هڪڙو.

٣٧٦- وچ آڏامي هنجهڙا، هٿ چنون ٻريون ڇڇ
ماڻڪ ۽ موتين جي، آڏي آهي اڇ
پاڙهيري پهه ڪريو، ٿا ريبيو هڻن رڇ
ڦاسايو ڦاهين ۾، ٿا پاپي ڪن پڇ
ڪرت جن جي ڪُهڻ جي، ڪاني اٿن ڪڇ
ساهه پٽيان، سانوڻ چئي، آهي بادشاهي بڇ
ماريو ماريو مڇ، ٻيريو هڻس پن ۾.

متفرقه

٣٧٧- خود پنهنجي خدا سان، مون ڳجهو ڳالهايو
داتا جي درگاهه سان، اهو آواز آيو
"وحده لاشريڪ له" ائين فائق فرمايو
ڇو توبه ڪريو تسبيحون پڙهين، تون عاشق اجايو
ڇو توبه ڪريو تسبيحون پڙهين، مون ڇيو نڪي ڇايو
"اعوذ بالله من شيطان الرجيم" تو بيڪ ۾ بنايو
"بسم الله الرحمٰن الرحيم" تون آهين سگهه ۾ سوايو
"الحمد لله رب العالمين" تو ڪي آهي مولهي مرڪايو
"اهدنا الصراط المستقيم" تو ڪي پاڻ ڏئي پهرايو
قادر جي قدرت سان، ٿيو سانگ ۾ سجايو
سير پنهنجو، سانوڻ چئي، تو ڪُهي ڪمايو
تو ڪي هاڻي هلايو، هادي پنهنجي حڪم سان.

[٣٧٧] ظ، ل ۽ ٻجو ڪور (تعلقو حيدرآباد).

٣٧٨- آلله جي عاشقن سان، جو واڳيو ڏيئين وات
خبر تنهنجي خواب جي، مونکي ڪُل ڪلات
تيرنهن رتيون تو ڪنا، آهيان عقل ۾ آفات
نکو ڪُن فيڪون هو، نکا توڏي سندي تات
نکو ڏينهن ڏسڻ ۾، نکا رانول رات
نکو گهات گهڙيو هو، نکا رڪ روات
نکو آپ زمين هو، نکا ٻني هئي بات
نکو لوح قلم هو، نکا لبيڪاڻي لات
"التحيات لله و صلوات و طيبات"
مُلڪن کان مهند هئي، ڪا بابو تنهنجي بات
نڏهن قابل تنهنجي ڪچ ۾، هئس سچڻ ان ساعات
تو کي سچاڻان تو، سانوڻ چئي، تون وڏو آهين وچات
جو پرهه ڦٽيءَ پريات، لڳئي لئون لحاظ سان.
٣٧٩- خود پنهنجي خدا سين، آءٌ رات به ٿيئن روءِ
ڪوجها ڍڪيم ڪپڙا، ٻيو سيل بنايم سوءِ
اسان عاشقن جو، آهي هنڌ مڪان هوءِ
سچي سڪ، سانوڻ چئي، آءٌ سچو طالب اوءِ
الله جل جلاله، رڪندو پاڪ پناهه ۾.
٣٨٠- الف اکر هڪڙو، ٻو ڪُل ڀانيان ڪوڙ
نکو استاد علم جو، نکا سبق سوڙ
مُلان! تو مڻ مڻ ڪرين، مڻون ڦوڪيو مُوڙ
سورن جون، سانوڻ چئي، آهن آيتون اروڙ
پڙهي تو نه، پروڙيو، مُٺين ڙي مغرور
"وحده لاشريڪ له" پنڌ اهوئي پروڙ
نه ته ڏئي وجهندو ڏوڙ، ملان تنهنجي منهن ۾.
٣٨١- اچوڪن عابدن عارفن مان، ٽيس الف اگهاڙو
جتي اميد ۽ آسرو، اتي لڙي ڪيم لاڙو

[٣٧٨] کان [٣٨٢] ظ ۽ ل.

شريعت ۽ طريقت سين، مونکي سرس لڳو ساڙو
معرفت ۽ حقيقت ۾، مون سان ٻول م ٻاڙو
آءُ صوفي، سانوڻ چئي، مون وٽ خرچ نہ ڪاپاڙو
بي پيتو، بي پساڙو، ڪيدو ڳولاڙو
سن جي مرادن ري ڪريان ڪچاڙو
حد لنگهي لاحد ۾، ڏسي ڏن هنيم ڏاڙو
ڪاهي قطاري ڪلمي سين، ڪيم سات سماهڙو
جتي ترندو تراڙو، آني پوندي سڏ سچائي جي.

٣٨٢- ماريس مسئلي محبت جي، جان ڪيئن مصاب (١)
شرع ۽ شريعت سان، وريو ڪين وٽاب
پريان مونکي پاڙهيو آهي برهه سندو باب
ساڻهن ليکي مهڻو، آهي، ڪفر جو ڪتاب
علم ۽ عقل کان، آهيس عشق عجاب
لڳيس نہ لعل ڪريس، نہ نہ وڃائيس عزت و آب
مون سڄيءَ نان، سانوڻ چئي، لٿا حرف حساب
ڪاڻ نہ ڪيان ڪابہ، ملان! اوهان جي مسئلن جي.

٣٨٣- خود پنهنجي خدا سان، آءُ حاصل ٿيس هاڻ
دوزخ ۽ بهشت جي، مونکي ڪانهي ڪاڻ
حسن مير حسين جا، مون آهن ڏٺا آهجاڻ
مي سڪ پسي، سانوڻ چئي، ڪندا بورائي پاڻ
تن مٿن ساڻهن سان، مون ريجهي رهائيون ڪيون.

٣٨٤- نڪو علم، نڪو عقل، نڪا اکر سنديءَ اوٽ
اولانپي عشق جي، چاڙهي آهيان چوٽ
هنيمون وريو حق ڏي، من ڪائي سوٽ
امر سان الله جي، ڪين جهلينڌا ڪوٽ

(١) مصاب = مصحف، قرآن شريف. [٣٨٣] ۽ [٣٨٤] ل ۽ بچو ڪور (تعلقو حيدرآباد).

حسن مير حسين کي، مون روئي ڪئي رٻوٽ
سرهي ڪندو، سانوڻ چئي، ملو محمد گهوٽ
جارين جا ڀاموٽ، ملئي سڀ ملهايا.

٣٨٥- پلي آئين پاءِ، تون قاصد آئين ڪيئن
مون پانيو سري وئين، تو ڏاڍا لايا ڏينهن
آئي مند ملڻ جي، سڀان وٺا سينهن
ڪڏهن روح راڳن ۾، ڪڏهن آهي ڪيئن
ڪڏهن من ماکوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن
ڪڏهن ڦريو فقير ٿئين، ڪڏهن جوڳين جئين
سورن جو، سانوڻ چئي، تو ناحق اڙايو نينهن
سرتيون سارو ڏينهن، هينئون هڏ نه هيڪڙي.

٣٨٦- پلي آئين پاءِ، سنهنجي ماڳ مڙهي
قاعدا، قربان ٿيان، ويهه چشمن تي چڙهي
لک پَلايون تنهنجون، جو لائق آئين لڙي
ويهه نه ڪريون ڳالهڙيون، دوستن دم گهڙي
هن جڏي جان وڃائي، انهي رهلي لاءِ رڙي
لڳم نالو نينهن جو، ڇڇي ٿيس ڇڙي
ڏينديس ساه، سانوڻ چئي، سائيهه :منجهه سڙي
ويو انگ اڙي، ڪو پرديسي پرين سان.

٣٨٧- ڪئين تان گل گذاري ويا پرو ڪيئون پر
سوين هئا سومرا، ڪاڪ مٿي ڪر
سٽ پٽيرو، سانوڻ چئي، نالي هو ننگر
پٽ هڪڙي پيءُ جا، ڀيو پاءُ پونگر
آٿيو ڏي ادل کي، پاءُ پريو پونگر
پيڙيو پنهنجي پر ۾، ٿي گنوايا گجر
دودي جي دربار ۾، ڪانه پئي ٿي ڪر
ڪئين ويرمل وزير هئا، ڪئين ڪاتب ڪويسر
ڦري انهن ڦيرين تي، ويا سوين سڪندر

جني پڏايو ٻاڻ ڪي، ويا تنت ڇڏي تونگر
آين اجل اوچتو، پڄن ڪهڙيءَ پر
ماري موت فنا ڪيا، ويا ڪپي خاڪ اندر
رهندو منهنجي رب جو، وڃي نالو نشانهر
بادشاهي الله جي، بنرا ايندئي بر
هرڪو ايندو، حافظ چئي، ڇڏي ماڙيون مسافر
سوين تنهنجي سانهر، لاڪيٽا لڏي ويا.

٣٨٨- تون امن، تون سمن، تون آهين مرد ميثاقي
تنهنجي موج مجاز مان، زهر پيتم ذاتي
تنهنجي موج مجاز مان، بحر ڇڏيم باقي
اهو نقطو نيل نهر جو آهي عميق عراقي
جن پيتو سي پر ٿيا، آهن فائق فراقي
لاهوتين کي لامڪان تي، لڳي لهر لولاڪي
"موتوا قبل انت موتوا" اها منزل مشتاقي
ذاتي صفاتي گڏيا ذوق مان، اتي هينئون ٿيم هشناڪي
سدائين، سانوڻ چئي، آءٌ آهيان خطادار خاڪي
پوءِ اڳڻ اوطاقي، ٿيون گڏ پريان جي گام ۾.

٣٨٩- منهنجي جان جسم ڪي، لڳو چاپندي چيرو
الست ارواحن کان، اچي فيض پڌو ڦيرو
ارڙهن راتيون ان کان، ٿيم جوش به جهجهيرو
سو وڃي ويٺم وجود ۾، دڪائي ديرو
ماڻهن ليکي ماڻهو، پر هو لعل اڏيرو
شريعت، طريقت، معرفت کان، مٿي ويس مهنديرو
لنگهي سون لاهوت ۾، وڃي ڏور اڏيو ڏيرو
اتي نڪي عاشق، نڪي عابد، نڪي عارف، جن جو
پڳ ڏسان پيرو

[٣٨٨] ۽ [٣٨٩] ظ.

مون صوفيءَ تان، سانوڻ چئي: پيچ مَ پيرو
اهو پنهنجو نبيرو، ميثاق کان مهند هو.

٣٩٠- ڪلر مان ٿئي ڪينڪي، توڙي جال وهائين جر
ڪينو اشراف نہ ٿئي، توڙي دوست سندو دلبر
پرايو پنهنجو نہ ٿئي، توڙي لٽي ڪارائينس گهر
ڪانهن ڪمند نہ ٿئي، توڙي ڳٽلين چاڙهي گهر
آڪ آمو نہ ٿئي، توڙي ڦٽي جهلي ڦر
ٿوهہ گدرو نہ ٿئي، توڙي ڳاڙهي ڪري گهر
نانگ نازو نہ ٿئي، ٻڪر وَهي نہ هر
مرون پلجي مينهن تي، تہ بہ ساڳي ذات سوئر
شيدي گورو نہ ٿئي، توڙي مهٽي لاهجيس مر
تن سورن جو، سانوڻ چئي، مونکي پئي آ پوءِ خبر
اها خان خبر، وڃي ڏج نياپو "نوناري" ڪي.

٣٩١- عجب رنگ الله جا، ٿا ڏهاڙي ڏسجن
دونهان منهنجيءَ دل تي، دکايا بہ دوستن
سيسي جڳما سلطان جي، ڏِکي ڏنارن
پاڙهيس وڏيءَ پرت مان، هي اکر استادن
سڏن ڪري سير جون، جتي واهڙئي وهن
لاهي وڏو ليلان کي، تخت تان لڇن
اهو سور، سانوڻ چئي، مونکي ورهين نہ وسرن
پوءِ تپائي تارُن، پيجل جي پيءَ رات جو.

٣٩٢- هٿ ڪٽيو هڪلون ڪريان، من سٽي ربّ ستار
برهمڻ چڏي ويا بر ۾، جنهن ۾ ڏنائون عيب آبار
ڪونڙ ڪچهريون ٿي ڪيون، ٻوبنا ساڻ جرار
سک سورٺ جو ڦٽو، پڌي تندن جي تنوار
مير سوالي منگتو، پيجل ڪئي پاڪار

[٣٩٠] محمد عالم "شور" خانپوري (تعلقو آباوڙو) ۽ احمد خان "آصف" (تعلقو ڪڪڙ). [٣٩١] عبدالحڪيم پلي (تعلقو ڪپرو). [٣٩٢] ظ.

راجا اني راضي ٿيو، ترت ٿيوئي تيار
لک گهوڙا لشڪر هو، مٿي شوق شڪار
پرزا ڪري پسوءَ کي، وڃي پهتو دارمدار
جمجما سلطان کان، ورتائين سڀ وهنوار
سرنگهه هٽايائين سر کي، منجهان نڪ نروار
ڏڙ ڇڏئين ڏوڙ ۾، اچلي ٻاهر ڪپار
مٿي جنهن جي مال جي، ٿي ڪرن جي ڪرڪار
سهڻي گهڙي هئي سير ۾، جا لڙهي ٿي لهوار
نڪو سڳ ساهڙ سان، نڪو اعتبار
راڻي ڀڳا سومل جا، ڪئين وٽ وهچار
سٿي هئي سومل سان، ٿي غافل گنهگار
مينڌرا ڪٽي معافي ڏي، منهنجا نيڻ وهن ٿا نار
ليلان مٿيو دامڙو، هرڪي پانائين هار
چي: لڏي وڃ لهور مان، اها ڪچي تنهنجي ڪار
آءٌ آهيان ڪانڌا! ڪميڻي، سونڪي بخش پيتار
ڪانڌا! تو ۾ ڪوڙرو آهي حب سندي حقدار
مجني کي مستيءَ ۾، ٿيو عشق جو آڌار
هير خاطر رانجهي ڪيا بيڪ بهار
سور گهڻا هئا سيفل کي، بديعل بيشمار
منصور کي مروان ڪيو، خلق منجهه خوار
هن کي هئي حب ڏٺيءَ جي، پهتو وڃي پار
هيت ملان کز ٻيا مسئلا، هٿ جيڪي ڪندو ڪلتار
مارئي جي ملڪ تي، سانوڻ ٿيا سڪار
هئي مند مينهن جي، ٿيا ڪڙ ڪارونيار
وڃون وسڻ آيون، وٺا سڀ ولهار
حسن مير حسين هئا ٻالڪ ننڍا ٻار
ڏٺا پاڪ رسول جا، هئا نازڪ نيڻ نار
جگر خاتون جنت جا، هئا علي پٽ آڌار

ٿيو قضيو ڪربلا ۾، جيت حورن چنا هار
چنيسر چريو ٿيو، جنهن چڏي پڳ پچار
پاڻ مرڻي پيرا ٿي، آيا دودي جي دربار
پڳ ٻڌائون دودي کي، ٿيا پيڙن جا پيڪار
دودو وبهندو هو دلين ۾، ڏٺهه وڏي ڏڏڪار
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، هو مچ وڏو مٽار
ڪئين ڳهي چڏيائين ڪن ۾، مانجهي مٽيادار
اهي سويون، سانوڻ چئي، آهن ڏيڻ وس ڏاتار
اونڌا شل آچار، ڪانڌ ڪنهن سان نه ڪري.

٣٩٣- هيون هير رانجهي لاءِ، سرهاڻيون چٽيون
مومل محل آڏائيا، جوڙي هنڌ هٽيون
راڻو آيو ڪونه ڪو، پهاڙيون پلٽيون
سورٺ مڱڻهار لاءِ، ڏئي موڻ جون مٽيون
سسئي پنهنجي پنهون لاءِ، ڪڍي پنڌ پٽيون
سهڻي سا ميهار لاءِ، ڏسي ڳهيڙ گهٽيون
ليلي خاطر مجني، پيتيون وِهه وٽيون
مارئي بنڌياڻي بند ۾، جنهن جو روپ رٽيون
سورن ۾، سانوڻ چئي، اهڙا ڪيف ڪٽيون
ڏيرون ڏير سٽيون، چوريءَ رات چاڙهي وبا.

جمجما سلطان

٣٩٤- ساراهيان سچو ڏٺي، جو آهي باري بيپرواهه
قادر جي قدرت جي، ڪمي مور نه ڪا
خليفو ڪري خلقيائين، مير محمد شاهه
الله جلّ جلاله، آهي نرمل جنهن جو نانءُ
اول خلقيائين آدم کي، پوءِ خلقيائين ٻيا

[٣٩٧] رائچند (تعلقو چاچرو). [٣٩٤] ڪان [٤١٦] ظ.

ڪري ويٺو قدرت سان، ڇا منجهان ڇا
تنهن پاڪ جي پيٽ سان، لڪين لڪ ٿيا
ويهاريائين وجود ۾، جوڙي جابجا
ٻانهي کي ٻاجهه مان ٿو رازق روز رساء
وصف تنهن واحد جي، ڪري نه سگهان ڪاءِ
ساري دنيا، سانوڻ چئي، خلقي پاڻ خدا
پهرين وجهي پساهه، پوءِ ٿو ماري موت سان.

٣٩٥- پوءِ ٿو ماري موت سان، ڏس رازق سندا رنگ
قادر پنهنجي قدرت سان، خلقيا خان ختنگ
ڪئين خان ڪپي ويا، واري اندر ونگ
عيسيٰ نبي الله جو، آيو جهولئون وڏو جهنگ
سسو پير سموند جي، ڏنائين هڏ هتنگ
مٿو تنهن ماڻهوءَ جو، وڏو آهي وتنگ
ٿو بڪائي بر ۾، درياءَ پاس ڏڏنگ
سجو پيو هو، سانوڻ چئي، جنهن جا روءِ ڦريا هئا رنگ
ساهه بنا هيءَ سنگ، آهي ڪن ايامن جو.

٣٩٦- آهي ڪن ايامن جو، تنهن جي سڻ بات بري
سسو پير سموند جي، جهونو ٿيو جهري
ڪپي سو خاڪ ۾، پيچي ويو پري
مٿي جي مال چڏي، پڇائي پڙي
ايندي ويندي ان کي، ڪيائون ڪرن سان ڪري
منجهس ماڪوڙين جا، ويا ڍڳ ڍري
نڪتا ٿي نيشن مان، سانگيئڙا سڙي
لڳس ٿي لٽ جي، مٿي لوهه لڙي
واري تنهن جي وات جا، چنڊيندي چري
سسو ڏسي، سانوڻ چئي، چڪ ٻيا چري
ويا آهن ڏينهن گذري، پارس کي پٽ ۾.

٣٩٧- پارس کي پٽ ۾، ٿيا جڳ جي ٿي

رکيو هو راه جو، مارگ مٿي ڏي
ڪٿي آيس ڪرن سان، ڏڻ به ڏکي ٿي
پڇي تنهن پڳل کي، ڪيئون لتاڙي لٿي
عيسيٰ پيو عجب ۾، ڏسي حال به هڏي اِي
سيسي پير، سانوڻ چئي، ويرر رهيو ويهي
پوءِ پرور کي پيٽي، ڪا ڪهل هن ڪفيل تي.

٣٩٨- ڪهل تنهن ڪفيل تي، پيٽي پيغمبر
مٿو تنهن ماڻهوءَ جو، ٿو بکائي منجهه بر
نکو پير پٽ ۾، نکو بت پير
نکي هٿ حبيب جا، نکو ٻانهن ۾
نکا نيشاني نڪ جي، نکو ڪن ڪوبر
نکا چپ چاڙي تنهن جي، نکو ماس نه مر
نکا چٽ تنهن چڳير ۾، نکو ڳپ نه ڳر
نکا لوئي لڳن تي، نکو سينو سپر
عاشق جي اکين جا، چٽي پيا چپر
ڏند ڏاڙهون تنهن جا، چراڻي وئي چر
سوگهو پيو هو، سانوڻ چئي، قابو منجهه ڪلر
مرسل ڏٺا ماکوڙين جا، منجهس وير ولر
سُرهو تنهن سسهي تان، هليو ڪن هلر
عيسيٰ پيو عجب ۾، چانگئون ڏسي چر
پيو فائق منجهه فڪر، حضرت پسي هڏي ڪي.

٣٩٩- ڏسي حال هڏي جو، ٿيو دانهه ڪي دليل
مٿو آهي ماڻهوءَ جو، آهي ڪو اصيل
بيهي رهيو بر ۾، ڪري قول ڪفيل
هادي ڪنيا هٿڙا، وارث! ڏي وصيل
پرتئون سو پڙهڻ لڳو، عيسائي انجيل
پڙهيو تنهن فقير تي، ڦيٽا وجهي فيل
آيئون آلهي آئيو، جودئون جبرئيل

جنهن اچي روح روان ڪيو، واحد جي وڪيل
پيو ساهه سسهي ۾، هن کي جيارڻو جليل
خبر پچي خليل، سا حقيقت هڏي ڪان.
٤٠٠- حقيقت هڏي ڪان، پڇي پاڻ پرين
سچي ڪر، سانوڻ چئي، جيڪا هوءِ محب تنهنجي من
ڪ مرد مٽيادار هئين، ڪ منجهان عورتن
ڪ تون پربو مڙس آهين، ڪ منجهان جوانن
ڪ اُمتي آهين البيلو، ڪ منجهان نبين
ڪ بادشاهه آهين ملڪ جو، ڪ منجهان وزيرن
ڪ فقير آهين آدمي، ڪ منجهان پينارن
ڪ رئيس آهين ڪنهن راج جو، ڪ منجهان ڀاڳارن
ڪ ڪارائيندل آهين خلق کي، ڪ منجهان سخين
ڪ تون بدبخت آهين ٻانهون، ڪ منجهان بخيلن
ڪ تون پڙهيل آهين آدمي، ڪ ملو مسيتن
ڇا آهي نالو تنهنجو، هتي ڪهڙي آئين ڪمن
ويل آهين ڪهڙي گام جو، ڪهڙي ولايتن
ڪهڙو توسان ويل ٿيو، پئين ڪهڙن منجهه ڏکن
هڏا! انهيءَ حالن، ڇو پيو آهين پٽ ۾.
٤٠١- ڇو پيو آهين پٽ ۾، بيڪس ٿيو بيران
عيسيٰ پيو عجب ۾، حال ڏسي ٿيو حيران
مٿو جنهن ماٺهوءَ جو، سو آهي ڪو انسان
حڪم ٿيو هڏي کي، جاڳي اُٿيو جوان
پيو ساهه سسهي ۾، هن تي راضي ٿيو رحمان
مهندان اُٿي مرسل جي، ٻيهي ڪيائين بيان:
عيسيٰ! اڳئين واري جو، آءٌ آهيان انسان
جاني! مونکي جڳ ٿيا، ڇڏئي هي جهان
ڪهڙيون ڪريان گالهڙيون، خبرون اٿي خان:
نالو منهنجو اٿئي پڙو جمجما سلطان

رهندو هئس روز ۾، هو مصر منهنجو مڪان
ايڏا منهنجا حڪم هئا، ايڏا هئا ايمان
هيڏا منهنجا لشڪر هئا، هيڏا منهنجا سامان
دانهه توسان ڪڏهن ڪوڙي ڪندس ڪانه
حقي ڳالهه حقان، عيسيٰ! اٿئي ايتري.

٤٠٢- پهريون مذڪور منهنجو، سڻ خاوند! تون ڪمي
تون خليل آهين خدا جو، عيسيٰ آدمي
پلني پيا پرين تي، ڳوڙها سر ڳمي
وهيو آب اکين مان، ريلا رت رمي
دنيا دولت جي، مون وٽ هئي ڪانه ڪمي
مشرق مغرب وچ ۾، هئم حڪم حاڪمي
مون جهڙو ٻيو ڪونه ٿيو، بادشاهه غني
سورن ۾، سانوڻ چئي، مون لاءِ اها راهه رمي
سائين! هئو سيني، حڪم منهنجي هٿ ۾.

٤٠٣- ٻيو مذڪور منهنجو، سڻ تون نيڪ نبي!
لهندا انهيءَ پٽ ۾، ڪئين لعل لڻي
مون جهڙو ملڪ ۾، هوندو ڪونه ڪي
جهڙي سونهن سچ جي، تهڙو شان شي
عيسيٰ! اچيءَ دل سان، مون جهڙو نهه ٻيو مومن مذهبي
نوَ لک ناڻي مال جا، ڏهاڻي ڏيندو هوس في سبي
سائين جي صاحبي جي، ڪهڙي رنگ ربي
ڪئين ميمر مرسل هئا، ڪئين نيڪ نبي
ڪئين ڪامل ڪويسر هئا، ڪئين تفنگ طالبي
سانڻ نه هلندي، سانوڻ چئي، سدا جڳ صاحبي
هتان هرڪو چاس چڻي، هلندو هن دنيا مان.

٤٠٤- حضرت عيسيٰ! ٿيو مذڪور، سڻ شاهن جا شاهه
خدا ڏاڍو بادشاهه باري بيپرواهه
هي دنيا عيسيٰ نبي! ڪنهن کي ٿيندي ڪانه نيباهه

نرمل! ويندو نڪري، هي پرائو پساهه
ڪامل! ڪبو ڪهڙو، ساهه تي ويساهه
ڪئين ميرر مرسل هئا، ڪئين اصلي گمراهه
هرڪو ويندو حڪم ڇڏي، وٺي رباني راهه
رهندو نالو الله جو، ٿيندو سارو جڳ فنا
سنئينءَ لڳندا، سانوڻ ڇئي، جيڪي ڪنداڪاهوڪاهه
دور وڏي دانا، هئس تالابين تخت تي.

٤٠٥- چوٽون مذڪور منهنجو، ٻڌ ڪامل! ڏيئي ڪن
تہ لک حڪيمن جو هو، جي دوا دارون ڪن
بہ لک سئيسن جا هئا، جي بيٺا فرمائشون ڪن
تي لک مودين جا هئا، جي بازرون بنائين
لک پخالين جو هو، جي پاڻي پهچائين
ڪئين اُرٺا، ڪئين انڙ، هئا ٿورا منجهہ ٿرن
هئي مهر مٿي ملڪن، هئس مالڪ پنهنجي ملڪ جو.

٤٠٦- پهرين :رات پيڙي، مون ۾ طاقت ڇڏيئين ڪونہ
عيسيٰ آب اکين مان، پڌر پلٽيو پون
ميٽ مائٽ منهنجا، ات بيٺا رت روئن
انئي پهر الله کي بيٺا ائين چون:
تہ جمجما سلطان جا هڏ حياتي هئن
اهو سور مڙيوئي سون، جنهن پٽيان خاوند خير ٿئي.

٤٠٧- پيجيءَ رات پيٽو ٿيو، ڏنو درد ڏنجهہ
عيسيٰ آب اکين مان، هليو پئي هنجهہ
لڳي سوڙهہ ساهہ کي، ٿيس مرڻ منجهہ
هادي! انهيءَ هنڌ تي، پهر لڳا پنج
راڻيون روئن راءِ جون، ڏک ڏميو ڏنجهہ
اهو رباني رنج، ٿيو جمجما سلطان تي.

٤٠٨- ٿيجي رات ٿيٽو ٿيو، سور نہ ڏئي ساهي
ڦري ويٺا فوجون ڪري، صوبا سپاهي

لڳي مُهر زبان تي، آئي اکين اونداهي
جمجما سلطان جي، اڄ سات ڪئي سنياهي
عيسيٰ! امر الاهي، مجبو مون مٿي تي.

٤٠٩- چوٿين رات چڪي پيا، ڪيم واڪا ۽ وس
قدرت سان قادر جي، وڏي ٿيو سور سرس
خدا ڏاڍو بادشاهه، جنهن کي پئي ڪونه ترس
ڏکن منهنجي ڏيل تي، غازي! ڪيا ٿي گس
نڏهن بچڻ جو بس، لٿو آسرو انهن کي.

٤١٠- پنجين رات پاٽاري تي، هوس پاسي پر پيو
مرسل! سور مٿي جي، مونکي نهوڙي نيو
کاڏو پيٽو خوف مان، وسري سڀ ويو
ڪريو دانهن درد مان، پوان اٿليو
طبيب حڪيم حڪومت جا، پڇان سڀ ڪوٽيو
تن ڏاهن جي ڏس کان، پٽو ڪونه پيو
پلا پاڪ منهنجو، عيسيٰ! اچي الٽيو
قسمت ڪم ڪيو، اڄ جمجما سلطان سان.

٤١١- ڇهين رات ڇوڏڪو، سور نه ٿئي منهنجو
حڪم ٿيو عزرائيل کي، جو مولهي ملڪ مڪو
ڏسي تنهن ڏونگر کي، منهنجو ساهه سڪو
جمجما سلطان کي، چئي اٿين چڪو
تہ بندا تنهنجو بند ٿيو، هلي روز دُڪو
ڪر سر صدقو، ڏيئي روح ربّ کي.

٤١٢- ستين رات سورن جا، پيا ڇر ڇٽي
ڇٽڪي پيا ڇوهه مان، نيهي نين ٽٽي
دوا منهنجي درد جي، لڳي ڪانه ڦٽي
پلا پاڪ منهنجو، عيسيٰ! پيو الٽي
آيا ڏينهن ڪٽي، اڄ جمجما سلطان جا.

٤١٣- جمجما سلطان تي، اڄ شاهد بيٺا شر

ڪاري روح قبض ڪري، عيسيٰ! سو آخر
دناءُ هو هن دنيا ۾، هو راهه مسافر
ڪٿي سچو سر، اتي راهه روانو ٿيو.
٤١٤- چنو گل گرنار جو، وبا ڪيڏانهن مال ميراث
خدا ڏاڍو بادشاهه، جنهن نمايا ڪئين ناث
دانا! هن دنيا ۾، هو گهڙي سات (١)
پرهه، ڦٽي پرپات، ڏنائين دم دنيا ۾.
٤١٥- ڏوبي واسي ڏوپ سان، جوڙي آندئون جوان
ڪٽي رکيئون ڪٽ تي، مر ميّت هوءِ مهمان
رات وهاڻي ڏينهن ٿيو، ٿيو چاچين کي چاڻ
ڪٽي ڪٽولو هليا، جوڏو هيءُ جوان
پوندي ويو پيٽ جو، مصر ڏي ماتام
پُني جيا پُٽ جي، عرش مٿي آنه
رويو رويو راڻيون ڏسن ڏکڻ ڏانهن
توتي جمجما سلطان، آيو امر الله جو.
٤١٦- ڪٽي ڪٽولو هليا، مرڪي مصر ڏانهن
پڙهندي ويا پرينءَ تي، ڪانڌي ڪلمان
رکي مڙهه مقام ۾، پانڌي وريا پانه
حڪم ٿيو عزرائيل کي، پچاڻو ٿيو پاڻان
ماريو تنهن مڙهه کي، ڪٿيو ڪين قبر مان
اتي جمجما، ڪلمي سان قرار ٿيو.

معجزو نبي صلعم جو، هرڻيءَ وارو

٤١٧- ساراهيان سچو ڏٺي، جو الله الصمد
نرمل پنهنجي نور مان، خلقيو هو خاوند
نرمل سندي نور کي، پيئي گالهه پسند

(١) سات = ساعت. [٤١٧] کان [٤٢٩] ظ ۽ ل.

دروازا دوزخ جـا، بـاري ڪيا بـنـد
شاهه هليو شيل تـي، پـيـرين ڪري پـنـڌ
احـمـد چـاهه اتائين مٿيو، راهه وٽـي رنـد
ڦاڻل ڏٺائين ڦاهي ۾، ڪا هرڻي انهيءَ هـنـڌ
سڏ ڪيائين سرور ڪي، تون مـوٽـي آءُ محمد
چـڏاءِ مون چوريءَ ڪي، هن ڦاهي منجهان ڦند
سڏ ٻڌا، سانوڻ چئي، ڪي دانهون دردمند
پوءِ ڪامل واري ڪنڌ، ڏٺو حال هرڻيءَ جو.

٤١٨- ڏٺائين حال هـرڻـيءَ جـو، هـلي اتـي هيڪر
چـي: چڏيم نيرانا نند ۾، ڪلهه! ڪالهونڪر
دانهون ڪريو درد مان، تـي پچي انـهـي پر
پـيـا آهـن پٽ ۾، ڪي پـچـا منهنجي پر
بـاري اتـي بک ۾، پـيـا فـافـا ڪاٽين ڦر
هـادي انهيءَ هـنـڌ تـي، آءُ ڇٽي آيس ڇر
ماري اتـي معصومن ڪـي، ڪائي ويـنـدا ڪر
سوين آهـن، سانوڻ چئي، اتـي جيت به جناور
مونکي چڏائي بـنـد مان، ولهن جـا تـون وَر
حضرت چيو هرڻي ڪي، تون قول مون سان ڪر
سڳهي ايندينءَ سوريءَ تي، ڪـي پچي چڏيندئين پر
متان پچي پـوءِ ڪان، وچـي تـئـيـن منڪر
تڏهن هرڻي چيو حضرت ڪي، منهنجي توبه آهي تو در
قسم اٿـم ڪريم جـو، آهـيـان سچي سزاوار
تـون والـي، تـون وسليو، تـون پـاڪ پيغمبر
ڏيئي ڪـيـر بچن ڪـي، آءُ وري ڪنديس ور
مدي نه اٿم من ۾، تون آهين مصطفيٰ ڏينهن محشر
پوءِ ننگ پسي نر، چوڙي چڏيو هرڻيءَ ڪي.

٤١٩- هرڻيءَ ڪـي حب مـان، مـوڪل ڏنـي مـير
سڳهي مـوٽ سخن تـي، پچن ڏيئـي ڪـير

ضامن تنهنجو آهيان، مستان ٿئين دلگير
رکيا آهن رحم جا، سون توتي هٿ هير
هلي پنهنجي هنڌ تي، وڃن ڏيئي ويرا
ڪامل ڪنديس ڪينڪي، توکي آءٌ تاخير
ٻاري تو بچايا، منهنجا ساهه صغير
اڳيان سجهي ٿي، سانوڻ چئي، اوکي قيام ڪبير
پسي سچ سير، ڪٽي هرڻي حڪم مڃيو.
٤٢٠- هرڻي حڪم مڃيو، ڏنئين قول قسم
وري ايندس ويڙهه مان، تون خاوند اني ڪم
ڪين ويهندس قول ڏيئي، آهيان حلالي تخم
سدائين، سانوڻ چئي، آهن ڪامل تو ۾ ڪم
هرڻي آئي هنڌ تي، وٺي حضرت کان حڪم
وٺي راهه رمي، ڏئي احمد جو اسم
دانهن ڪيائين درد مان، اهڙي سان عزم
ڪري پيئي ڪلهن تي، ڏوڙيا ڪري ڏم
ڏاڍي وٺو ڏڪڙا، اوهين دير نه ڪريو دم
پسونئڙا پنهنجي، اج رلي آهي رقم
وڃوڙو پيوسون ورهين جو، آيو موت مٿم
پسي گوندر غم، ٻوهٽ ڪري ٻچا اٿيا.
٤٢١- ٻوهٽ ڪري ٻچا اٿيا، ڇو آئين اويري
دانهن ڪري درد مان، ٿي ڍنگر تي ڍيري
ٻهر ڪڍيو ٻچن کي، ٿي چٽي چوڻيري
ڏاڍي وٺو ڙي ڏڪڙا، اوهين قر چڙيو قيري
مون تي ڪا مرڻ جي، آئي ڪلها ڪمهري
اچي ڦاسايس ڦاهي ۾، ڪنهن وکوڙي ويري
مستان اچي نڪري اوچتو، پير ڪٽي پيري
احمد چام اوهان سان، ڪئي پلي پليري
سر مٽي، سانوڻ چئي، ويٺا آهن ويري

ٻڪيو ڇڇيري، ٿي موڪلائي معصومن ڪان.

٤٢٢- ٿي موڪلائي معصومن ڪان، ڪچيءَ پاڻو ڳل
پٽ پرتئو رب ڪي، مونکي آهي آٽايو آجل
تڏهن موٽي چيائون ماءُ ڪي: آٿي هچاري هل
ٿڻ تنهنجا حرام اسان ڪي، آهن انهين پل
ڪير ڪپي ٿو ڪينڪي، ٿون ڇوپيري چل
نرمل جي نور ڪي، ٿون ورندي ڏين ول
اجهو آهي آگي جو، مٺو سو مرسل
شاهه ڪري شل! رهجي اچي رسول سان.

٤٢٣- رهجي اچي رسول سان، پاڻ ڪارا ٿيون ڪين
مهندان ڏينهن محشر جي، داڙو ٿيندو دين
اتي احمد جام ڪي، عربي ڪندا امين
جتي ٿيندن ڀيٽ عملن جي، اتي ڏوراپو نه ڏين
معافي ڏيندو مصطفيٰ، منجهان يار يقين
تنهن سيد جا، سانوڻ چئي، مر ٿورا پاڻ تي ٿين
ٻولي ڪر ٻي نه، هلي رجوع ٿي رسول سان.

٤٢٤- اچي رجوع ٿي رسول سان، هُل ڪري هاٻا
ماري جاڳيو نند منجهان، خوب ڪري خاٻا
سو آسري آيو احمد جام تي، ٿؤ ڪري تاٻا
ته هرٿي ڦاسايم هڪڙي، ڏائي ٿرن ۾ ٿاٻا
قوت منهنجو ڪيدي ڇڏيئي، هجي شخص تو ڪي شاٻا
مهندان مرسل چيو ماريءَ ڪي، ته ترس پيم توٻا
ڏنس ڏپ ڏٿيءَ جي، ٻيو آخر عذاٻا
هي بيوس پئي هئي بند ۾، ٿي شڪار شتاٻا
ڇڙڙيوال ٻهڪون ڪيون، مونکي ڪهل پيو قراٻا
هاڻي ڏمر ڇڏ، ڏاهو ٿي، بچين تون باٻا!
چڱن ڪان چڱي ٿئي، رڪن مرد محاٻا
صبر ڪر، سانوڻ چئي، ته سوين ملن ثواٻا

پوءاهڙي حرف حسابا، تو کي وٽ تنهنجي واري ڏيان.

٤٢٥- وٽ تنهنجي واري ڏيان، ساعت هڪڙي سهه
قوت ويندوئي ڪينڪي، شڪار تنهنجو شهه
پر ماري بيٺو متجي، گيدي ڪري گهه
ڪاوڙ ڇڏ، قرب ڪر، رنج ڪيم رهه
انهي ويندل جي وڻي ۾، ڏيان تو کي ڏهه
سير منهنجو، سانوڻ چئي، انئي ڳالهه انهيءَ ۾ گهه
مون تي وير وسهه، آءٌ ضامن آن جو آهيان.

٤٢٦- آءٌ ضامن آن جو آهيان، تون پولو ڪيم پاءِ
هوءَ موڪل ڳنهي مون ڪنان، ويئي پنهنجي جاءِ
ڏيئي ڪير ڀچن کي، سڳهي ايندي ساءِ
تون ڏمر ڇڏ، ڏاهو ٿي، تپي ڪر نه تاءِ
تو کي ننڍوڪري نپايو، هوندين ڪن وڙهيچن جو وپاءِ
ماريس ڪاڻ ڪلهن جي، جا معصومن جي ماءِ
مون ترس پيو تن جو، تون درڪا ڏئي نه دپاءِ
لاهي ڏيئين ٿو لڳن تان، پنهنجو ماس ماهه
ڪات ڏي ته ڪوري ڏيئين، صدقي ڪري ساءِ
سدائين، سانوڻ چئي، آءٌ ڊنس ڏئيءَ جي ڊاءِ
نه ته چوڙي ڪريان ها ڇا، شڪار تو سقيم جو.

٤٢٧- شڪار مون سقيم جو، تو ور ڏيئي وڃايو
سا ڪيئن اينڊي ڪاتي تي، جنهن هتان چوڙايو
متسهين هن کي موت ڪان، آهي باريءَ بچايو
پساهه سڀ ڪان پيارو آهي، آئين دانهه دل لايو
قوت منهنجي ڀچن لاءِ، مون هو قري ڦاسايو
روز منهنجي عيال جو، تو چوڙي ڇڏايو
اهو سور، سانوڻ چئي، مون آهي پيٽ اندر پايو
ايئن بيئي ڳالهايو، ماريءَ مرسل پاڻ ۾.

٤٢٨- ماري مرسل پاڻ ۾، ٿيا رنج لاهي رل
تيسين هرئي اچي حاضر ٿي، قرڙا وٺي ڏل

بيهي رهيا بندگيءَ ۾، ڪامل مهندان ڪُل
سر توتان صادقي ڪريان، پڇا منهنجا پل
تون ضامن پيو آهين مون ضعيف جو، مٿا چام مرسل
ڪيئن تاڻايان توکي، نور نبي نرسل
اتي مرسل هن کي منٿ ڪئي، دانه لائي دل
نه ڇوڙي ڇڏ هرڻيءَ کي، پاڻ ڪٽي تون پل
وڃي پنهنجي ويڙهه ڏي، جنهن هنڌ آهي هريل
مهندان ڏينهن محشر جي، هدايت ڪندئي حاصل
هوندئي هنڌ حضور ۾، دانه تو داخل
سدائين، سانوڻ چئي، ميوا ماڻيندين مل
امر مڃ عاقل! ڪٽي ڇيو ڪر ڇڳن جو.
٤٢٩- ڇيو ڪر ڇڳن جو، ڪٽي منٿ مڃ ماري
پيٽ خاطر پاڻ کي، تون ڪر نه ڪُفاري
ڪئين نفس نهوڙيا، هاتڪ هزاري
ڪنهن پورائي نه ڪئي پيٽ جي، بادشاهه بخاري
تون هلاڪ نه ڪر هرڻيءَ کي، ڏي موڪل مختياري
آءٌ آهيان ضامن تنهنجو شاهد، شڪاري!
هوندئي هنڌ حضور ۾، قائم ڪچهري
سڄي عمر، سانوڻ چئي، هوندئي باغن بهاري
محشر ڏينهن ماري، ميلو ٿيندئي محمد سان.
٤٣٠- اتي ماريءَ ڇيو مرسل کي، سڻ سچا سردار!
هلاڪي ڪري ڦاسايم هرڻي، شاهه ڪري شڪار
آءٌ عيالوند آهيان، ڪيئن ڪندم پڇا پار
عيوض ڏي آجورو، مُلهه تهن جو مقدار
ڪريان قوت پڇن جو، لاهيان بک سندو بار
اتي هرڻيءَ چيو حضرت کي، نور نبي نروار
منٿ نه ڪر ماريءَ کي، مونکي مرڻ آهي موچار

[٤٣٠] کان [٤٣٢] ظ.

صدقي وڃان تو سردار تان، آزيون ڪري اپار
اهو ڪسڻ مون قبوليو، پلي ڪات وهائي ڪپار
سر منهنجو، سانوڻ چئي، ٿئي ڏڙ ڪان ڏار
هي منهنجا ڀچا ٻار، سام پرتئي سيدا!

٤٣١- سام پرتئي سيدا! اجهي تنهنجي آهين
ساري ٽن معصومن کي، ڪپڙ نه ڪائين
معصوم هن مادر تان، ٽا لاڳاپا لاهين
ڪنهن سان قرب ڪندا ڪلهڙا، در ڪنهن جي داتهين
اڄ پيو وڍ وڇوڙي جو، سي واهڻ ٽا واهين
اتي محمد چيو ماريءَ کي، هي ڀڙڙا پيا ٻاهين
قياس ڪر ڪٽهن جو، هي اجهو ڪڙا آهين
اها ماءُ آهي معصومن جي، سي ڪير نه ڪهائين
سڪ منجهان، سانوڻ چئي، پيا لالڻ ليلهائين
ڏڙڪ وجي ڏائين، معصوم پنهنجي ماءُ کي.

٤٣٢- معصوم پنهنجي ماءُ سان، پائي هيج هلن
ڇوڙي ڇڏ هرئيءَ کي، ته وجي پنهنجي وطن
اتي ماريءَ منٿون مڃيون، ڪري پيو قدمن
هٿ پير حبيب جا، چمي رکيئون چشمن
نميو گهٽي نياز سان، آيو سان ادبن
چئي: گهوري سر گهوريان، احمد تو اسمن
تون ڇپر، تون ڇانوَ، تون وسيلو ولهن
معافي گهريائين محمد کان، آزيون ڪري ايرن
ڪيائين هيج هرئيءَ تي، نمي سان نيازن
سڪ منجهان، سانوڻ چئي، باري بخش ڪن
ڪامل انهي قسمن، پڙهو ڪلمون محمد ميرتي.

لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله

مولابخش خاصخيلي

مولابخش پٽ محمد سليمان خاصخيلي، ڪوٽ مزار خاصخيلي، تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ جو ويٺل هو (١). سندس جنم ۽ وفات جا سنه صحيح طور معلوم نه ٿي سگهيا آهن، مگر سندس شاگردن مان حسين فقير هڪوري جي روايت موجب هن سنه ١٩٢٠ع ڌاري وفات ڪئي. مرڻ وقت سندس عمر اٽڪل ٤٥ سال هئي، انهيءَ لحاظ سان هو سنه ١٨٩٥ع ڌاري ڄائو هوندو.

مولابخش جا مائٽ پنني ٻارو ڪندا هئا، انهيءَ ڪري پهراڙيءَ جي عام زندگي مطابق هو نندي هوندي مال چارڻ لڳو، ۽ سمجهه پريبي ٿيڻ تي ابائي ڪيرت يعني هارپو ڪرڻ لڳو. وڏي هوندي جڏهن سيڙڻ ملاکڙن ۽ محفلن ۾ نڙ تي بيت ڏيڻ شروع ڪيائين، تڏهن ان جي آمدني مان گذر سفر ڪرڻ لڳو.

مولابخش جوانيءَ تائين بيتن چوڻ کان بلڪل دور رهيو. ظاهريءَ طرح سندس انهيءَ طرف لاڙو ڪونه هو، مگر مجازي عشق جي اوچتي چوٽ سبب، درد ۽ فراق جا جذبات، سندس اندر مان اُڀرا ڏيئي، بيتن جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. انهيءَ واقعي جو پس منظر هن طرح مشهور آهي: هڪ دفعي حضرت پير سائين پاڳارا "ڪوٽ ڏني" پنهنجي سفر جي دوران ڪوٽ مزار خاصخيلي ۾ آيا. مولابخش جا مائٽ جيتوڻيڪ "پٽائيءَ" جا مريد هئا، مگر جڏهن هن پير صاحب جن جي زيارت ڪئي، تڏهن سندس دل ۾ پير صاحب لاءِ محبت ۽ عشق جاڳيو، ۽

---

(١) ٻيءَ هڪ روايت موجب، هو ٻيراني (شهڪ) "لاهوريءَ جو ڪڙيو" جو ويٺل هو.

هو اتي ئي سندن مريد ٿيو. ان بعد هن سڀ ڏنڌا ڏاڙي ڇڏي، پيرصاحب جن سان گڏ سفر اختيار ڪيائين. هونئن ته سفر ۾ ئي نينهن جو نظارو ئي ويو هئس، مگر بيتن چوڻ کان اڃان دور ۽ بيخبر هو. آخر جڏهن پيرصاحب جن سان گڏ ڳوٺ ٽليمي جي ڪنب تعلقي سڪرنڊ ۾ پهتو، تڏهن آني ڪيريا ذات جي هڪ عورت سان سندس عشق ٿي ويو ۽ آن ۾ اهڙو مست ٿي وبو، جو بي ساختہ بيت چوڻ شروع ڪيائين. اهائي سندس شاعريءَ جي ابتدا هئي. پهريون بيت جيڪو چيائين، سو سُر مارئيءَ مان هو:

سٿي ساريم سومرا، مارو سي ميڙا
سهڻي ۾ سنگهار مون ڏوڻي آهن ڏڙا
وُلا ميهن ملير ۾، ساڻيهہ ۾ سُڙا. الخ

ٻيءَ هڪ روايت موجب پيرصاحب جن جي مريديءَ ۾ اچڻ بعد، مولابخش جي سانوڻ فقير سان پهريون ڀيرو ملاقات ٿي، جڏهن هو پيرصاحب جن جي خدمت ۾ آيو هو. اني مولابخش، سانوڻ جي شاگردي قبول ڪري، پهريائين سندس بيت ميڙن ملاڪڙن ۾ ڏنا، ۽ پوءِ پنهنجا بيت چيا.

مولابخش نہ فقط سٺو شاعر هو، پر نڙ تي بيت ڏيڻ جو بہ ملوڪ هو. هن پنهنجي وقت جي سُڻن نڙ- بيت ڏيندڙن سان منهن مقابل ٿي بيت ڏنا، ۽ انهن کان گوءِ کنئي. ان وقت ۾ مشهور بيت ڏيندڙ هئا: حسين فقير هڳورو ويٺل سنجهورو؛ علي خان ڪورائي ويٺل تعلقو بدين؛ عرس ماڪوڙائي ويٺل ٽنڊو آدم؛ بهار خان رونجهو ويٺل پٽورو ۽ موريو خاصخيلي ويٺل سانگهڙ. انهن مان حسين فقير هڳورو پوءِ سندس شاگرديءَ ۾ اچي، سندس بيت ڏيڻ لڳو؛ ۽ محفلن، مجلسن ۾ هميشه ساڻس گڏ هوندو هو. ان بعد سندس ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد ٿيا، جن مان الهڪيو پٽ لعلو ويٺل سنجهورو؛ اسماعيل پٽ مريد ڪيريو ويٺل جهول؛ ۽ عالم پٽ مريد ڪيريو ويٺل

جهول مشهور آهن، ۽ اڄ تائين بيٽ ڏينندا اچن ٿا.

مولابخش پنهنجي وقت جي، جن شاعرن ۽ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون: ۽ بيتن جي ڏي وٺ ڪئي، تن سان مشهور هي آهن: سانوڻ خاصخيلي، ڇاڙيو رند، سليمان ميربحر، محمود شيخ ۽ جمعو شيدي. انهن سڀني شاعرن سان فقط سانوڻ خاصخيلي سندس مٽ ۽ جوڙيوال هو. باقي ٻين سڀني کي ميڙن ملاکڙن ۾ ماري ويندو هو. آواز، لفظن ۽ چوٽيءَ ۾ سانوڻ فقير کان سواءِ ٻين سڀني کان گوءِ ڪٽي ويندو هو.

مولابخش ڪپڙي لٽي هميشه اڇو آجرو رهندو هو. سدائين ململ جو اڇو پٽڪو، اڇي قميص ۽ اڇي سلوار، ڪوٽ ۽ چانديءَ جي جٽي پهريندو هو. شڪل شبيهه، جو سهڻو هو، ڏاڙهي ڇاڻيين هئس. بيتن ڏيڻ وقت سٽون ويڻو هوندو هو. آواز تمام مٺي ۽ وٽندڙ هئس. پر ساڳئي وقت آواز ۾ جوش ۽ آڏمو به هئس. بيتن ڏيڻ وقت سندس منهن بگڙندو نه هو، پر مشڪندڙ معلوم ٿيندو هو.

مولابخش جو موت نهايت دردناڪ حالت ۾ ٿيو. سندس محبوبه جا ڪي آٽ ڪاهي ويا، جي بدين طرف ويل هئا. هو انهن کي ورائڻ لاءِ وڃي بدين پهتو: جتان آٽ ڇڏائي، واپس گهوٽ ڏانهن پئي آيو ته رستي تي اوچتو نانگ ڏنگي وڌس، جنهنڪري اتي ئي دم ڏنائين.

سسئي

١- پرڻائي پنهونءَ کي، ڪاهيائون ڪُل قطار
ڪڍي ڏاڻ ڏاڪهن جا، وڏئون بودن تي بار
آٽ اٽاري هليا، ات چيرين ڪيا چمڪار
رات لنگهي وئي رڻ ماڻ، ڪرهن جي قطار
سهڻا ڪري سينگار، سي موڪلائي ملڪ هليا.

٢- موڪلائي ملڪ هليا، منهنجي ڪجو پوئواري
دل تہ منهنجي دوست لئي، هتي محبت آهي ماري
اکيان ڏونگر ڏوراپا ڏئي، ٻي وندر جي واري
ڏجو سلام سنگت کي، ٿيندو آجهو چام آري
سونهان آهن سات جا، جي منزل هٿي ويا مهري
جت بہ واقف جئوءِ جا، سي پاڻهي ويا پهري
ڪري طعام جي تياري، سي ڪلن ڪائين پاڻ ۾.

٣- ڪلن ڪائين پاڻ ۾، ساراهين سبحان
هوت بہ پاڻيم هيت هوندا، مون وت ميهري هٿا مزمان
هونگارينديءَ هوت هليا، پٽ وٽي پهلوان
ڪاهيو تہ ڪيچ رسون، جتي پنهنجا ماڳ مڪان
طنبو ۽ طولان، هلي ڪوڙيائون ڪيچ ڪنڌين ۾.

٤- هلي ڪوڙيائون ڪيچ ڪنڌين ۾، آيا منزلون ماري
آري پنهنجي اولاد لاءِ، بيٺو ڪارا ڪانگ آڏاري
بانگن جون پيپور ماڻ، واڳون شل واري
رويو رويو رت ڦڙا، بيٺو نيڻن جر هاري
پٽ متان پيريءَ ۾، سونکي ويهن وساري

[١] ان [٢٩] حسين فقير هڪوري جي زباني قلمبند ڪيل.

آڻي جهيڪيندا آٽ اڳڻ تي، شل ايندا اوتاري
ماءُ ملوڪن ڪي، بيٺي ساجن سنڀاري
پر من جون ڳالهيون، مولابخش چئي، پنهل ويندو پاري
سي آڏي آڪاري، اچي لٽا لاڪيٽا ليهور ۾.

٥- اچي لٽا لاڪيٽا ليهور ۾، صوبا هو سرواڻ
پٽ آهن آريءَ جا، مڙيئي پهلواڻ
مانجهي ٽيلن مور ٽا، جت مڙيئي جواڻ
هلو سهجان جي شهر ۾، ته ات ٽيون مهلائتا مهماڻ
ڪيو مهارون مين جون، ڏيو ڏاگهن کي ڏاڻ
گلم وڃايو گاديلا، ات پهه پچائيون پاڻ
انهي ڀڻي شهر ڀيور جا، ڏيون آريءَ کي اهجاڻ
سنبت سويري، سر انجامي ڪيو، ڏيو تنگن کي تاڻ
اتي ڏونگر پربون ڏياٽيون، ٻي لڳي لڪن کي لاڻ
مياون تنسان، مولابخش چئي، لائي هينئون هنئين ساڻ
آريءَ جا اڳواڻ، اچي ويجها پيا وٽڪار ڪي.

٦- ويجها پيا وٽڪار ڪي، جانب هوءِ سي جت
گونگن اچي گوڙيون ڪيون، پوچاڙيءَ پربت
اچي لٽا لاڪيٽا ليهور ۾، صوبا ڪري سٽ
چٽهي چيو: چريا نه ٿجو، منهنجي ونجو سٽ
مٽيون ڳالهيون محبت جون، ابي سان ڪجو البت
آتي وڙهس نار نيڻن مان، ٻيا ريلا ڪيس رت
خان به توڏي خط، ڪي پنهون پروانا موڪليا.

٧- پڙهي پروانا پٽ جا، ڪيون ڪيچ ڏٽيءَ ڪيهون
ٽي سامهون شهر ڀيور کي، ڪري رند وٽي ريهون
ڪڍيائين پار پنهل لاءِ، پيون لڪن ۾ ليهون
هاڻ مهل حاڪم ڪيون، ڪي وارڻ جون وريهون
هوت آڻي هيت ڏيهون، تون چٽا! چڙهي وچ چانگي تي.

٨- هوت به تو کي هيت ملندو، تون صاحب! پانڻج شڪ

مونکي قسم آهي ڪريم جو، تون پرين پانڌج پڪ
اسان جا پهڻ پير پٿون ڪيا، پيا ٿهري پيچون ٿڪ
ڪچا وڻ آهن ڪيچ جا، پلي چانگا هڻن چڪ
بودن کي بَرن ۾، ڏاڍا آيا ڏوٽا ۽ ڏڪ
جيڪي ڪرهن پڌا ڪاپار ۾، سي جهاپا چنا آهن جهڪ
پرچائي آئينداسون جام پنهل کي، لاڙي منجهان لڪ
تهرهين منزل تڪ، وڃي ڏسنداسون وڻ پنهور جا.

٩- چئي: وڃي ڏسو وڻ پنهور جا، ساڳيو سات سنباهيو
سڏي پنهنجا جت، وڃي مال مڏيون ناهيو
آئن کي اوتارن ۾، تيل نه ترسائيو
متان چوڙيو بودا برن ۾، راتيون وچ راهيو
متان چوڙيو بودا برن ۾، لڏا ڪٽي لاهيو
اوهين وٺي وات وندر جي، ڪرهن کي ڪاهيو
ڏجو پيغام پنهل کي، تہ اجهو آري آئي آيو
باقبيلي پنهور مان، اچجو لاڳاپا ڪل لاهيو
واڳون جت! واريو، تن ليڙن جون به لڪن تان.

١٠- ليڙا لڪ لنگهيا، پيون ڏونگر کي ڏارون
وَڳ وڃن ٿا ويڙهه ڏي، ڪس وٺيو گهارون
آئن ڳانا پٽ جا، چڙين چونگارون
آئن ڳانا پٽ جا، لا ڪياٽيون لارون
آئن ڳانا پٽ جا، چيرين چمڪارون
ڪندا ويا ڪيچ ڏي، ڪي پَهه ۾ پچارون
واسي ويا وندر جون، ڪي ڪرهن قطارون
محبت جون، مولابخش چئي، آهن مَيَن ۾ مهارون
پوءِ لهج سيڌ سنيارون، تن جتن جون به جبل ۾.

١١- جتن کي جبل ۾، پهرين جا پيئي
رات تنين کي رڻ ۾، وهامي ويئي
اٿيا آٽ آسر جو، ليڙا لڏيئي

بيدي شهر پنيور سان، جت ڪندا جيئي
ڪڏهن پٽن تي پيئي، سات پچائيندي سسئي.
١٢- پيءَ رات ٻروچن جا، ليڙا وڃن لس
ڪيائون پوئواري پنهونءَ جي، ٻجي جتن کي ٻ جس
روڏن تي رڙيون ڪيون، هاڙهي منجهه هنبس
آئن اوڳر واريا، ڏي سڪارا ڏونگر ڪس
سيا سونهان هئا، مولابخش چئي، نڪي ڏا گهن پچيا ڏس
گونگا وٽي گس، وڃن ٿا بانڪا شهر پنيور ڏي.
١٣- وڃن ٿا بانڪا شهر پنيور ڏي، ڇڏيو وندر جا ور
بانڪا بلوچن جا، وڃن ڪاڇي وٽيو ڪر
ساٿين کي سفر ۾، هئا سمانا ٿمر
ڪچن پچن ڪينڪي، وڃن باري وٽيو بر
جيڪي سات ۾ سانير، سي جتن ٻٽيا جوءِ ۾.
١٤- جت ٻ انهيءَ جوءِ جا، آيا دانه ڏير دلير
لٽا اچي ليڙن تان، اونداهيءَ سنهن مير
سلام عليڪم سپريز! وعليڪم سلام، توهين
ڪامل آهيو ڪير؟
صحيح ڪري ساٿين کي، هن پڙ سچاتا پير
ڪڏهن هليا آهيو ڪيچ کان، ادا ڪيئن اوير
سڏ ڪيائين سسئيءَ کي ته تنهنجا ڏونگر جها گهي آيا ڏير
اڳ ۾ پچي ٿي آريءَ جام جو، وينگس انهيءَ وير
گوليي پچي گهگهيلين جو، ترسيو تير پٽهير
پاچائي تن پائرن جا پانه چمي پير
ڏي ٿي مبارڪون مائٽن کي، آيا مانجهي مرد مٿير
ماني ناهي، مولابخش چئي، سانجهه ڪيئين سوير
طرحين طرحين طعام تيار ڪري، هن ڏاڪن ڪيا ڏير
دم نه ڪري دير، اچي هت ڏئاريائين هوتن جا.
١٥- هت ڏئاريائين هوتن جا، ڪاڏي ملوڪن مهمائي

آءُ بيٺي آهيان بندگيءَ ۾، پرٽ جهليو پاڻي
آءُ پاڇائي اوهان پائرن جي، ناحق نماڻي
قبوليم ڪيچ ڏٺي، ڪيم سڳ به سڃاڻي
ڪئين ڏهاڙا ڪيترا، هجو هيٺ راول رهاڻي
مهينارهو، مولابخش چئي، ڪجو نه ملڪ ڏي موڪلاڻي
آءُ ڪيان جنڊ جتن جا، پيو پريان پورهيت تي پاڻي
نه ڏيان بک پنهور ۾، چاريان ليڙن کي لاڻي
ماڳهان ڇڏيان ملير ۾، سارو سات سڃاڻي
سي جلا ڇڏيان جوءِ ۾، ڏاڳها ڏهاڻي (١)
ساري رات سسئيءَ کي، اتي ويٺي وهاڻي
اتي تي وينگس ويڳاڻي، پڌي سُر پروچن جا.

١٦- پڌي سُر پروچن جا، ڏنا جيڪارا سي جوان
چنهي چهو: چُپ ڪريو، خبر پڇي ٿو خان
تو وٽان موڪلائي ميرن، هلياسون سنباهي سامان
سورهين منزل سات رسيو، ڏيه پرياسين ڏان
آبو آيو اڳني، اتي ڪيا آرياڻيءَ ارمان
چئي پلپل پور پون ٿا، مونکي ڪوهياري جا ڪان
ڪينهون ڇڏيو پرديس ۾، ڪيو ميرن جو مهمان
هاڻ وٺي راهه روانا ٿيو، ڇڏيو پنهنجا ماڳ مڪان
مون هت ويهي رات وهائي، پيو ساراهيم سبحان
مونکي ٿو اچي ملڪ ڪاڻ، مولابخش چئي، ڪو جانب هيءُ جهان
ڪيچ ڇڏيو ڪُستان (٢)، اوهين وڃو شهر پنهور ڏي.

١٧- تڏهن شهر پنهور ۾، هٽي آياسون هاءِ
توڙن کي تڙپيڙ تي، پيا ڪرها سهن نه ڪاءِ
ساري وڻ وطن جا، گونگا اچن گاءِ
موڙي مهارون مَٽن جون، ڪيوسون لٿي سڄ سلام

(١) جلا = سپ وڳ (٢) ڪُستان = ڪوهستان.

پاريوسون فرض الله جو، ٻي سانجهي پڙهي سون شام
تون ڏاڪن سان ڏڪي آئين، طرحين طرحين جا طعام
ڪاڻي ماني خوش ٿياسون، تون چاٽين وٺو چام
پر اهي اٿئي آريءَ جا، ڪي پنهون ٻار پيغام
وندر جا وريام! اهي اٿئي پوريون خبرون پرڏيهين جون.

١٨- ٻڌي خبرون پرڏيهين جون، حاڪم! ڏي تون حال
پاڻ گڏ هئاسين گام ۾، لاڪيٽا هي لال
چڏي هليو چپر ۾، ڪامل مونکي ڪال (١)
جيڪي گڏ هئاسون ڏينهڙا، سي ساري مند سنڀال
اچي اسر ويل جو، ڪانگ تنواريو ڪال (١)
منهنجا اوٺي اچن ٿا، اٿي سسئيءَ کي سنڀال
سو ٽپڪيون ڏيئي ٽانڊڪي اٿو، در اڳيئون ديوال
پر موڙي، مولابخش چئي، ڪي سڄڻ ملندم شال
هاڻي آريءَ جا احوال، مونکي ملبا شهر پنيور ۾.

١٩- ملبا شهر پنيور ۾، مونکي ماريو ان مذڪور
ڏوبڻ جا ڏار اٿم، ٻيا پلپل پون پور
محمود جا من ۾، اٿم سات ڏئيءَ جا سور
هيتي اٿم نوڙي ننگ جي، هٿي اباڻا انبور
هڪ قربن ڪيس ڪاهيلو، ٻيا گهوڙا اندر ۾ گهور
ساري وجهو، مولابخش چئي، ڪٽي نماڻا نور
ڪجو ڪو مرَ ڪلور، سسئي هلائجو سات سان.

٢٠- سسئي هلائجو سات سان، نه تم وري وڃو وير
نشي نهوڙيو نرَ ڪي، لڳس قلب اندر ۾ ڪير
جت مصلحتون پاڻ ۾، ڪن وڃڻ جون وزير
هل پنهون! پيرا ڀري، تنهنجي پت رکندو پير
وات ڏسي وري آءُ، پوه موڪلايون مهمير
آريءَ جا اميرن، ستي چڏي ويا سيج تي.

(١) ڪال = ڪالهه.

٢١- سُني چڏي ويا سيج تي، سنجهي سات ساري
جُتيون جتن هت ۾، ويا حلب ڏي هونگاري،
ٻڌي رکيائون ٻروچ کي، ويا ڪرها قطاري
دانهون، ڪوڪون، ڪُوڪرا، ڪيون ورنه ويچاري
نه هئي جو سياڻي جتن جي، تڏهن هليا مُئيءَ کي ماري
هاڻ ته ڏيندي ٻاهه ٻيوور کي، چڙهندي نڏر نظاري
ڪهل نه پيو ڪيچيا! هليؤ وينگس وساري
هاڻ ته آري جام اکين سان، مَن ڏاتر ڏيکاري
چئي: وندر ڏي واري، ٻنهون وڻو وڃون ٿا ٻانهنجو.

٢٢- ٻنهون وڻيو ٻانهنجو، ويا ليڙا رات لڏي
سُتل چڏي ويا سيج تي، گوندر ويا گڏي
اٿيو آڏيءَ رات جو، پيئي ساڻين کي سڏي
ڪري ڪوڪارون ڪيچين کي، ٻنهنجي وات وڏي
گهوڙا! منهنجو گهوٽ وڃو، ڇپر ويو ڇڏي
هجي جس جتن کي، سونکي اوڻي ويا اڏي
پر ماري، مولابخش چئي، مونکي ڪهي ويا ڪيچ ڏي
تنهين مهل نڏي، هيءَ پٽر وجهو ٿي پار ڪڍي.

٢٣- پٽر وجهيو ٿي پار ڪڍي، آئي ماڻس انهيءَ مهل
اما! مون سان ماتم ٿيو، ٻيا جيجل! پريم جل
نڏهن ٿي روئان رت گاڏئون، گوڙها متي ڳل
هٿي مون کان هوت ويا، ٿي نهاريان نرمل
هٿي مون کان هوت ويا، مُئيس ڪهڙيءَ مهل
هٿي مون کان هوت ويا، مونکي سورن ڪيا سل
ڪا رات ڏيٽي ڪيچي ويندا، ڪانه پيم ٿي ڪل
چاريم ڏاگهن کي ڏهاڻي، روڙيو رتا گل
ڪالهونکر ڪالهه هئا، ڪي ڪرهن جا ڪر ڳل
جتؤ! شال جيئو، ۽ سکيا هجو شل!
ڪيچ ڏٿي ڪامل، در جهليو ٿي دانهون ڪريان.

٢٤- چئي: درجهليوئي دانهون ڪرين، توسڃي تان نه سڃي
ٻڌبي هئي ٻروچن جي ڪا برن ۾ بڻي
پر لولي ڪان ليڪي ويا، شاهد ماني هين سڃي
سور لڪيل هئا سسئي! تو کي چوري، رات ڇڏي
جيءُ وڃائي جتن سان، تون گونگن سان گڏي
تو کي پارس ڇڏي وياپٽ ۾، نڪي وبنگس ويئي وڏي
ڪا محبت هئي سڃي، تڏهن هوت ڇڏي ويئي هيڪلي.

٢٥- هوت ڇڏي وبس هيڪلي، تڏهن هن جا ٿپ ٿريا
چئي: مون ڪاڻيءَ کي ڪوڙرا، پيا پارڻ آهن پريا
آءٌ نڪريو ٿي نهاريان، اڃان نه جانب جت وريا
جي ڪير قول ڪيچ ڏئيءَ سان، سي پنهونءَ سان پريا
پر ماري ويا، مولابخش چئي، چوريءَ رات چريا
عطر عنبير عدن جا، هيت هوتن جا هريا (١)
سي وانگي واءِ پريا، وڃن ٿا ڪاهيو ڪيچ
دنوار ڏي (٢)

٢٦- وڃن ٿا ڪاهيو ڪيچ دنوار ڏي، آيون سرتيون سڀ مڙي
تو کان پنهون وٺي ويا پانهنجو، چوريءَ رات چڙهي
هئا جادوگر جبل جا، سي ويا نياڳي ننڊ پڙهي
اسين تابعداريون تنهنجون، پيون پيليائيون ٻڙي!
ڏسي ڏاڪا ڏونگر جا، ڏنئون نوڏن کي تڙي
ڪوڪ نه سڃي ڪيچ ۾، اکيان اٿي هاڙهو هب آڙي!
تون رُليي مرندئين روهه ۾، ڪاڙهن منجهه ڪڙهي
سون، ڪوهون، ڪوهيرا، ڪوربٽ، نهرا سجن نانگ ڙي!
لنڊيون، لڙا، بحر بلائون بچڙيون، پيا وڏا
واسينگن وات ڙي!
ڪچئون، ڪنيارا، ڪوراڙون، پيا ڪپرو ويندئي ڪاڻي ڙي!

(١) هريا = هاريا. (٢) دنوار = ديار، ملڪ.

گڏيون، گرناريون، پيٽيون، پاريون، ڪَن واچاريون
وارا ڙي!
تون چڏ بَينش پنهورم، اڳيان ڪَر ويندئي ڪائيِ ڙي(١)
منٿ مچ، مولابخش چئي، تون هيت ڏُسڪ مَ
ڏاهيِ ڙي!
وندر جو واهيِ ڙي! سو ڪامل ڏٺي ڪيچ جو.

٢٧- ڪامل ڏٺي ڪيچ جو، هيت بَدي ڪيئن بيهان
هَٿ هلندا هوت ڏي، توڙي ماس ڪائيندا ڪينئان
آءٌ جَتن بنان جيڏيون! هت ڪميٽي ڪوهه جيئان
ڏوراپا پنهنجي ڏکن جا، وڃي ڏونگر ڪي ڏيان
ليلهايان لَڪن ٿان، آني پچان محبت منجهه ميان
پاٽي پاڪ تڙن جو، اتي وڃي پرينءَ ساڻ پيان
جيت آهي جُوءِ جتن جي، آت سِسيءَ ساهه ڏيان
وڃي ٿائينڪي ٿيان، جتي ڪچهريون ڪيچ
ڏٺيءَ جون.

٢٨- ڪچهريون ڪيچ ڏٺي جون، ٿيا آري آوڍڙا
نِڌر چڏي ويئي نند ۾ ساٿي سوڍڙا
گدڙ، بگهڙ، پولڙا، اني شينهن جا سانگهيڙا
گرگ چلا، مڳ ماگر، اڳيان اٿي راڙهيون رچن
جون، پيا ڪن جهنگن ۾ جهيڙا
گاڙهاگورپت، آدمخور، راڪاس رڙن ۾، پيامَن جا ميڙا
جتي پڪا چام پنهونءَ جا، اتي وڃي ٿيا پيگن سان پيڙا
هت حال وڃايو هوتن لاءِ، تون ڪامڻ ڪرين ٿي ڪهڙا
اتي اٿي واٽن تي ويڙهاءِ، ڪي ميجر مروڻ ملڪ ۾.

٢٩- ميجر مرون ملڪ ۾، سي پانيان پنهنجي پاڳا
هجيئي حيف هينئان، آيئي نند نياڳا
وٺي ويهان ها ڪٿون خانن جون، جهلي پيرن جا پاڳا

(١) بَينش = بحث.

ڪوهيارو هٽي ويو قرب ۾، مونکي سورن جا ساڳا
لنگهائيندو اچي لطف سان، ڪي لڪئي جا لاڳا
ٿيا سامهان سور سسئيءَ کي، آني آيل اوجاڳا
ڌڪن جا ڏاڳا، سي ڏيئي ويو هوت هٿن سان.

٣٠- ڏيئي ويو هوت هٿن سان، پاڳ پنهنجي کان پائين
هر هر هنڌ هوتن لاءِ، ور ور ڏيو وڃائين
ڪتوربون ڪتن تان ڪٽيو ٿي لال لڳن کي لائين
اوڻڻ پَهرين انگ جا، سي تون پٽن جا پائين
زيور زربون سون جون، سي گهه گهٽا گهائين
ويڙهي جي وڏيري ٿيو، ٿي سانئڻ سڏائين
بَڪر وڳا پيئور جا، سي ٿي ڇانگون ڇڏائين
ماءُ پيءُ کي ماري، مولابخش چئي، وڃ نه آما ايڏاهين
ڪُڇ ۾ ڪيڏانهين، تون شرم رکي ويهه سسئي!

٣١- شرم وٺي ويو سات ڏئي، ڙي اديون! الله توهار
ميناڪاري مندبون، لاڻائين هَس، ڪڙولا، هار
ڪارا ڪيا ڪيچين لاءِ، ويهنگس ڇوڙي وار
جيڪو ضعيفن جو ضمان، سو محمد آهي مهندار
ٿيس جو گهاٽي جن لاءِ، سي پنجئي منهنجو پار
ڪوهيارو هٽي ويو قرب جا، مونکي لونءَ لونءَ
منجهه لغار
پَهري پيئي پٽن تي، سڀ ڇڏي سينگار
هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، ڏسي ڏونگر جا ڏار
مونکي ميا ميلين، مولابخش چئي، ڏيهه ڏئي ڏاتار
ٿي پُڇي پرين جا پار، ته ڪي جبل جت لنگهيا.

٣٢- تنهنجا جانب جت لنگهيا، تون ويهنگس! ڪرين ها وار!
ڪاهينڊا ويا ڪيچ ڏي، سات سڄا سارا
آڏيءَ رات آڻن جا، مون ٻڌا نيشن جا نارا
لنگهي ويا لاهوت ڏي، اوڻي اوپارا

سنجهي پچين هـا سسئي! ٻڌي هوتـن هونگارا
تـو هت وبهي رات وهـائـي، تڪيندي تـارا
هاڻ تـه تـو ڪان هـوت ويـا، ڏيئي لاڪيٽا لارا
هـاڻ تـه تـو ڪـان هـوت ويـا، پرين سي پيارا
هاڻ تـه تو ڪان هوت ويا، چو ڪرين ڪيچين لاءِ ڪارا
هو رهندا ڪين رجن ۾، نڪي آهن اڏيل اوتارا
ملڪ ۾، مولابخش چئي، اٽـئـي ميرڻ جا مارا
متان لڪن ۾ لڳي مرين، ۽ ڪرين جبل ۾ جارا
گهيڙ، گهٽيون، گهارا، مون ڏڪيءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو.

٣٣- ڏونگر ڏڪوئـيـن ڪان، هـو هليا هيڪاندا
منهنجا سياڪا سيڻ سان، ڦـاڻـل هئم ڦـانـدا
هـلـيـا ويـا حلب ڏي، اهـي اوٺي آوانـدا
لٽا ڪين ليهور ۾، نڪي ڪيئون ڇپر ۾ ڇاندا
ٻڪون بـانڪا بـرن ۾، ويـا سڄن ۾ سهندا
جي ويا ڪيچ ڏي ڪهندا، سي آءٌ جبل، جت نهاريان.

٣٤- تنهنجا جانب جت لنگهيا، تون سنجهي پچين ها سات
مون سڃاتي هئي سسئي، ڪا جتن جي جمات (١)
رائـي منجهه رڙيـون ڪيون، آئـن آڏيءَ رات
پئي هونگارون هوتن ڪيون، واڪا پنهنجي وات
حجت نه هلندي هـنـن سان، يار زوراور ذات
لڪ اڳيئي لال هئا، پي ملي ڏونگر کي ڏات
تنهنجو وٺي وَر وِلات، ويا ڪرها ڪيچ دنوار ڏي.

٣٥- ويا ڪرها ڪيچ دنوار ڏي، منهنجا هيڻا ڏسي حال
چـڏي ويـا چپريـن، ڪاما، مونکي ڪال (٢)
ڏڪيا ڏاڪا ڏونگر جـا، آءٌ ضعيف نماڻـي زال
پياريم ٿـي ڪير ڪٽن تـي، جتن کي سي جال
ڪرم منهنجي ۾ قافلو، آءٌ ساعت نه پانيان سال

(١) جمات= جماعت. (٢) ڪال= ڪالهه.

هيون خوشبويون خانن کي، ٻيا مَڻ ڪتوري مال
واسي هليا وندر جا، لڪ اڳيئي لال
هڪلي پهچان هَب ۾، آءُ ساٿين کي شال
جتن ٻنان جيڏيون! فنا ٿيان في الحال
منهنجو ماس، مولابخش چئي، آهي هوتن کي حلال
ڪٽي منجهه ڪلال، مون جهڙي جائي نڪا جمندي.

٣٦- تو جهڙي جائي نڪا جمندي، ذات براهمڻ، پوري!
تو کان سنجهي سات لڏيا، چڙهي ويا چوري
هاڻ وڙڻ واٽون وندر جون، تو کي لڳي آهي لوري
وَساءِ واري وڻڪار جي، جيئن هندو ڪن هوري(١)
جتن پائي رت هما، ذات زوراور زوري
ڇپر ڇڏ ڇوري! تون هاڙهو وڙڻ ته هوت لهن.

٣٧- هاڙهو وڙڻيان هوت لهان، ڪريان هوتن لاءِ حيلا
پري پٽيون پنڌن جون، پاروچ ٻاٽا ٻيلا
ڏکي ڏوليي ڏونگرين، ڏيئي ويا تو کي مونکي ٿيلا
اکيان ميا ملدم، مولابخش چئي، کسن تي گيلا
قادر کيچ ڏٺين سان، ڪندو منهنجا مهيلا
ساجهر سويلا، آءُ اکيين سان اوٺي ڏسان.

٣٨- اکين سان اوٺي ڏسين، هُو هوت لنگهيا هاڙها
وڳ وڃن ٿا وهڙهه ڏي، هو ماڳ ڇڏيو ماڙا
سک ڇڏي سانگ ويا، هٿي ڏوهڻ سان ڏاڙا
جن لاءِ ڪرين رائي ۾ راڙها، سي اڃان اٿي
انهيءَ ڪنڊ تي.

٣٩- ڪيچان آيون قطارون، سي آريءَ جون چئجن
ڪهڙو بار بودن نسي، ڪهڙو وڪر سندن
پوکيم باغ بلوچن لئي، چانگا من چرن
ٻهه ٻهه پاروچن جي، هي هي هونگ سندين

(١) هوري = هوليي.

گجها خط پنهونءَ ڏي، منهنجا راتو ڏينهن وڃن
منهن منجهه مَيِي کي، کي لعلون لک لڏن
جنهن کي سونا والا نڪن ۾، موتي جهرمر ڪن
جنهن کي سائِي لونگي ڪلهن ۾، سو پنهون ناڻءُ چون
سيئي سِير لنگهن، ڪلمون جن جي قلب ۾.

مارئي

٤٠- ساراهيان سچو ڏٺي، جو قادر ربّ ڪريم
وسي ٿو ويڙهن ۾، راحم ربّ رحيم
ٽرين برين ٽاڏلون، ڪيون سير محمد سيم
چارئي يار رسول جا، جن درس وڌايو دِين
پنجتن پاڪ پيلارا، محبت ۾ مرهِين
واري هيءَ وڳر سان، من گوايِي نيئي گڏين
موٽائي ملير ۾، من نماڻيءَ کي نِين
جتي سڳر ساهيڙين جا، اتي چوري نيئي چڏين
ميڙيو ڪينجهر ڪنڊئين، جت ڪاڻونبا ٿيون ڪِين
سرتيون روز صبوح جو، مونکي ساٿيه ۾ سڏين
آئيو ڏيهاڙي ڏين، مونکي ڪنيون ڪاهڙ پار جون.
٤١- ڏين ڪنيون ڪاهڙ پار جون، ڪن سرتيون مونکي سڏ
ويئي ماڙيچن جي موهر ڏي، ڪالا ڪيٽن جي لڏ
پڪا پڪن سامهان، اتي مارو ڏيندم مَڏَ
آءٌ ڏوٽياڻي ڏَڏَ، مونکي مارو ميل ملير جا.
٤٢- مارو ميل ملير جا، جن جي تن اندر ۾ تار
ستي ساريم سومرا! ٿيم سهڻي منجهه سنيار
وڃي ويٺا ويڙهه ۾، ڪاهي ڏڻ ڏنار

[٤٠] کان [٧٤] تائين بيت حسين فقير هڳوري (تعلقو سنجهورو) ۽ محمد حسن "مشتاق" (تعلقو ٻنوءاڻل) کان ملِيا.

سن پيرو ڪن بنڌياڻي تان، ويڙهيچا وينجهار
چانگون چنن پاس ۾، آت پهڪن تا پڪرار
گهٽا گهرن پاس ٿا، رونشا ڪن ريڍار
پاڻا پر پٽن جي، گاڙها آهن گنوار
نديءَ پاس نڪريو، سرڪن شال سيهار
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، آهي پورين جي پڪار
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، چڙين جي چونگار
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪرڪين جي ڪينڌڪار
ٻنهي پر پيلائين جي، هوءَ هوءَ جي هيڪار
مارو ميل، مولابخش چئي، جي ماڳ چڏي ويا مختيار
وڃي ويٺا ويڙهه ۾، وٽي ڪاپڙي ڪنار
ويچارا پنهوار، اچان اٿئي منهنجي آسري.

٤٣- سي ساريان سومرا! آءٌ لاڪياٽيون لال
وڃي ويٺا ويڙهه ۾، مارو ڪاهي مال
سڪيا ٿيا ساٿيه ۾، ڪي ڪالهوٽيءَ ڪال
وٺا مينهن ملير ۾، پڪا جن جا پال
آءٌ جن لاءِ روز پڪاريان، ساريندي ٿيم سال
سي مارو ميل، مولابخش چئي، جيڪي ڪهي
ويا اٿم ڪال

سهڻي منجهه سنڀال، هو ملير، آءٌ هيت ماڙئين.

٤٤- سٽي ساريم سومرا! مارو سي مٽڙا
سهڻي ۾ سنگهار مون ڏوٽي آهن ڏٽڙا
وٺا مينهن ملير ۾، ڪي ساٿيه ۾ سٽڙا
آءٌ آڪنڊي آهيان، مونکي موڪل ڏي سٽڙا
عجب رنگ الله جا، مون ڏهاڙي ڏٽڙا
سانيءر سپيرين جا، چهڪن ٿا چٽڙا
ماڙيچا، مولابخش چئي، راول آهن رٽڙا
مارو ٻنهنجي مرجات ۾، ڪاپڙي آهن ڪٽڙا

سرتيون وڃن سگر مُٽ تي، وٺيو گهيڙ گهٽيون گهٽڙا
آءٌ لوئي ڪيئن لاهيان، پهريان ڪيئن بٽڙا
سونهن ٿا سنگهارن ڪي، ڪي لڳن تي لٽڙا
تنهنجا سڳ ٺهن سومرن سان، مارو نه اٿي مٽڙا
شل! پيان وڃي پنهوارن سان، ڪي ڪاهڙ ۾ ڪٽڙا
عمر ڪٽي آيو ڪوهه تان، هٿي جهنگن مان جهٽڙا
پنهوارن پُٽڙا، آءٌ چمان شال چپن سان.

٤٥- ستي ساريم سومرا! جي سَوايا ۽ سَرس
موڪل ڏي ته ميٽهين وڃان، ڇڏ هيٺن سان حَدس
سال لنگهي ويا سومرا! آءٌ مارو سنهران مَس
سرتين سان ساٿيهه ۾، ڪريان رهاڻيون ۽ رَس
سرتين سان ساٿيهه ۾، لاهيان قُرب جي ڪَس
سرتيون سي ساٿيهه ۾، پين پنهواريون پس
روضي پاس رسول جي، ڀني ڪَن گوڙيون گس
روضي پاس رسول جي، ٿيون ولهاريون وَس
روضي پاس رسول جي، پريون تَرائيون ۽ تَس
مارو ميل، مولابخش چئي، جن لاءِ هينئون ڪري هَنبس
وڃڙيا مهيلين رب! جن جا ڏور پون ٿا ڏس
ساريو سانگيڙن ڪي، مون لڙڪ وهايا لَس
پر پونگا پر پيٽن تي، اتي گام ڇڏي ويا گس
پوءِ لاڪيڻا لَس، وڃي ويٺا مَٿهن مارو جام جي.

٤٦- هُو ملير، آءٌ ماڙئين، منهنجي ڪانه لڏائون ڪَل
ماڙيچن جون موهر ۾، جهوڪون پاس جهنگل
ساريان ويٺي سومرا! تن پنهوارن ڪي پلپل
راتوڏينهان روح ۾، اٿم ويڙهيچن جي وِلجهَل
هڪ وعدو ٿيندو ويڙهه ۾، ڪاهڙ منجهه خلل
سي بي ليکبا لاهوت ۾، مانجهي هوءِ مَل
تون به عمر! ارڏايون ڪرين، متان نڙجين تنهن مهل

مونکي ماروئڙن جي، مولابخش چئي، اٿئي جيءَ
اندر ۾ جهل
مونکي ڏي موڪل، تہ آءٌ وڃي ملان ماروءَ مير کي.
٤٧- ملان ماروءَ مير کي، جيتي پاڻ اچي ويهندو
ميارڪون ملير ۾، اچي مون ڏکيءَ کي ڏيندو
اچي پيڙو ٿيندو پٽن ۾، ات احمد جام ايندو
وارث ٻنهنجي وگهر کي، ڪلمي ساڻ ڪاهيندو
ڀريا ڪنڊ ڪاهڙ جا، تڏهن نيڙ پاس نيندو
ملنديون وندر واڌايون، جڏهن بخشڻ تي بيهندو
مارن کي، مولابخش چئي، اچي ماڙ کي موڪيندو
عمر! زورو نہ ڪر ضعيف سان، اڳيان توراڙو ترندو
ڪندو سرهو سانگ سيڊ اچي بڌيون بخشيندو
ڪندو سرهو سانگ سيڊ اچي مدايون ميٽيندو
ڪندو سرهو سانگ سيڊ اچي ڪامل ڪوٽيندو
والي اچي وڻڪار ۾، ات اچا اوڏيندو
لڪن جا لاهيندو، هو سيرا هن ملير ۾.
٤٨- لاٿائين سيرا ملير ۾، سرتين ڪيا سينگار
لاکيون لوڏيون لڳن تي، ٻيا هس ڳچيءَ ۾ هار
مارو ميٽ ملير جا، جن جي تن ۾ اٿم نار
جيڪي سڄڻ سانگ ويا، سي پرچن شال پنهوار
اکيون اوير پار ڏي، ٿيون روئن زاروزار
ساريو تن سانگيڙن کي، مون نيڻ وهايا نار
منهنجو ميلو مارو مير سان، ڪندو صاحب رب ستار
آءٌ ماندي آهيان، مولابخش چئي، ڏسي ڏيه ڏٺي ڏاتار
منهنجي مُهڙ ماڙيچن ڏي، آءٌ نڪريو ڪريان نهار
اٿم آڪنڊ اباڻن جي، ڪا لنؤ لنؤ منجهه لغار
تن اندر جي تار، سا ڪٽل اٿم ڪاهڙ جي.
٤٩- ڪٽل اٿم ڪاهڙ جا، ڪي سانگيڙن جا سور

وطن چڏي وس ويا، ڏيهه چڏي ويا ڏور
مارين ٽا ماڙين ۾، مونکي پنهوارين جا پور
ساهه منهنجي کي سومرا! پون آڏيءَ رات انبوُر
من ۾ گهايم، مولابخش چئي، تن مارن جا مذڪور
سٽي سڏ مڪايل جا، مَن ڪوئين ڪوُر
ماڙيچا ملير ۾، ڪندم :ياد ضرور
ڪاڏم تي ڪاهڙ ۾، ڪي ٻاروتن ۾ ٻوُر
مونکي ماڻ نه اچي مور، ساريو ولر ويڙهيچن جا.
٥٠- ساريو ولر ويڙهيچن جا، دل کي پون دام
آءٌ انهن جي آهيان، جيڪي رهن چارين ۾ چام
مهڻو نه لڳي مونکي، جو آهيان سومرا! تنهنجي سام
ـي رهون راءَ ڪندا ويا، ڪامل هي ڪلام
هُو ڪاهڙ منجهه خوش هجن، وطن ۾ وريام
وُنا ڪپ ڪينجهر جا، گس پريا آهن گام
منهنجا ڪم ڪريم تي، آءٌ هٽي ويئيس هام
منهنجا ڪم ڪريم تي، آءٌ سيد تنهنجي سام
ماڙيچين جا، مولابخش چئي، آيا پهرين رات پيغام
سهڻي منجهه سلام، مون وٽ آيا ماروءَ مير جا.
٥١- مون وٽ آيا ماروءَ مير جا، ڪي پروانا ٻَر
وِهايو مون ڪونه ويسلي، ڪو ويچاري وڪر
هلندو ڪونه حبيب ڪو، ماڙيچن سان مڪر
سڏن سان ساڻي ٿيندو، جڏهن ڪَن پوندس ڪوڪر
سي بنهارندا نرمل ڏي، جن‌سان هوندو ساٿيه،منجهه،ثمر
آءٌ لنبي پئي لُولهٽ ڪريان، منهنجيآ توبه تو دَر
اتي واڪا ٿيندا ويڙهه ۾، ڪي هاڙهي منجهه حشر
سٽي سڏ ساٿيهه ۾، اچي پوڪاريندا پنهور
ملندا سي ملير ۾، ڪي سرتين جا بہ سگر
ويڙهيچن جا وڪر، سي مارئيءَ سي ملهائيا.

٥٢- ساريئي سپ ملهائيا، جن سان هئا راز رفاق
هينئون منهنجو هئن لاءِ، ڦٽڪي منجهه فراق
تن ڪي ساريان وبئي سومرا، پلؤ جنين جا پاڪ
سونهن ٽا سنگهارن ڪي، درس جن جا دِماڪ
سرها ساٿهه سانگين جا، تڙ مڙيئي طاق
مارو ميل، مولابخش چئي، سچي جن جي ساڪ
مارو ملڪ مٿي ويا، هاڙهي پيئي هاڪ
وٺا ڪڪر ڪس ۾، مٿان پين ماڪ
جهوپا جي جهانگيڙن جا، چوٽرا اڏيائون چاڪ
ڪائين ڪير ڪاهڙ ۾، پنهوار آهن پياڪ
سي تڙ مڙيئي طاق، ساريئي آجاريا ملير جا.

٥٣- ساريئي اجاريا ملير جا، پنهنجا سيئي پنهور
بادل برسي آئيا، بجليون پائي بحر
وٺا مينهن ملير ۾، ات ڏونيا پريا ڏهر
وٺا مينهن ملير ۾، ات سهڻا ٿيا سر
وٺا مينهن ملير ۾، اڪين ڪيا اوجر
وٺا مينهن ملير ۾، ٿاڌل ڪئي آ ٿر *
وٺا مينهن ملير ۾، ٿيون گجگوڙيون گينور *
وٺا مينهن ملير ۾، والي ڪئي آ وَر *
وٺا مينهن ملير ۾، ٿوڻنگ پريا سپ تر *
ڦٽا دامن ڊِڻن ۾، ٿيون ٿاڌليون مٿي ٿر
قوت جن جو ڪِراج هو، سي ڦليون چرن ڦر
پٽرٽ پچئي چوندين چپئين سان، سرتين جا به سگر
واريو اچن ويڙهه مان، ڪي ٻانهيارين پڪر
ڏسان ڪنواريون ڪينجهر ڪنڌئين، ڏي موڪل اداعمر!
تهنجون ڳالهيون ڳوٺ ڪنڌياس ڪي سومرا سڌَر
چانگن سان چني آئين، ڪٿي رهيا وڙهيچن وگر

* محمد حسن "مشتاق" جي روايت موجب.

ماڙيچن جي، مولابخش چئي، نڪا آئي ڪاهڙ سان خبر
سٽي ساٿيهه جا سانير، منهنجو چڙن من چربو ڪيو.

٥٤- چڙن من چربو ڪيو، ڪرڪيون ڪيڪارين
ڪاهيو ڪينجهر ڪنڌئين، اني پنهور پيارين
پيرا ڏيو پٽن ۾، ولر ڪيو وارين
مارو پنهنجي مال کي، ٿا تڙن تي تنوارين
ساڳا ڪيو ساٿيهه ۾، ٿا ڪاهڙ ۾ ڪيرڪارين
تن تي وُنا مينهن مڙائي جا، جي گوڙين تي گذارين
مارئيءَ جي منهن ڪاڻ ٿا جهنگل جهونگارين
جن سان ساٿ گذاريم سومرا! سي ڪيئن ويهي وسارين
جي اچن سلام سنگهارن جا، تہ مُٺيءَ کي حيارين
ميٽ منهنجا، مولابخش چئي، اچان گوندر گذارين
مونکي ٿا مارين، ڏسي ڏونيا ڏوٽيڙن جا.

٥٥- ڏسي ڏونيا ڏوٽيڙن جا، پيم سورن جا سيلها
ڪتي پونگا ڪتي پٽون، ڪتي سانگ ڪتي سٽون،
ڪتي ٻائر جا ٻيلا
ڪتي مارو ڪتي مال، ڪتي لاکيٽا ڪتي لال، ڪتي
رتن جا رٻلا
ڪتي تڙ ڪتي تنوار، ڪتي پکا ڪتي پنهوار، ڪتي
ڏيهه سندا ڏيلا
ڪتي ڏڻ ڪتي ڏنار، ڪتي سهڻا ڪتي سنگهار،
ڪتي ڇچر ۾ ڇيلا
اهي لٽڪي ويا لڪن تان، منهنجا لاکيٽا لهيلا
سکيا ڏينهن سانگين سان، ڪٿيم ويڙهيچن سان وهلا
وڳ وچن ٿا ويڙهه ڏي، وٽيو گس گيلا
لاهيندو اچي لطف سان، جهانگيڙن تان جهيلا (١)

(١) جهيلا = جهنلا، بندشون.

پر مارن سان ملير ۾، منهنجا محمد ڪندو ميلا
پيرم سان پلا، آءُ ويندس وطن سامهين.
٥٦- ڪيئن ويندئين وطن سامهين، آندو مئين جهنگن مان جهتي
تنهنجا مارو ويا ملير مان، ساڳيا ماڳ ستي
وڃي ويٺا ويڙهه ۾، نوان ڪوهه ڪتي
صورت پنهنجي تو وڃائي، ڪرڙن تي ڪتي
ڪين ڇڏيندوسئين ڪڏهن، ويندئي ماڙيچا ستي
مري ويندئين مارئي! هت ڇڏيندوسئين لوڙهه لتي
موٽڻ جو، مولابخش چئي، تون اڪر ڇڏ چتي
حديث پنهنجي حال جي، پڙهي ڏس پتي
تہ موٽيو ڪونہ مقام مان، ڪو خاوند ڪوڻ بہ ڪتي
سگر سانگين سان ستي، تو ڏکيا گذاريا ڏينهڙا.
٥٧- سانگي منهنجا، سومرا! هت ڪائين ڪندون ۽ ڪير
ويٺا آهن وطن ۾، مارو منجهه ملير
مرتيون روز صبح جو، پبن پاڪ پنير
ڪيهون ٿيون ڪاهڙ ۾، ٿيا ساوا گهر گنڊير
ٿيا آهن سڪار ساٿيهه ۾، هتي ڇا هي هميرا!
تون لاهِ ڪڙولا ڪوٽ جا، پيچ قضا جا ڪير
عمرا! ابائي پار جي، اچي هينئين ڪي هير
جان٦ ماري ڇڏ ماڙين ۾، جان٧ لاهه زوراور زنجير
جان٧ ڪهي ڇڏ ڪنڊل ڪي، جان٨ ثابت آ ڪارج سير
سولي ڪجانءِ سچا ڏئي! هتئون حضرت پير
مارو مونکي ميلئين، هو ويڙهيچا مهمير
مِٽ اٿي منهنجا، مولابخش چئي، ابائا اميرا!
هِت نيٽين وهابان نير، ساريو سنگهارن ڪي.
٥٨- ساريو سنگهارن ڪي، تنهنجو هينئون ڪري هنيس
اوڏا هنا تہ آئيا، آهن پري ڏوٽين جا ڏس
تنهنجا مارو رهن ملير ۾، ٻيا وڃ چرن ٿا وس

تون پاءِ پٽير پلنگ تي، تہ لاهيون قلب جي ڪس
پاءِ ويڙهہ، ڇلا، ورڻا، ميناڪاري منڊيون تہ
ڪريون رتولن ۾ رَس
تائٽ تفڪيلا، دهريون دليلا، بينسر بولا، ڪن
ڇپن تي ڇَس
آليون آلريون، جهومڪ جهالريون، دهريون پائيج دس
نسبيون ناڪيلا، والا وايولا، تون هيرا پائيج هس
اڳي ٽَڪي پئي هئين ٿرن ۾، هاڻي موچاري تي آهين مَس
پراهي مال خزانا، مولابخش چئي، آهن وينگس! تنهنجي وَس
جو ڪنهي ڪري ڪَس، تو کي ڪٽي آيس ڪاهڙ مان.

٥٩- ڪٽي آئين ڪاهڙ مان، پر منهنجا سانگي سياڻا
ان مهل نہ هٿا ويجهڙا، نہ تہ ڪنئي ها پنهور پچاڻا
سگهو رسنئي ها سچ ۾، ڪنئي ها ديوانا داڻا
هاڻي مارو پنهنجي مرجات ۾، وتن ويڳاڻا
اچي اڏيا اٿن اوڏڙا، جي ڏوٽي ڏاڏاڻا
يونگا پير پٽن جي، تن پڪڙا پراڻا
جيڪي ڇانگن مان ڇڄي ويا، سي ساڳيا سڃاڻا
سانجهي ۽ صبح جو وجهان ويڙهيچن لاءِ ويچاڻا
عمر ادا! وطن تي وسون ٿيون، ڪيا مينهن ماندا ڻا
آءٌ عرض ڪريان ٿي ادا عمر! ڪريو نيڻ نماڻا
موڪل ڏي، مولابخش چئي، اٿئي پلؤ پيراڻا
ماڙيچن سان ماڻا، آءٌ مور نہ ڪنديس، ملير ۾.

٦٠- چئي مور نہ ڪنديئن ملير ۾، نڪي ويندين ويڙهہ وري
ساري ويهي رهيا، لڏائون خبر ڪانہ ڪري
چانور ڪائي چورسا، ٿيندين چاق چري
پلنگ پٽراٽيون پٽ جون، ويهہ هدورن ۾ هري
ڪڏهن ڏيسون ڪانہ ڪا، پنهوارن ۾ پَري
ساري سانگيڙن کي، ويندين ملڙين منجهہ مري.

هينئون تهنجو هنن لاءِ، ويـو گڏنين منجهه گهري
ڪٿا ٻي ڪاهڙ ۾، ٽڪي پيـا آهن ٽري
لـوئـي لاهه لڳـن تـان، ڪٿي سـا ڪـهري
سالُون اوڍ سنگهار! لاهه سورن جـي ته سري
محبت ۾، مولابخش چئي، ويهه محلن ۾ مارئـي!
ڪوٽن ۾ ڪنواري! تون ڪر ادب عمر جام جو.
٦١- ادا عـمـر! آءٌ تـوڪـي پـاءُ ڪيو ٽـي پانيان
سڏيون گهالهيون سورن جون، توکي سومرا! سڻايان
منهنجا سانگي سفر ويا، سي وڃي پنهور پرچايان
مـارن سان ملير ۾، تنهنجا گـڻ وڃـي گهايان
رکي سيل ساٿيهه ڏي، وڃـي مـاڙ کي ملهايان
رکي سيل ساٿيهه ڏي، وڃـي مـارو مـرڪايان
رکي سيل ساٿيهه ڏي، وڃـي حڪم هـلايـان
جي ٽڪي پيا آهن ٽرن ۾، ته به وڃي ڪاهڙ ۾ ڪايان
ڪريـو ڏُٽ ڏهر مان، وڃي ڪـاهـڙ ۾ ڪايان
پنيو پنج ڪٽي، تڏهن به وڃي ڪاهـڙ ۾ ڪايان
آءٌ سيڪجهه ٽـي سمجهان، نـنـڍڙي نـاهـيان
ٽيندين شاديون سنگهارن جون، تن جا نام وڃي ناهيان
جي ٻڌندا موڙ ملير ۾، تن جا ڏاج وڃي ڏايان
وگهر اباڻي ويـڙهه جـا، وڃي لڪ ۾ لنگهايان
عمر ادا! تـوسان ڪنديس مـن جـون گهالهيون،
مولابخش چئي، اچان اوجاگهل آهيان
پر ٻڌر ٻاباڻن جا، آءٌ وڃي قيام تائين ڪاهيان
سا لوئي هت ڪيئن لاهيان، جا ڏنل آهي ڏاڏاڻن جي.
٦٢- ڏنل اٿي ڏاڏاڻـن جـي، تنهنجا پنهور ٿيا پري
موٽيو ڪونه مـقـام مـان، وانگي ڪونه وري
لٿي لـوڙهه لڪن ۾، ويندءِ ڏوڙ منجهه ڏري
تون سمجهي ڏس سنگهار! ٻئي سامي سڏ ڪري

عمر نالو عزرائيل جو، سو ايندو ڪهڙي مهل ڪري
ڪٿين طالب تڙجي ويا، ڪٿي ڪونه ڪري
ڪوفي ڏينهن قيام جي، ايندا عاشق جي آري
محبت ۾، مولابخش چئي، ويهه ماريئي! ماڻ ڪري
تنهنجا ٽڪي پيا آهن ٽرن ۾، هو پهون پياري
تنهنجا ٽڪي پيا آهن ٽرن ۾، هو سانگي سڏ ڪري
تنهنجا ٽڪي پيا آهن ٽرن ۾، هو تڙ تڙ تنواري
پر توکي پانيئون ڪين پٽن ۾ هو ويٺا وساري
غم جا ڏينهن گذاري، هو خوش ٿي ويٺا اٿئي ڪاهڙ ۾.

٣ - خوش ٿي ويٺا آهن ڪاهڙ ۾، چڏي وڻ ولهار
آءٌ عرض ڪريان سومرا، سڻين جي سردار!
منهنجي لوئي هٿ مر لاءِ! متان ٿين ڪاهڙ ۾ خوار
اوڏا هٿا تہ آئيا، پر پري ٿيا پنهوار
مارن سان ملير ۾، وڃي ٿيان ننگن سان نروار
عمر! آڏو ابائن جي آءٌ وڃي وڃايان وار
آئي مند مينهن جي، هٿ تاڙا ڪن تنوار
آئي مند مينهن جي، برسي بوند بهار*
آئي مند مينهن جي، ڪن گجگوڙيون گينوار*
آئي مند مينهن جي، لڳي لس لغار*
آئي مند مينهن جي، چوطرفي چوڌار*
آئي مند مينهن جي، ٿيا ڪڪر ڪارونيار*
وسي پيو وڏڙو، ڏوڏو ڪري ڏڏڪار*
ڏسي ڪنوٽيون ڪاهڙ پار ڏي، وجهان ڦوڙائي جي ڦار
ڪن ويس ويڙهين ۾، اني سرتيون ڪن سينگار
ڪونجن جي ڪڇن تي، آهن پانهيارين کي پار
پيرون چونديدين پٽن ۾، ڪنواريون منجهه ڪنار
رهن ريلن ڪنڌئين، اتي تاڙا ڪن تنوار

* محمد حسن "مشتاق" جي روايت موجب.

پين پس پنهواريون، اتي سرتيون ڪن سينگار
منهنجا چيلا چوڙيا، جت ليا سونهن لار
آءُ ڏوُنرن جي سَڌ مران، ڏکيا جن جا ڏار
وڃي چاريان پڪر ٻاٻاڻن جا، ساريءَ سڀ چمار
جن ڪاهيا ڏڻ ڏٽار، سي موٽي ايندم ملير ۾.
٦٤- موٽي ايندم ملير ۾، ڪاهي مال متاع
پٽ تہ اوباهيي جا، مانجهي مور ملاح
گهوٽيا گهر نہ آئيا، ڪيائون ڪُنن پاسي ڪاهہ
سهڻي ساهڙ جام لاءِ، واهڙ تري وبئي واهہ
سا ڪڏ ڪريو ڪاهيو پوي، ديمين منجهہ درياهہ
سسئي پنهنجي سات لاءِ، پڇاڻو پنهون لاءِ پساهہ
سا روئي پئي رڙن ۾، رند پڇي ڏي راهہ
مومل محلاتن ۾، ٿي پريءَ لاءِ پاهہ
موٽي آءُ ميندرا! نہ تہ سوڍا وڃي ٿو ساهہ
تون وَني، آءُ ولهو، پنهنجو نار نڪاح
تو مٽيي ني مٽي چڏيو، تڏهن ٻا ڏيهن ۾ ڏاهہ
هڪڙا ميرون ملڪ ۾، ٻيا ٻگهڙ ڪن باهہ
هڪڙيون بلائون برن ۾، ٻيو رڙن ۾ راڻاهہ
تا وسن ميڙائي جا مينهن، جو مري وڃو آهي ماهہ
سيفل سان سورن جي، محبت پڙهي مداح
پري ڏسي پرديس ۾، ڪنڊ متي ڪيئين ڪاهہ
اچي اونچل ڪوٽ ۾، هنئي سنياسين صدا
گرناري گودڙيا، اتي سامي ڪن صلاح
ترس تہ آءُ تڙ ڪريان، پوءِ سيسي منهنجي لاهہ
ساريو ساموندين کي، چڙهيا ڪٽين جا ڳاهہ
جيڪي سانگي وبا اٿئي سپرين، آٿيندو الله
آندي عمرڪوٽ ۾ ڪٽي بر مان بادشاهہ
هاڻي مارن جا، مولابخش چئي، لاڳاپا ڪٽي لاهہ

وٺندا ويڙهيچا وناهه، آني ڪاهڙ منجهه خوشيءَ مان.

٦٥- ڪاهڙ منجهه خوشيءَ مان، اٿئي ابائا اڙينگ
ويٺا آهن ويڙهين ۾، منهنجا لاڪيٽا لڙهنگ
من ۾ ماروئڙن جا، اٿي ويڙهيچن جا وَنگ
الله جيڏو آسرو، اٿئي نرمل مٿي ننگ
تو پيءُ لڄايو پنهنجو، تو سومرا! ڪيڏو سنگ
وڃڙي آءٌ وڳر مان، روبو ڪريان پئي رنگ
تون هيڏيون هلائون ڪرين، رڙندئي ڪوٽن مٿي ڪنگ
سي به ريهون راوَ ڪندا ويا، پالها ڪيو پلنگ
وُٺا مينهن ملير ۾، تڙ پريا آهن تنگ
وُٺا مينهن ملير ۾، ڏهر پريا آهن ڏنگ
وُٺا مينهن ملير ۾، چوپڙيون وڃائين چنگ
وُٺا مينهن ملير ۾، رب جا ٿيا آهن رنگ
ڏسان ڪنواريون ڪَس ۾، جيڪي مات ولوڙين منگهه
جن جا جهوپا پاس جهنگ، تن جو اٿي روز رسول تي.

٦٦- جن جو روز رسول تي، تن کي ڏهاڙي ڏيندو ڏاتار
عالم جن جي آسري، سو مڙني جو مهندار
اچي مدايون ميٽيندو، سونهارو سردار
محبت جا مونکي مارئي! اٿي ڪنديا منجهه ڪاپار
لڏائي اچان لاڪيٽن کي، جيڪي ڏن واهي ڏنار
لڏائي اچان لاڪيٽن کي، جيڪي گاڙها آهن گوار
آئي ويهاريان اوڏڙا، جيڪي تنهنجا پيٽن پار (١)
وٺي اچان وطن مان، ساٿيهه منجهه سگهار
محل ۾ ماڙين جا تون درس ڪر ديدار
لڏج لال هندورن ۾، هيرا پائي هار
ملير وسارج مارئي! سهجان ڪر سينگار
جيڪي ويڙهيچا ولهار، سي مارو ملڪ مٿي ويا.

(١) پارَ = پائر.

٦٧- چئي: سوڻي سي ملير مان، آميد اٿم ايندا
ماروئڙا مونکي هتان وٺي سي ويندا
عمر ادا! توڻ چوري ڪين ڇڏيندا
ڪڍي ڪنگالڻ ڪوٽن مان، ننگ پنهنجو نيندا
وري وڃي وڳر سان، هٿ گولي گڏيندا
مبارڪون ماڙ ۾، سي ڏوٽيڙا ڏيندا
ڪنڊون ڪير ڪاهڙ ۾ پنهوار پيئندا
تن پراڻن پڍن مان، لاڪيٽا لڏيندا
پڪا پيهيون پنهنجون، اوڏانهين اڏيندا
ڪوليندا ڪيجهر ڪنڊين، مونکي سانگي سڏيندا
ويڙهه وٺي ويندا، مونکي ماروئڙا ملير ڏي.

٦٨- وري وڃ وطن ڏي، توون پيين، آءٌ ياءُ
وٺي وڃ ويڙهه ڏي، ماروئي! منهنجي ماءُ
لڳو پيرين پار جو، ڪو وطن سندو وءُ
غم لهي گوندر وسا، جڏهن ويٺو اندر ۾ الله
وٺي ڏيان ويڙهيچن کي، جي هجي پنهنجي وس پساءِ.
لاهيندو اچي لطف سان، جيڪي ڪيا اٿم غم گاهه
وڃي پڙي ٽي پيٽن ۾، تنهنجو شرم رکيو شاهه
جيڪي ميرا مون وٽ ٿيئي، سي لاڪيٽا وڃي لاهه
سي ڏوئندا ڏٺار آت، جيڪي سڄڻ سانگ ٿيا
وڃي ڏس سڳر سنگهارن جا، جيڪي مارو ٿر ٿيا
ڪبوڻ پڪارون پنهوارن، سي مون سانگين سڏ سٽا
مون تي هنگاما هٿا، ڪي مارن جا ملير ۾.

٦٩- مولي وڃان ماڙ ڏي، مونکي ڪلهن سڏ ڪيا
منهنجا ميٽ ملير ۾، اٿئي ڏوٽيڙا ڏهيا
توون سڄڻ وٺي سانگ وٺين، هيتي رتا راج رهيا
گاهه وٺي ڪس وسا، ڪيئن وڳر ٿي وهيا
وٺي پريون پيٽن جون، ڪيئن لاڪيٽا لهيا

چانگن مان چني آئين، تڏهن مون ٿي حاڪم هٿ هنيا
تن کي ساريندي سج وبا، جيڪي پئي نڙن تي نئيا
سي موتي ابندم ملير ۾، ماروئڙا ۽ ميا
ويرين وڪوڙي جهليا، جيڪي ريان ۾ رهيا
منهنجا سفر وبا اٿي سانگي، سي ملندا ڇو نه ميان!
نڪي آها پروانا پرين جا، هو الائجي ڪهڙي ڳالهه ڳهيا
سرتيون سور سهيا، سون ونهين ويڙهيچن جا.
٧٠- ونهين ويڙهيچن جا، اٿم اندر منجهه الهوٽ
سڪي ڏٺم سانگيڙا، تڏهن پيم وطن منجهه واهوٽ
آءٌ آڏامي هتي آيس، چڙهي مٿان چوٽ
اچي سڪيا ڏٺم ساٿيهه ۾، گهونن پامي گهوٽ
سي ڪاءڙ ڪيرائيون موڪليون، روئي ورهائيون روٽ
منهنجا پساهه پنهوارن سان، سي ڏٺم ڏوٽي راؤ ڏهوٽ
آءٌ مليس تن سان، مولابخش چئي، نه ڪي قبوليم ڪوٽ
وَس چري وريا، سي مارو ڪائي موٽ
چارين جا چاوٽ، سي مون ڏٺا اج ملير ۾.
٧١- سورج شاخون ڪڍيون، ٿي راٺاءوه ۾ رهٽ
ڏٺا مينهن ماڻيسر ۾، چرن چوپيرون چٽ
آءٌ چڇڪاريندي آيس چيان ڪي، پڌرو وٺيو پٽ
اتي وارو ورايم تڙ تي، ٿي جهنگل منجهان جهٽ
ويٺي ورت هٿن مان، لڙ چڙهي ويا لٽ
ڏسي ڏيل عمر جو، ساهه ڪي آيم سٽ
هو ڪنيي هليو ڪوهه، تان، نخرا ڪري نٽ
ڪوٽ به ڪارونيار جا، اتي ڪارا ڏٺم ڪٽ
ٿيم سنيارون ساٿيهه جون، ڪيم ڦوڙائي ڦٽ
ڪيم آزيون عمر چام ڪي، تنهن ڏڪي موڪلي آهيان ڏٽ
ڏٺم ماڙيچن جي موهر ۾، ساڳي سانگين جي سيٽ
اتي ڪن ڪچهريون ڪيچ ۾، مارو منهنجا ميٽ

پڪن، پسين، پيچن، پيرن جي ڪيرو طن پنهنجي پروٽ
چڳيرن جي چٽ، اچي ٿي خوشبوءِ ڪاءڙ پار جي.

٧٢- اچي ٿي خوشبوءِ ڪاءڙ پار جي، ٿيون سڪايل ڪي سارون
وڃن پيون وجود ۾، ڪي لاڪياٿيون لارون
سنيري ويهو سرتيون! اجهي آيون قيام ڪوڪارون
ساري تن سانگيڙن ڪي، آءٌ پئي ڪريان پوڪارون
مولي ايندم ملير ۾، جن لاءِ وڏم ڦوڙائي جون ڦارون
ڪهڙا ڪلهن ڏوهه ڪيا، جن جي وڏئون من
تي مونجهارون
پڌم اچي موهر ۾، ڪي جهانگين جهونگارون
آءٌ مليس تن سان، مولابخش چئي، جن لاءِ وڙهم ولهارون
ڪيون سورن سنيارون، جڏهن سجڻ وٺي سانگ ويا.

٧٣- سجڻ وٺي سانگ ويا، الا ڙي آلا!
سون نڌر نمائيءَ جا ٿيندا پائر پرجهلا
آءٌ سڪايل ٿي سڏ ڪريان، مونکي ماروئڙا ملاءِ
جهونگارندي جهنگن ۾، مون ڏنا وطن ۾ ولا
ٿربر، ماڙ ميٽ، ڊوليا ڊيٽ، ڪاءڙ ڪڏ، راڳ رنڌيءَ،
سانگ سنديءَ، نيڙ نديءَ، ڪارونيار ڪنديءَ،
ڳولهيم سڀ ڳلا
ماڙيچن جا موهر ۾، ڪٽا ڪينجهر منجهه ڪيلا
نوئي ڪنڊ نمي پيا، پريا تيرهن تڙ تلاءِ
مارن ڏي، مولابخش چئي، وٺيو وڃن گس گلا
سي بہ رهيون راؤ ڪندا، ويا حلب ڏي هليا
جتي بنيو بي تلاءِ، ات ٿي مارئي پاڏو ڪي ملير ۾.

٧٤- وڃي ٿي پاڏو ڪي ملير ۾، جتي رتو راج رهي
ڪيم مانجهاندا ملير ۾، ماڻيهه منجهه سهي
ساڳيا سجاتم سنگهار، جن پياري مارن کي مهي
وڏيو ڏنم وڙهين مان، چانگن کي چهي

ڪونجلون ڏٺم ڪينجهر ۾، هتان وڃڻ ويا وڻهي
جتي محبت موڙ ٻڌا، اتي ويا دل تان غم لهي
قلب سان ڪٿهي، پڙهي ڪامون پار لنگهيا.

رامڪلي

٧٥- ڏيئي ساز سامين کي، راول رتائون
ڏوئي ڏاڪا ڏوڙ ۾، پر ۾ پاتائون
مڻ محبت جا من ۾، وجود ۾ وڌائون
هاڻ جون حرمين ڏي، ڪن سنجهي صلاحون
گيڙو ويس گودڙيا، اتي پٽيون پهريائون
هليا سامي سڳر ڪري رند وٽي راهون
محبت جون، مولابخش چئي، ورچون وندهائون
رت ۾ رڱيائون، آلفيون تن آديسين جون.

٧٦- ڪري هليا آديسي الفيون، سامي ڪري سنگ
هڪليندا ويا هنگلاج ڏي، آديسي اڙهنگ
لائي خاڪ لڳن کي، لاهوتين ڪڍيا لنگ
ورتائون وات وندر جي، جهٽون ڏيئي جهنگ
موٽائي ڏي، مولابخش چئي، جانب منهنجا جنگ
سامين کي سؤ رنگ، آهن بيراڳين کي بر ۾.

٧٧- بيراڳين کي بر ۾، رڻ ۾ پيئي رات
آن پائيءَ جي انهن کي، ٻوءِ نه وٽي بات
رکيائون محبت من ۾، ملين ڏاتر وٽئون ڏات
ٻڌائون سندرا سڪ جا، اٽي آڏيءَ رات
هڪليندا ويا هنگلاج ڏي، ڪندا لا ڪيٽي اِما لات
ڪنهن جي چاڻي ٿي ڪانڪا، باريءَ اڳيئون بات
وڃي ويجها ٿيا وڻڪار ۾، سامي گڏيا هئن سات

[٧٥] ڪان [٩٦] تائين حسين فقير هنگوري جي زباني قلمبند ڪيل.

پين سا پريات، جوش چڙهي وبا جو گهين ڪي.

٧٨- جوش چڙهي وبا جو گهين ڪي، جن من ڇڏيو ماري
سامي هاڻيا ساٿيه، ڏي، پر ۾ پوڪاري
هاڻ جون حرمين ڏي، واڪون شل واري
حسن مير حسين، من مونکي ڏانر ڏيکاري
حسن مير حسين جي پيئي آن پڌاري
حسن مير حسين ڪي، ساهه پٽو ساري
حسن مير حسين جي مونکي محبت ٿي ماري
پاڻي پاڪ تڙن جو، من برور پياري
آءٌ ماندي آهيان، مولابخش چئي، آرمڙ ارنهاري
ڪيل قول پنهنجا، من پرين اچي پاري
ورتم راهه رسول جي، ڪامل ڪناري
ڪيو سڏ انڀيءَ ڪي، پئي پلپل پڪاري
هي گولي مانَ گڏين، نيئي وڳر سان واري
واريندو سرهو سات سڪايل جو، سيڌ سنياري
ويندو عربي آڪاري، وارث پنهنجي وڳ ڪي.

٧٩- وارث پنهنجي وڳ سان، ٿيندو پيٽن ۾ پيڙو
سامي پيا به سونهان هئا، ڪونه ٿيو جو گهين جهڙو
جهيڙو جهونجهارن جو، مونکي پيرهه پرو بيڙو
حسن مير حسين جي، ڪيو مونکي سورن سانگهيڙو
هي گولي مانَ گڏين، جتي هوندو محمدي ميڙو
لنگهائيندو اچي لڪن مان، هو ٻاجهه سان ٻڙو
ڪندو نبوت سان نيڙو، سو سامين کي سات ڏئي.

٨٠- سامين کي سات ڏئي، لاڙي منجهان لڪ
لڳن ڪين لاهوتين کي، جهڪون، جهولا، جهڪ
رهيو پون رڃن ۾، قادر رکين ڪک
اوتيو پين آج کي، پيو بگرين وڏئون بک
لحظي منجهه لهي وڃا، ساڻي ٿيا اٿن سک

ڪاهيندا ويــا ڪاپڙي، راول وڻبو رُڪ (۱)
دونهان تــن دڪائا، اٿــم طلب تنين جي تــڪ
لنگ ڪڍي لال ٿيا، اٿم طلب تنين جي تڪ
گڏيا ميلي محمّد جــي، هــادي منجهان حق
ملان تن سان، مولابخش چئي، مونکي پرور ڏني پڪ
چڳيرن جا چڪ، مونکي رهجي ويا روح ۾.
۸۱- رهجي ويــا روح ۾، مونکي آديسين جا ارمان
ويا ويراڳي نڪري، جن جي ڪل پوي ٿي ڪا نہ
تن لاءِ نت نت نهاريان، مون وٽ موٽي اچن مانَ
لؤ لنؤ ۾ لاڪيٽن جا، اٿم ڪوهيارن جا ڪانَ
حُب ڏيئي هينون هٽ ڪري، ساڻ وٺي ويا سامان
مڙهيون چڏي ماڪ ماٽيائون، جت هئا محبت جا ميدان
مــاري ويــا معذور ڪــي، ســامــي سُرت سُجان
وڃــي گنگا ۾ گــڏ ٿيا، سامي سُرت سُجان
گُر ڪــي گــڏيا ڪاپڙي، سامي سُرت سُجان
ويا ڪنهن وَس ڪي، چڏي مڙهيون ۽ مڪان
سي پورب ۾ پيهي ويــا، جيڪي هتي هــئا مزمان
تن لاءِ ڦرڪيو ويئي ڦلون پايان، اچيو پون مون
تَڪيءَ ڪي ٿان
مون وٽ موٽي ايندا، مولابخش چئي، جُنگ پليرا جوان
جن جي محمّد آهي من ۾، تن جو ظاهر آهي زمان
چشمن ساڻ چُمانَ، ڏسي اڳــڻ آديسين جــا.
۸۲- ڏسي اڳــڻ آديسين جــا، منهنجو ڏيــل ڏري
اوڏا هــئــا تــہ آئــيــا، جيڪس ويــا پــري
واڳ تــہ واحد هــٿ ۾، جڏهن قسمت ڪري
هَلو تَڪيا پَسون تن جا، جن جي ڍول ڍري
مــدعــي معشوقــن جــي، ويــا تحت تــري

(۱) رُڪ = رخ

آءُ بہ اڳيري ٿيان، ايندو ملڪ مهر ڪري
سڻي سڏ سڪايل جا، وارث مانَ وري
ڪيائين عرض الله ڪي، شل پنهنجي وطن وري
جنهن جا ڇانگن مان ڇڇي ويا، سا نڪريو نهاري
جنهن جا ڇانگن مان ڇڇي ويا، سا پلپل پڪاري
موتي ايندا، مولابخش چئي، من ڪو قادر ڏينهن ڪري
سا پلپل پڪاري، جنهن جا جوڳي جوءُ مٿي ويا.

٨٣- جوڳي جوءُ مٿي ويا، ڪُلاچ تي ڪاڙي
هينئون منهنجو هولن ۾، ويو سورن منجهه. سڙي
منهنجا پورب پانڌي هليا، تن لاءِ گهاريان ڪيئن گهڙي
وري وسائيندم ورهه جي، محبت جي مڙهي
جيءُ منهنجو جوڳين لاءِ، ويو قربن منجهه. ڪڙهي
لحظي منجهه، لهي ويئي، جيڪا هئي درد جي دڙي
وري گڏيا آهن وڳر سان، خوشحال ڪاهوڙي
گرنار ۾ گاروڙي، لنگ ڪڍي لال ٿيا.

٨٤- لنگ ڪڍي لال ٿيا، ور ڇڏيائون وَٽ
هُو جي پُورب ۾ پيهي ويا، پَريون وَسائي پَٽ
بعضي صبر سنياسين جا، بعضي محبت مَٽ
بعضي ريشم رنگ ۾، بعضي نانگا ڪن پيا نٽ
بعضي سونهن سيجن تي، بعضي خاڪ تنين جي ڪٽ
بعضي مرڪن مڙهين ۾، بعضي هوڪا ڏين هٽ
لڪا ننڊ نائن ڪي، بعضي آڏوني منجهه. آلهٽ
بعضي ترسن تڙن تي، بعضي گام ڪندا ويا گهوگهٽ
بعضي هُرن پيا هينئين ۾، فڪر تني جا ڦٽ
ڪڏهن ايندا ڪاڙي، جن لاءِ جهاتيون پاتم جهٽ
جيجل جوگهائين لاءِ گهڙ نهاريان گهٽ
لاهوتين جا لٽ، سي مونکي ولين جيئن وريو وجن.

٨٥- خاڪ تني جو تڪيو، خاڪ تني جي ذات

خاڪ تني جـي ڪٽ، ۽ خاڪ تني جي تـات
خاڪ تني جو اڏقو، خاڪ تـنـي جـي بـات
خاڪ تني جو مُلڪ آهي، خاڪ تني جي تـات
سؤ رنگ سنياسين کي، ٻي وائـي نه اٿن وات
لوڏيو ڪنڌ لـما ڪن، ڏين ڪُلهن کان ڪات
ساجهر لنگهيا سُچ مـان، سندا سامـيـن سات
ويجهي ٿي وڻڪار کي، ڪا جو ڳين جي جمات (١)
نڪي آيا پيغام پرين وٽ، نڪي نند مان اٿيا ناٿ
آءٌ ملان تن سان، مولابخش چئي، الفيون پائي آلفات
وندر جـا وڃا تـ، سي ڪڏهـن ملندم ڪاپڙي.

٨٦- ڪڏهن ملـنـدم ڪاپڙي، تـي واويـلا وڻڪار
رهيا ريـلـن ڪنڌئين، اتـي طالب ڪن تنوار
تن کي سونا دُر ڪنن ۾، هـس گڇين ۾ هـار
تن کي ماريندي سج لهي ويا، جيڪي هئاصورتوندسنگهار
سُتا سُور چڙهن، ٻيـا وطـن چڏي ويا ولهار
چانگن مان چيني ويا، هـٿي ڪري ڏاڙيلا ڏار
نڪي آيا لـڪيا لاڪيٽن جا، آءٌ ويٺي پڇائيان پار
ڪين ڏسان ٿي، ڪيڏانهن ويا ڪالهونڪر قربدار
ڏهـئـي سير ڏاتـار کـي، ڪيو وڻجارن واپـار
وهـي رت ريـلا ڪيا، ڦُـٽـا ڏونـگـر ڏار
قائم ڪيلي ڪوڏيـا، بيٺا جبل ۾ جهونجهار
بيلو ڪڪر چانـوٌ ڪري، متئون ميگهه ملهار
ڪهنبا ويس ڪـتـن تـي، متئون شهزادا سينگار
ملڪن ۾ مـانـڌ پـيـا، پـيـا رُلـنا زاروزار
پرين پـاڻ پڇاڙيـو، هـوت هـلـيـا هـالار
تن معشوقن جو، مولابخش چئي، الله ڪندو آچار
سي راول رُتا ڪپڙا، مون وٽ وري ايندا وڃنجهار

(١) جمات = جماعت.

سامين سڀ چمار، هتي ويهي گوندر ۾ گذاريو.

٨٧- گوندر ۾ گذاريو، ڇڏي ويا مڏيون ۽ مال
ساري سنامين کي، مون جر وهايا جال
لڳهي ويون لڪن مان، کي قطارون ڪال
جوڳي جوءِ مٿي ويا، سامين کي ٿيا سال
تن کي ڪن-وٽا ڪٽن ۾، رنگ رتا رومال
سي مونکي ملندا ڪاپڙي، ڪيم سائين کي سوال
پانڌي پورب هليا، ڪين نيائون نماڻيءَ نال
تن معشوقن جي، مولابخش چئي، آهي ملير ۾ مقال
هوڙا ٿيا اٿم حال، ڏسي اڳ آديسين جا.

٨٨- ڏسي اڳ آديسين جا، منهنجو ڏيل ڏري
اوڏا هئا تہ آئيا، حيڪس ويا پري
هليا ويا هنگلاج ڏي، جاما جوان ڪري
ٻڌائون ٻاروتڻ ۾، چوتا چيلهہ ڌري
اڏامي ايندا شال، پرين پر ڪري
ڳجهيون ڪنديس ڳالهڙيون، لڳي ڳل ڳري
گودڙا گرنار ۾، ات ڏوئي رکيائون ڌري
تن سامين جي ٿي سري، مون هت گوندر ۾ گذاريو.

٨٩- سامين جون سڄ ۾، ٻيون هلن هونگارون
هڪليندي هنگلاج ڏي، ڪندا ويا توڏا تنوارون
رهجي ويون روح ۾، ڪي محبتي ميارون
وارث پنهنجي وڳ جون، موڙيندو مهارون
هلن پيون حرمين ڏي، ڪي ڪاهي ڪوڪارون
ماندي آهيان، مولابخش چئي، ڪريان پلپل پڪارون
حسن مير حسين جون، ٿيون لنوءُ لنوءُ ۾ لارون
سيڊ چڙهيو سنڌ تي، ٿيون ملڪن ملهارون
اڄ واحد ولهارون، واسي هليو وطن جون.

٩٠- واسي هليو وطن جون، پيو ڏيهن ۾ ڏهڪار

مهدي چڙهيو ملڪ تي، پيو دلي ۾ دهڪار
مٿي ۾ مقالون هليون، سنڌ چڙهيو سردار
لڪي موڪليائين لاهور ڏي، ڪلڪتي ڪنار
ستاري ۾ سڌ پيئي، ڦريا پونهي پهريدار
جپان ۾ جهڙو ٿيو، آهي روس ۾ آچار
بنگالي، چين ولايت ۾، پئي پورب ۾ پچار
خواجا اجمير، ٻڙدو، ڪوٽ تي، گام متي گرنار
باهڙ مير، رڻ ڪنو، جاجها، جهرنا ڪڙهه، جيسلمير
۾ جهونجهار
پهرايائين پنجاب کي، ڪيائين خراسان سان ڪينڪار
ڪاؤن چڙيون ڪابول جون، پيئي آهي ڪڙ قندار
لس، لاهوتي، لامڪان ۾، پيئي پرين جي پچار
ڪچ، پٽ، امبراسر ۾، آهي سنڌ سالار
تي ڪڙ ڪراچيءَ ۾، چڙهيو ملڪ جو مختيار
تهين ويل تجلا ٿيا، نوري ٿيا نروار
ڏسي حسن مير حسين کي، گيدي تي ويو گار
چوري ڪالهه چپن سان، ڪوليائين خبرچار
وندياڻون محبت، مولابخش چئي، ڏناڻون صحبت
کي سينگار
گورو ٿيو گرفتار، اچي قدمين پيو ڪريم جي.
٩١- قدمين پيو ڪريم جي، چئي، ٻڌئي خوب خبر
بيشڪ توکي بادشاهي، آهي ڏني پاڪ ڌڻي برور
موٽي اينڌو ملڪ تي، ڪري شهنشاهي سفر
آءٌ ۽ لڪان ٿو لاهور ڏي، تکي تار تمر
تر مالڪ چڙهيو ملڪ تي، الله جي آڌر
سڪا وڻ ساوا ٿيا، ڏسي ڏيهه ڌڻي ڏاتر
گورا! ويندين گؤن تي، سچا ٿيندئي سوجهر (١)
ڪوڙا ٿيندئي ڪماڻي، ويندا گس وڻي گونر (٢)

(١) سوجهر= سولجر. (٢) گونر= گورنر.

ڪنهن جي چَلي ٿي ڪانه ڪا، توڙي هجي
ڪو ڪَلٽر (١)

خاڪ گهٽا ڪائي ڇڏيا، توڙي هجي ٿونگر
هڪل علي شير جي سان، ڏريو پون ڏونگر
مون مسڪين کي، مولابخش چئي، سائين ڏجانءِ ثمر
لاهيندو اچي لطف سان، مون ڏکيءَ تان ڏسر
وارث گڏيندو وڃ سان، ڪري نمائيءَ تي نظر
هُو هٿ پڌيو هرهر، بيٺو امام اڳيان آزيون ڪري.

٩٢ - بيٺو امام اڳيان آزيون ڪري، هلي هنڌين ماڳين هاڪ
ڏجانءِ پاند پناهه جو، تون برور ڏٺي پاڪ
مهدي چڙهيو ملڪ تي، لڳو فرنگيءَ کي فراق
اچان صوبا گهٽا اٿئي سنڌ ۾، متان ڏوڙها وجهن ڏاڪ
تن مردن کان، مولابخش چئي، سائين! وٺجانءِ ساڪ
پڌي خبرون ڪاهوڙين جون، روز چڪن ٿا چاڪ
تن جي موڪ هلي ٿي ماني، آهي عرشن ۾ اوطاق
وارث! پڌجانءِ واڪ، هيءَ هٿ پڌيو ٿي حيلا ڪري.

٣ - هٿ پڌيو ٿي حيلا ڪري، جنهن کي محبوب ڏنا سانَ
قادر جي قدرت جي، ڪَل ڪنهين کي ڪانه
مٺو نالو محمد جو، جنهن جا ڏيهه پرين ٿا ڏانَ
اڳي به مرد سامهٿا هٿا مکيءَ ۾، سورهيه جوان سُجان
لڙي پوندا هٿا لشڪر ۾، مست انهيءَ ميدان
دونالين جا ڏوڙيا هٿا، جيئن آب گجي آسمان
ڪافرن کي ڪاپار ۾، هٿا ڪوهيارن جا ڪانَ
سي به ويا وارو وڃاڻي، جهونجهار جوان
اچان به صوبا گهٽا آهن سنڌ ۾، تن جا پونيءَ پهلوان
مريد اٿئي ملڪ ۾، سوپارا سلطان

(١) ڪلٽر = ڪلڪٽر.

لڪا گهمن لوڪ ۾، جوڳي منجهه جهان
تن وٽ محبت جي، مولابخش چئي، ڪمي آهي ڪانه
جيڪو وٺندو پيروي پيغمبر جي، تنهن کي الله ڏيندو ايمان
اتي مرد مومنو! ري ڪلمي ڪندي آهي ڪانه
"لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله" سيکهن جو ميڙي آهي مڪان
سفر جا سامان، هئا سيد سنباهيا سنڌ ڏي.

٩٤- سيد سنباهيا سنڌ تي، هليا هلچار هاڳام
ماڻهو، مرگهه، پکي، ديو پريون طالب ٿيون تمام
مهدي چوڙهيو مُلڪ تي، علي شير امام
وڻ واري هليو، نرمل جنهن جو نام
وارث واري آندو وڳ کي، ميمر مدني چام
سڻجانءِ سڌ سيدا! وندر جا وريام
عالم جنهن جي آسري، سي مولي ملايام
ڏهاڙي ٿي ڏسان، جيڪي هينئين منجهه هريام
مون ٿڪيءَ تي ٿورو ڪري، اڳڻ شال ايندام
اچي پهنجا ڪيل قول پاريندا، عربي سي انجام
سفر سنهيا شام، آن ساجن سات سنباهيا.

٩٥- ساجن سفر سنهيو، ڪري الله توهار
"نصر من الله و فتح قريب" گويا ئي گفتار
پرور پٽ رکين، منهنجا ڏيهه ڏٺي ڏاتار
ڪوڙين لشڪر هن سان، ڪئين ڪٽڪ ڪارونيار
برجلوٽون بندوقون، سونا سي سيڪار
تجلا ترارين جا ۽ چمڪا هئا چوڌار
ٻڌيون، پالا بادشاهه کي، ملها حضور مان هتيار
عاشق ڏنا معشوق کي، امام کي اختيار
فوجون هيون فقيرن جون، چريا چوڪيدار

حملو مير حسين جو هو بيحد بيشمار
هليون حورون حضرت پير سان، واسي ڪل وٽڪار
ذڪر پڙهي ضربون هنيئون، ڪيئون ”تون هين“ تون ”
جي تنوار
ڪتوري ۽ خوشبوءِ سان، واسيائون ڪل ولهار
سٽي سڏ سڪابل جا، تون دوست ڪراءِ ديدار
محبت ۾، مولابخش چئي، مون ڏي هيڪر
ڪٽي نيڻ نهار
اهو محمد آهي مهندار، وارث والي ملڪ جو.

٩٦- آهو وارث والي ملڪ جو، واسي ڪل وندر
مليون مبارڪون ملڪ ۾، ساوا ٿيا آهن شهر
آهو لاهوتي لاڙ سان، جنهن دلبر کوليا در
روضي ڏٺيءَ رنگ بنايا، نوري ڪيا نظر
بنگلي ڏٺي بادشاهه هو، جنهن ڪنهايا ڪاڪ، ڪفر
مسند ڏٺي مست هو، جنهن جي ڪاهڙ منجهه جبر
تخت ڏٺي اچي تاريندو، ڏيئي اڙين کي آدر
ڪوٽ ڏٺي جون ڪمايون، ڏيون پئي ڏاتر
ڏنائين انگ الست ۾، اتي قلم لکيو قادر
سودا ڪيا صاحبن، صوبن ڏنا سر
گهوڙا! تن گهوٽن تان گهوري چڙجن گهر
ڪيمخواب جا هٿا ڪرهي کي، جڙيا لال جوهر
مرسل چڙهيو مهريءَ تي، پٺيان لڳا لک لشڪر
آءٌ ملان وڃي، مولابخش چئي، تڏهن غم لهن گوندر
هجن پڪين وارا پَر، تہ آءٌ وڃي ملان محمد مير کي.

سارنگ

٩٧- آهو محمد والي ملڪ جو، لٽا ڏهن تان ڏڪار

[٩٧] کان [ع.ا.] تائين حسين فقير ڪٽوري جي زباني قلمبند ڪيل.

پنانور سڀ ڀڄي پيا، وڏيڙهيون وڻ ولهار
گوڙيون گجي آئيون، ڪري لاٽون منجهه ملار
پنجاب ۾ پالوليون ٿيون، ملي استنبول کي تار
ملتان ۾ ملهارون ٿيون، ڪٽليا ڪٽهار
لڳيون ڪرنايون ڪوئٽيا ۾، وٺا ڏوماڻي جا ڏار
ماڻيلي ۾ موجون ٿيون، بوندون منجهه بڪار
روهڙيءَ ۾ رنگ رسول جو، محبت جي ملهار
ڪنوٽين خوب خوشيون ڪيون، پڪن پاس پنوهار
روضي پاس رسول جي، ات ڇيرين جا ڇمڪار
وٺني سنڌ سيند جي، ٿي لڪ مٽي للڪار
بادل برسي آئيو، سارنگ ڪيا سنگار
وٺا مينهن ملير ۾، ات گاڙها ٿيا گنوار
پهريو وڃن پٽن تي، هيٺن ۾ ڀڪرار
رهن ريلين ڪنڌئين، رونشا ڪن رڍيار
وڃهو ماندائيون ماڻين ۾، مرڪن ٿا ميهار
مانگي سڀ سڪيا ڏيا، جت مڙهي جهونجهار
پٽن جي پرن ۾ آهي ڪرڪن جي ڪيڪار
پٽن جي پرن ۾ آهي چڙن جي چونگار
پٽن جي پرن ۾ آهي ڇيرين جي ڇمڪار
پٽن جي پرن ۾ آهي پوڙين جي پڻڪار
هتهي ڪپ پيلاڻن جي هُوهُو جي هُڪار
وٺو ملڪ، مولابخش چئي، ٿيا آهن ساٿيه منجهه سڪار
جيڪي ڪاهي وبا ڏڻ ڏنار، سي وڃجها پيا آهن
وس ڪي.

٩٨- وڃجها پيا آهن وس ڪي، جنهن بادل وسايا بر
وٺا مينهن ملير تي، ٿيا ڪينجهر تي به ڪر
پڇيو چڙهن پٽن تي، ٿيا آهن ماڪيڙيءَ ۾ مچر

مورجهنڊي تي مانڊاڻا ڪري، ڪيائين پهماسر تي پر
ڪسيون ڪيائين ڪڏهر سان، ڪيائين نارا نبي سر
ڪيائين رنگ ۾ راضي شاهه تي، نڪا ڏنائين
ڊوري ڪي ڊر
وَنگي تي وارا ڪري، ڏنائين ولاسي ڪي ور
سي مٽي ۾ موڪون هليون، پرها ڏهڻي جا ڏهر
ڏنائين پاڳو پڄ ڪي، ڪيائين ڪڇ مٽي سانئر
سي ڪبڙي ۾ گوڙهون ٿيون، ڇاڇري ۾ ڇر
ڏنائين بهاريون بڙودي ڪي، ڏنو وينجهاسر
پالهڻ پور ۾ پالوٽيون ٿيون، ٽاڏليون مٽي ٽر
پڇي پيا پاڳين جا لاڪيٽا لهر
سي پهريو وڃن پيشگير پٽن تي، سنوان جنين جا سير
لوڏين ٻانهاريون لاڏ مان، ڪونجون ڪٽيو ڪر
پڪا ڪيٽ ڪنيين جا، ڪن چوڙيليون چهر
سڪيون گذارين ساٿيه ۾، ڪريو ويچاريون ولر
سي وڙڪن پٽيون ويڙهه ۾، جن جا آهن گهارن
پاسي گهر
سي موتي ملندم، مولابخش چئي، ساڳيا سنگهارن
جا سگر
سانگين جا سفر، ڪٽي مينهن ميڙاوا ڪيا.

٩٩- مينهن ميڙاوا ڪيا، ٽيا گرنار ۾ گوڙ
نبي سر تي نارا ڪري، اچي 'پربن سر' ڪي پوڙ
پري تنهن پٽياري ڪي، ڪيائين 'ٽيپرين' تي ٽوڙ
رتي تي راماڻا ڪري، ڪيائين ڊيڊري تي ڊوڙ
ڪري پر پٽياڻي تي، ڪيائين نهر ڪاڻيءَ ڪي نوڙ
ڪپرو، ڪاهي وٺي، ڏنائين لوڻ ڪاڻ ڪي لوڙهه
وَساڻي وارهه تان، اچي ڪيائين ڪوڙيلي تي ڪوڙ

ٻڌي ڪاراڻي ڪڍ سان، ڏنائين ’جيئائي‘ ڪي جوڙ
ڏيئي راناهو روهڙي ۾، ڪيائين واڳهن جي ٻ ووڙ
ٻيٽون سڀ ٻري، ڏنائين چوٽياريءَ ڪي چوڙ
ٻڌي ٽهڪا ٽڏي ۾، ڪيائين لڪيارين جي لوڙهه
ٻڪار ۾ ٻوندون ٿيون، ڪيائين لٽڪي تي لوڙهه
ٻڪسريءَ تي پاڻ ٿيون ڪري، ڪيائين ڏاهو جي ڏوڙ
مڪيءَ ۾ ماندائا ڪري، ڪيائين ڏهول تي توڙ
لوڙها سڀ لهي ويا، لٽي سنگهارن تان سوڙهه
سي ڪير مڪڻ جا ڪٽيرين ڪي خاوند ڪيا ڪوڙ
جڏهن محمد ٻڌا موڙ، تڏهن عالم ڪل آسودو ٿيو.

١٠٠- عالم ڪل آسودو ٿيو، وڃون ٿيون ٻ وسن
مٽڙائو تي موجون ٿيون، جڪرائون ۾ جشن
هيڪل تان هليو اچيو ڦرهي تي ڦرڪن
گوڙيون گجي آئيون، اچي گهنواري گسن
ساوا گاهه سُهيلي تي، اچيو ڏهرهه ۾ ڏسجن
ٿيون ڳاڙهائيون ڳڳي ۾، هٽ ڏوري ۾ ڏرڪن
ڏيئي چهليون چرخي ڪي، هٽ واريو ونگ وجهن
ٿيون پاڻوڻون پاڪ سنگهار تي، اچو ڏالو ۾ ڏرڪن
ڏيئي لهجو لاڏيءَ ڪان، اچيو لوتڪي ڪان لنگهن
جاڙا جهڙ جنيت تي، اچيو گوگڙي جيئن گسن
سونهري تي سانون ٿيا، ٿيون ملهارون معصومن
ڀري گهنڊ گهونيءَ جا، اچيو دادو ۾ دهڪن
مسڪين شاهه تي موجون ٿيون، جو پاڻهي ۾ ڀرين
ٻوڙي تن ٻڌن ڪي، اچيو ڪيهيءَ ۾ ڪڙڪن
ٿيون وسون واريا سي ۾، اتي بونڙون بس نه ڪن
مبارڪپور ۾ ميل ٿيا، ڏس ساجن شاهه سُجن
لوهيءَ ۾ لڙ گهاٽ ٿيا، اتي ڀن ڀينا ڀاڳين

بادل ٽيا پنيوءَ ۾، اچيو ڪاماري ڪڙڪن
بادل ٽيا بخشاپور ۾، اچيو ڪشمور ۾ ڪڙڪن
جيڪب‌آباد تي جلهه ڪري، اچيو ٽل تي ٿهڪن
آباوڙي تان آٽي هليا، خانپور سان ڪوٽسن
ساوڪ ٽي سنگرار ۾، سامڙي منجهه مرڪن
ڏيئي لوهان لوت ڪي، لانڊيءَ سان به لنگهن
چوليون ڏيئي چڻ ڪي، ٽلي منجهه ترسن
ٽڪي ٽيڪراٽي تي، روپهر منجهه رهن
ڪري پالوٽيون پني تي، ڏُبر منجهه دهڪن
ڪري رنگ روهڙيءَ ۾، اچيو سکر ۾ سَهڻن
ميٺا گاهه ماٽيلي جا، سعدپور ۾ به سُجهن
ميٺا گاهه موراهڏيءَ تي، سخيءَ تي به سُجهن
ڪنڊيرون ڪنڊيرن سامهيون، ٽيون وطن تي وسن
تن جو روز رسول تي، جن جا جهوپا پاس جهنگن
انهن جا مَڇي مال متارا ٽيا، جن جا پاٽا پاس پٽن
ڪنواريون ڪينجهر ڪَس ۾، سي مالين تي مرڪن
بيجهڙ ولوڙين ٻانهيريون، ٻنگيو ٻاڻ هٽن
پوچاڙيءَ ويل پٽن تان، اچيو گهرن پاس گهمن
چالا تن چوڙيلين جا، هينين منجهه هُرن
سي آءٌ ڏسان پيري پاڳيا، جيڪي پار پاڪ پين
وسان وڃي ويڙهه ۾، گڏجي ساڻ سرتين
پر وُٺو ملڪ، مولابخش چئي، ٽيا آهن مڙاڏا محبوبن
منداڻتن مينهن، ڪٽي واري وڃوڙيل گڏيا،
١٠١- واري وڃوڙيل گڏيا، ٽيا پَٽ مڙيئي پاڻي
گاهن گلزارين ڪيون، ٽيو ٽُلر، لُنب، لاڻي
پُرٽ پڇتي، پُرٽ پَروڙو، مَڪ ماندائي، ڪَم
ڪنڊيرن، ڏَم ڏامَڻو، ٻي آهي ساوڙي ساماڻي

ڏراڙ ڪوري، ڏاجورو، ڪيهه، ڇهر، ڪالونبا
ڪيرلي، ڪلورو، مورِي مُنڊهري، نانگلي
نارن ۾، ڏهرن ۾ ڏاڏائي
ميڙيو اچن ملمير مان، ڪا مڪئي ماماني
پربو اچن ڪانبا پرم جا، مون وٽ ڏوئي ڏهائي
هيت اٿي مانجهاندا، مولابخش چئي، تون ڇو پيو
تندا تائين؟
ڀر ڪو محشر ميڙائو ٿئي، هي اٿي هڏ وِهائي
پنهوارن پاڻهي، اچي اڏيا ويجها تڙ وندر جا.
١٠٢ـ اچي اڏيا ويجها تڙ وندر جا، آئي هرميل ڪان هير
پيون لالايون لڪن ۾، ۽ سُنگها منجهه ملير
جنگشاهي ڪي جوڻي، ڏنائين جهڪورون جهمپير
ٻنهي تي ٻاجهه ڪري، ڪيائين ساڪري ڪي سڌير
سجاول، ڏڙو مغليين، شاهه ڀقيق، جاني جو ڪيائي،
ماجر مُهاڻي، ڏنائين سون مياڻي ڪي سير
ڪنڊي ڪنارو، بديٽا بلورو، اچي ڪوڙيائين ننگر ۾ نير
رهمڪي، راڻا واهه، ماري مانڌر ڪي، ڪري ڪاهه
ڪئي تي، اچي ڇوڙيائين ڪينجهر ۾ ڪير
مالڪ ملڪ وسائيا، حاڪم حضرت پير
ڏوٽين جا گهر گهٽا ٿيا، ڪين خاوند ڏنا ڪير
مٺي محمد مير، لاٽا ڏڪ ڏوٽيڙن تان.
١٠٣ـ لاٽا ڏڪ ڏوٽيڙن تان، آئي ڇانگن مان ڇت
بادل بگل وڄائيا، جيئن ڀان وڄائين ڀت
آتر اوهيرا ڪري، ڀربا گهارا ۽ گهٽ
مچي مال متارا ٿيا، ڏهئي سائهي ڪي سٽ
گذر جن جو گوڙين تي، ڪن ڪينجهر تي ڪٽ
اڪيون اڪين جهڙيون، لڙ لهي وبا نٽ

مينهن ميڙائا ڪيا، جاڻهن پرين پهريا پٽ
جيئن مهراڻ تو موجون ڪري، تيئن اٿر وندر جا وٽ
ويلا گذاريم ويڙهيچن لاءِ تن جا ڏاڪا اٿم ڦٽ
پاڳيا چڏي ويا پيٽيون، ماڳ ڪري وبا مٽ
مٺي محمد مير جي، آهي ڪاهڙ پياسي ڪٽ
ڪيا نانگيلين نٽ، ڪنوارين ڪالهه تڙن تي.
١٠٤ ڪنوارين ڪالهه تڙن تي، ڏٺا تهوري جا تس
باڳناڙي سان پرڪري، ڪيائين ڀخان گڙهه سان ڪس
شاهپور تان شيل ڪري، پهتو ملا علي تي مس
سرحد تان سري اچي، ڪيائين گهوڙڪيءَ تي گس
عادلپور ۽ ڀاڳي تان ڊهي رکيائين چيچڙي سان چس
پني، روجو ريج ٿيا، لاٽئون ٻلهڻيءَ جي ڪس
پري ڏهر ڏوڪريءَ جا، آيو مونگهي منجهه مس
ڏيئي لوليون لاڙڪاڻي ڪان، ورتائين قبر جا ڪس
ڏيئي گهمرا گهاڙ ڪي ورنائين غيبي جا گس
ڪري ڪيڪارون خيرپور سان، اچي پيس
ڏونگريءَ ۾ ڏس
شاهه پنجي سان شوق رکي، ورتائين جٽماڻين کان جس
جهلي اولا امير جا، وسي تنهن واهڙ تان، ڪري
ڪارايو ڪيٽين ۾، چوڙيائين درياءَ تي دس
پاڻن کي پري، ورتائين ناري جي نس
بوبڪن تي برساتون پيون، ڪيائين رتيديري تي رس
جهوري جهانگارن کي، ڪيائين باجارن تي بس
منجهه ۾ ميڙائا ٿيا، اچي لڪ ڏٺا لس
اچي آمريءَ تان، ڏيئي چوليون چڙن کي، گونگا
مينهن گانڌچن ۾، ڪيائين سن ۾ صاف سرس
نديون نارا، گهنڊ گهارا، ڪيائين واهڙن سان به وس

سيئي سهڻا ٿو پائيان، وڻي نه آهي وار
ستان مرڻ سيار، ڪا عاشق اتائين ڪري.
بهاولپور، بڙودو، بيڪانير، ڪيتلو ۽ ڪچ، لس،
لاهوتي، لاڪان، گڊ گجرات، سملو ستارو
بمبئي، ماڏور، چين، ٻنگهار، دلي، دڪن
پورب پچم ۾ مينهن ماندائا ڪيا، سورهن
ڏينهن سرس
پانهياربون ٻيٽن تي هيرا پائن هس
پري پنهنجا پاڳيا ڏسان، اٿم چانگن سان چس
ملير ۾، مولابخش چئي، ٿي آهي وڙهيچن ۾ وس
وني گابن جا گس، آءُ پٽي ڪينجهر
ڪوڪاريون ڪريان.

محمود شيخ

محمود پٽ جان محمد شيخ، ڳوٺ ٻاراچڙي تعلقي شهدادپور جو ويڙل هو. سنه ١٨٦٦ع ڌاري ڄائو. جوانيءَ ۾ پنهنجي اصلي ڳوٺ مان لڏي وڃي شهدادپور جي پرسان "لوهڻ ڏاهري" جي ڳوٺ ۾ ويٺو، ۽ آتي ئي بيت چوڻ شروع ڪيائين. هڪ روايت موجب، ڪو پيرمرد شر باوچ پنهنجو مال وٺي اچي ڳوٺ جي ٻاهران ويٺو. محمود جي ساٿس واقفيت ٿي. منجهس ڪجهه سٽيا ڏسي، پيرمرد چيو ته جيڪڏهن تون منهنجن رڍن کي روز پنهنجي چرخ سان پاڻي پيارينديين ته وڃڻ وقت تو کي مڙيئي ورڇ ڏيو ويندس. محمود اهو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ آن پيرمرد، صبح جو سوير محمود کي گهرايو ۽ پنهنجي ليب زبان تي هٿي چيس ته: وڃي بيت چئو. ان بعد هن بيت چيا. هو هميشه پيادل گهمندو هو. محفلن، ميڙن ۽ مجلسن ۾ بيت ڏيندو هو، جتي پنهنجي ٻين سانڀاري شاعرن سان ٻڌ ڪچهريون ڪيائين، جن مان سانوڻ خاصخيلي ۽ مولابخش خاصخيلي مشهور آهن. ڪيس کو بيتن ٻڌائڻ لاءِ چوندو هو ته ڪم ڇڏي به ان کي بيت ٻڌائيندو هو. ڪچهريءَ ۾ هميشه ڪانپ ڪڍي وهي بيت ڏيندو هو.

محمود شيخ اڻ پڙهيل هو. جوانيءَ کان وٺي پنجئي وقت نماز پڙهندو هو. سندس هڪڙو شاگرد سليمان پٽ ٻاجهو ملاح هو، جو ٻارهن سال وٽس وهي بيت ڏيڻ توڙي ٺاهڻ سکيو. اندازاً سنه ١٩٣٢ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس بيتن ۾ چيل قصا ليلي مجنون، يوسف زليخا ۽ سيفل‌الملوڪ مشهور آهن.

سسئي

١- ساراهيان سچو ڏئي، محمد مرڪايا
ڪئين ٿي ڪيچي شام اگهن سي آيا
ڪارا ڪاڇي ڪرها، هئي مين ٿي مايا
مڪراني محمود چئي، آهن سالڪ سنبرايا
ڪٿي بار پيپور مان، هن ڪرها ٿي ڪاهيا
پڪا چام پنهونءَ جا، ٿي چانگن چتايا
لڳن ٿي لايا، پئي هٿ ٻروچ جا.

٢- ٻيهر ٻاروچل جا، اتم هينڙي هٿ لڳا
مٿ پانيان، محمود چئي، پنهون سؤٿ سڳا
ڪٿي بار پيپور مان، آهن پينرا! رات پڳا
چڙا چانگن چوريا، سي وڃي وندر منجهه وڳا
جنهن جي توهه ٿيا، سو سچن ايندم سات سان.

٣- سارو سات سچن جو، اگهن مون ايندو
دلاسو دلگير کي، ڏسن سان ڏيندو
ميرائي جي مصطفيٰ ٻولي ٻوليندو
نيمائي نيندو، پٽئي لائي پنهنجي.

٤- پٽئي چام پنهونءَ سان، مون هو ٻول ٻڌو
جبڪي قضا قام وهائيو. سو هئم لانئن منجهه. لڌو
سؤر ٻه منهنجا سرتيون، ڏوهي ٿي ڏوئندو
نادر مان ڪندو، منهنجي قبر نيئي ڪيچ ۾.

٥- ڪيڏانهن ٿيو ڪيچ، ڪيڏانهن پيئي ڪاهين!
سٿي چڏي ويا سيج تي، نٿي سسئي ساگائين
هاڙهي، ڏونگر، هب جو، پڙ نٿي پائين

[١] ڪان [١٠] تائين بيت ميوي خان "موج" ويٺل جهول، تعلقي سنجهوري ڪان مليا.

نہ آريءَ جي آهين، تون لائق جوڙ جنين جو.

٦- لائق جوڙ جنين جو، نہ مٽ تن جي هياس
آجهي آريءَ جام جي، وڃي پناري پياس
وس ڪان ڳالهه وياس، تڏهن ٿي پڇان جُوءِ جتن جي.

٧- پڇين ٿي جُوءِ جتن جي، هي اٿي سندو پاهڻ پٽ
اوٿين آٽ منباهيا، جتن ڪيو هو جهٽ
محبت سان، محمود چئي، لٿي قلب تان ڪٽ
لنگهي وندر جو وَٽ، وڃي ٿيندين اجهي آريءَ جام جي.

٨- آجهي جهڙو آدمي، آهي ڪامل ڪيچ ڏئي
هليو وڻجارو ولايت کان، سوُدو سچ ڪٽي
پلي چال شهر پنيور جي، ويٺي وينگس کي وٽي
ڏسي صورت سسئي جي، ٿيس جهوري جيءَ گهٽي
آيس هام هٽي، آئي سنبر شهر پنيور ڏي.

٩- ڪهڙي ڏئي هيٺي ڪاٺي، جنهن جي ڪرين ٿو پاڙيها پولي
بيشڪ منڌ ملوڪ آهي، جا ڏين ٿو لاکيٽا لولي
جان هئي ڪاڻ وڏي ڪڙم سان، جان هئي رندن تي رولي
جان ساٿهو آهي محلات جو، جان آهي گولن جي گولي
جان آهي پنهنجي پدمٽي، جان آهي آٽ جي اولي
هلي چاڙهيون بئي شهر پنيور ۾، ڏيون در در تي دولي
مانيءَ جي، محمود چئي، هلي هلايون هولي
پلي لاوَڻ پائي لاڏڪي، جنهن چوڙري نہ چولي
سسئي سمولي، سا ڪنهن پر آٽيون ڪيچ ۾.

١٠- پنهون پنهنجي پٽ جا، ڪل گهرايا يار
مونکي مٽ ڏيو اوهين، ادا عقلدار!
مين جي مهارن تي، هيون لعلون لک هزار
وجهي زير گاديون ذوق سان، جوڙائي جنسار
ڪرگل قرنايين جا، هنا دغلن جا ڏڪار

ويهو وينگس وچ ۾، ڪري آري ٽو اُپتار
منهنجو پنهون آڻجو پاڻ سان، دوست نہ ڇڏجو ڏار
چڙهيا چاڄي جام سان، آهن يارهن ويهون يار
ساڻهو شهر ٻيهور جا، اچي وڪوڙيا ويچار
هي ڪتان ڪٽڻ آئيو، آهن جنگ سندا جهونجهار
پنهون پنهنجي وات سان، ڪئي پرڻي جي پچار
پري ڪتوريءَ بار، آئي بانڪي لاٽا باغ ۾.

سارٺي

١١- ساراهيان سچو ڏٺي، ڪريان پرور جي پچار
سنو محمد مصطفيٰ، جو اڙين جو آڌار
سانگي ساريان سومرا! ساري سڀ چمار
ماڙين منجهه، محمود چئي، نيڻ تمايان نار
پوءِ پڪا ۽ پنهوار، سون وسئون ڪين وساريا.
١٢- پڪن ۾ پچار، مون ڪامڻ! تنهنجي ٻڌي ڪان.
ميٽ تنهنجا ملير ۾، مون ڏٺا ڪي حيوان
ساري پنهنجي سانگين کي، تون ايڏا ڪرين ارمان
موڳي! ماڳ مڪان، تون ويهه وساري ڏيهه کي.
١٣- چئي: ويهان وساري ويڙهه کي، منهنجا سانگي هٿا ساوا
پهري پٽ هليا، جت جيڏيون ڪن جاوا
هڪر ٻاٻاڻن جا، ٻيڪون ڪن ٿا ٻرلاها
ڪين ڏسان ٿي ڪڏهن، تنهنجا ڪوڙ ڪچا ڪاوا
آڄ سونڪي ڪينڪي، عمر اهي اجاوا
ويڙهه وڃي وهواهه! تنهنجي سارهه ڪنديس سومرا!
١٤- ساري سانگيڙن کي، مون تن ۾ ٿي آهي تار

[١١] ڪان [٢٢] تائين بيت عبدالرزاق ميمڻ، پير جو ڳوٺ، تعلقو روهڙيءَ ڪان مليا.

اهي ويهڻ ويهارڻ جون وايون سڀ وسار
صاحبزادا سيج تي، تون سکيا ڏينهن گذار
سائين مڃيم سومرا، تون عمر! مڃجانءِ آر
موڪل ڏي ملير وڃان، منهنجي واڳ وطن تي وار
تہ ڏسان ڏڻ ڏٺار، پنهنجن پنهوارن جا.

١٥- پنهنجن پنهوارن سان، تو مال چاريا موڳي!
ميٽ تنهنجا ملير ۾، مون ٽلها ڏٺا ٿو ڳي
ڏين پيرا پيٽن کي، اهي روز نهارين روڳي
مارئي! ويهہ ماٺ ڪري، آج مرين اوڳي!
پر جڙ لڳئي جو ڳي، جت ڪنيي ڪنيومانءِ ڪوهہ تان.

١٦- چئي: ڪنيي ڪنيومانءِ ڪوهہ تان، آندومانءِ ساڻ ڏڪي
دو نالين ڏوڙيو ڪيون، ڪي لڳن منجهہ لڳي
جيڪي لڪڻهار لکي، سو سيڪو لوڙي سومرا!

١٧- سيڪو لوڙي ٿو سومرا! تنهن مان رتي نہ ٿئي گهٽ
اڃان اميد رکان وڃڻ جي، پنهنجي مارن وٽ
بٽ پنهنجو بيران ڪيئي، هٿين ڪو ڇاڻي جٽ
ماڙيچن ڏانهن، محمود چئي، تون مُنهن وڃي ڪو ميٽ
تہ لهئي قلب تان ڪٽ، جيسين هجين هن جهان ۾.

١٨- مرضيون منهنجون محبوب! رکيون ربّ رحمان
وڃون وسڻ آئيون، ڪري سڀ سامان
پاڻي پهريو پٽن تي، ٿيو آمت کي ايمان
موريا گاهہ ملير ۾، اتي مال چرن مستان
ڪن پچارون پاڻ ۾، هٿن پهنجا ٿي ارمان
پي ڪندي هين ڪانہ، تڏهن صاحب سهنجايون ڪيون.

١٩- ونهين ۽ ويڙهيچن جي، پيئي پهرين رات پچار
سڳر ساهيڙين جا، ڇو ڇڻي ڪيئي ڏار
ماڙين منجهہ، محمود چئي، سانگي لهندئي سار
پڪي راج پنهوار، وُٺي پاس وري ويا.

۲۰- وُڃي پاس وري ويا، سي سانگي هت نه سار
جن پيري پيرو نه ڪيو، سي وڙهيچا به وسار
روئي رتولن ۾، نيرر تن لاءِ نه هار
موڻ جي، محمود چئي، واڻي وطن نه وار
پوءِ اهڙي ئي آچار، ڪيلي ويهه تون ڪٽ تي.

۲۱- چئي: واڻي وطن جي مور نه مون وسري
ڏنو جي ڏوٽيڙن لاءِ، وڃان ٿانءُ پري
جن مارن لاءِ، محمود چئي، ساعت ڪانه سري
ڪيد بنديائي بند مان، اهڙي آسري
پوءِ ٿورو ٿر ڪري، موڪل ڏي ته ملير وڃان.

۲۲- موڪل ڪيئن ڏيان، مارئي! آيس خوشيءَ سان به ڪني
آٽ ويهاري آٽهه تان آيس هاڃي منجهه هٽي
تنهنجي مائتن جو مارئي! ٿيندس پيرن جي پٽي
پوءِ چڏي سڪ گهٽي، ڪيلي ويهه تون ڪٽ تي.

سُهٽي

۲۳- ساراهيان سچو ڌڻي، جو سڪنهن سان سائي
مهند خلقيائين مصطفيٰ، ڪئي پرور پڃائي
دنيا دم گذر آهي ويندي وهائي
آيا پاڪئي جي پاڻ تي، جنهن جي صحبت مياڻي
ڪئي آءُ ڪير خوشيءَ مان، تنهنجي وٽون ميهر! مهماڻي
پوريون ناهن پاڻ تي، سانجهي سُهاڻي
آئي سڪر ميڙ سنگهار تون سالم سُجاڻي
تنهن ميڙي وچ وٽاڻ تي، نندي نماڻي
ڪئي مردن موڪلاڻي، پي پيالا پُر ٿيا.

[۲۳] ڪان [۵۷] ٻتائين بيت ميوي خان "مرج" ويٺل جهول تعلقو سجهورو ڪان مليا.

٢٤- ساهڙ تنهنجو سڳ ۾، ٽڻي ڪاهڻ ڪجاڙو؟
اوهين سامنيا، هُو ٻيگاڙ، اِهو پري ٿيو پاڙو
ٻُجهي ٻياري پاسري ٿو واڳن جو واڙو
مَڇ مِڙي مهراڻ جا، ڪندئي ڪُن مٿي ڪاڙهو
تو ڪائي ڏلو ڪير خوشيءَ سان، پوليي جيئن پاڙو
ريءَ چڳائي چاڙهو، ٻهو ڪرنہ ٿيندئي ڪاهڻي.

٢٥- سنڌين پٽي ٿي سير ۾، منهنجو پاٽيءَ لاڳو پنڌ
سوڻ ڪرڻ سان سوڳهو ٿي، مونکي باري لڳو بند
ڏک اوريو ڏم سان، ڇو ڪرين ٿي ڇنڊ
مون منهن نہ ڏلو ميهار جو، ڪڏهن ڪٽي ڪنڌ
هُن پَر جن جو هنڌ، تين جي لَهہ لڳيو ٿي
لهريون لنگهان.

٢٦- جن جي لَهہ لڳيو ٿي لهريون لنگهين، تن جي
ڪيئن سهڻي ٿي سونهين
حق ڇڏيو ٿي هٿ هڻين، هلين پيئي هُونڌهين
ڏُکيءَ پَر نرياءَ جي، درد جي دونهين
جن جي طلب ڪري تون هلين، سي ڪين
ڪيندئي ڪُن مان.

٢٧- آهو ڪيندو ڪُن مان، جو آهي هميشه حامي
مُنهن چڙهيو مهڻا ڏين، تنهنجي مَت وڏي، ماميي!
مَن مٿي ميهار جي، جاءِ جڙي جامي
جن کي محبت من ۾، تن سان سوڙهہ نہ ڪندي سامي
پوءِ آهن انجامي، پاڳئي جي پاڻ تي.

٢٨- پاڳئي جي پاڻ تي، نہ پيرو ڪندئي پوري
هلہ جي هن پار ڏي، ڪا لنوڻ لڳئي لوري
جوين جواني جيڪڏهن، ڇڏي ويندين ڇوري!
تنهنجي ڪرم ۾ ڪوري، سا گهڙي ڏسندين گهيڙتي.

٢٩- تنهنجو ڪم ڪنيارسان، جو ٿڌا ڏي ٿو ٿانو

آءُ ڪريان وِچيءَ نيت وڃڻ جي، جيهر وَڻِ
ويهن ڪانڌو
ڏک اوريو ڏم ڪرين، ڏهاڙي ڏانڌو
لاحق ڏَر نہ لانڌو، مهڻا ڏيئي ميهار جا.
٣٠- مٽ لڳئي ٿو مهڻو، ڇو ٿي ٽرين تار؟
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ويهي گهر گذار
جن نديڙي ڪري نپايئي، ڪل وڃائي ڪار
محبت جا، محمود چئي، ساڳيا ڏينهن سنڀار
نظر ڪري نهار، نہ گهڻو ڏوهہ اٿي ڏم جو.
٣١- پوءِ اِهي ڳالهيون پڌريون، پهريون پونديون پٽ
جنهن سان لهريون لتاڙيو وڃان، سو ڪيئن گهڙو
پانيان گهٽ
ڪنهن پَساريءَ وٽان پيدا نہ ٿئي، نہ ڪنهن هوندو هٽ
تنهن ڪيم ڪڙو ڪيو، ڇاڻي پيتم ڇٽ
ڏک اوريو ڏم سان، سوُر بہ ويٺي سٽ
مهڻا ڏيئي ميهار جا، موڪي! مُهڙ نہ مٽ
ساهہ بہ ساهڙ وٽ، ڏم سان ڏينهن گذاريان.
٣٢- مٽي ڏم! ڏکن جي، تو لاتي لڙائي
ڪڏهن ڪيئي ڪانہ ڪا، دل منجهان دغائي
هلڻ جي هن پار ڏي، وارين پيئي وائي
ڪم ايندئي ڪانہ ڪا، اها ڪوڙي ڪمائي
پاڳئي جي پاڻ تي، تو ڪير ڏنو ڪائي
منهنجو تو مائي! ڪڏهن ڪم ڪسيرري جو نہ ڪيو.
٣٣- چاچي! تو نہ چيو، ڪڏهن مونکي ڪم
انهن ڏکن ڏوراپن جو، گوندر ٿيو ٿم غم
پاڳئي جي پاڻ تان، منهنجو رکيو شاهہ شرم
وڃي ڏينديس وبهر ۾، درياءَ مٽي دَم
اهو ڏک ڪري ٿو ڏَم، وڃي پنهنجن مان پرٽائيو.

٣٤- هڪڙي پرٽي پڙ ڪيو، وري ٻي ڪندو شادي
مُنهن ڏسڻ لاءِ ميهار جي، مُنڊا! آهين ماندي
توڪي نينهن نهوڙيو، هڪ وار ناهين واندي
اسان کي ڪري ڏيندو ڪڙم سان، هڪ وني، هادي
اها بوءِ اٿي بادي، تو ور بنان آهي باسيو.
٣٥- آني وڻاڻ واسيا، جتي جُنگن جاءِ
مهڻا طعنا سنڌ ڏيئي، واتان ڪيم وڃاءِ
لڪيو منهنجي ڪرم ۾، انگ اڪيئي آهه
ٻاڙو ٻچي پنهنجو، پٽ آناهين پرٽاءِ
سا آئي ويهارج وچ ۾، جيڪا تو جوءِ جڳاءِ
پاڳ پنهنجي ڪان ڀاءِ، آءٌ اڪيئي اڙي آهيان.
٣٦- پاڳ اسان ڀيڙو هو، پر اچي تالان ڪيو تو
لتاڙيو لهرون وچين، ساري لوڪ ٻ سڻو
ڏک ڏيو ڏم کي، تي جاڙون ڪرين جوءِ!
اها پچا ٿيندي پوءِ، جو حق ڇڏيو هلي وچين.
٣٧- هلي وڃان هڪڙي، اهو ڦولهه نه ڦٽي! ڦورو
پيتم ڪير خيال سان، ٿڌو ۽ ٿورو
ڪنهن سان هلندو ڪينڪي، ظلم ۽ زورو
جتي ترندو تورو، اتي ڏم ٻ بيٺو ڏسندو.
٣٨- تورو تہ پوءِ ترندو، هت وانجهي ڇڏيئي ور
سُٽي پيٽي ساهڙ جو، سهڻي سُٽي سانڀر
وجهي ترهو تار ۾، رکيئي پيلي مٽي پر
محبت جو، محمود چئي، آهي ڪانڌ ڪتر
جي آيو ڏم ڏمر، تہ ڪپي رکندئي ڪن تي.
٣٩- ڪپڻ واري ڪاٽي! ڏم وٽ ناهي ڏيا
هلي وڃان هڪڙي، ڇڏيو هت حيا
مهڻا طعنا لوڪ جا، سون ڪلي سر ڪنيا
مونکي ليڙ نينهن جا، پيٽنلي ڪير پيا

جن هٿا قـول ڪيا، سي پَسان ٿان پاپ لهي.

٤٠- ڪيئن تنهن ڪان پاپ پري ٿئي، جو سچ نه سچائي
ڪاهـي پئين ڪُن ۾، نَرهـي ڪـي تـاڻـي
دغـا تنهنجي دل ۾، ٿـو چـاڻـندڙ چـاڻـي
سـاهـڙ ساڻـي، لـٿـو ڏولائـو ڏيـهـه تـان.

٤١- سَس! مونکي ساهـڙ جـا، تـو ٿـي ڏنـا طعنا
ڪئين هتان حاڪم هليا ويـا، ٿيا روئـي روانا
ڪرهه ڪريـن ٿـي ڪاڻـي! ڪيو بچڙا بهانـا
جن جا هٿا پڪا پروانا، تن سٿان وِير وري وهئي.

٤٢- وِير وري وهئي وهسلي، ٿـيـا لهوارا لڪ
ميهر سان، محمود چئي، ڪا پوري بَڌئي پَڪ
وٺندئي حرف حساب جا، هٿي ڏوهيءَ وانگر ڏَڪ
اهو حرف ٿيو اٿئي حق، سو ڪٿي ڏوهه ڏيندئين ڏم جو.

٤٣- ڏوهه جيڪي آهن ڏم جا، سي مونکي مڙيئي ڪندو معاف
منهنجي دل مـيـهـار ڏي، سچي آهـي صاف
پـڙهـي وبـا پـريت سان، قـابـل پـورو قاف
سچي نيت صاف، وٺـي ڪامل ڏيندو ڪم جو.

٤٤- تـو ڪمائي ڪانه ڪئي، جـوءِ! هتي جاڳي
گهڙو وڌئـي گهيڙ تـي، واڳـن سان واڳـي
دغا تنهنجي دل ۾، ڪا آهـي نيت نـيـاڳـي
سهـٽـي سـيـاڳـي! تـو مائٽ سڀ ملهائيا.

٤٥- مـائـٽـن منهنجو نـه ڪيو، سگ سٽي سمجهي
ڪنهن جي رهندي ڪانه ڪا، جا هوندي ڳالهه ڳجهي
پيتم ڪـيـر خـيـال سان، ويـم مت منجهي
لٿو ڪلف قلب جو، جنهن جي ڪنهن وٽ ناهي ڪنجي
نـانـي! تنهنجي نندڙي، غـافـل آهـي گجي
جيڪا ساهـڙ ٿي سُجهي، سا مـونـکـي ڪري
ڏايائين ڪَن ۾.

٤٦- ڪري ٻڌاياٽين ڪَن ۾، تو ڪي مٿي ڳالهه ميهار
هاڻ جي هن پار ڏي، ڪيئي ٻهرئين ڏينهن پچار
محبت جي، محمود چئي، ڪا لڳئي لنؤ لغار
ساهڙ ڪاڻ سنيار، تهنجي ڪڏهن لهندو ڪَن ۾.

٤٧- جيڪو عالم آهرو، سو ڪيندو منجهان ڪَن
منهنجي هي ميهار سان، سچي آهي سمن
لنگهي ويندين لهريون، جي ٿيو گهڙي ڪي گهاءُ نه
حرف ملوڪن هڪڙو، نه گانڍو سمجهي ڪَن
سا مَر پيئي اوبهي اَنّ، جنهن ڪي قدر ناهي ڪپاهه جو.

٤٨- اَنّ آهي اوبهيندين، جن ڪيا ڪم ڪوڙا
گوشن چنا گاهه جا، ٻيٽن تي ٻوڙا
هٿ ڪنڌين جي ڪاپار تي، سي چيت چڙهيئي چوڙا
محبت جي، محمود چئي، وئين مُنڌا! ڪنيو مُوڙا
مَچ ماريندئي مهراڻ جا، ڪري رچن جيئن روڙا
جن جا ور هٿا وسوڙا، تن جو داد ٿيندو درگاهه ۾.

٤٩- ڪڏهن ملندئي ڪونه ڪو حبيباڻو هيج
ڪٿيو هٿ هاي وجين، سُجي ڇڏيو سيج
لهرن وارو لاڏڪي! تو ڪي ماڻن ڏنو ڏيج
اڳيان ڏيڻ ڀر درياءَ جي ۽ ريتن گهڻو ريج
اها تار ترين ٿي تهيج، سو منڌا! وجهندئي ماري.

٥٠- ماري ۾ ماءُ! آهيان اڪيئي آئون
ڏک اوربو ڏَم سان، ڪرين درد بنان دانهون
مي مون مٿي تي مجيون، جيڪي رب جون رضائون
ڪنهن سان هلنديون ڪنڪي، اهي روح جون رٿائون
لڏم ٿي لائئون، ڏَم سان ڏهنهن ڏڪن جهي.

٥١- مٿي ڏَم ڏڪن جا، ٿي آهين ئي حرف ڪرين
گهڙو ڪنيو گهيڙ تي، وجيو تار ترين
وَڇَن جو وٽاڻ تي، وجو ٻاڻي ٻاڻ ٻرين

محبت جو محمود چئي، نئي ڏيان ڏريان
ٿي وِهائي رات ورين، جيهر ڪري ٿو سج سوجهرو.

٥٢- جڏهن سج ڪيو ٿي سوجهرو، تڏهن مون گهڙي نٿي گهاري
هلڻ جي هن ٻار ڏي، ڪير تيهر تياري
چارئي ٻار رسول جا، بيٺا آهن چوڌاري
پوئين ڏينهن پساهه جي، ٿيندي منزل موچاري
انهن مهڻن آهيان ماري، ڏنا ساهڙ! تو سامهان.

٥٣- مهڻا طعنا مٽي ٿي، رکي ٿئين راضي
هلڻ جي هن ٻار ڏي، رکي بنايئي باري
وٺندئي حرف حساب جا، اڳيان قضا جا قاضي
جتي ترندي تارازي، اتي پاڻهي سمجهندين سهڻي!

٥٤- سونکي ته مرجات جو، ڏاهي ڏنو ڏس
آءُ ڪوڙي ڪوڙي، تون سرهي منهنجي سس
لنگهيو وِس لهريون، جتي هو رهائين جو رس
محبت سان، محمود چئي، قلب لٿي هير ڪس
بچي منهنجي باب ۾، هئي موچاري سس
قضا قلم وهائيو، تنهن کي پيو ڪونه ترس
اهو چڏهه گلا واروگس، جنهن تي ڏم وهنو هو ڏمرهو

٥٥- ڏم جي ڏمر جي ته ڪهڙي توکي ڪاڻ
لنگهيو لهرين منجهان، وڃي ڪيئي ٿي روح رهاڻ
انهن ڏکن ڏوراپن جو، تندو هڏ مر تاڻ
صاحب وٽ سياڻ، ٿيندي پڇا پنڌ جي.

٥٦- جڏهن پڇا ٿيندي پنڌجي، تڏهن ٿيندو حامي حضرت پير
دادلو درگاهه جو، وڏو آهي وزير
پاڪئي جي ياڻ تان، منهنجو سائين رکيو سير
هو جو ڪِلي پٽهر ڪير، تنهن لوڙهيس لهرين وچ ۾.

٥٧- چو ٿي لڙهين لهرين وچ ۾، سهڻي! تون ساڳاءِ

ڏسر چڏي ڏم سان، ڪيلي ڪلي ڳالهاءِ
چوڙا، پيڙا، هار، هسيون، ڪٽي هٿين پنهنجي پاءِ
مائٽ اهي ملهاءِ، جن تنهنجو سياڻن مان سڳ ڪيو.

هير ۽ رانجهو

٥٨- ساراهيان سچو ڏٺي، جنهن رازق جوڙيو رنگ
اجهو آيو عالم ڪارڻي، نبي تنهن تي ننگ
ذاتين نالي سيال هو، چوچڪ نالي چڱ
هير هئي نياڻي تنهن جي، جنهن جو امر لڪيو انگ
قسمت آندو رانجهو ڪي، ڪو ورهه وجهي ونگ
ڳيندي هئي، محمود چئي، جنهن جو ڪيڙي نالي سنگ
جيسين حياتي دنگ، تيسين هلي منڊ حلال ٿيندي.
٥٩- هلي منڊ حلال ٿيندي، ٿي جهنگل ڏونڌي هير
سٽي هٿائين بين وصال جي، لڳيس ڪا تقدير
نيٽين نند حرام ٿي، جو دل ڦيريس فقير
ڪٿين منجهيو، محمود چئي، بيهن تا وڏائي ويڙ
لنگهيو وئي ٿي لڪ مان، سامهون ڪيو سير
پڙدو رکجانءِ پيرا! جنهن کي رانجهو مليو رڻ ۾.
٦٠- رانجهو مليو اٿس رڻ ۾، سا راتيان جهنگل،
ڏينهن گهاري گهر
پيئي آهيس ماءُ ماري، ويچاريءَ جي وڪر
چئي: سدا هوندئين سک ۾، تنهنجو بابو بيخبر
ماريندئي، محمود چئي، سو بادشاهه برابر
اها ناهه تنهنجي پر، وري وڃه سرتين وچ ۾.

---

[٥٨] کان [٦٠] تائين بيت محمد بچل وٽل ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد کان مليا.

جمجما سلطان

٦١- ساراهيم سچو ڏسي، صاحب رب ستار
جمجما سلطان هو، بيحد ڏاڍو قهار
هليو ڏاڍي حب سان، ڪرڻ شوق شڪار
جنهن سان ڪٽڪ ڪيترا، پي ديمين جي ڏڏڪار
امر سان الله جي، ڪو لڙي پيو هو لار
وڏو پرزا ٿي پيرن سان، جنهن جو وري نه گڏيو وار
تنهن سبب، شيخ چئي، تنهن تي ڪاوڙيو فهار
مغز سور مٿي جو، هن لاءِ آيو هو آزار
ڪنڌ مٿو ڪاپار، ڏڙ ڪان پائي ڏار ٿيو.
٦٢- تنهن مهل طبيب ڪي، حڪم ڪيو حاڪم
دوا دارون درد جا، اچي دوست ڪريو هن دم
هٿڙو هيٺو ٿيو، ويڙهي ويا گوندر غم
وسري ويا وجود کان، ڪامل دنيائي ڪم
منجهائي معالم، خاتم سي خطا ڪيا.
١٣- خاتم سي خطا ڪيا، ورجي ويج ويا
دوا دارون درد جا، هٿا ڪاتبن ڪيا
ڏکي فرق نه ڪري، جنهن کي ٻ-ڻي پهر پيا
جمجما جيهاڻ خاڪ گهٽا ڪائي چڏيا.
٦٤- سينگاري رکبئون سيج تي، جمجما جوڙي
لنگهي پيس سور لڳن سان، چڏيئينس عضوا الوڙي
مغز سور مٿي جو، ٿو ورنهه ولوڙي
خاڪ اندر کوڙي، ڪيائونس ڏڙ حوالي ڏوڙ جي.
٦٥- ڏڙ حوالي ڏوڙ جي، جنهن جي مٿي جهلي ٿي مار

[٦١] کان [٧٢] تائين بيت سکهڙ مائڪ خان چانڊئي، وبئل ڳوٺ مائڪ چانڊيو، لڳ گلاب لغاري تعلقو ٽنڊو الهيار جي زباني تلمبند ڪيل.

جنهن جي مغز ۾ ماڪوڙن جا، هٿا بيحد بيشمار
پهرائي هليا پٽن تي، ڪاهي ڏڻ ڏنار
لڳس ڪُر لوڻن ۾، ٻيا ڪي سؤ هزار
ڏڙ ڪان ڇڻي ڏار، هٿا سسي کي سال ٿيا.

٦٦- سسي کي سال ٿيا، آبو عيسيٰ نبي اتانهين
مٿو ماڙهوءَ جو، ڪو ڏوران ڏنائين
ڪري عدالت اندر ۾، دل ساڻ دؤڙايائين
ڪٽي هٿ حضور ڏي، اهو عرض ڪيائين:
سسي ۾ ساهه پئي، سڻ سهاجها سائين!
پڇڻ پهه ٿي ڪيائين، لاءِ حقيقت حال جي.

٦٧- سسي ۾ ساهه پيو، ٿو ڪلي گهالهائي
هلڻ لاءِ حيران ٿيو، وريو واجهائي
هاڻي هنبارين سان، منهنجا ڪيڏانهن ويا ڪاهي؟
نَوَ سؤ نغارچين جا، ويا واچا وڃائي
سامهون مون سلطان سان، ڪونه لڙائي لائي
جوڙي ڪونه جواب ڏي، اڳيان نه گهالهائي
دنيا دولت دورنگي، وئي لاڳاپا لاهي
جيڪا تو واحد وهائي، تنهن کي اڳيان اچي
پيو ڪونه ڪو.

٦٨- صاحب! هن سسي جي، توکي واحد آهي ووڙ
تازي ايندا هٿا تڪڙا، ٻيا ڊڊا ويندا هٿا ڊوڙ
هاڻي هنبارين تي، مٿي پڌندا هٿا موڙ
ڪٿي هوندا هٿا ڪيترا، ٻيا رڌيندا ٻوڙ
مالڪ ڪي، محمود چئي، سگهه جڳائي جوڙ
سور رکي ويم سوڙهه، ڪا پهرين منزل پنڌ ۾.

٦٩- ڪهڙو نالو تنهنجو، آهي ڪهڙي ذات سنڌياءِ
يا هئين زميندار زمين جو، تو ڪهڙي وند وندياءِ

يا هئين ملو قاضي مسيت جو، تو آبتا انگ لکياء
يا هئين چور چڪار، ڪي ڏاڙيچن منجهاء
يا هئين حلوائي هٽ جو، وربئي مچ مٺاء
ڪهڙي مرض مارئين، تو ڪٿي جوڙي جاء
يا ٻئي رهيو هئين پٽ ۾، توتي ميرن ميڙا ڪياء
سا مون ڳالهه سٺاء، ڪا سِسا پنهنجي سور جي.

۷۰- نالو سڏايان جمجما، ظاهر ذات نه واب
ساعت پسيم سک جي، جيئن خيال پسجي خواب
عزرائيل آيو اوچتو، جيئن ڪاماڻي ڪري ڪباب
ملائڪ مهل پچائي جي، ڪو تکو رکائين تاب
مون تي حرف حساب، تنهن فائق رکيو هو قَرَ جو.

۷۱- دانهن فريادي قَرَ جي، صاحب ربّ سڻي
دنيا دولت دورنگي، هوند تہ مون وٽ هئي
خزاني جا ڪوهه گهڻا، مايا شيءِ ٻهي
وبا تہ ڪنڌ ڪُهي، ڏڙ ڪان سسو ڏار ٿيو.

۷۲- جڏهن چڙهي ٿي عرش مٿي، نوح نبيءَ جي ٻيڙي
انهي ملڪ مان مون مايا ٿي ميڙي
سا سهڙيم، شيخ چئي، مون ناحق ڪئي نهڙي
ڏڙ ڪان سسي ڏار ٿي، لڪن ڪئي ليڙي
ڪامل تو ڪهڙي، آءٌ سڌ سڻايان سور جي.

يوسف ۽ زليخا

۷۳- ساراهيان سچو ڏٺي، جو صاحب سبحاني
مٺو محمد مصطفيٰ، جنهن جو مٽ نڪو ثاني

[۷۳] ڪان [۱۶۵] تائين بيت ميوي خان "موج" وٽئل جهول، تعلقو سنجهورو ڪان مليا.

آهي دنيا دم گذر، ٿيندو جڳ سڄو فاني
حضرت يعقوب جو يوسف هو جيءَ سندو جاني
رکي دغا دل ۾، ڪئي پيائرن بي ايماني
ڪئي وڏائونس ڪوهه ۾، جتي ڪا ڪنڊي ڪانهي
ماري ويا معصوم ڪي، مرون مرواني
مائٽ ڪي اولاد جي، لڳي حيرت حيراني
حيوان گهراياٿين حڪم سان، جن تي مايا مستاني
يوسف جي جٽي جي، ڪل اسان کي ڪانهي
ويساهه ڪر وينجهار تون نبي نُوراني!
آيو سوداگر ساٿ سان، جنهن وٽ هئي دنيا ديواني
طلب ٿيس طعام جي، چياٿين پاڪ آٿيو پاڻي
واريائون ٻوڪو ٻاجهه سان، ڪئي مالڪ مهرباني
تنهن تي چڙهي مرد متي ٿيو، سورهيه سلطاني
پسي سوداگر سرهو ٿيو، پڌري پيشاني
مهر منگي، محمود ٿو، اِها ظاهر زباني
جڏهن هن جي ايندي جوين جواني، تڏهن مشهور
ٿيندو ملڪ ۾.

٧٤- سنڀالي ساٿ سان، هليو ڪنهن قبلي تي ڪاهي
سوداگر سنگتين سان، ڳهڻو ڳالهائي
چئي: رازق رب" راضي ٿئي، تہ ڪين متيون منجهائي
ڇٽيهه لکڻو ڇوڪرو، اسان وٽ آهي
هي سوغات سهڻي، ڏجي ڪنهن ڏاهي
جڏهن ٻڌائين ڳالهڙي، تڏهين ڪاج نڪو ڪائي
يوسف شهر مصر لاءِ ويٺو واجهائي
هو پنڌ ٿو پڇائي، سهي سوداگر شام جا.

٧٥- ڪاهي ڪاهي قافلو، اچي ثابت رسيو شام

سوداگر سوغات جا جتي هئا جام
چٽيهه لکڻو چوڪرو وبا ڪٽي وريام
ناڻو تنهن نينگر جو جوڙي وٺبو جام
اها ٻڌائين ڳالهڙِي، تڏهن طلب نه ڪري طعام
مهر منگي، محمود چئي، آهيان صاحب! تنهنجي سام
منهنجا صحي نهيئي سلام، ڏجو مصر جي ماڻهن کي.

٧٦- يوسف شهر شام ۾ وڃي وڪاڻو
قيمت تنهن ڪامل جي، ارڙهن درهم ناڻو
نڪو واقف ملڪ جو، وتي ويڳاڻو
سوداگر سرهو ٿيو، جنهن جو ملهه اگهاڻو
پوءِ موٽيو پوئتي، سالم سياڻو
اهڙو موچارو ماڻهو، پيو سيبائي سيڪنهن کي.

٧٧- ٻوڙي زليخا کي وڃي ٻانهيءَ ٻڌايو
اهڙو سهڻو شام ۾، نڪي سالم سامايو
هل اٽي حب رکي، سيگهه ڪري سعيو
اچي بيٺي ادب ۾، تنهن گهٽيءَ ڳالهايو
اِهو ماڻهو شهر مصر ۾، آهي اسان لاءِ آيو
تنهنجي مرد ملڻ جو هو منهنجي روح اندر راهو
ٿي سودو سجايو، ويهه مالڪ ٿي هن ملڪ جو.

٧٨- يوسف زليخا کي ڏنو جواب هيءُ جوڙي
قسمت قيد ڪيو، مونکي مصر ڪان موڙي
نٽيي هوندي نڪتو هوس، ٿير ورهيه وڇوڙي
هوندو جيڪي حق ۾، لِکيو سو لوڙي
ڪڏهن پيادو پنڌ ۾، ڪڏهن گهوٽ مٿي گهوڙي
هتي والد ويهي رهيو، واهڻ سڀ ووڙي

ڪڍي منجهان ڪوڙي، جنهن پهر ڪين
پري ڪيو.

٧٩- ڪاڻ لائي ڪن سان، سچي ڳالهه سئي
محبت سان، محمود چئي، وڏائين ڪاتيءَ
ري ڪهي
"تنهنجي مرد ملڻ جي مونکي حب هميشه هئي
هُونهين هوند هئي، واليءَ آندو ولهو."

٨٠- "نڪو وارث ولايت ۾، نڪو سڪر سچائي
قسمت قيد ڪيو هئم آتائين آئي
مونکي سڪ ساٿيه جي ٿو چائنڊڙ چائي
توکي مايا آهي مال جي، ۽ نشو آ ناٿي
مُنڊا! اهو ماٿي، منهنجي مدد ڪي ٿئي."

٨١- مدد گهر مالڪ ڪان، جو سيني جو سردار
تنهنجو سودو سٽائو ٿيو هاٿي وٽج واپار
ميان! منهنجي مال جو تون مالڪ آهين مختار
مرد بنا مِهريءَ جو، سرهو نه سينگار
ٿيءَ مون پوريءَ جو پتار، ته سونهان سرتين وچ ۾.

٨٢- صاحبزادي صبوح جو ڪيو سويرو سعيو
ڏهه ورهيه انهيءَ ڏيهه ۾، هو ڪميءَ ڪمايو
جنهن ناٿو ڏئي نوڪر ڪيو، تنهن ڪان مرد
موڪلايو
محبت سان محمود چئي، هئين پير وڏي پايو
يوسف ڪي انهيءَ جوءِ ۾، رهڻ نه آيو
جتي ڦريو چٽ فضل جو، اتي امر سان آيو
ٿيو سودو سجايو، وڃي طالب چڙهيو تخت تي.

٨٣- راجا ٿيو روم جو، سڏجي ٿو بادشاهه
قيمت ڪمي ڪانه هئي، ٿيو بانڪو بيپرواهه

مالڪ انهيءَ مال جو نہ ڪنهن سان اهنج ڪري ايذءُ
صاحبزادو شهر جو، ٿو وٺي سڌ سماءُ
محبت سان محمود چئي، وريو آهي واءُ
ور ڪون پري ويجهڙو ٿيو، اچي پيڙو پاءُ
ڏيو سوداگر! سماءُ، آئيو ڪهڙي ڪم سان؟

٨٤- ميان! اسان جي ملڪ ۾، پيو ڏولائو ڏڪار
آهيون طالب آن جا، اهو ٿا ڪريون وڻج واپار
بيٺا آهيون بازار ۾، من ڪو ڏسون مرد مٽيار
آهين عاقل عقلدار، ڪو مٺو مودي منهن لائين.

٨٥- مودي اسان جي ملڪ جا اٿئي ايماني
سانجهي رهي راتڙي، ڪائو منهنجي مهماني
سياڻي سات پري ٿيو راهه ۾، رواني
اڻ گهريو انهن کي، ڏنائين قرب قرباني
هيءُ جبو آٿو جاني! ڏجو والد کي وجهڻ لاءِ.

٨٦- ويهي رهيا ويچار ۾، لاهي بودن متان بار
راجا ڏٺي روم جو، الائي ڪهڙا پچندو پار
اچي اتي اوطاقي ٿيا، جتي هٿا هند هزار
تن سان مرد اچي، محمود چئي، ڪلي ڪئي ڪيڪار
آهيو ماڻهو شهر مصر جا، حضرت يعقوب سندا پار
سيئي سهٽا ٿو پانئيان، ورٿي نہ آهي وار
متان مرد ميار، ڪا عاشق اتانئين ڪري.

٨٧- حاڪم ڏيئي هنڌ، تن کي وٺي ويهاريو
سالڪ پنهنجي سنگ سان، نگاهہ ڪئي ٿهاريو
تن جي ميٽن (١) کي، محمود چئي، چندن هٿائين اچاريو

(١) ميٽن = آنن.

قسمت جا ڏينهن ڪيترا، هن پٽي گوندر منجهه گهاريو
اهو پاڻ ڏٺي پاريو، جيڪو مون ويهي ڪيو واعدو.

٨٨- پنجين ڏينهن پوئتي وريا، آن سان آٽ پري
جهڙي جتن جاڙ ڪئي، تهڙي ڪونه ڪري
پلي وڃن موٽي شهر مصر ڏي، اٿن پنڌ پري
موچاري، محمود چئي، ساءت پئي سري
جيڪو محبت منجهه مري، تنهن جو سانگ سدائين سرهو.

٨٩- ڪاهي ڪاهي قافلو آئيو مصر ۾ موٽي:
بابا نوڪي بات ڏسيون، خبر هيءَ چوٽي
وڃي ڏيسون هن ڏيهه ۾، پڙري پالوٽي
راجا ڏٺي روم جو، ڏئي ٿو رهائيو روٽي
خالي ڇڏي ٿو ڪونه ڪو، جيڪو اچي سو اوٽي
جنبو لاهي جان جو، ڏنائين ليڙ به لانگوٽي
قرب جي ڪوٽي، اٿي تنهن مرد جي منهين.

٩٠- ڪامل ڪٽي ڪپڙو، پلهند ڪچيءَ پائي
هي جنبو يوسف جوان جي آنگ سندو آهي
هن ۾ بوءِ بدن جي، منهنجي ساهه ڪي سيبائي
جيڪو وطن کان وڇڙي ويو، سو من مالڪ ملائي
اج تنهن ۾ آسرو ٿيو الله لڳ آهي
سو ٿو ڪيو گالهائي، نڌر نور نوازيو.

٩١- ڪولي ڏيو خبرون، اوهان ڪتي ڏوري ڏيهه ڏٺو
هي جنبو يوسف جان جو، جو منهنجو محب مٺو
نڌر نور نئون ٿيو، چوڏهين ورهيه چٽو
اوهان جو پٽليا! پاڳ ڦٽو، آيئو ڇڏي ڇو غريب کي؟

٩٢- راجا ٿيو روم جو، ويٺو آهي ويڙ
ٿو عاقل عدالت ڪري، ملڪ انهيءَ ۾ ميڙ
هن بٽيون چاڙهيون بنگلي تي، داناءُ نه ٿئي دلگير
هڪڙي موچاري ماني هلي، پيو ڪيليو پياري کير

محبت جي، محمود چئي، ويلو وٽ وندي وزير
اهڙو مڙس اميـر، ڪونہ ڏٺوسون ڏيهہ ۾.
٩٣- يعقوب آتي بارن ڪي سڏيو سمجهائي
هلو تہ هلون روم ۾، هتي پنهنجو ڇاهي
هڪڙو سهڻو سونهن ڀريو، ٻيو عقلمند آهي
موتي ڏنـد ملوڪ جا، ڪليو ڳالهائي
مال مڏيون، محمود چئي، ڪالهہ هليا ڪاهي
لاڳاپا لاهي، ويا ميان شهر مصر جا.
٩٤- رهيو راجا روم ۾، ڀاڳ ٽين ڀيڙو
جايون اڏايائون جُود مان، ويهہ لاءِ ويڙهو
محبت سان، محمود چئي، ٽيو مردن جو ميڙو
حضرت يوسف جهڙو، جوڙيائين هن جُوءِ ۾.
٩٥- يوسف جُوءِ ڏسہ جي، ٽي گهٽي ڳالهہ ڪري
آيو موتي شهر مصر ۾، ويهين سال وري
هئي زليخا جوش ۾، جنهن جي ساعت ڪانہ سري
ٻارهين ورهين ٻار ڀلو ٿئي، جنهن ۾ زور ذري
محبت جو، محمود چئي، وڃي ٽيڪو ڪين ٽري
ٽي پڌري ڳالهہ ٻري، جيڪو لکيو لوح قلم ۾.
٩٦- راجا ڏٺي روم جو، آيو اڪيلو
ٻيٽو حضرت يعقوب جو، هو چلورلو چيلو
محبت جو، محمود چئي، ٽيو وير ڀلو ويلو
لکيو لهندو ئي ڪين، توٽي جهنگ هجي ٻيلو
زليخا ۽ يوسف جو، مولي ڪيو ميلو
جنهن جي روح ڏنو ريلو، تنهن جو ساٿ اچي سولو ٿيو.
٩٧- پرڻجي پوئتي وريو، راجا متي روم
حاڪم جي حڪومت ۾ هئي ڪامل گهٽي قوم
عاشق امانت جا، مرد ڏٺي مخدوم
موذي تہ مري ويا، ٿوري ڪائي ٿوم
سخي ۽ شُوم، خاوند سپيئي خلقيا.

٩٨- سخي سخاوت ڪان نہ رهي، غازي هليا گنج
وڃي پاڻيئون پري پيا، جتي واجهہ نہ رسي ونجهہ
نڪا چاڙهي چڙهڻ جي، نڪو سوجو سنج (١)
محبت جو، محمود چئي، نہ ڪنهن مرد ڏنو هو منجهہ
هيس اندر اهنج، تہ بہ ڪڙو ڳالهائي ڪينڪي.

٩٩- ڪڙو ڳالهائي ڪينڪي، مينو ٻولائي مُڪ
محبت سان، محمود چئي، سُور ڪيائين سُڪ
دُعا پنيائين درگاهہ مان، ڪٽي ٻاجهارا ٻُڪ
سائين ڏنا سُڪ، نڏهن گوندر ٻيو گوشو ڪري.

١٠٠- سُڪن سان ڏڪن جي لڳي لڙائي
زليخا يوسف جي اڳڻ تي آئي
وينگس ويٺي وچ ۾، تي ٻانهين جي ٻاڻي
سا اچي حضرت يعقوب وٽ سرتين سهائي
اچي لاس لڳن لائي، جيڪا هئي حاڪمزادي
حبيب جي.

١٠١- رکڻ حُب حبيب ڏي، هميشان هوء
هتان هرڪو هلندو، لالڻ سنديءَ لوء
محبت جي، محمود چئي، اها پُڇا ٿيندي پوء
پيلي! پيهر پُڇاءِ، اهو واعظ تنهن وريام جو.

١٠٢- واعظ تنهن وريام جو، ڪُوڙو نہ ڪَهيج
مهڻا طعنا لوڪ جا، سير تي سب سَهيج
هجي جيڪا حق جي، وٺي وات وَهيج
محبت سان، محمود چئي، راز منجهہ رَهيج
وين وَرائي وات سان، چُونڊن ڪي نہ چَئيج
پوء لعلون لک لَهيج، ماڻڪ موتي مهراڻ جا.

١٠٣- ماڻڪ سندي مُلهہ جي، قيمت ڪنهن وٽ ڪانہ
هتان حاڪم هليا ويا، صوبا ۽ سلطان

(١) سوجو = سولو.

ڪيميا ڪمائي ويا، دَهر تي ديوان
محبت جا، محمود چئي، ڪيا اڳين ارمان
آهي سوداگر سُڄان، جن وڪر وِهائي رکيو.

١٠٤- جي ڇا سوداگر هئا، سي وهلو ويا وهي
ماڻڪ سندي ملهه جو، سودو ڪيائون سهي
تيرهينءَ ۾ تار ٿيا، ويا چوڏهينءَ جو چئي
محبت وارا، محمود چئي، ٿيا ڪين ٻئي
ڪپت خرابي خلق ۾، پسو جا پئي
لڄ شرم لوڪ سان، وئرت سڀ وئي
محبت جو محمود چئي، ويو لاڳاپو لهي
جن پرهان جي پهي، تن اوريان چڙهو آسرو.

١٠٥- اوريان چڙهئون آسرو، ڪيائون پرئين پنڌ پچار
زليخا ۽ يوسف کي، سون ڪيو سردار
جن شهيدن سر ڏنا، ڏڙ ڪان ڪري ڏار
منهن انهن، محمود چئي، حورن ٻڌا هار
مدد ٿيندو مصطفيٰ، عليءَ جي آڌار
ڪيو ڪلمي جي پچار، ته ٻيڙو لنگهي ٻاجهه سان.

ليلي ۽ مجنون

١٠٦- ساراهيان سچو ڏئي، رضا ربڏو رام
مهند خلقيائين مصطفيٰ، جنهن کي ڏنائين ڏيهه انعام
مجنون شهر مڪي ۾، جڏهن چائو چام
ڪاڏائين ڪونه خوشيءَ سان، ڪڏهن طلبي طعام
سُتي سڪ نه اچي، نه اکين کي آرام
محبت ري، محمود چئي، آهي حياتي حرام
پاڪيزي پيغام، اچي مليو شهر مصر جو.

١٠٧- مجنون شهر مڪي ۾، وڏو ٿيو وڙي
پڙهيائين پريت سان، سندو باب بنڌي
هو انصاري عقل جو، پولي ڳالهه ٻڌي
آهي قيس ڪهڙي ڪم جو، جنهن جي اکيان
وهي نينهن ندي
لاڪيٽي لڌي، خاصي صورت خواب ۾.

١٠٨- رات وهامي ڏينهن ٿيو، اٿيو پرهه جو پاڻهي،
چئي مڪي جي ماڻهن کي ته ڪو آئي آماڻي
تو ڪا ڏٺي ليلي لاڏڪي، لڏي جيئن لاٿي
ڏيو وچ حال مونکي هاڻي، ڪيڏانهن ڪاهوو
وڃين ٿو ڪرهو؟

١٠٩- مڪي جي ماڻهوءَ ڏي، ڪنيو وڃان ٿو خط
هن حقيقت حال جي، مونکي ناهي آت
آهيان پورهيت انهيءَ پار جو، جاني وڏو جت
منهنجو ڪم قاضيءَ سان، آهي سدائين سنگت
ليلي لاڪيٽي گهٽي، جنهن جي رڳن ناهي رت
هادي تنهن تي هت، رکيو آهي رحم جو.

١١٠- خبر ڏيئي خط جي، ڪڏهن ورندين وير؟
محبتي، محمود چئي، اچي نيئي ساهه سڌير
موچارا ملڪ جا، مون پئي پوچيا پير
ڏيئي دلاسو دلگير، تو عاجز کي به آٿاريو.

١١١- خبر ڏيئي خط جي، ويل انهيءَ ورندو
لکيو لوح قلم ۾، ٽکو نه ٽرندو
ميان! شهر مصر جا، چانگو وڻ چرندو
ڍول هلي ڍرندو، انهيءَ سج جو هوندو سوجهرو.

١١٢- خبر ڏيئي خط جي، انهيءَ ويل وريو
جنهن کي محبت من ۾، تنهن کي لوڪ چئي چريو
مڪراني، محمود چئي، وڙي پير پريو

اچي ڏول ڏريو، جتي قيس رهيو هو قرب ۾.

١١٣- حقيقت تنهن جي حال جي، سيئي ڳالهه سڀيج
مڪي جي ملڪ ڪان، پنهنجو پاڻ پڀيج
محبت محبوبن جي، اندر روح رڀيج
هٿي جهٽ جهڀيج، جيڪي آهن ٿوڻر ٿپڙ ڪي.

١١٤- پاند وٺي پوشاڪ جو، ٿيو هلڻ ٽي هوشيار
هن ڪرهو ڪاهيو ڪسٽ مان، ٿيو بيحد دل بهار
ميان شهر مصر جو، ديکيو اچي ديدار
قلم هٿ ڪريم جي، ڪري جيئن قهار
هوندي سج سوار، ميزل ماڻي آئيو (١).

١١٥- مجنون شهر مصر ۾، پيو راز سان رهي
رٽي پنهنجي روح ۾، هئائين پر ۾ ڳالهه پهي
پيرا ٿين پرين ڏانهن، جيلانهن آيس قاصد ساڻ ڪهي
جاءِ وڏي جامعه هئي، سا بيهي ڪيائين سهي
نيچي سٽو، اوچي پڳ، لٽي درد دٽي
ويٺي رات وهي، صبح اچي سرهو ٿيو.

١١٦- ڪٽي آ قاضي قربدار، جيڪو پرديسي ٿو پاڙهي
قسمت آڻي قيد ڪيوس، ڪنهن لحظي ۾ لاڙي
هينئون هاڻ هڄي ويو، جيئن ڏڻ لڳي ڏاڙي
پاءِ بنان پاڙي، مونکي اوٺي وٺي آئيو.

١١٧- ڪاتب قمر قاضيءَ جو، هوم ڏوران ڏس پيو
قسمت آڻي قيد ڪيو، وس منهنجو ويو
'الف' آکر هڪڙو، لکيو 'لام' ڏيو
ٿورو مون تي ٿيو، آهي ڪيترو انهيءَ قاصد جو.

١١٨- ڪير آهين، ڪٽي رهين، ڪهڙو تنهنجو ملڪ ميان؟
جيسين تنهنجي جٺوءَ جو، آءٌ حال واقف ٿيان

(١) ميزل = منزل .

'الف' اکر هڪڙو، پوءِ لڪي 'لام' ڏيان
جيسين ٿو جيان، تيسين پاڙهيان پرديسين ڪي.

١١٩- مڪو ملڪ اسان جو، 'قيس' منهنجو نالو
ويٺو هوس ويچار ۾، ٿيس پڙهڻ ڪان پالهو
محبت لڳي من ۾، ٿڌهن طاق ڪليو تالو
سبق سڻالو، من کو پاڙهين پريت سان.

١٢٠- لڪي "لم يڪن" جو، ڏينم سڄو سيپارو
قسمت قيد ڪيو هوس، آٿي اوپارو
محبت ٿئي مصحف سان، پڙهان علم سونهارو
ٿيندو محشر موچارو، ڪرينم واقف وات جو.

١٢١- برڪت بسم الله سين، ڪيائين سبق سهي
پڙهڻ لاءِ پريت سين، جوڙي رکيائين جيءُ
قيس! پيالو ڪيف جو، پُر ڪري تون پيءُ
هت ورهائجي ٿو ويءُ (١)، آتي عاشق ٿيندا اڳ ۾.

١٢٢- عاشق واريون اکيون، آهن سدا نيڻ نهال
خاصو خليفو هو، تنهن کي اچي ٿيو خوب خيال
ڪاتب قمر قاضيءَ سان، هيءُ وندياٿين حال
ماڻهو شهر مڪي جي، اچي ٿڪيو تنهنجو مال
جان' جادو آهيس جان ۾، جان' تو وٽ ڪياٿين تال
وٺون ڪيف ڪمال، ته پوءِ عالم اچائي ٿئي.

١٢٣- ليلي لاڪيٽيءَ ڪان، ٿي پر ۾ پڇياٿين
چوري ڳالهه چپن سان، ڪا جا ڪُڇياٿين
نياڻي! رهج نياز ۾، متان ڪُر نه لڄاٿين
مون ڪر ڪچائي ڪانه، تون ڇو پيو ڪاوڙ لڪائين
پولو جي پانئين، هي پنا پڙهه ته پروڙئين.

١٢٤- پنج-چار پنا پڙهي، لُڙڪ لاڙياٿين
آٿي آب اکين سان، ڳوڙها ڳاڙياٿين

(١) ويءُ = وهُ، زهر.

ڪيف وجهي منجهه ڪٽهي، سو ڪچو ڪاڙهيائين
ڪائيون اڙائي ڪست مان، سي سڪيون ساڙيائين
جيڪي ٿي پڪا پاڙهيائين، سي قاضي ڪونيافرب سان
١٢٥- جيڪو سون طعام تيار ڪيو، سو ڪو ڪائيندو ڪٽي
محبت جي، محمود چئي، آهي جنهن کي حب گهٽي
جنهن کي ڏياري ڏٽي، هيءَ منڌ مِلڪ آهي ان جي.
١٢٦- جيڪو تو طعام تيار ڪيو، سو ڪير ڪٽي ڪيئندو
حياتيءَ تان هٿ ڪٽي، سو وڃڻ کي ويندو
ملڪ ڇڏي، محمود چئي، سو پري وڃي پيئندو
ڪير اها نياڻي نيئندو، جنهن تي آهي هٿ حبيب جو.
١٢٧- هاڻي وريسهه ڏيئي واندا ٿيا، مڙني موڪلائيو
وريا پنهنجي وطن تي، ڪشي هٿائون ڪاهيو
اچي بيٺو ادب سان، پوءِ گهٽي گهالهايو
اهو طعام اسان ڏيو، جو قاضي آ ڪمائيو
برڪت بسم الله سين، ويو ڪاج مڙوئي ڪائيو
ڪيف ڪجهه نه ڪيو قيس کي، هٿائين پور نه پائيو
پوءِ مجني مڃائيو، مَن تي مچ مجاز جو.
١٢٨- قاضيءَ قلبُ ڪنبي ويو، ته ڏاڍو ڪيم ڏوهه
ڪيف گهرائي قيس کي، ڪوئي ڏنم ڪوهه
ڏمربو ڏيهه ڏٽي، راجا ڪندو روهه
تڏهن ٿئي توهه، جڏهن وڃون پي ولايت کي.
١٢٩- چڏي ملڪ مصر جو، ڪنهن پيءَ ولايت ويو
قدري ڪوهه سوا جو، قاضيءَ پنڌ ڪيو
اتي مجني کي محبت جو، اچي پهه پيو
لاڙي پنهنجي لڏ کي بيهي هو رهيو
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، آهي قمر ڪست ڪيو
ان کي ڏڍ ڏيو، ته سڄڻ وڃون ٿا سانگ تي.
١٣٠- محبت مان مجني کي، ليلي چوري چپ چيو

نہ سڄڻ وڃون ٿا سانگ ٿي، تنهنجو سولو ڪم ٿيو
تون رهي پئو انهيءَ راهہ تي، تنهنجو سرهو سانگ ٿيو
ملڻ ڪو، محمود چئي، پنهنجو ٿيندو پوءِ
جيڪو سور ڪنهين ٿي سئو، سو گوندر اچي گڏيو.

١٣١- چڏيائين حُجَ هلڻ جي، بيٺو متي بر
آئي مند ملهار جي، ڪاڻا ٿيا ڪڪر
وڻا ٿي وڏڦڙا، ڪرهو اوهيرا آپر
وٽس وليون ڄائيون، ڏنائون ويچاري ٿي ور
آيو رهيو ارمان ۾، ثابت منجهہ سفر
آني هلي آئيو، ڪو آدمي ساڻ آمر
ڏڪ هنيائين هيڪڙو، هٿ ڪٽي هيڪر
متان ليلىٰ آئي، اچي قيس لڏائين ڪر
ڪئين ڏهاڙا ڪيترا، ويا گذري منجهہ گوندر
ڦري منجهہ فڪر، آهي پورهيت موٽيو پوئتي

١٣٢- پورهيت موٽيو پوئتي، جتي هوس ماڳ مڪان
ماڻهو شهر مصر جا، تن سان ڪيائين بات بيان
بُنڊ ڏنو هوم بر ۾، ڪو نظاري نيشان
هنيم ڏڪ هٽن سان، آني ٿيم ارمان
تو ٿي ليلىٰ لائق ڪيا، جو ڪشي هٽيئي ڪان
ساڻ ڪئي سامان، وري آيو هوس واٽ تان.

١٣٣- اِها قيس سندي ڳالهڙي، اچي ليلىٰ جي پئي ڪن
طلب نہ آهي طعام جي، آرام نہ اکين
ماڳ رهيو مجنون، ميرون سي مرڪن
وري واهيرا ڪيا، پرچائي پڪين
بيحد بدُو بچڙا، ٿا متي سڄ سڄن
ادا! هل تہ هلون اوڏهين، من ڪي سڄڻ سڄائن
مونکي تان پيرين، اچي ساعت منجهہ سنياليو.

١٣٤- ڪهڙو ڪنڌ ڪئي هلان، جو قيس ڏنم ڪهڪاءُ

هنيم ڏڪ هتن سان، ان جي ثابت مٿي ساهه
محبت لڳي مجني، جنهن سڄ چڪيو ساءُ
راتيان گڏ گلن سان، ڏينهان سڄ نه تاءُ
ماڳ منهنجي ماءُ! آهي واجب وڃڻ سڄڻين.

١٣٥- ڪڏهن ڏٺو هئي قيس کي، ڏي اها خبر چار
گهٽي سڪ سريم ۾، ٻيا نيٺين وهن نار
محبت ريءَ، محمود چئي، ڪير ڪندو پرين پچار
نه جاڻان ٻيهار، ڪير ملندا ڪن کي!

١٣٦- ڪالهه ڏٺو هوم قيس کي، نيٺن سان نروار
محبت لڳي مجني، جو ديکياٿين ديدار
راتيان گڏ گان سان، ڏينهان بوءِ بهار
پروز نه ڇڏي پانهنجو، غافل گنهگار
مير محمد مصطفيٰ، آهي اڙين جو آڌار
صاحب ربّ ستار، تو عيبدار اڳتي ڪري.

١٣٧- محبت لڳي مجني، تنهن کي ڪهاڙو هنيئي ڪيئن؟
نه ڪنهن جي اڳ آئيو، نه ڪنهن اوڏو سينئن (١)
قيس وَسايا ڪيترا، محبت سندا مينهن
آيو هو ارمان ۾، تي ڏکيا گذاريائين ڏينهن
مونکي تنهن جي ماريو، نيو نهوڙي نينهن
هوندو نه تو کي هينئن، کي مون ڪيون ٿي منتون.

١٣٨- مونکي ڪرين منتون، ته به ڪين هلندس هاڻ
قاضي ڪندو ڪاوڙون، جي سٽندو ڳالهه سياڻ
محبت گهٽي آهي مجني، ٻي توسان روح رهاڻ
تن کي ڪهڙي ڪاڻ، جن کي آهي نينهن نهوڙيو.

١٣٩- محبت لڳي آهي مجني، رميو مٿي راهه
نڪي سٽي سڏ سڄڻ جو، نڪا ويجهي واهه

(١) سينئن = وَسَنئُنْ، آبادي.

وڻا وڻيون ڄائيون، ڪري قيس متي ڪاهه
آڀو هو ارمان ۾، سانگو لاٽائين ٻاهه
آجهو ريءَ الله، ڪنهن جو آهي ڪونه ڪو.

١٤٠- ليلي ليلائي گهٽو، ماڻهن جي مهندا
ماڳ رهيو جنهن مجنون، اوڏانهن هل ادا!
مالڪ لڳ، محمود چئي، منهنجي سڄ هيءَ صدا
لوچيندن لڏا، موتي تنهن مهراڻ جا.

١٤١- جنهن ماڳ رهيو مجنون، تيڏانهن ڏيانءَ تو ڏس
پيرن سان پڌ ڪري، پاڻهي هلي پس
ڪانه ڏيسون ڪڏهن، ريءَ جفا ڪنهن کي جس
قيس نه نڳي ڪس، اٿي اڳئين ڪان به اڳرو.

١٤٢- پانڌي پريان جي پار جا، تو قيس ڏٺو ڪهڙو؟
بيهي رهيو هو بر ۾، ٻڌي جيءَ متي جهيڙو
واءَ وڄايس جندڙي، ٻيو لڪن ڪيس ليڙو
محبتي ميڙو، مون سان من ٿئي سچڻين.

١٤٣- پنج مهينا پيرن ڀر، ٿي بر ۾ بيٺو ٻڌ
ولهيون ويڙهي ويون، هٿي جهولي ڪارڻ جهنڊ
سڪ وارن جو، شيخ چئي، مجنون آهي مُنڊ
ليلي اوڙهئي لُنڊ، تو ڪل نه لڌي قيس جي.

١٤٤- پانڌي پريان جي پار جا، تو ڪو مجنون مست ڏٺو؟
خيال پيو هوس خواب ۾، تنهن تان ڪيائين ملڪ ڦٽو
قيس ڪائي ويو ڪيف کي، ڪري ماڪيءَ جيئن ميٽو
جهڙو چوڏهينءَ چنڊ چٽو، تهڙي پيشاني پرينءَ جي.

١٤٥- ڪالهه ڏٺو هوم قيس کي، ٻيٺو متي بر
وليون ويڙهي ويون، وڪڙ ڏيئي وَر
عاشق تي ايڏي هئي، متي نيڪ نظر
هيس ڇڇهريون ڇانوَ جون، جيئن پڪين متي پر
حال وڃي هيڪر، پسان پاڻ پرينءَ کي.

١٤٦- محبت رکي مجني لاءِ، ٿي کنيائين وک وڏِي
سڄ ۾ ماڙي، شيخ چئي، هئي عاشق جي آڏِي
جيڪو مٿي بَر بيُران ٿيو، تڏهن وڃي ڪس ڪڏي
ڏسي حال حبيب جو، ٿي پئي جوءِ جڏِي
ولين ويڙهي جهلي، سا ڪا محب مڏي
سَنڌ ڪان ڇڙڪي ڌار ٿي هئي جا هڏ هڏِي
بي آهي ڪُل ڇڏي، آءٌ وريس وَسُهُنُ پنهنجي.

١٤٧- ڪيچين پڇين ڪونه، توکي قيس ٿيو آهي ڪوهه؟
آءٌ پرين! وس نه پنهنجي، منهنجو ڪونهي ڏوهه
اِئين محبت مَن نمائيو، جيئن باهه نمائي لوهه
اهو اٿم اندوهه، تون مجنا! ڪهڙي موج ۾.

١٤٨- محبت لڳي من ۾، جنهن ههڙا ڪيا آهن حال
قيس قبوليا ڪينڪي، مڏيون خزانا مال
اِهو در الله جي، ٿي ڪيم سدائين سوال
آڻيو آب اکين مان، ٿي جر وهايم جال
ليلي ٻائي لال! منهنجو حرف نه توتي هڪڙو.

١٤٩- محب مجنا! تنهنجا آهن مون ٿي حرف هزار
آءٌ ڪڙي هيس ڪوهه تي، تون ٿي ڦرئين منجهه نار
وچان وڃوڙو پيو، جنهن دم ڪياون ڌار
ساري سڀ جمار، آهي سنگت سورن ڪڏي.

١٥٠- وس نه ڪنهن جو ڪونهي، لکيو پيو لوڙيان
راهه پسيو ربّ جي، تنهن ڪان منهن نه موڙيان
سؤ سؤ جايون سپرين! تولاءِ اندر ۾ جوڙيان
ڏينهان ڏڌي ڇانوَ ٿي، راتيان ڳن روڙيان
ڇيني ڪيئن ڇوڙيان، مون سان ولهين ڪين وڃائيو.

١٥١- ولهين مون سان وَڙ ڪيا، ليلي ٿي لاڏن
بيهي رهيو هوس بَر ۾، سڄڻ تنهنجي سڪ
وُنا مينهن مُندائتا، ٿي چوڌاري چڪ

قلم قضا نہ ٹئي، لکئي منجهان ليک
محبت ۾، محمود چئي، آهن آرامي عاشق
لوڪان ڪريان ليک، هوم پورو ڏنو برينءَ کي.

١٥٢- محبت منجهان مجنا! آهي هلي تنهنجي هاڪ
بيهي رهيو هئين بر ۾، نڪا آڏائي اوطاق
وُنا مينهن مندائتا، ٻي ستان پيئي ماڪ
ولهيون ويڙهي ويون، آهن چارئي پلؤ پاڪ
محبت اچي، محمود چئي، چوريا آهن چاڪ
ماري ٿي تنهنجي مذاق، جو حقي تنهنجو حرف ٿيو.

١٥٣- لاڳاپا لاهي ڇڏيئي، سندا حرفن حق
بيهي رهيو هوس بر ۾، جڏهن پاڻ ڏني هئي پڪ
وري ايندسون وات تان، پلي سچن لهنئي شڪ
لڳي لڪ لڳن ڪي، ٿي جهٽون ڏنيون جهڪ
وُنا مينهن مندائتا، هي رازق رکي رک
وليون ويڙهي ويون آهن ٻهڳڻ هٿي ٻک
سچائي جي، شيخ چئي، پوندي ٻوءِ پرک
ليلي ڏنم ليک، مشاهدا محبوب جا.

١٥٤- مشاهدا محبوب جا، تو قيس ڏنا آهن ڪيئن
ٿئي سيسرات سريرر ۾، جانب پسجي جيئن
وليون ويڙهيون آهن، جيئن نوان ويڙهين نينهن
جيڪي گذاريئي ڏينهن، سي مونکي معاف
رکجانءِ مجنا!

١٥٥- سڪن ۽ سورن جي، ڳالهه پچارج ڪا مر
مونکي بيهاري بر ۾، سنپري هليو شام
ڪيا پاريو ڪينڪي، جي اچن جا انجام
ڪري آس الله ۾، هٽي رهيو هوس هام
نيٽين نند ڇڏي وئي ٻي طلب نہ هئي طعام
مون پانيو، محمود چئي، ري قريبن ٿيندي قيام

مير محمد جام، آئي آئٽي سانگ سٽائو ڪيو.

١٥٦- ليلي تو لائق لڪ ڪيا، راضي ٿئي رحمان
بيهي رهيو هوس بر ۾، لاهي غير گمان
وڃون وسڻ آئيون، سڀر ڪري سامان
پڙهريا پاڻي پٽن تي، ٿيا عالم ۾ ايمان
موريا گاهه ملير ۾، ٿيا مال چري مستان
روز مون وٽ ڪچهريون اچي ڪندا هئا حيوان
ڪن پڇارون پاڻ ۾، اسان جا ارمان
هُن ٿي ڪم ڪچا ڪيا، ظاهر منجهه زيان
بي ڪندي هيم ڪانه، صاحب ٿو سهنجايون ڪري.

١٥٧- صاحب رب ستار، ڪنهن ڪي ڪين ڇڏي
ميڙي محمد سير جي، غافل پاڻ گڏي
سڄين ماڙين، شيخ چئي، ٿو عاصين تي اڏي
هيت هميشه هوندو ڪونه ڪو، ويندو لوڪ لڏي
تنهنجي مهر تڏي، آءٌ ڪهڙي قيس! ڪري اچان.

١٥٨- ميڙيون ڪرين ٿي مونکي، جڏهن رهيو پڇري
منجهه پساهه
ويو لهي ماس لڳن تان، ٿيو اداسي ارواح
قيس اڳي ڪونه هو، پيڻ نه ڪو پاءُ
ملڪ وري، محمود چئي، وڃي منهن ڏيکاريان ماءُ
ڪنهن سانگي لڳي سپرين! تون اڳڻ اسان جي آءُ
اڳيان سهر گهرندا سچ جو، مون پورو نه ڪنيو پاءُ
اتي احمد عربي ڪندو، سوڙهيءَ منجهه سٽاءُ
هو ادب اڳي، هاڻي ويو حياءُ
ليلي سپ لقاءُ، مون هو پسيو پرينءَ جو.

١٥٩- پريت پراڻي نه ٿئي، ڏينهان ڏينهن نئين
رضا رب ڪريم جي، تون ڇو ٿو وڪر بهين

پنهنجي مطلب لاءِ، محمود چئي، ڪندو سيڪو
ڳالهه سَنئين
تون جي قيس آچئين، تہ آءٌ وجهان هٿ ولين ۾.
١٦٠- پلي آئين، جيءَ آئين، تو پرين! پَلا ٻو پاڻ
وڃڻ ويل وريام ڪي، ڇولي ڪَيئي ڇاڻ (١)
بيهي رهيو هوس بَر ۾، تي مِرُن جو مهماڻ
لڳي لُڪَ لڳن ڪي، جڏو ٿيو جيڏاڻ (٢)
ليلي اسان ساڻ، ولين ڪين وڃائيو.
١٦١- وڏائين هٿ ولين ۾، پٽڻ لاءِ پاڻهي
روئي ڏنائين رت ڦڙا، اکين مان آئي
سچي راهه رسول جي، من ڪو صحي سڃاڻي
تنهن کي ڪيڏي تار مان، تهتان سو تاڻي
جيڪي آهي جهان ۾، سو موجون ٿو ماڻي
هڪ ڇاڻندڙ ڇاڻي، ٻي ڪل ڪنهن کي ڪانہ ڪا.
١٦٢- قدرت ربّ ڪريم جي، ٻي ڪنهن کي ناهي ڪل
بيهي رهيو هوس بَر ۾، مون پاڻ ڪئي هئي پَل
مجنا! تنهنجي موج جو، آهي هنڌين ماڳين هُل
لڳيئي لُڪ لڳن کي، ڪامي ويئي هيَئي کل
محبت تنهنجي، شيخ چئي، ٻاريا جيءَ متي جَل
جي مونکي ڏين موڪل، تہ لاهيان ويڙهه ولين جو.
١٦٣- ولين ويڙهي جهلي آهي، جان سچي جوڙي
لڳي لُڪ لڳن کي، ويئي عضوا الوڙي
رضا ربّ ڪريم جي، ليلي تي لوڙي
ويئو سڄڻ منهن موڙي، جڏهن ڪين رهيو هو قيس ۾.
١٦٤- ائين مَ چئجانءِ قيس! قابو ڪيس ڪرڻ
قاضيءَ وٽ ڪيترا، تا پرديسي پڙهن

(١) ڇولي = ڳولي. (٢) جيڏاڻ = جيئداڻ.

ماڙيءَ پاسي ملڪ جـــي، لحظي ڪين لـڙن
جن ڪي سڀڪ سڄڻ جي، سي ترسيا ڪين نڙن
محبت بنان، محمود چئي، اڪيون ڪيئن اڙن
جن جا سڄڻ سُڄ سڙن، تن ڪي ناهي طلب طعام جي.

١٦٥- تـون ٿـي طلبين طعام ڪي، مون پيتو نـه پاڻي
بـيـهـي رهـيـو هوس بر ۾، صاحب سڃاڻي
لڳي لڪ لڳن ڪي، جـڏِي ٿـي جـواڻـي
مـيـلا جـي ميرُن جـا، سـي ڏنـم ڏهـاڻـي
ڏکن ۽ ڏولاون جيي، ڇـو تـنـد اٿئي تـاڻي
مـوتـي وچ مُلڪ ڏي، سـگهـي سـيـاڻـي!
پُنا دم پساهه جـا، آهن روح گـڏيـا راڻـي!
محبت سان، محمود چئي، ڪئي مجني موڪلاڻي
سُٽي حـال حبيب جـو، ٿـي وينگس ويـڳـاڻـي
روئـي ڏنائين رت ڦڙا، ان جـي آڳ آجهاڻي
پريو ڪلمون محمد رسول تي، ان سان سيد ٿيو ساڻي
هـيءَ بہ هڏِ وهاڻي، مـن ڪو ميڙائـو ٿئي.

سيفل الملوڪ ۽ بديع الجمال

١٦٦- ساراهيان سچو ڏٿي، جنهن پيدا ڪيا پير
مالڪ جـوڙيـا ملڪ ۾، واحـد لڪ وزيـر
پيتو هاشم شاهه جو، جنهن ڪي اندر منجهه آڪير
سُجهي شهر ولايت ۾، پرِي بديـعـل مـيـر
هـلـي هـن پـار ڏي، ڪـيـون سـاڌ وزيـر
جـوڙيـو جُنگ جهاز ڪي، ڪوڏ هڻايو ڪيرَ

[١٦٦] ڪان [١٨١] تائين بيت علي اڪبر لغاري ويٺل تعلقي سنجهورو ڪان مليا

لڳي آتـــر هـيـر، سيفل سـفـر سنبهيو.

١٦٧- سيفل ســـفـــر سنبهيو، رميـو مـتـي راهه
رکي محبت من ۾، ڪئي ڪست منجهارؤن ڪاهه
درس پئي دس ديـو جـــي، متي نيڪ نگاهه
امـر ٿيس الله، ڦرهـو ڦٽي وڃي هڪ رهيو.

١٦٨- ڦرهو ڦٽي هڪ رهيو، جنهن ۾ رهيو جوانن جوڙو
تنهن وچؤن ڪرت وهي ويو، گهاتو ڪيو گهوڙو
پوءِ وڃي وينگس وڇوڙو، ساڌ لڙهي ويو سير ۾.

١٦٩- ٽرهي ٽري تـــڙ ڪيو، سيفل ورتـــي سڪ
نڪا آج عجيب کـــي، نڪا بـانڪي بـڪ
سڄڻ ساريو، شيخ چوي، لـڙيـــو پونس لڙڪ
ڏولاوا ۽ ڏڪ، ٿـيـا ڪامل سامهان ڪيترا.

١٧٠- سيئي سور سامهان ڪري، هليو دانهه دل لائي
ڪو وڻ آيـريـــو برپٽ ۾، آمـــر سان آهي
جنهن ۾ حاڪم وڏا هٿڙا، چڱا چـتـائـي
آيـو ورنهه واجهائي، ڪو صفو ڏٺائين سڄ ۾.

١٧١- صفو ڏٺائين سڄ ۾، جنهن تي آيـو وِيـر وري
گهٽي نه ٿيس گهڙڻ جـــي، ٿيس ڳالهه ڳري
سندي هئي ملوڪ وٽ، نـازڪ نـوَ گهري
جنهن جي دهشت ساڻ دري، ڪامل ڪئي ڪوٽ ڪي.

١٧٢- ڪامل ڪئي ڪوٽ ڪي، آيو دل جهلي داناء
سهڻي پري سڦلي، پئي ســـالـــم ڪـٽـي ساهه
لا ٽائين ڪپڙو منهن تؤن، ٽي ويس سرس شعاع
مورت هئي ملوڪ سا، تنهن جو ڪيائين تر ياءُ
صورت گهڻي سڦري، هيڏانهن تـر گهٽو نجلاءُ
پوءِ چاڻي هڪ الله، جا پري ڏٺائين پٽ ۾.

١٧٣- پري ڏٺائين پٽ ۾، هيءَ ڪيئن جاڳي جوءِ
سوني اڪـر ڦرهي متان حاڪم ڏٺـــي هـوءِ

تنهن ٻاجا سالڪ سبق پڙهي ويو، عاقل آٿلايوءِ
سا انڌ مؤن جاڳي ڪامڻي، رت ورنو روءِ
پنهنجونالو ڏس ڪوءِ، منهنجونالو اٿئي ملڪان پري.

١٧٤- نالي ۾ ذات جي، توکي ڪهڙي سڌ سٽاهان
پائٽي تاج الملوڪ جي آءٌ سڳي آهيان
سوٽ بديع الجمال تو پلؤ ڏيئي پرٽاهان
ميندي پاڻ هٿن سين، تو لاڳ هلي لاهان
هلي بديعل ڏيکاريان، ڪيان روح مقابل ڳالهڙيون.

١٧٥- پنج سؤ پرين جا، تڙ تي ڪيائون
تنهن کي بيٺي ڏٺائون، وڃڻ واچوڙو آئيو.

١٧٦- پئي هيس پناري پليت جي، سُٽي منهن ڪاري
سيفل توکي سمڌي آهيان، تون مڙد وجهين ماري
اڳيؤن سير سوندي جي، آگو آڪاري
پوءِ بديعل ڏيکاري، ڪيان روح مقابل ڳالهڙي.

١٧٧- وٺي پڪ پريءَ ڪؤن، وڃي ٿيو جوان جاءِ بجاءِ
آيو ديو دريءَ مؤن، ٿيو پلڪ ۾ پيدا
نند ۾ سُتي ڪامڻي، تنهن جو مان رکيو مولي
ڪري سچي ساهه جي، ديو لنگهيو درياءَ
مرد چيو ملڪان کي، ڪو ورتئي سڌ سماءَ
چئي سليماني ڪپڙو، توسان پيڙو هجي پاءَ!
ڪر داخل سنجهه درياءَ، سو ڪٽي وچ خوشيءَ مؤن.

١٧٨- ماريائون ملعون کي، آت ديو ڪري دانهون
ملڪان چيو مرد کي، تنهنجي ملڪ آهيان آئون
مرادون پير پڄايون، جيڪي هيون روح ۾ رٽائون
موت پرين پاهون، هلون دلبر تنهنجي درس ڏي.

١٧٩- ملڪان توکي ٿو چوان، مونکي وڃڻ آڇ مَ ويڻ
هلي تنهنجا اوڏهين، سڌر ٿيندا سيڻ
مون ڏي نياٽي ڪڻ نه نيڻ، ميريءَ دل، محمود چئي.

١٨٠- سيفل تو کي سمڏي آهيان، پنهنجو اچي پاڻ
آهين وينگس ڪنهن ولايت جو، سوڏا سرت سڃاڻ
هت ماڻهو اٿي مهماڻ، ٻڌجئين ترهو تار جو.

١٨١- ٻڌي ترهو تار جو، ات سيفل سينگاري
تنهن تي چڙهي منڊ ملڪان، وينگس ويچاري
ويٺا ڪاڻ مچي، محمود چئي، ري پڪل ڪاري
ڪئي پرور پوڙواري، وڃي پهتا ڪنهن پئي پيٽ تي.

بچايو فقير رند *

بچايو پٽ بنگل خان رند بلوچ، ڪوٽ دَليل رند (ڪاڻي ۽ سينڌڙيءَ جي وچ ۾) تعلقي ڪپري ۾ ڄائو. سندس وڏا خيرپور رياست ۾ جهونڌجهاڻ مان لڏي اچي هيڏانهن ڪپري طرف وٺا هئا ۽ اتي آبادي لاءِ نئين ڪوٽاهل ملڙائو واه مان ڪڙيا اچي ڪنيائون. بچايو اتي ڄائو، پر پيءُ مري ويس، ڇئيءَ جو ڇورو ۽ ڇورو ٿي ڦٿو. ١٢-١٤ ورهين جو ٿيو جو ٻين مائٽن عزيزن جي سانگي اتان لڏي وڃي ڪوٽ ٽالهو رند (چنبڙن لڳ) تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. اتي جوان مڙس ٿيو ۽ هڪ ڏاڍو مڙس چور ٿي ساماڻو. هڪ دفعي (ٽالهي رند جي ڪوٽ واري) مدد شاهه سيد چيو ته: ”جيڪو پري ڪڍائيندو تنهن سان ڏٽي پلائي ڪندو“. بچائي فقير چيو ته ”منهنجو هن ڳفتي طرف ڌيان ٿيو، سيد کي ڪوٽ تائين پري ڪڍائي آيس- ان بعد انهيءَ سيد، مصريءَ جي ڪڙي پياري، هنهن نشو چاڙهي ڇڏيو ۽ ست ورهيه مستان رهيس“. مستيءَ بعد انهيءَ سيد کيس پنهنجن مريدن رندن مان پرڻايو ۽ اولاد ٿيس. ان بعد اتان لڏي اچي سندس ناناڻي ڪوٽ محمد خان رند (لڳ جهول) تعلقي سنجهوري ۾ ويٺو. ١٩٣٢ع ۾ براج واهن تي ڪوروالا کيس پنجاهه ايڪڙ زمين ڏني ۽ پهرين قسط پاڻ پرڻائين. پوءِ زمين تي پنهنجو ڪوٽ ٺاهي ويٺو ۽ بچائي فقير رند اهو جو ڪوٽ اڃا تائين موجود آهي.

---

* هيٺيون احوال اسان تاريخ ٢٠ جولاءِ ١٩٥٢ع تي شهر جهول ۾ مير ميان الله بخش خان جي اوطاق تي خود بچائي فقير جي زباني قلمبند ڪيو. اُن وقت سندس عمر اندازاً اسي ورهيه هئي. (ن. ب)

بچايو فقير اچان تالهي رند جي گوٺ ۾ سيد مدد شاهه وٽ هو جو بيت ڏيڻ لڳو. پهريائين هي ٽڪ چيائين ته:

"هتان مونکي هاڻ، نهي مدينه جي ملڪ ۾".

ان بعد بيتن جي ڪنڌي ڪنيائين:

مدينه جي ملڪ جا ڪاج هلي ڪائون
سرها آهن سيهين پرين ساڪيءَ مٺائون
منهنجو سڙهه سلير ڏي نج هادي هيتائون
بخشين سڀ بچايو چئي منهنجون خانو خطائون
پوريون ڪرين پاڻ ڏئي منهنجي روح جون رٽائون
پنهون جي پيراندي ڪان هجان شل آئون
انهيءَ روضي جون ڇائون، مئي کان پوءِ مون تي ٿين.

بچائي فقير چيو ته: "استاد منهنجو منڌار فقير راڄڙ، جنهن مونکي ڇوڪرڙو هوس، جو لب وڏي هئي." چيائين ته: ان کان اڳ به آءٌ بيتن جي ڪچهري ۾ ويهندو هوس. پاڻڌي پنهور جا بيت هلندا هئا جو اسان کان اڳ هو. پوءِ 'سانوڻ' ۽ 'بچائي' گڏ بيت چيا. چيائين ته: پير پٽائي منهنجي هن نياز جي گفتي کي گهڻو سراهيندو هو ته، "بخش گناهه بچايو چئي...."- سانوڻ کي چوندو هو ته: سانوڻ، تنهنجا بيت پلا پر تنهنجي نالي واري مصرع ۾ تو پاڻ کي ساڙي ڇڏيو آهي جو "سڙيءَ جو ساڻوڻ چئي وغيره...."

بچائي فقير جا بيت پهريائين ٽنڊي آدم ۾ ڇپيا پر غلط هئا، انهيءَ ڪري فقير اها ڇپائي بند ڪرائي ڇڏي. ان بعد وري نواب شاهه مان سندس بيتن جو ڪتابڙو ڇپيو.

بچايو فقير ڪچهريءَ جو ملوڪ، گفتي جو ملوڪ، ۽ زبان جو چٽل، پنهنجي بيتن چوڻ وقت معنيٰ ڪندو ملائيندو ويندو هو. سندس کي گفتا ته: ماڪوڙين کي ڏسو ته بر ۾ تخت بنايو رڻ ۾ رنگ لايو ويٺيون آهن، آءٌ پيرين پئي پيو چوان

تہ ٻيلي جي اوهان ۾ بہ ڪو ٻيهر فقير آهي تہ ان جي آڏو منهنجو نياز سلام آهي. اهڙيءَ طرح ڪيرو "الله هو" ٻيو ڪري تہ ٽيٽهر "والتين والزيتون" ٻيو ڀڪاري وغيره.

بچايو فقير بدن جو ڳرو ۽ همت ڀريو مڙس هو. ٻيري هوندي سندس هاڻي ڪاڻي واه جا هئي. پنهنجي تر ۾ ڪڇهري ڪانہ ڇڏيائين. اسان کيس پير صاحب پاڳاري جي درگاهہ، ٻتائي صاحب ٽوڙي ٻين درگاهن تي ياريهين يا ميلن جي موقعي تي بيت ڏيندو ڏٺو. نهايت خوش خلق ۽ خوش مزاج هو. سنہ ١٩٥٤ع جي وچ ڌاري پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين.

ساراه

١- الله جل جلاله، صاحب رب سچو قادر! تنهنجي قدرت سان، پوري ڪونه پيو تون ڪرين تيئن ٿئي، ڪري ڪونه پيو رب تون، رحيم تون، قادر تون، ڪريم تون، جليل تون، جبار تون، تون آهين مالڪ ملڪن جو

آءٌ آهيان ڏڍ تنهنجي، مون ٻيو تڪيو ڪونه تڪيو تون آهين ايمان اسان جو، ڏسڻ جو ڏيو جن ٿي سڪندر سڏايو پاڻ کي، تن جو پرو ڪونه پيو تو آڏاڻون تجرون تن تي، جن تو کي ياد ڪيو تڏهن محبوب پنهنجي ملڻ جو، مونکي ڏس ڏيو "فاذڪروني اذڪرڪم" اٿم اعتبار اهو آهيان غافل گناهن ۾، مون ڏاڍو ڏوهه ڪيو محابي محمد مير جي، مونکي معاف ڪريو بخش گناهه، بچايو چئي، مونکي آنهيءَ سيد جو صدقو جن اهو پنڌ پچو، وندر سي ٿي ويندين.

٢- الله جل جلاله، صاحب رب سچو هڪڙا ڪدا ڪرغني ڪيئي، جن جي ڪيو تخت حوالي تو پيو وري سڪندر کي سوري چاڙهي، جو روئندو رت وبو قادر! تنهنجي قدرت تي، پوري ڪونه پيو منهنجي پاندي پوري نٿي ٿئي، جي ڦوليان ٿو ڦورو اڻ ڪتيو اگهاڙج، مون ڏڏيءَ جو ڏورو ٻهرين ڪلمون راس ٿيو، پرين ٻوءِ جائو بخش گناه، بچايو چئي، مونکي صدقو سيد جو جو هئو هينئين ۾ هڪو، سو محمد چائي معاف ٿيو.

٣- الله جل جلاله، تون آهين صاحب ستارو
مڙيئي تو وٽ منگتا، تون هڪڙو ڏينڌڙ ڏاتارو
آمت تنهنجي آسري، سچو جڳ سارو
تون ڪرين تيئن ٿئي، آهين والي وَس وارو
هڪڙيون ڪتينديءَ ڪنبي ويون، جن کي ويو لهي
سج سارو
پيتن کي ويئي ڪٽي وَجهه ڏنئي، جو ڏنئي ڏيکارو
تيتن جو ڪتيل ئي ڪپاهه ڪيئي، سچو سٽ سارو
تڏهن توبه تنهنجي در تو پيني پيمنارو
هادي! تنهنجي هٿ رِيءَ، چلهي ڪونه چارو
محابي محمد ميمر جي، ڪج محشر موچارو
بخش گناهه، بچايو چئي، اڳيان تُرندو تراڙو
هي ڏڻ اٿي ڏاريو، سو پرور! نج پناهه سان.

٤- الله جل جلاله، صاحب رب ستار
تون ميمون، آءٌ مگٽو، مون ۾ عيب اپار
مٽان عيب اگهاڙين، ڏيکج ڏَکڻهار
تون ڏِئين ڏهاڙي ڏيهه کي، تون آهين ڏيهه جو ڏاتار
سَوين سَوالي تو وٽ، مون ڏنا آهن منگتا مگٽهار
پيا ڪتيين نِرمل تو نوازيا، ڪوڙين لک هزار
تون ڪرين ٻاجهه ٻانهي تي، لَهن حرف هزار
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، تون صاحب رب ستار
ڏئي! تو ڪان ڏار، مون ڪيڙِي ڏِئي آهي ڪانڌ ڪا.

٥- الله جل جلاله، صاحب رب سچو
ميئي محمد ميمر جي، صفت اوهين سٽجو
مڪي جي شهر ۾، جڏهن مال چاريندو هو
تڏهن پَهرائي پيرهه سان، آئي هوت هليو
تڏهن مولي ملائڪ موڪليو، رازق رحمت جو
حڪم ڪر زمين کي، ڪر سائو گاهه سيکهو

امر سان الله جي، ٿيو سائو گاهه سگهو
سال چري محبوب جو، ڪائي خوش ٿيو
نمي سڪهي نند ۾ پيغمبر پيو
قادر حڪم ڪر ڪي، پرور پاڻ ڪيو
ساهون ٿي سج ڪي، ستان ڪري تڙڪو
ساڻهن کي سات لڳي، عجب ٿيو اهو
سارو ڏينهن سڄ ۾، آهي وهاريو ويٺو
سانجهيءَ جو سيڪا، اچي ڪير ڪنيو
ايڏو راض رسول تي، پرور پاڻ ڪيو
بخش ڏوهه، بچايو چئي، مونکي انهيءَ سيڊ جو صدقو
جڏهن ڪلمون راس ٿيو، تڏهن ٿيو آمت آمرو.

٦- الله جل جلاله، صاحب رب سچو
سٽي محمد سير جي، صفت اوهين سڃو
مولي جڏهن معراج تي، ٿي سائين سڏايو
تڏهن جبرائيل جلد سان آتاهين آيو
ڪري سڏ سردار کي، اچي سالڪ سمجهايو
آن تي سيڊ سوار ٿي، توکي گهاتو گهرايو
وٺي ڪنجڪ ڪريم جي، جبرائيل آيو
اڳيان چهين آسمان تي، ملائڪ پولايو
منهنجي طاقت ڪانه ڪا، پرين! پاڻ وڃو
هئي چاڙهي هڪڙي، جنهن کي ڏاڪو ڪونه هئو
ڪونن ڏرن سان چوڪرو، اچي حاضر ٿيو
رکي قدم تنهن تي، سيڊ سولو ٿيو
سو به اٿئي جيلاني جڳ ۾، ساري ڏيهه ڏٺو
موزا لاهي ميدان تي، وڃي سيڊ سوار ٿيو
ڪيو آواز اندر سان، قادر قدرت جو
ته جٽيءَ سان جاني! اوهين چڙهي هيت وهو
تڏهن چيائين: سوا لڪ نبين جو، عيسي اتي هو

موزا لاهي ميدان تي، اچي وهندو هو
منوا لڪ نبين جو، جڏهن مون پيدا ڪيو
ڪيم آستي تنهنجا، مڃيائون دين تنهنجو
نہ خلقيان ها توکي، نہ خلقيم جڳ ٻيو
تنهنجو مٽ محمدا! ٿيو نڪو ٿيندو
ايڏو راض رسول تي، پرور پاڻ ڪيو
بخش گناهہ، بچايو چئي، مونکي سيد جو صدقو
انهيءَ ڏينهن ڪلمون دَر ٿيو، مٿي محمد مير تي.

٧- الله جل جلالَهٗ، صاحب ربّ سچو
مٿي محمد مير جي، صفت اوهين سڄو
جڏهن هن دنيا مان، تي لاهُوتي لڏبو
تڏهن مولي ملائڪ موڪليو، پرين ڏي پنهنجو
تہ هوندؤ هن دنيا ۾، ڪين اسان ڏي ايندؤ؟
چيائين: تي ڳالهيون منهنجون، جي قادر قبول ڪندو
تہ ايندس آءٌ ايڏانهين، وٺي سات سڄو
هڪڙو، صورت نہ مٽجي ڪنهن جي، توٿي ڪري
گناهہ وڏو
پہ پيرا هفتي ۾، مونکي پيغام پڄائجو
ڏسي ڏوهن ۽ گناهن ڏي، ڪريان عرض آمت جو
تہ ڇڏايان عاصين کي، ٿيان مهندار محشر جو
اهو راض رسول جو، قادر قبول ڪيو
هاڻي بخش گناهہ، بچايو چئي، مونکي انهيءَ سيدجو صدقو
سو ملائڪ موٽيو، وڃي حاضر ٿيو حضور ۾.

نصيحت

٨- الله جل جلالَهٗ، صاحب ربّ سچو

[٨] ڪان [١١] تائين بيت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان جمال رلد ڪان ملياء.

ڪجانءِ خوف خالق جو، جو آهي قادر ڪُلني جو
عزازيل انهيءَ ڪي، ماڳهين ڪين مڃيو
تڙجي سو تڙ تان، ورهين ڪان ويو
هاڻي مڃ مٺي محمد ڪي، جو آهي مهندار مڙني جو
ڪتڪ واريون ڪوٺيون، سيان سڏ ٿيندو
مون ٻُهو پچايو ڪونڪو، مون کان ٻُوٽيءَ جو پچندو
محابي محمد ميرجي، اچي بديون بخشيندو
بخش گناهه، بچايو چئي، مونکي صدقو سيد جو
جڏهن اچي بخشڻ تي بيهندو، تڏهين ڪوڙين چئنديون
ڪيتريون.

٩- الله جل جلاله، صاحب رب سچو
ماڻهوءَ جي مغز ۾، هڪڙو بانور آهي بچڙو
تڙايائين ٿي تن کي، جن توڙئون تڪبر ڪيو
انهي بانور ڪئين بيران ڪيا، جن ٿي سڪندر سڏايو
هرڪو هن دنيا مان، ويو وڃائي وارو
هڪڙا ڪئين ديوانا دنيا جا، تن جو پرو ڪونه پيو
پر جي ٿيو مطلب پورو دنيا ۾، ته ٻه ٿيو نڪي ٿيندو
جيسين مولو ملي ڪينڪي تيسين ڄاڻو نڪي ڄمندو
منهنجي نفس نادان ۾، ويري آهي ويٺو
ڪيو اٿئون سوال سرڪار ۾، اچي محي‌الدين ماريندو
ڪڍي منهنجي قلب مان، نهوڙي نيندو
بخش گناهه، بچايو چئي، مونکي سيد جو صدقو
جتي توارڙو ترندو، اتي شل ڪانياري ڪانه ٿئي.

١٠- الله جل جلاله، ساراهيان سبحان
بندا! تنهنجي بڻت کي، حرص ڪيو حيران
ڪئين هليا ويا ڪيترا، ڇڏي سير مڪان
نوڪي هٿ هليا ويا، ڇڏي طنبو ۽ طولان
ڪڍي ڇڏ قلوب مان، ڪوتائي جو ڪام

واري رڪ وجود ۾، محبت جو مڪان
سرهو ٿي ساڻيهه ۾، ساڳو ٿي سلطان
وٺجئين راهه رسول جي، ته جنت پسين جام
اهي رتيون، رند چئي، ڪي جنگ پروڙين جوان
ڪلمونا ۽ قرآن، ايندئي ڪم قبر ۾.

١١- ايندئي ڪم قبر ۾، جتي ڀاءُ نه. ٿيندئي پيڙو
وساري چڏ وجود کي، ٿي نرمل سان نيڙو
ته پسين هوند پرين ۽ کي، ٿيئي محمدي ميڙو
عاشقن اڳيئي ڪيو، پنهنجي جيءَ سان جهيڙو
ٻڌ سندرو سچائيءَ جو، متان ٿين لڪن ۾ ليڙو
حسن مير حسين سان، وڃي ڪندئي بچايا، پيڙو
پنهونءَ جو پيرو، وڃائي ولهيون ٿيون.

معجزو نبي صلعم جو، محسن اصحابيءَ وارو

١٢- مالڪ ٿي مرضي رکي، سيڌ جي سيڪا
سڻو سڀ ڪنن سان، معجزا محمد مير جا
لڳي جنگ تبوڪ جي، هليا هوت هتان
'محسن' نالي هڪڙو هو اصحابن منجهان
تنهن چيو پنهنجي ماءُ کي، منهنجي جيجل ماءُ
موڪل ڏي مونکي ته وڃان گڏجي غازين سان
ڪين چڏبندس ڪڏهن، منهنجا اکين نار آبا!
بنان موڪل ماءُ جي، آبو هلي هيج منجهان
هوءَ به آئي ڪندي ڪيهون ڪيترين، دانهون
درد منجهان
سڻ فرياد منهنجو، مير محمد شاهه!
محسن منت منهنجي مڃي نتو مُوران
واري ڏيو مونکي، منهنجي امانت آن

اِهي بار، بچاهو چئي، هن جا سيڊ سڀ سٺا
اٿي هوت هتان، جوان هليا آهن جنگ تي.

١٣- جوان هليا هٿا جنگ تي، وڃي ڪنا ڪوڙهائون
ساري مجوسين کي، ليکا لاٿائون
ٿي سڏائي سيڊ جي ۽ فتح ڪيائون
هُو به شير شهيد ٿيو، جو آٿاهون آندائون
ڪٽڪ ٿي ڪاهيائون، آيا مير مديني تي.

١٤- آيا مير مديني تي، ڪٽڪ کي ڪاهي
جيڪا رضا ربّ جي، سا پير به پچائي
سڏ ڪيو سردار سان، بيٺي گوري گهالهائي
آندي اٿئي امانت منهنجي، يا آيُون رَهائي؟
ڪامل ڪُڇي ٿو ڪينڪي، پيو ڪُجهه ۾ گهالهائي
آهو جبرئيل جلد مان، ٿو سيڊ کي سمجهائي
آئي سڏ اوهين ڪريو، اوهان جو قبول آهي
آئي سڏ سردار ڪيا، سيد پاڪ سچي
هيون چوڏهن منزلون پنڌ جون، اچان هوند پري
پهرئين سڏِ سڏ ڏنو، مُحسن محمد کي
بخش گناهه، بچاهو چئي، مونکي سيد جي صدقي
بيٺو ربّ رکي، مرضيون محمد مير جون.

١٥- مرضيون محمد مير جون، سُيون ربّ ستار
لطف سان لنگهائيين، ڪيچائي قطار
خالق خلق خلقي، تنهن ۾ سيد ڪيائين سردار
ڪٽي ٿو بار ڪُهين جا، توٿي آهن عيبدار
مون به ڪيون ڪچاهون ڪيترهون، بدبون بيشمار
بخش ڏوهه، بچايو چئي، سُٽين ربّ ستار
ڪلمي جي آڌار، آستي چُٽندا ايمان سان.

معجزو نبي صلعم جو: آٺ وارو

١٦- ساراهيان سچو ڏٺي، جنهن جوڙيو جڳ جهان
ساراهيان تنهن سيّد کي، جو عالم جو اِمام
ساراهيان چارئي يار رسول جا جن اول آندو ايمان
ساراهيان پنجئي تن ٻرينءَ جا، جن لاءِ جڙيو جڳ جهان
هڪڙو آدم خاڪيئي آدمي، ٻيا مَلَڪ، جِنّ، حيوان
تن مان هڪڙا شاهه سڪندر ڪئين ڪيئي، جن جا ايڏا ڪيئي اخوان
ٻيا ڪيئي تالابين تخت تي، سائين سليمان
ٻيا گهوٽ چڙهيا اچن گهوڙن تي، ڪٿن متي خان
ٻيا مهري ڏيئي ملوڪن کي، صاحب ڪيئي سامان
ٻين کي حاڪم ڪيئي حڪومت ڏيئي، جن کي سوين ڪن سلام
ٻيا ڪيئي پيرين پيادا پنڌ ۾، جي هلڻ لاءِ حيران
ٻيا ماڻيءَ لاءِ محتاج ڪيئي، جن کي تازو ملي نه طعام
ٻيو ڪيڙيءَ کي ڪَٺ رسائين، جتي آهي بَر بيابان
ٻيو ميرن کي ماس ڏنئي، جتي هليا وڻن حيوان
ٻيو قضائن تي ڪيترا، کي قاضين جا ڪِمام
قادر! تنهنجي قدرت جي، آهي ڪل ڪهين کي ڪانه
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، آگا! ڪر احسان
جن آندو احمد تي ايمان، دوزخ تن تان دور ٿيو.

١٧- دوزخ سو اچي دور ڪندو، سُڻ سائينءَ جي صفت
ڪري ڪريان ڪيتري، آگهي جي عبرت
لنگهي ويا لاهوت ڏي، جاني سيئي جَت
ڪَرهو آتي ڪري پيو، جنهن کان ڪَل وٺي طاقت
عربي چڙهيو آٺ تي، سير ڪري مصلحت

ڪرهي اني ڪٽڪ ڪئي، منهنجي محمد! ڪرمدت
عربي جهلي آٽ، بيهي رهيو، بچايو چئي.
١٨- بيهي رهيو، بچايو چئي، سيد اني سردار
مولهي اسان کي موڪليو، ڪري اڙين جو آڌار
اٿي بڪ بدن ۾، ڪين بنهه آهين بيمار
ڪين جائون اٿي جان ۾، ڪهڙو اٿي لاچار
ميا! ڪيدي مهار، تو کي ڪيئن جت چڏي ويا جوءَ ۾؟
١٩- جڏهن جت چڏي ويو جوءَ ۾، نڏهن سائي
ٿيو آهين سردار
جڏهن جوين هئم جان تي، نڏهن هوس ميڙن جو مهندار
جهاڻا جهوڙا ڪيترا، مونکي ايڏا ڪيائون اختيار
ڪئين ناڪايون نڪن ۾، ڪوڏ منجهان ڪاپار
گهنگهريا منهنجي گوڏن ۾، مونکي سڀ
ڪيائون سينگار
پي بغدين جي، بچايو چئي، هئي منهنجي ڪيد قطار
ٻڌي هئي، بروچ چئي، منهنجي لڪن ۾ للڪار
جوين ويو اٿم جان تان، نڏهن بنهه ٿيس بيڪار
هڪڙا اٿم ڦٽ فراق جا، پيا چٽا اٿم چوڏار
سائي ٿيو آهين سردار، نڏهن پيو اٿم ساهه سربر ۾.
٢٠- پيو آهي ساهه سربر ۾، جڏهن آجهو ٿيو آري
هڪڙي رڄ عجيب ري، پي والن تي واري
هڪڙو حڪم حاڪم جو، پيو زور سڄي زاري
ڪنڌي اٿم ڪانه ڪا، تنهنجي اٿم تاري
سيد! ڳالهه ساري، روشن اٿئي، رند چئي.
٢١- روشن اٿئي، رند چئي، مڙيئي معلومت
چڏي سون چپر ۾، جاني ويا جت
وير وسيعت وجود مان، ڪل جڏهن ڪاڪت (١)

(١) ڪاڪت = طاقت

تڏهن ٻڌم، ٻروچ چئي، سيد! تنهنجي صفت
آهين وسيلو ولهين جو، ڏين ٿو هيٺن کي همت
اِها سيد تنهنجي صفت، پئي ملائڪن وٽ مون ٻڌي.
٢٢- ملائڪن وٽ مون ٻڌي، پنهل تنهنجي پچار
جڏهن نه کو عرش زمين هو، هئي اوندهه انڌوڪار
تڏهن انر پاسي آيرٻو، تارو هو تڪراز
رکيل تنهن ۾، رند چئي، هو سيد جو سينگار
چئي "ڪُن فيڪون" جي ڪيئي پوءِ پچار
هڪڙا ظاهر ڪيئي زمين تي، ٻيا عرش متي اسرار
مالڪ ملڪ موڪليا، خلقيا بيحد بيشمار
ماڻهن جي مٿيءَ جي، ڪيائين پوءِ پچار
خالق خلقڻهار، ڪٽي رازق روح بنايا.
٢٣- رازق روح بنايا، خاوند خلقڻهار
محابي محمد ميڙ جي، ڪيائين الاهي اسرار
صدقي انهي سيد جي، ڪم ڪيا ڪرتار
ايڏي سگهه ستار، مالڪ ڏني محبوب کي.

معجزو نبي صلعم جو، هرڻيءَ وارو

٢٤- مالڪ ڏني محبوب کي، ايڏي سگهه ستار
سڏو معجزو محمد ميڙ جو، جو عالم جو آڌار
هرڻي انهيءَ هنڌ تي، قابوءَ ڪئي قهار
سيد ڪڏهو هوس سچ ۾، ٿي ٻڌل ڪيا بيڪار
وَر وسيلا ولهين جا، ٿون اڙين جا آڌار
مون بنديائيءَ سان، بچايو چئي، اچي سائي ٿي سردار!
لا ٿو ڏک ڏاتار، هن کي سيد ڪڏهو هو سچ ۾.
٢٥- سيد ڪڏهو هو سچ ۾، هن تي راضي رب ٿيو
مدني جي ميڙ سان، ٿي هرڻيءَ حال ڪيو

ٿي آهيان بنديائي بند ۾، مونکي ماري ماري ٿو
ماري منهنجي مارڻ لاءِ، اڳيئي ايندو هو
ڪندي هيس پاسو تنهن کان، مونکي عقل ايندو هو
اڄ امر ٿيو الله جو ۽ فرمودو ربّ جو
تڏهن سارو ملڪ ڳاريوئن مونکي ٿي آيو
لنگهڻ جو لوڪهو مونکي اهوئي ٿيو
ٿي آهيان بنديائي بند ۾، منهنجو وس وڻو
ڪيڏ بنديائي، بچايو چئي، توڻ آهين ضامن ضعيفن جو
جنهن سان سيّد ساٿي ٿيو، لٿا غم عريب تان.

٢٦- لٿا غم غريب تان، جنهن کي پارس گڏيو پير
نڪي ڪاڏا هئم کوڙچا، نڪي ماڻيو هوم ملير
ڪرڙ ڪاڏا هئم قوت لاءِ، پٿري گم گنڊير
ڪيڏ بنديائي بچايو چئي، توڻ آهين مدني جو مير
ظاهر لاهي زنجير، پٽو ضامن هن ضعيف جو.

٢٧- اهو حال هرٿيءَ جو، ڪامل! لائج ڪن
اڳي هو نور تنهنجو رکيل منجهه آيُن
پوءِ واحد رکيو هو وڻ ۾، يقين جنهن کي چوڻ
سيئي تنهنجي نور سان واهڙ پيا وهن
سڀيم واڪاڻون تنهنجون، منجهه آيُن ۽ ترشن
سڙيو ملائڪ پاڻ ۾، تنهنجون تعريفون ڪن
تنهنجي بيعت، بچايو چئي، مجي آهي ملڪن
پٽو ضامن مون ضعيف جو، جو قابو ٿيس قيدن
ايندس آءُ انجام تي، پياري ڪير ڪلهن
سڀي ڳالهه سندن، آئي حضرت چوڙي هرڻي.

٢٨- حضرت چوڙي هرڻي، جنهن تي راضي ٿيو رحمان
وري هئي وطن تي، جتي هئو بر بيابان
پڇن بيڪارون سڀيون، آيو تن ايمان
چئي: آبا! پيي ڪير خوش ٿيو، لاهيو غرض گمان

آيو آهي موت مٿي تي، ڪٿي سڀ سامان
مون ڏنو آهي ضامن محمد ڪارڻي، جو ضعيفن زمان
تڏهن پٽن چيو ماءُ کي، ٿرن موڪي آهين مستان
جي ڏنو اٿئي ضامن محمد ڪارڻي، ته تيو
اسان کي ڪير حرام
هاڻي وَر ته وَرون ٻوٽتي، آٿيون محمد تي اسلام
اکيان ماريءَ چيو ميڙ کي، سڄ ڳالهه سلطان
مون ڦاسائي هئي ڦاهيءَ ۾، مونکي ٻُڪن ڪيو بمران
ميرون جي جهنگل جا، سي اٿئي حرامي حيوان
ايندا ڪين انجام تي، توڙي ڪن ڪلام
ان مهل منجهه ميدان، هرڻي اچي حاضر ٿي.
٢٩- هرڻي اچي حاضر ٿي، آن گوريءَ ڳالهايو
معاف ڪجانءِ مون مسڪين کي، جولنگهي وقت وهو
مون ڪَلها چڏيا هئا ڪنڊ تي، منهنجو پري پنڌ هئو
اٿم اعتبار تو ۾، بنهه پروسو
سيڌا تنهنجي صدقي، جڏهن سارو جڳ جڙيو
تڏهن مجيم بيعت، بچايو چئي، مون ڪلمون پاڪ پڙهيو
سڀي حال اهو، ماريءَ ڪٿي ماڻ ڪئي.
٣٠- ماريءَ ڪٿي ماڻ ڪئي، سڀي ڳالهه ساري
اکيان حڪم هلي ئي ڪونه ڪو، ظاهر آهي زاري
ايندا ملڪ الله جا، ڪاوڙجي فهري
نيئي ڌرينندا ڏوڙ ۾، ٿيندو وڃاڻو واري
هڪڙي پيڙ پٽن جي، پي قبر اندازي
سُجهي ٿي سڀ لاءِ، قيام اکيان ڪاري
آءٌ هت چڏيان ٿو هرڻيءَ کي، منهنجو آهو ٿجواري
ٿيو سَوَلو شڪاري، جنهن ورتي ڪنجڪ ڪريم جي.
٣١- ورتي ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو رالي جو
هرڻيءَ کي هٿ سان، هن چوڙي هو چڏيو

اِهو ساري مُلڪ ۾ آهي اهڙو هُل هُليو
آهي محمد عربي، سيّد پاڪ سچو
ميرون ڇڏايائين ماريءَ کان، ظاهر ضامن پيو
هڪڙا آيا ٿي اسلام تي، جن ميٺو دين مڃيو
ڪافرن جي قلب مان، ڪري ڪچ پيو
ابوجهل انڌو ٿيو، وقت جنهن کان ويو
روح جنين جي، رند چئي، سيّد سڃاتو
تن کي ملڪن ٿي مرحبا ڪئي، دوزخ دور ٿيو
بخش گناهه، بچايو چئي، انهيءَ سيد جو صدقو
جن ڪلمون ياد ڪيو، سي اُمتي ڇٽندا ايمان سان.

بادشاه پير جي ساراه

٣٢- الله جل جلاله، صاحب ربّ سچو
محمد کي معراج ڏي، هو صاحب سڏايو
تڏهن ڏني هئي رهبر روحاني، هڪڙي متي مڙد بيٺو
پڇيائين پنهنجي ربّ کان، تون آهين مالڪ ملڪن جو
مون ڏني آهي رهبر روحاني هڪڙي آهي ڪامل قوت جو
آهن سونا دُر ڪنن ۾، آهي سُهڻو صورت جو
ڏني ورندي وريار کي، سائين سمجهايو
ڪندس تنهنجي پٺ مان، قادر ڪلن جو
ڏينندو ايمان انڌن کي، جڏا جيارينڌو
سُٽي ڳالهه سيّد، ڪيو شُڪر ربّ جو
جن تي مڃيو محي الدين کي، تن تان دوزخ دور ٿيو
هي به اٿئي ڏڏ ڏوهاري، تنهنجي پناري پيو
محابي مير محمد جي، تنهن کي ڏان ڏيو
بخش ڏوهه، بچايو چوي، مونکي انهيءَ سيّد جو صدقو
جنين ڪلمون ياد ڪيو، سي اُمتي ڇٽندا ايمان سان.

معجزو بادشاه پير جو

۳۳- خاوند پاڻ ڪنيو ٿي، پاڪ پروردگار
هڪڙو مجيندو هو محي‌الدين کي، ٻيو نه ڪنهن
تي آڻيندو هو اعتبار
هڪڙي ڏينهن آيس ماري مؤت جو، ڪاوڙجي قهار
جنهن سٿهي ساهه سرير کان، ڏڙ ڪان ڪيس ڏار
ڪٽي ڪٽولو هليا، دانه منجهان درٻار
نيئي ڏريائونس ڏوڙ ۾، ڪيئونس ساميي سندي سار
ڪانڌي هليا قبر کان، پوءِ ڪيائونس پڇڻ جي بچار
ڪنهن جو خلقيل آهين، ڪهڙو تنهنجو سردار
ڇيائين تہ: نڪي سڃاڻان تو سائين کي، نڪي سڃاڻان
تو سردار
مجيان تو محي‌الدين کي، جنهن تي آندو اٿم اعتبار
ملائڪ موڪلي آئيا، سائين جي سرڪار
نڪي سڃاڻي تو کي، نڪي تو سڃاڻي سردار
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، سون ۾ حرف هزار
آڻي تو اعتبار، مجي تو محي‌الدين کي.
۳۴- مجي تو محي‌الدين کي، نڪي سڃاڻي تو سردار
تڏهن ملائڪ موڪلي وڃو، ماري ڪريوس مُردار
انهي ملائڪ موڪلي آئيا، ڪاوڙجي قهار
تہ هن جي مڙد مٿي کان وٺو آهي، سهڻو ڪيو سينگار
ڏسي صورت سيڌ جي، ٻين ڏيل اندر ڏهڪار
نتو سڃاڻي سائين کي، نڪي تو سڃاڻي سردار
آءٌ تو سڃاڻان سائين کي، سڃاڻان تو سردار
ملائڪ! موڪلي وڃو، سائينءَ جي سرڪار
نہ تہ وڃائيندس لذت بهشت جي، دوزخ جو دهڪار

هن جي بخت، بچايو چئي، ساڻي ٿيو سردار
هو غافل گنهگار، انهيءَ لطف ساڻ لنگهي ويو.

٣٥- لطف ساڻ لنگهي ويو، هن تي راضي رب ٿيو
واري هن جي وجود ۾، قادر ڪرم ڪيو
جنهن ٿي مڃيو محي‌الدين کي، لنگهي پار پيو
منڪر ۽ نڪير جو، هن تي پڇاڻو ڪونه ٿيو
قبر جي ايذاءَ کان، بچي سو ويو
اهو معجزو محي‌الدين جو، ساري لوڪ سڏيو
دليءُن دستگير کي، جنهن سائل سڏ ڪيو
درد تنهن جي دل تان، مولي معاف ڪيو
بخش ڏوهه، بچايو چئي، انهيءَ سيد جو صدقو
هن تي راضي رب ٿيو، تنهن تان غم گيلاني ڪتيا.

٣٦- غم گيلاني ڪٽيا، صاحب ٿيو ساڻي
ميران شاهه! مدد ڪر، منهنجا سچا سيوهاڻي
هتان نيئي اجمير جو پيارج پاڻي
سنارا محمد ڪريم جا، ڏسان ڏهاڻي
حسن ميرحسين جي، مونکي سڪ ساماڻي
راضي ٿي، رند چئي، سيد! ٿي ساڻي
پنهل ايندو پاڻيهي، مون رکيا آهن ڪم ڪريم تي.

٣٧- رکيا اٿم ڪم ڪريم تي، سيد سڏ سڻندو
هڪڙو سوال صبوح جو، مون قادر توکي ڪيو
بخش بڌيون مونکي، مون ڏاڍو ڏوهه ڪيو
مون ۾ مدايون جو پرو ڪونهي ڪو
دليءُن دستگير! مون توکي سڪي سڏ ڪيو
هڪڙو معجزو محي‌الدين، مون تنهنجو لولاڪ ۾ لڌو
محمد کي معراج تي، جڏهين سائين سڏايو
اني نڪا هئي جاءِ جبرئيل کي، نه ڪو هو سڏڪ ٻيو

آتي هئي رهبر روحاني تنهنجي، جنهن تي ڪامل قدم ڪيو
مون بہ جهلي آهي دامن دستگير، تنهنجو ورتم وسيلو
محابي محمد سير جي، مونکي نال نيجو
بخش گناهہ، بچاءِ چئي، مونکي سيد جو صدقو
جن تي هادي هٿ تنهنجو، سي ڪوڙيءَ چئي
ويون ڪيتريون

٣٨- ڪوڙين چئي ويون ڪيتريون، جن تي هادي
هٿ تنهنجو
هڪڙو معجزو محي الدين مون تنهنجو، لاهوت ۾ لڌو
ٻارهن ورهين جو ٻڙو، جڏهن مائيءَ جو ٻڌو
تنهن تي ڪيون ڪينهون ڪپر تي، هئي! هئي!
هٿ هنيو
انهيءَ کان هڪ ڏينهن، تو هو پير پڇيو
مائي! ڇو تي روئين ۽ رڙين، تنهنجو ڇا ويو
چيائين: ڪئين اولياء، ڪئين انبياء، وڃي لوڪ لڳهو
دارون منهنجي درد جو، ڪنهين ڪوله ڪيو
منهنجي دوا دستگير وٽ، ڪامل اچي ڪندو
آءٌ تي رنڙي رڙهون ڪريان، منهنجون ٻاروچو ٻڌندو
چيائين: مائي! آهيان دستگير، مان آڏر اڙين جو
جي آهين دستگير تون تہ ڪر داد مون دلگير جو
گهوٽ هن گهر مان، هو پرينءَ پير پرٽاءِ
ٻڙو هٿ ٻڌي ويو، سو آهي نڪونج نيو
تڏهن مون جهني آهي دامن دستگير، تون آهين
دادلو درگاهہ جو
سيد! تنهنجي شان سان، پوري ڪونہ پيو
بخش گناهہ، بچاءِ چئي، انهي سيد جو صدقو
جن تي مولي ماڙ ڪندو، تنهن کي لهر لوڏيندي ڪانہ ڪا.

٣١- لهر لوڏيندي ڪانہ ڪا، جنهن تي رانجهن راضي ٿيو

چيائين: سائي! چوتي روئين ۽ رڙين، تنهنجو ڇا ويو؟
هتان ڪئين اولياء ڪئين انبياء، هرڪو هليو ويو
ڪئين غوث، ڪئين قطب، وڃي لوڪ لڏيو
موتي هن ساڳن تي، وري ڪونه وريو
حسن سير حسين هئا، جين لاءِ جڳ جڙيو
سي به مڃيو ويا متي تي، سور سختيون سڀ سهيو
قبر جي عذاب کان، قاضي ويو ڪنبندو
تون تي ٻيٽين پٽ لاءِ، تنهنجو ٿيو آهي چيت چريو
تو کي پٽ وٺي ڏيان ٻيڙهي لاءِ، ساڳيو مليئي سو
چيائين: پيرا! پل نه مونکي، تون آهين آجهو اڙين جو
سارو ڏينهن سبحان کي، مون پئي ظاهر ياد ڪيو
بارهن ورهين، بروچ چئي، مون پئي تنهنجو پير پڄيو
اڄ مولي ڏيارهو آهين ميدان ۾، منهنجو قادر ڪرڪيو
بخش گناهه، بچايو چئي، مونکي انهيءَ سيد جو صدقو
تون آهين محي الدين مٺو، تہ ٻيڙو ڪڍي ڏي
ٻاجهه سان.

٤٠- ٻيڙو ڪڍي ڏي ٻاجهه سان، آهين جيلاني جو
آءٌ به آٽيان اسلام اوهان تي، مڃيان دين ميٺو
هڪڙو معجزو محي الدين تنهنجو، مون ڪامل
ڪئين سٺو
چورن جڏهن چوري ڪئي، تن تي تو هئو نظر ڪيو
سي به اولا لهي اولياء ٿيا، جن تي قادر ڪرم ڪيو
هڪڙي مائيءَ تو کي هئي منٽ ڪئي، جنهن هو پٽ ڄڻيو
هيون ست ڏيون جنهن کي، جنهن جو وارث ڪونه هو
سي ستئي تو پٽ ڪيا، جنهن تي تو نرمل نظر ڪيو
نڏهين مون به آندو اعتبار، توتي بنهه ڀروسو
تو سان حڪم هلي ٿو ڪينڪي، منهنجو اٿي اسم الله جو
سيد! تنهنجي شان سان پوري ڪونه پهو

ڏاڻي بخش گناهه، بچاءِ چئي، مونکي انهي سيّد جو صدقو
جنين ڪلمون ياد ڪيو، سي اُمتي چئندا ايمان سان.

حج تي وڃڻ جي سک

٤١- الله جل جلالهٗ، صاحب ربّ سچو
مديني جي مُلڪ ڏي، جو حاجين سان هلندو
درد تنهن جي دل تان، مولي معاف ڪندو
اکيان سير سموند جي، لهرون جو لنگهندو
مالڪ پنهنجي مهر سان، تنهن کي ڏاتر ڏاج ڏيندو
قادر پنهنجي ڪلام ۾، پرور پاڻ لکيو
نمائي ڪنڌ ڪعبة الله کي، سهڻو سجدو جو ڪندو
ڏاتار ڏوهه تنهن جا، مؤلو مرهيندو
ميينا جي ميدان ۾، جو قافلو ڪاهيندو
هلڻ وبل حاجين تي، حيدر هٿ ڏيندو
منارا محمّد ڪريم جا، جو چشمن سان چُمندو
سو مهندان ڏينهن محشر جي، آجو ٿي اُٿندو
ايڏو راض رسول تي، پرور پاڻ ڪيو
بخش ڏوهه، بچاءِ چئي، الهيءَ سيّد جو صدقو
جو حج هلي ويندو، ويندو دوزخ تنهن تان دور ٿي.

٤٢- مديني جي مُلڪ جا، ڪاج هلي ڪائون
سُرها آهن سڀ پريهن، ماکي مٺائون.
منهنجو مَرهه ملير ڏي، هادي! نيج هيتائون
بخشين سڀ، بچاءِ چئي، منهنجون خالق خطائون
پوريون ڪرين پاڻ ڏي، منهنجي روح جون رٽائون
انهي پنهونءَ جي پيراندي ۾ ڪان، هجان شل آئون
انهيءَ روضي جون چانئون، مُئي ڪان پوءِ مون تي ٿين.

٤٣- مُئي ڪان پوءِ مون تي، ڪرين مالڪ مهرباني

نہ مديني جي مير جي، شل! پسان پيشاني
محمد جو ڪيئي مڙني ۾، مٽ نڪو ثاني
ڏسيو معجزا مير جا، ٿئي هر ڪنهن حيراني
جن پسي پيشاني، دوزخ تن تان دور ٿيو.

۴۴- دوزخ اچي دور ڪندو، جنهن آگي ڪيا انجام
سو مهدي آهي مڙني جو، ۽ آمت جو به امام
آهي قدرتون ڪريم ڪي، آگي ڏنيون انعام
پني ٿو هي پينار تنهن ڪان، دليئون دين ايمان
اکيان ٻر سڃهي بيابان، سو تون سيد! سير آڪاريين.

۴۵- سيد! سير آڪارئين، آمت ڪي به اچي
هلندا ميڙي محمد ڪريم جي، جن ڪي هوندي
سڪ سچي
سچن ۽ ڪوڙن جي، آني ٿيندي ڳالهه اچي
بيهندو پاڻ اچي، آني قاضي ڪوٺبو ڪونه ڪو.

۴۶- قاضي ڪوٺبو ڪونه ڪو، آني محمد ٿيندو مختار
آگي واگي آن جي هٿ ۾، ڏني رب ستار
احمد لهندو آمت جي، آني سڏ سنڀار
بچايو چئي، بدڪارن جا، لاربندو حرف هزار
اهڙو رب ستار، جو رکي مرضيون محبوب جون.

۴۷- رکي مرضيون محبوب جون، سو آهي ٻاري بي پرواهه
سيد جي صدقي، آمت ڪيائين پيدا
جتي ٿيندو حق حساب جو، ۽ ترندا آني تورا
آمتي احمد ڪريم جا، سيئي هوندا سرها
مور نه ڏيندا ملائڪ تن کي دوزخ جا ڏڪا
ڪندو شافي پاڻ شفا، محابي محمد مير جي.

۴۸- محابي محمد مير جي، شافي ڪندو شفا
مهندان ڏينهن محشر جي، هتان ٿي هلندا

ڪوڙ ڳالهائيندو ڪوڙ ڪو، سيئي سچ چوندا
ٻٽ نہ هلندو پيءَ سان، جدا ٿيندو ڀاءُ
منڊبو اتي ميزان اچي، حڪم سائن خدا
سنئون ٿرندو سون ڪان، ٿيندي رتي بہ ڪانہ رياءُ
آني اچي بخشائيندو، بچايو چئي، محمد ڪم مٽا
اٿم اميد اِها، ٻي ڪنڌي اٿم ڪانہ ڪا.

٤٩- ڪنڌي اٿم ڪانہ ڪا، وسيلو نہ واهہ
ٿيندو ڏينهن قيام جو، جتي هزارين هلندا
ڏرتي ٿامي جي ٿيندي، ايندو لهي سچ مٿان
ڪاڙهو ٿيندو ڪاپار ۾، ايندو لهي سچ مٿان
اچي بيهندو اوڏرو، نزديڪ نيزي جان
سوا لڪ نبين جو، آتي سڀ هوندا
هلندي ڪنهن جي ڪانہ ڪا، نوبهہ پيا پڙهندا
سيد اچي سيني تي، احمد ڪندو اِچا
ڪندو عرض الله کي، اج مون سان هجي حيدر شاهہ
علي لهي آين ڪان، ايندو آن وبرا
هوندس جهنڊو هٿ ۾، وڏو ڪنهن قدرا
لٽي ستر اکيون سچ جون، ڪندو چانءَ مٿان
ايڏا احسان آمت تي، ڪيا مٺي محمد شاهہ
ڪري ڪربان ڪيتري، آنهي صاحب جي ساراهہ
چئو صلواتون سردار تي، لڪين مُڏا
بخشين، بچايو چئي، مونکي خالق سڀ خطا
ڪلمون جي چوندا، سي آنتي چئندا ايمان سان.

حضرت پير صاحب پاڳاري رحہ جي ساراهہ

٥٠- ساراهيان سچو ڏٺي، جنهن خلقي جوڙ خدا
ساراهہ ٻان تنهن سيد کي، سانجهي مرتضيٰ

ساراهيان چار ئي يار رسول جا، جن مڃيو محمد شاهه
ساراهيان پنجتن پرينءَ جا، جن لاءِ جوڙيو جڳ خدا
حسن سير حسين هئا، مٿ مدينني جا
ڪٽا ٿي ڪربلا ۾، ٿي رازق رنگ ڏٺا
صورت ساڳي سا، هني ڏسو روهڙيءَ ۾، رند چئي.

٥١- روهڙيءَ ۾، رند چئي، آهي سونهن پريو سردار
مريد انهيءَ پير جا، ڪروڙين لک هزار
انگ اوڍائي ڪپڙا، پهرائي پيتار
بڪين کي، بچاڻو چئي، پيو ڏاتيون ڏي ڏاتار
صورت سا هيڪار، هلي ڏسو روهڙيءَ ۾، رند چئي.

٥٢- روهڙيءَ ۾، رند چئي، هلي پسو پيشاني
هلي ٿي حاڪم جي، موڪ آتي ماني
ماڻهو انهيءَ پير جا، ڪوڙين آهن ڪامي
هڪل انهيءَ حيدر جي سان، ٿا ڪنبن ڪماني
ڪندو ماڙ سربدن تي، ڏينهن محشر مهرباني
هاڻي پسو پيشاني، روضي ڏٺيءَ جي، رند چئي.

٥٣- روضي ڏٺيءَ جي، رند چئي، هتي آهي هلڪار
موتي ۽ مرجان جي، اتي ناهي اختيار
سون رپي جي سيد وٽ، پرس وهي ٿي پار
بخش ڏوهه، بچاڻو چئي، آهيان عيبدار
سيد جا سينگار، هلي ڏسو روهڙيءَ ۾، رند چئي.

٥٤- روهڙيءَ ۾، رند چئي، ڏسو عاقل جي آڇل
جڏهن ٿي اوڍاڻين اڙين کي، تڏهن ڪا پيئي
هس ڪهل
سخي سخاوتون، ڪري وبا ڪامل
سيڪو پنهنجي سير ۾، آتي ڪندو آڇل
هن جا بار، بچاڻو چئي ڪيچي لنگهيا ڪل
پلا لنگهي وبئي پل، هن ڪامل جهڙو ڪونه ٿيو.

٥٥- ڪامل جهڙو ڪونہ ٿيو، مٽ نہ ڪو ثاني
صورت سائي سيد جي، رهبر روحاني
سخا ۽ شهادت جي، ان کي موڪ ملي ماني
سيد جي شان جو، مٽ نہ ڪو ثاني
ڏيهہ سجو ڏاني، آئي روضي ڏٺيءَ جو، رند چئي.

٥٦- روضي ڏٺيءَ تي، رند چئي، ائي هاديءَ جا هٽ
روضي ڏٺيءَ تي، رند چئي، روز وسي رحمت
روضي ڏٺيءَ تي، رند چئي، جڙي جاءِ جنت
تنهنجا ڏيهہ مڙئي ڏاني آهن، ماڻهو ٻيا ملڪ
وڻ ٽڻ انهي ويڙ جي، ڪن سارو ڏينهن صفت
جنهن جي مديني ڏي محبت، سي ٿا سجاڻن سيد کي.

٥٧- سجاڻن سيد کي، سي آمتي آهن
جابون سي جنت ۾، واريو وڃائين
ميرا جي مارن جا، سي لحظي ۾ لاهين
روضي ڏٺيءَ جون، رند چئي، اتي اچلون آهين
اڙيا اوڀائين، هليو پنهنجي هٽ سان.

٥٨- هليو پنهنجي هٽ سان، آڙيا اوڀائي
بي وارثن کي، بچايو چئي، ٿو لٽا ڏئي لاهي
اهو سات سيد جو، ويا ڪابل ڏي ڪاهي
انهي سيد سامائي، دوڪا لٽا دل تان.

٥٩- دوڪا لٽا دل تان، جڏهن آيو سنڌ ڏي مير
ڏئي ٿو ذڪر ذاتي جا، پاڻ هليو پير
پياري پينارن کي ٿو، ڪندون ٻيو ڪير
بخش ڏوهہ، بچايو چئي، ٿون آهين داتا دستگير
سيد سنڌ امير، هلي ڏو زوهڙيءَ ۾، رند چئي.

٦٠- روهڙي ۾، رند چئي، آهي حاڪم حڪدار
ماڻهو انهيءَ پير جا، ڪروڙين آهن ڪدار

ڪئين شڪاري شڪار تي، ڪئين ٻانڪا ٻاردار
صوبا آهن سيد سان، عالم عملدار
پهري تي پهلوان آهن، خليفا خبردار
ڪوٽ انهيءَ ڪامل جو، آهي جڙيو ڪنهن جنسار
بنگلا آهن، بچايو چئي، بيحد بيشمار
سونيون نيلون سيد کي، ڏنيون آهن ڏاتار
ايڏا سڀ اختيار، هلي ڏسو روهڙيءَ ۾، رند چئي.

٦١- روهڙيءَ ۾، رند چئي، سيد آهي سڌر
آئي تو اسلام تي، ڪنبايو ڪافر
مٺو ڀائي منهنجي پير ڏي، سو مري ويو منڪر
معافيون ٿيون مريدن تي، جن نان لٿو ڏک ڏمر
اهڙو سيد اٿي سڌر، جو ڏڏن کي ٿو ڏان ڏئي.

٦٢- ڏڏن کي ٿو ڏان ڏئي، سيد سو سردار
ڪامل جا ڪنگري ۾، ڏس الاهي اسرار
منارا انهيءَ پير جا، آهن نوراني نروار
چاليهه ٿنب مسجد کي، ٻي ڪيائين جوڙ وڏي جنسار
ٻيو رهبري روضو ڏس، جو قوي قوت دار
سونو چٽ سيد تي، ٻي مٿس لالن جي للڪار
رسيو جو رجبيءَ تي، تنهن تان لاٿو ڏک ڏاتار
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، سڻي رب ستار
سيد جا سينگار، هلي ڏسو حضور.

٦٣- هلي ڏس حضور ۾، ڪولي اکيون خان!
هن تي مالڪ مهرباني ڪئي، راضي ٿيس رحمان
سيد جو آهي سنڌ ۾، نغارو نيشان
جنهن کي مڃين سڀ ملائڪ ٿا، آدم ڪئين انسان
ڀريون هن جي پسڻ لاءِ، حورون آهن حيران
جو ڏسي ٿو پيروي پيغمبر جي، ٿو آئي مٿي اسلام

هڪڙا تا سچائن سيد ڪي، ٻيا وٺا شڪر ڪي شيطان
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، راضي ٿي رحمان
ڪلمون ۽ قرآن، اٿئي سينگار سيّد جو.

٦٤- ساراهيان سچو ڏٺي، صاحب ربّ سڏر
ساراهيان تنهن سيّد کي، جو آهي اڙين جو آڌر
ساراهيان روضي ڏٺي پير کي، جو آهي روهڙي ۾ رهبر
گهوڙا الهيءَ گهوٽ جنا، لڪين آهن لشڪر
نقرو نالي هڪڙو، جو آهي ڪُلني ۾ ڪٿر
گهمي ٿو گهرن ۾، جو ڪري ٿو مريدن تي مهر
اسان وٽ به لائق ڪري لڙي آيو، ڪيائين واسينگ تي ور
محمد يوسف کي سونل ڪيو آهي سنڌ جو سڪندر
جن تي روضي ڏٺي راضي ٿيو، پاڪ ڏٺي پرور
رکج محبت مرشد ڏي، ته ڪانه پوندي ڪر
سوڙهيءَ ۾ ساٿي ٿيندو، مهندان ڏينهن محشر
ڪٽندو ٻار، بچايو چئي، جتي ڪونهي ساڻ ثمر
نقري تي نظر، اٿي روضي ڏٺيءَ جي، رند چئي.

جمجما سلطان

٦٥- ساراهيان سچو ڏٺي، جو صاحب ربّ سڏر
ٿو صفت صاحب جي ڪريان، جو ڪلئي جو قادر
هڪڙي ڏينهن عيسيٰ نبي الله جو، آيو زاهه وٺيو رهبر
هڏو ڏٺائين هڪڙو، بنان ڪنڌ ڪپر
آهي ڪن آيامن جو، ڪاهه بنا هي سر
سوال ڪيائين سائين کي، ٿون آهين پاڪ ڏٺي پرور!
پوي ساهه سسيءَ ۾، ته پچائيس سڀ خبر
وڏو ساهه سسيءَ ۾، قدرت سان قادر

پڇي حقيقت هڏي ڪان، آتي خان خبر:
ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙو تنهنجو نالو نرا!
تون هئين مالڪ ملڪ جو، ڪي سائين سوداگر
تون هئين چور چڪار، ڪي هئين شاهه سڪندر
تون هئين ملو مسيتن جو، ڪي غازي گداگر
اتي هن جا لڙڪ لڙي پيا، جان مٿان جر
ڪهڙي حقيقت ڪريان، توسان خوب خبر
جيڪا جڙي منهنجي وجود سان، سائي خاوند کي خبر
اڄ لتا اٿم ٻار، بچايو چئي، جڏهن سائي ٿيو آهين سرور
وڏي سان وگهر، هوس تالابين نخت تي.

٦٦- هوس تالابين نخت جو، نڏهن سائي ٿيم سردار
سڻ حقيقت منهنجي، تون عيسيٰ عقلدار
ڪئين ڪروڙيون ڪيتريون، مون وٽ هئا
ڪٽڪ ڪارونيار
لڪين مون وٽ لشڪر هئا، هزارين هٿيار
ماڙيون آڏاسم محلاتون، ڪي بنگلا بيشمار
منهنجي ڪئين مُهر مڃيندا هئا، چوڏسيون چوڏار
ڪري ڪريان ڪيترو، توسان شاهه شمار
سيئي خاڪ ڪائي ڇڏيا، وڏا ڪي وينجهار
آتي حڪم هلي ٿو ڪونه ڪو، آهي قادر رب قهار
ٻي بات نه هلي، بچايو چئي، توئي سڏائي سردار
ڪر عيسيٰ اعتبار، هئس مالڪ پنهنجي ملڪ جو.

٦٧- هئس مالڪ پنهنجي ملڪ جو، جمجما سلطان
خير خيراتون ڪيتريون، ڪيم ظاهر سان زبان
ارڙهن وريهون آمرائن جون، هيون منهنجي در متي دربان
هيون منهنجون بڻون هيون، بچايو چئي، جن تي
پڪا ٿي پڪوان
منهنجي ڪئين مهر مڃيندا هئا، هئا ڏيهه پرهندا ڏان

هڪ ڏينهن چڙهيس شوق شڪار تي، وٺي سڀ سامان
مون سان هاڻي هنباري ڪيترا، طنبو هٿا طولان
ٻيا واڄا وڄائيندا ڪيترا، ٻيٽ فقير ۽ ٻان
هڪڙو ڦر، فقير چئي، هو مٿي پيل ميدان
سو ڪرن سان ڪجي ويو، هتي هو حيوان
رکيم ڪين، رند چئي، اهڙو ديد ڏهان
وڏائي جڳائي واحد کي، ٻئي کي جڳائي ڪان
اڄ آئين عيسيٰ! امر سان، منهنجو ساهه سڌير ٿيو.

٦٨- منهنجو ساهه سڌير ٿيو، جڏهن عيسيٰ آيو
مونکي سور مغز ۾، تهين وبل پيو
طبيبن طمع لاءِ وڏو وس ڪيو
مون وٽ هزارين حڪيم هٿا، جن پئي خزانو کپايو
تن جي ڦڪي فرق نه ڪري، جو نه هو رب جورايو
لڳي مهر زبان تي، جو اولاڻو آيو
راڻين جي روئڻ جو، پرلاءِ مونکي پيو
واڻي وري ڪانه ڪنا، سيئي وس ويو
ويو بادشاهون بس تي، وڃي لاشو تي رهيو
ڏوئي واسي ڏوپ سان، ڪنيائون ڪٽولو
وجهي مٿي منهن ۾، ڪاج ڏنئون خاصو
جهليئون مهماني ميٽ جي، اهڙو ڏاج ڏنو
بخش گناهه، بچايو چئي، هن سيد جو صدقو
اڄ عيسيٰ! آهين آهو، منهنجو ساهه سڌير ٿيو.

٦٩- پهرين حقيقت منهنجي، ٻڌ ڪامل! ڪن ڪري
ڪٽي ڪٽولو هليا، ڪاهيائون ڪست ڪري
ميت لوڏو نه سهي، هو هلن ڪين هري
ڪانڌي موڙيا پوئتي، مٿان ڏوڙ ڏري
آيا ملڪ الله جا، مٿان ڪست ڪري

وڏو پساهه پڇري ۾، قادر ڪرم ڪري
ڪهڙو تنهنجو ربّ، ڪهڙو تنهنجو رسول، آئين
ڪهڙو ڪلمون پاڪ پري؟
ڪهڙي هاج هٿي ڪري آئين، ڪهڙيون ڪمايون
ڪري
عيسيٰ! قبر جي ڪهڪاءُ ڪان، منهنجي واٽي ڪانوري
هتي نه مون وٽ هزار هٿا، اتي وانگيي ڪونوري
هيءُ پي ڏينهن تنهن جو، جيڪو ڏاتار پر ڏري
جن ٻانور ڪيو، بچايو چئي، آهي پرور تنهن ڪان پري
هاڻي ويهان ڪهڙي ڳالهه ڪري، عيسيٰ! انهيءَ
ڏينهن جي.

٧٠- هي به حقيقت منهنجي، سڄج تون سلطان!
قادر جي قدرت جي، ڪمي آهي ڪانه،
جيڪي راڻيون هيون رتولن ۾، سي سنگ نه هليم ساڻ
انهن ڪي اولاد جي، ڪا هئي طلب تمام
جو ڪي آيو جُوءِ ۾، ڪو سامي سرت سجان
ويهي ڌارو ڌاري، ڪيائين بات بيان
مڃيو بيعت ٻُتن جي، آن تي راضي ٿيندو رام
آءٌ به آيس رات جو راڻين وٽ، ڪيائون اهو بيان
هئم روح هڪڙي راڻيءَ سان، دل جو ڦاٽل دام
ويس رکي رايو تنهن جو، ڏريم ڪين ڏيان
اهو به آيم اولانبو اتي، جتي وڃي ٿيس مالڪ جو مهمان
اٿي قلم وَس ڪريم جي، ٻيو ڇا آدم ڪري انسان
ربّ ڏاران، رند چئي، هي ڪنڌي آهي ڪانه
پناهه ڏيندو پاڻ، تڏهن لهندا بار، بچايو چئي.

٧١- هي به حقيقت منهنجي، سڄج تون سردار!
مون جيڏا مون سرتا، مون باقي ڪيا ٻار
تن کي پٽ پوشاڪون ڪيتريون، ڏنم هزارين هٿيار

ماڙيون محلاتون ڪيتريون، ڏنم بنگلا بيشمار
تن ڪي پرٽايم پدمڻيون، ڏيئي هزارين هار
مون پانيو مون سان هوندا، باقي منهنجا يار
آيم موت متي تي، جڏهن ڪاوڙيو قهار
تڏهن ڪونه مليو ڪنهن ڪي، وري نه ملي وار
لڳي لهر لڳن ڪي، وڙلا ٿيم وار
ڪئين ڏهاڙا ڪيترا، هئس پيو منجهه پاتار
پوءِ ڪيائون متو حوالي مال جي، ڏڙڪان چني ڌار
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، صاحب رب ستار
عيسيٰ ڪرين اعتبار، تہ آءٌ مالڪ پنهنجي ملڪ جو.

٧٢- هي بہ حقيقت منهنجي، ہڏ عيسيٰ! عقل سان
ڪئين ڪروڙين ڪيترا، مون وٽ صوبا هئا سلطان
عقل اڪابر ڪيترا، مون وٽ لکين هئا لقمان
جوڙايم جنگين لاءِ، توفون ۽ طولان
ماري مسڪينن ڪي، سوڙها ڪيم سامان
عيسيٰ! جنهن مايا من مغرور ڪيو، سا بہ نہ هليم ساڻ
اهڙي سڏ نہ پيم سور جي، نہ تہ هي طمع
چڏيان ها تمام
ڦران ها فقير ٿي، جوگي منجهه جهان
وجهي قنديل ڪنڌ ۾، در در ونان ها دان
تہ وساريم ڪون واحد ڪي، سارو ڏينهن سبحان
بخش گناهه، بچايو چئي، راضي ٿي رحمان
ڪل پئي هئي ڪانہ مونکي، قادر جي قدرت جي.

٧٣- هي بہ حقيقت منهنجي، ہڏ دانهه دل لائي
مون ڪيا دور دنيا ۾، چڏيم ڪرها ڪڏائي
ڪٽڪ مون سان ڪيترا، جن سان چڏيم ملڪ مجائي
ڏنم نام ڏئيءَ جي، ڪئين لک بہ لٽائي
ڪنيم بار بکين جا، چڏيم آڙيا اوڏائي

عيسيٰ! انهيءَ ڳالهه جو عجب مونکي آهي
جيڪي ڏنر نام الله جي، سو آت اگهيوئي ناهي
ڪئين سڪندر، ڪئين دارا، ڪئين سپڙ، ڪئين
سالار، سي به وبا وارو وڃائي
مونکي به پوءِ پروڙ پئي، نه ته ڇڏيان ها خوديءَ
کي ڪانئي
وبهي پنهنجي وجود کي، ڇڏيان ها جيئري جلائي
"ڪل نفس ذائقة الموت" اهو مٿي تي آهي
هاڻي ٻار مون بندي جا، من لطف سين لاهي
عيسيٰ! تو آئي، منهنجا لٿا ٻار، بچايو چئي.

٧٤- لٿا اٿر ٻار، بچايو چئي، جڏهن آيو آهين نبي نوراني
دنيا ۽ دولت جي، مون وٽ ڪانهي ڪهي
گهوڙا ٻيڙا ڪيترا، مون وٽ ڪوڙين هٿا ڪاسي
لڪين لشڪر ڪيترا، مون وٽ هٿا صوبا سلامي
عاقل هٿا عقل جا، مون وٽ جيءَ ڀريا جاني
ٻيا مالهي اچيو ملهه وڙهن، مون وٽ اردا اخواني
عالم هٿا علم جا، مون وٽ سچا سبحاني
ڦيريدار فقير هٿا، جن جي هئي ڪرامت ڪاني
"وحده لا شريڪ له" جڏهن آيت آندائين
حجت تڏهن هر ڪنهن جي، چني ڇڏيائين
بخش گناهه، بچايو چئي، سوال سڄ سائين!
لطف سان لاهين، مون تان عيسيٰ! ڏوهه الله جا.

سسئي

٧٥- آئي سنيءَ سسئي! اتي ڪين آرهاٽ
توکي نند نهوڙيو، سٿئين ساري رات
توکان ور وٺي ويا، آٿاري آڌ رات

ٻڌئي ڪين، ٻروچ چئي، روڏن جا رڙهات
نه ته سُڪي ٿي سُٽين ڪينڪي، رُٽين ساري رات
سِڪئين ڪين سرتين ڪان، بلوچاڻي بات
هاڻي اٿي ووڙ وندر ۾، ٿيندئي هوت حمات
پرور پچي ڪينڪي، ظاهر ڪنهن جي ذات
چڏ پنيور بچايو چئي، هت اٿئي توبهه سندي ٿات
ته ساجن پنهنجي سات، من توکي وندر مان وٺي وڃي.

٧٦- هتي ويهه نه، وبسلي، ڇوري! چڏ ڇپر
توکي سُٽي سور جي، ويا ڏيئي ڏير ڏَمر
ته گهوٽ به تنهنجو گهر مان، وِلهي! وهو اٿئي ور
ڏي سور سسئي جا، ڇڄي پيو ڇپر
ڪانه هلندي ڪيچ ڏي، ڏکيو اٿئي ڏونگر
تنهنجي بخت، بچايو چئي، پوري! اٿئي پر
وري ايندئي وَر، جي ڪرين بس پنيور ڪان.

٧٧- ڪري بس پنيور ڪان، تون پوري! آٿي پچ
آيئي ننڊ نياڳ جي، سُمهه ڏنو اٿئي سُجهه
تنهنجا سوداگر سسئي! آتان آيئي ڄ
"لا الله اِلا الله" جي لار وجهي، ويهي آتي وَڄ
ته وريئي بخت بچايو چئي، من ڪو لڳئي
وندر ۾ وَجهه
هي پاتو اٿئي گهگهيلين جو گج، سو هوت
لهرائيندئي حد تي.

٧٨- سرتيون! سڄ لهي ويو، مٿان رات پيئي
هوتن ٿي هلڻ جي ڪئي، تڏهن مونکي ڪَل
ڪانه پيئي
پنهون الائي پاڻيهي ويو، ڪِي ڪئي ڏهرن ڏاڍائي
آيم ننڊ نياڳ جي سرتيون سَنجهيئي
جاڳيس ڪين جانب لاءِ، ڪيم ڪَچائي

بودن جي، بچايو چئي، اڳي آءُ واقف ڪين هئي
ڪٽڪون ڪنواڻن جون، مونکي ٿيون سيبائن سيئي
وَس پنهنجي ڪان ويئي، تڏهن ٿي هاڻي حوالي
هوت جي.

٧٩- جڏهن ٿي حوالي هوت جي، تڏهن ٿي ڏکن جي ڏوري
جنهن جو ساجن وٺي ويا سيج تان، لڳي تنهن لوري
اڳي ڏيهه ساري ۾ ڏاهي هيس، هاڻي ٿيس نينگر ندوري
جڏهن مون وهي ور وڃايو، تڏهن پينر ٿيس پوري
هيئين منجهه هوري، مونکي جانب هٿي ويو جيءَ ۾.

٨٠- جانب هٿي ويو جيءَ ۾، جنهن سان هئم آلاڪو
ويهڻ مونکي وِهه ڏيو، سرتيون! سُک ڦِٽو
ويئي ننڊ نيٺن ڪان، آءُ اوجاڳو
پاڳ پنهنجي ڪان پانئيان، ڪونهي ڏوهه ڪنهن جو،
ڏهرن ڏاڍ ڪيو، نه ته پنهون وس نه پنهنجي.

٨١- پنهون وس نه پنهنجي، چوريءَ ويا چاڙهي
مَدِي ڏيرن ۾، ويا آڏِيءَ اتاري
ڪَل هير ڪانه ڪا، نه ته وجهان هالهيڙن کي لاڙي
هاڻي به مون برهڻ سان، بچايو چئي، من پنهون
گهالهه پاڙي
چڏيس سام انهيءَ ماري، جو ساجن وٺي ويم سيج تان.

٨٢- ساجن وٺي ويا سيج تان، جنهن سان اصل دل آڙي
پيءُ سرا! شهر پنيور ۾، ويهان ڪيئن وَري
هڪڙو لڳم لَهه لِڪي جو، وِس نيات مان نڪري
ساجن ڏاران سرتيون! ويم سارو من سڙي
وِلهي ڪيئن وري، جنهن جو لڳو بند بلوچ سان.

٨٣- لڳو بند بلوچ سان، سا برهڻ پوري
هيئن نه پانيم هوت ويندو، چڏي مون چوري

جڏهن قضا مون سان ڪم ڪيو، تڏهن ٿي آهيان
ڏکن جي ڏوري
بچايو جئي، ڀنيور ۾، ٿيس گهٽين ۾ گهوري
جيئن هنڌو ڪن هوري، تئن مون سان ڪوهيارو
ڪري وهو.

٨٤- ڪوهيارو ڪري ويو، جيڏهون! مون سان جاڙ
سنجهي سات لنگهي ويو، ڏٺم عُمر جو اوهاڙ
ڏسيو پير پنهونءَ جا، پيٽيو ڪٽي پار
مون برهمڻ جي، بچايو چئي، ڪانهي آريءَ ري آڌار
پنهل! اچي پار، ٿي وِلهيءَ جو وٽڪار ۾.

٨٥- وِلهيءَ ڪٽي وٽڪار ۾، آڌر ڏج آري
اڳيان جوش جبل جا، بر سُجهن باري
ڪانه ٻڌي سُون ڪڏهن، ڪا وُر ريءَ ويچاري
برهمڻ جي، بچايو چئي، ڪج پنهل! پوئواري
ڏوهڻ هيس ڏاري، تڏهن مونکي هوت چڏي
ويو هيڪلي.

٨٦- هوت چڏي ويو هيڪلي، وري پٺيان هوت هلي
جانب ڏاران جيڏيون! آهي ڪانه ڳلي
پهڻ پير پٿون ڪيا، جهڪن ڪين جهلي
وڃي پيئي وٽڪار ۾، جتي هئي هيڪلي
ابندم هوت هلي، آءٌ ٻڻ اڳيري ٿيان.

٨٧- آءٌ ٻڻ اڳيري ٿيان، ڪيچي لنگهيا ڪالهه
جانب ڏاران جيڏيون! منهنجا هڙا ٿيا آهن حال
سوالڻ آهيان سرڪار ۾، مونکي ساجن ملي شال!
هوت! اچي تون حال، ڪر دوست! منهنجي دل جو.

٨٨- دوست منهنجي دل جي، داناءَ! درپافت ڪر
ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا، ڪٽي سمپ ثمر

جن جا وَر ولايت ويا، سي گهارين ڪيئن گهر؟
مون برهمڻ جو، بچاڻو چئي، وٺيو وڃن وَر
رکي ڏيرر ڏَمر، آڏيءَ رات آئي ويا.

٨٩- آڏيءَ رات آئي ويا، مَڏي ڪري مَن
سڏ نہ پير سرتيون! نہ تہ آءُ جاگيس لاءِ جتن
ٻي جا ڪيائون بات، بچاڻو چئي، سا مون
ڪڙڪ نہ ٻڌي ڪَن
هُو تا ڪيچ وڃڻ جي ڪن، مونکي نند نهوڙيو.

٩٠- نہ ڪو ميٽ مئيءَ جو، نہ ڪو سين سگو
جتن جي ذات سان، منهنجو اچي لهه لڳو
آٽ نہ پانيان ڪن جا، وڃن آڏيءَ جو آئيو
برهمڻ ڪي، بچاڻو چئي، هو ڪرم منجهه ڪچو
وڃن وَر وٺيو، تيلانهن نماڻيءَ پاڻ سان.

٩١- تيلانهن نماڻي پاڻ سان، ڪيان ڪجاڙو
جيڏيون! جت ڪري ويا، مون ڏوهه سان ڏاڙو
وڏو سک وجود سان، سمهڻ ٿيو سڙو
هوت لنگهيا هاڙهو، مونکي ڏنائون ڏک ڏهاڳ جو.

٩٢- آهو ڏک ڏهاڳ جو، سرتيون! منهنجي ساهه
جانب ڏاڙن جيڏيون! پيئي ڪٽي پساهه
جيئري جت ڏيئي مران، ڪري شهنشاهه!
دوکا دل ستان، وڃن برهمڻ جا، بچاڻو چئي.

٩٣- برهمڻ جا، بچاڻو چئي، سٽي سڏ ستار
هلي هوت پنهونءَ ڏي، ڪري الله تهار
سچن کي سگهو سلي، پوربن کي پتار
پنهون جنهن جو پار، سي مون سچ ۾ سرهيون ڏٺيون.

٩٤- مون سچ ۾ سرهيون ڏٺيون، ساجن جني ساڻ
بودا آٽ بلوچ جا، متن پوش پلاڻ

مهارون تن مَيَن جون، جڙيون جوهر ساڻ
نختا تن ليڙن جا، مڙهيل موتين ساڻ
گهينگريا هئن گوڏن ۾، پيون چيرهون چمڪن ساڻ
ٻيا گوربند گنگن کي، سونهن سيئي ساڻ
ساز ساريندا مين ڪيترا، هوت پنهونءَ جا هاڻ
ڪئين مهري هئا بلوچ سان، جت ۾ جانب ساڻ
ڪنيائون ٻار ڪٽوريءَ جا، ساجن هئين ساڻ
وريس بخت، بچاهو چئي، جڏهن پنهون سڃاڻي پاڻ
وهو ساهه ساجن سان، رهيو بُت ٻنيور ۾.

٩٥- رهيو بُت ٻنيور ۾، هيڻي ٿي هاڻ
وَٽ گس گنگن جو، آئي پرهه ساڻ پلاڻ
متان سجي ٿين سلڻ ريءَ، ٿيندئي سڏ سياڻ
ڪوهياري جي ڪاڻ، متان رهجي ويئي، رند چئي.

٩٦- رهجي ويئي، رند چئي، آئي سسئي! ڪڻ ٿمر
ٻاروچيءَ ٻوليءَ جو، انگ ۾ لڪ اڪر
ايندئي ڪونائو ڪيچ کان، رکي ڏير ڏمر
جهن جو سر سڏر، سي برن ۾ بحال ٿيون.

٩٧- برن ۾ بحال ٿيون، آجهو جن آري
ڪڻ ٿمر سڪجو، ٻي رک توکل جي تاري
اڳيان ڏونگر ڏاڪڙا، برن سجهن ٻاري
ويهي وسائج وَر لاءِ، واڻن تي واري
پنهل پوئواري، اچي سسئي! ڪندئي سچ ۾.

٩٨- سسئي! توکي سچ ۾، پنهون ٿيندو پار
هل هيئين سان هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار
رکي ڏير ڏمر ويا، هاڻي انهن جي اختيار
ڪميڻيءَ جي ڪار، متان ڪيچين کي ڪين وڻي.

٩٩- ڪيچين کي ڪين وڻي، منهنجي اِها مت
آئي آڏيءَ رات جو، ڪري ويا ڪيرت

ڪٽڪي هلن ڪينڪي، موڳن اها مت
برهمڻ کي، بچايو چئي، هيئن چڏيئي ٿي هت
تڏهن ڪهيو وڃي هاڪاريءَ سان، هوت پنهنجي هٿ
سسئي! ڪر سنبت، ڪاهه ڪشالو ڪيچ ڏي.

١٠٠- ڪاهه ڪشالو ڪيچ ڏي، وٽ گنگن گس
ڪٿج بيسر پنهونءَ جو، هتي چڏي هوس
انهيءَ واٽ وندر جو، توکي وڻ به ڏيندا ڏس
هتي نون نه ترس، پوري چڏ پيور کي.

١٠١- پوري! چڏ پيور کي، آئسي هاڙهي هل
ڪٿج پير پنهونءَ جو، پهر نه جاچج پل
هت سدا ٿو سارنگ وسي، ڪري برساتيون بادل
ڪيوڙا انهيءَ ڪيچ جا، ڦٽيو جهلين ڦل
ڪليا باغ، بچايو چئي، آريءَ جا آمل
هيتي جو اٿئي هل، هت ڪانهي اوڪي ڪيچ ڏي.

١٠١- سسئي سير ڪرڙو ڪيو، هلي لاڳاپا لاهي
ڏيو نن سرتين کي، گهر ٽي گهرائي
جنهن ساجن سان مون سگ ڪيو، سو ڪيچ
وبا ڪاهي
بچايو چئي، پيور ٻڌ، هتي منهنجو ڇا هي؟
بيئي موڪلائي، ويچاري وگهر کان.

١٠٢- ويچاري وگهر سان، رويو ڪري رس
سرتيون! پرتيون رب کي، اج منهنجو هيڻو ٿيو هوس
مون سان ڪانڌ ڪري ويو، نه ته آءٌ هئس
ٿيني منجهه سرس
بچايو چئي، پيور ٻڌ، ٽي بيحالي بيڪس
ويو منهنجو وس، من پوي ٻاجهه ٻروچ کي.

٠٣ - پوي ٻاجهه، ٻروچ کي، مون ڪمينيءَ تي ڪهل
آڏيءَ آٽ آتي ويا، موڳا ڪهڙيءَ مهل

سڌ نہ هير سرتيون، نہ تہ جاڳان ها جيجل
هينيون هوت پنهونءَ لاءِ، اندر ڪري آچل
روئان ويٺي، رندڪ چئي، گوڙها مٿي ڳل
ڪري هوت هڪل، ساجن سات وڃي وهو.

١٠٤- ساجن سات وڃي وهو، چڏي نند ۾ نماڻي
ڪوهيارو ڪري ويو، مون سان پنهل پچاڻي
انهيءَ وات وندر جي، هيس اڳي اڻجاڻي
پينرا! شهر پنيور ۾، هئس راڻين جي راڻي
هاڻي ٿي ريهون ڪرهان، رند چئي، جڏهن وڃي وهاڻي
ساجن ٿيندو ساڻي، نڏهن دوڪا لهندا دل تان.

١٠٥- دوڪا لهندا دل تان، جڏهن ٿيندو حامي حضرت شاهه
چڏي مون چپر ۾، جيجاڙ! جت ويا
مون ويچاري ڪان وڪ نہ پوي، ڇڇي ڇهه پيا
منهنجي باب، بچايو چئي، هٿا لوهه لڪيا
پاڙڻ مونکي پيا، ڪونهي ڏک ڏيرن تي.

١٠٦- نڪو ڏک ڏيرن تي، نڪا هوتن سان حجت
پنهون وڃي ويا پاڻ سان، ڪري هوت هلت
ڪير ڪيهون ڪيتريون، هتان ڪٿي هت
رسڻ جي، رند چئي، مون ۾ ڪانهي ڪا طاقت
پنهونءَ ۾ اٿم پڪ، مون چپر چڏيندو ڪينڪي.

١٠٧- چپر چڏيندو ڪينڪي، تڏهن سسئي! ڪر سنيت
صلاحون حي سرتين جون، موڪهي! وٽ نہ مت
جهڪون جهولا جهنگ جا، هاديءَ جي اٿي هت
ميرون مانگر ڪيترا، ڪن ڪوراڙيون ڪيرت
سسئي! ننهنجي سير لاءِ، اٿئي سرس سنبت
هوت گڏيئي هيت، نڏهن لهندا غم گجر تان.

١٠٨- لهندا غم گجر تان، جڏهن ايندو گيلاني غمتار
سسئي هلي سڄ ڪي، ڪري الله تهار
اڳيان گڏيس اوچتو، ٻاتال ٻڪرار
جنهن جو پيچ پنهونءَ سان، سا ويهي پڇي نه وار
هيءَ ٻرور ڏياري پٽ ۾، مونکي ڪونج ڪنوار
انجوسير چڏي ويو سار، جنهن کي بدو گڏ جي ويو بر ۾.

١٠٩- بدو گڏيو هو بر ۾، جنهن جو هيڏو ٿي پيو حال
ويچاريءَ وڻي ڪي، پڇي هنيو پال
هن ۾ ڏڏ ڏهي ڏي، منهجو ڪير تي ٿيو آهي خيال
پاڳيو پرجي ڪينڪي، ان ميڙيو سيئي مال
هن جون اکيون عاشق ڏي، نيڻي ٿيون نهال
رسيو وڃي، رند چئي، ڏاڍي خوب خيال
هن جو سائين سڻو سوال، تنهن کي جڙي جاءِ جبل ۾.

١١٠- جڙي جاءِ جبل ۾، هن تي آگي ڪيو احسان
آن ٻڌيءَ تي، بچايو چئي، ڪٿي وڏو مير مڪان
هاڻي تہ اڏم پڪ پنهونءَ ۾، ايندو آري جام
چپر چڏيندو ڪينڪي، جو آهي ضعيفن زمان
وري ايندو وريام، جنهن ڪنيا ٻار ڪهين جا.

١١١- اتي آري لهي آٽ تان، پنهون ڪئي پڇا
سسئي چڏيو سچ ۾، ڪي آهن آٽ پٽيان؟
چيائون: رهجي وئي، رند چئي، آندي ڏٺين ڪين ڏرا
عاشق کي اکين سان، لهي لڙڪ پيا
ڪانه ٻديسون ڪڏهن، ڪا چڏي وَر ويا
هاڻي ساجن سنج ڪيا، آهن آريءَ پنهنجي آٽ تي.

١١٢- آريءَ پنهنجي آٽ ڪي، تي پنهون پلاڻيو
پوشاڪون پلاڻن تي، پيو ور وجهي واريو
شيشا لعل گلاب جا، ڪٿي هوت مٿان هاريو

ٻـودن کي، بچاڻو چئي، ٻيلي ساجن سينگارڻو
پنهون ڳالهه پاڙيو، ٿو هوت وڃيئي حور ڏي.

١١٣- هوت وڃي ٿـو حُور ڏي، پنهون کيو پڪ
هليا هـوت پنهون سان، ڪـري سات سنبت
هاڻي لطف سـان لنگهائين، لکيون سيئي لک
برهمڻ تي، بچاڻو چئي، رکا قادر رکيا آهن ڪک
جنهن تي هوت پنهون جاهٽ، تنهن کي وـو ناهي وندرم.

١١٤- وسـو ناهي وندر ۾، جنهن جو اچـي پيو آري
بـي نـنگـا بلوچ هـئـا، ويا ڏار چڙي ڏاري
ڪونهي ڪم ڪنواڻن جـو، ٿا ٻار ڪٽن باري
پنهون ڳالهه پاري، ـو وريـو اچـي ورلهـو.

١١٥- وريـو اچي ولـهـو، مـيـر ڪـيـو مـنـزل
ويندي واڻهڙوءَ کان، پـڇي ڪوهياري ڪـل
اوهان ڏٺـي اوچتي، ڪـا مـوچـاري مـومـل
چيائين: هئي برهمڻ، بچاڻو چئي، هتي ڪونج ڪنول
هاڻي هو اٿئي لوڙهه لٽيل، هن جا ڪانڌي ڪالهه لنگهي ويا.

١١٦- ڪانڌي ڪالهه لنگهي ويـا، پنهون آيـو پـوءِ
ڏسـي لوڙهـه لـهي پـيـو، ڪيچي ڪوهيـارو
نڪو ملڪ عـزرائيل هـو، نڪو مـوت پيو
عـاشقن اڳـي هـو، مـرڻ قـبـول ڪـيـو
پـر ٿيو آواز انـدر سـان، قـدرت سـان ڪو
سـوڙهـي پـانءَ نـه سپرين! انـدر بـاغ ٻيو
سڏ تنهن جا ثاب پيا، جنهن پورهيت پنڌ ڪيو
بخش گناهه، بچاڻو چوي، مونکي سيّد جو صدقو
جنهن جو عشق اچو، قادر تنهن جا ڪم ڪيا.

١١٧- قادر جنهن ڪم ڪيا، تنهن تي مولي ٿيو مهربان
هن کي جڙي جاءِ جنّت ۾، جنهن تي آگي
ڪيو احسان

ڪليا پلنگ پنهون لاءِ، جنت ۾ جام
آيا هندورا هوت لاءِ، گولا ٻيا غلام
ڏسي پوشاڪون پنهونءَ جون، حورون ٿيون حيران
ٿي سڏ سائل جا، ٿون عالم جا به امام
ڪيم ڪچايون ڪيتريون، مون ڪيا ڏوهه ڪمام
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، رازق رب رحمان
چون ڪلمون قلب سان، سي اُمتي چئندا ايمان سان.
لا اِلٰه الا الله محمد رسول الله.

مومل راڻو

١٠٨- مومل جي ماڙيءَ کي چوڏاري چاري
مومل جي ماڙيءَ ڏي، گهٽ نه ڪو گهاري
مومل جي ماڙي تي، وڃاڻو واري
ٻانور چڙهي، بچايو چئي، ڪر هتان هوشياري
سوين شڪاري، هتان گُجر گنوائي چڏيا.

١١٩- مومل جي ماڙيءَ کي، سوين آهن سامان
مومل جي ماڙيءَ کي، ڪئين آهن مرد مدام
مومل جي ماڙيءَ کي، چوڏس هئا چالان
سوڍي سڀ سهڻي ڪيا، هن جا تال تمام
سالڪ ساري ڪيتري، جنهن جي بات بيان
ماڙيءَ منجهه مڪان، اٿئي سوين سنياسين جا.

١٢٠- سوين سنياسين جا، اٿئي ماڙيءَ ۾ مذڪور
ڪري ڪشالا ڪيترا، آيا دُوراني دوُر
سيئي گهوٽ گهاڙيا، ڪامڻ ڪيا ڪاڙ
وريو ڪونه وطن ڏي، ماڙيءَ منجهان موُر
سوڍي جي سوُر، مومل کي ساري چڏهو.

١٢١- مومل کي ماري ڇڏيو، جنهن کي ٿي آهي ڳالهه ڳري
ڪاهي آسم ڪاڪ تي، ويو وَر وَري
سوڙ انهيءَ ۾ سرتيون، ويم سارو مَن سڙي
جيڪي جاڙون ڪيم جهان ۾، سي آيم وَٽ وري
ويندئين سنڌ سري، سڀان وسارين ولهو.

١٢٢- چئي: ڪيئن وساريان ولهو، ويم راڻو رڻ ڪري
ڪام رکي ويم ڪچ ۾، هيڏي هوت ڪري
اڳي سُرهي هيس سرتين ۾، هاڻي ويم ڪاري
ڪاند ڪري
انهيءَ بَدي جي، بچايو چئي، من مون نان ٽِڪ ٽَري
جنهن ريءَ ساعت ڪين سري، سو راڻو رات
رُسي ويو.

١٢٣- راڻو رات رُسي ريو، ڪاڪ ڪري ڪار
سَڳ نه ڪجن سرتيون! جا ڏار هليو ڏاري
ڇا هي مجال مومل جي، انهيءَ جي اختياري
روبرو ڏٺو هئائين، رندچوي، تڏهن مڙد نٿي ماري
هاڻي ڳالهه انهيءَ ڳاري، جو راڻو رنج رکي ويو.

١٢٤- راڻو رنج رکي ويو، مون تي سڀ مار
سيئي لاڻم سرتيون! سوڍي لاءِ سينگار
ڪاپان ٿي ڪٽن ڪي، هندورا ٻيا هار
راڻي لاءِ، رند چئي، مون وڏا ڪيا ويچار
ڪتيون آيون ڪاپار، هن جا ٽِڪاڻا ٿري وياه.

١٢٥- ٽِڪاڻا ٿري ويا، مون جي اچڻ جا انجام
موڪليم سينڌري ڏي، پُورا سي پيغام
وري اچ ولها! ڪاوڙ ڪجانءَ ڪام
بَدين جا، بچايو چئي، اٿي مون منجهه هوت! هشام
مون خطائون ڪيون خان! سي بخش بديون
بدڪار ڪي.

١٢٦- بخش بدبون بدڪار ڪـــي، راڻا! تيءُ راضي
واري رک وجـود ۾، ڪوهيـارا! قـاضـي
اٿئي نام الله جو، ٻي اڳيان ڪربان آزي
بخش گـاهه، بچاڻو چئي، توتي رب تيندو راضي
اها سؤمل هئي ساڳي، جا مون ٻيڻ سمهاري پرسان.

١٢٧- جڏهن ٻيڻ سمهاريئي پرسان، تڏهن آيئي ڪونه عقل
ڪاهي آيس ڪاڪ تي، آءٌ ڪڏائي ڪرهل
مون روبرو ڏٺو هو، رند چئي، تو کي سامي ساڻ سٽل
عٽا پيراندي ڪان پيل، موزا تنهن مڙد جا.

١٢٨- راڻـا! چـڏ مـاڻـا، ٽـيءُ ڏولـيا! منهنجو ڏت
ماڻهو اسان جي ملڪ جا، چريا چوندئي چـٽ
مڙد ڏٺو هئي مومل سان، تڏهن ماري ڪرين ها مـٽ
ايڏو هوت حرف، ڇو مون تي رکي وئين مينڌرا!

١٢٩- چئي: مومل ويهه ماڻ ڪري، مونکي ڇورج ڪين چري
تو جي ٻول ٻـهـون ڪيا، تن مان ڪانه پري
آهـي ڪـا انـسـان جـي، ظـاهـر دل ذري
پڳو ٻاڻ سچو نـه ٿئي، توڙي وڃن وير وري
اج ڪان پوءِ وري، ڪين ايندوسانءِ ڪاڪ تي.

٣٠- راڻـا! چـڏ مـاڻـا، هيڏي ڪـر نـه هـاءِ
وٽن ڪين وجود کي، طـرح طـرح جا طعام
مـڙد چـڏي مهريءَ کـي، وڃن ڪين ورهام
مون هئي ٻيڻ سمهاري پرسان، نه هئيم غرض گمان
ماڙيون سڀ مقام، ٿيون سوڌا! تنهنجي سير ري.

١٣- مومل! تنهنجي ڪاڪ تي، آيس ڪوڏ منجهان ڪاهي
عاشق جـي اچـڻ جا، چڏيئي وقت به وڃائي
سٽيي هئين سـامـيءَ سان، لٽا سڀ لاهـي
انهيءَ ريت، رند چئي، چڏيئي ورڌ بـه وڃائي
ڪرهي کي ڪاهي، ڪين ايندوسانءِ ڪاڪ تي.

١٣٢- سوڍا! ڳالهه سُور جي، منهنجي لائج مان
ڪوڙيون ڳالهيون ڪاڪ جون، سي نه لائج ڪَن
ڇڳيون ۽ مڌيون، پيون ڏيهن ۾ ڏسجن
مڙد پنهنجي مام ۾، تنا وڏا سُور سهن
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، جي مون ۾ عيب آهن
سوڍا انهن سورن، مونکي وڃائي وهه ڪيا.

١٣٣- مومل! وبهه مات ڪري، هيڏا ڪر نه هل
تو ڪئين خان ڪمايا، ايڏي ماڻ عقل
تو رنگ بنايون راڻيون، ماڙيون آني محل
بنايئي، بچايو چئي، هيڏا خريب خلل
ڪانه پيئي هئي ڪهل، تو ڪي مومل! مسافرن جي.

١٣٤- راڻا! ڇڏ ماڻا، منهن نه مون کان مٽ
ماڻهو ميڙ ڪري، آءٌ آئي آهيان تو وَٽ
مڙيئي آهي مهڙمون ڏانهن، تو ۾ گهوٽ! ڪانهي گهٽ
سُيان ڳالهه صبوح جو، پڌر پوندي پَٽ
آني منهنجي مداين کي، لالهه! اچي لٽ
پلنگ وڇايم پَٽ جا، خان! بہ تولاءِ ڪٽ
ڪونه ڏسان ٿي ڏيهه ۾، مينڌرا! تنهنجي مٽ
بخش گناهه، بچايو چئي، تون آءُ وري سُون وٽ
جيڪي ٿيون سوڍا! تنهنجي سٽ، سي ڇيهن
ڪان ڇٽي ويون.

١٣٥- ڪٿي مومل، ڪٿي ماڙيون، ڪٿي پٽولا ۽ پٽ
ڪونه ڏسان ٿي ڏيهه ۾، مينڌرا! تنهنجي مٽ
بخش گناهه بچايو چئي، سڀ مون بنديءَ جا لولهٽ
هوت! ڏيئي تون هٽ، مونکي اچي ڪيڏ آڙاهه مان.

مارئي

١٣٦- ساراهيان سبحان کي، جنهن جي آهي وڏي وڏائي
قادر پنهنجي قدرت سان، جڏهن ٿي حڪومت هلائي

تڏهن ماريئي جا ملير ۾، هئي چارين ۾ چائي
پَرِي هئي پين تي، ڪاڻونبا ڪائي
گهڙا ڪٽي گهرن ڪان، آتان تي آئي
عمر ڏنو هئس اوچتو، تنهن جي وري ڪانه وائي
جنهن جو ڀاءُ نڪو ڀائي، تنهن کي ڪٽي عمر
چاڙهيو آٽ ني.

١٣٧- عمر چاڙهيو آٽ تي، هن کي حاڪم وهو هٽي
ڪيائين ڪوڪوڻ ڪيترون، ويس مٿان ڪوهه ڪٽي
سڏ ننهين کي سوڙ جي، جنين ڏيءَ چٽي
پڙدو تون پنهوارن جو، رکج رب ڏٽي
بچاڻو چئي، بدڪارن جا، تون صاحب! سڏ سٽي
جڏهن واحد کي وٽي، تڏهن قابو ڪيائين ڪوڻن ۾.

١٣٨- قابو ڪيائين ڪوڻن ۾، نيڙ هٽي نال
سڪندي تن سانگين لاءِ، مونکي سوين ٿيا آهن سال
مارو مڙيئي ملير ۾، مڙيو چارين مال
جني هيرايس هٿن تي، سي ڪينهي لنگهي ويا ڪاله،
روئي تن لاءِ، رند چئي، منهنجا هوڙا ٿيا آهن حال
ڀانيان تنهنجا ڀال، جي موڪل ڏين تہ ملير وڃان.

١٣٩- موڪل ڏي تہ ملير وڃان، وڃي ڏسان وڻ ولهار
ڏئي مون آهن ڏينهن ٿيا، پاڙيچا پنهوار
ڪڏهن ٿي هيس ڪا نہ ڪا، ڌراڙن کان ڌار
بچاڻو چئي، بند ۾، وڏئي ڪوهه قهار!
ڪنن سان ڪوڪار، ڀڏان تان ڀڪرار جي.

١٤٠- ماريئي! چ سڏ مقابلو، صبر رکي سارِي
مارو تنهنجا ملير کان، والي! آٽيندو وارِي
پرچائيندو ساڻ پلاندن، ڌراڙن کي ڌتاري
ويهه مون ڏانهن منهن واري، ڪوڙ ڪڍ قلوب مان.

١٤١- پَرچي وِهڻ پاڻ ۾، پَر نه پنهوارن
ڪايانُ تنهنجي ڪٽن ڪي، ڏيان باهه بازو بندن
وٽن ڪين وجود ڪي، ماڙهون ريءَ مارن
بچايو چئي، جي وِهن بند ۾، تن سان ڪهڙا ڪوڏ ڪجن
جي پڪن ۾ پرچن، سي ڪوٽن ۾ وِهن ڪينڪي.

١٤٢- مارئي! چڏ مقاباو، رک صبر جي ساجاهه
موتيي وجهه مٽي ۾، پيا هار هزارين پاءِ
هَس، ڪڙولا، ڪڙيون، تون ڪَهڻا ڪچيءَ لاءِ
پيا وِڇهه بازوبند، بچايو چئي، مٽيا ڪين موٽاءِ
آندم عطر تنهنجي لاءِ، تون ويهه، ڪلي چڙهه ڪٽ تي.

١٤٣- چئي: ڪيلي ويهڻ ڪٽ تي، مَرڪ نه ماڙهچن
پَڇيو اچ-ن پرم سان، ڏار سندا ڏوڻرن
سڙيو اچن ملير مان، هُو سِگر سان سرتين
ڪاڄ جي جو ڪُنيون، آهي سانئون ساڳ سندن
هو بچايو چئي، منهنجي باب ۾، نه تہ ڪير اچي ڪوٽن
واري وچاڻو جن، سي عطر اوتين ڪينڪي.

١٤٤- چئي: مار تنهنجي مارئي، مونکي مڙهئي ٿي ماري
پائج هار هٿن سان، تون ساز مڙيئي ساري
ملڪ مڙيئي ڏيان مارن ڪي، اچان پاڻون پرچائي
بنگلا ڏيان، بچايو چئي، ٻيون ماڙيون مارن ڪي
سيئي سنگهارن ڪي، ملڪ ڏيندس مان مارئي!

١٤٥- چئي: مارو مُلڪ تنهنجي ڪان، سانگي آهن سُڪيا
گهڻو وِهن وِلهه ۾، آڏين ڏين آجها
جن جو پهت پڪن سان، تن ڪي ڪوٽا ڪوهه ڪندا
جهڙا تنهنجا بنگلا اهن، بچايو چئي، تهڙا منهن مارن جا
جهڙا تنهنجا ڪاڄا، ڪيرٽيون، تهڙا اسان وٽ ڪٽا ڪاڻونبا

اچا ۽ سهڻي اٿئي سومرا! منهنجي سانگڻ جي سيتا
سائين! سُڻ صدا، تون ڪڍ ڪنگاليون قيد مان.

١٤٦- تڏهن عمر ماڻهو موڪليو، قاصد ڪوٺائي
تہ مارئي! ڇڏ مقابلو، ٿي راضي رضا ڏي
سيندي جا ملير جي، هلي لاءِ هٿن کي
سونو ڦل سگين ۽، وجهي چهرو چوٽيءَ تي
ڏيون، مال ميڙي، آهن خوالي تنهنجي.

١٤٧- مارو تنهنجي مال کي، هو ڪچاڙو ڪن
وڙهہ جن جي وَسَڻن، سدا رُڄ رهن
آٽيو آب اکين مان، سانگين لاءِ سڪن
آنا مينهن ملير تي، هو چوڙيليون چهڪن
مڙيئي ملير ۽، وڳر ڪيو وتن
مون ڏکي ڪهڙا ڏوهہ ڪيا، جو قابو ٿي آهيان قيدن
بچايو چئي، بنڌياٽين جا سڏ مڙيئي سڻجن
هو تا ويڙهہ وڃن، مون تي ڪوهہ قهار ٿئين؟

١٤٨- تڏهن عمر قاضي ڪوٺيا، مڙيئي معتبر
سڏايو شريعت جي، مونکي خوب خبر
تہ رهائي ڏي، رند چئي، ڪي آهي زور زبر
دنيا ڪارڻ دين جي، آنهن کي پوي ڪانہ خبر
قاضي ڄاڻي ڪونہ ڪو، ٿو پاڻ ڄاڻي پرور
جنهن کي مهندسجهي محشر، تنهن تي عمر عدالت ڪئي.

١٤٩- قاضي! منهنجو ڪيئن ڪري، نبيرين ٿو نياءُ
پوندئي ڪم ڪريم سان، ڪي هوندين هميشا!
ڪيئي ديوان دنيا تي، هتان لڪ لنگهيا
هلي ڪنهن سان ڪانہ ڪا، ويا هليا هيڪلا
بي ڏوهياٽين تي، بچايو چئي، تون قلم لکين ڪهڙا
سچ نٿو چوين سومري کي، سچي ڪالهہ صفا
رهائيندئي رياءُ، بچايو چئي، بهشت ڪان.

١٥٠- ماڻهن اچي مارئي کي، چئي گهالهه چئي
چوٽي و رجهلين ويڙهيچن لاءِ، رهه مات ڪري ويهي
هي سال خزانا تنهنجا، اٿئي ماڙيون مڙئي
ٻانهون توکي، هروچ چئي، ڏيان سومريون سيئي
پرچائي اچان پلاندن سان، مارو مڙئي
اچي وهن اوڏڙا، توکي سانگي سيئي
آهي مرضيون مڙئي، تنهنجون سيءِ رکندو سومرو.

١٥١- سيءِ رکندو سومرو، تون منهنجي ٻڌ خبر
جنهن جا ميٽ مليو ٻر، ٿاريلا ٿيا ٿر
تنهن کي سک نه اچي سومرا! هنن رڻ هڪر
مون ڏٺا ڏاڏاڻن ڏي، ڪانهونڪر ڪڪر
آٿا آهن سينهن مليو تي، مونکي ڏني آهي ڪينوڻ خبر
هاڻي چوڙ تنهن چيلا چاريان، ڦوڳن پامي ڦر
اٿئي ڏ انءَ الله جو، پاڻ اٿئي پرور
ايندئي ملڪ الله جا، پچندئي سڌ خبر
پڙهي ڏس پنهنجا، داناءَ تون دفتر
تڏهن حڪم هلندئي ڪونه ڪو، ويندو وٽ چڏي
سيءِ ور
بخشين ڏوهه، بچاءِ چئي، سڻي سڌ سڌر
وچڙيون منجهان وڳر، تن کي سک نه اچي
سرتين رڻي.

١٥٢- مچ مارئي! منٽ منهجي، تون پير پلنگن ٻاهه
سلامت تنهنجا سپرين، آٿي ڏيندئي الله
راهه ٿي، رند چئي، مونکي ڪين رنجاءِ
گوڙها گل نه ٻاهه، ويهه مات ڪري ماڙين ٻر.

١٥٣- مات ڪري ماڙين ٻر، ڪبئن وچوڙيون ويهن
رمز ڪنهن سان، رند چئي، ٿيون ستيون سيل رکن

جن جي مهڙ ملير ڏي، سي ڀلي وَس وڃن
ڪين ٻڌيون سون ڪڏهن، ڪڙيون ساڻ ڪٽن
آمر ڪٽي آندي آهيان، فضا اتي ڪوٽن
ٻڌيون جا، بچاڻو چئي، مهٽا مُڪا مارن
ساموَن رکن ٿا ڪومرا، سي حاڪم هيئن نه ڪن
تون جهڪئون جهلي آئين، ائين نه اشرافن
جنهن جو پهت پڪن سا، تنهن کي ڪوٽ
ڪچاڙو ڪن
نيئرن ۾ نماڻيءَ کي، ڪوهه وڏئي قيدن
تون راجا، امين رعيت، ائين ڪين ڪجن
ڪڏهن ٻڌيون سين ڪينڪي، هڙيون حاڪمن
سامون سردارن، سيئي پرتئي سو سرا!

١٥٤- ماندي ٿي نه مارئي! هيڻو ڪر نه حال
وري ايندئي ويڙهه ڪان، مارو ڪاهي مال
اٿئي نام الله جو، سُڄ منهنجو سوال
اڄ به تنهنجي حسن تي حيران ٿيس، نه ته ڪونه
ٿو هو ڪال
هار پائي جال، تون راضي ٿي رضا ڏي.

١٥٥- راضي ٿي رضا ڏيڻ، اهو وڙ نه ويڙهيچن
ڪيئن وساريان ويڙهيون، سگر ساهيڙين
پيتم پيس جنهن سان، چڪن منجهه چرن
سي دم نه لهن ٿا دل تان، جهوپا جهانگيڙن
ڏني ڏاڏاڻن، سا لوئي لاهينديس ڪينڪي.

١٥٦- عمر اوني آئيو، جنهن ڏني خوب خبر
ته چارين ٿيون چوڙيليون، قوگن پاسي قر
ولا ڏيو ويڙهه تي، ڏين پٽن متي پير
سوَر تن سانگين جا، مونکي هيئين منجهه حشر

وڻن ڪين وجود ڪي، توڙي هجن ڪوٽ قصر
لاهين بند، بچايو چئي، پرچائيان پنهور
هتان ڇڏين هيڪر، تہ وري وڃان ويڙهہ ڪي.

١٥٦- وري وڃان وڙهہ ڪي، سدا وسن سنگهار
آٽارين آڏيءَ جو، مينهون اچي ميهار
آٽارين آسُر جو، ڪئون اچي ڪنوار
پهرائين پيرهہ جو، پڪريون اچي پڪرار
آپرئي سج آٽارين، رڍون اچيو رڍيار
انهيءَ ريت، رند چئي، منهنجا سرها آهن سنگهار
ويچاريءَ جا وار، مارن ريءَ مؤڙهہ ٽيا.

١٥٧- عمر! اوئي آئو، منهنجو ڪاهڙ مان خاطي
محبت انهن مارن مان، لاهوتين لاتي
لڏي هوءَ ڇڏي وبا، شل هجين حياتي
مونکي سڏ سنگهارن جي، ٽيئي ڏي ساٿي
وري ايندم ويڙهہ ۾، ڪي ٽيا مڙيئي ماتي
ميلي هن ملير کان، سا هئي پنهوارن پاتي
بدن تان، بچاءو چئي، هنن لوئي ڪين لاتي
خط ڪٽي خاطي، منهنجو پهچائج پنهوارن ڪي.

١٥٨- عمر! اسان جي ڏيهہ تي، سانٽان ساماٽا
ٽيو ڏٽ ڏوٽين لاءِ، مڪيون ماندٽا
چونديو اچن چوڙيليون، ڪانبي منجهہ ڪٽا
سؤر تيني جا سومرا، مونکي سيئي ساماٽا
لاهج بند، بچاءو چئي، وڃي ڏمان ڏاڏاٽا
جن سان مندل ماندٽا، سي ڏوٽي مون کان ڏور ٽيا.

١٥٩- رات ڏٺو اٿم خواب مون، سومرا! سُهٽو
ٻڌان پڪرارن جون، ٽيي تڙ تي تنوارون
سٽان سانگيڙن جون، ڪٽين ڪوڪارون

بَرن ۾، بچاڻو چئي، ٿيون چَهڪارين چَڙيون
جن سان جيءَ جڙيون، سي رات ڏٺا ٿم، رند چئي.
١٦٠- رات ڏٺا اٿم، رند چئي، جن لاءِ سڪي ساهه پساهه
حاڪم ٿو هَلائون ڪرين، عمرا! پانيائين پاءِ
پيءُ پنهنجو هڪڙو، هئي ماڻيجي ساءِ
ورهيه لنگهيا آهن ڪيترا، پيا سوين سن لنگهيا
ڪونه ٻڌوسون ڪڏهن، ڪو ڀيڻ پرڻيو پاءِ
خوف نه ڪرين خالق جو، جنهن جوڙيو جڳ خدا
خلقيائين ساري خلق لاءِ، مٺو مصطفيٰ
ٿيندو ڏينهن قيام جو، ماڻهو جتي ميڙاندا
چڏائيندو ڇيهن ڪان. اچي احمد شاهه
حڪم نه هلندو حاڪم جو، توڙي هجي بادشاهه
توڙي قاضي هجي قضا تي، توڙي هجي دنيا ۾ دارا
تم به بات نه هلندي، بچاڻو چئي، توڙي هجي
سڪندر شاهه
رڪي مراڙي من ۾، توريندا تورا
ٿيندو سڏ صباح، اتي ڪندي سانءِ ڪانڌرو قيام جو.
١٦١- وَنڌهين ويڙهيچن جي، محبت ٿي ماري
وَنڌهين ويڙهيچن جي پيئي آهيان پناري
مونکي ميڪ سنگهارن جي، آرهڙ اونهاري
چوڪا چاڙهين ڪينڪي، جيڪي آٽين آڌاري
قابو ٿيس ڪوٽن ۾، نڏهن ويٺم وساري
ڪيبو مُنهن ماڙيءَ سان، پيئي ٻڌل ٻڪاري
مون بنڌياٽيءَ کي، بچاڻو چئي، من پنهوار پُڪاري
سرتيون سينگاري، مَن مونکي نيينَ ملير ڏي.
١٦٢- وَنڌهين ويڙهيچن جا، مونکي پَهه پيا
وَنڌهين ويڙهيچن جا، مون پئي سڏ سُڻا

ڪن ويهنديس ڪولن ۾، پسائي ويس وڳا
پسائينديس پنهوارن سان، سائيه منجهه سڳا
ڪيڏي ڇڏ ڪوٽن سان، عمر ڙي ادا!
توسان سڳ سومرا! ڪڏهن ڪين ڪندا
راضي ٿي، رند چئي، سائين! سڻ صدا
لاهوتي لڏا، ڪاهڙ ڏي ڪٽي ويا.

١٦٣- وَنڻهين ويڙهيچن جا، مونکي پَهه ٻيا
ڪالهه ويئي هيس ڪوٽ تي، مون پئي ڏوٽڙا ڏٺا
لَڏيو، هوُ ڇڏيو، ويا روئندا، ويا رَٽا
تڏهن مونکي به مات نٿي اچي ماڙين ۾، جو
ناهي منهنجي ڪولن منجهه ڪَٽا
چوُنديو اچن چوُڙيليون، ڪيو سڳرن سندا سَٽا
ڪيڏ بندپائي، بچايو چئي، حضرت پيرا! هيتان
پنهوارن پڪا، ماڳهين اڏيا ملير ڏي.

١٦٤- وَنڻهين ويڙهيچن جا، مونکي پون ڏهاڙي ڏَس
وَنڻهين ويڙهيچن جا، مٿان گوندر گَس
وَنڻهين ويڙهيچن جا، وَڳ چَرن پيا وَس
سوُنهن سنگهارن ڪي، هيئين مٿي هَس
ڪين ويهنديس ڪولن ۾، جيئري هونديس جيڪس
ڪيڏ بندپائي، بچايو چئي، هي نماني ناڪس
ڪالهونڪ ڪَس، مون ڏٺا پنهنجي ڏيهه ڏي.

١٦٥- وَنڻهين ويڙهيچن جا، اٿئي پٿن تي پاٽا
وَنڻهين ويڙهيچن جا، اٿئي ٿَر مٿي ٽاٽا
ڪين جَٽينديس ڪولن ۾، اٿم سانگي سيباڙا
ڪيڏ بندپائي، بچايو چئي، لاهي نيئر نماٽا
پنهوارن پاٽان، مون ڏي ماڻهو موڪليو.

١٦٦- ڏٺا پنهنجي ڏيهه ڏي، مون سانگي سينوُڙا
سارُن جي مٿي تي، اٿئي مُرٽ جا موُڙا

ڪاهي آيا ڪوٽ ۾، قولين ٿيا ڪوڙا
ٻانهيارين ٻانهن ۾، وجهن ٻيون ڇوڙيلين ڇوڙا
آهي ڇڙي ڇتن ساڻ، نديءَ جا نوڙا
سيئي راضپا، رند چئي، ڪيا ٻنهوارن پوڙا
ساڙيچن موڙا، ڪوٽ قبوليا ڪينڪي.

١٦٧- ٻڌان شل ٻڪرار جي، ڪٽن سان ڪوڪار
آڌ لوئي انگ تي، آڌ ۾ ڏونرن ڏار
پهرائين پٽن تي، آٽيو ڏڻ ڏنار
ويهن ڪين ڪوٽن ۾، جي ويهن پڪن ۾ پنهوار
منهنجي باب، بچايو چئي، ڪو لڪيو لڪٿهار
سنگهارن سنيار، منهنجي ڪوٽن ۾ ڪانه لڌي.

١٦٨- آڌ لوئي انگ تي، اڌ ۾ ڏوڙ ڏڌل
ڏوٽي وچن تا ڏٽ تي، اٽيو ان مهل
ميڙيو اچن مڪ ملير مان، آٽين ڪنهن الڪل
سرتين ڏاران سومرا! منهنجو اندر ڪري آچل
ڪڍ بنديائي، بچايو چئي، جهليئي ڪهڙيءَ جهل
هيڏا خان خلل، توٽن راجا! ڪر نه رعيت سان.

١٦٩- آٽين چاڙهين سومرا، ماروئڙن جو ماڳ
آٽين چاڙهين سومرا، سرتيون ڪن سهاڳ
آٽين چاڙهين سومرا، سڳر پٽيو ساڳ
بي ڏوهيائي، بچايو چئي، ڏنئي ڪوهه ڏهاڳ
جيت محشر ٿيندو ماڳ، تيت سڏيون پڇندئي سومرا!

١٧٠- آٽين چاڙهين سومرا، سانگي ڪن سڻا
آٽين چاڙهين سومرا، ڪوري جن ڪٽا
آٽين چاڙهين سومرا، ڪن چانورن جا چسڪا
پٽيو اچن، بچايو چئي، ڪالونبا ڪٽا
جن جي ڪرڙن تي ڪٽا، سي چانور چڪين ڪينڪي.

١٧١- آڻ چاڙهڻ سومرا، ماروئڙن جو مرڪ
'الف' جني جي انگ ۾، سي وارين ڪين ورق
پڙهي، باب، بچايو چئي، لاهج سپئي شڪ
همين حرف، اصل پڙهيو الف جو.

١٧٢- راجا! رعيت سان ڪرين، تون هيڏا هڻل حشر
مڙيئي ويا هئا مال سين، پهري هو پنهور
نه ته مارينئي ها مڪن سان، پروچ چئي پيهر
ڪيڏ بنديائي، بچايو چئي، تون سومرا سڏر
جنهن جو قوت ڪرڙ، تنهن کي ڪوهه وڏو اٿئي ڪوٽ ۾.

١٧٣- مون ڏي ماڻهو موڪليو، قاصد ڪالهونڪر
چيلا رات چڙي ويا، قوڪن پاسي قر
رهجي ويو آهي روح ۾، ڪو ڏوتين کي ڏسر
هو به لڙي ويو لڪن ۾، منهنجو لاڪيڻو لڙ
قيدن ڪئي آهي ڪاهلي، ٻيا پاسن ۾ پٿر
ڪيڏ بنديائي، بچايو چئي، هيءَ پلؤ اٿئي پرور!
ڏاڍي ساڻ ڏسر، حاڪم هلندئي ڪونه ڪو.

١٧٤- سيد گڏيو هو سچ ۾، پارس گڏيو هو پير
نڪي ڪاڏائين ڪومچن ۾، نڪي ماڻيائين ملير
ڪرڙ پٽيائين ٽي قوت لاءِ، ڪاڏي ڳم گنديڙ
ڪيڏ بنديائي، بچايو چئي، تون مديني جا ميڙ!
هاڻي ظاهر لاهه زنجير، ته جيئري وڃي جيڏيون پسان.

١٧٥- پيو خوف خالق جو، عمر ڪي ادا!
سڏيو تن سنگتين کان، ٽو سڻي پچي صلاح
هي رهائي ٽي، رند چئي، جا آياسون ڪٽي ڪوهه مٿان
سچ نه چيائون سومري کي، رکي ويا رياءُ
همراهه اتي هو هڪڙو، جنهن ڪئي سچي ڳالهه صفا
هي وڙ نه حاڪمن جو، تون آهين رعيت جو راجا
زورو ظلم ڪنهن کي، ڪرڻ ناهي روا

نڪي هوندين هت هميشه، نڪي جيئندين جڳ ٻيا
قاضي آڏي ڪيترا، هن کي هٿ هنيا
ڪل نه ٻيئي قاضيءَ کي، دين سندي دنيا
بخش ڏوهه، بچايو چئي، سائين! سڻ صدا
سائين سهج ڪيا، جنهن چيو سچ سومري کي.

١٧٦- چيائين سچ سومري کي، هن کي ويئي ڳالهه وڻي
ڪڻي آئين ڪوهه تان حاڪم وئين هڻي
آءٌ به لوئي لاهينديس ڪينڪي، ڪندس پٽ پڻي
لڏون لس لنگهي ويمون، ڪاهڙ پاس ڪڻي
ڪڍ بنديائي، بچايو چئي، تون خان ڪڻي
هيم مٿي منجهه ڦٽي، سا منهنجي رهي ملير ۾.

١٧٧- منهنجي رهي ملير ۾، مينڌا موڙهه ٿيام
ڪلهي ڦاڙم ڪنجرو، لوئي ليڙ ٿيام
ڪٽڻ سکيس ڪينڪي، نڪي پوٽي پيچايام
جڏهن ٿوري ٿر ٿيام، تڏهن ڪوٽ وڻن ٿا ڪينڪي.

١٧٨- ڪوٽ وڻن ٿا ڪينڪي، آهيان مارن ريءَ ماندي
تو ڪڻي ڪوڻن ۾، عمر تو آندي
لاهي بند، بچايو چئي، ڪر ورهين کان واندي
هيڪر هيڪاندي، وڃي ٿيان ٿاريلين سان.

١٧٩- آءٌ شرع تي سومرا! ٻري ويرِ وڪوڻ
ڪونه ويهنديس ڪوڻن ۾، جيئري هونديس جاڪون
مونکي پنهوران پياريون، پينگهي منجهه پڪوڻ
پيتم پيس پاڙيچن سان، ڏيئي تار تڪوڻ
روڻان ويئي، رند چئي، منهنجي هيئين ۾ هٽڪوڻ
جي اڏم لوئي منجهه ليکون، سي وڃي
چونڊائينديس چوڙيلين کان.

١٨٠- عمر اتي مارئيءَ کي، مير ڏني موڪل
باندين تان بند معاف ٿيا، لٿي جهانگياٽين تان جهل

لٽا قيد قسمت جا، ڪڙيون ٻيا ڪنگل
ڏئي ٽو ڏاج هٿن سان، مير اٽيو انهيءَ مهل
جنهن کي سڪ ساڻيهه جي، سا پَهر نه جالي پَل
پر مارئيي کي مڱيندي، ڪئي ڏني ٽي ڪَل
جنهن جي بَدِي نه هئي، بچايو چئي، تنهن کي
جاڳيا جيءَ اندر ۾ جَل
مارئي انهيءَ مهل، سير ڏيئي سرهي ٽي.
١٨١- سير ڏيئي سرهي ٽي، جنهن جو رکيو سيل ستار
مرڻ ويل مسڪين جا، تون سٽين سڏ ڏاتار
هين جي ڪوڪ ڪنن سان، ٻڌي ٽي ٻڪرار
نه ڪو اٿئي ارمان عمر تي، نه ڪا آهي مارئيي تي ميار
هن جو چت چريو ٿيو، ڏسي دونهن جا ڏڏڪار
مومل کي مجاز جا، هئا تن اندر ۾ تار
سسئي ٻڌي سندرو، هلي ڪيچين جي قطار
ليلان لڪتڻ مٿيا، جا پُلي کان پتار
هير آئي حيران ٿي، جنهن کي تهتان لڳي تار
سيفل بديعل لاءِ، ٽو روئي زاروزار
مجني کي مستي هئي، جنهن تي وَلين ڪيا وَلهار
مورڙي ڪڍيا مچ مان، ڪُلئي ٻاءُ ڪڏار
ڏنو سير صاحب کي، ڪيلي راءِ ڪنگهار
ساري ساريان ڪيترو، عاشق جو آچار
ڪيم ڪچايون ڪيتريون، مون ۾ بديون بيشمار
خاوند ڪٽي مونکي، بخشين بخشڻهار
مون ۾ مدايون جا، آهن عيب آپار
بخشين ڏوهه، بچايو چئي، سٽين رب ستار!
ڪونهي وسيلو مون ولهيءَ جو، سواءِ تو سردار!
ڪلمي جي آڌار، آمتي چئندا ايمان سان.

ڪيڏارو

١٨٢- ساراهيان سچو ڏٺي، صاحب رب سڏر
هجيئي حُب "حُسين" ڏي، تہ رک "ڀٽائي"
تي ڀر
مون ٻہ رکي آهي لج "لطيف" تي، پاڙيندو پرور
ثمر ڪٺجانءِ سنگتي، اڳيان سُجهيئي ٽو سفر
هتان ويندين هيڪلو، اڳيان ٻاري سُجهيئي بر
آتي سندیون ڪانياريون ڪانڌ جون، جن هيت
وساريو تي ور
هرڪو ويندو هيڪ ٽپيءِ ٻر، جن تي سڏايو سڪندر
رکي حُب جن مير حسن ڏي، تن اٿي موچارو محشر
مون ٻنڌياٽيءِ جو، بچاڻو چئي، سيد اٿي ثمر
ڪلمون پري قلوب مان، تار مان اچي تر
سُنجهي هيتي نہ سر، وارث گڏبئي وات ٻر.

١٨٣- هليا مير مدينيءَ کان، ڪاپڙي ڪاهي
دل رکيائون دين ڏي، ٻيا چڏيائون لاڳاپا لاهي
شهادت جو سيد کي، اڳيئي جامو جڙيو آهي
سينو سنباهي، ڪاهيائون ڪربلا ڏي.

١٨٤- ڪاهي ڪربلا ڏي، هليا جنگ جوان
هڪڙا سُونهان هئا سيد مان، مومن مسلمان
ٻيا پيارا هئا پرينءِ رسول جا، جي آيا مٿي اسلام
ٻيا ڪريل خارجي ڪيترا، هئا آتي حيوان
سي شڪ رکي شيطان ٿيا، مري ويا مروان
جن رکيو بغض، بچاڻو چئي، تن جي قيامت
ٿيندي ڪانہ
چڏيو مير مڪان، ٿا ڪاهين ڪربلا ڏي.

١٨٥- ڪاهي ڪربلا ڏي، ڪيائون ڪاهون ڪاهه،
سيڌ اڳيئي سهڻا هئا، ٻي هئين نيڪ نگاهه
ڇڏي مير مدينو، آئي هوت هليا
پرين کي پنڌ ۾، ٻه، ٽي پهر پيا
تن بانڪن جي، بچايو چئي، نه پيئي شر کي سماءُ
مڃيائون رب رضا، جا وٽي هئي واحد کي.

١٨٦- وٽي هئي واحد کي، هو ٽيا رضا تي راضي
جن جي هئي حب حسين ڏي، سي گوهر ٽيا غازي
جي ڦري ويا، فقير چئي، سي رليا روازي
آتي ٽيندين تعدي، جتي ٽيندو ميڙو محمد مير جو.

١٨٧- ميڙي محمد مير جي، ماڻهو سڀ مڙندا
ٽيندي جت يزيد سان، جنهن قبيلا قيد ڪيا
منهنجو بت، بچايو چئي، ويو ميڙي سڄڻ لاءِ
آتي گهوت گهڙيا، سورهيه ٻڌي سندرو.

١٨٨- سورهين ٻڌي سندرو، مرضي مڃيائون
دليئون اچي دوست کي، پاڻان چيائون
راضي ٿي رخصت ڏي، اسين يزيد جلايون
چئي: آهيون رضا رب جي، ڪي آهين ڪتائون
اڳي ڏنيون هيم علي جي اولاد تي، ڇپر جون ڇائون
اج ڏنم نوڪي هيڪلو، تڏهن آس آتاهون
وڃايان ٻج، بروچ چئي، يزيد جو آئون
وري وچ پاهون، متان ڪاوڙجي ڪريم پوي.

١٨٩- ٻيو ڏنائين، بروچ چئي، آهو ملڪ متان
اچي چيائين حضور ۾، اولاد علئ جا
راضي ٿي رخصت ڏي، هينئر هن ويرا
ته وڙهون هلي ويرين سان، هاڻي ڪري حملا
چيائين: آهو آهين امر الله جي، ڪي پيئي
ترس متان؟

چيائين: اڳي دايا تنهنجي در تي مڙيئي مَلڪ هئا
اڄ ڏٺم توکي رڻ ۾، گاڙيندي گوڙها
تڏهن بيهڻ نه آيم، بچاڻو چئي، ڪرياڻ جان فدا
چيائين: وري وڃ ادا! متان رنج رسول ٿئي.

١٩٠- موتي اچي مينهن چيو، مِٺا محبوبا!
تون آهين اولاد رسول جو، سچو دوست خدا
آءٌ آهيان تنهنجو گولا غلاما
ڏيئم اِذن جنگ جو، هيئڻر هن ويرا
وڙهون هلي ويرين سان، هاڻي ڪري حملا
آبو آهين آمر الله جي، ڪيي پيئي ترس متان؟
چيائين: توکي ڏنو هئم رسول جي، ڪلهي مبارڪ
اڄ ڏٺم توکي رڻ ۾، تسيارو طلبا
بيهي وسايان، بچاڻو چئي، ڳلن تان گوڙها
وسايان وڃن کي، پٿر پهڻ جا
چيائين: وري وڃ آدا! اِهو ڪُسڻ مون قبول ڪيو.

١٩١- ڪُسڻ جنهن قبول ڪيو، تنهن ٿي سيّد جي ساري
سخا ۽ شهادت جي هن کي ڏني آگي اختياري
ٿيندي جُٽ يزيد سان، جتي قيام ٿيندي ڪاري
بچاڻو چئي باري، آتي منصف ڪندو محمّد ڪي.

١٩٢- منصف ڪندو محمّد ڪي، پاڪ پروردگار
لڳي جنگ ميدان ۾، ٿيا ڪٽڪ ڪارونيار
هڪڙا شير شهيد ٿيا، تن جي هئي پرين وٽ پچار
مَري ڪيئي مردود ويا، ڪُٽا ٿي ڪُفار
تنهن مهل بيٺو هو، بچاڻو چئي، مولي ٿيو مختيار
جتي ٿيندو عاشق جو آچار، آتي جاءِ نه ملندي
يزيد ڪي.

١٩٣- جاءِ نه ملندي يزيد ڪي، آتي مڙد متا
پاڻي پليتن بند ڪيو، شام ڪُوفي جا ڪُٽا

شرم نہ ٻيو شيمر کي، ٿيو سامهون سيّد سان
تنهن مهل ٻيٺو هجان هاڻ، ٻچايو چئي، ڪريان
ها سير صدقو ساهه
ٻيٺي رازق رنگ ڏنا، عليءَ جي اولاد جا.

١٩٤- عليءَ جي اولاد کي، ويري ولر ٿي وريا
حُرّ هو اتي جو هڪڙو، جنهن کي مَت ڏني مولي
هَلي مير حُسين جي، ڪريو قدمن آ
هُئس طرف يزيد جي، آيس تنهنجي لاءِ
هاڻي بخش گناهه، ٻچايو چئي، جا ڪيم آس اتا
ان سان سائين سَهنج ڪيا، جو هليو حُرّ حضور ڏي.

١٩٥- هليو حُرّ حضور ڏي، اچي شمر سڏ ڪيا
آهي مرڙ جوان ڪو، هاشمين منجها
ڏني ورندي ويريءَ کي، سچي سيّدا
ٻيهي رهه بي ايمان اِتي، پري پليتا
عليءَ جي اولاد جو، توکي سڙيا! پئي نہ سَماءُ
وڃائي وقت پنهنجو، هيا تون هتا
گاڙيندين گوڙها، جتي ٿيندو حملو مير حسين جو.

١٩٦- ڏٺم حملو مير حسين جو، مونکي هڪڙو ڏينهن
ياد ٻيو

حسن مير حسين، جڏهن نئڙو هيو
راند ڪندي مدني کان، پري وڃي ٻيو
آئي نئڙ معصوم کي، سُمهي آني رهيو
ويئي ڇانو وَڻ جي، اچي مٿان ملڪ ٻيٺو
ٻيني فاطمه رسول کي، اچي پاڻ چيو
اڄ حسن مير حسين کي، لهي سيج ويو
نڪي آيا مانيءَ تي، نڪو ڏس پيو
آني حبيب ربّ جو، آنهيءَ طرف هليو

تيسين آيو جبرئيل جلد مان، جو مولي هو سڪو
آئي پئي سُتل غار ۾، تن مٿن ملڪ وينو
ڏڪري سردار، اچي جوانن کي جاڳايو
جاڳي کان پوءِ جوان هو، نانيءَ کي چيو
نانا! اسان کي پاڻي ڏي، ڪو مانيءَ جو ڪيو
چيائين: آيا پنهنجو شهر مدينو، اُني آهي
طعام جهجهو

تيسين آيو جبرئيل جلد مان، ڪٽي پاڻيءَ جو پيالو
چئي: خالق اسان کي خدمت ۾ مولي آهي سڪو
ماني ڪٽي ميڪائيل آيو، ڏاڪن منجهه ڏيکيو
اهو مون روبرو ڏٺو هو راضيو رب جو
هڪڙو ڪنيو جبرئيل ڪلهي تي، ٻيو ميڪائيل ڪنيو
آيا مڙد مدينيءَ ۾، لهي غم وڏو
پوءِ جڏهن ڪنائين تي ڪربلا ۾، تڏهن ان کي
ترس نه پيو

هو تو پنهنجن جون پرڪائون لهي، اهڙو رب سچو
هاڻي بخش گناهه، بچايو چوي، مونکي انهيءَ
سيد جو صدقو
جن محمد تي مڃيو، سي هئا طرف حسين جي.
١٩٧ـ ڏٺم حملو مير حسين جو، تڏهن مونکي ٻيو
ڏينهن ياد پيو
راهب نالي سامي هڪڙو، اولاد اُن کي ڏرئون
ڪونه ٿيو
آيس دليل دل ۾، ۽ اهو ايرادو
سُجهي تو شهر مدينيءَ ۾، سيد پاڪ سچو
نهڙن کي تو پٽ ڏئي، آهي آجهو اڙين جو
سامي چڙهي سوار ٿيو، جنهن ڪست منجهان ڪاهيو
آيو شهر مدينيءَ ۾، سائل سوال ڪيو

سڻ فرياد منهنجو، تون آهين ميز مديني جو
آبس تو وٽ آس ڪري، رکي اهو ارادو
دنيا ۽ دولت جو، مون وٽ پرو ڪونهي ڪو
اٿم سڪ اولاد جي، سو مونکي پيني ڏيو
سيّد آتي سامي ۽ ڪي، پيغمبر پاڻ چيو
هوندئي لکيو پاران رب جي، تہ ڏاتر توکي ڏيندو
آتي ميز حسين، اهو لفظ آچاريو
ناناا سٽ پٽ سامي ۽ ڪي، ڏاتر ڪٽي ڏيندو
تيسين آهو جبرئيل جلد مان، جو مولي هو مڪو
جيڪي ميز حسين چيو، سو قادر قبول ڪيو
اهو معجزو ميز حسين جو، ساري لوڪ سٽيو
بخش گناهہ، بچايو چئي، مونکي انهي سيد جو صدقو
سامي سرهو ٿيو، جنهن جا قادر سيئي ڪم ڪيا.

١٩٨ـ قاصد ڪربلا کان، آتاهين آيو
محمدِ حنيفي ميز کي، اچي پيجل ٻڌايو
هيت ٿو خودي خيال ڪرين، هٽ وهي واڪ ويو
عليءَ جي اولاد جو، آن کي شرم ڪونہ پيو
ڪيائين قبيلا قيد رسول جا، اهو ڪوفين قهر ڪيو
سٽي ڳالهہ سيّد جي، هو غش ٿي ويو
ڦاڙپائين ڪپڙا پنهنجا، ڪيائين ڪارو شهر سجو
هئو سؤن جنهن سجڻ جو آسرو، سو وڃي ٿو لاهوتي لڏيو
ڪيائين هوشيار حملي کي، سيّد سوار ٿيو
قسم ڪنيائين ڪريم جو، جنهن خالق آهيان خلقيو
ڪونہ ڇڏيندس يزيد جو نانيو ٻار ٻچو
بخش گناهہ، بچايو چئي، مونکي هن سيد جو صدقو
تن تي راضي رب ٿيو، جي هئا طرف حسين جي.

١٩٩- هٿا طرف حسين جي، تن تي راضي رب" ٿيو
هئو ڏٺهن جمعي جو، وقت اڳينءَ جو
هلي مير حسن کي، شمر شهيد ڪيو
پيون اوچنگارون آيون ۾، جنن رت رنو
پيئي واولا وڏڪار ۾، پرين پار ڪيو
جهنگ مرن، گهر ماٺهن، ملڪن ماتام ڪيو
لاشو مير حسين جو، نبين نهراج ڪيو
پٿر تن پرين لاءِ، پرور پاڻ ڪيو
ٿيا حوالي حوض ڪوثر جي، ٿيو سردار شهيدن جو
هاڻي بخش گناهه، بچايو چئي، هن سيد جو صدقو
جني ڪلمون ياد ڪيو، سي اُمتي چئندا ايمان سان.

٢٠٠- مدني جي مير جي، هاتڪ حب رکن
مڪي ۽ مدني جي، جي طالب طلب ڪن
منارا محمد ڪريم جا، جي ڏهاڙي ڏسن
راهب جهلي، رند چئي، مهماني مرڻن
سامي ٿيا سنرا، آئي آگ نه اوڏي تن
بخش گناهه، بچايو چئي، مونکي محابي مڙڻن
اڳيان اڻ تارن، پيو حيدر آڪاري هٿ سان.

رامڪلي

٢٠١- ڪالهه لنگهي ويا ڪاڙي، محبت رکي من
جوڳي پهنجي جوءِ تي، وبراڳي وڃن
نڪي وبهن وات تي، پورب پيا پڇن
جمندي جاوائي ڪينڪي، اِها عادت عاشقن
جتي ناهي پير پڪيءَ جو، آتي پيا سنياسي سجهن
ڏُکايا اٿئي در تي، دونهان درويشن
پرهه جو پائيءَ لاءِ، پاٽئون ڪين پڇن
لائهي لالائي لڳن کي، پيا ڏوڙ ۾ ڏَنڌون

سارو ڏينهن سُبحان سان، ويچاريا وَتن
مونکي تون مولي ڪرين، طالب منجهان تن
هنن کي رام گڏيو هو، رند چئي، انهن آهيائن
سدائين سامين، سُک نہ آندو سر تي.

٢٠٢- ڪالهه لنگهي ويا ڪاپڙي، سامي سويارا
هلڻ جا هنگلاج ڏي، ڪيائون چت اندر چارا
گنگا جي گرنار تي، هنن جا آئي اڏيل اوتارا
جيجان! جو ڪيئڙن جا، مونکي ٻرن ٿا ٻارا
آتر لڳي ٿو آڪرو، ٻيا ٻون ٿا پارا
رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٿڪيندي تارا
رام گڏيو هون روح ۾، هنن ڪيا وڃڻ سان وارا
سي مون ٻيئي ڏٺا، بچايو چئي، سنياسي سارا
سامي سويارا، جن ڪاهيو ڪارونيار ڏي.

٢٠٣- ڪالهه لنگهي ويا ڪاپڙي، لاهي لاڳاپا
جو ڪين ويندي جُوءِ سان، وڏا ڪيا واڪا
جن جا هُئا گس گنگا تي، سي وڃي ٿانيڪا ٿيا
وحده لاشريڪ له جو هو پنو پڙهن ٿا
انهيءَ رهت، رند چئي، جو ڪين جُڳ ڪيا
لاهوتين لاٿا، سانگا پنهنجي سير جا

٢٠٤- ڪالهه لنگهي ويا ڪاپڙي، ڪري لاهوتي لٽڪا
بُک وڙي هئائون بَگرين، آئي نيراني نڪتا
نڪي ويٺا وات تي، نڪي ٽڪائن ٽِڪيا
مِٺي چاڙي هو ماڻي، نانگا تي نڪتا
سامين پنهنجي سير تي، وڏا سوُر سَٽا
رام گڏيو هون، رند چئي، جن گنگا تي گس ڪيا
لاهوتين لٽا، ڏر کان ڏوٽا ڪينڪي.

٢٠٥- ڏرڻون ڏوٽا ڪينڪي، سنياسين سڳا
نڪي اوڏيائون انگ تي، نڪي ٻڌئون گوڏ گدا

لاهي چڏيا لڳن ٿوڻ، هنن ٽيو ڏينهن ٽڳا
سامين ۽ سنياسين جا، مونکي پورا پار لڳا
ويچارن وڳا، لڳن تان لاهي چڏيا.

٢٠٦- لڳن تان لاهي چڏيا، سنياسين ساڳا
جو ڳي ويا ٽي حوءَ تي، سامي سيا ڳا
مٽي وڏائون مٽي ۾، ڏوڙ ڀرين ڏاڳا
'قالوابلي' جو واعدو، پاڙيائون پرت منجها
ماري پنهنجي من کي، ڏنائون اندر اوجاڳا
بيهي رهيا بر ۾، لاهي سڀ لاڳاپا
سي مون ٻيٽي ڏٺا، بچايو چئي، سنياسي ساڳيا
سامي سيا ڳا، جن روح ڏنو هو رام کي.

٢٠٧- روح ڏيئي رام کي، سيئي سڻائون
وکون جي وحدت جون، پوءِ نه پاتائون
پکون جي پريت جون، پاٽئون ٻيتائون
وحده وجود ۾، ويهي وڏائون
روبرو رام کي، ڏوران ڏٺائون
تڏهن ڪپي ڪنڌ ڪلهن ڪوٽ، لٽي لاتائون
اهي بار، بچايو چئي، کلي ڪنيائون
مرضيون مڃائون، تڏهن گنگا ۾ گڏ ٿيا.

الهڏنو نوناري

الهڏنو ذات جو نوناري، حيدآباد شهر کان ٨ ميل آتر طرف حيدرآباد- هالا رستي تي، هتڙي لڳ گيلي نوناريءَ جي ڳوٺ جو ويٺل هو. حيدرآباد شهر لڳ لنڊي جهانيا جي "جهانياپولن" ساداتن جو مريد هو، ۽ اوڏانهن گهڻو ويندو هو. ميڙن ملاکڙن ۽ ڪڇهرين ۾ نڙ تي بيت ڏيندو هو. گهڻو ڪري پنهنجا بيت چوندو هو. هڪ ڀيري پٽائي صاحب جي درگاهه تي ويو ته آتي جهنڊو فقير چانڊهو مست، خداآباد جو ويٺل گڏيس، تهن نوناريءَ جو هٿ وٺي درگاهه جي چانئٽ تي رکي چيو ته "مونکي دعا ڪجانءِ". نوناريءَ جي طبيعت تي آن مست فقير جي ملاقات تمام گهڻو اثر ڪيو. آن بعد هو حيدرآباد ۾ آيو ته آتي وري مجذوب احمد فقير منگو ٽو (١) ڏنائين، جنهن مان جهنڊي فقير واري ٻوءَ آيس. پوءِ ته آن جو خدمتي ٿي ويهي رهيو، ۽ بيت چوڻ ڇڏي ڏنائين.

هڪ دفعي راضي فقير کيس منگواڻي فقير جي خدمت ۾ ڏنو ته ماني پڻي پچاهائين. جي ڪنهن ڪڻي سلام ٿي وارهو ته جواب ڪونه ٿي ڏنائين، رڳو ڪنڌ مٿي ڪڍي ٿي ڏنائين. هو آخر عمر تائين منگواڻي فقير وٽ رهيو ۽ حيدرآباد ۾ ئي سنه ١٩٣٠ع ڌاري وفات ڪيائين.

هڪ روايت موجب هو اڻ پڙهيل هو، مگر حاجي اسحاق ٿهيم جي روايت موجب هو پڙهيل هو. سندس بيت سوڌا سنوان، سولا ۽ بياني نثر جي نموني تي آهن. بيتن جا قافيا اڪثر "ٻو"، "او" پڇاڙي وارن لفظن تي مشتمل آهن. حاجي اسحاق ٿهيم، جاتيءَ جو ويٺل هو ۽ الهڏني نوناريءَ کي بدين ۾ روبرو ڏٺو هئائين.

---

(١) احمد فقير منگواڻي، اصل ڪوٽڙيءَ جو ويٺل هو، جو پوءِ مست ٿي حيدرآباد ۾ اچي رهيو. سندس قبر الهندي ڪچي ۾ بخاري شاهه لڳ آهي.

سارا هه

١- ساراهيان سچو ڏٺي، صاحب رب سچو
معاف ڪندو ماڻهو ڪي، جنهن ڪيو ڪم ڪچو
رکو روزا، پڙهو نمازون، اوهان جو اوجر اڳيان ٿيندو
بارار بهشت جي، در به دوزخ جو هوندو
پئسي ٻنان ٻنڌ نه ڪجو، ڪو ٻڌ نه آڪاريندو
خالي ڪاهڙ مان ڪڍي، بندر تي بيهاريندو
ناز منجهان ٿو، ٺوناري چئي، سيد ساڻي ٿيندو
آهي رب بخشڻ تي بيٺو، جو ڪري ڇڏيلئين ڪيتريون.

٢- ساراهيان سچو ڏٺي، جنهن جو عالم تي آرو
هلي ڪونه حبيب اڳيان، ڪو چلڻ جو چارو
هو ته نبين ۾ نبي ٿيو، وڃي لوڏيو ڏيکاريو
هو ته اوليائن ۾ اولياءَ ٿيو، وڃي آڙيا آڪاريو
هو ته پيرن ۾ پير ٿيو، وڃي ٻڌن کي تاريو
عاشقن منجهه معشوق ٿيو، وڃي بهڪٽين ٻاريو
ڪي ته سڙي ويا سوز ۾، جن کي ڏٺين ڏيکارو
وَسيو جنهن وٽاڻ تي، آهي مخلوق موچارو
تنهن مٽيءَ کي مان ماڻيو، جنهن تي نمي جڳ سارو
آتي به هوڪو ڏيو، هليو وڃي پڙدي اندر پيارو
هتي ماري ماڻهن مَس کي، ڪيو ڪاغذن کي ڪارو
مالڪ اتي به سڃاڻي چيو، هي آهي سوريءَ سيارو
جو آڇلائي وڏو آڏيءَ تي، مٺو مڻيا وارو
دوئي کي اتي دفن مليو، ٿيو حق هيڪڙائي وارو
ابهيءَ منزل تي مرتضيٰ وڃي آڏو اوتارو
الهڏنو چئي، عليءَ جو، اڃان به آهي پري پَسارو
الف الله، ميم محمد، عين علي، پيائي منجهه ٻارو
چمڪي چوڏهين جڳ سارو، نور تنهن نبيءَ جو.

٣- خلقيا مڙيئي خدا جا، پر ڪيئين درجا ڏارون ڏار
حڪومت ملي هڪڙي ڪي، ٻيا سوين ڪن شڪار
پهريان ته تيار طب جا، ٻيا پيري ڪيئين بيمار
ڪي ويهاريئين واپار تي، ڪي ڪيائين شاهوڪار
ڪي نوَن ڪنڊن ڪان نابين ڪيئين، ڪي جڏا
ڪيئين جهونجهار
تاڙي نه لڳي ڪنهن طبيب جي، توڙي هزارين
هجن هوشيار
فرق فقير هٽ ۾، ڪنجي هٽ ڏاتار
ظاهر ٻچائجان ان ذائقن ڪان، جنهن ڪي وس نه وٺڪار
مونکي حضرت حسين ڪان، ٻاڙي نه ڪج ٻهار
الهڏنو، امن پني ٿو، نڪو بهشت گهري بازار
جتي پاڻ رهي سردار، اتي ڏجانءِ ٻانهن ٻاروچن ڪي.
٤- ساراهيان سچو ڏٺي، جو عالمن اجهو
ڪري مهاڙ مسجد ڏي، ڪيائين سجدي جو سعيو
ٻيٽو هو بندگيءَ ۾، ابليس ٻه آيو
تهتان هٽي تڪبير هڻن اچي وقت ڏي واريو
مون هڪڙي گابي نه ٻڌي گهر ۾، آن سيئي ڏنو تي ساريو
اتي ڪلندي چير خاوند ڪي، هيءَ ڏراڙ چڱو اٿي ڏاريو
ويٺو اچي ويڙهه ۾ نمازي سڀ نهاريو
پاڻ تن جو پٽيل ٿو، اچي جماعت جنساريو
تنهن محمد جي مُصلي تان اچي امام اٿاريو
تنهن روئي چيو رسول ڪي، هن ڪريل ملڪ آهي ڪاريو
جنهن حبيب جي حويليءَ تي، هلي ٻارڻ آهي ٻاريو
حم، تنزيل واري قبول ڪي ٻه ڪميڻن نه پاريو
"نوناري" ٻه نينهن نبيري، جو ثابت علي ساريو
وجهندو سوَنِ ڪي ساڙيو، جنهن جي هوندي
مَٽائي مرتضيٰ ڏي.

٥- واحد وحيي موڪليو، وڃي محمد کي چئيج
لڳو نغارو نبوت نبي، پيئي ڏرتيءَ مٿي ڏَڄ
چئني ڪنڊن تي چار مُصلي، ڪيائين سجدي جو سڏ
صبح ليکيئين سُنيان ڏي، ڪري رک ڪعبي ڏي
نبي تي آتان لڏ
هو خط ٻڌي ڪامي ويو، ڪافر ٻڌو هو ڪَڌ
اها جنگ هئي احد واري، اتي وڙهن بيٺو وَڳ
ان ڏينهن ٿيو هالاڻو حضرت حمزي جو، ان تي
روئي ڪيو رَڄ
اتي عَلَم عليءَ جي هٿ ۾، جيئن دريا مٿي دَڳ
اها جنگ، الهڏنو چئي، عاشقن ڏني هئي اڳ
جن پيتو ٿي نرڳ، سي ماريا پئي مرتضيٰ*
٦- حضرت عبدالله جي پُٽ مان، ڪيائين پيدا پيغمبرا
محبوب معشوق موڪليو، دين جي پارا
چائي رات چام جي، نور هنيا نعرا
شمس تنهن ڪان شرمندو ٿيو، ڪوماڻا تارا
روءِ زمين تي روشن ٿيو، چوڏس چوڏارا
عالم سڀاڪ ٻڌي هليو، چلي ڪيا چارا
پوٿيون پڙهائن ڇڏيائين، وساريائين ڌارا
اتي ابوجهل جهڙا ٿيا ڪفر منجهه ڪارا
هڪڙانميا ٿي نبيءَ ڪريم وٽ، سي ڪيا مرسل موچارا
ٻيا ٿيا ٻئيرا پرينءَ ڪان، ويا سي هائيءَ ۾ هچارا
سي جلي ويا جهنم ۾، سي يهودي ۽ نصارا
جيڪي جوڙيئين جهان ۾، ڪيائين محمد موچارا
هڪڙي ڏينهن وارث ٻيهي وعظ ڪيو، مديني جي ٻاهرا

*بيت [٥] ڪان [٧٥] تائين قاضي اور محمد ويٺل مٽياري، تعلقو هالا ڪان مليا.

واحد واقعو موڪليو، جو هو هوت هوشيارا
چئي: افسوس ڪريو امامن جو، اوهان جي آهن
پيڙهيءَ پاڳارا
هميشه هوندوَ هنج ۾، پرين پيارا
ڏهاڙي ڏهتن کي پڙهائيندو هئين صبر جا سيپارا
جن سان وڏا ٿي وڙ ڪيئي، سي ڪري ٿيا ڪارا
دغا ڪري دعوت لڪيئون، مولي ٿيا مارا
حياءَ نه ڪيائون حضرت حسين جو، وڙهي ٿيا وڇارا
هينئر هيڪاند هالاڻو ٿيو، جنهن لاءِ ڏنا سڪندرءِ دار
سي ويا باقبيلي بغداد ۾، ڪربلا تي ڪنارا
ڦري ويا فردوس ۾، وڃائي وارا
پولو اميرالمومنين جو هو اصغر صغيرا
تنهن اهليت کي اڄ لڳي، تهتئون طهورا
بيڻيون هيون بندگيءَ ۾، هزارين حوُرا
ڪٽي آيا ڪٽ مٿي قاسم جا سهرا
ڪوفي سڀ ڪٽا ٿيا، جن لئي لٽا قيدي زنجيرا
باقي مديني ۾ معصوم رهي بيبي صغيرا
سا اصغر ڪريو اڪبر ڪري، ڪري پلپل پڪارا
ويجها هئا تہ وري آئيا، جيڪس آڏئون اوتارا
پوءِ نوناري، نهاريا، سي نياپا سيد جا.

معجزو حضرت موسيٰ عليه السلام جو

٧- نبيءَ نرمل نماز جو، ساري جهان کي ڇيو
هيءَ جاءِ نه ڪنهن جي، هتي ويهي اوهين ڪوهه ڪندئو
سارو عالم سٽي هليو، اچي پيرن تي پيو
مائي هڪڙي سڪندل هئي، تنهن به اچي هوال ڪيو
پهرين دعوت رب جي، هاڻي توتي منهنجو ڪم پيو
مونکي پٽ ڏيو، آءٌ آجايل آهيان اولاد جي.

٨- حضرت موسيٰ مائيءَ سان، جلد هيي جواب ڪيو
پٽ ڏيئ وَس ڏاتار جي، توڙي سوَ سوال ڪندو
چڙهي طورسينا تي، وڃي ساڄن سجدو ڪيو
تہ حضور مان پٽ هڪڙو، آهي مونکي پنڻ پيو
حق درگاهہ مان حڪم، قادر تنهن کي ڪيو
پٽ ڏيئ مائيءَ کي، لوح قلم ۾ ڪونهي لکيو
پٽ ڏيئ مائيءَ، نڪو نيباهہ، نڪو ڪم ايندو
سڃاڻ پنهنجي ربّ کي، اهو هميشه لاءِ هوندو
پوءِ بہ جنهن جي حق ۾ هوندو، قادر تنهن کي
ڏيئي ڇڏيندو

عربيءَ لهي اچي اڳئ ۾، مائيءَ جي پير وڌو
نڪتي سڪندل، جنهن اچي راڻيءَ روئڻ ڪيو
مائيءَ سان حضرت موسيٰ، وري هي جواب ڪيو
تہ آنگ تنهنجو هتي، ڪڏهن ڪونہ پيو
تون رهجي وئين رڻ ۾، جو غرض تنهنجو ڪونہ ٿيو
هاڻي پوندو تنهنجو ضامن نبي، جيت توراڙو ترندو
آدم کل اولاد تنهنجو، تون سڃاڻ وٺي صاحب کي.

٩- تڏهن مرڪي مائيءَ، راڻيءَ روئڻ ڇڏيو
آبو ڏيءَ ڏکيءَ کي، جنهن کي نرمل نبي گڏيو
چئي: دعويٰ رکان ٿي دين ۾، پٽ پنڻ مون ڇڏيو
اڳيان ڏيهن محشر جي، من مونکي سونهين ڪري ڇڏيو
اولاد مون بہ ڇڏيو، آءٌ سوال نہ ڪندس سرور!

١٠- حضرت موسيٰ موڪلائي، وري راوت روانو ٿيو
درويش تنهن جي در تي، وري ٻئي اچي ڪوڪرو ڪيو
صاحب جي صدا ۾، آءٌ توکي اولاد ڏيندو
بہ ڪرهاڙيون، بہ پٽ کو وساهہ ڪندو!
ڪائي هن جاهہ تان، هي نانگو خالي نہ ويندو

پيئي سڪندل کي خبر، جنهن اچي ڏر ڀٽيو
سائين! پٽ ته پينان ٿي آءُ، پر مٿان ڏي جواب جڙيو
ان نبيءَ جهڙو جهان ۾، هتي ته قادر ڪونه ڪيو
اهو مونکي موسيٰ چيو، سائين! انهيءَ ساعت ۾.

٤١- انهيءَ ساعت ۾ مائيءَ سان، فقير سوال ڪيو
ته فقيرن جي حال جو نوکي پتو ڪونه پيو
اهو فقير مَر ڪائي، عرش بسه پوءِ ٿيو
جتي مَستن جو مڪان، اتي ته ملائڪ ئي ڪونه ٿيو
هڪ ڪان وٺي هزار ڏين، ته به آهي حڪم تنين جو
جوڙو توکي جهان ۾، هي ته اج ئي ڏيندو
موسيٰ واريءَ منزل کان به هي آهي لاهوتي لنگهيو
ڏس انصاف فقير جو، آئين جي اعتبار تون.

١٢- پوءِ مَرڪي مائيءَ، وڃي طعام تيار ڪيو
ماني ڪٽي مهندان رکيئين، هو مائيءَ کي خوشيءَ کنيو
اچان ناڪو انهيءَ جاءِ تي، تيسين وڏي ٻئي سوال ڪيو
ماني ملي انهيءَ کي، هوءَ ته لالڻ لنگهڻ پيو
موڙي تنهن مائيءَ کي، دل ۾ دليل پيو
ته پٽ پنان ڪنهن کان، ماني ته ڪائي پيو ويو
ڏيئي دلاسو دلبر، آئي فقير آيو ٿيو
مائي! ڪَرڪ نه، اهو قبول پيو، تو کان ڏاتار وٺي ويو
مائيءَ نمي نظر ڪري، هن فقير ۾ نهاريو
فقير وس مٿائي، آئي آڏامڻ لڳو
ڪيهه ڪري ڪيري پئي، آئي ساهيڙين کي
سڏيو

ادي! مونکي مبارڪون ڏيو، منهنجو غرض ٿيو
هوءَ آڏاٽو وڃي عرش ڏي، ايندم جوڙا پٽ جوڙيو
پنج آسمان پيرن هيٺ، وڃي ڇهين تي چڙهيو

پيس اک عرش عظيم تي، تہ آيا ملائڪ پٽ ڪٽيو
جوڙو ڦرہو ٿي جانب، پئي لاهوتي آت لڙيو
اڳينءَ ۽ وچينءَ جي وقت ۾، اچي ڪامل ڪڙو ڪڙڪايو
هوءَ ٻ بيٺي جهولي جهليو، جنهن کي جوڙو ڏنئين جهان ۾.

١٣- پنجين ڏينهن پيڙ تي، حضرت موسيٰ مائيءَ کان پڇيو
تہ توتي رحمت جو اهڙو مينهن ڪتان وسيو
ماڻهن ۾ مقال پئي تہ آهي مائيءَ کي اولاد ملي
سا ٽڙڪي نڪتي دَر تي، اچي راڻيءَ روئڻ ڪيو
ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، تو مون کان ڇا پڇيو؟
چئي: موسيٰ دوست خدا جو، تنهنجي در تان لنگهيو
مونکي تہ جواب جڙيو، توکي ڪير ڏيئي وبو ڪاپڙي؟

١٤- چئي: يا نبي! اول مڃيم الله کي، پوءِ مون توتي ڪلمون چيو
تو تہ منهنجو غرض ڪونہ ڪيو، پر هڪڙو درويش در تي آهو
چيائين: ٻ مانيون ڪاراءِ، تہ پٽ آءُ توکي ڏيندو
انهيءَ ڳالهہ تي سائين! مونکي اعتبار ئي ڪونہ ٿيو
پر هو جانب جلال تي، جنهن کٽي ڪرامت کي ڪيو
اڳينءَ وچينءَ جي وچ ۾، مونکي اولاد ٿيو
لڳيس پوبان ان فقير جي، جنهن جو ٿاني ڪونہ ٿيو
اٿي مرشد منهنجو اهو، جو ڦندين کي ٿو ڦر ڏئي.

١٥- حضرت موسيٰ وري مائيءَ سان، جلدي جواب ڪيو
تہ تون نانگي سان ٿي نينهن هڻين، اڳيان ڪو ڏينهن ايندو
واهڙ وَهي پيو وِرهہ جو، جيتي ڦرهوئي ڪونہ ٿيندو

آءٌ ۾ اتهين ڪنڌي آڪارينڌوسانءَ، پيو تو ڪي آڏو ڪير ايندو
هاڻ تہ روئي چوان ٿو ربّ ڪي، منهنجو صاحب سڏ سڏندو
چڙهي طورسينا تي، پوءِ وڃي ساجن سجدو ڪيو
قادر! تنهنجي قدرت جو، مونکي پَرو ڪونہ پيو
مون سان ٻول ٻَهُون ڪيئي تہ انهيءَ ماڻي ڪي پٽ لوح قلم ۾ آهي ڪونہ لکيو
پٽ تنهن کي پينگهن ۾، مون آهي اکئين رنگ ڏنو
حق درگاهہ سان حڪم وري قادر تنهن تي ڪيو
خدا جو خزانو عاشقن وٽ، الاڏي ڪتان هن ڪاهوڙي ڪنيو
ماريو آهيس ملائڪن کي، جن هتي حشر ڪيو
جيني آهي سودو سير جو ڪيو، تيني جون مرضيون مولي تو رکي.

١٦- چئي: هيءَ سنگت، هيءَ نبوّت، آءٌ ۾ عاشق ٿيندو
اهڙا غرض غريبن جا، وڃي ڏوري ڏهہ ڪندو
آءٌ ڀني پيٽ پاريندس، وري نہ تنهنجو وعظ ڪندو
تڏهن وري حق درگاهہ مان، حڪم قادر تنهن تي ڪيو
تہ هاڻ روئي وٽ رستو، اڳيان اٿي رڻ پيو
مست بيٺو اٿئي ميدان ۾، گوڏا گپ ڏيو
آڏي رکيو ويٺو آهي اڳ تان، آت واپار ڪسڻ جو
سير ڏٺي تہ سردار ٿئين، پوءِ وڃن اهي ڏيهن ڪي ڏس ڏيندو
نہ تہ بہ ٿون منهنجو دوست، جيڪي آهيم تو ڪي حڪم ڪيو
جي اثبات ڪرائين الله کي، تہ اٿي سارو جهان پيو

فقيرن جي ڦند کي، موسيٰ وري پوري ڪونہ پيو
اهي مست پڙهن ٿا معراج ۾، جن جو استاد الله ٿيو
انهن سان ريسون اهو ڪري پيو نہ هر ڪوئي
دوست ٿيو

هاڻي تہ نوناريءَ کي نيو، محابي محمد مير جي.
١٧- هاڻي رڙهي ورتئين رستو، وڃي چہ ٿبن ڏينهن چڙهيو
ملنگ ڏٺائين، ميدان ۾، ويٺي ڪاڙهن منجهہ ڪڙهيو
اکر ورنائين ’الف‘ سندو، پيو ڪهين ڪونہ پڙهيو
هتي لافون لڪ هٽي ويا، ڪو سوريءَ ڪونہ چڙهيو
هاڻ ڏڙ آچلائج ڏوڙ ۾، مير رٽ ۾ قربو
ڦري، ٿئين فقير، پوءِ موسيٰ! توتي مچ ٻريو
سوين سوين ٿا سڏون ڪريو، آچل سير آڏيءَ تي.
١٨- مرڪي موسيٰ آت، ادب آڏيءَ جو ڪيو
سر لاهي ٿو سجو ڪرين، پوءِ ڪيئن فقير ٿيو
فقيرن جي تن ۾ ترس، تو کي قياس ڏي ڪونہ پيو
لاهوتين جي لاف تہ ٻڌير، هاڻي اکئين رنگ ڏٺو
تون وڏين وڪٽين ويٺو، آهين نئون نئون نانگو ٿيو
آءٌ ڪوڪ ڪندس ڪاپڙي! تہ منهنجو صاحب
سڏ سڻندو

آڏيون ۽ ڪات تنهنجا، صبح جو ڦري ڦرائيندو
اج سيان ٿيندو، مقابلو انهيءَ ميدان ۾.
١٩- پوءِ ڪڍي خنجر هٿ ۾، آڻي فقير آيو ٿيو
چئي: مونکي ڏٺيءَ ويهاريو دروازي تي، هي آهي
عاشقن جو رستو

ڏسيو وڃجئين نہ تہ ڏک ٿيندءِ، تو کي پيو ارمان ايندو
تيل ترسيا هڪڙو، تيسين اچي گهوڙن منهن ڪڍيو
سوار ننيتي سردارهئا، جن جو منهن چوڏهين چنڊ چٽو
آڻي سير رکيائون آڏيءَ تي، کو مٿو مڙاريو

صمد جي تڪبير سان، پهرين حسن ڪئو
هاءِ هاءِ ٿي حسين لاءِ، ماتم انهيءَ ڏينهن متو
روءِ زمين جي وچ ۾، الستي روز وڳو
عرش ۽ آسمان سان، ڪارو مينهن وٺو
سير گڏيا سيرن سان، پوءِ عاشق آنهين اٿيو
پٽ پهاريو پرينءَ جو، وڃن ڇڪير انهين ڇڏيو
موسيٰ تنين کي مهنديان، اچي گهوٽ گڏيو
ڏيئي ڳل ڳراتي، چيائين اچي مونکي مڃيو
حسن مير حسين، وري آتي جنگن جواب ڪيو
هينئر بر حق اسان جو نبي آهين، اسان جو
پاڇاندو پوءِ پوندو
هينئر اها تنهنجي شاهدي، پوءِ سارو جهان سڏندو
ڪل، نبين جو تاج، جڏهن محمد تي ايندو
نيرمل تنهن جي نياڻي، هيءَ اولاد آهي تنهن جو
موسيٰ! تني کي تو دڙڪا ڏئين، آهي محشر جني جو
ڪلمي جو پهرو، اچي مهدي گهمائيندو ملڪ تي.
٢٠- ڪير فقير، ڪير سوار، ڪيني جو اٿئي
وهانو وڃايو
ڪسندي به ڏٺم، جيئندي به ڏٺم، وڃن پيا سير سيرن
سان گڏيو
حق درگاهه مان حڪم وري، قادر تنهن تي ڪيو
حق تي نبي، سچ تي امام، انهن تي هلي ڪونه هلندو
جيتي ڪوهه پيٽ پوندو، اتي مدد ٿيندو مصطفيٰ.
٢١- موسيٰ اتي مولي سان، وري جلد جواب ڪيو
تہ قادر! تنهنجي قدرت جو، مونکي پرو ڪونه پيو
ڏيئم ڏاتار تون وري، انت انهيءَ ڳالهه جو
تہ ڪير فقير، ڪير سوار، ڪيني جو هوءِ
وهانو وڃائيو

حق درگاهہ مان حڪم وري قادر تنهن تي ڪيو
تہ چڙهي آءُ طور سينا تي، اهو عالم اچي گڏ ٿيو
چڙهي طور سينا تي، اچي ساجن سجدو ڪيو
حضرت موسيٰ ڏيهہ ڏٺيءَ، ويٺي اڪئين رنگ ڏنو
اها مائي، اهي معصوم، اهي ملائڪ، اچي هر ڪوئي گڏ ٿيو

ڦري انهيءَ جاءِ تي، مائيءَ ڪُوڪريو ڪيو
تہ موسيٰ! هن جهان ۾، مون کي داناءُ ڏڪو ڪيو
پر مون چيو تہ جنهن پٽ مون کي ڏنا، سو منهنجو وارث ٿيو

حضرت حُسن ان جاءِ تي، مائيءَ سان جواب ڪيو
تہ پلصراط تي پير عليءَ جو، پيو دوست ڪير ڏيندو
فردوس جنّت خاتونءَ کي، ڏيج ڏاتار ڏيندو
عرش عظيم تي ڪرسي محمد جي؟ پيو ويهي ڪير وهندو

انهيءَ درويش جو دردر تي، دُونهون پيو دُکندو
الهڏني کي عالمين وٽ، ڪٽي مولي مست سڏيندو
اهو نوناريءَ کي نيندو، محابي محمد مير جي .

معجزو بادشاهہ پير جو

٢٢- دريا پير دادلو، ڪنڌيءَ اچي ڪڙڪيو
تڏهن مائي انهيءَ کي سڪي سوال ڪيو
ور ڏيئي ويچاريءَ کان، آتي پير پڇيو
سڏ ٻڌاءِ سور جي، تہ توکي ڇا ٿيو
ڇو پئي روئين رڙين؟ ڇو اٿي ڪُوڪريو ڪيو
انگ ڦاٽيون اڳڙيون، تنهنجو منو آگهاڙو
چئي؟ ذات آهيان هندواڻي، قسمت هيئن ڪيو
پٽ هئم هڪڙو تنهن جي ڪيم شاديءَ جو سعيو
پرڻائي وريس پوئتي، هڪڙو طوفان لڳو

ٻيڙو منهنجو ٻار ۽، نڪو نچ نيو
سورهن ڏينهن هيس سمنڊ ۾، مون کي لهرين ڪين لٿيو
ٻاويهين ڏينهن ٻاهر نڪتيس، ڪنڌي ۽ ڪانهن جهليو
اتي پير اولياء سي ڏوريم، غرض مون غريب
جو ڪنهن ڪونه ڪيو

هينئر ٻڌي هُل هاشمي جو، اٿم پيرين پنڌ ڪيو
تون آهين سردار ولين جو، توتي راضي رب ٿيو
تڏهن آءٌ پئي آزيون ڪريئين، هي تڏو آهي تنهنجو
نياز منجهان، نوناري چئي، مون ڏکيءَ ڪهڙو
ڏوهه ڪيو

محابي محمّد مير جي سون سان وڙ ڪجو
آءٌ ٻير پُڇان ٿي سو، جيڪو ٻڌيون اڪاري ٻيڙيون.

٢٣- روئي اتي رنڙيءَ ڀري فرياد ڪيو
تم تنهنجو ڏينهن هڪڙو، مون کي اچي ياد پيو
هئين شهر بغداد ۾، ڪنهن رنڙيءَ جي گهر رهندو
هئين شوق شڪار تي، ٿي وطن ڏانهن وريو
هو مائيءَ جو پٽ مري چڏي جهان ويو
تنهن شريڪياڻيون گڏ ڪيون، جن مڙي
ماتم ڪيو

تم موئي اچي ماني گهري، ان تي راڻي روئڻ ڪيو
روز جنهن سان راند ڪندو هئين، سو اڄ وڃڻ
لاءِ ويو

ملائڪ کي محي الدين! تون هيئن چوئين آسمان رسيو
روح ڏينم رنڙيءَ جي پٽ جو، جنهن سان اٿم انجام ڪيو
عزرائيل انڪار ڪري جُنبي جهيڙو ڪيو
چئي، روبرو ڏيندس رب کي، نه تم ڏاتار ڏمربو

پوءِ جيلاني تو جوش مان، هنيو هٿ ڪشتيءَ کي، وئين
سڀ روح ڪسيو
اتي مائيءَ کي وڃي روئندي پٽ هو مليو
عزرائيل وڃي حق درگاهه ۾ اهو احوال ڪيو
تہ هڪڙو آدم چوئين آسمان تان، ويو سيئي روح ڪسيو
عزرائيل کي حق درگاهه مان اهو جواب مليو
تہ پرچايو اٿئي تنهن پرينءَ کي، يا ٿي رنج ويو
آهن تہ ملائڪ ماڻهو مريد ان جا، وقت نہ تو ڪان ويو
پيڙو مونکي بہ ڏيو، محابي محمڊ مير جي.
٢٤- مُرڪي اتي مائيءَ سان، جنگ جواب ڪيو
مائي! ڪٿي مات ڪر، عقل تنهنجو نہ رهيو
يونان جي جهاز جو، توکي پرو ڪونہ پيو
تنهن ۾ ڪئين روح هئا، تنهن مان هڪڙو ڪونہ بچيو
باقي ماءُ ۽ پٽ جو، هڪڙو ڏرهو رهيو
حڪم ڪيائين عزرائيل ڪي، جنهن پڄي پورا ڪيو
ماءُ ٻوڙيائين ڪن ۾، باقي معصوم هڪ رهيو
سو ايڪيهه ورهيه هو سموندن ۾، جو لهرين کان بچيو
ٻاويهين ورهيه ٻاهر نڪتو، ساري جهان ڏنو
نہ ڪنهن جو مٽ مائٽ، نہ ثاني نہ شريڪ ٿيو
نہ ڪو اچڻ ڏئيس اڳڻ تي، نہ ڪنهن جو مزمان ٿيو
تنهن روئي پنهنجي رب کي، هو سڪي سوال ڪيو
تہ يا رب! آهيان خلقيو تنهنجو، اٿي مون ۾ ساهہ وڌو
پوءِ ان سائل جو بہ سوال قادر قبول ڪيو
روءِ زمين جو سڪندر ڪيائين، ساري جهان ڀڙو
پوءِ دنيا هئي دورنگي، اچي خزاني ڪنيو
مُرڪو نالو مولي جو، هئائين پاڻ تي سٽيو
ڀُونءِ جوڙايائين بهشت جي، جتي چندن پٽي چٽيو
حسين گهرايائون عورتون، سڄي سٽ سڏيو

مُنهن ۾ جنهن کي مٽيا هئي، چوڏهينءَ جو چنڊ چٽيو
پوءِ بہ ايمان آندائين ڪينڪي، بانُور ڪيس بُجڙو
چائنت چڙهندي قيد ڪيائينس، جو روئندو رت وهو
هت، تہ آهي ڏاهن ڏک ڏنو، ڪنهن جي ڪٽڻ تي
ڪين اچي.

٢٥- روئي تنهن رَنڙي، ڦريءَ فرياد ڪيو
پير محي‌الدين بادشاهہ! تنهنجو هڪڙو ڏينهن ياد پيو
تہ توکي سوا لک مريدن جو نڙي پيرين پيو
ڪاءُ ماني محي‌الدين! اُسان ڪارڻ وس ٿيو
چئي: ماني ڪائيندس ان جي، جيڪو پُٽ ڪُهي
منهنجي شينهن کي ڪارائيندو

اِهو ڪم انهيءَ جو، هٿ سارو جگ ڏسندو
اِتي مالهن چيو تہ هن پير کي ڪير پيرين پوندو
چئي: سوين پير پيغمبر هئا، تن کان بہ ائين ڪين ٻڌو
تون آهين اهڙو، جو وتين چاوا تکيندو!
سو تنهنجي انهيءَ ڳالهہ ڪري، ڪير پيرين پوندو؟
اُتي هئي هٿ مونن تي، ڦريءَ فرياد ڪيو
تہ ڪاءُ ماني منهنجي محي‌الدين! منهنجي ڪارڻ وَس ٿيو
چئي: ماني ڪائيندس اُن جي، جيڪو پنهنجو پُٽ ڪهندو
چئي: پُٽ دين دنيا ۾ اٿم هڪڙو، تنهن جي شاديءَ
جو ڪيم سعيو

پر جي اچي ڪم محي‌الدين جي، تہ مون ڏيڻ قبول ڪيو
ماڻي ڊوڙي پڇا ڪئي پٽ جي، تہ اهو ڪيڏانهن ويو
ٻڌي آواز انهيءَ دم اچي پٽس حاضر ٿيو
چئي: پُٽ! نو مهينا سانڍيو ماءُ پيٽ ۾، لي ورهيہ
ٿج پيتي تو
ماني جهليم محي‌الدين جي، تو کي مون ڪهڻ قبول ڪيو

چئي: آما! آءٌ اچان ڪم محي الدين جي، تم منهنجو محشر آ چئو
جي ڪاتي ڪٽي ڪهڻ لڳين، تم بہ ڪرڪڻ ڪم نہ منهنجو
پوءِ ڪنهي مائي پٽ کي، وڏي شينهن اکيان اچليو
ڪائي چڏيو شينهن سو، جو ساري جڳ ڏٺو
تم برابر انهيءَ جاءِ تي، ڪو ذرو پرزو ڪونہ بچيو
پوءِ ڪري ڪپڙا قيمتي، تنهن هار سينگار ڪيو
تنهن ماني تيار ڪري، ڏاڪونءَ کي ڏڪيو
ڪٽي آئي خوشيءَ سان، محي الدين ڏانهن سو
تم اکيان منهن سامهون، جڳ بادشاهہ هو بيٺو
آنسي هنن آواز سان هئو هن طرح چيو
تم مائي! ڪن جا هاجا هجي وڃن، تم ڪن کي موت ماري ٿو
تن انهيءَ افسوس ۾ آهي ڪارو ويس ڪيو
پر تو تم وٽ ڀين آٽاري ونواهہ مان، ۽ چج چيني مانءَ او
جو اهڙيءَ طرح آهي ڏس، تم پيڙئي پڻجي ويو
پٽ تنهنجو جوان هو، سو بہ قربان ڪيو تو
افسوس مائي تنهنجو، جو تو ارمان ئي ڪونہ ڪيو
چئي: سائين! هي تم هئو هڪڙو، اٿم قربان ڪيو سو
پر جي هجن ها لک، تن کي بہ مون ڏيڻ قبول ڪيو
هئو جا مائي ماني ڪٽي آئي، تنهن اچي عرض ڪيو
تم ماني ڪائو محي الدين! هيءَ مون ڪارڻ وس ٿيو
چئي: مائي! ماني ڪائيندس تڏهن، جڏهن تنهنجو پٽ ايندو
چئي: سائين! ڪنهايئي پنهنجي هٿن سان، سو ڪٽل ڪيئن ايندو.
چئي: مائي! تون اچو پوش پٽ تي ڌاري رک سگهو
پوءِ مٿان بيهي پوش جي، سڏ ڪر پٽ کي سگهو

پوءِ پُڇ احوال ٻُڌ ڪان، تہ توسان ڪهڙو وقت لڳو
چئي: آما! هڪڙو لاهوتي لا مڪان منهنجي سامهون ٿيو
اهڙو مڪان مون هئو اڳي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو
پيو ڏٺم رسول سچو، جنهن جو معراج ملوڪ رهيو
ٿيو حسن مير حسين هئا، جن جي ڪچهري قائم ووا
چوٿون پير محي الدين هئو، جنهن وٽ مون ڪسڻ قبول ڪيو
انهيءَ قربان ٿيل شخص کي بغداد ۾ بادشاهہ پير پرٿائيو
اهو ڏسي اسرار، سوا لک مريدن جو حيرت منجهہ پيو
پيرن منجهہ ڪريو، اچي محي الدين مير جي.

جمعو ٻارچ

جمعو، ذات ٻارچ، مٽيارين جي آسپاس جو ويڳل هو. چون ٿا تہ هڪ دفعي مال چارينديءَ درياءَ تي ويو، ۽ ڪُن ۾ ڪري پيو. ڪُن مان نڪرڻ کان پوءِ سندس ذهن جي حالت بدلجي وئي. فقيري اختيار ڪيائين، ۽ بيت چوڻ لڳو. سندس بيت نڙ تي ڏنا ويندا آهن. اٽڪل ويهارو سال اڳ، سنہ ١٩٤٥ع ڌاري وفات ڪيائين. اٽڙ هيل هو. سندس بيتن مان بادشاه پير جي معجزي، ۽ 'جمجما سلطان' جا بيت مشهور آهن. هتي سندس ڪجهہ بيت ڏجن ٿا.

ساراهہ

١- ڪامل ڏينهن قيام جي، باري ڪٽندو بار
حضرت آدم کي ڪٽو ڪارائي ڪڍڪ جو،
ڪيائين بيبي حوا کان ڌار
ڪٽي عيسيٰ، ڪٽي موسيٰ، ڪٽي لڳي طورسينا
کي تار
ڏنو عيب ايوب کي، ڪيئن جو قهار
حضرت يونس پيٽ مڇيءَ ۾، نيائين نگهوسار
بچايئين حضرت ابراهيم کي آڙاهہ کان، هٿ
ڏيئي هڪار
آئي ڪاتي حضرت اسماعيل تي، تڏهن اضحيٰ ٿي اظهار
حضرت يعقوب کي پٽ کان، ڇني ڪيائين ڌار
يوسف وڪڻايو شهر مصر ۾، سوا ڪسيري ستار
پيڙو نوح نبيءَ جو، چڙهيو الله جي آڌار
ذڪريا تي ڪرٽ وهايو، قادر پاڻ قهار
حضرت ادريس ويٺو بهشت ۾، وير وڏي ويچار
خواجه خضر حيات نبيءَ جا، آهن درياهہ مٿي ڏڏڪار
عاشق حضرت الياس هو، جنهن جا برن مٿي بار

---

* [١] هي بيت ٻچي کور ويڳل لنڊو قيصر زباني قلمبند ڪيو ويو.

زيور لاٿئين حضرت دائود تي، جوڙ وڏي جنسار
تخت حضرت سليمان جو، جنهن ديون تي دهڪار
سيفل لوڙها يائين سير ۾، جتي لهرين جي للهڪار
شمس تبريز جي ڪل ڪلائي، قاضيءَ هٿ قهار
منصور ڪي سوريءَ تي، ڏنو پئي ڏاتار
عاشق ابو صالح هئو، جنهن کي طلب اندر ۾ تار
جمجما سلطان وٽ هئا هاٿين جا هنبيار
اُن جو به ڏڙ لٽايئين ڏوڙ ۾، پئي مٽي جهلي مار
سيسهي کي سَو سال ٿيا، پيو نيٺين وهائي نار
ڪٿي شان سڪندر جو، ڪٿي دارا جو دهڪار
ڪٿي حاتم، ڪٿي اڪبر، ڪٿي عالادين جا آر
ڪٿي دودو، ڪٿي چنيسر، ڪٿي وڳهه جا وينجهار
عاشق پير آويس هو، جنهن ڏند ڪڍيا ڏاتار
سنگتي هو سردار جو، جنهن سچاڻا پرينءَ سندا پار
ڪٿي عبدالله، ڪٿي ابوطالب، ڪٿي عباس علمدار
ڪٿي امير حمزو، جنهن کي حورن پڙا هار
ڪٿي مطلب، ڪٿي منارا، ڪٿي ڏسان هاشمي هيڪار
ڪريم جي قدمن جو ڪنيو بادشاهه پير بار
هتان سوداگر سوين ويا، لڏي لک هزار
مون جهلي آهي داڻون دستگير جي، ٿيندو وڏو پير وهار
رهبر آهن رسول جا، چارئي چڱا يار
شير شهادت رسيا، وڃي ڪربلا جي ڪنار
هو پنهنجن جون پر ڪائون لهي، ڏيهه ڏٺي ڏاتار
انڌو ابوجهل هو، جنهن ڪاڻي وڃن ٿا ڪار
سو تڙجي ويو تڙن تان، ڪين ڏٺئين دين سندا ديدار
پارس پيدا ڪيو پيغمبر کي، جو عالم جو آڌار

اهو جڳ جا، جمعو چئي، ٻاري ڪٽندو ٻار
ٻانهي هن، ٻارچ جي، سيد لهندو سار
ڪلمي جي آڌار، جوڙيئين عاشق جهان ۾.

معجزو ٻادشاهه پير جو

٢- ساراهيان سچو ڏئي، جو هادي حمد حڪيم
الف نام الله جو، محمد خلقيئن 'ميم'
سارهه ڪريان سبحان جي، جو قادر آهي ڪريم
چارئي يار رسول جا، جن درس وڌايو دين
سارو جڳ ڇٽندو، جمعو چئي، ايندو احمد جام امين
ڪندو ڪرم ڪريم، ٿيا سٽاوا سير ڏي.

٣- ٿيا سٽاوا سير ڏي، ڪنڌيءَ ڪناري
هن جو ساٺ سمنڊ ۾، سا سچن ڪي ساري
گولي انهيءَ غم ۾، هنجون پيئي هاري
هلي ڏس حبيب ڪي، تون نرمل نهاري
ڏاهي هن کي ڏس ڏنو، ڪامل ڪوهياري
تہ وڃي ڏس معجزو محي‌الدين جو، جو ويا ٿو واري
انهن پيڙن جا، ٻارچ چئي، ڪيندو تختا سڀ تاري
نرمل نهاري، در نہ ڇڏج دستگير جو.

٤- در نہ ڇڏيائين دستگير جو، جيڪو ننگ سڃاڻي نام
هن جو ويو ساٺ سمنڊ ۾، ڇڇ ڪٽي ڇام
دهل، ڏماچا، ڏوڪڙي، سوين هٿا سامان
واءُ لڳي وانڌڪو ٿيو، ٿيا ڏڏڪارا دوفان
اوهيرا ٿيا اتر ڪان، گوڙون ۽ گهمسان
ڪنوئين ڪيل ڪڙا ڪيا، ٻڌا تاءُ طوفان
پيڙن جا، ٻارچ چئي، هنن سولا ڪيا سڪان
ڪل پيئي ٿي ڪانہ، ڪا ساموندين کي سير جي.

* [٢] ڪان [١٤] تائين بيت محمد طالب لوهار (ٺنڊو باگو)، محمد بچل (ٺنڊو جام) ۽ قاضي نور محمد (مٽياريون) ڪان مليا.

٥- سامونڊيءَ سيرَ جي، هئي قاصائڪي ڪار
مصطفيٰ معراج ويو، سيني جو سردار
احمد پٽ عبدالله جو، هو سونهن پريو سردار
ويو آڏامي عرش تي، باري ڪنيس بار
مرسل ڏنو ملائڪ هڪڙو، جنهن جا هئا منهن چار
هڪ منهن واسينگ جهڙو، پيو هاڻي چون هنيار
ٽيون مثل ماڻهو جي، چوٿون ميهي جي مقدار
اڪيون اڪين سامهيون، مٿي ڪنڌ ڪپار
آهو هادي چڏيو هاوي تي، ڪري ڪامل ڪنجيدار
ڪريم جي قدمن جو، ڪنيو بادشاهه پير بار
تڙ وڏا تلاءُ گهڻا، تڪيا سيئي تار
هڪ قطار ويئي ٽي ڪيچ ڏي، جنهنجو پر و نڪو پار
جوان پڇيو جبرئيل کان، ته پانڌي! ڏي ڪو پار
چئي: هن جي خبر خاوند کي، منهنجي قاصداڻي ڪار
تون آهين مالڪ ملڪن جو، ڏيهن جو ڏاتار
تڏهن ڪامل آن قطار مان، چوڙي آٽ مهار
ويهر ويهاري وچ تي، ڏنا پيتيءَ سندا پار
لاٿين ڪرف صندوق جو، ته آن ۾ آنا هئا اپار
ڏنائين قدرت ڪريم حي، الاهي اسرار
هڪڙي ڪي هئي سڪ سردار جي، جنهن تان لاٿي محب ميار
ملائڪ مرسل اڳيان، هئا حاضر ڪئين هزار
جڳ جا، جمعو چئي، تون باري ڪنڌين بار
ٻارچ، هن ٻانهي جي، ڪا سيڊ لهج سنيار
حورن پاتا هار، محلين آيو مينڌرو.

٦- محلين آيو مينڌرو، ستاويهين رات سوير
آرڙهن ورهيه لڳا احمد جام ڪي، پرين گهمايا پير
شير شهادت رسيا، مانجهي مرد مٿير
ڪربلا ۾ ڪوس ٽيو، ورتئون ويرين کان وير

آيو محمد حنيفو ميدان ۾، پــڙڪا ڏيئي پير
لاهــوتــي لــڏي ويــا، هتان هينئر هير
مائي! وچ تون محي‌الدين وٽ، جو ڦرهن لاهي ڦير
جانبن لاءِ، جمعو چئي، تي ڇڇي پاس ڇــڳير
اي دانهه پير دلير! مونکي ٻيڙو ڪڍي ڏي
ٻاجهه سين.

٧- ٻيڙو ڪڍي ڏي ٻاجهه سين، ڏس هيٺيءَ جا حال
روئان تــي رت ڦــڙا، جر هاريان تي جال
پٽ هئم هڪڙو، جنهن کي سامائي تيا ســال،
سعيو ڪيم شاديءَ جــو، ڪوٽ ڏنيم ڪال
پت ته پائڻ ڪاڏو، تــي سڏايا مون سيال
دهــل، ڏماما، ڏوڪڙي، نــاچو هئا نهال
ٻريون بندرن تي بجليون، ۽ هــزارين مشعال
چٽيهه ٽوٽيون چني ۾، پيا طنبو آڏايــم تــال
بــورچي بيشمار هئا، پيا ميٺايــون ۽ مــال
سالين هن کي سات ڪيا، پــڙا ڪٽي پــال
لاٽئون ميندي ميرڪــي، موڙون آن مهال
ڀڙهيو نڪاح نيڪ جــو، ملن ڪائي مــال
گهوٽ چڙهيو گهوڙي تي، رکي خوب خيال
سرگس ويل صبح جي، سنک ٻريا تي ســال
وڏائون گهورون گهوٽ تان، ماڻڪ، موتي، لعل
سهڻو آڻي سيج تي، راڻهي ٻڌوئونس رومــال
لائون ڏنائون لاکيٽي کي، ڪري پلايون پال
ساري جڳ جي، جمعو چئي، سيڏ! ڪج سنيال
ڪٽي ٻڌيون ۽ مال، سنبريو ساهــرن مــان.

٨- سنبريو ساهرن مــان، ڪنڊون ورهائي ڪير
ناڙهي ڪنوار ڪجائي ۾، آتاريــا آٽ امير
ناچــو نچندي آئيا، ڦيريــون ڏيندي فقير

سوين هيون سَرنائيون، آيا وڃائيندي ويـر
پيڙا ڇوڙيائون، ٻارچ ڇئي، هليا سامهون متي سير
واءُ لڳو واڪو ٿيو، لڳي آتـر هير
ناڪئن ناتاريون ڪوڙيون، پيڳا جنگ جنجير
ستون ڏيو سڪانن ڪي، ونجهه هٿن تا وير
ڦرها ان جا ڦارون ٿيا، تختا پيڳا تير
مدد محيالدين ٿجانءِ، تون آهين پيران پير
انهن جانبن لاءِ، جمعو ڇئي، تي نيڻ وهايان نير
سات سجوئي سير، هن گوليءَ جو گئون ٿيو.
٩- گوليءَ جو گئون ٿيو، تي نيڻ وهائي نار
پيڙو ڪڍي ڏي ٻانهي جو، گهلي منجهان گار
مائي! وچ مات ڪري، تون نياڳي نڪار
هٿي جي هتي اچي، ڪنهن نه ڏني خبر چار
جن لئي آپ، يُونيون، آسمان، جڙيا سڀ جنسار
قطب، تارا، ڪتيون، ٻيا سج ۽ چنڊ هزار
نڪا ٿني ٿوٽي، نڪا ڪامل هئي قطار
بيٺا آهن بنيا، سڀ محبت سين موچار
حسن مير حسين هليا ويا، باري ڪئي بار
پٽ ويو اٿي هڪڙو، تنهن لئي ڪرين تار
ٻيا جي ڪوڙين گهورين ڪيترا، هيڪاندا هزار
ان جي جوڙ، جمعو ڇئي، توڏي منڌ ميار
نرمل ئي نيهار، در نه ڇڏيندس دستگير جو.
١٠- در نه ڇڏيندس تنهنجو، پيرا! ڏيئين ٿي پار
هڪڙو جو گيندڙ هو وجود ۾، جنهن ڪيو لاڏاڻو لار
جنهن جو منجو ڪئي ويا مقام تي، ڪانڌي ڪري قطار
پوري آيس پٽ ۾، جت قبر ڪارونيار
قاضي ڪريمن جي، ڪئي پڇاڻي جي پچار
ڪهڙو الله رسول تنهنجو، ڪهڙو سچائين سردار؟

چئي: نڪو الله، نڪو رسول، نڪو سڃاڻان سردار
مريد آهيان محي‌الدين جو، جنهن باري ڪنيو بار
تڏهن مٽاڪن موتي رب وٽ، گويا ڪئي گفتار
تہ نڪو سڃاڻي الله ۽ رسول کي، نڪو سڃاڻي سردار
تڏهن حڪم ٿيو حق جو، تڪڙو ٿي تيار
تہ ڏيوس جاءِ جهنم ۾، هتي ڪات قهار
منڪر نڪير نياز مان، وريا وٽ وينجهار
آيا مرد مقام تي، قبرن جي ڪنار
تہ سيراندي‌ء ڪان سيد هو، جيلاني جهونجهار
چئي: مون سڃاتو الله ۽ رسول کي، ۽ سڃاتم سردار
ماري ملائڪن جا، ڦريائين سڀ هتيار
تہ هن کي ڏيو جاءِ جنت ۾، حورون ڀڙنس هار
نہ تہ پڇي دروازا دوزخ جا، بهشت ڪندس بيمار
ڪري دانهن درد مؤن، اٿيارينڊس قيامت جي قطار
جڳ جا، جمعو چئي، تون باري ڪٽندين بار
ٻارچ، هن ٻانهي‌ء جي، سيڊ لهج سنيار
تون اهڙو جيلاني جبار! جو ڪئي بار بيوڙن جا.
١١- بار ڪئي بيوڙن جا، آءٌ ويرا! هٿندي سئين ونگ
پلاند اٿئي پنجن تنن جو، ٻيو نمائي‌ء جو ننگ
ساري ڄمار سمنڊ تي، ويٺس جهولا وٺيو جهنگ
ان نہ وٺي ارواح کي، اڳڙيون ڦاٽيون انگ
سڄڻ ويا اٿم سير ۾، جن جا سور اندر ۾ سنگ
مائي! وچ مات ڪري، تون نياڳي نسنگ
ٻارهن ورهيہ ٿيا ٻيڙي‌ء کي، جنهن جا ڦرها ٿي ويا ڦنگ
ڪائي ويا مچ ملاحن کي، ٻيا ڪرٽي ويا ڪنگ
تن جانبن لاءِ، جمعو چئي، آهن داغ اندر ۾ دنگ
ڇڏي ريهاڻيون ۽ رنگ، جو ڳي ويا هن جهان مان.

١٢- جو گهي ويا جهان مان، پر پيو بہ ڏيئين ٿي پار
هڪ مهنتو نڪتو مائٽن مان، جنهن وهٽ گهوليو وينجهار
ويو جتن وٽ جوءِ ۾، رکيئن اوٺين تي آر
دايو هن کي دُز گڏيو، جنهن پڇيس خبر چار
گڏهہ توکي گريب ڏيان، جو تکو هلي تار
هندو اچي هٽ تي، چيو پوريءَ کي پتار
تہ گڏهہ ڪيو اٿر گولي جو، جو آهي پاڙي منجهہ پهار
جي بدُو مون تي بدليو، تہ ڪندو اُلٽا آچار
وٽ هٽ حضرت پير جو، هلي تون هيڪار
تڏهن ويساهہ ڪيائون، عاشق تي اعتبار
چڙهي ويا چورن سان، آيا جهنگ وٺيو جهونجهار
تڏهن هن ماري وڏو مهتي کي، ڪري ڏڙ سسيءَ کان ڏار
جهڙپ ڏيئي جهلي تنهن، ناز پري نار
تہ ور ڪهايو اٿئي وات تي، ٿي تاليءَ رَا ڪرين تار
تون چڙهئين بغداد کان، ڪري سنج سوار
تو ماريو تنهن مروان کي، ڪري ڏڙ سسيءَ کان ڏار
واٽيو اٿاريئي وات تان، لڏئي سونارن جي سار
ملايئي ور ونيءَ کي، تون اهڙو جيلاني جبار
جڳ جا، جمعو چئي، باري ڪٽين بار
ڪامي جي قطار، تو اهو بہ جياريو جڳ ۾.
١٣- تو اهو بہ جياريو جڳ ۾، آءٌ ٿيون بہ پار
ڏيئين سرور هئي مائي شهر بغداد ۾، جنهن کي ڇهہ نياڻيون ڇَر

ستون ويٺي هئي سنجهي تي، ڏيو ٻتين سندا ٻر
حڪم ٿيس ته ستين به چايئي نياڻي، ته ٿيلهي
چڏيندوسئين ٿر
قادر جي قدرت سان، آن ڪي پرور ڏني پاڪر
تڙائي چڏيئينس تخت تان، آئي جهنگ وٺيو
پئي جهر
توڻ منهن ۾ گڏئينس محي‌الدين! راهه متي رهبر
روئي توڪي رپورٽ ڪيائين ته منهنجا ڪهڙا
ڏوهه ڏمر
مائي! پٽ تنهنجو پير ڪيو، وڃي گهوري
وَساءِ گهر
انڌو ابوجهل هو، جنهن ڪيون خرابيون خر
جوڙون جوڙي جيئندو، ڪيو جادو جادوگر
پڄ پيرا پٽ ڪيائين، ڇهين پيرا نياڻي نڌر
تنهن کي به ويري وات تان، گهلبو آيا گبر
تنهن کي به منهن ۾ گڏئين راهه متي رهبر
تنهن به روئي رپوٽ ڪئي ته اڳي ڏٺئي هيچ
هينئر گڏي چڏيئي گوندر
مائي! ستئي پٽ تنهنجا صاحب ڪيا، وڃي وٺ
پائرن سندا ٻر
اهي ڦرندا ڪين فقير، جيڪي ناٿ جوڙيا آهن نر
مير توسان مائٽيون ڪندا، سڏي سڀ سڪر
وڃي ڪر جاڻ ڄاڻين ڪي، ۽ ڇنا آڏاءِ ڇپر
وڃندا دُهل تنهنجي در تي، ايندا لڪين لشڪر
ٻانهي هن، ٻارچ جا، سڻا سڏ سرور
آءٌ به ڪانه چڏيندس در، جو نياڻين مان
ٿو نڙ ڪرين.
١٤- وڃندا دهل درياءَ تي، گولي چڏ گمان

هنڌواڻي هلڪون ڪري، آئي منجهه اسلام
ڪلمون پريو آهيس قلب ۾، مٺا محمد جام
سڏي ملاح گڏ ڪري، ويهي ڪيئين باب بيان
ٻيڙو ڪيو هن ٻانهيءَ جو، جلدي ڪريو جوان
ٻڌي جنهن کي ٻاويهه ورهيه ٿيا، سڙيا سڀ سامان
ڪائي ويا مڇ ملاحن کي، ڦٽي ويا ماڳ مڪان
نه ته ٿيندي دانهياڻي درٻار ۾، متان ٿئي ڪاري قيام
جڙ مٽي، جمعو چئي، ڪيوس ناتاريون ۽ نيشان
ڏسندا جڳ جهان، نڪرندو گوليءَ جو ٻيڙو ٻار مان.

سنڌ جي ولين، درويشن جي ساراهه

١٥- ساراهيان سچو ڏٺي، ساراهيان سبحان
"مست علي شاهه" ميائيءَ ۾ ٿو ڪامل پڙهي قرآن
عاشق "ابوالباب" جي، ٿيان قدمن تان قربان
مانجهي "ميهر شاهه" کي ڏنو مشائخ مان
"يوسف شاهه جيلاني" آهي جنگ جوان
"راٽو" جو روم ۾، سو آهي سوپارو سلطان
سهڻو "شاهه صدر" نديون جنهن جون نيشان
پارس "پير پکي وارو" جنهن جو بر مٽي بيان
پرين "پهلوان شاهه" سان ٿو وسي "معشوق پوٽي"
جو مڪان
قرارو "قطب شاهه، جهانيا پوٽو" جوان
سوپارو "سرفراز" جنهن جو باريءَ وٽ بيان
"متارو پير" هن ملڪ ۾، جنهن جو ڪنڌيءَ
۾ ڪلام
جيئي "شاهه جنگ" جنهن وسايو مچيريءَ
وارو ميدان
باري "باقر شاهه" ٽاٽي، جنهن جو ٿر مٽي ٿان

غازي پير "گل شاهه" جيڪو ڏي پيڻ ۾ پهلوان
"سخي شيخ نورڻ"، نالو جنهن جو نشان
باري "شاهه عمر بودلو"، جنهن جو ڏيهه مٿي ڏان
عاشق "شيخ الياس" جنهن جو چوڏهين وسي
چؤ گان
"ميون موسو" انهيءَ ملڪ ۾، جنهن تي ڪريم
جو ڪلام
"ٻارهن گرئهي" ٻارچ چئي، ڏنو آهي، "شاهه گرئي"
کي شان
"حاجي پير حسين شاهه" اگهيماڻيءَ ۾ امام
جڳ ڏٺيءَ وٽ، جمعو چئي، ڏنو اٿم امتحان
ميرو وٽي ميدان، ڪاهيو ڪربلا ڏانهن.
١٦- ڪاهين ٿا ڪربلا ڏانهن، ٿو ساراهيان سبحان
عاشق "عثمان شاهه"، آهي ويرو وريام
سهڻو شاهه سيراچي، "جيوڻ شاهه" جوان
"چڳو شاهه چند"، جنهن تي راضي رب رحمان
قرارو پير "ڪندار شاهه" جنهن ڏنو "شيخ ٽير"
کي شان
"سخي هاشم شاهه" آهي ڄاڻندي جو ڄام
"رتو شاهه رڪن"، نعرو جنهن جو نشان
باري "بچندو شاهه"، جنهن جو مٿيارين ۾ مڪان
عاشق "پير اکڻ"، جنهن کي شاهه ڏنو آهي شان
رهبر آهي روهڙيءَ ۾، "جيئل شاهه" جوان
وڏو پير ونجهيريءَ وارو، "نور شاهه" نشان
سويارو "سچل فقير"، درازن ۾ دوران
باري "بولا شاهه"، جنهن جو مڪي منجهه مڪان

[١٠] ڪان [١٩] ٽائين بيت وچولي (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد ڪان مليا.

"مصري شاهه" انهيءَ ملڪ ۾، "مهدي شاهه" امام
ڇهي ۾ "چٽن شاهه" ڪامل پڙهي قرآن
جنگ "جمن شاهه"، جنهن جو رکيو مولهي مان
موچارو "محبوب شاهه"، جنهن تي قريشيءَ
جو ڪلام
يوناني پير "جهنڊي وارو"، جنهن کي ڏٺي
ڏنو ڏيان
"لعل قلندر" لاڏڪو، نيزو جنهن جو نشان
"بودلو بهار"، جنهن کي شهباز ڏنو آهي شان
جانين جو، جمعو چئي، مونکي امامن جو ارمان
صغيرن جو سامان، ملائڪن آندو مديني ۾.
١٧- ملائڪن آندو مديني ۾، آءٌ تو ساراهيان سبحان
هزارو پير "حسن بخش شاهه پنجو"، پهلوان
عاشق "عبدالرحيم گرهوڙي"، وسي تو مڱرئي
جو ميدان
سهڻو پير "سهرجن شاهه" خميسو خان
لائق "لعل لطيف" آهي سرور سلطان
عاشق "پير آچاري"، نيلون جنهن جون نشان
سوپارو "صاحبڏنو شاهه"، ٻڌو بانڪي جو بيان
عاشق "ابراهيم شاهه"، پارس پرڻو جاءِ
مانجهي "ميول شاهه"، ڪڏڙي ۾ آخان
سالڪ "صديق محمدشاهه"، "ولايت شاهه" وريام
يوناني "پيرجهم"، جنهن جو مڪليءَ تي مڪان
آهي گهوٽ گهلين ۾، جنهن سان وسي تو
"محمد علي شاهه" جو ميدان
جوگي "جميل شاهه"، "نانگو شاهه" نشان
"تاج محمد" طريل آهي، سالڪ سرت سجان
"بادشاهه پير" بغداد ۾، سونهارو سلطان

”حسن مير حسين“ جي، قدمن تان قربان
چارئي يار رسول جا، جن جو درس ٻيئو ايمان
ڏسان ڪنڌيون ڪربلا جون، جتي معصومن جو مڪان
حج پڙهان حاجين سان، ٿئي مديني ۾ مڪان
پيراندي ٿيان پرينءَ رسول جي، ٿئي راضي ربّ رحمان
پارس پيدا ڪيئي پيغمبر ڪي، جيڪو امت جو ضمان
جانبن جو، جمعو چئي، مونکي امامن جو ارمان
ڪلمون دين قرآن، ٿيو راس رسول تي.

١٨- عاشق ”اسدالله شاهه“، جنهن جو ڪُن مٿي ڪر
”شيخ ريحان“ جگ ڏئي جواڻ، جنهن جو پاڻن مٿي ڀر
”مراد شاهه“ مانجهي، دانڪه دلاور
عاشق ”آميدن پريو“ ”چٽو پير“ چپر
تخت ڏئي ”شيخ طاهر“، آهي صاحب سوداگر
ڏيهن ۾ ڏيو ”ڏاتار“ جنهن جو نٿو سُڪي ڪاتيءَ ڪپر
بڙو پير ”غوث بهاء الدين“، جنهن جو نعرو نشانبر
رهبر راڻي پور ۾، آهي ”صالح شاهه“ سڌر
ٻانهي هن، ٻارچ تي، ٿيندو نبيءَ جو نظر
پار اڪاريندو پرور، ٿينداسون روءِ رسول جي.

١٩- ٿينداسون روءِ رسول جي، تون وارث! ڪج ور
وُٺو مينهن محبت جو، ڪربلا ۾ ڪڪر
خاصو پير ”خدا ڏنو“، آهي نصرپور ۾ نر
”قائم الدين“ قرارو قلندر، جنهن وسايو بڪيرن وارو بر

پارس "پير پٿورو"، آهي سيني جو ستگر
رتو "راضي شاهه"، جنهن جو مٿهراڻي تي مدر
سوپارو "سمن شاهه"، جنهن تي هٿ رکيو حيدر
پرين "پاڪ سنگهار"، ويـر وِالهوڻو ور
شاهي شان "شيخ پرڪئي" ڪي، جنهن جو
لڏاڻي لشڪر
"نظر محمد" نوراني، عاشق آريسر
پلارو "پاون شاهه"، بديڻن ۾ برابر
ڪوئنجي ڏئي قرارو "ساجن سوائي" سڏر
غازي "غلام شاهه"، جنهن جو ٿان به آهي ٿر
ماڙين ۾ "مغليين" "صوفي" سوداگر
جو ڳي "جمال شاهه"، "گنبل شاهه" گوهر
پارس "پير پٿو"، آهي ننگر پاسي نر
مونکي يادگيري "شاهه يقيق" جي، جنهن تي
نوح فقير جو نظر
مٽڪ ڏئي "ميران شاهه"، جنهن جو ٿي ڪوهه
مٿي ٽڪر
ڪاهڙ ۾ "خواجه اجميري" جنهن جون نيلون نشانبر
حسن :مير حسين لاءِ، ٿو جال وهايان جر
محمد حنيفو ميدان ۾، اچي نعرو هڻندو نر
ڪورٽ آت ڪريم جي، هلائيندو حيدر
چارئي يار رسول جا، آهن باري برابر
عيبدار آڳي ٿيندا، جن کي پار اڪاريندو پرور
پانهي هن، پارچ تي، ٿيندو نبيءَ جو نظر
انهيءَ جوڙ، جمعو چئي، ڪين ڇڏيندا سون در
سهنج ڪندو سرور، ڪامل ڏينهن قيام جي.

مارئي

٢٠- ساراهيان سچو ڏئي، ساراهيان سبحان

قادر پنهنجي قدرت سان، آهي جوڙيو جڳ جهان
نبي پيدا ڪيائين نُور مان، مٿو محمّد چـــام
روح جڙي راس ٿـيا، ملڻو مـٽيءَ کي مـــان
موڪل ڏي تہ ملير وڃان، ڏسان ٿاريلن جو ٿان
عمر! منهنجو ڀاءُ ٿئين، تو کي نفس ڪيو نادان
ڪڍي ڇڏ قلوب مان، اهو ڪوٽائيءَ جو ڪام
پوندئي ڪم قبر سان، جتي مَلڪن جـو ماتام
ٻانهياريءَ جو، ٻارچ چئي، ٿئي مديني منجهہ مقام
لوئيءَ جي لڄ رکندو لطيف، شاهہ اڳيان شان
جانبن جو، جمعو چئي، مونکي امامن جو ارمان
اتي هلي ٿيندين حيران، جتي ورندو واءُ وصال جو.
٢١- ورندو واءُ وصال جو، اتـي هاڙي لـڳندي هير
وٽا مينهن مُهراڻي تي، ٿيون ڳاڳيون ڳم ڳنڍير
ڪنيون آهن ڪاهـڙ ۾، ٻيا مُنـگها منجهہ ملير
آتـي ڪير ڪٿيرين جـــا، ولـــوڙيـــن وزيـــر
اچن پنهواريون پاڻيءَ تي، سامهون ڪريـو سير
ٻاڏهيارين جي، ٻـــارچ چئي، پت رکج پـيـر
سانگياڻيءَ سان سومرا، ٻـڌا اٿئي هاڳاما حميرا!
مـــون جيڏيـون ملير ۾، پين پبس پنـيـــر
هٿ ڪرسي پـونـدي ڪريـم جـي، مرهاڙي
تُرندي مير
جَنجيرن ۾، جمعو چئي، ٿي نيڻ وهائي نـيـر
ميان! منجهہ مـلير، اڳـ نـہ ڏنـم ايـتـرو.
٢٢- اڳـ نـہ ڏنـم ايترو، ڏس پـلي جـا پـال
مارو ميٽ ملير ۾، منهنجا سانگي سٽي سـبـال
ڪڍ بنڍياڻي بند مان، جنهن کي نيئر هنيا اٿئي نال
ٻڪر ٻـاٻـاڻـن جـــا، آهـــن لـــوهـاڻيا لال
گهيٽا پاس گهرن جي، ڇيلا ڏين ٿـــا ڇـــال

وڃون وسڻ آئيون، ڪڪر سيئي ڪال
ڏٺ اباڻي ڏيهه جو، چونڊين ڪنبو ٿا ريليون ٿال
مدد منهنجي محيالدين، ٿج تون جيلاني جلال
سانڍ نه هلندئي سومرا! طنبو اهي تال
لوئيءَ جي لڄ لطيف رکجئين لاهوتي لال
جنجيرن ۾، جمعو چئي، ٿي جر وهائي جال
ماڙين منجهه مقال، ڪري سارو ڏينهن سنگهارن جي.

٢٣- سارو ڏينهن سنگهارن جي، آت لڳي ٿو واءَ
آهيان ٿاريلي ٿر جي، ويڙهيچن جو ويساءُ
ڪيڏ بنديائي بند مان، مون ڏکيءَ ڪهڙا ڏوهه ڪيا
ڪتڻ واريون ڪوٽيون، مون ڪان پُوٽيءَ جو پڇندا
سج لهي سانجهي ٿي، پورو نه ٿيو پاءَ
چارئي يار رسول جا، آهن ڏيهن منجهه ڏيا
آهن رتيون ماسا آت رکيا، جتي توراڙا ٿرندا
اُن جڳ تي، جمعو چئي، ٿيندي دستگير جي دعا
هيت ڪرين ٿو دُز دغا، هُت ٿيندين ڪانيارو
اڳيان ڪريم جي.

٢٤- ٿيندين ڪانيارو ڪريم وٽ، تو ڪيا آهن ٻول ٻيا
عمر! اسان جي ڏيهه ڏانهن، آهن پوکن منجهه پيها
مارو ميٽ ملير ۾، منهنجا سانگي سڄڻ سيا
خان! ڪنيئي ڪوهه تان، توکي حاڪم نه ٿيو حيا
ڪيئن ٽڪندي ڪوٽن ۾، جنهن جو پڪن منجهه پساهه
پيءَ ٻنهين جو هڪڙو، ماڻهي سندي ماءَ
ڪڏهين ٻڌيسون ڪانه ڪا، ته پيڻ پرٽيو پاءَ
جنجيرن ۾، جمعو چئي، مون هڻڙا حال ڪيا
ويڙهيچا ڪين وريا، سانگي آهي سومرا!

٢٥- سانگين پاسي سومرا! لُڪ لڳي ٿي لار
مارو ويا آهن مال سان، پهري پٽ پنهوار
وُنا مينهن ملير تي، ٿي مُهراڻي ملهار
اچن پنهواريون پاڻيءَ تي، ڪونجيون ڪري قطار
ساڻ ڦل سڳن ۾، ٻيا هَس ڳچيءَ ۾ هار
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، اٿن بازوبند ٻهار
ٻانهيارين جي، ٻارچ چئي، سيڊ لهندو سار
ڪنن ساڻ ڪوڪار، ٻڌان شال ٻڪرار جي.
٢٦- ٻڌان شال ٻڪرار جي، آتي لُڪ لڳي ٿي لُوهه
وُنا مينهن ملير تي، ٿول پڪا آهن ٿوهه
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ٻيڙيون آهن ٻوهه
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڦوڳا ڦلهاريا ڦوهه
اچن پنهواريون پاڻيءَ تي، ڪيلن مٿي ڪوهه
منجهان مِٺي ملير جي، جيڪي راس ٿيا هئا روح
تن جو ڳين جي، جمعو چئي، اٿم سنياسين سوءِ
ڪيئن هار پائيندي هوءِ، سانگياڻي تنهن سومري جا.
٢٧- سانگين جي ميان سومرا! مونکي نينهن وڏو نائي
سڄاڻيو سردار سان، ٿي ڪوري ڳالهائي
خان! ڪنئي هُيئي ڪوهه تان، تو عمر، آنائي
وُنا مينهن مهراڻي تي، لڏڻ لاڳاپا لاهي
موڪل ڏي ملڪ وڃڻ جي، جو ويندا ويرهائي
پوندئي ڪم قبر سان، اڳيان ڦهري پڇندئي ڪاهي
ٻانهيارين، ٻارچ چئي، هيءَ لوئي ڪيئن لڄائي
ميڙون تي موٽائي، سا سانگياڻي سومري جون.
٢٨- سانگياڻيون ميان سومرا! ڪن چوڙيليون چاها
وُنا مينهن مُهراڻ، تي، گهمايا پنهوارن پڙهاا
اڳيان آديسيءَ جي، ٿا ٻرن آڳيئڙا
قسمت آندي ڪوٽ ۾، ڪيئن پهري پٽ پڙا؟

هيٺيءَ تان حاڪم لاهه، هي بند بيوڙا
پوندئي ڪم قبر سان، ٿيندئي دنيا سڀ دڙا
جنجيرن پڇندئي، جمعو چئي، اِهي ڪوٽ ڪڙا
بادشاهه پير بڙا! لاهه نيئر نماڻيءَ تان.
٢٩- لٽا نيئر نماڻيءَ تان، ڪڙ ڪن قطار
مون ڪان مارو ملير ۾، پري ٿيا پنهوار
آءٌ سڪان ٿي سومرا! هتي چارين ڏڻ ڏنار
قسمت آندي ڪوٽن ۾، منهنجا جهانگي آهن جهونجهار
وٽا مينهن مهراڻي تي، رنگ ڪن ريدار
اچن نماڻيون ناز مان، ڪريو ڪونجيليون قطار
پلنگ پٽراڻيون پاسي ڪر، ڪيئن وڃائي وهاڻن تي وار
ستيءَ تي ڪيئن سومرا! بڌيون رڪين بيڪار
هيٺيءَ تان حضرت شاهه، لاهيندو محمد ڪريم ميار
جنجيرن ۾، جمعو چئي، ٿي نيڻ وهائي نار
پٽ ڏئي ڀرجهلا، آهيان سام تنهنجي سردار
ٻاهاڻن جا ٻار، آءٌ ويهي ڪيئن وساريان.
٣٠- ويهي ڪيئن وساريان، جي ٿانيڪا آهن ٿر
مارو وڃن ٿا مال سان، ٻار ويهاريو گهر
سانگين جي ميان سومرا! اها پنهوارن پَر
وڃن ويڙهيچا واپار تي، آديسي آتر
قسمت آندي ڪوٽ ۾، تون ڏيان پنهنجو ڏر
ستيءَ جي تون سومرا! وٽين پيڻ جي پر
پوندئي ڪم قبر سان، ڪيو اٿئي بادشاهه! بانور
جنجيرن ۾، جمعو چئي، ٿي جال وهائي جر
ڏوٽرن جو ڏڙ، وڃي ساٿيه ڪائيندي سومرا!
٣١- ساٿيه ۾ ميان سومرا، ويرا! ڏئين ٿو ور
ايندئي ملڪ الله جا، ڪاهي منجهه قبر

مارو منهنجا ملير ۾، آهن سانسگي سيڻ سڌر
نماڻيون ناز مان، ٿيون ڦريو چارين ڦر
اچن پنهواريون پاڻيءَ تي، ڪونجون ڪٽيو ڪر
مور نہ ويهندي محلن ۾، توڙي هجن ڪوٽ قصر
ٻانهيارين جي، ٻارچ چئي، پٽ رکج پرور
پٽ ڏٺي پرجهلا، وارث منهنجا وَر
پچ جنجير، جمعو چئي، سانگياڻيءَ جا سرور!
واريندي ولر، ڏاهي وجي ڏوٿين سان.

٣٢- ڏوٿي مون کان ڏور ٿيا، آيا سيٺ جا سلام
عمر! اسان جي ڏيهه ڏي، ٿيون جُوئريون پچن جام
وٺا مينهن ملير ڏي، منهنجا مارو مزمان
پٽ ڏٺي پرجهلا، آهيون سيّد! تنهنجي سام
جنجيرون، جمعو چئي، قيد ٻڌيسون ڪام
آهي ڏاڍي منجهه ارمان، مير! انهن ماڙين ۾.

٣٣- مير انهن ماڙين ۾، تون خان! لهندين خواب
پوندئي ڪم قبر سان، چڏيندين بادشاهه بنگلا باب
ايندئي ملڪ الله جا، ڪندئي ٿيون تاب
هلڻ مهل حاڪم تون، ڪندين جنگ جواب
بانور ڪيو اٿئي بادشاهيءَ تي، اڳيان دوزخ جا داب
منهنجو اَت مارن سان، ٿيندو ميڙائو ماڳ
وٺا مينهن مهراڻي تي، منهنجي والي واري واڳ
سانگياڻيءَ جا سومرا! اَتي ڏوٿين ڪيا آهن ڏاج
منهنجا ڪم ڪريم تي، جيڪو مديني رسائي ماڳ
جنجيرن ۾، جمعو چئي، ڪهڙا ڪندي چوڙيلي چاڳ
اهي درد تنهنجا داڳ، مونکي مور نہ وسرن سومرا!

٣٤- مور نہ وسرن سومرا! مون سان صاحب ٿيندو ساٿي
منهنجا ڪم ڪريم تي، ڪندو سچو سيّد هاٿي

هيءَ ڪنگالڻ قيد ڪيئي، ناحق نماڻي
چارئي يار رسول جا، گڏيم سڏ سچائي
عمر! اسان جي ڏيهه ڏي، پلٽيون پٽ پري پاڻي
مڪڙي جا ملير جي، آهي سڳهي سماڻي
اسان مارن پاڻ ۾، ٿي ڇڇ ڪنيو ڇاڻي
جنجير پڇندئي، جمعو چئي، ڪئي بند بي‌ڏوهياڻي
ٿينديس در مٿي ڏانهياڻي، پوندئي سڏ سومرا!

٣٥- پوندئي سڏ سومرا! ڏس پلهي جا پال
عمر! اسان جي ڏيهه ڏانهن، ٿا مارو چارين مال
جويون جيسلمير جون، آهن جنگ جمال
هيٺيءَ تي حاڪم تنو، ڪهڙا رکيا خان خيال
ساڻ نه هلندئي سومرا! ماڙيون اهي مال
جنجيرن ۾، جمعو چئي، مون هڙا ڪيا آهن جال
هاڻي لطيف لال! پڇ ڪڙا هن ڪوٽ جا

٣٦- پڇ ڪڙا هن ڪوٽ جا، هيءَ امر سان آئي
عمر! اسان جي ڏيهه ڏانهن، ڪن لابارو لائي
وٽا مينهن ملير تي، پڪي مهراڻي مڪائي
پوندئي ڪم قبر سان، چڏيندئي خاڪ ڪاڻي
هڪڙي پيڙ پٽين جي، پي اندر اوداهي
حسن مير حسين جا، ٿي ڏس پڇي ڏاهي
شرع تنهنجي شاهه چئي، عمر اجائي
جهجهي الم، جمعو چئي، سڏ ڏانهن سچائي
واتان ڪڍ وائي، ته ڪلمون هوءَ قلوب ۾.

جمجما سلطان

٣٧- ساراهيان سچو ڏئي، ساراهيان سرور
چڙهيو شاهه شڪار تي، راهه وٺي رهبر
ڪاهيو آيو ڪتڪ سان، هنيو نعرو نر

هن بانور هو بادشاهيءَ تي، ڪانه ڪيائين نيڪ نظر
ڪٿي شان سڪندر جو، ڪٿي داور سندو در
ڪٿي اقبال اڪبر جو، ڪٿي نوشيروان نر
قسمت ساڻ ڪٽڪ ۾، ڦاٽو اچي هو ڦر
سو ويو پيرن ۾ پرزا ٿي، جال وهائي جر
جمجما تي، جمعو چئي، ڏمريو اچي ڏاتر
وهايو آگي انگ اڪر، سورن جو سلطان تي.

٣٨- سورن جي سلطان ڪئي، طبيبن ڪي تار
هزارين حڪيم آئيا، وينا ويچ بہ ڪن ويچار
ڪنهن جي ڦڪي فرق نہ ڪري، لکن لک هزار
سورن ان کي سانگهيڙا ڪيا، بيماريءَ ڏنا هئس بار
روئي ۽ ريهون ڪري، نيٽين وهائي نار
قضا ساڻ ڪٽڪ ۾، لڙي پيو هو لار
سو ويو پيرن ۾ پرزا ٿي، مٿان ڏنو پئي ڏاتار
جمجما تي، جمعو چئي، ٿي پلي جبي پلڪار
قلم لکيو قهار، هاديءَ پنهنجي حق جو.

٣٩- هادي پنهنجي حق تي، ظاهر ظهورا
مغز سور مٿي جا، ڪٽس اچي ڪورا
ڪيئين لاڏاڻو لوڪ مان، ڇڏيئين سانگ سمورا
جمجما جا جمعو چئي، ڪيئين پساهه پورا
ڇڏيئين تخت طهورا، دانهه هليو دنيا مان.

٤٠- دانهه هليو دنيا مان، ڇڏيئين خزاني جون ڪاٿيون
ڪيئين لاڏاڻو لوڪ مان، ڇڏي رس بہ رهاٿيون
هزار حرم حاڪم جا، سي ور بنان ويڳاٿيون
ڏاهيون ان ڏکن ۾، ٿيون آهن سورن ۾ ساٿيون

* [٣٧] ڪان [٦١] تائين بيت وچولي (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد ڪان مليا.

جمجما لاءِ جمعو چئي، روڄ بہ ڪن راڻيون
ڏئي پٽ سنديون پهراڻيون، ڪنيئون ميٽت مقام ڏي.

٤١- ڪنيون ميٽت مقام ڏي، ڪانڌي هليا ڪاهي
ڪٽولو تنهن خان جو، هليا عاشق اڏائي
آڻي ڪاڪ ڪنڌين تي، رڪيائون لاهوتي لاهي
وجهندا منهن مومل جي، جنهن ڪئين ڇڏيا آهن
خونياڻي ڪپائي
هٽ ڪٽي هلندو هيڪلو، سيڪو وارو وڃائي
جمجما ڪان، جمعو چئي، قهاري پڇندا ڪاهي
لاڳاپا لاهي، پوءِ آئيا ڪانڌي ڪاڪ تي.

٤٢- آيا هئا ڪانڌي ڪاڪ تي، ڏول رکن ٿا ڌاري
اڳي تہ سينگاري ڪنيئون سيج تي، ويرِ بہ وهنجاري
لڳي ويس مهر زبان تي، هاڻ سڄڻ پيو ساري
آنداڻون مير مقام تي، رڪيئون قبر ڪناري
خان رڪيئون ڪرڪ ۾، سهڻو سمهاري
جمجما ڪان، جمعو چئي، ملائڪ پڇن ٿا ماري
ڏوڙ مٿان ڌاري، وريا ڪانڌي ڪاڪ تان.

٤٣- وريا ڪانڌي ڪاڪ تان، واري ڏئي ونگ
هاڻ سِسهي کي سال ٿيا، رڙهيو ونِي رنڊ
نڪي ڄاڙيون ڄام کي، نڪي ڏانون ۽ ڏنڊ
نڪي نارا هئس نڪ جا، نڪي ڪَنَ ڪهنگ
نڪي هٽ پير حبيب کي، نڪي ٻانهون ٻنگ
ڪلر ڪيرائي ڇڏيا، سيئي عضوا انگ
سوين تہ سلطان جا، راڄن ڏٺا هئا رنگ
جمجما کي، جمعو چئي، سورن ڪيا آهن سنگ
ڇڏيو پٽ پلنگ، پيو آهي مير متيءَ ۾.

٤٤- پيو آهي مير متيءَ ۾، گهوٽ ڇڏيا آهن گهر

ڏڙ ڍ ڪيائونس ڏوڙ ۾، ڪري قابو منجهه قبر
پهريا مال پٽن تي، وڏا وڳ ولر
سيسي تي مير جي، وهٽن ڏنا آهن ور
ڪنيو اچنس ڪرن ۾، ٽڏيو منجهان ٽر

سو پيو هو پر سموند جي، ڪنڌيءَ پاس ڪپر
پئي آيو گوهر گس وٺيو، پيس نيڪ نظر
عيسيٰ اتي علم جا، پڙهيا انجيل مان اکر
وجهه ساهه سيسي ۾، پاڪ ڏٺي پرور!
تہ پچانس حقيقت حال جي، من ڪري خوب خبر
جمجما ڪان، جمعو چئي، سڏي پچيو سرور
سائين! وڏي ساڻ وگهر، هوس تالابين تخت تي.

٤٥- هئين تالابين تخت تي، تہ ڪٿي خبر ٻڌائينہ خان!
چيائين: نو لک نانوائين جا هئا پچائيندا پڪوان
ڪئين هاٿي هنبارين ۾، هئا جالورا جاءِ
ڪئين قناتون ڪيتريون، هئا طنبو مون وٽ طولان
نو لک نغارچين جا، هئا وڄائيندا نوبتون نيشان
ڪارهن لک قيصر جا، صوبا مون وٽ سلطان
چڙهيو هوس شوق شڪار تي، طبل ساڻ طوفان
ڪئين فوجون مونسان فالہ هيون، جنگ پليرا جوان
اچي لڳيم لهر لڳن تي، هينئين چڏيم هاءِ
وٽن ڪين وجود ڪي، تن اندر ڪي طعام
ڪئين ڪم هئم دنيا جا، تن جي ڪل پيم ڪا ڪانہ
راٽين روچ ڪيا هئا، ماڻهن ۾ ماتام
جمجما جهڙا، جمعو چئي، ڪئين چڏي ويا
ملڪ ماڳ مقام

انڌيءَ گس گمان، مونکي عيسيٰ گڏيو آهين امر سين.

٤٦- عيسيٰ گڏيو هوس امر سان، ٿو پارس ٻڌائيس پار

سوين مون وٽ سونارا هئا، لکين مون وٽ لُهار
ڪئين قلعيگر ڪيترا، مون وٽ ڪَٽي خبردار
ڪئين ويرِ وايا هئا، مون وٽ نر چاڙهيندا نار
ڪئين اڪابر عقل جا، هئا ڪاريگر ڪنيار
ڪئين موچي مينگهواڙ هئا، ڏوپي مون وٽ ڏار
ڪئين واپاري واڻيا هئا، هندو لک هزار
ڪئين بانڪا برهمڻ هئا، پڙهيل پوٽيدار
ڪئين غريب هلندا هئا گسن تي، ڪاهي مهري آٽ متار
لکين تن ۾ لاڏو هئا، پيا باري ڪٽندا هئا بار
ڪئين جت جوان هئا، ڪوپا سي قندار
گوهر گس وٺيو آيو، ڪنهن ڏينهن ساڻ ڪٽار
ميرا! ڏٺا هئا ماڪوڙين جا، هڏي منجهه هزار
ڪيڙين ڪاٽي ڪيترا، ڪيا هئا نيش نهار
جمڪما تي، جمعو چئي، پوءِ ڪئي ڪاهه قهار
ايڏي ساڻ اختيار، مونکي عيسيٰ گڏيو آهين امر سان.

٤٧- عيسيٰ گڏيو هئس امر سين، تو پڇيس پار
ڪيو هئائين عرض الله کي، وڏو سِسي ۾ ساهه ستار
پڇانس تو حقيقت حال جي، گويا ڪري تو گفتار
تہ هزارين مون وٽ هاتي هئا، جوڙ وڏي جنسار
ڏهه لک ڏڦيرن جا، هئا شڪاري ڪندا شڪار
پندرهن لک پهلوانن جا، هئا ڪُشتي ڪندا ڪندار
ڪئين ملان مسيتن ۾، هئا بانگا پاڙهيندا پار
ڪئين حافظ هئم قرآن جا، قاضي قضادار
ڪئين ڦيريدار فقير هئا، مون وٽ منگتا مگٺهار
ڪئين اڪابر عقل جا، هئام ويرِ وڏا وينجهار

ڪئين بنگلا وڏي بنياد تي، هئا درين تي ديدار
ڪئين پخالي پاڻي پري، ڪنداهئا چوهه منجهان چتڪار
هڪڙي ڏينهن آيس گس وٺيو ڪاهي ساڻ ڪٽار
دانه! مون دليل ڪيو، تہ مون جهڙو ملڪ
۾ ڪونهي خلقيو خلقٽهار
تڏهن جمڄما تي، جمعو چئي، ڪئي ڪاهه قهار
قدم ڪنيم ٻہ تي چار، اچي ڪڙ ڪيم سور ڪاپار ۾.

۴۸- ڪڙ ڪيم سور ڪاپار ۾، ساٿ ٻہ هئا مون ساڻ
آءٌ مالڪ هئس ملڪ جو، مونکي ڪانہ ڪنهن
جي ڪاڻ
راتو ڏينهن راڻين سان، ڪندو هوس روح رهاڻ
جڏهن ايندو ڪوٽائو ڪريم جو، تڏهن سوڊيون
نہ هلنديون ساڻ
اڳيان دوزخ پيو ڌڌڪا ڏئي، جيئن ٻرن پاڳين سنداپاڻ
ايندا قاضي ڪريم جا، ستي پڇندا سرواڻ
جمڄما جهڙا، جمعو چئي، هتان هزارين هليا ويا هاڻ
ڪن پيا چاڻ ويچاڻ، ملائڪ انهيءَ ماڳ جا.

۴۹- ملائڪ انهيءَ ماڳ تي، ايڏا ڪن اختيار
هڪڙا سيارا سختيون، پيون بلائون بيشمار
تي ونگي واٽ وندر جي، جا پرور آڪاريندو پار
آءٌ ٻہ مالڪ هوس ملڪ جو، پٽي سڏايم سردار
ايمان آندم انهيءَ ڏينهن، جڏهن ٿيو نوح نبي نروار
پيڙو ٺهرايائين، پارچ چئي، جنهن جا تختا ڪيئين تيار
عالم چڙهيو انهيءَ ۾، پر هڪڙي رهجي وئي ريدار
جمڄما تي، جمعو چئي، ڪئي ڪاهه قهار
صاحب ربّ ستّار، هو پيڙو آڪاريو ٻاجهه سين.

۵۰- پيڙو آڪريو هو ٻاجهه سان، آيو لطف ساڻ لهي

مائي موتي آئي، ڪٿي مڪڻ ۽ مهي
نوح نبيءَ پڇيو نرمل ڪان، ٻڌاءِ سچي ڳالهه صحي
ري متيءَ ماڙي اڏيئي، اها قدرت رب ڪئي
جمجما تي، جمعو چئي، ويو رنج رهي
سورن ڪيو سهي، مير ڪي محلات ۾.

٥١- مير سان محلات ۾، راتيءَ ڪيو هو راڳ
مچ بيعت بٽن جي، پنهنجو پلو ورائيندو پاڳ
لڳن عشق اندر ۾، درد اندر ۾ داڳ
ڏاهي اسان کي ڏس ڏنو، آهي جو ڳيءَ اهو جواب
تم پرور آن ڪي پٽ ڏيندو، پوءِ وٺندس لاهوتي لاڳ
پر مون حاڪم! هڪڙي ڏينهن حيلو آئي، خاوند!
لڏو هو خواب
جڳ ڏئيءَ وٽ، جمعو چئي، ڪهڙو هلي
ڪندين جواب
تو ڏي هوت حساب، اهو حاڪم آهي حق جو.

٥٢- حاڪم ڪي حق جا، نيئر لڳا هئا نال
تيرهن لک ٽرڪ هئا، جو ڳي جنگ جمال
ڏينهڪ ڪندا هئا ڏيهه حي، صوبا سي سنڀال
گهوٽ چڙهندا هئا گهوڙن تي، ٻڌي لونگيون لال
ڪئين ڪيسن ڪٽن تي، هنڌ هندورا جال
مير جا ملڪ ۾، هئا وڃندا گهنڊ گهڙيال
دس چڙهندا هئا ديگين جا، پيا نانوائي نهال
ڪئين شاهه سخاوتون ڪندا هئا، مڏيون لٽائي مال
لک حوالي لوڌ جي، ڪندا هئا مرن جي مقال
جمجما جي، جمعو چئي، ڪئين ٿي ويا سيسهي
ڪي سال
چڏي مير مقال، هتان هليو ويندين هيڪلو.

٥٣- هرڪو هلندو هيڪلو، مهندان اٿئي اوجهڙ آنڌاري
يا هندو هٽ جو هئين، يا واڻيو واپاري
يا ملون مسيت جو هئين، يا بد معاش باري
يا رئيس راڄن جو هئين، وڏيرو وڙيچاري
يا ڪندو هئين سخاوتون، يا ڪٽيل قهاري
جمڙما تي، جمعو چئي، ڪيئن قلم وهيو ڪاري
ويم وسائي واري، مسافر هليو هئين ملڪ مان.

٥٤- مسافر! هليو هئين ملڪ مان، تو ڪانه ڪئي آگاهي
ٻارهن لک ٻلهاڙو ڪندا هئا، مون وٽ صوبا صفائي
چوڏهن لک چوڌاري هئا، مون وٽ سوين سپاهي
هزارين حجام هئا، ڪندا راشن رسائي
ڏهون ڀاڳو ڏيهه تي، مون ٽڪ ڪٽي ناهي
مٿهر مڃيندا هئا منهنجي، ڪندا هئا راج رسائي
جمڙما جهڙا، جمعو چئي، ڪئين خاڪ ڇڏيا آهن ڪائي
جڏهن ويم! مٿيم وائي، تڏهن ويم هاج هٽن مان.

٥٥- ويم هاج هٽن مان، جڏهن غافل لڳم غم
آيم عزرائيل اوچتو، ديم نه ڪيائين دم
اهي راڻيون تنهنجون رتول ۾، ڪهڙو ڌاريون ڪنديون ڌرم
ٻانهيون تنهنجون، ٻارچ چئي، ڪٽين پيون ڪرم
ايندء ڪوٽارا ڪريم جا، غازي! تي گرم
ڏئين ها ورندي وريامن کي، نيڪ تي نرم
پوء جمڙما! تنهنجو، جمعو چئي، شاهم رکي ها شرم
پلو ڪندء پرم، دانهه! تنهنجي در جو.

٥٦- دانهه پنهنجي در جي، تو خان ٻڌائي خبر
آٽ لک سڪولن جا، مون وٽ پڙهندا هئا نينگر
ڪئين مير ماستر هئا، مون وٽ سهڻا جوان سڌر

ڪئين ملان مسيتن ۾، پيا قاضي ڪٺن ڪر
وڙهيو پون وندن تي، لولن تي لشڪر
ڪئين دربان هئم در تي نو وڻيهون نوڪر
جمجما جي، جمعو چئي، آهي خاوند کي به خبر
سيسو بنا سرڪ، آهي ڪن ايامن جو.

٥٧- آهي ڪن ايامن جو، محبت لڳيم من
چڙهيس شاهم! شڪار تي، راجا! پٽيان روجهن
هرڻ هٽي ويا، ڀڳا ڦاڙها ساڻ ڦرن
مرون ملڪ ڇڏي ويا، پيو شڪ شينهن
بارود خانا بيشمار هئا، ٻيون ڪلون ڪاغذن
ڪئين توبچي تڪا هئا، ويهندا منجهه وٽن
هڪڙا بحر بندوقن جا، پيا توبون تؤ رڪن
هئا تجلا ترارين جا، پيا پالا پونيٽ ڪن
جمجما کي، جمعو چئي، ڏنو ڏاج ڏڪن
دسيو آهي ڏڪن، سيسي کي سال ٿيا.

٥٨- سيسي کي سال ٿيا، جڳ لنگهيا هئا جام
آڻ داناءُ هئس دهاءِ جو، منهنجا مڪي منجهه مڪان
راجا هئس روءِ زمين جو، منهنجا سنڌ ۾ سامان
مشرق مغرب وچ ۾، هئم نيئر ڪتل نيشان
قلعا هئم ڪشمير تي، وڏا ڪوٽ ڪمام
ڪورلون ٿينديون هيون ڪابول تي، جتي رهندا
هئا جج جوان
ڪئين ڊونڊا ڊپٽي هئا، دفتر پڙهندا ديوان
مون وٽ بليون بيشمار هيون، جت پچندا
هئا پڪوان
دس چڙهندا هئا ديڳين جا چيڪي ڪائين لک انسان
تيرهن لک تاريخ آڻ، شيرات ڪندو هئس خان!

مُهر مڃيندا هئا منهنجي، ڏيهه ڀريندا هئا ڏان
سانڻ نــــ هليا سڪندر ســـان، طنبو ۽ طولان
جمڃما جهڙا، جمعو چئي، ڪئين ڇــڏي ويا
ماڳ مڪان
هُت تہ خـــرار پئي لتايم خان! هِت منهنجو
دُڪوئي داخل نہ ٿيو.

٥٩- دُڪوئي داخل نہ ٿيو، داتا! ڪهڙا ڏنئي دان
هزارين هيرا موتـي ياقوت، ٻيا سون رُپا سامان
آءٌ رهندو هئس روم ۾، شـــرعون ڪندو شان
ميڙا هئم ســر تـــي، يمن پـاسي جـــوان
تخت منهنجا تنبول تي، هئا شهر هرندا شمعدان
ڪئين سوداگر سمونـڊ تـي هئا غـورابن گدام
تيرهن لک تيندار هئا، ٻيا ديهون سيالين ديوان
پنڌرهن لکن جي پلٽڻ هئي، جنگي سَڀ جوان
صورت هئي سلطان جي، جيئن چنڊ ڦري چوغان
سوا لک سچو ڪيئين، جيڪي نبي ڪري ويا نيشان
آءٌ امتي هئس حضرت الياس جو، جنهن جـا
برن منجهه بيان
انهيءَ جوڙ جمعو چئي، آهيان عيسيٰ! منجهه ازمان
ڇڏي ملڪ مڪان، ڪئين هت ٿوڪي هليا ويا.

٦٠- هت ٿوڪي هليا ويا، جن کي ڪلمون پيو هو ڪن
ڪـارهـن لـک ڪـوريسر، هئا مير ملائڪن
ڪئين ٿهليا ٿاڪرو هئا، ڪامـي منجهڪمن،
لڳندا هئا ملاکڙا ميدان تي، جتي مالهي ملهه وڙهن
ڪـڏهـــن پئي ڪينڪي، ڏڏو ڪير ٿئن
ڏيندا هئا انعام انهن کـــي، محبت رکي من
ڪئين بـــاغ باغيچا هئا، مٿي کـــوهـ ڪُلن

ايندا هئا پڪي پاڻيءَ تي، چمن تي چڳن
جمڄما جو جمعو چئي، سور لڳو سڄڻ
ڪلمون پاڪ پڙهن، ساري ڄمار سردار تي.

٦١- ساري ڄمار سردار جي، پيا ڪن پرور جي پچار
پيو ساهه سيسهي ڪي، جيڪو هئو ڏڙ ڪان ڏار
عيسيٰ نبيءَ ان تي امن ڪيا، لٿا غم غبار
جڙي ستر ورهيه حياتي هن ڪي، لاٽس ڏوهه ڏاتار
ٿيو تالابين تخت جو، پيو دُرس ڪري ديدار
ڪري عبادت اتي، پڙهي پيو توبهه جي توار
جمڄما تان جمعو چئي، لٿا حرف هزار
ڪلمي جي آڌار، وري جيئرو ڪيائينس جهان ۾.

ست سرو

٦٢- ساراهيان سچو ڏٽي، جنهن پيدا ڪيا پير
حضرت هرٽي ڇوڙي، احمد ڄام امير
مارئي عمر ڪوٽ ۾، آندي عمر مير
سسئي ڇڏي ويا سيج تي، ڪيچي هٿي ڪير
مومل کي مينڌري جا، هئا چاڪ اندر ۾ چير
راڻو رنج رکي ويو، جڏهن موجا ڏٺا مهمير
رانجهوءَ کي سڪ رسول جي، جنهن کي هاديءَ ملائي هير
طنبو تماچي ڄام جا، ڪينجهر مٿي ڪير
سيفل سفر سنبهيو، ڇوڙيا پيڙا پاوَن ويڙ
بديعل ان کي بيران ڪيو، لڳس تَن اندر ۾ تير
ليليءَ خاطر مجني، وڻ پيتو تي ويڙ
آيو قافلو ڪربلا ۾، جتي صاحبزادا صغير
اتي رنڙيءَ پئي ريهون ڪيون جيڪي ڀڏيون دستگير
پائر تنهنجا مورڙا، ڪاڏا مڇ وڏي مهمير

سهڻيءَ کي سڪ ساهڙ جي، جنهن کنڊون پياريس ڪير
دودو ويٺو هو ديمين ۾، جنهن وٽ واگهه وزير
وڃن گوڏڙيا گرنار ۾، ڪاپڙي ڏانهن ڪشمير
بحرو عاشق بهرام لئي، پيو نيڻين وهائي نير
مولي راڻيءَ کي ڪچيءَ ۾، ونگ هنيا ٿي ويڙ
سسي جمجما سلطان جي، ڏني قيام ڪبير
جو ڳيڙن جي جمعو چئي، مونکي آهي منجهه اکير
ٻانهي هن، ٻارچ جي، ڪا پٽ رکجئين پير
مديني جا ميرا! ڏجئين ڪلمون ياد قلب ۾.

مدو فقير عرف مدد علي نظاماڻي

مدد علي پٽ خميسو خان نظاماڻي، ڳوٺ نظر علي خان نظاماڻي، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جو ويڳل هو. هڪ روايت موجب "ٻوبي" تعلقي سنجهوري جو ويڳل هو. عام طرح "مدو فقير" جي نالي سان مشهور آهي. ١٦- رجب ١٢٩٦هه ١٨٧٨ع جمعي جي ڏينهن جاڻو. سندس اوائلي زندگي تمام تڪليفن ۾ گذري. مسڪينيءَ سبب، تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. نندي هوندي ماءُ چاريندو هو. پر ٻوءِ هارپو ڪيائين. قدرتاً فصل نه ٿيڻ ۽ پيءُ جي وفات سبب هيڪاري تڪليفن ۾ اچي ويو. ويتر بلا جي ڪنڊي لڳڻ سبب هڪڙو پير معذور ٿي پيس. ٻوءِ نواب فتح محمد لغاريءَ جي مدد ۽ همدرديءَ سان لڏي وڃي اُن جي ڳوٺ رهيو، جتي سڪ جو ساهه پٽيائين. ٻاليهن ورهين جي عمر ۾ بيت چوڻ شروع ڪيائين، سندس بيت نڙ تي چيا ويندا آهن.

نصيحت

١- ساراهيان سچو ڏٺي، جو آهي صاحب سبحاني
مٺي محمد ميرجو، مٽ نه آهي ثاني
حضرت عليءَ جي حضور ۾، ٿي موڪ هلي ماني
حسن ميرحسين جا، آهن ڏيهه مڙيئي ڏاني
زهريا بيبي فاطمه، ڪندي محشر ۾ مهرباني
پنجئي تن پيارا، تن جي پسو پيشاني
چارئي يار رسول جا، جن ڪيو سير به قرباني
مٺي محي الدين جي، هلهي ڪرامت ڪاني
قادر پير قدرت وارو، لاهيندو غم به گيلاني
سهڻي لعل شهباز جا، سوين سلامي
ڪوڙين نانگا ڪيترا هن جا ڪوپا ڪماني
لائقن ڀرئي لطيف گهوٽ جي، ٻڌو ظاهر زباني

---

[١] ڪان [١٨] تائين بيت وچولي (تعلقي سانگهڙ) مان جمال، رلد ڪان مليا.

بندا! ويندين بس ٿي، هٿندين هٿ بہ حيراني
ڪج سودو سچ جو، ڪندا عدالت آماني
ڪنهن سان هلي ڪانڪا، اها دنيا ديواني
مري وڃبو، مدو چئي، اها دنيا آٿو فاني
پوءِ جي ڏسندا جاني، سي حاڪم اٿئي حضور ۾.
٢- حاڪم اٿئي حضور ۾، ايندا ويـر وري
ملنديون مبارڪون مومنن کي، تڏهن پوندن روح ٺري
ڪافرن جي هنئين مان، پيا ڳچ ڳري
مڃيو ڪونہ منڪرن، ويا منافق مري
ويا گدودي گار ۾، ڦرڪئون سي ڦري
مومل جي محلات مان، آيو ويـر وري
جنهن خوب ٻڌايون خبرون، ظاهر منجهہ ذري
مري وڃبو، مدو چئي، ٿي مون لاءِ ڳالهہ ڳري
لاهيندو لطف سان، مٿئون باري پري
ڪندو ٻاجهہ ٻانهي تي، ڇڏيندو ٽڪ ٺري
حڪم حضرت عليءَ جي سان، ڪُلي دين دري
جنهن جي حب حسنون ڏي، تنهن جي ضايع ٿئي نہ ذري
ويندا تار تري، جيڪي ڄاڻي ڄام پنهونءَ جا.
٣- ڄاڻي ڄام پنهونءَ جا، گهوٽ چڙهيا گهوڙي
سرگس ويل شهزادن کي، پرين موڙ ٻڌا جوڙي
حضرت علي پٽن تان، گهور وڏي گهوري
پنيا وار ڪلهن تي، ڇتا ڇڏيائون ڇوڙي
مالڪ جي، مدو چئي، پڃان نہ هڪ ٿوري
هليا مير مديني کان، ڏونگر سب ڏوري
لکيو ٿو لوڙي، جيڪو وهايئي وجود ۾.
٤- وساري ڇڏ وجود مان، تن اندر جي ٿات
لڏي ويندين ڇڏي، اتي منجهہ هيهات

نيئي ڏرينڊئي ڏوڙ ۾، جتي اونداهي رات
ايندئي ملڪ الله جا، ڦهري ڪٽي ڪات
ڪهڙي ٻولي ٻولينڊين، تون ويهي پنهنجي وات
مرڻ ويل، مدو چئي، ڪجو ڪلمي سندي تات
هُت ڪونه پڇي تو ذات، جيڪي آيا سي آگهي ويا

٥- آيا سي اگهي ويا، جن کي پارس گڏيو پير
جن کي جُڙي جاءِ جنت ۾، سي ڪنڊون ڪائين ڪير
جيڪي پُورا آهن پرينءَ سان، سي مرڪن ٻلي مير
سوڙهيءَ ۾ ساٿي ٿيندو، حامي حضرت پير
دم نه هٽجانءِ دنيا تي، متان پوءِ ٿئين دلگير
نيٺ مري وڃبو، مدو چئي، چاٽي پاڪ فقير
مُهراٽي جا ميرا! مونکي ڏجئين اوٺ الله جي.

٦- ڏجئين اوٺ الله جي، سرورا! سچاٽي
منهنجي سڪ سڀ ڏي، اٿئي ثابت ساماٽي
مولي علي مديني جو، پيارج پاٽي
دم نه هٽجانءِ دنيا تي، هيءَ ڪُوڙي ڪهاڻي
روضو پاڪ رسول جو، شل ڏسان ڏهاڻي
پوريون پاڻ ڏٺي ڪندو، سچو سيوهاڻي
مالڪ وٽ، مدو چئي، ٿي هلي ڪورٽ ڏهاڻي
جٽ! نٿو جاڻين، ٿيندئي سڏ سرڪار جو.

٧- ٿيندئي سڏ سرڪار جو، ٿيندئي پڇاڻو پوءِ
غافل کي گناهن ۾، لهي سج ويو
اچي ماري بينس مٿي ڪان، هن جو ڏکي ڏيل ويو
وائي نه وريس وات مان، سڪي ساهه ويو
مالڪ وٽ، مدو چئي، هن ڏاڍو ڏوهه ڪيو

اٿي اُمتي رسول جو، هن کي گناهه معاف ڪيو
هو به لحظي مان لنگهي ويو، وڃي تري تڙ ٿيو
جن ڪلمون ياد ڪيو، سي اُمتي ڇٽندا ايمان سان.

٨- ساراهيان سچو ڏٺي، صاحب ربّ ستار
اٿي پهر الله جا، تون غافل ٿي م گذار
ايندئي موت متي تي، ڪاوڙجي قهار
ڪڍي ساهه سرير مان، ڪندئي ڏڙ سيسيءَ
ڪان ڏار
روئندين اُتي رت ڦڙا، نير وهائيندي نار
نيئي ڏريندئي ڏوڙ م، ڪائيندئي ڪينئان
ڪنڌ ڪاپار
پي ڪندي اٿم ڪانه ڪا، تو بنان سردار!
ڏجئين پانڌ پناهه جو، صاحب رب ستّار
ڪنيا اٿم متي تي، بڌيون سيئي بار
لاهيندو لطف سان، پاڪ پروردگار
ڪندو ٻاجهه ٻانهيءَ تي، تڏهن لهندا حرف هزار
بندا! ڇڏ بانور ڪي، ڏاڍي سائين جي سرڪار
اڳيان به ٿو واهڙ وهي، تڪ ڪيو ڪا تار
سالڪ وٽ، مدو چئي، آهيان سارو گنهگار
واندو نه اٿم وار، تون پار اُڪارج پاٽي!

٩- پار اڪارج پاٽي، تون سچا سيّدا!
معاف ڪجئين مسڪين کي، ڪئين ٿيا اٿم
وقت قضا
گهوٽ! چڙهين ٿو گهوڙن تي، تون لهجئين
سڌ سماءَ
ازل ايندئي اوچتو، سوجهي ڪڍندئي ساهه
لڏي ويندين ڇڏي، وڃي جهليندين پنهنجي جاءِ

ويندئي بدن بس ٿي، جتي ويري لڳندئي واءُ
پيءُ نہ هلندو پٽ سان، توٽي ويو وڏيرو پاءُ
پوريون ڪندو پاڻ ڏٺي، خاوند پاڻ خداءِ
لهي ويندا لڳن ٿوڻ، ڪي دوڪا دلين جا
مالڪ وٽ، مدو بيٺو، ڪري سائينءَ کي صدا
بيٺي رزاق رنگ ڏنا، عليءَ جي اولاد جا.

١٠- عليءَ جي اولاد تي، ٿي روز وسي رحمت
ماڻهو انهيءَ ميڙ جا، ٿا ڪن سارو ڏينهن صفت
وَڻين انهيءَ ويڙ کي، ڏني آ وڏي وسيعت
ويهرين جي وڙهڻ جي، هن مولي ڏني مت
ڪافر ماريائين ڪيترا، پيا گهائي ڪيئين گهٽ
جڏهن ٿيو امر الله جو، تڏهن ٿي ويهرين هٽ
لاڪيٽا لڏي ويا، تن وزي مُڪو ڪونہ خط
تن مردن لاءِ، مدو چئي، ويٺي روئان رت
هي سانگي سلامت، ڏسان مارو پنهنجي ملڪ ۾.

١١- اتر پاسي آسهيا، محبت رکي من
رکجئين حب حسنين جي، اٿئي پيارا پنجتن
مولي تن مردن جي، ڪئي سُرهي ذات سندين
دل نہ هٽجانءِ دنيا تي، جا ڪوڏي نہ آيندئي ڪم
ايندئي مَلڪ الله جا، دوست انهيءَ دم
لاهيندئي لتن سان، چرڪا ڏيئي چم
تن مردن جو، مدو چئي، رکندو شاهہ شرم
لهي ويندا لحظي سان، گوندر مٽان غم
رک پٽائي! پرم، قادر پير ڪن جو.

١٢- قادر پير ڪن جو، تون شافي! رکج شان
صدقي وڃان سيّد تان، جيڪو آمت جو امام
هزارين هليو اچن، ۽ سوين ڪن سلام

هڪڙا خان ويٺا آهن ڪٽن تي، پيا صوبا سليمان
هڪڙا ڦريل ماڙهو، فقير چئي، اٿئي مايا تي مستان
هڪڙا لا آبالي لوڪ ۾، اٿئي نانگا منجهه نشان
هڪڙا ڪلجگ تائين ڪاپڙي، جو ڳي منجهه جهان
جن ٿي سڪندر دارا سڏايو، تن جو ڪو نه مڪان
هن گجر ڪئين گنوائي ڇڏيا، صوبا ۽ سلطان
سمهين ٿو سيج پلنگ تي، درس ٻڌيو دهمان
نيئي ڏريندئي ڏوڙ ۾، اتي بندا! ٿيندين بيران
هٿي هٽ گوڏن تي، تون ياد ڪندين سامان
ڪٿي تنهنجي نيڪي، ڪٿي تنهنجو نام
روئندين رت ڦڙا، ۽ جر وهائيندين جام
قادر جي قدرت جي، ڪمي آهي ڪانه
تن مردن کي، مدو چئي، ڏيندو داتا دين ايمان
جيڪو ڪندو جمعو انهيءَ جوان جو، تنهن تان لهندا غير گمان
رسيو جيڪو رجبيءَ تي، تنهن کي دهرا ملندا دان
ڇڏائيندو ڇيهن ڪان، اچي احمد چام
جن پڙهيو ڪلمون رسول تي، تن جو محمد پاڻ ضمان
هاڻي مديني جا چام! ڏجئين پاند پناهه جو.
١٣- ڏجئين پاند پناهه جو، پلا! ڪري پال
مالڪا! تو وٽان مسڪين گهري، مڏيون نڪي مال
هتي هن جهان ۾، هيٺا ڏٺم حال
اٿم حب مير حسين جي، ڏاتر! من ڏيکار
واڳ منهنجي وطن تي، تون واني ڪٽي وار
موڳي تنهن، مدو ڪي، نيئي مدينيي مزار

چمان چائنٽ رسول جي، ڏسان چڱا چارئي يار
ٻي ڪنڌي اٿم ڪانه ڪا، تو ٻنا سردار
روضي جو ديدار، ڪامل ڏيکارج ڪيچ ۾.
١٤- ڪامل ڏيکارج ڪيچ ۾، مونکي سهڻي جو سينگار
ڏسان وڃي اکين سان، مديني جو مختيار
سونا سنج سُرخي تي، جيڪو نيري جو هسوار
سهڻو آهي صورت جو، ٻيو جوڙ وڏي جنسار
پلنگ سارو پٽ جو، ٻيون لعلون لک هزار
ٻُوند وُني برسات ٿي، مٿان ميگهه ملهار
ملي پاڪر پنجن تنن کي، انهيءَ ويل ترار
لڳو نغارو دين جو، ٿيو اُمت ۾ اظهار
ڪڪر ڪارونيار جو، نڪري ٿيو نروار
جن مڃيو مٺي محمد کي، سي سنڀري ٿيا سوار
ڪافر پنهنجي ڪڙم ۾، هُو مري ٿيو مردار
تڙجي ويو انهيءَ تڙ تان، تنهن کي نه ملنديوار
چڙهيو سيد سيج تي، ڪري الله توهار
لاتائون ميندي ملوڪ کي، جتي جورن وڏا هار
تن مردن جا، مسڪين چئي، ڪليا باغ بهار
حسن ميرحسين هئا، علي جي آڌار
حضرت شاهه حضور ۾، جنهن جو ڏيهن ۾ ڏهڪار
لعل شهباز لاهوتي، جنهن جو مستن سان واپار
روضو شاه لطيف جو، نسنگ سُجهي نروار
روضي ڏٺيءَ روبروءَ، ڪيا هئا قول قرار
سائين! لهج سنيار، ڪا محشر ڏينهن، مدو چئي.
١٥- محشر ڏينهن، مدو چئي، تون واهر ٿج وري
چمان چائنٽ رسول جي، ڪولي دين دري
حسن ميرحسين جهي، پوان قدمن تي ڪري

پورو رهج پنجن سان، متان وقت وڃي وسري
وڃئين راهه رسول جي، تون ويندين تار تري
هرڪو هن جهان مان، ويندو ماڳ مري
تن مردن ريءَ، مدو چئي، منهنجي ساعت ڪانه سري
گوندر جي پَري، لاهيندو پنهنجي لطف سان.

١٦- لاهيندو پنهنجي لطف سان، ٻاري ڪٽندو ٻار
ڪڏهن چڙيندو ڪينڪي، نيٺ آڪاريندو پار
هلي وس ٿينداسون ٻين جي، اڳيان ڏاڍي جي سرڪار
موڳا! گهر گهٽين ۾، تون هردم ٿي هوشيار
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، ڪر پرينءَ کي پڪار
ڪٽي هلندئي ڪٽ تي، ڪري ڏٺين ڪان ڌار
نيئي ڏريندئي ڏوڙ ۾، ڪندا پُورڻ جي پچار
سامي سوڙهي، قبر انڌاري، ايندئي ڏيل اندر ڏهڪار
ايندئي ملڪ الله جا، ڪاوڙجي قهار
ڪٽي گرز مٿي ڪان، پڇندئي پرزا ڏيئي پار
هٿن هاج چڙي ڏنئي، هُت وڏا ٿيندئي وار
لڳي مهر زبان تي، هت نيڻ وهائيندين نار
چپن چوڻ چڏيو، ٿيندين بندا توبهه دار
مالڪ منهنجا، مدو چئي، سڏندو سڏ سردار
ڪاءي جي آڌار، ڪٽندو ٻار ڪُهين جا.

١٧- سرها اٿئي ساڻيهه ۾ مولي ملائين
انهيءَ راهه رسول جي، مونکي هادي هلائين
پڇرو پاڪ رسول جو، مونکي چائنت چمائين
پاڻي پاڪ تڙن جو، مونکي پرور پياريين
درد ٻه منهنجي دل تان، هڪ لحظي ۾ لاهين
موڳي تنهن مدو کي، سڏي سمجهائين

اها خاڪ مدينيءَ جي، منهنجي لڳن ڪي لائين
اتي پهچائين، جتي قافلو ڪيچ ڏٺيءَ جو.

١٨- جتي قافلو ڪيچ ڏٺيءَ جو، اتي سيد جي سواري
مولي ڏني اڻ ملڪ جي، ڪا آگي اختياري
چڙهيا گهوٽ گهوڙن تي، ڪري توڪل تياري
چڙهيا شير شڪار تي، مهنجا هئي هئي هزاري
جيڪا هئي رضا رب جي، تن ٽڪ نتي ٿاري
ڪاهيائون قصد مان، هنن منزل آ مداري
هو لعنتي لڙي پيو، مڙيو ڪين مرداري
محشر ڏينهن، مدو چئي، هن سان قيام ٿيندي ڪاري
سڏ آڻو ساري، ڪا عليءَ جي اولاد جي.

سسئي*

١٩- لڳي بناهه پنيور کي، هيٺي ٿيس هاڻ
سرهي هيس سرتين ۾، ٿيس اوڳي اڻجاڻ
جاڳيس ڪين جبڙيون! نه تم ڏيان ها ڏاگهن
ڪي ڏاڻ
هيڏي هوت ڪري ويا، ميٺي! مون ساڻ
وڙڻيان ٿي وندر ۾، شل ڏسان اکين ساڻ
ڪونهي ٻرين پلنگ تي، جنهن سان ڪريان
روح رهاڻ
محبت جا، مدو چئي، مونکي ٻنگ هٿي ويو ٻاڻ
ڪوهياري جي ڪاڻ، ٿيس ڏهاڙن ڏيهه ۾.

٢٠- ساجن سات وٺي ويو، ٻولي ڪري ٻي
من اندر، مدو چئي، معلومات ٿي
پنهون رات وني ويا، چوري رات چڙهي

* [١٩] ڪان [٢٢] تائين بيت وچولي (تعلقي سنجهوري) مان غلام رسول رند ڪان مليا.

سورهيه ڏيڻ سنسئي جا، اٿئي سنهڙا سيئي
هٿان مون پيئي، تون آهين ڪامل ڏٺي ڪيچ جو.

مومل راڻو

٢١- ساراهيان سچو ڏٺي، جنهن مولي مرڪايو
حڪمت سان حڪيم جي، هاديءَ هلايو
ڪلمون منڌ قرآن جو، والئيءَ وڌايو
لڳو نغارو دين جو، اهو آواز آيو
آيو محمد عربي، سيد سونهارو
ڏئي ٿو امان انڌن کي، سو جڏا جيارو
حضرت علي، ڪندو پلي، مير محشر موچارو
مردن کي تنهن مدو چئي، اچي سالڪ سڃاڻيو
پڙهو ڪلمون قلب سان، آن ٿئي سانگ به سڻائو
جن رکيو نينهن نماز سان، تن سان بول بولايو
هڪڙا ڦريا فقير چئي، تن هٿ ڇا آيو!
توڙي ڪئين لک لٽايو، ته به چڙهندئو منهن
مومل جي.

٢٢- چڙهندئو منهن مومل جي، ڪري ويس وڳا
ڪئين جاني ويا هن جوءَ مان، ڪٿي لاهوتي لڏا
ماڻهو هن پي ملڪ مان، ويا پيٽيءَ تان پڳا
اهي مرد به مري ويا، جن رکيا توڪل ترها
ڪئين شاهه، ڪئين سڪندر، ٿيا جوان جڏا
خاڪ هٿي ڪائي ڇڏيا، ڪئين همير هڏا
ملڪن ۾، مدو چئي، ٿا هلن فڪر ڦڏا
توڙي هٿ ڏينهن لڳا، پر چڙهندئو منهن
مومل جي.

٢٣- چڙهندئو منهن مومل جي، حال به پسندئو هيءَ
سوڍي بنا سرتيون! لڳي لڳن ڪي سيءَ

مولي سندي ملڪ ۾، ٿو ورهائجي وئي
مٿي بولي مدو چئي، چئو جوانن جيءُ
ڪيلي هت ڪير پيءُ، هُت بيهندا سوداگر سر تي.

٢٤- سوداگر بيهندا سير تي، ڪجئين جوان جواب
راٽا! تو به تہ ريلن ۾، ڪيا ڀڙي پاڳ
ويندءِ ڪُلئي وسري، هي مڙهيون سيئي ماڳ
سڏائين ٿو پاڻ کي، ڏاڍو نيڪ نواب
دنيا آهي دورنگي، پر آهہ مڙيئي خواب
ازل ايندئي اوچتو، تڪڙو ٻڌي تاب
روئندين اتي رت ڦڙا، ايندو اکين مؤن آب
گهوٽ ڏنا هئم گهوڙن تي، آرڏا ڪئين ارباب
هن خونياڻيءَ سپ ڪائي ڇڏيا، ڏنئين ڪونہ جواب
ماريو ڪٽيو مدو چئي، ٿا ڪهيو ڪن ڪباب
سوڍا ٿيندءِ ٿواب، ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪاڪ ڪؤن.

٢٥- ڪامڻ! تنهنجي ڪاڪ تي، منهنجو وڃي ڇا!
مرم نہ پيئي مينڌري جو، ڪو حاڪم جو حيا!
ماڙين منجهہ ملوڪ سان، تو ٿي قول ڪيا
اهي ٻول، ٻروچ چئي، توکي پاڙ سپ پيا
پر سُتينءَ ٿي سامي سان، لاهي لاڳا ليا
محبت جا مدو چئي، توکان سيئي وقت وبا
سوڍي سڏ ڪيا، تو نہ ٻڌا ننڊ ۾.

٢٦- مينڌري جي ملڪ سان، آيو محبت جو ماڻهو
پلي اچي اوڏڙو، هجي سڄڻ سچاڻو
ويهاريانس ويجهڙو، ڏئي نينهن سندو ناڻو
مونکي به مليو آهي، ڪو درد جو داڻو
من ۾ مير مينڌرا! تنهنجو گهمي ٿو گهاڻو
ڪهڙا ڪنديس ڪپڙا، ڪهڙو ڪنديس ماڻو!

محبت ۾، مدو چئي، گهمي وير بہ ويڳاڻو
منهنجو سوڍل سياڻو، اٿئي راڻو ريان جو ڏٺي.

٢٧- راڻو ريان جو ڏٺي، موٽي نہ ايندو سور
ٻڌيو ڳالهہ، ٻروچ چئي، ٿو وير وڃي وهلور
هن کي ڀوڻ پريت جا، پلپل گهٽا پور
ڪاڪ وڃڻ جي ڪانہ ڪري، ٿو ديس پڇائي دور
ڏٺئين پاڻ اکين سان، ڪامل جا ڪلور
محبت جا، مدو چئي، ثابت ڏٺائين سور
ٻوءِ مام انهيءَ مذڪور، ماري وڏو مومل کي.

٢٨- مون تي مير مينڌرا! ڪاوڙ ڪجئين ڪانہ
ڪئين ايندا هئا ڪيترا، مون وٽ پي مزمان
ڪايو پيو خوش ٿيو، هو ڪلندا وڃن خان
لڄ منهنجي لوڪ ۾، رب رکي رحمان
سٽي پئي هيس سيج تي، لاهيو غير گمان
پيڻ سمهاريم پير ۾، ساڳي سومل ساڻ
ڪانهي مدي من ۾، ڏر تون پنهنجو ڏيان
جاڳائي جائي! ڏسين ها ڪولي اکيون خان
ڪيئن ڪيا، ڪاڏي وڃان، هنيون ڪيئي حيران
محبت جا، مدو چئي، قهري هٽي وئين ڪان
سوڍيا سرت سڃاڻ، راڻا! ٿيءُ اچي روبرو.

٢٩- راڻو تو وٽ روبرو، هلي نہ ايندو هاڻ
ڏٺئين پاڻ اکين سان، ڪٽ مٿي ئي خان
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، شڀو رکي تو شان
سٽيئين تي سامي سان، موڳي تي مستان
آيئي نند نياڳ جي، ڪل بہ پيئي ڪانہ
ڪئين ڪرين تي ڪيترا، ڏاڍا تال طومان
سوڍي سي سهي ڪيا، بازيون ڪل بيان
مري وڃين ها، مدو چئي، ٻڌي ها جڳ جهان

مينڌرو ٿي مزمان، ڪامل ايندءِ نہ ڪڏهين.

٣٠- مينڌري لئي مومل ڪري، حيلا لک هزار
واڳ منهنجي ولهي جي، والي! ڪٿي وار
پرچايان پنهنجي پرينءَ کي، ڏيئي قول قرار
سمهاريانس سيج تي، ڏيئي وڃاڻو وار
پيٽ سمهاريم پير ۾، چاٽي چاڻڻهار
مون تي مير مينڌرا! ڪانهي تنهنجي ميار
ساڳيا ڏينهن سنيار، راڻا اچي ٿيءُ روبرو.

٣١- راڻو ڪيئن ٿئي روبرو، جنهن ڏٺو ڪاڪ قهر
هلي آيو حب منجهان، گهوٽ پنهنجي گهر
آندائين دليل دل ۾، ڏسي سامیءَ سندو سير
مري ويو مرجات ۾، ٿيس ڏاڍو ڏک ڏمر
ڦيري اکيون ڦڪو لڳو، ڏٺئين نينهن سندو نينگر
لڄيو ڪڇيو ڪينڪي، پڇي ڪهڙيءَ پر
ماريو مرم، مدو چئي، ڏسي بڌيون برابر
اڃا ڪرين ٿڪبر، ڪامل نہ ايندئي ڪاڪ تي.

٣٢- مون وٽ مير مينڌرا! آءُ جوڙ وڏيءَ جنسار
ڪي گهڙيون ڪاڪ تي، گهوٽ! اچي تون گهار
تنهنجون منهنجون ڳالهڙيون، ڪي وير ڪندا ويچار
لاهي ڇڏيا لڳن تان، سوڍيءَ سپ سينگار
لاهي ڇڏيا لاڏڪيءَ، چوڙا چندن هار
پٽي ٿي پرينءَ لاءِ، وينگس چوڙي وار
روئي پئي رت ڦڙا، نيٽين وهايو نار:
ٿينديس دانهيائي درهار ۾، وٽ سائينءَ جي سرڪار
مري ويندس مينڌرا! اهو ڪجئين اعتبار
محبتين کي، مدو چئي، مهڻن سين نہ مار
جي ڪيئي قول قرار، سي راڻا! ٿيءُ اچي روبرو.

٣٣- جيئري هن جهان ۾، گهوٽ! نه وجهه گهاري
موٽي آءُ مسڪين وٽ، ڪر مينڌرا! موچاري
وڃائي ڏيئين وقوف سان، سيج بہ سونهاري
مڙيئي ڏنيم توڪي، عامل اختياري
مون وٽي رهاڻ راڻي جي، جنهن ڦيري آ ڏياري
ماڻهو گهڻا ملڪ ۾، ڪريان ها سمجهي سواري
هرڪو ويندو هڪ پٽيءَ ۾ مٿان ويندي وري واري
ڪهڙو سينو ساهيان، منهنجي توبهه آهي زاري
ساري عمر سورن ۾، مون غم اندر گهاري
دل منهنجي دردن ۾، مرضن آهي ماري
جت ٿيندو فيصلو، فقير چئي، اتي ڪندئي سياري،
بيگناهه بنديءَ کي، ڏيئن خلق جي خواري
ماريو وڃين ٿو، مدو چئي، ڪاڪ ڪريو ڪاري
سويا! ڳالهه ساري، راڻا! ڪنديسئين روبرو.

٣٤- راڻو ڪيئن اچي روبرو، جو سينو ڇڏيئي ساڙي
ڪيئن اچي ڪاڪ تي، تو هارڻ ڇڏيو هاري
ڳالهه بہ ساري ملڪ ۾، هلي نينهن جي نظاري
ڪيئن ويهي اچي ويجهڙو، لڳي پرين جي پاڙي
مرد پنهنجي ماءُ ۾، گهوڙها ٿو گهاڙي
چئي ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ويندس گذاري
ائين ڪيئي مون سان، جيئن ڏڻ هڻن ڏاڙي
محبت جي، مدو چئي، ڪٽي ٿي ڳاري
مومل! ڇڏيئي ماري، جيئري هن جهان ۾.

٣٥- راڻو تو وٽ روبرو، ڪڏهن ٿيندو ڪين
مڙني جا ماتا پتا، آهن ظاهر منجهه زمين
ڪئين خزانا ڪيترا، اچيو ديول ديڪين

[٧٤] ڪان [١١٠] تائين بيت خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيا ويا.

گجهه اندر جـي گـالهڙي، ڪي سالڪ سڏائين
مـراڙي جن جي من ۾، سي تڪين ۽ تورين
جت ٿيندي ڪورٽ ڪريم جي، ڪندا عدالت امين
مومل! ماڻهو هن ملڪ جا، تو ڪي ڪميٽي ڪوٽين
ڏنئي سڙ ساميءَ ڪي، تو ڪي لنڊي ڪيو ليکين
رنگ ڏنـو هئم روبرو، سـي اڏما اندر آهين
مرڻ تائين، مدو چئي، تنهنجي ڪاڪ لايان ڪين
وڃڙياسون منجهه ورهين، مـومل! تنهنجي
ماڳن ڪان.

٣٦- وِجهه نه وڃوڙو ورهين جو، حاڪم! پَڇ مُ هير
مَڇ گـالهه منهنجي، تـون ڦند نه پائج ڦير
سورن اچي سانگهيڙا ڪيا، ڊرڪيس مٿي ڊير
مـاڻهو هـن ملڪ جـا، سڏيون چڱا چؤڦير
پَلِي ڪورٽ ڪَن، جي مون ڏي مدي رکن مهر
وٺـي اچان راڻا! تو وٽ نياڻيون ڪري مهڙ
مون ماريي مـان تو ڪي، چڱو چوندو ڪير
ونيون نـه چڏجن ولها! ڊولـڻ انهيءَ وير
محبت وارين جي، مدو چئي، اڳتي ڪَل لهندوڪير
صبح وير سوير، هلي ڏسون ڪامل ڏٺي ڪاڪ جو.

٣٧- ڪامل ڏٺي ڪاڪ حـو، آخـر جـو ضمان
ڪوڙي دنيا، ڪوڙو قصو، ٻڌ باري هـي بيان
سُتيئن ٿي ساميءَ سـان، تـو ڏريو ڪين ڏيان
مـاڻهو هـن ملڪ ۾، ماڳ گهڙي مزمان
لنڊي، وڃو چڏي، ڪبو متيءَ منجهه مڪان
پوريون پاڻ ڏٺي ڪندو، ڏيندو داتا دين ايمان
پڙهو ڪلمون قلب ۾، اوهـين مڙيئي مسلمان

مٿي چڏيئي، مدو چئي، نه ته ٿيان ها ڪاڪ
مٿان قربان
ايڏو اٿم ارمان، مومل! تنهنجي مذاقن جو.

٣٨- مذاقن جو مينڌرا، خان! نه ڪجئين خيال
پڌ جئين ڳالهه، ٻروچ جي، حاڪم هيءُ احوال
ڳريو وڃان ڳٺين ۾، هلي ڳوٺن منجهه ٿي ڳالهه،
سڙيو وڃان سورن ۾، پيئي ماڻهن منجهه مقال
مريو وڃان، مدو چئي، سڻ سائين لڳ سوال
مڏيون سيئي مال، اٿئي ملڪ به تنهنجي مينڌرا!

٣٩- مڏيون مون نه وٽن، تنهنجا ڪچا ڪامڻ ڪم
گهمين ٿي گهوٽن سان، هميشه هردم
وڃائي چڏيئي وقوف سان، پنهنجو شان شرم
مري وڃبو، مدوُ چئي، نيٺ پوندو خدا سان ڪم
سڻيئن ٿي ساميءَ سان، رکي دنيا مٿي دم
هاڻي ڪٿين مٿو ڪرم، ته به مور نه ايندئي مينڌرو.

٤٠- مون وٽ مير مينڌرا! وري آءُ وير
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، اٿم اندر منجهه اکير
ساريان پنهنجن سڄڻن کي، جيئن لڳي اتر هير
سارو ڏينهن سبحان سان، پونجهي ويٺي پير
ڪامل آءُ ڪاڪ تي، توکي ڪارايان انب انجير
موٽي آءُ، مدو چئي، توکي پياريان ڪندون ڳ ڪير
هاڻي ثابت رکي سير، تون مٽ نه مومل تي.

٤١- مٽڻ ڪم مردن جو اصل ڪان ناهي
ڏسي سونهن ساميءَ جي، ويٺيئن ورڻ به وڃائي
مٿي تي مينڌري کي، لقب چڏيئي لائي
اِهو ارمان اندر ۾، افسوس گهڻو آهي
سڻيئن ٿي ساميءَ سان، پيچ سرين پائي

ڏنئي بـــارڻ، ٻروچ چئـي، ٺاهوڪو ٺـــاهي
اسان جـو ڇاهي، ڪامڻ! تنهنجي ڪاڪ تي.

٤٢- ڪامل! منهنجي ڪاڪ جا، سوڍا! ڏي نہ ساڙ
ڏينديسئين ڏيهہ جـــا، پـــرزا سيئي پـــار
سٽي سڄهي ڳالهڙيون، تـون عاشق ڪر آچار
مڙس ڏنئي منجي تي، تہ ڪرين ها ڏڙسسئيءَ ڪانڌار
تنهنجي نيڪي، نظاماڻي چئي، نسنگ ٿئي ها نروار
مري وڃين ها مدو چئي، تون گهرين ها ڪين ڇمار
هاڻي مَس، قلم، بنديون، وڃي ڪوٽيون سڀ سنيار
هاڻي گولو ٿي گذار، راڻا! اسان جي راڄ ۾.

٤٣- گولي! گولو بنايئي، جڏهن رکيم توسان ياري
چيم: موتي وڃان مومل وٽ، متان ڪري نہ مياري
ڪاهي آيس ڪاڪ تـي، ڏنـم سيج سَنڌواري
ٻيٽ سُتا اوهين ٻہ ڇڻا، اوهان ڪي ننڊ بہ پياري
چيم: ڏيئي ڇڏيانو ڏيهہ ۾، ڪا خلق جي خواري
انئي پهر در الله جي، منهنجي توبهہ آهي زاري
خبر منهنجن خاڻن ڪـــي، ٻي سڌ آهي ساري
سوڍيون عمر ڪوٽ جـون، ٻيٽيون ڪن زاري
ڪڏهن موتي ايندين مينڌرا! ڪرين پرين پوٽواري
حمير مونکي اڳئي چيو، ڪانهي مومل موچاري
ڏيکاري ٿي منهن ماڻهن کي. هو ڪوڏ منجهان ڪنواري
جڏهن اها مومل ٿي ماڻيئي، تڏهن وڏئي آزار پنهنجي اندر ۾.

٤٤- راڻا! رنج ڦٽو ڪر، ڪر مون سان پرين پچاڻي
هيس ڏيءَ راجا نند جي، ڪا نِرت پري نياڻي
هيس دادلي ڪنهن در جي، پر نٿو سڄڻ سچاڻي

ناتي چڙهيس نينهن جي، آهيان ڏوڪڙ وڪاڻي
پريندئيس تنهنجي در جو، پورهيت ٿي پاڻي
وڙيندئيس ور کي، ٿي جيجل جو گهيائي
منهنجا ڪم ڪريم تي، لاهيندو ڏڪ به ڏهاڻي
ساريندي سوڊل کي، روئندي رات وهاڻي
ڪجئين مينڌرا مهرباني، ڏجئين پانڌ پناهه جو.

٤٥- پانڌن کان گهالهه پري ٿي، تو مٿي راڻي جي رهاڻ
گهمين ٿي گهٽين ۾، وٽيو سومل ساڻ
لج وڃايئي لوڪ ۾، اوگهي ٿي اڻجاڻ
مٿي! ويهه ساٿ ڪري، سمجهه پنهنجو پاڻ
نه ته ڏيئين ٿو ڏيهه جا، اهيئي اهجاڻ
ڦٽائي چڏيئي، فقير چئي، رتل روح رهاڻ
هاڻي اتي ويهي پاڻ، ڪهڙو ڪنداسون مقابلو مومل سان.

٤٦- مقابلي کان مينڌرا! مون بنهه ڪئي آهي بس
راڻا! راڻوڙين جا، مونکي ڏور پون ٿا ڏس
سونهين نه آهيان ساٿ جي، ڏس گاروڙين جو ڪس
هڪڙي محبت من ۾، ٻيو سور به ٿيا آهن سرس
گڏي ويهار گوليءَ کي، تو کي جهان به جيوي جس
مريو وجان، مدو چئي، آهيان ويڙ به تنهنجي وس
هاڻي لاهه: قلب جي ڪس، رهج راڻل! رات هڪڙي.

٤٧- رهڻ جو راڻي کي، عيب وڏو آهي
ڪامڻ! تنهنجي ڪاڪ تي، اسان جو چاهي
حرف ملوڪن هڪڙو، گجهن گهالهائي
تنهنجو منهن مولي وري ڏاتر نه ڏيکائي
هاڻي هلي ڏس پچائي، من گر وٽ ڪا گلا ٿئي.

٤٨- گلا پنهنجي گر جي، مون مٿي خان ڪنئي
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وجان، گهالهه وس کان ويئي

سڄي ڳالهه صبوح جو، پڌر وڃي پيئي
سُور تن سڄڻن جا، سينجريا سيئي
لڳا اٿم لڪئي جا، ٻاڻ سڄڻ ٻيئي
محبت جي، مدو چئي، ڳالهه ڪريان ڪيهي
راٽا! تو دل ريهي، منهنجو جيئري من جڏو ڪيو.

۴۹- مومل! ماٺ ڪري ويهه، چپ نه پنهنجا چور
گولي غلامن سان، ٽيليئن ڪهڙيءَ ٿور
سُتيئن ٿي ساميءَ سان، ڊُڪ ڪري ڪا ڊوڙ
ڪانڌ مٿڻ سان قهر ڪيئي، ڏس زماني جو زور
وساريئي ور ڪي، نه ته ڏيئين ها خزاني جا ڪوڙ
مري وڃين ها مرهه ۾، يا ڀڄي ٿين^ ها پور
مٿي چڙهيئي، مدو چئي، نه ته توتان لڪ لٿايان گهور
هاڻي لڪيو ويٺي لوڙ، تو ڇڄي هانو^ ڇٽي پيو.

۵۰- ڇڄي هانو^ ڇٽي پيو، اٿم سوڍل تنهنجا سور
ڪاوڙيو وڃين ڪاڪ ڪان، هٿيو اندر منجهه انبور
موتيو وڃين مومل ڪان، گهائين تنهنجا گهور
مور نه ويهنديس ماڙيءَ ۾، ويندیس بالضرور
محبت جا، مدو چئي، پلپل پون پور
پر دليئون اهي دستور، وڃن سور سنڌا ڪريو.

۵۱- وڃن سور سنڌا ڪريو، اچان نه ڪامڻ! تنهنجي ڪاڪ
ڏيئي چڙهيئي ڏيهه ۾، تاڙيون سيئي طاق
وڃان شل اوڏانهن، جتي رڻ ۾ پوي رات
يا چڙهان منهن مرونءَ جي، يا وڃان واگونءَ وات
رنگ ڏنو هوم روبرو، تنهن ۾ تر به ناهي تفات
هڪڙا ڦٽ فراق جا، چوري ويٺيئن چاڪ
تو ڪئي، تو ڪي ڦٽي، مُٺي! هيءَ مذاق
مومل! ملاقات، مور نه ٿيندي، مدو چئي.

۵۲- مور نہ ٿيندي مدو چئي، راڻا! ڪر نہ ريس
مارين ٿو مسڪينن کي، حاڪم! ڪريو هيس
ڪنور لتاڙيئي ڪاڪ جا، تون ڪرين ڪنوارين ڪيس
تين مردن جي، مدو چئي، اچي ٿي ٻيا پيس
ڪولي ڏس حديث، آءٌ قلم ڪان ڪاڏي وڃان.

۵۳- قلم ڪان ڪاڏي وڃين، تون راڻي! ڪر نہ راڳ
وطن ڇڏيوسون پانهنجو، ماڙيون ڇڏي ماڳ
هٿي ويئس هڪجيڏن وٽ، اتي ڪا هاڳ (۱)
چوڏهين رات چڙهي هليو، موڙي ميهي جي واڳ
ڪاهي آيو ڪاڪ تي، آڏي ڪي آڏ رات
ستل ڏٺائين سامي سان، لڳي عشق اندر ۾ آڳ
موتي وڃي، مدو چئي، ڏيئي دل متي داڳ
سومل! اهي سهاڳ، مونکي سورن سڀ سيکاريا.

۵۴- سورن سڀ سيکاريا، ڪي مڪر ڪي ماڻهن
پڇ هلي پاڙيوارن کان، ڪامل! لائي ڪن
محبت پري مينڌرا! تارون ڏيان تن
محبت جا، مدو چئي، اولانبا اچن
ڏوهہ ڏيان ڪرمن، وڃي ڪانڌ ڪچي ڪريو.

۵۵- وڃي ڪانڌ ڪچي ڪريو، تو ڪان موڳي! ويئي مهل
آيئي ننڊ نياڳ جي، پهر نہ جاڳيئن پل
آڏيءَ رات اوهاڙون ڏين ها، ڪونہ هئو سامي ستل
پر سومل! مسافرن جي، تو ڪي اڳيئي ڪانہ ڪهل
بنگلا اڏائي بناوت جا، ڪي ماڙيون ڪي محل
ڪوهہ ڪٽائي خيرن جا، مانجهي ڪيئي مل
پيئي ڪانہ ڪهل، محبت وارن جي، مدو چئي.

۵۶- محبت وارن لاءِ، مدو چئي، ٿي وير ڪري وارا

[۱] هاڳ = هاڪ

آءُ تہ پرچون پـــاڻ ۾، پرين پـيـارا
رڻي تنهن راڻـــل ڪـي، ٿيا ڏينهن نـــہ ڏهاڙا
آڏايان تـــي عجبين ڏي، ڪانگ سڄڻ ڪـارا
ملڻ لاءِ مـدو چئي، تـي ڏول وجهي ڌارا
جيڪي هوندا نصيب وارا، ڪندا رهاڻيون روبرو.

۵۷- ڪندا رهـاڻيون روبـرو، ۽ هـــو مـدعي مرن
پوندو ماڻ راهہ منجهہ، پوندي خبر منجهہ ڪرن
ڳالهيون تان ڳوڻن ۾، ٿيون گهمن منجهہ گهرن
مرد پنهنجيءَ مام ۾، سي ڳٽي منجهہ ڳرن
جن کي لڳي محبت، مدو چئي، سي راتو ڏينهن رڙن
پٽلي گهنـــد گڙن، راڻـو رات رُسي ويـو.

مارئي

۵۸- آ شرع تـي سـومـرا! سڄي سـاڪ پـري
منهنجو من مـاڙيـچن لاءِ ، ٻارڻ جـيئن ٻـري
سـاريو تـن سنگهارن ڪـي، هـي نماڻي نجهري
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃـان، منهنجي ساعت
ڪين سري
قابو آهيان ڪوڻن ۾، تـي ڳٽنين منجهہ ڳري
ساڻ نہ اچـي ماڙين ۾، تـي راتـو ڏينهن رڙي
پي ڏوهيون ٿو بند ڪرين، ائين ڪو ڪونہ ڪري
هڪڙي رضا ربّ جـي، ٻـي مٿون ٽڪ ڌري
مارو منهنجا، مـــدو چئي، پنهـوار ٿيم پـري
هاڻي سانگي سانگ ڪري، موڻي ايندا موهر ۾.

۵۹- مـوڻي ايندا مـوهر ۾، سانگي سرت سجان
ڏوٽـي گهمـن ڏيـهہ ۾، مـاروئـڙا مستان
جهڻ پين، جهنگل رهن، ڪن گوڙن تي گذران
پهرايـو مـال پٽـن تـي، هُو ڪيلن وينا خـان

آءُ بہ وڃان اڳيري، شاهي ڏيندم شان
وٽن ڪين وجود ڪي، طرحين طرحين جا طعام
مُڪا ڪين مون ڏي. سنگهارن سلام
رهجي ويہ روح ۾، اندر منجهہ ارمان
موڪلينديس ماءُ ڏي، پرهہ ساڻ پيغام
مون جيڏيون ملير ۾، جر پين ٿيون جام
قابو آهيان قيدن ۾، منهنجي ڪل لڏائون ڪانہ
اٿم اميدون الله ۾، موٽي ويندس مانہ
پيرون چونڊيندس پاند ۾، ڪري سگر سرتين ساڻ
تن ماروئڙن وٽ مدو چئي، وڃي ڪنديس روح رهاڻ
ڀوءِ ياڳيا ۽ ياڻ، ڏئي مونکي ڏينهن ٿياء
٦٠- ڏئي مونکي ڏينهن ٿيا، مارو ياد پون ٿا مَس
ڪڍي ڇڏ قيد مان، توکي جهان چئي جَس
مارين ٿو مسڪين ڪي، هيڏا ڪريو حدس
موڪل ڏي تہ موٽي وڃان، لاهيان قلب جي ڪَس
وساريان نہ وسرن، سندن گونڊا ۽ گس
لڏي مون ڇڏي ويا، هو ويہ بہ ڪهڙي وَس
پڇايان تن پنهوارن جا، هوند ڏهاڙي ڏس
پٽ پهريندس ڪينڪي، مون بنهہ ڪئي آ بَس
گلم غاليچا ڪين وٽن، منهنجو روح بہ ڪونهي رَس
ٻوڙ پلاءُ ڪي ٻَن ڏيان، مونکي چڱي چيڙن چس
ڪڙيون ڪڙولا ڪين قبوليم، هار بہ تنهنجا هَس
مون جيڏيون ملير ۾، ڪي لويون ڪن لس
هاڻي هلي پڪا پَس، ماروئڙن جا مدو چئي.
٦١- مونکي ماروئڙن جا، ڪي آهيان آيا
آءُ ٿي سنيران تن ڏي، ڪيو سنگت جا سعيا
مارو پنهنجي ملڪ ۾، هو جام ڪن جاوا

وُنا مينهن ملير ۾، سگر ٿيا ساوا
هٿن آنگڙا اٽڪلي، قرب سندا ڪايا
ڪيڙ ڪوڪارون ڪنڊن تي، جيڪي مون
تڙن تي تنواريا
وساريان نہ وسرن، جيڪي مون ولر ڪري واريا
جيڪي تاٿين بيٺا تندن ۾، سي مون نندڙا نپايا
جيڪي پينگهي منجهہ پرايم، سي پوگڻ مون آيا
مارو پنهنجي ڀرجات کان، نڪي آچارن ۾ آيا
نڪي مشڪ مليندس منهن کي، نڪي ڪنديس
عطر سان آرا
مٺي محمد مير ڏي، ڪنديس وڃڻ جا وارا
آءٌ بہ ٿي سيڪان انهن لاءِ، سي وري ڪين آيا
ماڙين منجهہ، مدو چئي، اچي سور بہ سامايا
هين گُجر گنوايا، گهوٽ گهٽا گهوڙن تي.
٦٢- گُجر ڪئين گنوايا، سوڍا ڪئين سوار
وريو ڪونہ وطن تان، ڪو پُرزو ڪٽي پار
مونکي مارو ۽ ملير جي، آهي لنؤ لنؤ منجهہ لغار
موڪليندس ملڪ ۾، تهٽتان وري تار
قابو ٿي آهيان ڪوٽن ۾، ڪين سانگين لڏي سار
هو بہ وساري ويهي رهيا، مونکي پاڙيچا پنهوار
دانهون ڪريان ٿي درد مان، مَن ٻُڌن ڪي ٻڪرار
روئي ٿي رت ڦڙا، مون نيٽين وهايو نار
عمر! رکجانءِ خوف خدا جو، ڏادي سائين جي سرڪار
مارو ڪٽي، مدو چئي، ڪندئي ڏڙ سسيءَ کان ڏار
وٽندن تہ وڙ ڪندا، نہ تہ اگين جي اختيار
سومرا سردار! موڪل ڏي تہ ملير وڃان.
٦٣- موڪل گهري مارئي! تون ڇوري ڪندئين ڇا؟

ماڻ ڪري ويهه، مدو چئي، جيڪي ڪپئي سو ڪاءُ
هرهر ويس هيڪاندا، تون دانهَ! دل سان لاءِ
اِهي ويڻ سُئيءَ سان، تون ڳهلا ڪيم ڳالهاءِ
مور نہ ويهنديس ماڙيءَ ۾، منهنجو سڪي ٿو ساهه
ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، منهنجو آڪانڊي ارواح
موٽي وڃي ملڪ ۾، ڏينديس پنهنجن منجهه پسائه
ڪانهي مَدي من ۾، ٿو ڄاڻي هڪ الله
ڇڏ لاهي لاڳاپا، پوءِ ورڻ جا پوئتي.

۶۴- ٿي موڪل گهري مارئي، هٿ ٻڌيو ٻانهون
هڻيو هٿ گوڏن تي، ڪري درد منجهان دانهون
موڪل ڏي ميان سومرا! ٻُڌ ڪُئيءَ جون ڪيهون
ڪَم نہ ايندئي سومرا! جيڪي تو ڳٽيون آگرين
تي ويهون
مير ڏٺا هئم مدو چئي، ڪندا ويا رَندن تي ريهون
پڪا ۽ پيهون، سي من تي رهيون ماڙيچن جون.

۶۵- مَن مان ماڙيچن جي، ڪٽي وائِي وسار
ڪڏهن ڇڏيندئي ڪينڪي، جي ڪاوڙيو قهار
ڪورٽ وَس ڪريم جي، جنهن لڪيو لڪٽهار
بنديائي بند ۾، ٿي روئي زارو زار
مُوڙهي گُهمي من ۾، جنهن کي ڳٽيون لک هزار
ڪير ڪوڪارون ڪيتريون، منهنجا پري ٿيا پنهوار
وساري ڇڏ ويڙهيچن کي، جن تنهنجي لڏي
ڪين سنيار
وجهي هَس ڳچيءَ ۾ هار، ويهه ماڙين منجهه، مدو چئي.

۶۶- مهٽا ڏي نہ ماڙين جا، اسان جا واريءَ وڃاٽا
وڃيو آتي آڏين، منهنجا پٽن تي پاٽا
مونکي تن ماروئڙن جا، اچي سور ٻه ساماٽا

مور نہ وسرندس مدو چئي، آيل اباٽا
چونڊيندس چاهہ منجهان، ڏٽ بہ ڏاڏاٽا
جن جا ٿر مٿي ٿاٽا، سي ڪين جٽيندبون ڪوٽن ۾.

٦٧- ويهہ ڪاسئ! ڪوٽن ۾، تنهنجا سانگي سجاٽا
وڃيو ويهن ويــڙهہ ۾، ڏسيو لڙ ڪئين لاٽا
وڃيو ويهن ويــڙهہ ۾، ڏسيو ٿوهر ڪئين ٿاٽا
وڃيو ويهن ويــڙهہ ۾، ڏسيو مُرٽ مانڊاٽا
وڃيو ويهن ويــڙهہ ۾، ڏسيو ڪونيٽ ڪوماٽا
مري ويندئين، مــدو چئي، مُٺي! چــڏ ماٽا
چئي: لوئي ڪيئن لڄايان، جيڪا ڏني پنهوارن پاٽا
توڪي ياءُ ڪريو ڄاڻان، تڏهن مدي ڪڍي
چڏ من مان.

٦٨- مدي ڪڍي چڏ من مان، رک سورهيہ صفائــي
ڪڍي چڏ قلوب مان، داند! دغائــي
ڪڍي چڏ قلوب مان، اها ڏورئون ڏنگائــي
مون ماروئڙن مان، توڪي چوي ڪونہ چڱائــي
سڏ تني ڪي سور جــي، جني جي جائــي
ماڙين منجهہ مدو چئي، هن عمر روئندي وڃائي
توڙئون تقصير آئي، ڪا بندي! تنهنجي بــاب ۾.

٦٩- بندي! تنهنجي بــاب ۾، آمــر سان آئــي
ڪانہ ٻڌيسوئن قيد ۾، ڪينين جــي جائــي
ڪاڄ ڪٽي آئــي ڪومڙا، دل رکي دائــي
چانور چڪيندس ڪانڪا، تــوڙي هجي مَڻ مٺائي
مٿو مور نــہ ويڙهيان، وجهان چتن ۾ چائــي
ڏسي محل ۽ ماڙيون، آءُ ڪين مٽيندس وائي
ماروئڙن وٽ مدو چئي، ملي ويرِ بــہ واڏائــي
ڪر چڱا چڱائي، ڪڍ ڪنگالــڻ ڪوٽ مان.

۷۰- ڪيڏ ڪنگالڻ ڪوٽ مان، ڄاڻي سڄاڻي
زور ظلم ڪم نہ ايندئي، نڪو جوين جواڻي
رکجانءَ خوف خدا جو، جنهن جي آهي
ڪورٽ ڏهاڻي
پٽ پهريندس ڪينڪي، مٿي پوتي، پراڻي
پيڻ نہ رهاڻي ڀاءُ ڪي، اِها ٿي نياڻي
وٺا مينهن ملير ۾، ٿيا پٽ مڙيئي پاڻي
مڪڻي اسان جي ملڪ ۾، اجها سگهي ساماڻي
ماروئڙن وٽ مدو چئي، آئي مٿي، مانڌاڻي
آئين چاڙهين سومرا! هو ڏٺ بہ ڏهاڻي
موڪل ڏي ملير وڃان، پيان پلر ۽ پاڻي
روئندي رات وهاڻي، ڏسندي ڏوٽيڙن ڪي.

۷۱- ڏسندي ڏوٽيڙن ڪي، هينئون ٿيو حيران
لاڪيٽا لڏي ويا، ڇڏي هيءَ جهان
لاڪيٽا لڏي ويا، بر پانيان بيبان
لاڪيٽا لڏي ويا، ڪاري پانيان قيام
لاڪيٽا لڏي ويا، اٿم اندر ۾ ارمان
لاڪيٽا لڏي ويا، سي ڦهري هٿي ڪانَ
وڃون وسڻ آئيون، گوڙون ڪري گهمسان
قابو ٿي آهيان ڪوٽن ۾، تڏهن بت ٿيم بيران
تن ماروئڙن لاءِ مدو چئي، هنيون ٿيم حيران
ساريو سانگيڙن لاءِ، ٿي جر وهاڻي جام
سڪ ڦٽو آهي سرتيون، اندر ناهي آرام
هاڻي ڪل پوي ٿي ڪانہ، ڪڏهن مارو ملندا!

۷۲- جڏهن مارو ملندا، تڏهن هينئڙي لڳندي هير
جڏهن مارو ملندا، تڏهن ٿيندم ساهہ سڌير
جڏهن مارو ملندا، لهندي اندر جي آڪير
جڏهن مارو ملندا، تڏهن ڪلي پيئنس ڪير

جڏهن مارو ملندا، تڏهن ملڪ ٿيندو ڪشمير
ڀانيان پنهنجي ڀاڳ ڪان، توڙئون لڪي تقصير
قابو آهيان ڪوٽن ۾، ڀڄ قضا جا ڪير
عرض ڪريان ٿي الله کي، ٻڌ دليئون دستگير!
هن مارئي جي، مدو چئي، ثابت رکجئين سير
پنهوارن جا پير، مونکي مارن ميلئين.

۷۳- روئندي چڏيم ريل ۾، سي سانگي ٿي ساريان
ڪيو منهن ملير ڏي، آيي اوساريان
ڪيو منهن ملير ڏي، ٿي پر ۾ پوڪاريان
ڪيو منهن ملير ڏي، ٿي تن ۾ تنواريان
ڪيو منهن ملير ڏي، ٿي لڙڪ آءُ لاڙيان
ڪيو منهن ملير ڏي، ٿي ڳوڙها آءُ ڳاڙيان
ڪيو منهن ملير ڏي، ٿي هنجون آءُ هاريان
اهي ماروئڙا مدو چئي، مان ڪيئن وساريان
جن سان تڪ ٻڌم ٽاٽا، سي پاڙيچا پري ٿيا.

۷۴- پاڙيچا پري ٿيا، تن جي اٿم اندر ۾ آڪير
وساريان نه وسرن، ساريان منجهه سريز
تن مردن جا مدو چئي، اٿم تن اندر ۾ تير
ماڳن تي مسڪين چئي، ورائيندن مديني جو مير
جاڻي پاڪ پير، نه مارو پيا آهن ماميري.

۷۵- مارو پيا آهن ماميري، جي ٿا وس وڃن
لڏا تن لاڪيڻن جا، ليئا ٿا لٽڪن
گهيٽا پاس گهرن جي، ڦريو ڦيرا ڪن
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، ليلا لاٽيون ڪن
ڪوڪارون ڪندن ۾، تن تنوارون ڪن
تون راجا! اسين رعيت، ايڏا ناحق ڪين ڪجن
ماروئڙا، مدو چئي، روئندا رت وڃن

پلي ويڙهه وڃن، جن کي ٽيڙو سڏ سيراهه جو.

۷۶- جن کي ٽيڙو سڏ سيراهه جو، پلي وَس وڃن
ميلين وڳا ولائتي، پهريو پٽ وڃن
سڄڻ پنهنجي سور جي، ڳالهه نه ڪنهن سان ڪن
لڳي ماٽ ماٺهن کي، ڏسي سونهن سندن
پيٽون تن پائرن لاءِ، پانڌيڙو پڃن
رکن روزا، پڙهن نمازون، سورهيه سجدو ڪن
تن مردن لاءِ مدو چئي، ڪريو ڳچ پون
جوان وڃن ٿا جنگ تي، مَن موتي مانَ اچن
ڏهاڻي ڏسجن، منهن مارو جام جاءِ.

۷۷- مارو پنهنجي ملڪ ۾، خوش گذارين خان
سرها آهن سيئي پرين، جن کي شافي ڏنو آهي شان
مولي تن مردن کي، ڏنو آهي ديين ايمان
حسن مير حسين جي، وڃان قدمن تان قربان
پهر رهيو آهي پويون، هت آهيون ماڳ گهڙي مزمان
مالڪ وٽ، مدو بيٺو، ڪري عرض غلام
آهيان سائين! تنهنجي سام، ڏجئين ترهو تار جو.

۷۸- ڏجئين ترهو تار جو، والي ڪري وڙ
سمهين ٿو سيج پلنگ تي، وڃائي لاڪيٽا لهر
ٻانهان ٻيلي ڪيترا، آهن گهوٽ به تنهنجي گهر
ويندئي ڪل وسري، توکي دور دنيا جا در
ڪجئين خوف خدا جو، ٿي ڪري ڪوڪارون قبر
نيئي ڌريندئي ڏوڙ ۾، تون بندا! ڇڏ بانور
ايندئي ملڪ الله جا، پڇندئي کولي سڏ خبر
ڇا ڪاڏئي ڇا پيتئي، ڇا ڏنئي تونگر
انهيءَ بابت بيلا ڏيئي، توکان پڇندا دانه دلاور
مالڪ وٽ، مدو چئي، تون توبهه زاري ڪر

پاڪ نبيءَ پرور، ساڻي ٿجان سڪرات ۾.

۷۹- وٺي پاس وري ويا، مارو ڪاهي مال
ڏوٽين ڏني ڏينهن ٿيا، سانگين ڪيو سال
لڏي مون چڏي ويا، مڪاڻون ڪونه احوال
قابو ٿي آهيان ڪوٽن ۾، ٿي ڪريان سائين کي سوال
ڪڪريون ڪڪر ڪال، ڏٺا هئم ڏاڏاڻن ڏي.

۸۰- وٺا مينهن ملير تي، ٿي گاهن جي گلزار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، ٻڌم تاڙي جي تنوار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، چارين ڏڻ ڏنار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، مرڪن اچيو ميهار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، اوڏا ٿين اوتار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، ڳهلا اچن ڳنوار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، ڪن رهاڻيون ريدار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، ٻهڪن اچيو ٻڪرار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، سرها ٿين سنگهار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، ڪن ڪونجن جيئن قطار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، هڪجڏيون پائين هار
پوچاڙيءَ جو پٽن تي، سرتيون ڪن سينگار
چوٽا تن چوڙيلن جا، وينگس ڳٽا وار
پيجيو اچن پرم سين، ڪي ڏورن سندا ڏار
چارين ٿيون چوڙيليون، وڏيو لامن لڳا تار
ڦيرو اچن، فقير چئي، ٻاجهه پريا ڪي ٻار
مارئيءَ جي، مدو چئي، واڳ ڏئي ڪئي وار
منهنجا پاڙيچا پنهوار، آتر پاسي آسهيا.

گهاتو

ساراهيان سچو ڏئي، جنهن عالم ڪئين خلقيا
انسان بنايئين آدمي، پيا بيشمار بانڪا

سج چنڊ پيدا ڪيائين، ٻيو تـــارن جـــو شعاع
هن زمين تي ڪيترا، ڪي شاهه سڪندر هـــئا
جن روزو نماز قبول ڪيو، سي وارو وڃائي ويا
ڪلمون جن قلوب ۾، سي پاڪ وڃي پڙهـــندا
اڪثر هلبو هڪ ٺپيءَ ۾، جت ڏوهاري ڀيا ڏڪندا
مـــرڻ ويـــاي مـــوت جـــي، سهنجي سير ڪندا
محشر ۾، مـــدو چـــئي، اچـــي پُڇاڻـــو پڇندا
وڃي وڻج وهائيندا، ساجـــن پنهنجي سات جـــو.
۸۲- ساجـــن پنهنجي سات جـــو، ڪـــج واپـــار وڻـــي
ايندئي ملڪ الله جا، ڪندئي پيرن هيٺ پٽي
ڪـــانـــهـــي مـــدي مـــن ۾، جـــاڻـــي هيڪ ڏٺـــي
مجلس تن ماڻهن جي، مون ڪي آهي ويـــر وڻـــي
محبت ۾، مدو چئي، مون هيءَ ڳالهه ڳـــٺـــي
سچڻ ڳـــالهه ســـٺـــي، پنجي رهيو پـــيرن تـــي.
۸۳- پنجي رهـــيـــو پيرن تـــي، قـــاصـــدري ڪـــهـــي
ڪيائين واڪا ويڙهه ۾، هئي هئي ويـــو وڙهـــي
ڇهه پُٽ اوپائي جا، ويـــڙا غـــار تـــي
مرد ويا ميان تي، تـــن مان آيـــو ڪونـــه وري
تن ملاحن ۾، مدو چئي، ڪا تاڙهو تاڙهه هئي
ماڻهو مڪائون مور ڏي، ڪو ڏوراهو ڏيـــئـــي
تون ترسيو اتي طعام ڪائين، اسان ڪي ويا آهن
ٻه تي پهر پئي
ايڏا سور سهي، سي مور رکيا آهن مـــن تـــي.
۸۴- مور رکيا آهن مـــن تـــي، ڪامـــل ري ڪـــهـــي
مدو چئي، هن مرد ڪي، ٻيا آهن لڙڪ وهـــي
چئي: لڳم جيرو جان ڪي، سو ڪيم سور سهي

* هي روايات خود شاعر ـي زباني قلمبند ڪئي وئي.

اڙي اڏا! اسان جڏن جو، ڪونهي ڪو ڏٺي
مون کي تان پائرن لاءِ، پيئي آياڪر پٽي
جڏهن واحد کي وٺي، تڏهن خاطو بند خطا
ڪيائين.

۸۵- خاطو بند خطا ڪيائين، هئا ڏاڍا سُرت سَجان
پهري ويندا هئا پريت سان، وڏا جوڏ جوان
مرد ويندا هئا ميان تي، ڪنهن جي ڪاڻ
ڪڍيائون ڪانه
آين امر الله جو، تڏهن چڏيائون ماڳ مڪان
محبت ۾، مدو چئي، هئا گهر گهڙي مزمان
ايڏو اٿم ارمان، جو پائر ڪانڏي ڪين ٿيا.

۸۶- سالڪ ڳالهه سٽي هليو، مڃي مٽي تي بار
پيٽون تن پائرن لاءِ، ٿيون پرهه پڇائين پار
چوڙيليون تن وَرن لاءِ، روئن زارو زار
مائون تن پٽن لاءِ، وجهن ڦوڙائي جا ڦار
هئي هئي! اڄ هتان هليا، سهڻا ڪري سنيگار
هاڻي واڻي ڪڍيو وار، موٽڻ جي، ڪر مورڙا!

۸۷- موٽڻ جو مردن کي، عيب وڏو آهي
هئي هئي هن جهان ۾، هين چوريءَ جو چاهي
ميٽ هن جا مري ويا، سي وارو وڃائي
هڪڙي آڳ اندر ۾، ٻيو ويا دونهان ڏکائي
تيتر موت نه ماري، حيتر ماريان انهيءَ مڃ کي.

۸۸- مرد موڪلايو مائٽن کان، پيرن تي پئي
انهيءَ وقت اوياهي ڪي، پيا لڙڪ وهي
هنڌين ماڳ مشهور هئا، منهنجا سورهه سپئي
مُور نه وسرندس، مدو چئي، سڪ سڄڻ سيئي
ڪونڌر هن جا ڪالهه ويا، تن کي ويا ڪات ڪهي

هاڻي موڪل ڏيئين ڪيهي، مور ! انهيءَ مَڇ جي.

٨٩- مور چيو هئس مُنهن تي، تون سانگو ڪٽي لاهه
چهه پٽ تو اڳئي سهسايا، مون پوري ۾ ڇا آهه
نيٺ مري وڃبو، مدو چئي، آهي پرايو پساهه
مون کي تن پائرن لاءِ، لڳي برهه سندي باهه
هاڻي جهل نه جيجل ماءُ، ته ماريان انهيءَ مڇ کي.

٩٠- ماءُ چيو مرد کي، پير پروڙي پاءِ
آڏا دور درياءَ جا، جت سختي لڳندي ساهه
آڏي رات اوڙاهه ۾، ڪُن ڪري ڪڙڪا
پرين ! ويندين پاڻيءَ ۾، جت ڪونه سُجي ڙلاءُ
توسان هلندو ڪونڪو، پيڙو ئي ڪو پاءُ
پٽيهه ڏارون بخشيم تو کي، تون جيئري ٿئين جدا
سجڻ ! گالهه سُڻاءِ، ڪا سورهيه پنهنجي سور جي.

٩١- سجڻ پنهنجي سور جي، گالهه به گالهائي
مردن بينان مُلڪ ۾، مون کي ڪونه چئي پائي
جيئري شال ڪامَ ٿئي، پائرن کان جدائي
قسمت آندا ڪُن ۾، ٿيو آمر الاهي
ڪانهي من ۾ مدائي، ڪا موڻ جي مرد کي.

٩٢- مرد سنيريو مَڇ ڏي، ڪٽي ڪات قهار
مدد ٿجانءِ مولي علي، ڏجئين سوپ ستار !
ماريان انهي موذيءَ کي، ڪري ڏڙ سسئيءَ کان ڏار
تن مردن جو، مدو چئي، ڀيرو کي ٿيو ويچار
گوڙها سر گلن تي، هن نيڻ وهايا نار
ساري سپ چمار، لاٿم سانگو ساهه جو.

٩٣- پيڻ ڏنو پاءِ کي، تنهن جا پيڙا گَچ گري
هئي هئي ڪري هٿ هنيائين، جوڻن تي پيئي
تن ملاحن جي، مدو چئي، هن کي ڪَل ڪانه پيئي
مرد ويا تي ميان تي، آءُ ڪريان ها سو گها سپيئي

ڏني هئي ڏکن ڏهنائي، مرڻ ويل موت جي.

۹۴- مرڻ ويل موت جي، هن وائي ٿي واري
رات لڏو هئم سهڻو، ڪانه ڪئي پائرن پلائي
هو به وساري ويهي رهيا، ڪانه ڪيئون پوئواري
لڏي ويا چڏي، ڪري اڳڻ مٿي اونداهي
تن مردن لاءِ، مدو چئي، قيام هئي ڪاري
انئي پهر الله جا، منهنجي توبه آهي زاري
سرس ڪريو ساري، اڄ مور وڃي ٿو مڃ ڏي.

۹۵- مور وڃي ٿو مڃ ڏي، ڪري ڪاهو ڪاهه
پيٽ اتي پر ۾، ڪيس درد منجهان دانهه
نڪي گهڙئين پاڻيءَ ۾، نڪي اڪين ڏئي اوڙاهه
مالڪ ڪٽي مهر ڪندو، پنهنجي شر ڪندو شاهه
پائر پنهنجا مڃ نيا، ڪو واري لڳن واءَ
دلوراءِ کي دانهه، تون مهندان ڏجئين مورڙا!

۹۶- مهندان ويهي مورڙي، ڏنو فرياد فقير
ڪاڏا ڪاڏم ڪيترا، تو وٽ ڪندون ۽ ڪير
جوان! جوڙائي ڏي جنگ جا، ڪوڏ منجهائي ڪير
مون کي تن پائرن جا، آهن تن اندر ۾ تير
وساريان نه وسرن، ساريان منجهه سرير
تن مردن جي، مدو چئي، اٿم اندر منجهه آڪير
پردو رکج پير، اٿم جوان! سعيو جنگ جو.

۹۷- جوان سعيو جنگ جو، آيس ڪوڏ منجهان ڪاهي
دونهان منهنجي دل تي، ويا دوست به دڪائي
ڪلاچيءَ جي ڪن تي، ٿو بهڪڻ بولائي
ماڻهن لاءِ، مدو چئي، هو ويٺو واجهائي
مور ادا مائٽن کان، ٿو بيهو موڪلائي
اوباهيو ايٽنهون ڪري، ٿو ڳهلو ڳالهائي

پٽن پــوءِ منهنجو، جــڏو جيئڻ آهــي
چڏ لوڙهه به ورائي، مون تي مور! مٿيءَ جو.

۹۸- مرڻ وس نه ماڻهوءَ جي، توڙي هزار ڪري حيلا
پيٽون تــن پائرن لاءِ، ٿيون ويــر ڪڍن ويــلا
چوڙيليون چــريون ٿيون، جــن جــا هئا البيلا
نڪي ٽڪن ڪٽ راتڙيون، نڪي اچن اويلا
گهاتن جــي گهرن ۾، ٿا ڪيهون ڪن ليلا
هــاڻي ســاجهر ســويلا، موٽي ايندم ميان تان.

۹۹- موٽي ايندا مــيــاڻ تــي، ايندا ويــر وري
مور ادا! مائٽن وٽ، ٽڪي نــه هڪ گهڙي
جڏهن ماريان انهيءَ مــڃ ڪي، تڏهن اچي پــت پــري
رهندي گــالهه ڏري، مئي پچاڻان مــور جــي.

۱۰۰- مئي پچاڻان مــور جــي، وڃا وسيعت ويئي
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، سڄڻ هئم سيئي
منهنجي تــن پــائرن لاءِ، ڏڪي تــي ڏيهي
تن مردن جي، مدو چئي، گالهه ڪريان ڪيهي
هــاڻي ڏڪــن ۾ ويهي، رهــي رهندس ڪيترو.

۱۰۱- رهــڻ جــون راڻا، ڪوڙيون ڪٿائــون ڪن
پــائر هــن غريب جــا، مــن حياتــي هجن
بيگل وگــوءِ بانڌشا آٽيا، جــوان جنگ چڙهن
پــابو پيٽ ورن ۾، ٿــيــون روزان روز روئن
مئي پچاڻان، مدو چئي، ڪو سڪ ٿيندو سڄڻن
گهوڙا منجهه گهٽين، ڏيــن فاتحون، فقير چئي.

۱۰۲ ڏيــن فــاتحون فقير چئي، مــڙيا سڀ مــلاح
ڪاهيــو هــلــن ڪُن ڏي، دل جهليو داناءُ
موٽندا ڪونه، مــدو چئي، ڏيندن ســوڀ الله
دوڪــو دل مٿانءِ، لالــڻ سڀ لاهي چڏيو.

۱۰۳- لالـــڻ سڀ لاهـي ڇڏيو، اندر مـــان ارمان
هنن کي تـــ مَڇ جا، آهن قهري لـڳل ڪان
موٽندا ڪونہ، مدو چئي، هلي ٿيندا مَڇ سندا مهمان
ساري ڏج ســـلام، موٽي تـــن ملاحن کي.

۱۰۴- موٽي تن ملاحن ڏي، وڃان ڪـهي ڪهڙيءَ پَر
گهمي ڏنـا هئم گهوٽن جـا، اتي وڃي گهر
ماري ويـا هـــن مئيءَ کـــي، ڏيئي ڏک ڏمر
ماري ويا هـــن مئيءَ کـــي، ڏيئي سور ٿمر
مـاري ويـا آهن، مدو چئي، غم ڏيئي گوندر
ڪات ڪٽي ڪونڌر، اچي مور بيٺو ميدان ۾.

۱۰۵- مـور بيٺـو ميدان ۾، جيئن واڪا ڪري واءُ
سُٽي ڳـالهہ سـريـر ۾، لـڳس بـرهہ سندي باهہ
ڪونہ ڏسان ٿو اکين سان، پيڙو وري ڪو پاءُ
مـري تـــي، مدو چئي، موڳي هـن جي ماءُ
ڏيان پـرين وٽ پساهہ، سورهين پهر سُپرين.

۱۰۶- سـورهين پـهـر سپرين، هـــن صندوق سِتائِي
ڪائو آندو تنهن ڪيترو، جـودئون جـوڙائِي
ڪو جـو ڪوڪٽ ڪُن ۾، ٿيو قهر الاهي
مَڇ اڳي مستانو سُجهي، تنهن خان ڇڏيا ڪائي
تن مردن جي، مدو چئي، شل وِنگي نہ ٿئي وائي
ڏج حضرت همراهي، ويريءَ جـي وڙهڻ جي.

۱۰۷- ويريءَ جي وڙهڻ جي، مون کي مولي ڏني مت
ڪافر مـاريم ڪيترا، پيا گهائـي ڪيم گهٽ
آمر ٿيو الله جـو، ٿي واڳـا ويرين جي هٽ
لاڪيٽا لـڏي ويـا، وري مڪئون ڪونہ خـط
تـن مردن جـي مـولي! ڪجئين ڪا مَدت
ڏيانس ڪاتَ ڪـلين وٽ، سُٽي هين کي سير ۾.

۱۰۸- چوٿين ڏينهن چريو ٿي، بيٺو سورهيه سڏ ڪري
اتـــان ميڙو ملاحن جـــو، آيـــو پرين پير پري
انهيءَ مَـچ جي مون سان، ڪو خان خبر ڪري
اوباهيو تـــن پٽن لاءِ، ٿو گهٽتيءَ منجهه گـري
تن مردن جي، مدو چئي، ماريس گالهه ذري
بنان ڍنڍ تري، ڪانه خبر پوندي تنهن خونيءَ جي.

۱۰۹- لاڪيٽو لـهـي پـيـو، تـوڪل ڪـري تـــار
سـڏ ڪيائين سنگتين ڪـي، ڪري الله تهار
جيئن اسان جو جڏهن ٿئي، وڃي پوندس منجهه پاتار
بڻچيون پـالا ڪيترا، پـيـا ڪات ڪنيائين ڌار
بارود خـانو، بلـوچ چئي، پـيـو بتيون بيشمار
بتيون اتـي بس ٿيون، ٿـيـو اوندهه انڌو ڪار
ڪولي اڪيون قلب جـون، هڪدم ٿيو هوشيار
وڃي ڏنائين اڪين سـان، ڪي جاني جگر يار
بدلجي بيهي رهيـو، ڪيائين ڪپڙ جـي ڪار
جيـرا بڪيون، آنـدا اوجهريون، ڪيائين ڏڙ
سسئيءَ ڪان ڌار
چوري رسيون چريو ٿيو، ڪيئين چڪڻ جي پچار
اوباهي مٿان ڏنـي هئي، روئـڻ جـي اوچنگار
ستين پـــڌا سندرا، جـتـي حورن لاٿا هـــار
پرين تـي پڻڪو ڪيو، ڇـوڙيئون اُتـي وار
تن مردن جي، مدو چئي، وڃي پري پيئي پچار
جڏهن ڏني سوپ ستار، تڏهن ٿيو فيصلو فقير چئي.

۱۱۰- فيصلو فقير چئي، ٿيو وڃـڻ جـو ڇـوهه
صـــوبا سـڏايائون ڪيترا، ڪيو اميرن اندوهه
مهري آندائون ملڪ جـا، جوڙا مـٿـي جوءَ
پـاڏا آندائون پڙ ۾، تـن جو پرو ڪونه پيو
تن مردن کي، مدو چئي، اچي سالڪ سمجهائيو

تہ گھوڙيون انهيءَ ملڪ جون، ڪٿي حاڪم هٿائيو
ڪٿين ڪاريون، ڪوريون، نيريون، چينيون،
لاسيون، ڳاڙهيون، اچي مڪڙين ملهايو
هنن جا ڦر، فقير چئي، ڪٿي ٻاهر ٻڌايو
وٽائي رسيون پٽ جون، اتي هادي هلايو
چڪيائونس چوهه مان، وڃي ڪيائين ڪنڌي ڪنارو
ساٿهو سڙيئي گڏ ٿيا، آيو لوڪ سارو
ڦاڙيائون پيٽ مَڇ جو، آيو اوبارو
اوباهيو تن پٽن لاءِ، ڪڙهي ٿيو ڪارو
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، اوهان جو پاڻ
ڦٽو پائرو!
ميندي تن ملوڪن کي، لاڻ ڪري لايو
ڪفن تن خاڻن جا، اوهين گهوٽ به گهرايو
ڏنئون تڙ توڪل جو، ٿيو رب سندو رايو
ڪنيئون مڙهه مقام ڏي، اهو آواز آيو
حسن مير حسين هئا، سي به ويا سور سهيو سارو
سئي محمد مير جو، ڪونهي مٽ پيو
جن ڪلمون ياد ڪيو، سي آمتي ڇٽندا ايمان سان.

CONTENTS

I. The *bait* compositions of Sawan Khaskheli pp. 3-180

II. The *bait* compositions of Maulabakhsh Khaskheli pp. 181-228

III. The *bait* compositions of Mahmud Shaikh pp. 229-267

IV. The *bait* compositions of Bachayo Faqir Rind pp. 268-333

V. The *bait* compositions of Allahdino Noonari pp. 334-350

VI. The *bait* compositions of Jumo Barach pp. 351-381

VII. The *bait* compositions of Madadali Nizamani pp. 382-418

their *rawis* sang *bait* ballads to the accompaniment of *Narr* and were enthusiastically applauded in folk assemblies. This volume brings together the *bait* compositions of this famous group of contemporaries who were the most representative folk poets of their times.

Sind University,
Hyderabad, Sind.
1st Dec. 1970

N. A. Baloch
Director

The *long bait* compositions are both a kind of folk poetry as well as a variety of folk song. The '*long bait* poems' compiled in this volume are specially of the type which have actually been sung to the tune of the *Narr* instrument (the Reed) and, as such, are also known as *Narr*[a] *ja Bait*[a] (the *bait* compositions sung to the accompaniment of *Narr*).

As a variety of Sindhi poetry, the short 'bait' probably originated as early as the 9th century A.D. By the 17th century, it was employed to serve the themes requiring description and narration at some length. Thus, the short *bait* composition grew in length extending to as many as eleven verses, all except the last one (with rhyme in the middle) rhyming together at the end. Under the impact of the more lengthy compositions dealing with religious subjects, the *bait* poem further extended in length. In the poetry of the two renowned folk poets, Shaikh Ibrahim and Kabir Shah who flourished during the second half of the eighteenth century, the *bait* composition extended in length to as many as 35 verses and also came to be recited as a type of folksong.

Later, this recitation developed into a typical variety of folk singing to the accompaniment of the *Narr* instrument. The *gur* and the *phook* varieties[1] of the *Narr* music became specific to the singing of the *long bait*.

It was in the first quarter of this century that the *baits* composed by the folk poet Sawan Khaskheli came to be sung to the accompaniment of *Narr* with great enthusiasm. Sawan himself, as well as his *rawis* (rhapsodists or reciters), sang these ballads and came to enjoy an unparalleled popularity throughout Sind. Maula Bakhsh Khaskheli, Mahmud Shaikh, Bachayo Faqir Rind, Allah Dino Noonari, Jumo Barach and Madad Ali Nizamani were his other more well-known contemporary *bait* composers. They and

1. For details, vide Baloch, N.A.: *Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sind*, Mehran Arts Council, Hyderabad, Sind (Pakistan), 1962.

PREFACE

This is the Nineteenth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on the project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 25 volumes have been published and this is the twenty-sixth of the forty volumes proposed to be published under this project.

This is the second of the two volumes pertaining to the popular compositions known as *baitᵃ*.* In this volume are included the *drigha baitᵃ*, i.e. the long *baitᵃ* compositions. These are composed in the 'indigenous metres' which conform more to the song style peculiar to them rather than to any rigid rules of prosody.

In form and substance, these poems may be styled as 'Sindhi ballads', because the following lexicographical definitions of a 'ballad' apply to them either wholly or partly: (i) a narrative poem in short stanzas telling a popular story; (ii) a simple narrative of one or more events; (iii) a composition of considerable length, with narrative or delineative implications; (iv) a poem partaking of the nature both of the epic and the lyric; (v) a sort of minor epic reciting in verse, more or less rude, the exploits of warriors, the adventures of lovers, and any eventful stories; or (vi) a short or long narrative poem adopted for singing.

*For the meaning of *baitᵃ*, see introduction to the First Volume, Book XVIII.

1st Edition	1970	1,000 Copies
2nd Edition	1995	2,000 Copies

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board.

Price. Rs: 70-00

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL,
TILAK INCLINE, HYDERABAD SINDH,

Printed by Syed Sikander Ali Shah, Manager Sindhi Adabi Board's Offset Press Jamshoro, Sindh and Published by Mr. Shamsher Al-Hyderi, Secretary, Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE

BOOK-XIX

NAARª Ja BAITª

The Long 'Bait' Poems Sung to the
Accompaniment of Narrᵘ(Reed)

Composed by

Sawan and his Contemporaries

Compiled & Edited
By

N. A. BALOCH

M.A. L.L.B. (Alig) M.A., Ed.D. (Columbia)

Director, Sindhi Folklore and Literature Project

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO, SINDH